# مورو

## تاريخ ۽ ثقافت

مرتب

اسلم عباسي






انگريز ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽ نوشهروفيروز مسٽر هينري راليند، تاريخ 11 آگسٽ 1869ع تي موري ۾ گذاري ويو. سندس قبر شهر اندر ٽيليفون بلڊنگ آفيس (ڊسٽرڪٽ بنگلو) جي اوڀر طرف واقع آهي.




مورو شهر ۾ انگريز دؤر جي پراڻي پوسٽ آفيس بلڊنگ، جتي هن وقت نئين تعمير ٿيل پوسٽ آفيس واقع آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مورو

## تاريخ ۽ ثقافت

[مضمون، مقالا ۽ تحريرون]

مرتب:

**اسلم عباسي**

سنڌ رِويو پبليڪيشنز- ڪراچي

۽ مهراڻ سٽيزن ڪلب - مورو

مورو سنڌ - 2011ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا مرتب وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: مورو- تاريخ ۽ ثقافت
موضوع: تاريخ
مرتب: © اسلم عباسي
ڇاپو: پهريون
سال: 2011ع
ٽائيٽل: نعيم خان ديسوالي
ٽائيٽل تصوير: ڪوٽ سِرڻي
ڪمپوزنگ: اجي ڪمار ۽ قربان وگهيو
انٽيل ڪميونيڪيشنز 9-ربي چيمبر، ڪورٽ روڊ،
حيدرچوڪ، حيدرآباد. فون: 2721172
پبلشر: عرفان عباسي
ڇپائيندڙ:
سنڌ رويو پبليڪيشنز ڪراچي
مهراڻ سٽيزن ڪلب، مورو، سنڌ
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد
قيمت: 400 روپيا

**MORO-TAREEKH AEEN SAQAFAT**
**[History & Culture of Moro]**
*Compiled By © Aslam Abbasi*

Edition: First
Year: 2011
Title: Naeem Deswali
Title Picture: Kot Sirni
Composing & Printed by: Intel Communications,
Hyderchowk, Hyderabad. Tel: 022-2721172
Published by: Sindh Review Publications, Karachi
& Mehran Citizen Club, Moro-Sindh.
Price: Rs. 400-0000

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

**موري جي عالمن، اديبن،**
**شاعرن، محققن، سورمن**
**۽ انهن سيني مهان انسانن**

جي نالي

جن موري جي مان ۽ مهانتا کي اُجاگر ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## موهن جو دڙو هسٽاريڪل ۽ ڪلچرل سيمينار ڪاميٽي
## سال ـ 2010:

سرپرست اعليٰ:
**پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري**

سرپرست:
**سيد راشد علي شاهه "راشد مورائي"**

چيئرمين:
**پروفيسر شمشاد احمد سومرو**

وائيس چيئرمين ـ I:
**عظيم سنڌي**

وائيس چيئرمين ـ II:
**پروفيسر محمد ادريس جتوئي**

جنرل سيڪريٽري:
**اسلم عباسي**

جوائنٽ سيڪريٽري:
**رسول بخش گچيرائي**

خزانچي:
**عرفان عباسي**

پريس سيڪريٽري:
**اظفر سعيد ميمڻ**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ـ ٻه اکر | ڊاڪٽر جنيد حميد سمون | 9 |
| ـ پبلشر نوٽ | عرفان عباسي | 11 |
| ـ مرتب پاران | اسلم عباسي | 13 |
| ـ مقدمو | غلام محمد لاکو | 16 |
| 1. تاريخ اسان کي پڪاري رهي آهي | ادريس جتوئي | 23 |
| 2. سرٽي ڪوٽ | اشتياق انصاري | 29 |
| 3. مولانا محمد صادق گچيرائي | ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو | 64 |
| 4. سنڌ جي سرحدن کان ٻاهر تعلقي موري جا اديب ۽ شاعر | رکيل مورائي | 68 |
| 5. پروفيسر علي نواز جتوئي | رحيمه سيال | 79 |
| 6. سنڌ ۽ هند جي سياست ۾ موري جو حصو | ڊاڪٽر محمد لائق زرداري | 83 |
| 7. ايم. آر. ڊي تحريڪ ۾ موري جو حصو | انور ساگر ڪانڌڙو | 101 |
| 8. موري تعلقي جو مختصر تعليمي جائزو | عبدالغفار صديقي | 112 |
| 9. موري تعلقي جا ناميارا استاد | رضا ايوب لانگاهه | 125 |
| 10. موري جي ادبي تاريخ ۽ س.ا.س | خالد "ساحل" ڪيريو | 136 |
| 11. موري تعلقي جا اديب ۽ شاعر | پروفيسر شمشاد احمد سومرو | 152 |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 12. | موري جي صحافتي تاريخ، اشاعتي ادارا ۽ لائبريريون | صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو | 184 |
| 13. | سنڌي لوڪ ادب جي اوسر ۾ موري جو حصو | بخش علي چانڊيو | 194 |
| 14. | موري جي ميلن ملاکڙن ۽ درگاهن جو مختصر جائزو | عظيم سنڌي | 205 |
| 15. | موري ۾ ڊرامي جي دنيا | ارباب چڇڙو مورائي | 212 |
| 16. | اداڪار، فنڪار ۽ ڊرامہ نگار | وزير فرهاد سولنگي | 220 |
| 17. | سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن شاخ مورو | اسلم عباسي | 234 |
| 18. | موري تعلقي جون مزدور يونين | اظهار مخدوم | 261 |
| 19. | موري تعلقي جون وستيون ۽ واهڻ | پروفيسر شمشاد احمد سومرو | 269 |
| 20. | نوان جتوئي ۽ آس پاس | نعيم ميمڻ | 311 |
| 21. | گچيرو | رسول بخش گچيرائي | 321 |
| 22. | موري تعلقي اندر سنڌ ڳوٺ سڌار | سرفراز رضا پگهيو | 328 |
| 23. | موري تعلقي جون ڍنڍون | عبدالله خان جيسر | 333 |
| 24. | موري تعلقي جا پٽڙ ۽ ڪيٽيون | استاد بهاول لغاري | 336 |
| 25. | موري تعلقي جا واهہ بيلا ۽ شڪارگاهہ | اسد سولنگي | 343 |
| 26. | مورو: جيئن مون ڏٺو ۽ پڙهيو | ڊاڪٽر حيدر سنڌي | 366 |
| 27. | موري جو ماتم | عرفان عباسي | 376 |
| 28. | کراچی کے پہلے مسلمان میئر قاضی خدابخش | مرزا کاظم رضا بیگ | 380 |


English Section


| | | |
|---|---|---|
| 1. Heritage of Moro | Momin Bullo | 1 |
| 2. Moro Taluka: Past & Present | Dr. Junaid Hamid Samoo | 8 |
| 3. Agriculture of Moro Taluka | Dr. Ghulam Sarwar Bughio | 13 |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

نوڪريءَ دوران جڏهن مون کي تعلقي موري جو انتظامي طور ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو) مقرر ڪيو ويو ان دوران مون گذريل ڏهن ۾ مقرر اسسٽنٽ ڪمشنر (ايس ڊي ايم)/ڊي ڊي اوز جي ڪمن ڪارين تي نگاهه وڌي تہ مون کي مانوارو بدرالدين اجن اهڙو آفيسر نظر آيو جيڪو تاريخ ۽ علم و ادبُ سان چاهه رکندڙ هو. 1988ع ۾ سندن سهڪار سان موري جي تاريخ بابت ڪتاب "مورو ناهي ٿورو" ڇپجي پڌرو ٿيو. جيڪو مرحوم استاد محمد مٺل ڪمالاڻي جو لکيل هو. منهنجو پڻ تاريخ ۽ علم و ادب سان بيپناهه لڳاءُ رهيو آهي ۽ اهڙو تاريخي ڪم ڪرڻ لاءِ دلچسپي رهندي آئي آهي.

مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو جي صدر جي حيثيت ۾ منهنجي موري جي ٻن نوجوانن عرفان عباسي چيف ايڊيٽر ماهوار 'سنڌ رويو' ۽ نوجوان اديب اسلم عباسي سان ملاقات ٿي. جنهن ۾ موري جي تاريخ کي سهيڙڻ لاءِ هڪ علمي ادبي سيمينار منعقد ڪرائڻ تي اتفاق ڪيوسين. ان بعد 21 مارچ سال 2010 تي مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو ۾ هڪ تاريخي سيمينار "مورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سيمينار 2010ع“ ملهايو ويو ۽ ان ۾ موري بابت تاريخي مقالا ۽ مضمون پيش ٿيا.

مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو جي ڳڏيل ڪوشش ۾ ماهوار سنڌ رِويو جي سهڪار سان ڪتاب ”مورو: تاريخ ۽ ثقافت“ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

جس هجي ڪتاب جي سهيڙيندڙ اسلم عباسي کي، جنهن ڏينهن رات محنت ڪري موري جي تاريخ بابت هي ڪتاب ڇپرائي اوهانجي هٿن تائين پهچايو آهي. مهراڻ سٽيزن ڪلب جي جنرل سيڪريٽري عبدالله خان ڪورائيءَ ۽ سنڌ رويو جي چيف ايڊيٽر عرفان عباسي جي ذاتي دلچسپي ۽ ڳڏيل سهڪار سان هي ڪوشش ڪامياب ٿي آهي.

اميد آهي تہ موري ۽ سنڌ جا نوجوان هن تاريخي ڪتاب ”مورو: تاريخ ۽ ثقافت“ مان لاڀائتي تاريخي ڄاڻ حاصل ڪندا.

**ڊاڪٽر جنيد حميد سمون**
ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (روينيو)، مورو
صدر
مهراڻ سٽيزن ڪلب، مورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر نوٽ

هيءُ ڪتاب ”مورو: تاريخ ۽ ثقافت“ اداري سنڌ رويو ڪراچي ۽ مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو جي گڏيل تعاون سان ڇپجي رهيو آهي، جيڪو موري جي تاريخ ۽ ثقافت بابت ٿيل سيمينار جي موقعي تي پڙهيل مقالن تي مشتمل آهي.

موري جي تاريخ متعلق مرحوم محمد مٺل ڪمالاڻي جو ڪتاب ”مورو ناهي ٿورو“ 1988ع ڌاري ڇپجي پڌرو ٿيو. جيڪو انو قت جي اسسٽنٽ ڪمشنر جناب بدرالدين اجڻ جي تعاون سان شايع ٿيو. اندازي موجب ٻاويهه سالن بعد مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو ۽ سنڌ رِويو اداري جي گڏيل تعاون سان مورو هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سيمينار 2010ع ملهايو ويو جنهن ۾ ڪيترائي دوست شامل آهن، پر نوجوان علمي ادبي شخصيت ۽ سماج سڌارڪ اسلم عباسي سرِفهرست آهي، جنهن سيمينار منعقد ڪرائڻ، مقالا هٿ ڪري، ڪمپوز ڪرائي، ڪتاب جي شڪل ۾ مواد ڪي آڻي ڪتاب ”مورو: تاريخ ۽ ثقافت“ مرتب ڪيو آهي، جيڪو سنڌس اهم ۽ تاريخي ڪم آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب اندر موري جي تاريخي شخصيتن، ماڳن، مڪانن ۽ تاريخي واقعن بابت مواد شامل آهي. جيڪو موري جي تاريخ ۾ اضافو آهي.. هن ڪتاب جي سهيڙيندڙ پنهنجي دوست اسلم عباسي اُن کان علاوه ڊي ڊي او روينيو مورو ڊاڪٽر جنيد حميد سمون صدر مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو سيڪريٽري جنرل عبدالله خان ڪورائي ۽ ٻين دوستن جا پڻ ٿورائتا آهيون، جن هن ڪتاب جي ڇپائي مڪمل ٿيڻ تائين پنهنجو ڀرپور تعاون ڪندا رهيا.

هن کان اڳ ۾ اداري "سنڌ رويو" طرفان منصور ملڪ جي شاعريءَ جو ڪتاب "ديوانِ منصور 'لا'" ۽ مرتضيٰ مشوري جي شاعريءَ جو ڪتاب "ننهن سين نيڻ نريام" پڌرا ڪيا ويا آهن. هيءُ ڪتاب سنڌ جي نوجوانن ڪي تاريخي معلومات ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.

هي ڪتاب يقيناً ادب، تاريخ ۽ علمي ادبي چاهه رکندڙن لاءِ انتهائي لاڀائتو ثابت ٿيندو ۽ اميد ٿا ڪريون ته پڙهندڙ هي ڪتاب پڙهي ۽ اسان جي ڪيل محنت کي مانائتي موٽ ڏئي اسان جي حوصلا افزائي ڪندا. آخر ۾ ڪتاب جي ڇپائڻ ۾ جن به شخصيتن اسان سان سهڪار ڪيو ادارو "سنڌ رويو" ۽ مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو سندن بيحد ٿورائتو آهي.

تاريخ: 08_12_2010

عرفان عباسي
چيف ايڊيٽر
'سنڌ رويو' ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مرتب پاران

16 آڪٽوبر 2007ع تي ضلعي نوشهروفيروز جي تاريخ متعلق هڪ ڏينهن وارو علمي، ادبي سيمينار ٿي گذريو جنهن ۾ سنڌ جي برک عالمن، تاريخدانن، محققن ۽ اديبن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. هن سيمينار جو بندوبست محمد نواز عباسي ناظم يونين ڪائونسل گهيڙ گجو ڪلهوڙا اسٽيشن طرفان ٿيل هو جنهن هن موقعي تي ڪتاب "ضلعو نوشهروفيروز" (تاريخ جي آئيني ۾) مرتب "اسلم عباسي" ڇپرائي پڌرو ڪيو.

ان بعد 21 مارچ 2010ع تي تعلقي موري جي تاريخ، ثقافت، سياسي سماجي تحريڪن ۽ علمي، ادبي حيثيت بابت مواد کي سهيڙڻ واسطي "مورو هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سيمينار 2010" مهراڻ سٽيزن ڪلب موري ۾ منعقد ڪيو ويو. هن سيمينار ۾ تعلقي موري بابت تحقيقي ۽ علمي ادبي مقالا پيش ڪيا ويا. سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن، اديبن، تاريخدانن، محققن، سياسي، سماجي اڳواڻن، ورڪرن، صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، جن موري تعلقي ۽ شهر بابت رايا پيش ڪيا. خاص طرح مهمانن ۾ محترم ولي محمد روشن مرڪزي سيڪريٽري جنرل سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، نوجوان دانشور انعام شيخ، پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، سيد حاڪم علي شاهه بخاري، راشد مورائي، عظيم سنڌي، عبدالغفار صديقي، ادريس جتوئي، مولوي ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو ڪاظم رضا بيگ، رڪيل مورائي، عبدالغفار تبسم، ڊاڪٽر جنيد حميد سمون، ايڊووڪيٽ عبدالله خان ڪورائي، عرفان عباسي، رسول بخش گچيرائي، اظفر سعيد ميمڻ، نعيم ميمڻ، وزير فرهاد سولنگي، عبدالله خان جيسر، بهاول لغاري، اسد سولنگي، احمد سولنگي، مخدوم اظهار خالد "ساحل" ڪيريو انور ساگر ڪانڊڙو پروفيسر بخش علي چانڊيو، پروفيسر شمشاد احمد سومرو، سڪندر علي خشڪ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو عبدالحميد ميمڻ، رضا ايوب لانگاهہ ذوالفقار ٻهڻ ۽ ٻين پنهنجا تحقيقي مقالا پيش ڪيا.

ان موقعي تي مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو جي اڱڻ تي تاريخي ماڳ ڪوٽ سرٽي مان لڌل شين جي نمائش پڻ منعقد ڪئي وئي، جيڪا ان ڳوٺ جي استاد قبول ٻرڙو جي تعاون سان لڳائي وئي ۽ گڏوگڏ تعلقي موري سان تعلق رکندڙن اديبن شاعرن، عالمن، تاريخدانن جا ڇپيل، اڻ ڇپيل ڪتاب، قلمي نسخا، رسالا، مئگزين، اخبارون جن جي پڻ نمائش ماهوار سنڌ رويو رسالي جي چيف ايڊيٽر عرفان عباسي طرفان لڳائي وئي. اندازي موجب 80 کن ڪتابن جو تعدا ڳاٽيتي ۾ آيو.

سنڌ حڪومت جي قديم آثارن جي کاتي جي سيڪريٽري محترم ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري جي ذاتي دلچسپيءَ ڪري تعلقي موري جي آثارن ڪوٽ سرٽي، تاريخي ماڳ ميرن جو ڪوٽ، نوان جتوئي، سهڙا، ڏيپارجا، ملڪ، گچيرو شهر مورو ۽ سونهري فارم حڌَن ۾ سروي ڪئي وئي ۽ اندازي موجب ٽيهارو کن آثارن تي تحقيق ڪري رپورٽ پڻ شايع ڪئي وئي ۽ ان سان گڏوگڏ ماهوار ’سنڌ رويو‘ رسالي ڪراچي طرفان خاص سووينيئر مورو هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سيمينار 2010 پڻ پڌرو ڪيو ويو.

”مورو هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سيمينار ـ2010“ جي موقعي تي سيمينار ڪاميٽيءَ کي 31 عدد مقالا ڪتاب ۾ ڇپجڻ لاءِ پهتا آهن جن مان 27 مقالا سنڌيءَ ۾، هڪ اردو ۽ 3 عدد مقالا انگريزيءَ ۾ آهن. جيڪي سيمينار ۾ پڙهيا ويا، انهن مقالن تي مشتمل هيءُ ڪتاب ”مورو: تاريخ ۽ ثقافت“ ڇپجي، پڌرو ٿي اوهانجي هٿن تائين پهتو آهي. هن ڪتاب ۾ شامل مقالا تاريخي آثار درياهي وهڪرا، ڍنڍون شڪارگاهہ، سياسي سماجي تحريڪون، تنظيمون، علمي ادبي انجمنون، اديبن، شاعرن، سگهڙن، فنڪارن، اداڪارن، ڊرامہ نگارن، قلمڪارن، تاريخي ۽ ثقافتي واهڻ وستين ۽ ڳوٺن بابت مقالا شامل آهن، جن بابت بنيادي تاريخ ۽ چارٽ شامل آهي.

موري شهر ۽ تعلقي جي تاريخ بابت هر مقالي نگار تمام گهڻي محنت ۽ تحقيق سان پنهنجي پنهنجي موضوع تي ڀرپور لکيو آهي، جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي. لکندڙ دوستن جي مقالن بابت چندچارڻ ۽ ذاتي راءِ ڏيڻ بدران، اوهان پڙهندڙن مٿان اهو فيصلو ڇڏجي ٿو. هي هڪ تحقيقي مقالن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي مشتمل ڪتاب آهي. ۽ تاريخ بابت تحقيق جاري رهندي. جيتوڻيڪ هي ڪتاب مورو بابت مڪمل تاريخ تہ نہ آهي، پر پوءِ بہ ڪيترن ئي موضوعن بابت بنيادي چارڻ ڏيندڙ ڪتاب آهي، ۽ اميد آهي تہ رهجي ويل موضوعن بابت ايندڙ نسل جا نوجوان نئين سر تحقيق ڪندا.

ڪتاب "مورو ناهي ٿورو" ۾ ليکڪ مرحوم محمد مٺل ڪمالاڻي، تاريخ ضلعو نوابشاهہ ليکڪ پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ۽ قريشي حامد علي خانائي پڻ پنهنجي ڪتاب ۾ موري بابت تذڪرو ڪيو آهي. ان سان گڏوگڏ هي ڪتاب "مورو تاريخ ۽ ثقافت" جنهن ۾ مختلف موضوعن تي مقالا، تحريرون ۽ مضمون شامل آهن. سنڌ جي تاريخ ۾ پڻ اضافو ثابت ٿيندو جنهن مان نوجوان نسل لاڀ حاصل ڪندو.

ڪتاب ڇپجي پڌري ڪرائڻ ۾ خاص طرح محترم ڊاڪٽر جنيد حميد سمون، ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر (SDM) مورو/صدر مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو جي ذاتي دلچسپي رهي، پبلشر عرفان عباسي فنانس سيڪريٽري مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو/چيف ايڊيٽر ماهوار 'سنڌ رويو' ڪراچي ۽ ايڊووڪيٽ عبدالله خان ڪورائي جنرل سيڪريٽري، سجاد احمد ميمڻ جوائنٽ سيڪريٽري، مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو جن جي ذاتي دلچسپي سبب هي ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، جنهن لاءِ ڪين تمام گهڻو جس هجي.

مقالا، مضمون ۽ مواد جي حاصلات لاءِ پنهنجي پياري دوست پروفيسر شمشاد احمد سومري جو بيحد ٿورائتو آهيان. ان سان گڏوگڏ پروفيسر محمد ادريس جتوئي، عظيم سنڌي، عرفان عباسي، فقير فياض برڙو وزير فرهاد سولنگي، موهن مدهوش ۽ ٻين دوستن جو مشڪور آهيان جيڪي هن ڪتاب ڇپجڻ ۾ مرحليوار منهنجا مددگار رهيا. هن نيڪ ڪم ۾ مڙني موري واسين جو پڻ احسان آهي جن سيمينار منعقد ڪرائڻ ۽ ڪتاب ڇپرائڻ ۾ مالي مدد ڪئي.

**اسلم عباسي**
جنرل سيڪريٽري
مورو هسٽاريڪل اينڊ
ڪلچرل سيمينار ڪاميٽي

25 ڊسمبر 2010ع
ڪلهوڙا ڪالوني، مورو
فون: 0300_3062922



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مقدمو

ارغون، ترخان ۽ مغل دور ۾ ٻہ سؤ سالہ ويڙھہ، سنڌ کي ويران ڪري ڇڏيو. آبادي، آبپاشي، ٻوٽ، شهر ۽ واهڻ توڙي وسنديون ختم ٿي ويون. سواءِ چند وڏن شهرن جي، اڪثر ٻوٽ ۽ ننڍا ننڍا شهر زمين دوز ٿي ويا. ارڙهين صديءَ جي ابتدا ۾ جيئن ئي، ڏارين جي قبضي جي خاتمي جي شروعات ٿي، تيئن ئي نيون آباديون، شهر ۽ ماڳ وجود ۾ اچڻ لڳا. ساهتي پرڳڻي يا موجودہ نوشهري فيروز ضلعي، ۽ نواب شاہ ضلعي جي درياهي پٽي سان لاڳيتو جيڪي شهر اڄ موجود آهن، انهن مان اڪثر ڪلهوڙا دور سان تعلق رکن ٿا[1]. ڳالهہ ڪجهہ هن ريت آهي:

**ڪنڊيارو:** مغل دور ۾ اُسريو. ڪلهوڙا دور ۾ وڏو صنعتي ۽ زرعي مرڪز ٿي اڀريو.

**محراب پور:** محراب خان جتوئي ڪلهوڙا دور جو امير هو. هي شهر سندس آباد ڪيل آهي. هالاڻي شهر ۾ سندس ٺهرايل مسجد اڄ بہ موجود آهي.

[1] نامور اسڪالر ايم.ايڇ.پنهور، چوندو هو تہ اڄ سنڌ ۾ تعلقي ۽ ضلعي هيڊ ڪئارٽرن وارا نوي سيڪڙو شهر، ڪلهوڙن جي دور سان تعلق رکن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماهوار سنڌ رويو رسالي ۽ مهراڻ سٽيزن ڪلب مورو طرفان 21 مارچ 2010ع آچر
ڏينهن، ملهايل ”مهراڻ هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سيمينار“ جون تصويرون.



افتتاحي اجلاس دوران ڊاڪٽر جنيد حميد سمون، ڊي ڊي او روينيو مورو
عبدالله خان ڪورائي، جنرل سيڪريٽري، مهراڻ سٽيزن ڪلب، عرفان عباسي،
چيف ايڊيٽر سنڌ رويو، عبدالحميد ميمڻ ۽ ملڪ توفيق احمد خطاب دوران. جڏهن
تہ سجاد احمد ميمڻ ۽ ملڪ شبير احمد مهمان عبدالغفار تبسم ڪان ايوارڊ
وصول ڪندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، عظيم سنڌي، ادريس جتوئي، راشد مورائي، حاڪم علي شاهه،
عبدالله جيسر، صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو احمد سولنگي، رسول بخش گچيرائي،
رڪيل مورائي، انور ڪانڌڙو، شمشاد سومرو، اسد سولنگي، اسلم عباسي، نعيم ميمڻ،
ڊاڪٽر سرور ٻگهيو، وزير سولنگي، اظفر ميمڻ، مخدوم اظهار ۽ رضا لانگا مقالا پڙهندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مورو هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سيمينار دوران محقق، تاريخدان
۽ اديب ايوارڊ وصول ڪندي



موروهستاريڪل اينڊ ڪلچرل سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙ انعام شيخ، عبدالغفار تبسم،
ولي محمد روشن مرڪزي سيڪريٽري جنرل سنڌ گريجوئيٽس ائيسوسيئيشن،
ڊاڪٽر جنيد حميد سمون، عبدالله خان ڪورائي، سڪندر علي خشڪ،
سيد حاڪم علي شاهه بخاري، احمد حسين سولنگي، رڪيل مورائي، عبدالغفار صديقي،
حفيظ الرحمان شيخ، ڊاڪٽر وجهه الدين ميمڻ، جاويد مصطفيٰ ڪانڊڙو
خادم حسين شيخ، مرزا ڪاظم رضا بيگ، نظر حسين ميمڻ ۽ ٻيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نوشهروفيروز:** هي شهر ميان نصير محمد جي هڪ فقير فيروز ويرڙ تعمير ڪرايو. هن وقت ضلعي هيڊ ڪئارٽر آهي.

**مورو:** مٽئين شهر جو معاصر آهي، ۽ سنڌ جي مکيہ شهرن ۾ ان جو شمار ٿئي ٿو.

**دولت پور:** هي شهر دولت خان کهاوڙ جو بڌرايل آهي. کهاوڙن جو اولاد گهلو اجا هتي موجود آهن. آخري ڪلهوڙا دور ۾ محمد حسن کهاوڙ هتي ڪوٽ نهرايو. اهو ڪوٽ هاڻي ختم ٿي ويو آهي. محمد حسن "هالاڻي" واري جنگ ۾ مارجي ويو.

**قاضي احمد:** ڪلهوڙن جي دور ۾ قضا جو صاحب هو. سندس نالي ۾ "قاضي احمد" شهر آباد ٿيو. هي هڪ وڏندڙ ۽ ويجهندڙ شهر آهي.

**سڪرنڊ:** هن شهر جو بنياد بہ ڪلهوڙن جي دور ۾ پيو. سن 1202هہ ۾ مير علي شير قانع "معيار سالڪان طريقت" ڪتاب لکيو ان ۾ هن شهر جو نالو ملي ٿو.

**نواب شاهہ:** هڪ اندازي موجب ڪلهوڙا دور جي بلڪل آخر، يا ٽالپرن جي دور جي آغاز ۾، هن شهر جو بنياد پيو ۽ هڪ صديءَ کان ضلعي هيڊ ڪئارٽر آهي.

مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾، انگريزن ڪجهہ سالن لاءِ سنڌ ۾ تجارتي مرڪز قائم ڪيا. ليڪن 1800ع کان لاڳيتو سنڌ سان تعلق ۾ رهيا، تان جو 1843ع ۾ ملڪ کي فتح ڪري هندستان سان ملائي ڇڏياڻون. اڌ صديءَ ۾ انگريزن سنڌ جو نيڪ ناڪ مطالعو ڪيو هو. رپورٽون توڙي ڪتاب تيار ڪري، اولهہ جي دنيا کي سنڌ جي باري ۾ جهجهي معلومات فراهم ڪيائون.
سنڌ، بلوچستان، پنجاب ۽ افغانستان، بابت ٿارنٽن ٻن جلدن ۾ هڪ گزيٽير تيار ڪيو. هي ڪتاب 1844ع ۾ لنڊن مان ڇپيو. ان ۾ موري جو ذڪر پڻ ڪيائين[2]. ٽيهہ سال پوءِ لنڊن مان هيوز جو "سنڌ گزيٽير" 1874ع ۾ نروار

[2] ٿارنٽن جو گزيٽير، جلد ٻيو ص62.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو. ٻه سال پوءِ ان جو وڌايل ايڊيشن نڪتو. هيوز موري بابت چڱي معلومات درج ڪئي آهي: مُوري قبيلي جي بازيد فقير هي شهر تعمير ڪرايو. نوشهري سب ڊويزن جو هڪ تعلقو آهي. سن 1861ع ۾ هتي ميونسپالٽي وجود ۾ آئي. شهر جي آدمشماري 1783 ماڻهن تي مشتمل آهي. ميونسپل جي آمدني 74_1873ع ۾ 1457 روپيه هئي.[3] بعد ۾ ايٽڪن صاحب جي سنڌ گزيٽير 1907ع ۾ ڇپي. ان ۾ صرف ايترو لکيو ويو ته: مورو تعلقي جو هيڊ ڪئارٽر آهي.[4]

انگريزن سَنڌ کي 1843ع ۾ فتح ڪيو. ان بعد سنڌ جي انتظامي جوڙجڪ نئين انداز ۾ وجود ۾ آئي. رياست خيرپور کي ڇڏي باقي سنڌ کي ٽن ضلعن: ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ تقسيم ڪيو ويو. مورو تعلقو نئين حيدرآباد ضلعي ۾ شامل ٿيو. 1911ع تائين سنڌ ۾ ڇهه ضِلعا هن ريت ڪم ڪري رهيا هئا: ڪراچي، حيدرآباد، سکر (شڪارپور جي جاءِ تي)، لاڙڪاڻو اپر سنڌ فرنٽيئر ضلعو (جيڪب آباد) ۽ ٿرپارڪر. سال 1912ع ۾ نواب شاهه ضلعو وجود ۾ آيو. ان پس منظر ۾ مورو شهر ۽ تعلقو نئين ضلعي نواب شاهه ۾ شامل ٿي ويا. ايٽڪن صاحب جي گزيٽير جو ٻيو حصو سمٿ تيار ڪيو ۽ اهو ستن ڀاڱن ۾ ڇپيو. هر هڪ حصي ۾ هڪ ضلعي جو مطالعو شامل هو. هي ست ڀاڱا بمبئي مان 1919ع – 1920ع ۾ ڇپيا. ضلعي نواب شاهه بابت گزيٽير، پنجون حصو (جلد) هو جو 1920ع ۾ شايع ٿيو. سمٿ موري جو ذڪر هن ريت ڪيو: تعلقي جو هيڊ ڪئارٽر، 1911ع جي آدمشماريءَ موجب 3068 انسان رهندڙ هتي مختيارڪار جي آفيس، پوليس اسٽيشن، ڊسٽرڪٽ بنگلو پرائمري اسڪول، پوسٽ آفيس ۽ مسافرخانو. ويجهي ريلوي اسٽيشن ڀانڊي ويهه ميل پري آهي. ميونسپالٽي هئي جا 1886ع ۾ ختم ڪئي وئي.[5]

---

[3] سنڌ گزيٽير، هيوز ص546.

[4] سنڌ گزيٽير ايٽڪن، ص506.

[5] ضلع نواب شاهه، سمٿ جو گزيٽير، ص35.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1932ع ڌاري پڊ عيدن کان ريلوي جي سروس شروع ٿي. هي سروس ننڍين ننڍين شهرن کي ملائيندي موري کان ٿيندي ٽنڊي آدم تي ختم ٿيندي هئي. ان طرح ڪيئي شهر هڪ ٻئي سان ڳنڍجي ويا ۽ ماڻهن کي اچ وڃ جي سهوليت حاصل ٿي. 1932ع ۾ سکر بئريج مڪمل ٿيو ۽ سکر کان لاڙ پٽ تائين درياهي پاڻي سڄو سال پوکي راهيءَ لاءِ دستياب ٿيو. ان ڪري سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ خوشي ۽ خوشحاليءَ جو نئون دور شروع ٿيو. قيام پاڪستان کان ٿورو وقت اڳ يا پوءِ، حيدرآباد - روهڙي پڪو روڊ پڻ تعمير ٿيو جنهن ذريعي هڪ نئون انقلاب آيو.

1947ع ۾ انگريزن برصغير کي آزادي ڏني. ان طرح پاڪستان ۽ هندستان ٻه جدا جدا ملڪ وجود ۾ آيا. اسان جو صوبو سنڌ، پاڪستان ۾ شامل ٿيو. سنڌ جي شهرن تي ورهاڱي جا خاص اثر پيا. وڏي پيماني تي لڏ پلاڻ ٿي. سنڌي هندو ڀارت لڏي ويا، ۽ اتان کان اردو آبادي سنڌ طرف منتقل ٿي. مورو ٻه هن تبديليءَ جي لپيٽ ۾ آيو. سال 1989ع ۾ نئين تاريخ لکي وئي. ان سال نواب شاهه ضلعي کي ٽوڙي نوشهري فيروز کي الڳ ضلعو بڻايو ويو[6]. هن وقت مورو تعلقو نوشهري فيروز ضلعي ۾ شامل آهي.

موري شهر ۽ ان جي آس پاس ڪجهه تاريخي ماڳ وڏي اهميت رکن ٿا. ٻڌ ڌرم وارن جو ماڳ "ٿل مير رڪن" ٻه هزار سال پراڻو آهي. مخدوم بلال جو خليفو مخدوم هڱورو ڳچيري ۾ ابدي آرامي آهي. سنڌ جي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي جو مقبرو ۽ تاريخي قبرستان، موري شهر کان ڏکڻ - اوڀر طرف ڪجهه ڪلوميٽرن تي موجود آهي. انگريزن موري شهر کي مناسب اهميت ڏني. ان دور جون تعميرات هاڻي ختم ٿي چڪيون آهن. 1851ع ۾ فريئر صاحب سنڌ جو ڪمشنر مقرر ٿيو. هن سنڌ ۾ ڪي نوان قدم کنيا ۽ اهم فيصلا ڪيا. سنڌ ۾ ٽپال جي سرشتي کي جاري ڪيائين. مون موري جي پوسٽ آفيس جي قديم عمارت ڏٺي هئي. ان تي انگريزي زبان ۾ Post Office 1856 جي تختي لڳل هئي. نئين عمارت نهڻ وقت هي ڪتبو

[6] نوشهروفيروز تاريخ جي آئيني ۾ (مرتب: اسلم عباسي، سال 2007ع)، ۾ شامل منهنجو منهنجو مضمون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضايع ٿي ويو. انگريز ڊپٽي ڪليڪٽر هينري رائيلنڊ (ري لينڊ) جي قبر موري ۾ مون پاڻ ڏٺي. صاحب موصوف هن شهر ۾ 1869ع ۾ فوت ٿيو ۽ ڊسٽرڪٽ بنگلي جي پرسان دفن ڪيو ويو. قيام پاڪستان کان پوءِ جڏهن موري کي سب ڊويزن جو درجو مليو تڏهن SDM جي آفيس شايد ان ڊسٽرڪٽ بنگلي ۾ قائم ڪئي وئي. بعد ۾ هي آفيس ٻاهر منتقل ڪئي وئي. قبر تي ڪتبو هن ريت هو:

"Sacred to the memory of Henry Ryland Esquire, Deputy Collector and Magistrate of Naushahro who died at Moro on 11th August 1869". [7]

سنڌو درياهه، موري ۽ دادو شهر کي الڳ ڪري ٿو. صدين تائين درياهه جي ڪري ٻنهي طرفن جي ماڻهن کي اچ وڃ ۽ سير سفر جي ڏاڍي تڪليف هوندي هئي. پُٽي صاحب جي دور ۾ رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي مرحوم جي ڪوشش سان، ٻنهي شهرن کي ملائڻ لاءِ درياهه تي پُل جي تعمير شروع ٿي. بعد ۾ فوجي حڪومت ۾ ان جو افتتاح ٿيو. موجوده دور ۾ موري جي حوالي سان، هي تعميرات هڪ اهم يادگار آهي.

دولت پور 1989ع تائين موري تعلقي ۾ شامل هئي. ان وقت تائين اسان جو واسطو موري سان رهيو. مون نائين ۽ ڏهين جا امتحان موري ۾ ڏنا. ٻيري طرف جو استاد الهه بخش اجڻ موري ۾ رهندو هو. پاڻ ڊرائنگ ٽيچر هو. پر هن کي انگريزي گرامر ۽ حسابن تي عبور حاصل هو. بعد ۾ اجڻ صاحب دولت پور هاءِ اسڪول ۾ بدلي ٿي آيو. تڏهن به رهائش موري ۾ برقرار رکيائين. انهن شاگردن کي خاص وقت ڏئي شام جو حساب ۽ انگريزي پڙهائيندو هو. گروپ ڪيپٽن (رٽائرڊ) انجنيئر عبدالستار ڪورائي[8]، ڊاڪٽر عبدالڪريم سومرو ڊاڪٽر ظفر علي شاهه، ڊاڪٽر ممتاز علي ميمڻ، ڊاڪٽر محمد اياز ميمڻ، ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ شيخ، ڊاڪٽر محمد

---

[7] Revised list of Tombs and Monuments of Historical or Archaeological Interest in Bombay and other parts of the Presidency, P.8, 1912.

[8] Now G.M. Contracts Turnkey, Head Quarter, P.T.C.L, Islamabad.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرور شيخ ۽ عبدالرّسول ميمڻ. ميمڻ صاحب جو وڏيڪ ذڪر هيٺ اچي ٿو. اِٺ ٿي شاگرد سنن نمبرن ۾ پاس ٿيا ۽ هڪ کي ڇڏي باقي ٻيا ڊاڪٽر يا انجنيئر ٿيا. ڪوراٽي صاحب اسلام آباد ۾ رهي ٿو. ان سان ڪڏهن ڪڏهن دُعا سلام ٿيندي رهندي آهي. سائين الهه بخش اجڻ جي ڪري عبدالستار سان تعلق پيدا ٿيو. اسان موري ۾ ناٿين ۽ ڏهين جا امتحان گڏ ڏنا.

موري سان منهنجو گهڻو تعلق رهيو. محمد رمضان ميمڻ (شاهپوري)، عبدالرسول ميمڻ جو مامون، هاءِ اسڪول دولت پور ۾ منهنجو استاد رهيو. پروفيسر قاضي نذير احمد ۽ سائين علي بخش شاهه جو پڻ آءٌ شاگرد رهيس. هي اهو دور آهي جڏهن مون مهراڻ ڪاليج موري ۾ بي.اي جي تياري ڪئي. ان دور ۾ عبدالرسول ميمڻ منهنجو ڪلاسي هو. هن وقت سنڌ هاءِ ڪورٽ جو رجسٽرار آهي. هن سان ذاتي تعلق اڄ به قائم آهي، 1982ع ۾ مون کي ملازمت ملي. ٻه مهينا سڪرنڊ ڪاليج ۾ رهيس. بعد ۾ مهراڻ ڪاليج موري ۾ ليڪچرار ٿي آيس. ڏيڍ سال جو عرصو ڇڏي، مئي 1982ع کان جون 1987ع تائين، هن ڪاليج ۾ ليڪچرار رهيس. موري ۽ آس پاس ۾ منهنجا سوين شاگرد پيدا ٿيا، جن مان ڪي اڄ اهم ملازمتن سان وابسته آهن. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، عظيم سنڌي، غازي خان لغاري، عبدالله لغاري، عبدالله ملڪ ۽ عبدالغفور ڪلهوڙو (ايڊيشنل سيشن جج)، موري سان تعلق رکن ٿا ۽ منهنجا ذاتي دوست آهن. 1989ع ۾ دولت پور جدا تعلقو ٿيو (هاٽي قاضي احمد) ۽ ان کي نواب شاهه ضلعي ۾ شامل ڪيو ويو. نوشهروفيروز الڳ ضلعو بنجي ويو. هاڻي موري سان ڪو خاص تعلق نه رهيو آهي، ۽ نه وري اسان جي اولاد کي خبر ته هن شهر سان منهنجو يا منهنجن وڏن جو ڪهڙو تعلق رهيو؟[9]

مورو هڪ تاريخي شهر آهي. انگريزن هڪ صديءَ جي راڄ دوران سنڌ جي ٻين شهرن سان گڏ موري بابت به ڪافي مواد ڇڏيو آهي. استاد محمد مٺل ڪمالاڻي هڪ ڪتاب: "مورو ناهي ٿورو" لکيو جو 1988ع ۾

---

[9] موري سان پنهنجي تعلق تي آءٌ هڪ الڳ مضمون لکندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپيو هو. هي ڪتاب هن شهر بابت هڪ اوائلي ڪوشش هئي. ڪمالاڻي صاحب وقت کان اڳي 6 نومبر 1989ع تي وفات ڪري ويو. اگر ٿورڙو ڪجهه وقت زنده رهي ها ته هن سلسلي کي جاري رکندي ذڪ ڪم ڪري ها.

اسلم عباسي، منهنجو شاگرد ۽ دوست آهي. ڪنهن نه ڪنهن طرح ادبي ڪم ڪار سان لاڳاپيل رهي ٿو. عرفان عباسيءَ سان گڏ ٿورڙو مارچ 2010ع ۾ موري بابت هڪ علمي سيمينار منعقد ڪيائين. ان سيمينار ۾ پيش ڪيل مضمونن ۽ مقالن کي مرتب ڪري ڪتابي صورت ۾ پيش ڪري رهيو آهي. جو ڪجهه پيش ٿي رهيو آهي، ان سان موري ۽ آس پاس جي ماڳن ۽ تاريخ تي مناسب روشني پوندي. البت منهنجو خيال آهي ته موري شهر بابت رٿابنديءَ سان ڪم ڪجي. ان طرح شهر جي تاريخ نِسري نروار ٿيندي. برطانوي دور کان اڄ تائين موري جو سياسي ۽ سماجي، ثقافتي ۽ تعليمي، توڙي ادبي ۽ مذهبي تاريخ ۾ اهم ڪردار رهندو اچي. گذريل ڏهن پندرهن سالن ۾ ملڪ جي شهرن جو حُليو تبديل ٿي ويو آهي. باءِ پاس روڊن جي تعمير سان اصل شهر ڦِٽي رهيا آهن، ۽ ٻاهر ٻاهر نوان شهر ۽ نئين دنيا تعمير ٿي رهي آهي. ساڳي حالت موري سان به آهي!

اسلم، عرفان ۽ شمشاد احمد سومرو توڙي ٻيا دوست مبارڪ باد جا حقدار آهن، جن محبتي ميڙي ميلو مچايو. ان ريت هي ڪتاب وجود ۾ آيو.

07 ڊسمبر 2010ع

**غلام محمد لاکو**
سنڌ يونيورسٽي
ڄامشورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تاريخ، اسان کي پڪاري رهي آهي

اج وري تاريخ جا دفتر کُليا،
اج وري انسان جا جوهر کُليا،
اج وري جاڳيو زماني جو ضمير،
اج وري انصاف تي ڏمريو اسير،
اج وري زنجير سان پرچاءُ ٿيو
اج وري زندان جو ٺهراءُ ٿيو.
(شمشيرالحيدري)

هن محفل جا صدر، اديبو شاعرو ۽ ٻيا قلمڪارو!
السلام عليڪم:

اڄوڪو ڏينهن نهايت ئي اهم ۽ ڪارائتو ڏينهن آهي، جو اسين اڄ پنهنجي تعلقي موري جي تاريخ ۽ ڪلچر تي گفتگو ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. تاريخ ڪنهن به قوم جو ”حافظو“ هوندي آهي، جي ”حافظو“ ختم ٿيو ته اها قوم زنده نه رهندي. سو اڄ تعلقي موري جي سجاڳ ۽ سُرت پرين نوجوانن اهڙو تاريخي ميڙاڪو ڪوٺائي سچ پچ ته پنهنجي زنده هُجڻ جو ثبوت ڏنو آهي.

اڄوڪي سيمينار جو بنيادي مقصد به اهو آهي ته سنڌ جي تاريخ خاص طرح موري جي تاريخ کي نئين نسل جي آڏو اُجاڳر ڪيو وڃي ته جيئن انهن ۾ پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت سان پيار جو جذبو وڌيڪ سگهارو ٿئي ۽ هُو نه رڳو پنهنجي ماضيءَ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪن پر اُن تي فخر پڻ ڪن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هونئن به مقامي شهرن ۽ ضلعن جي تاريخ سنڌ جي تاريخ کان الڳ نه آهي. مقامي تاريخ گڏ ڪرڻ سان سنڌ جي تاريخ سهيڙڻ ۾ پڻ تمام وڏي مدد ملندي ڪاش! اسان مان هر ڪو پنهنجي پنهنجي ڳوٺ، شهر، علائقي، جي تاريخ سهيڙڻ شروع ڪري ته اهو سنڌ جي تاريخ تي وڏو احسان ٿيندو.

سنڌ ۾ ضلعن، تعلقن ۽ شهرن جي تاريخ تي مختلف سيمينار ٿيندا رهيا آهن ۽ ڪتاب به ڇپبا رهيا آهن. موري جي تاريخ تي، انگريزن جي مختلف گزيٽئرس ۾ مواد موجود آهي، ان کانسواءِ ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي جي ڪتاب: "نواب شاهه ضلعو: تاريخي شهر ۽ شخصيتون"، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري جي ڪتاب "تاريخ: ضلعو نواب شاهه"، نوجوان ليکڪ اسلم عباسي جي مرتب ڪيل ڪتاب "ضلعو نوشهروفيروز تاريخ جي آئيني ۾" مواد ملي ٿو پر شهر موري جي تفصيلي تاريخ تي تحقيق هڪ لائق استاد محمد مثل ڪمالاڻي ڪئي آهي، جنهن جي ڪتاب جو نالو آهي "مورو ناهي ٿورو". سنڌ جي تاريخ جيان موري جي تاريخ به قديم آهي.

ياڻرو! تاريخ تي نگاهه وجهڻ کانپوءِ خبرپوي ٿي ته سنڌ جي دل وارو هيءُ شهر مورو بلڪل ٿورو ناهي.

سنڌ ڌرتيءَ جي عظمت جا اُهڃاڻ موهن جو دڙو آمري، ڪوٽڏيجي ۽ رني ڪوٽ آهن ته تعلقي موري جي سُڃاڻپ، قدامت ۽ عظمت جو اُهڃاڻ ڪوٽ سرٽيءَ جا آثار ۽ ٺل مير رُڪڻ جهڙا يادگار آهن، جيڪي اسان کي ٻڌائين ٿا ته هيءُ خطو بڌمت جي اثر هيٺ رهيو آهي، تعلقي موري ۾ ڳچيري جهڙا قديم ڳوٺ آهن، جنهن جي قدامت پنهنجي جاءِ تي پر مخدوم بلاول پاران هلايل بلاولي تحريڪ جو پڻ هيءُ ڳوٺ مرڪز رهيو آهي. مخدوم بلاول جي ساٿي مخدوم هنگوري جي مزار به هن ڳوٺ ۾ آهي. تعلقو مورو مختلف تحريڪن جو مرڪز رهيو آهي. هن علائقي جو غيور عوام خلافت تحريڪ، تحريڪ آزادي، ون يونٽ خلاف جدوجهد، سنڌي ٻولي جي بحالي ۽ سنڌي ووٽرلسٽن واري هلچل، 1983ع ۽ 1986ع جي جمهوري تحريڪ ۽ ٻين ڪيترين ئي قومي، طبقاتي ۽ جمهوري تحريڪن ۾ متحرڪ رهيو آهي. هن علائقي جي عوام جو خاص طور ايم-آر-ڊي تحريڪ ۾ اڳواڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارو ڪردار رهيو آهي. هن تحريڪ جو روح روان رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي هو جنهن 14 آگسٽ 1983ع تي هن اونداهي دور خلاف جدوجهد جو جهنڊو بُلند ڪيو هن جدوجهد ۾ ڪيترائي تعلقي موري جا نوجوان شهيد ٿيا ۽ گرفتار ٿيا. هن علائقي جي عوام ڪي تشدد جو نشانو بنايو ويو پر هنن ڪڏهن به گنڊ نه جُهڪايو هن جدوجهد جي نتيجي ۾ اڳتي هلي ملڪ مان آمريت جو خاتمو ٿيو ۽ مُلڪ ۾ جمهوريت جو سج اُڀريو. هن جدوجهد ۾ موري جي ادا ڪيل ڪردار کي سنڌ جي گيتن ۽ شعرن ۾ چٽيو ويو.

1983ع جي جمهوري هلچل دوران گهر گهر اهو شعر گونجڻ لڳو ته:

**"موري، دادو ميهڙ ۾ ڊاٿيئڙا ڀٽ ڊول ڪُنا"**

اها حقيقت آهي ته اڳوڻي ضلعي نواب شاهه ۽ هاڻوڪي ضلعي نوشهرو فيروز جي سياست ۾ نوان جتوئي جي "جتوئي خاندان" جي سياست حاوي رهي آهي. هن موري شهر ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، شهيد بينظير ڀٽو، رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي، صدر پاڪستان جناب آصف علي زرداري، سائين جي ايم سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز سائين امداد محمد شاهه ۽ ٻيا ڪيترائي سياستدان مختلف وقتن تي هتي ايندا رهيا آهن ۽ موري جي عوام جي سياسي شعُور ۽ جاڳرتا ۾ اضافو ڪندا رهيا آهن. مورو سياسي تحريڪن کان علاوه ثقافتي ۽ سماجي تحريڪن جو به مرڪز رهيو آهي. سنڌ جي ٻن متحرڪ تنظيمن سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي مرڪزي اڳواٽي ۾ موري جا نوجوان رهيا آهن ۽ انهن جماعتن جي مرڪزي سرگرمين جو محور به هيءَ شهر رهيو آهي استاد تنظيمن خاص طور پ-ٽ-الف ۽ گسٽا ۾ هن تعلقي جا استاد سرگرم رهنما به رهيا آهن. آل سنڌ فيلڊ اسسٽنٽس ايسوسيئيشن جو مرڪزي صدر محمد عرس جتوئي پڻ هن تعلقي جو رهواسي آهي، پاڻ زرعي ملازمن جي هن تنظيم ۾ نئون روح وڌائين، تنظيمي سرگرمين ۽ ملازمن جي ڀلائيءَ وارا ڪم ڪرڻ سبب ڪيس نوڪريءَ تان پڻ برطرف ڪيو ويو.

هن علائقي ۾ ڪيترين ئي عظيم شخصيتن جنم ورتو آهي، جن سنڌ سطح ۽ ملڪي ليول تي پنهنجو نمايان ڪردار ادا ڪري وڏو نالو پيدا ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. انهن ۾ خانبهادر امام بخش خان صابر، رئيس غلام رسول خان جتوئي، خانبهادر دين محمد خان کيڙو، رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي اڳوڻو نگران وزيراعظم پاڪستان، رئيس غلام مرتضيٰ خان جتوئي، رئيس مسرور خان جتوئي، رئيس عاقب خان جتوئي، قاضي خدا بخش ڪراچي جو پهريون مسلمان ميئر، پهرين سنڌي ناول ”سُندري“ جو تخليقڪار خليق مورائي، سنڌ يونيورسٽي جي سنڌيءَ شعبي جو پهريون ۽ باني هيڊ، سنڌي لسانيات جو ماهر پروفيسر علي نواز جتوئي، پاڪستان ۾ پهرين اوپن هارٽ سرجري ڪندڙ ۽ مڊ ايسٽ جهڙي اسپتال جو قيام عمل ۾ آڻيندڙ ڊاڪٽر عبدالغفار خان جتوئي، سنڌي ٻوليءَ جو پهريون شهيد، شهيد عبدالرزاق سومرو تحريڪ پاڪستان جو مُک اڳواڻ قاضي فيض محمد پاڪستاني، بي مثال انجنيئر سيد ميهر علي شاهه، برگيڊيئر غلام رسول ميمڻ، سي-ايس-ايس جي امتحان ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪندڙ ۽ سنڌ جو نالو روشن ڪندڙ امداد رضا سيهڙ، عالمِ دين مولوي محمد عثمان ميمڻ، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو اڳوڻو چيئرمين جسٽس غلام محمد ڪوريجو ناميارو ليکڪ ۽ مصر جو سفير محمد صالح ڪوريجو ايم.ايس. ڪوريجو (جنهن جا ٽي ڪتاب: خان غفار خان، جي ايم سيد ۽ ايم ڪيو ايم بابت آڪسفورڊ يونيورسٽي پاران ڇپجي چُڪا آهن)

غلام سرور کيڙو پلاننگ ۽ ڊيولپمينٽ جو ماهر (جنهن سنڌ جون ڪيترين ئي ترقياتي اسڪيمون تيار ڪيون)، خان صاحب علي محمد سيال، اڳوڻو ڊي- آئي ايس- (جنهن علامه محمد دائودپوٽي سان گڏجي ڪم ڪيو ۽ سنڌ جي تعليم لاءِ پاڻ وڏيون ڪوششون ورتائون) وانا آپريشن ۾ شهيد ٿيندڙ ميجر شهيد محمد خان ڪورائي. مهدي سرڪار ۽ ٻيا جهانيان خاندان جا بزرگ ۽ شاعر، سنڌ جو نامور شاعر راشد مورائي، سنڌ جو بهترين ڪهاڻيڪار ناصر مورائي، مهراڻ چئنل جو مالڪ انجنئر غلام نبي مورائي، حاجي رحمت الله ٻهڻ، خان محمد جمالي، اختر مورائي، پروفيسر نذير قاضي، بيدار مورائي هن تعلقي جا عظيم استاد محمد چٽل سُرهيو سيد جعفر شاهه، احمد بخش ڪمالاڻي، حاجي خان پنهور، سائين رستم خان، فيض محمد سومرو. لوڪ سگهڙ ۽ شاعر، لطيفيات جو ڄاڻو حافظ محمد بخش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاصخيلي، نماڻو سنڌي ۽ ٻيا ڪيترائي اديب، عالم، استاد، سياستدان، هنرمند، پورهيت پڻ هن علائقي سان واسطو رکن ٿا، جن ملڪ ۽ قوم جي خدمت لاءِ پاڻ ملهايو آهي.

هن علائقي ۾ ڪيترائي ذهين ۽ تعليم يافته شخص پيدا ٿيا آهن، انهن مان ڪجهه جن ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي آهي، اُهي آهن:

1_پروفيسر سيد انور علي شاهه (ڊين يونيورسٽي آف سنڌ) (موضوع: بزنيس مئنيجمينٽ)

2_ ڊاڪٽر سيد مهتاب علي شاهه (بين الاقوامي تعلقات _ڊپلوميسي)

3_عارف مصطفيٰ جتوئي (ايم_پي_اي) موضوع: Developmental Economics

4_ڊاڪٽر محمد لائق زرداري (موضوع: تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو)

5_ اُم ڪلثوم شاهه (موضوع: شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اِستعارا ۽ تشبيهون)

6_ ڊاڪٽر غلام محمد ڏاهري (موضوع: ابوالحسن ڏاهري)

7_ ڊاڪٽر حيدر سنڌي (موضوع: سنڌي ادب جي پاڪستان جي ادب ۽ ٻولين ۾ حيثيت: تقابلي جائزو)

دوستو ۽ يائرو! اڄوڪو سيمينار نهايت ئي اهم سيمينار آهي. هن سيمينار جا اڳتي هلي تمام سُٺا نتيجا نڪرندا. نئون نسل نه رڳو پنهنجي علائقي جي تاريخ ۽ ثقافت جي بچاءَ ۽ واڌاري لاءِ پنهنجو ڀرپور عملي ڪردار به ادا ڪندو. هي سيمينار نه رڳو تعلقيٰ موري جي تاريخ پر پوري سنڌ جي تاريخ لاءِ ڪارائتو ثابت ٿيندو.

يائرو! هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي ته اسين سُجاڳ ٿي نه رڳو پنهنجي تاريخ پاڻ لکون بلڪ پنهنجي تاريخ پاڻ ناهيون. موهن جي دڙي، رني ڪوٽ ۽ اروڙ جي تاريخ اسان کي پُڪاري چئي رهي آهي ته اي سنڌ واسيو جاڳو ڪر موڙي اُٿو پنهنجي تقدير جا پاڻ مالڪ بڻجو. سنڌ جي تاريخ تهذيب، ٻولي، اختيار معيشت، سنڌو درياهه ۽ پنهنجي ثقافت جا پاڻ وارث ۽ محافظ بڻجو.

هاڻي ايئن نه ٿيندو ته هزارن سالن جي پراڻي تهذيب بلڪ "تهذيبن جي ماءُ" اڃا به سائين حاڪم علي شاهه بُخاري جي لفظن ۾ "ڌاڙيل تهذيب" جا مالڪ ويڳاڻا، ڦريل، هيسيل ۽ هيٺا رهن. پاڻ سُڃاڻو تاريخ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان کي پُڪاري رهي آهي، جيڪڏهن اوهان اُن کي مثبت موٽ نہ ڏني تہ اوهان جو وجود نہ بچندو.

پيائرو! هاڻي جديد سنڌ پُر اعتماد ۽ باشعور نموني سان اڳتي وڌي رهي آهي، هاڻي سنڌ جو نئون نسل چڱي ريت سمجهي ٿو تہ سنڌ جي تاريخ جو سفر محمد بن قاسم کان شروع نٿو ٿئي پر تاريخ جي ارتقا جو سفر موهن جي دڙي کان شروع ٿئي ٿو. اهو سفر آرين کان نہ پر ڪنهن ارڏي دراوڙ کان شروع ٿئي ٿو ۽ اهو سفر مهاراجا ڏاهر، مخدوم بلاول، شاهہ عنايت شهيد جي عظمتن، همتن ۽ جرئتن سان اڳتي وڌي ٿو.

سنڌ جي تاريخدان جوا ڄ جي حالتن ۾ اولين فرض ٿو بڻجي تہ اهو تاريخ جي انهن حقيقتن تان پردو هٽائي، سنڌ جي علم، ادب، تاريخ ۽ ثقافت جا اُهي صديون پراڻا دفتر کولي، تاريخ جي ورقن تان دز هٽائي، پنهنجي شاندار ماضيءَ جي جهلڪ پسائي ۽ حال جي تعمير ڪري ۽ مستقبل جي منصوبہ بندي ڪري، اڄ سنڌ جي تاريخ جي ترتيب، تنظيم ۽ تخليق لاءِ نوجوان تاريخدانن جي هڪ ڪيپ تيار ڪرڻ گهرجي. اها ڪوشش مون، اسلم عباسي، عرفان عباسي ۽ سائين شمشاد سومرو هن سيمينار ۾ ننڍڙي سطح تي ڪئي آهي، ۽ نوجوانن کي اڳتي آندو آهي، ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اهڙن نوجوانن وطن دوست تاريخدانن جي ڪيپ تيار ڪئي وڃي، جيڪا سنڌ جي تاريخ کي سهيڙي سنواري، سڌاري ۽ اڳتي وٺي هلي. ۽ ها جڏهن تاريخ لکندي انهن جي قلم جي مَس سُڪي وڃي تہ ”خون دل“ سان تاريخ لکن. فيض صاحب جي لفظن ۾:

متاع و لوح قلم چهن گئي تو کيا غم هي،
کہ خونِ دل ۾ ڊبو لي هين اُنگليان مين ني.

(موري جي تاريخ ۽ ثقافت تي ٽيندڙ سيمينار جي افتتاحي اجلاس ۾ تعارفي تقرير)

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سرٽي ڪوٽ
## (سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو اهم ماڳ)

دين اسلام جي اچڻ کان اڳ سنڌ ۾ جُڳن کان وٺي ”سناتن ڌرم“ سنڌي ماڻهن جو مقبول ڌرم رهيو آهي. ”سناتن“ لفظ جي معنيٰ آهي- ”آڳاٽو قديم، ڪڏهن به نه ختم ٿيندڙ.“ سناتن ڌرم تي اڳتي هلي هندو ڌرم ان ڪري نالو پيو جو اڳئين زماني ۾ اولهه هندستان ۾ ست درياهه وهندا هئا. درياهه کي سنسڪرت ۾ ”سنڌو“ چيو ويندو آهي، جنهن ڪري اتان جا رهاڪو به ”سنڌو“ ڪوٺبا هئا. آريا، جيڪي ايران مان لڏي اچي هن علائقي ۾ آباد ٿيا، اهي ”س“ حرف کي ”هه“ ڪري اچاريندا هئا، انڪري هو هتان جي رهواسين کي ”سنڌو“ بدران ”هندو“ سڏڻ لڳا. (1)

هندو ڌرم ۾ وقت گذرڻ سان ذات پات ۽ اوچ نيچ جي متيپد جو ايڏو ته منفي رواج پئجي ويو جو انساني تاريخ ان طبقاتي نفرت سان ڀري پيئي آهي. ان انسان ڪُش بستي جو بنياد 900 ق.م ڌاري، آرين جي هڪ عالم ۽ قانوندان منو مهراج جي لکيل ڪتاب ”منوشا ستر“ وڌو هو جنهن ۾ هن ماڻهن جي ذاتين جي ورڇ ڪئي آهي ۽ هر هڪ ذات ۽ فرقي جا فرض ۽ ڪم بيان ڪيا آهن. منو جي ”ورن آشرم“ وارن قانونن جي اوٽ ۾ برهمڻن ماڳهين عوام کي دوزخ جي اوڙاهه ۾ اڇلائي ساڙڻ ۽ مارڻ شروع ڪيو چاڪاڻ ته منو جي شاستر موجب ’برهمڻ‘ ايشور جي مُک مان، ’کتري‘ ٻانهن مان، ’ويش‘ پيٽ مان ۽ ’شودر‘ پيرن مان پيدا ٿيا هئا. منو جا قانون نهايت سخت ۽ ناقابل برداشت هئا. (2)

انهن ڦهري قانونن جي ڪري، هر جاتي ۽ فرقي کي پنهنجي پيٽ پالڻ لاءِ ڪم به ورهائي ڏنا ويا. جيئن برهمڻن جو ڪم علم ۽ مذهبي ريتون رسمون بجا آڻڻ، کتري فوجي قوت لاءِ ڪارگر قرار ڏنا ويا. ويش جي ٻلي هنر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ وڻج واپار رهيو ۽ شودرن کي مٿين ذاتين جا هٿ پير ڌُئارڻ ۽ سندن خدمت ڪندي پنهنجي زندگي گذارڻ جو حڪم هو. ان ڪري چوٿين طبقي ۾ آيل ماڻهو تعليم ۽ هنر کان محروم رهجي ويا. اهڙي صورتحال ڪري عوام پنهنجي ڇوٽڪاري ۽ روحاني سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ سخت پريشان ۽ ويڳاڻو هو. ان ناحق ۽ جبر واري دور ۾ ڪيترائي مصلح، ڏاها ۽ انقلابي ماڻهو پيدا ٿيا، جن ڏتڙيل ۽ پيڙهيل عوام کي برهمڻن ۽ ٻين اُوچي ذات وارن کان ڇوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪندي سندن انسانيت سوز برهمڻي قانونن جي سخت مخالفت ڪئي.

اسان برصغير جي مذهبي تاريخن جا ورق ورايون ٿا ته 600_500 ق.م. ڌاري ڪيترن انسان دوست ڏاهن جو ڏس ملي ٿو جن هتان جي ماڻهن کي ذات پات کان پاسيرو رکي، مانَ ۽ شانَ سان جيئڻ جو ڏس ڏنو. انهن مان هڪ ورڌامانا مهاوير هو جنهن عام ماڻهن کي عزت آبرو ۽ سُک ۽ چين فراهم ڪرڻ لاءِ ”جين ڌرم“ جو بنياد وڌو ۽ ان ئي دؤر ۾ اسان کي ”گوتم ٻُڌ“ جو نالو نظر اچي ٿو. هن به مظلوم عوام کي ڦهليل ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ”ٻُڌ مت“ جو مول ستو رائج ڪيو جنهن ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌ ۾ به پنهنجون پاڙون پختيون ڪيون. اسان هت گوتم ٻُڌ جي زندگيءَ تي هڪ نظر وجهنداسين.



اسلام کان اڳ سنڌين جي اڪثريت گوتم ٻڌ جي پيروڪار هئي، هن ماڻهن جي وچ ۾ ذات پات جو فرق ختم ڪيو گوتم ٻڌ جو آبديش هو ته ”سروم دکم دکم“ زندگي ڏک ئي ڏک آهي.

### گوتم ٻُڌ:

گوتم ٻُڌ جو اصل نالو ”سڌارت“ هو. هو نيپال جي ويجهو هڪ شهر ’ڪپل وستو‘ جي ننڍڙي رياست جو شهزادو هو. سڌارت 16 سالن جي عمر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي برادريءَ جي هڪ همر عمر سوٽِ سان شادي ڪئي ۽ پنهنجي محل ۾ زندگي گذارڻ لڳو. پر هو ننڍي عمر ۾ ئي شاهاڻي زندگيءَ کان پاسي رهي سڀ کان الڳ ٿلڳ غور فڪر ۾ غرق رهندو هو. هو ماڻهن جا مسئلا وڏي همدردي ۽ ڌيان سان ٻڌندو ۽ ڏسندو هو. خاص ڪري ڪنهن وچڙندڙ بيماريءَ ۾ مري ويندڙ ماڻهوءَ لاءِ هن جو جيءُ جُهري پوندو هو.

هُو اجا اٺويهن سالن جو هو ته کيس پهرئين پٽ ڄمڻ جي خوشي ملي. هُن ان وقت ئي اهو فيصلو ڪيو ته هُو پنهنجي شاهاڻه زندگي ڇڏي حقيقت جي تلاش ۾ نڪري وڃي. هُن رات جي تنهائيءَ ۾ پنهنجو محل، زال، ٻار، مال ملڪيت تياڳي، حق جي تلاش ۾ جهنگ منهن ڪيو سچ جي حاصلات لاءِ ساڌن، سنتن ۽ جوڳين سان ملاقاتون ڪيائين ۽ پنهنجن سوالن جا حل تلاشيندو ۽ پنهنجي بيچين زندگيءَ کي چين ڏيڻ لاءِ جتن ڪندو رهيو. پر هن کي دل جو سُڪون حاصل نه ٿيو. هو انسان جي بيوسيءَ جي ازلي حل لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. ۽ ڏينهن رات گيان ڌيان لاءِ پپر جي وڻ هينان ويهي غور ۽ فڪر ڪندو رهيو. اهو وڻ اڳتي هلي ٻُڌ جي زندگيءَ جو روشنيءَ جو مينار ثابت ٿيو. هاڻي هو ”ٻُڌ“ يعني علم ۽ عرفان جو پيڪر بڻجي ويو. ٻُڌ کي جڏهن نرواڻ حاصل ٿيو ته سندس عمر 35 سال هئي. هن پنهنجي زندگيءَ جا باقي 45 سال اتر هندستان جي علائقن ۾ پنهنجي تعليم جي واڌاري لاءِ وقف ڪيا. هو وستي وستي گهمي ماڻهن ۾ سچ جي تعليم ڦهلائيندو رهيو. اهڙيءَ طرح هن جا هزارين پيروڪار نئين مذهب جي شڪل ۾ ملڪ جي هر طرف ڦهلجي ويا.(3) آخر ٻُڌ زهريلي کاڌي جو شڪار ٿي 483ق.م ۾ ديهانت ڪري ويو. هن جي هڪڙي پوئلڳ، جنهن کي خبر هئي ته ٻُڌ کُنبين کائڻ جو ڏاڍو شوقين آهي. اڻڄاڻائيءَ سبب زهريليون کنبيون گڏ ڪري پنهنجي آقا لاءِ پچايون. جڏهن هيءُ مقدس ماڻهو پرلوڪ پڌاري رهيو هو ته سندس پوئلڳ پنهنجي بيوقوفيءَ تي ڏاڍو پيئي رُنو. تنهن تي رحمدل ٻُڌ کيس تسلي ڏيندي چيو ته ”ڪا ڳالهه نه آهي، منهنجا دوست! کاڌو واقعي مزيدار هو.“ (4)

هن جي پر لوڪ پڌارڻ تائين سنڌ ۾ به گوتم ٻُڌ جي اُپديش ”سُروم دُکم دُکم“ (زندگي ڏک ئي ڏک آهي) جا گهڻا پيروڪار ٿي ويا. سنڌ جي غالب اَڪثريت گوتم ٻڌ جي هن عقيدي جي حامي ٿي وئي، جنهن ۾ هن ماڻهن جي وچ ۾ ذات پات جي فرق کي ختم ڪري ڇڏيو. هن قربانيءَ ۽ پيتا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي بہ فضول قرار ڏنو. هن چوتڪارڙي لاءِ نفس تي حاوي ٿيڻ جو درس ڏنو. سندس فرمان هو تہ خواهشون ئي ڏک ڪي جنم ڏين ٿيون.نرواڻ لاءِ عقيدي، ارادي، گفتگو هلت چلت، ڪرت، ڪسب، ڪوشش، ڌيان ۽ مقصد جي پاڪائي لازمي آهي.(5)

هيءَ ڌرم، هندو ڌرم جي پيدا ڪيل جاتين جي تفاوتن ڪي متائي ماڻهن ۾ مساوات جو سبق سيکارڻ جو مقصد وٺي آيل هو. هن زندگيءَ جي مسئلن ڪي حل ڪرڻ لاءِ اصلاح نفس ۽ حميده اخلاق(سٺا لڇڻ) جي بنياد تي نجات انساني حاصل ڪرڻ تي گهري.(6) بهرحال مهاتما ٻڌ جي حياتيءَ ۾ ئي سنڌ جا عام پيڙهيل ماڻهو برهمڻن جي انسان ڪُش قانونن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا هئا. نيٺ هنن کي پنهنجي پناهہ ٻڌ مت ۾ نظر آئي.

سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم:

مهاتما ٻڌ سنڌ ۾ پڻ آيو هو. ان لاءِ ڪاڪو پيرومل مهرچند آڏواڻي ٻڌائي ٿو تہ "ٻڌ ڌرم وارن ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ گوتم ٻڌ پنهنجا پوتر چرن (پاڪ پير) اسان جي سنڌ پرڳڻي ۾ گهمايا هئا ۽ سنڌي ماڻهن بہ ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو هو". هن مان ظاهر آهي تہ ان وقت سنڌ ۾ 'پالي' ٻولي چالو هئي، جنهنڪري اسان جا ماڻهو گوتم ٻڌ جي پرچار ۽ ٻڌ ڌرم جا ڌرمي پستڪ سمجهي سگهيا ٿي. (7)

تاريخ جا ورق اجا اهو ٻڌائڻ لائق نہ آهن تہ گوتم ٻڌ ڪهڙي دور ۾ سنڌ ۾ آيو هو. بهرحال اسان مهاتما ٻڌ کان اڳ جي تاريخ تي مختصر نظر وجهنداسين تہ هن ڌرتي تي تاريخدانن برهمڻن جو دور 1200 ق.م. کان 600 ق.م. تائين ٻڌايو آهي. هنن بعد سنڌ 550 ق.م. ڌاري ايران جي 'ڪيانيہ' خاندان جي زير اثر رهي، جنهن هن سر زمين تي بہ آتش پرستيءَ جو بنياد وڌو. ان ئي دور ۾ گوتم ٻڌ جو جنم ٿيو. جنهن ٻڌمت جي پرچار آهستي آهستي سنڌ تائين پهچايو. جنهن کان پوءِ هيءُ خطو يونانين جي تلوارن جي پاڇي هيٺ اچي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪندر اعظم ۽ سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم:

اسان گوتم ٻڌ جي ديهانت بعد سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جي عروج ۽ زوال تي هڪ نظر وجهنداسون.

سڪندر اعظم 325 ق.م. ۾ پنجاب کان ٿيندو سنڌ ۾ داخل ٿيو ته هن ٻڌمت جي ڀڪشوئن کي دنياوي ڌنڌن کان دور، گهٽو ڪري جهنگن، جهرن ۽ جبلن ۾ نرواڻ جي حاصلات لاءِ رياضت ۽ عبادت ۾ مشغول ڏٺو. جنهن وقت سڪندر، سڄي سنڌ کي پيلي رهيو هو ان وقت ٻڌ ڀڪشو زندگيءَ کي تياڳ ڏيئي جهنگن ۾ رهندا هئا. انهن سڪندر لاءِ ڪو به مسئلو پيدا نه ڪيو. سڪندر انهن ڀڪشوئن سان ملاقات جي خواهش ظاهر ڪئي، تڏهن تارڪ الدنيا فقيرن، حملي آور ڌارئي سان ملاقات کان لنوايو هو. (8)

پر ٻئي طرف سنڌ ۾ موجود برهمڻن، سڪندر خلاف سخت مزاحمت لاءِ ماڻهن کي اُڀاريو. تاريخ ۾ آهي ته" جلد ئي اها ڳالهه ظاهر ٿي ته سنڌ ۾ هڪ اهڙي خفيه طاقت موجود هئي، جيڪا ڌارين جي مقابلي ڪرڻ جي لاءِ ماڻهن جي دلين ۾ اٿل ارادو پيدا ڪري پئي سگهي. اها قوت برهمڻن جو اثر هو. سامين جي علائقي ۾ برهمڻن جو هڪ شهر ظاهر ظهور حملہ آور جي مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيهي رهيو. سڪندر فوراً انهيءَ شهر تي هڪ ڀرپور حملو ڪيو ۽ اتان جي سيني برهمڻن کي مارائي ڇڏيو. جو انهن کي ئي هن پنهنجي خلاف اُنهيءَ اُٿاريل بغاوت جو سبب سمجهيو." (9) ان دؤر ۾ ئي سنڌ جي اترين علائقن جي حاڪم موسي ڪئنس طرفان پڻ اهڙيون خبرون پهتيون ته هُن پڻ بغاوت جوجهنڊو بلند ڪيو. اهو برهمڻن جي اثر رسوخ جو نتيجو هو. سڪندر اها خبر ٻڌي ته ان علائقي جي ميڊوني گورنر پيٿو جي پٽ اگينور کي مناسب لشڪر ڏئي سندس ڪن مهٽ لاءِ روانو ڪيو. موسي ڪئنس کي پڪڙي جنگي قيدي بڻائي سڪندر جي آڏو پيش ڪيو ويو. سڪندر کيس سندس ئي ملڪ ۾ ڦاسي تي چاڙهيو. سندس لاش سان گڏ برهمڻن جا لاش به لڙڪي رهيا هئا، جن سنڌين کي ڌارين خلاف بغاوت لاءِ همٿايو هو.(10)

اهڙيءَ طرح سنڌ جي برهمڻن، جن هتان جي ماڻهن کي حملي آور سڪندر خلاف متحد ٿي مزاحمت ڪرڻ لاءِ اُڀاريو پر هو ناڪام ٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪندر پلاند ۾ اهڙن باغي برهمڻن جو سر قلم ڪرايو ان ڪري سنڌ ۾ هندو ڌرم کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. پر ان جي پيٽ ۾ اهنسا جي پوڄارين ۽ ٻڌ ڌرم جي پوئلڳن کي وڏي تقويت ملي.

## موريا گهراڻو:

يونانين کان پوءِ موريا گهراڻي (187_324ق.م) سنڌ ۾ اچي پير کوڙيا. هن گهراڻي جو باني چندرگپت به ٻڌمت جو شيدائي هو انڪري هن ڌرم کي پوري ننڍي کنڊ ۾ سرپرستي ملي ويئي.(11)

موريا هماليه جي علائقي موريا قبيلي مان هو. چندرگپت مگڌ جي حاڪم نندا جو ناجائز ٻار هو جنهن جي ماءُ جو نالو مورا هيو. (12) چندرگپت ٽئڪسيلا ۾ تعليم ورتي هئي. سندس ماءُ مورن پاڻ ڪري "مورا" سڏبي هئي. (13)

"سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ" ڪتاب ۾ آهي ته "چندرگپت موريا گنگانديءَ جي قائم ٿيل مگڌ بادشاهيءَ جي نند راجا جو جنرل هو. ۽ هن پنهنجي آقا جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو هو. سندس اها ڪوشش ناڪام ثابت ٿي ۽ هن وٽان ڀڄي اچي ڪيس پنجاب ۾ پناهه ورتي پيئي. انهيءَ هنڌ معلوم ٿئي ٿو ته هن جي ملاقات سڪندر اعظم سان ٿي.(14)

چندرگپت ڪجهه عرصو سنڌ ۾ رهڻ بعد هتان جي پورس بادشاهه کان مدد وٺي مگڌ جي نند راجا کي شڪست ڏني. هن جي علائقي تي قبضو ڪري ويهي رهيو.

موريا گهراڻي جو باني چندرگپت به ٻڌمت جو پوئلڳ هو. هن جي اثر ڪري ٻڌمت کي برصغير ۾ خاص ڪريٰ موجوده سنڌ واري علائقي ۾ ڦهلجڻ جو ڀرپور موقعو مليو.

## اشوڪ:

موريا گهراڻي ۾ چندرگپت موريا کان پوءِ سندس پوٽي اشوڪ جي دور ۾ ٻڌمت کي برصغير ۾ وڏو عروج مليو. "ارٿ شاستر" ۾ اشوڪ لاءِ لکيل آهي ته 300ق.م. ۾ هندستان جي عظيم شهنشاهه اشوڪ پاڻ ٻڌ مذهب اختيار ڪيو ۽ سڀ کان وڏو مبلغ ٿي ويو. پوءِ ٻڌ مت هندستان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڊڪڙيچ سان گڏ هندستان جي بلند جبلن ۽ سمنڊن کي پار ڪري چين ۽ ان پاسي جي ملڪن، برما، سيلون ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي پري پري ملڪن ٿائليند، انڊونيشيا، افغانستان، تبت، وچ ايشيا تائين ڦهليو هو. مهاتما ٻڌ کي نہ رڳو انهن جي پوئلڳن پر صدين کان ان جي عظمت کي سلام ڪرڻ وارن ”نورِ مشرق“ جي خطاب سان نوازيو.(15)

اسان کي سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جو گهڻو تاريخي ريڪارڊ ۽ احوال چين جي ياتري هيان سنگ وٽان ملي ٿو جيڪو 642ع ۾ سنڌ ۾ آيو هو. هن پندرهن سالن تائين هزارين ميل هند ۽ سنڌ جو سير سفر ڪيو. وٽانئس 138 ملڪن جي حڪومتن، ماڻهن، ريتن، رسمن، رهڻي ڪهڻي، عقيدن ۽ مذهبن جو احوال ملي ٿو. ان وقت هندستان تقريباً 70 ملڪن ۾ ورهايل هو. هن پنهنجو سفر جاري رکيو ۽ ٻڌ ڌرم جون پوتر جايون گهمندو رهيو. هن سنڌونديءَ جي مٿين حصي ۾ 628ع کان 631ع تائين ٽي سال گذاريا. ’هيان سنگ‘ پنهنجي سفر دوران سنڌ ۾ بہ آيو. هو بيان ڪري ٿو تہ ”مان گجرات کان اتر طرف پوائٽتو رڻ پٽ ۽ اوڪا لڪ (684 ميل) پنڌ ڪري سنڌ ۾ پهتس. مون ڏهہ هزار ڀڪشو ٽڙيل پکڙيل ڏٺا. اُهي سچ جا ڳولائو بوڌي سالڪ ويران جاين، جبلن ۽ ٻيلن ۾ دنيا تياڳي اڪيلا پيا رهن ۽ ارهت واري منزل ماڻڻ جي آس ۾ رات ڏينهن پيا جالين.“(16)

’هيان سنگ‘ پنهنجي سفرنامي ۾ ٻڌائي ٿو تہ ”آسوڪا جي گروءَ جو نالو سوامي اُپگپت هو. هو سنڌ ۾ جنهن بہ شهر ۾ آيو تہ سوڪا حڪم ڪيو تہ اُتي گوتم ٻڌ جي پاڪ سنک (رک) موڪلي وڃي ۽ انهن مٿان ٿُل نهرايا وڃن. عبادت لاءِ خانقاهون بہ تعمير ڪيون وڃن. ان ريت پهريون دفعو سنڌ کي گوتم ٻڌ جي رک ملي ۽ ٿُل نهڻ شروع ٿيا.(17)

ڪاڪو ڀيرومل ان ڳالهہ جي تصديق ڪندي لکي ٿو تہ ”گوتم ٻڌ پڏاريو تہ اٺن پرڳڻن جي رهاڪن سندس سنک (رک) پنهنجي پنهنجن پرڳڻن ۾ پوري، اُن جي مٿان ڏيورا نهرايا ۽ اهي هنڌ تيرن ليکجڻ ۾ آيا. مهاراجا اشوڪ انهن اٺن هنڌن تان سنک کڍائي ٿوري ٿوري ڪري، انهن ملڪن ۾ موڪلي، جن ۾ گوتم ٻڌ پنهنجي سر وڃي ٻڌ ڌرم جو پرچار ڪيو هو. مهاراجا اشوڪ جو گرو سوامي اپگپت بہ اهنسا جو مت ڦهلائڻ لاءِ جن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن شهرن ۾ ويو هو تن شهرن ۾ سنک ذرو موڪليائين. سوامي به سنڌ ۾ آيو هو تنهنڪري هن ساڳي سنک جو ذرو سنڌ کي به مليو ته سنڌي ماڻهن اسٽوپا (Stupa or pagoda) جوڙايا. وقت گذرندي اهي ڍهي ويا ته وري نوان سنوان ٺهيا. جن مان ڪاهوءَ جي دڙي ۽ موهن جي دڙي وارا اسٽوپا مشهور آهن.(18)

اشوڪ لاءِ وڏيڪ احوال ملي ٿو ته "بهرحال هيءَ ڳالهه غير امڪاني آهي ته ٻڌمت کي انهن ملڪن ۾ ان شاهي مبلغ جي زماني کان اڳ ڪو اثر رسوخ حاصل هوندو. جيتوڻيڪ اسان کي اٿين نه سمجهڻ گهرجي ته سنڌ ۾ يا ٻئي ڪنهن هنڌ ڪنهن "اشوڪا ٽوپ" جي موجودگيءَ متعلق سياح 'هيان سينگ' جي ڏنل ڪنهن حوالي جو مطلب هرويرو اهو آهي ته انهيءَ اسٽوپا جو بنياد ان شاهي مبلغ پنهنجن هٿن سان ئي وڌو هو. پر ايتري حقيقت تسليم ٿيل آهي ته اهڙن ٿلهن تعمير ڪرڻ جي پهرين تحريڪ ان جي طرفان ئي ٿي هئي."

ان ڳالهه ۾ شڪ ڪونهي ته سنڌ کي به ٻڌ جي انهن يادگارن مان حصو مليو جيڪي شهنشاهه اشوڪ پنهنجي سڄي سلطنت ۾ ورهي ڇڏيا هئا ۽ 'هيان سينگ' اها روايت به تحرير ۾ آندي آهي ته اشوڪ طرفان مختلف صوبن ڏانهن جيڪي تبليغي جماعتون روانيون ڪيون ويون هيون، تن جي مکيه انتظام سنياليندڙ اُپ گپت سنڌ ۾ ڪافي ڊگهي مدت گذاري هئي، جنهن دوران هُو اتان جي ماڻهن کي قانون سيکاريندو رهيو. سنڌن عقيدو مضبوط ڪندو رهيو ۽ سنڌن رهنمائي ڪندو رهيو. ۽ پنهنجي تبليغ جي سلسلي ۾ هن جتي به وڃي قيام ڪيو اُتي هن مڙهيون ۽ ٿل تعمير ڪرايا. اندازو لڳايو ويو آهي ته هن صوبي تي اشوڪ جو اتر الهندي علائقي وارو وائيسراءِ (نمائندو) حڪومت ڪندو هو جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ٽئڪسيلا هو.(19)

مطلب ته سنڌ ۾ موريا گهراڻي جي راجائن چندرگپت ۽ اشوڪ اعظم جي دور ۾ وڏي تعداد ۾ ٻڌمت جون مڙهيون، مندر اسٽوپا ۽ ڪتبا کڙا ڪيا ويا، جيڪي اڄ به قديم آثارن جي روپ ۾ قائم آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ڪُشن دور (پهرين صدي عيسوي):

سنڌ ۾ موريا گهراڻي کان پوءِ اسان کي ڪشن دور ۾ ٻڌمت جو ميلو متل ملي ٿو.

ڪُشن لوڪن پهرين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ دوران اتر الهندي هندستان مٿان قابض "پارٿين" لوڪن جي بادشاهيءَ جو خاتمو آندو. ڪُشن وچ ايشيائي گروهه "يوچي" جي پنجن قبيلن مان هئا، جن "ساڪ" لوڪن کي به صديون اڳ بئڪٽريا مان پڇايو هو. ڪشن جو سردار ڪچولاڪدفاشيز سڄي "يوچي قوم" جو حاڪم هو. هن 50ع ڌاري ڪابل ماٿريءَ تي قبضو ڪيو. هن جي پُٽ "وما" ٽئڪسيلا ۽ پر پاسي وارن علائقن کي پنهنجي حڪومت ۾ آندو.

وما جو جانشين ڪنشڪ 87ع ڌاري ڪشن گهراڻي جي تخت تي وينو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ اتر سنڌ جو حڪمران ٿي ويو. بهاولپور پرسان سُئي وهار ۾ لڳل ڪتبي ۾ هن پاڻ کي "ڪنشڪا بادشاهن جو وڏو بادشاهه ۽ ديوتائن جو پُٽ" سڏيو آهي. ڪنشڪ، ڪشمير، گنگا ماٿري ۽ اتر اولهه هندستان جي وڏي علائقي کي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ شامل ڪري ڇڏيو. هن "پارٿين" لوڪن کان ڪاشغر، يارقند ۽ خطن جا صوبا کسي ورتا.

ڪنشڪ پشاور پرسان پرشپور کي پنهنجي گادي بڻايو. هو پنهنجي وائسرائن جي مدد سان پنهنجي ڦهليل علائقي تي راڄ ڪندو هو. هُو ڪنشڪ 23 سال حڪومت هلائي ٻي صدي عيسويءَ جي آغاز ۾ ديهانت ڪري ويو. هن جي جانشين مان هوويشڪ ۽ واسوديو پنهنجا نالا ڪمايا. اهڙيءَ طرح اتر سنڌ وڏيڪ ٻن صدين تائين ڪشن لوڪن جي قبضي ۾ رهي.

ايڇ. ٽي. لئمبرڪ سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم لاءِ عيسوي سن جي شروعاتي صدين ڏي ڌيان ڇڪايو آهي ته: "تاريخ عيسوي سن جي پهرين پنجن صدين دوران، سنڌ جي معاملن تي ڪا مختصر روشني وجهي ٿي. هيءُ صوبو ايران جي حڪمرانن ۽ انهن طاقتن جي وچ ۾، جيڪي وقت بوقت هندستان جي اتر الهندي ملڪ تي مسلط هيون، هميشه اختلاف ۽ دشمنيءَ جو باعث رهيو. انهن غيريقيني ۽ ڦرندڙ گهرندڙ حالتن ۽ انقلابن دوران انهيءَ ملڪ جي استحڪام جو هڪ عنصر ٻڌ ڌرم معلوم ٿئي ٿو. ڪنشڪ پنهنجو ڌرم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدلائي ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو هو ۽ ساڪ گورنر به ان ڌرم لاءِ دشمنيءَ جا جذبا نہ رکندا هئا.

انهيءَ سڄي ڊگهي زماني ۾ سنڌ جا عام ماڻهو مجموعي طور ٻڌ ڌرم جي پيروي ڪندڙ هئا. سنڌ ۾ جيڪي استوپا (دڙا) موجود آهن، تن مان اڪثر پهرين ۽ پنجين صديءَ جي درميان تعمير ڪيا ويا هئا.(20)

قديم آثارن جي ماهرن جي تحقيق مطابق اهو سارو عرصو سنڌ ۾ سنڌين جو مذهب ٻڌمت هو. ڪشن جو دور ٻڌمت لاءِ سياڳو ثابت ٿيو. ٻڌمت جون ڪافي جايون هن دور ۾ تعمير ٿيل آهن.

موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪندڙ آر.ڊي بئنرجيءَ اتان جي ڪيترن ئي ٻڌ ڌرم جي عمارتن مان هوويشڪ جي جانشين واسو ديو جي سڪن جو وڏو تعداد لڌو. ساڳئي وقت موهن جي دڙي واري استوپا کي ٻي صدي عيسويءَ سان منسوب ڪيو ويو آهي. تعمير جي طرز متعلق شهادت جي بنياد تي ميرپورخاص ۽ ٿل ميرڪن وارا استوپا هڪٻئي جا همعصر، پر ڪجهہ قدر بعد واري دور جا آهن.(21)

ڪشن دور ۾ خاص ڳالهہ، جنهن ٻڌمت جي پوڄارين ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو سا هئي بت تراشن مهاتما گوتم ٻڌ جي مورتين کي گهڙي، پنهنجي مندرن ۾ سنواري سينگاري رکڻ. جيئن ”قومن جي عالمي تاريخ“ ۾ آهي تہ ”ڪشن بادشاهہ ٻڌ ڌرم جا مڃيندڙ هئا. جن مذهبي فن جي هڪ اهڙي نموني کي اڳتي وڌايو جنهن کي ’گنڌارا‘ سڏجي ٿو. هن کان اڳ ٻڌ جا پيروڪارن ۽ فنڪارن سندس تعليم تي هلندي ڪڏهن بہ کيس انساني شڪل ۾ نہ ڏيکاريو هو. ٻڌ جي تعليم مطابق بت پرستيءَ جي منع ٿيل هئي. گنڌارا آرٽ جنهن گهڻي ڀاڱي يونانين کان پرايو آهي. اُن ۾ ٻڌ جي شڪل بردبار ۽ ڏکايل ڏيکاريل آهي.“(22)

ڪشن دور ۾ اسان کي سنڌ ۾ ڪافي ٻڌمت جا آثار ملن ٿا، جن ۾ ڪاهوءَ جو دڙو، موهن جو دڙو ۽ سڌيرن جا ٿل جڳ مشهور آهن. ساڳئي وقت گنڌارا آرٽ ان دور ۾ ئي عروج تي پهتو. تاريخ ۾ پهريون دفعو مهاتما ٻڌ جون مورتيون گهڙي مندرن ۾ رکيون ويون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## راءِ گهراڻو:

سنڌ تي 644_550 عيسويءَ تائين ٻڌ ڌرم جي پوڄارين راءِ گهراڻي جي راڄائن بادشاهي ڪئي. هن خاندان جو پهريون بادشاهه ڏيواڄ يا هو. ٻيو حڪمران سهرس هو جيڪو الور تي حڪومت ڪندو هو. سهرس بعد سندس پٽ راءِ سهاسي تخت تي ويٺو. جنهن بعد ان جي پٽ سهسي بادشاهي ماڻي. سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جو خاتمو 644ع ڌاري ٿيو.

راءِ گهراڻي جا سڀ حاڪم سادا سباجهڙا هئا. هو عام ماڻهن منجهان هئڻ ڪري رعيت جو وڏو خيال رکندا هئا. تاريخدانن هنن جي حڪمراني کي "سنڌ جي ٻڌمت بادشاهي" لکيو آهي. چيني سياح 'هيان سينگ' اتان جي عام ماڻهن ۾ ٻڌمت جي قانون لاءِ احترام جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته "مڙهيون هت بيشمار هيون. سن –تو (پنجاب؟) ۾ سوين ۽ اي–نيئن –پو– تچي–لو-برهمڻ آباد؟) ۾ آسي. پر سن–تو جا ٻاوا سست ۽ بدباطن هئا. ٻئي طرف هت ڪيئي ڏاها ۽ نيڪ ماڻهو هئا, جيڪي علم جا پياسا هئا ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو جبلن ۽ جهنگن ۾ اڪيلا هليا ويندا هئا."(23)

چيني سياح جي سفرنامي ۽ ٻين قديم آثارن جي کوجنا دوران اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته راءِ گهراڻي جي دور ۾ سنڌ اندر ٻڌمت پنهنجا پير پختا ڪري چڪي هئي ۽ سنڌ جي ڏور دراز علائقن ۾ ٻڌ ڀڪشو گيڙو رنگ جون ڪفنيون پائي عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول ٿيندا هئا.

## برهمڻ دور:

راءِ سهاسي ٻئي جي دور ۾ الور جي هڪ مندر جي برهمڻ, سيلائج جي پٽ چچ, هن جي دربار ۾ رسائي حاصل ڪئي. چچ ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجي حڪمت ۽ حرفت سان راءِ سهاسي جي زال سهنديءَ سان شادي ڪري سنڌ جي تخت تي قابض ٿيو. چچ جي دور ۾ برهمڻ آباد, ٻوڌين جو هڪ وڏو مرڪز هو. ايڇ.ٽي.لئمبرڪ لکي ٿو: "برهمڻ آباد جو صوبو سنڌ اندر ٻڌ ڌرم وارن جو مکيه ۽ مضبوط ڳڙهه هو ۽ چچ اهو محسوس ڪيو ته هو اتي ڦهليل مذهب جي فائدي ۾ رهڻ سان ئي ملڪ تي قبضو قائم رکي سگهندو. ٻوڌي, اميرن ۽ وڏن ماڻهن جي تعاون ۽ حمايت کان سواءِ هو اتان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ”سخت ۽ ڪنور فطرت“ رکندڙ جَتن ۽ لوهاڻي قبيلي جي ماڻهن جي انهن سخت قاعدن ۽ قانونن کي مسلط ڪرڻ جي اميد ڪري نه پئي سگهيو.(24)

چچ جي وفات کان پوءِ سنڌ جي حڪومت سندس ڀاءُ چندر کي ملي، جنهن بعد ۾ هن ملڪ جون واڳون چچ جي پٽ ڏاهر جي حوالي ڪيون.

سنڌ ۾ هن خاندان جي حڪومت قائم ٿيڻ سان برهمڻن وري زور وٺڻ شروع ڪيو. هنن گوتم ٻڌ جي پوئلڳن لاءِ ڏاڍو ڏهڪاءَ وارو رويو اختيار ڪيو. اهڙي طرح آهستي آهستي سنڌ ۾ ڦهليل وسيع ٻُڌمت ڪمزور ٿيڻ لڳي ۽ ان جي جاءِ تي هندو ڌرم ڪرُ کڻڻ لڳو. برهمڻن جي زيادتين کان تنگ ٿي ٻُڌ جي پوئلڳن به برهمڻن خلاف سازشون سٽڻ شروع ڪيون. اها متيبيد ۽ نفرت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ايتري ته وڌي ويئي جو جڏهن راجا ڏاهر جي دور ۾ محمد بن قاسم سنه 712ع ۾ سنڌ تي حملو ڪيو ته سنڌ جي ٻوڌين ڪلي عام عربن کي ڀليڪار ڪئي ۽ انهن کين ڀرپور ساٿ ڏنو. نتيجي ۾ عربن کي سنڌ فتح ڪرڻ ۾ ڪا به ڏکيائي ڪانه ٿي. اڳتي هلي ڪافي ٻوڌين اسلام قبول ڪيو. ساڳئي وقت ٻوڌين جي عبادتگاهن کي به نقصان پهچايو ويو ان لاءِ هينري ڪزنس لکي ٿو ته ”عربن تباهي ڪئي پر تعمير ڪانه ڪئي. اهي اولهه کان ڦهريان حملہ آور هئا، جن پنهنجي نئين قائم ڪيل مذهب جي پرجوش تبليغ واسطي هندن ۽ ٻوڌين جي مذهبي جاين کي مسمار ڪيو.(25)

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ 550ق.م. کان پير پائيندڙ ٻُڌ مت جو انت 700ع ڌاري اچي ويو.

## سنڌ ۾ ٻُڌ اسٽوپا جي اڏاوت جو آغاز:

اڳ ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي ته ڪپل وستوءَ جو شهزادو گوتم ٻُڌ 563 ق.م. ۾ پيدا ٿيو ۽ 483 ق.م. ۾ ديهانت ڪيائين. مرڻ بعد سندس چِتا کي ساڙيو، اُها رَک انن ملڪن ۾ ورهائي وئي، جتي انهيءَ رَک مٿان ڏيوڙا ۽ ٿُل جوڙيا ويا، جيڪي زماني گذرڻ سان ٻڌ مت جا وڏا عبادت گاهہ بڻجي ويا. بدقسمتيءَ سان سنڌ جي ماڻهن کي گوتم ٻُڌ جي مرڻ بعد سندس خاڪ کان محروم رکيو ويو جنهن ڪري اُن دؤر ۾ سنڌ ۾ ان خاڪ مٿان ڪا به ڏيوڙا يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استوپا نہ بيهاريا ويا. لئمبرڪ چوي ٿو تہ ”سنڌ ۾ جيڪي استوپا (دڙا) موجود آهن سي ڪي اڪثر پهرئين ۽ پنجين صديءَ جي درميان تيار ڪيا ويا هئا.“(26)

سنڌ ڪي پهريون دفعو گوتم ٻڌ جي سُنک (جسم جي خاڪ) اشوڪ جي دور ۾ ملي. اشوڪ اعظم 300 ق.م. هندستان جو شهنشاهہ ٿيو تہ هن جي دور ۾ ٻُڌمت هندستان مان نڪري ٿائلينڊ، انڊونيشيا، افغانستان، تبت، چين، ڪوريا، جپان ۽ سنڌ تائين ڦهلجي ويئي، تنهنڪري اشوڪ حڪم ڪيو تہ گوتم جي رَک جي ٻيهر ونڊ ورهاست ڪري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلائي وڃي. اشوڪ اڳ ۾ نهيل اٺن ڊيوڙن مان ستن ڪي کولڻ لاءِ چيو. ان بعد اُنهن ڊيوڙن ۾ پُوريل رک کي ٻيهر چوراسي هزار 84000 حصن ۾ ورهائي نَون ٺُلن ۾ دفن ڪيو ويو.(27)

جيئن تہ اشوڪ جو گرو اُپگپت ڪافي وقت سنڌ ۾ رهيو هو ۽ ٻُڌمت جي تبليغ سنڌ جي جهر، جهنگ ۽ جبلن ۾ ڪئي هئائين، انڪري گوتم ٻُڌ جي ٻيهر ورهايل ”خاڪ“ مان سنڌ وارن کي ورسايو ويو. چيو وڃي ٿو تہ سنڌ ۾ ميرپورخاص وٽ ”ڪاهوءَ جودڙو“ سنڌ ۾ پهريون ٺُل آهي، جيڪو اُن دور جو يادگار آهي.(28)

اهڙي طرح سنڌ ۾ ٽيون ٻيرو استوپا ڪشن گهراڻي جي دؤر جا يادگار آهن. خاص ڪري ڪشن گهراڻي جي باني حاڪم راجا ڪشن(123ـ 78عيسوي) جي دؤر ۾ ٻُڌمت جو عروج رهيو. راجا ڪشن پاڻ بہ سنڌ جي دوري تي آيو هو. هن حڪم ڪيو هو تہ ”منهنجي دور جي ياد ۾ مکيہ هنڌن تي ٺُل ۽ ڊيوڙا جوڙيا وڃن“. جيڪي هن وقت سنڌونديءَ جي پراڻن وهڪرن جي پر ۾ زبون حالت ۾ موجود آهن.(29)

سنڌ ۾ ٻوڌين جون گهڻيون عبادتگاهون ڪشن دؤر ۾ اڏيون ويون آهن. سڌيرڻ واري دڙي واريون ٻُڌمت جون اڏاوتون پهرين صدي عيسويءَ جون آهن. موهن جي دڙي وارو ٺُل بہ ٻي صدي عيسويءَ جو جُڙيل آهي. ساڳيءَ طرح مشهور ٻڌ ٺُل مير رکڻ بہ ان دور جو آهي. ميرپورخاص واري استوپا لاءِ لئمبرڪ لکي ٿو تہ ”ميرپورخاص واري استوپا مان لڌل تمام باريڪ دٻلي ۾ شايد اهڙي ننڍڙي شيءِ رکيل هوندي ۽ اهو ممڪن آهي تہ اصل ۾ اها راجا اشوڪ جي زماني ۾ تعمير ٿيل استوپا ۾ رکي وئي هوندي، ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ وري انهيءَ جاءِ تي ٿاهيل انهيءَ اسٽوپا ۾ محفوظ ڪئي وئي هوندي.“(30)

انهن حوالن مان ظاهر آهي تہ سنڌ ۾ ٻُڌمت جا آثار ٽن مختلف دؤرن ۾ جوڙيا ويا هئا. پهرين جڏهن سنڌ کي اڃا گوتم ٻُڌ جي جسم جي خاڪ ڪانہ ملي هئي. ٻيو دؤر اشوڪ جو زمانو جنهن مهل ٻُڌمت جي خاڪ جي ٻيهر ورڇ ٿي، ان مان سنڌ کي بہ حصو ڏنو ويو. خيال آهي تہ ان دور ۾ ميرپورخاص وارو ٿُل نهيو هو جنهن کي بعد ۾ ٻيهر تعمير ڪيو ويو هو. ان بعد ڪشن دور ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيترائي ٿل ٻيهاريا ويا، جن جا آثار اڄ بہ سنڌ جي جدا جدا هنڌن تي ڏسي سگهجن ٿا.

**محمد بن قاسم ۽ سرٽي ڪوٽ:**

اسان هاڻي سنڌ ۾ ٻُڌمت واري عروج واري ذڪر ڪان پوءِ ان جي زوال سان گڏ ”سِرٽي ڪوٽ“ جو بہ احوال ڪنداسين.

محمد بن قاسم سنڌ ۾ ٻير پاڙڻ بعد جيڪي بہ فتوحات ڪيون، تن ۾ هتان جي برهمڻن جي مخالفن ٻُڌ ڀِڪشوئن جو بہ عرب لشڪر سان ڀرپور ساٿ رهيو. خاص طور تي اُهي شهر جن ۾ ٻُڌن جا مندر ۽ مڙهيون هيون يا جن هنڌن تي ٻڌ اڪثريت ۾ هئا، اُتي عربن کي قبضي ڪرڻ ۾ ڪابہ رڪاوٽ ڪانہ ٿي. اهڙي نموني سنڌ کي فتح ڪندو محمد بن قاسم جڏهن ٻڌن جي مکيہ عبادتگاهہ برهمڻ آباد هٿ ڪيو تہ هن پنهنجي لشڪر جو رخ اتر ڏي سنڌ جي قديم شهر الور طرف ڪيو. محمد بن قاسم الور پهچڻ تائين رستي ۾ جن بہ شهرن مان گذريو مختلف تاريخن ۾ انهن منزلن جو ڏس پتو تہ ملي ٿو پر اڄ ڏينهن تائين انهن مان گهڻن شهرن جي جاگرافيائي بيهڪ تي بحث جاري آهي. اهڙيءَ طرح زير بحث شهر ”سِرٽي ڪوٽ“ جي قدامت سان گڏ تاريخي حوالن سان ان جي جاگرافيائي بيهڪ ڳولڻ جي هتي ڪوشش ڪنداسين.

سنڌ جي گهڻن اوائلي شهرن جي برپا ٿيڻ ۽ زوال جو واسطو سنئون سڌو ”سنڌو درياهہ“ سان رهيو آهي. اڄ بہ ڪنهن قديم شهر جو ٻيرو کڻڻ لاءِ اسان کي سنڌوءَ جي پراڻن گهَٽن ۽ گهيڙن کي ووڙڻو پوي ٿو خاص ڪري زير موضوع تاريخي ماڳ ”سِرٽي ڪوٽ“ جو دروازي کڙڪائڻ لاءِ بہ پاڻ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌوءَ جي وساريل وهڪرن کي ڏسڻو پوندو. ڇو جو عرب دور ۾ تاريخ ۾ ذڪر ڪيل شهرن جو ڏس پتو بہ سنڌوءَ جا وهڪرا ئي ڏيندا. محمد بن قاسم جي فتح مهل ان وقت سنڌ جي جاگرافيائي ۽ انتظامي ورهاست لاءِ 'چچ نامي' تي هڪ نظر ضروري آهي.

"راءِ سهرس بن ساهسي نالي هڪ هندو راجا پنهنجي ملڪ تي چار حڪمران (نائب) مقرر ڪيا هئا. هڪ کي برهمڻ آباد ۽ نيرون ڪوٽ جي قلعي کان وٺي ديبل، لوهاڻو (يعني لاکا ۽ سما ايراضين وارو علائقو) ويندي سمنڊ تائين، انتظام هيٺ ڏنائين. ٻئي کي سيوستان جي مرڪزي شهر ۾ ٻڌيہ، جنگان، رونجهان، ڪوهہ پايہ، ويندي مڪران تائين سمورا علائقا حواليِ ڪيا. ٽيون اسڪلنده ۽ ياٽيہ جي قلعي ۾ (جنهن کي تلواڙو ۽ چچپور بہ چوندا آهن) رهندو هو ۽ اتي جي آسپاس وارا ملڪ ديوهلپور تائين وارا علائقا ڏنا هئائين. چوٿين کي ملتان جي شاندار شهر ۾ رهايائين جنهن سڪہ، برهمپور، ڪرور، اشهار ۽ تاڪيہ ويندي ڪشمير جي حد وارا علائقا پنهنجي حڪومت هيٺ رکيا ۽ ڪردان، ڪيڪانان ۽ برهاس پنهنجي حڪم هيٺ رکيا ۽ اروڙ کي پنهنجو تختگاهہ مقرر ڪيو."(31)

چچ نامي جي مٿين سٽن ۾ "سنڌ جي ٻڌمت جي بادشاهي" کي پنجن صوبن ۾ ورهايل ٻڌايو ويو آهي، جن جا الور برهمڻ آباد، سيوهڻ، اسڪلنده (اُچ) ۽ ملتان دارالحڪومت هئا. جيئن تہ موجوده وقت بہ سِرٽي ڪوٽ جي جاگرافيائي بيهڪ سيوهڻ صوبي ۾ نظر اچي ٿي، اسان تاريخ ۾ سيوهڻ جي پرسان ذڪر ڪيل ٻوڏين ٻين جي ڪجهہ مکيہ شهرن جو جائزو پڻ وٺنداسين. سڀ کان پهريائين اسان سنڌ جي قديمي ڪتاب چچ نامي جي ورق گرداني ڪريون ٿا.

"جڏهن محمد بن قاسم برهمڻ آباد جي بندوبست ۽ ايرنڊي الهندي ڳوٺن ۽ پسگردائيءَ جي معاملن کان فارغ ٿيو تڏهن خميس جي ڏينهن 3 محرم سنہ 94 هجري منزل پٺي ساونديءَ جي انهيءَ جاءِ تي لٿو جنهن کي 'منهل' چون ٿا. اتي هڪ فرحت افزا ڍنڍ ۽ سرسبز چراگاهہ هو جنهن کي 'ڍنڍ وڪر بهار' چوندا هئا. انهيءَ ڍنڍ جي ڪناري منزل ڪيائين. انهيءَ پاسي جا سڀ ماڻهو شمني ۽ ٻڌ وارا واپاري هئا...انهيءَ پاسي جا ٻهراڙيءَ وارا ماڻهو جَٽ هئا." (32)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايچ.ايم. اليٽ وري ساوندي لاءِ رقم طراز آهي تہ ”محمد بن قاسم برهمڻ آباد واري علائقي جي انتظامي ڪاروبار ڪان واندو ٿي، ان جي ايرندي ۽ الهندي جوءِ جو چڱيءَ ريت بندوبست ڪري اڳاري ڏينهن 3 محرم 94هہ (آڪٽوبر 712ع) تي اڳتي روانو ٿيو ۽ وڃندو ساونديءَ واري علائقي جي منهل واري ٽاڪ وٽ اچي منزل ڪيائين، جن مان هڪ ڪي ڍنڍ ۽ ٻئي کي ڪربها (Karbaha) (وڪربهار۔ چچ نامو) پئي سڏيائون. هن ڍنڍ جي ڪناري تي اچي منزل ڪئي. هتان جا رهواسي ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ هئا، جن سيني اچي محمد بن قاسم جي آڏو آڻ مڃي جنهن حجاج جي فرمان موجب سيني کي امان ڏئي ڇيو تہ اوهان پنهنجي وطن ۾ خوش ۽ آسودا رهو ۽ پنهنجي ڍل مقرر وقت تي ادا ڪندا رهو. پوءِ مٿن ڍل مقرر ڪئي ويئي. هر هڪ قبيلي جو لٽ سردار مقرر ڪيائين. اهڙيءَ ريت بوادو شمني ۽ ٻڌيمني يمن ڍول سندن بہ سردار ٿيا. هن علائقي جي پوکي راهي جَتن جي هٿ ۾ هئي، اُهي بہ اچي محمد بن قاسم جي آڏو پيش پيا، جنهن کين امان ڏني. جڏهن سڀ معاملا نيڪ ٿي ويا، اهڙو احوال حجاج بن يوسف ڏانهن لکيو ويو.“(33)

تاريخ جي انهن سٽن ۾ سيوهڻ صوبي جي ٽن هنڌن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن ماڳن تي عرب لشڪر منزل ڪئي هئي: ساوندي، منهل ۽ ڍنڍ وڪربهار.انهن ٽاڪن جا رهواسي ٻڌمت جا پوڄاري هئا. انهن شهرين محمد بن قاسم جي فوج سان ڪوبہ مهاڏو ڪونہ اٽڪايو. ساڳئي وقت هتان جا ماڻهو وڻج واپار ڪندا هئا. هن زرخيز علائقي جي زراعت مشهور هئي. هن جي ٻهراڙيءَ ۾ جَت رهندا هئا.

مٿين حوالن مان معلوم ٿيو تہ برهمڻ آباد ڪان پوءِ، فاتح سنڌ اروڙ لاءِ ڪوچ ڪيو. انهيءَ واٽ تي ٽن ماڳن جو ذڪر ملي ٿو: ساوندي، منهل ۽ وڪر بهار. هاڻي اسان تاريخي ۽ جاگرافيائي طور اِن ساوندي، منهل ۽ وڪربهار وارن ماڳن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي ڇوڙ مطابق: ”قديم وقت ۾ ڪشمير جي راجا ساونديءَ جي شهر کي سنڌونديءَ ڪناري ٻڌايو هو. هيءُ ڪشن گهراڻي جي راجا ڪانشڪا جو دور هو جيڪو جڏهن سنڌ جي دوري تي آيو تہ سندس دوري جي ياد ۾ پنجاب، ٻهاولپور توڙي سنڌ ۾ ٻڌمت جا تعميرات ٿيا ۽ هي تعميرون سندس ديهانت بعد پوين هلايون.“(34)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن محققن ”ساوندي“ شهر جي اڏاوت کي ڪانشڪا جي دور سان منسوب ڪيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ ساوندي شهر کي موري تعلقي جو موجوده شهر ”ساوڙي“ سڏي ٿو.(چچ نامو 511) هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب ۾ ”ساوندي“ کي ڏيپر گهانگهري سان تشبيهه ڏني آهي. ڪزنس ان راءِ جو هو تہ ڏيپر گهانگهري جو پڊ، جنهن ۾ مکيہ انگ ”ٻُڌ جو ٺُل“ آهي، سو ٿي سگهي ٿو تہ ٻوڌين جي ”ساوندي“ (Sawandi) نالي وسندي هجي. محمد بن قاسم برهمڻ آباد چڙهڻ تي پهرين منزل ”ساوندي“ ڪئي هئي. ڪزنس هيءَ دلچسپ ڏس بہ ڏئي ٿو تہ اها متان ’ٻڌنوبهار‘ واري مڙهي هجي، جا راءِ چچ برهمڻ آباد تي قبضي ڪرڻ کان سنت پوءِ ڏسڻ ويو هو.(35)

پر منهنجي خيال ۾ ڏيپر گهانگهرو برهمڻ آباد (جنهن کي منصوره بہ چيو وڃي ٿو) کان چند ڪلوميٽر پري آهي. جڏهن تہ ڏيپر گهانگهرو ۽ برهمڻ آباد بہ جاڙا شهر آهن، ان ڪري هينري ڪزنس جي اها ڳالهہ ڏيپر گهانگهرو اصل ۾ چچ نامي وارو ساوندي آهي. ان امڪان کي سولائيءَ سان رد ڪري سگهجي ٿو.

ان کان سواءِ ڪن محققن جي ان ڳالهہ تي بہ اختلاف ڪري سگهجي ٿو تہ موجوده وقت ساوڙي شهر ئي چچ نامي ۾ ذڪر ڪيل ساوندي آهي. منهنجي خيال ۾ ”سِرٽي ڪوٽ“ کي بہ اسان گم شده ماڳ ”ساوندي“ طور تسليم ڪري بحث کي ڪجهہ اڳتي وڌائي سگهون ٿا.

* تاريخن ۾ آهي تہ محمد بن قاسم، برهمڻ آباد کي فتح ڪرڻ کان پوءِ اتر ۾ قائم سنڌ جي گاديءَ واري هنڌ اروڙ طرف پيش قدمي ڪئي. هن کي رستي ۾ ساوندي پر سان قيام ڪرڻو پيو.

* اسان رڳو ساوندي لفظ جي ويجهڙائي ڪري ساوڙي کي تاريخ ۾ ذڪر ڪيل ماڳ ساوندي سمجهي رهيا آهيون. اج بہ ساوڙي جا مختلف نالا ٻڌايا وڃن ٿا، جيئن ساوتري، ساوندري، سانوري وغيره. صرف نالي جي ٿوري گهٽي مشابهت ڪافي نہ آهي.

* ان جي بنسبت اسان کي ”سِرٽي“ نالي جي ويجهڙائيءَ سان گڏ ٻُڌ ڌرم جا واضح آثار بہ ملن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* موجوده وقت ذڪر ڪيل ساوڙي ڳوٺ جي بيهڪ 26.31.708 اتر ۽ 68.09.379اوڀر آهي. جڏهن ته سِرٽي ڪوٽ جي بيهڪ 26.45.36 اتر ۽ 68.02.11 اوڀر آهي. ان مان لڳي ٿو ته سِرٽي ڪوٽ ساوڙي شهر کان وڏيڪ اتر اولهه ۾ اروڙ واري پاسي آهي.

* اسان کي چچ نامي ۾ محمد بن قاسم جي حملي وقت ذڪر ڪيل ڪافي شهرن جا ڪجهه نه ڪجهه اهڃاڻ ملن ٿا، جيئن ديبل، برهمڻ آباد، جهم، راوڙ دهليل، اروڙ وغيره. پر اسان کي ساوندي وٽ ڪو به اهڙو آثار يا ٿنوڙو نٿو ملي.

* ان جي بنسبت اسان کي "سِرٽي" وٽ هڪ عاليشان استوپا ملي ٿو.

* چچ نامي ۾ ذڪر ڪيل گهٽن شهرن جي چوڌير حفاظتي ديوار ڏنل آهي، جيئن برهمڻ آباد، اروڙ دهليل، جهم وغيره ڪوٽن ۾ قيد هئا. پر ساوندي جي چوگرد ڪنهن به اهڙي حفاظتي ڪوٽ جا آثار نه آهن.

* ان جي مقابلي ۾ "سِرٽي" اڄ به هڪ مضبوط ڪوٽ سان گهيريل آهي.

* چيو وڃي ٿو ته عرب لشڪر ساوندي پرسان منهل وٽ اچي منزل ڪئي. اڄ به موري شهر ويجهو منهڙو شهر آباد آهي، جيڪو ماهرن جي راءِ مطابق اهو ساڳيو "منهل" آهي.

* موجوده رائج نقشن مطابق برهمڻ آباد کان اروڙ طرف ويندي، رستي ۾ پهريان ساوڙي اچي ٿو ان بعد ان جي اتر اولهه ۾ نون ڪلوميٽرن تي منهوڙو آهي.

* چيو وڃي ٿو ته محمد بن قاسم پهريائين منهل (منهوڙو) وٽ منزل ڪري ان بعد ساوندي ڏي ڪاهه ڪئي.

* هاٽوڪن نقشن مطابق اها ڳالهه مونجهارو پيدا ڪري ٿي ته محمد بن قاسم اتر طرف ايڏو پنڌ ڪري منهوڙي وٽ منزل ڪرڻ بعد وري 9- ڪلوميٽر واپس ڏکڻ طرف وڃي حملو ڪيو هو جو جو ساوڙي منهوڙي کان نو ڪلوميٽر ڏکڻ اوڀر ۾ آهي. موجوده نقشا ته اهڙي پيش قدميءَ جو سبب نٿا ڏسن. البت ان دور جي زميني حقيقتن لاءِ چئي نٿو سگهجي.

* ان جي پيٺ ۾ اسان جو ذڪر ڪيل "سِرٽي ڪوٽ" منهوڙي کان وڏيڪ اتر اولهه ۾ اروڙ طرف ڏي واقع آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* اوائلي ڪتاب ساوندي پرسان ٻن ڏنڊن جو ذڪر ڪن ٿا. هڪ کي ڏنڊ ۾ ٻئي کي وڪربهار جي نالي سان سڏيو ويو آهي. اسان کي ساوڙي شهر جي پرسان ڏنڊ نظر اچي ٿي، جيڪا هڪ اوائلي خشڪ وهڪري جي پيٽ ۾ آهي.

* ان جي پيٽ ۾ مڪاني لوڪ سِرٽي ڪوٽ جي پرسان ٻن ڏنڊن جو ڏس ڏين ٿا، جن ۾ سارو سال پاڻي هوندو هو. وڪربهار جو لفظ بهار مان ورتل آهي. دراصل وهار ٻوڌين جي مندر کي چيو ويندو آهي. ممڪن آهي ته اها ڏنڊ ٻوڌين جي ان مندر (استوپا) جي وڏيڪ ويجهڙائي ۾ هئڻ ڪري ان ڏنڊ کي به وڪربهار ڏنڊ سڏيو ويو هجي.

* ڪن محققن موجوده ٿُل مير رکڻ کي وڪربهار سڏيو هجي. حالانڪ ٿل مير رکڻ موجوده ساوڙي شهر کان 6 ڪلوميٽر ۽ سِرٽي ڪوٽ کان 30 ڪلوميٽر اولهه ڏکڻ ۾ آهي.

* ساوندي جي ماڻهن لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته هتان جا ماڻهو واپاري هئا. اسان کي خبر آهي ته آڳاٽي زماني ۾ هتان جي ماڻهن جو وڻج واپار سنڌو درياهه سان لاڳاپيل هو. خاص طور تي سنڌو درياهه جا بندر ۽ پتڻ وڏا واپاري مرڪز رهيا آهن. ظاهر آهي ته ساوندي به هڪ درياهي بندر هو جتي سوداگرن جو ڇهچٽو هوندو هو ۽ سرٽي ڪوٽ ويجهو صدين کان سنڌو درياهه جي مستو مست موجن جو مزو ماڻي سگهجي ٿو.

مٿئين اقتباس ۾ هتان جي پوکي راهيءَ جي تعريف ڪئي وئي آهي. تاريخ نويس جنهن علائقي جو ذڪر ڪري ٿو اهو ضرور زرخيز علائقو هوندو. سنڌ جي زرخيزي ۽ زراعت هميشه سنڌو درياهه سان لاڳاپيل رهي آهي، خاص طور تي پاڻيءَ جي گهٽائيءَ سان گڏ سنڌو درياهه جي آندل لٽ به پوکي راهي لاءِ نهايت ڪارگر ثابت ٿي آهي. اسان ڏسنداسين ته سِرٽي ڪوٽ جي چوڌاري ساوڪ جو سمنڊ وڇايو پيو آهي. هن علائقي ۾ سنڌو درياهه جو ڪچو شروع ٿئي ٿو. هتان جون زرخيز ڪيٽيون اڄ به مشهور آهن.

مٿين حقيقتن جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته تاريخ ۾ ذڪر ڪيل ٻوڌين جو مقدس شهر "ساوندي" اسان جو "سِرٽي ڪوٽ" ٿي سگهي ٿو جنهن تي محققن کي وڏيڪ کوجنا ڪرڻ کپي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڪو چار فوٽ بلند هئڻ ڪري اهوتاريخي ڪوٽ آسپاس جي زميني سطح کان پندرهن فوٽ بلنديءَ تي ستن ايڪڙن ۾ ڦهليل آهي.

**نالو:**

ان ڪوٽ تي "سِرٽي" نالي پوڻ جي پويان هڪ مقامي روايت آهي تہ سرٽي هڪ سهڻي عورت هئي، جنهن جو عشق ان وقت جي بادشاهہ سان ٿيو.

جيئن تہ هيءُ ڪوٽ متاهينءَ تي آهي، سنڌيءَ ۾ 'سِر' جي معنيٰ متانهون ۽ مُک تي سگهي ٿو. سِر مان 'سِرٽي ڪوٽ' (متاهون ڪوٽ) ٿيو هجي.

**قديم زبان:**

سنسڪرت ۾ "شرڻ" لفظ جي معنيٰ 'پناهہ' بہ آهي جنهن مان لفظ نڪتو آهي- سَرنِ يا سَرَڻِ جنهن جو مطلب ٿيو "اوٽ"، "حفاظت"، "بچاءُ". اهڙيءَ طرح "سرڻ ڪوٽ" "سرٽي ڪوٽ" جي معنيٰ ٿي حفاظت وارو ڪوٽ.

ساڳئي وقت "سرڻ" جي هڪ ٻي معنيٰ پناهہ جي جاءِ (دارالامان) بہ آهي. عموماً اسان وٽ "سرڻ پوڻ" يعني سامر پوڻ يا 'سرڻ وٺڻ'، پناهہ وٺڻ جا لفظ بہ مروج آهن. جنهن مان لفظ سرٽي نهي ٿو جنهن جو مقصد ٿيو-امانت، پناهہ، اجهو. ان طرح 'سرٽي ڪوٽ' جو مفهوم نڪتو اهو هنڌ، جتي پناهہ لاءِ 'سامر جهلي' وڃي، يعني "سامر وٺڻ وارو ڪوٽ".

**ديوار:**

هن مستطيل ڪچي ڪوٽ جي اتر ۽ ڏکڻ پاسي واري ديوار 390 فوٽ ڊگهي آهي ۽ اوڀر ۽ اولهہ طرف واري ديوار 270 فوٽ ڊگهي آهي. هن ڪوٽ جي ديوارن ٻيهارڻ کان پهرياڻين ديوارَ جي بنيادن کي 24 فوٽن تائين ويڪرو ڪوٽي ان ۾ ڪوئلو ۽ ٻيو مسالو وجهي مضبوط ٺاهيو ويو آهي، جنهن جي وچ تي 10 فوٽ ويڪري ڊيوار جي پيڙهہ رکي ويئي آهي. اها ديوار آهستي آهستي متي سوڙهي ٿيندي وڃي ٿي. موجوده وقت ديوار جي مجموعي طور اوچائي 15 فوٽ آهي.ڪوٽ جي ساري ديوار جي ٿولهہ/ ويڪر ٻن حصن ۾ نهيل آهي، يعني ڪوٽ کي سڪ هئي پنيان لڳو لڳ بہ پتيون ٻيهاريل آهن. سنڌ ۾ شايد اهو پهريون ڪوٽ آهي، جنهن جون پتيون ٿولهہ ۾ ٻن حصن ۾ ورهايل آهن. ديوار جي مضبوطيءَ لاءِ ڪٿي بہ ڪچي يا پڪي سر استعمال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيل ناهي، نہ ئي ڪتي ڪاٺ ڪتب آندو ويو آهي. جيئن دهليل ڪوٽ ۾ امام ڳڙهہ ۾ بين ڪوٽن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. ديوار جي مٿانهين تي چوڪيدارن لاءِ هڪ ويڪري فصيل بہ نہ آهي، جيڪا هاٺي بہ اٺ فوٽ موڪري هئڻ ڪري مقامي ماڻهو اُن تي ڪٽ وجهي آرام ڪندا آهن.

ڪوٽ جي فصيل مٿان ڪابہ اوٽ يا پلويڙو ڏنل نہ آهي. ظاهر آهي تہ ڪوٽ ڪي اوائل ۾ اها آڏ ڏنل هوندي، پر زماني جي ستم ظريفي ۾ وقت گذرڻ ڪري هاڻي ان جو وجود نہ رهيو آهي. اهڙيءَ طرح ڪوٽ جي ديوار ۾ ڪٿي بہ دفاع لاءِ مارا يا ڳڙڪا (Embrasures) ڪوٺيل نہ آهن. جنهن مان لڳي ٿو تہ ڪوٽ جي حفاظت فصيل تان ۽ ان جي اوٽ ۾ نهيل مارن ۾ ڳڙڪن مان ڪئي ويندي هئي.

سارو ڪوٽ "اوڏڪي" طرز تي ٺهيل آهي. ڪوٽ جي پرسان اوير ۽ ڏکڻ پاسي بہ گهريون ڪڏون/ڏيڏون بہ هيون. ڏکڻ پاسي واري ڏيڊ پن ايڪڙن ۾ ٽيهہ فوٽ اونهي هئي، جنهن ۾ سارو سال پاڻي بيٺل هوندو هو. اوير پاسي واري ڏيڊ ٽن ايڪڙن ۾ ڦهليل هئي، جيڪا ٽيهہ فوٽ گهري هئي، جنهن کي بعد ۾ ڪوٽ جا ڪجهہ حصا ڪيرائي پريو ويو.

برج:

سرٽي ڪوٽ کي روايتي ڪوٽن جيان چٽني ڪنڊن کان برجون (Bastion) ڏنل آهن، برجون شاهوڙ هئڻ ڪري اڃ بہ سلامت بيٺيون آهن. اُهي زمين تي اُٺ جي پير جيان هڪ ٽراڪڙو ۽ ويڪرو گهيرو ٺاهين ٿيون. ان ڪري بنيادن وٽ برجن جو گهيرو ستر فوٽ آهي، جيڪو بلنديءَ طرف وڌڻ دوران آهستي آهستي گهٽجي وڃي ٿو. برجون ڪوٽ جي ديوار کان ٻاهر نڪري هلڪي هلڪي بيضوي شڪل ٻيهارين



سرٽي ڪوٽ کي صرف چٽن ڪنڊن تي برج ڏنل آهن، برج قد ٻت ۾ شاهوڙ هئڻ ڪري اڃ بہ سلامت آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيون. ڪوٽ جي ڪلهي تي چڙهي ڏسبو تہ برجون بہ خوبصورت شڪل ناهيو بيٺيون آهن.

برجن جو مٿانهون حصو ڍهي وڃڻ ڪري ڪين ڪابہ اوٽ/پلويڙو ڏنل نہ آهي، نہ ئي ڪٿان ڪو ويڙهہ لاءِ ڪو مُارو يا توپ لاءِ ڳڙکو آهي. ظاهر آهي تہ ڪنهن زماني ۾ برجن کي اوٽ ڏنل هوندي جي تصور ڪجي تہ رڳو ماٿهوءَ جي قدبت جيترو پلويڙو ڏنل هجي ها تہ ڪوٽ/ برج جي زمين کان بلندي ٻاويهہ فوٽ بيهي ها. پر وقت گذرڻ ۽ سنيال نہ هئڻ ڪري اها اوٽ بلڪل تباهہ ٿي وئي آهي.

دفاعي نقطہ نگاهہ کان برج ڪوٽ جي ديوارن کان ٻاهر نڪتل هئڻ ڪري ڪوٽ جي آس پاس ۽ ديوارن ٻاهران حملي آور تي نظر رکجي سگهجي ٿي. اهڙي بناوت ڪري رڳو چار برجون ئي ساري ڪوٽ جي حفاظت لاءِ ڪافي آهن.

**دروازو:**



سرٽي ڪوٽ کي صرف اوير طرف کان هڪ دروازو آهي، ان جي حفاظت جي لاءِ باقاعده هڪ پختو دمدمو آهي.

سرٽي ڪوٽ کي صِرف هڪڙو ئي اوير طرف کان 12 فوٽ ويڪرو دروازو آهي، جنهن جي حفاظت لاءِ باقاعده هڪ پختو دمدمو Barbican ٺهيل آهي، جيڪو مکيہ دروازي کي پنهنجي آغوش ۾ لڪايو بيٺو آهي. دمدمي ۾ ٻاهران داخل ٿيڻ لاءِ 8 فوٽ ويڪرو لنگهہ آهي. دمدمي/ ڏيڍي جي ڊيگهہ 48 فوٽ ۽ ويڪر 22 فوٽ آهي، جنهن جي مٿان مکيہ لنگهہ جي حفاظت لاءِ هڪ مورچو پڻ جوڙيل آهي.

اصل ڪوٽ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ 12 فوٽ ويڪرو در آهي. ڪجهہ وقت اڳ تائين ڪاٺ جي ان دروازي ۾ هڪ شهتير جو ٽڪرو پڻ لڳل هو. ڪوٽ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندڙ ماڻهن ٻڌايو تہ بعد ۾ اتان ڪاٺ جو اهو ٽڪرو ڪڍي ان کي جنڊيءَ تي لهرايو ويو. اڄ بہ ان محفوظ تيل ڪاٺ جي ٽڪري مان ڏاڍي سٺي خوشبوءَ اچي ٿي.

## ڪوٽ اندر جاين جا آثار:

ڪوٽ اندر زمين جي مٿاڇري تي ڪا بہ قديم اڏاوت نظر نٿي اچي. پر جيڪڏهن زمين کي کوٽجي ٿو تہ ان جي هيٺان ڪيترين ئي عمارتن جا آثار ملن ٿا. اهڙين عمارتن جو وڏو تعداد ڪوٽ اندر اولهہ پاسي ۾ آهي، جن جا بنياد اڄ بہ سالم حالت ۾ بيٺا آهن. جنهن مان لڳي ٿو تہ ڪوٽ جو اهو حصو رهائشي هو. زمين اندر پوريل جاين جي آثارن مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهن جي اڪثريت ڪچين سِرن جي ٺهيل آهي. ڪٿي ڪٿي پڪا گهر بہ ملن ٿا. البت گهٽن گهرن جي بنيادن ۾ بہ تي قطارون پڪين سِرن جون آهن. ڪوٽ اندر وڏيڪ گهرائيءَ ۾ کوٽائي ڪجي ٿي، تہ 12 فوٽ هيٺان ڪوئلو ملي ٿو. ڪوٽ جي اتر اوير ڪنڊ وٽ، برج جي پرسان ڪوٽ جي فصيل تي چڙهڻ لاءِ 20 فوٽ ڊگهي ۽ 5 فوٽ ويڪري ڏاڪڻ پڻ ٺهيل آهي.

موجوده وقت ۾ ڪوٽ جي اوير پاسي ٻُرڻ جا گهر آهن، جيڪي 1973ع کان پوءِ ڪوٽ اندر اچي آباد ٿيا آهن.



سرٽي ڪوٽ اندر مُک اڏاوت ٻڌن جو استوپ آهي، ٻن طبقن ۾ ورهايل اهڙو دلڪش گولائي مائل استوپا سنڌ ۾ گهٽ ڏٺو ويو آهي.

## استوپا:

ڪوٽ جي اندر مکيہ اڏاوت ٻُڌمت جو استوپا آهي. هيءَ استوپا ڪوٽ جي مرڪز کان ٿورو پاسيرو اتر اولهہ طرف آهي. ان جي پرسان ئي ٻين رهائشي جاين جا آثار ملن ٿا.

هي هُن استوپا جي موجوده وقت زمين جي سطح کان چوٽي تائين بلندي 10



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوٽ ٽيندي. هيءَ هاٿي بہ گوبي جي گل جيان خوبصورت انداز ۾ ٺهيو بيٺو آهي. اهڙو گولائي مائل اسٽوپا سنڌ ۾ گهٽ ڏٺو ويو آهي. موجوده وقت ۾ برسات جي گهارن پوڻ ڪري ان جي سونهن ۾ ڏينهون ڏينهن، ڪمي ايندي وڃي ٿي. پر پوءِ بہ پري کان هڪ وٽندڙ ڏيک ڏئي ٿو. گول اسٽوپا جي زمين کان بلنديءَ ۾ اڏاوت واضح طور ٻن حصن ۾ ورهايل نظر اچي ٿي.

**هيٺيون حصو:**

اسٽوپا جو هيءُ حصو زمين جي سطح تي 200 فوٽن جو گهيرو قائم ڪيون بيٺو آهي، جتان هو هوريان هوريان آسمان طرف پنهنجو پنڌ شروع ڪري ٿو. جيئن هو مٿاهينءَ طرف اُسري ٿو تيئن هن جو گهيرو تنگ ٿيندو وڃي ٿو. آخر هو 25 فوٽن تي پهچي سوڙهو ٿي 180 فوٽن جو گول دائرو ٺاهي ٿو. ان چوڪور جي وچ تي اسٽوپا جو مٿيون حصو بيٺل آهي.

**مٿيون حصو:**

اسٽوپا جو هيءُ حصو هيٺئين حصي جي ڪنارن کان 12 فوٽ چڙهي اندر وچ تي جوڙيل آهي. ان 12 فوٽ ويڪري پٽي تي زيارتي چڪر ڏئي ساري اسٽوپا جو چوگرد درشن ڪري سگهن ٿا. ان مٿئين حصي جي نيڪ مرڪز تي گولائي مائل اسٽوپا جو ٻيو مٿيون حصو بيهاريل آهي، جنهن جو بنيادن وٽ گهيرو 80 فوٽ آهي. اسٽوپا جو اهو حصو بلنديءَ طرف اٿڻ بعد 15 فوٽ فاصلو طئي ڪري 50 فوٽ گولائي ناهي ختم ٿي وڃي ٿو.

هي سارو اسٽُوپا ڪچين سِرن جو ٺهيل آهي. سرن جي ماپ 18x12x2.5 انچ آهي. ان جو وزن 11.5 ڪلو بيهي ٿو. زيارتين لاءِ اسٽوپا جي هيٺئين توڙي مٿئين حصي تي چڙهڻ لاءِ اوير پاسي کان ونگ دار ڏاڪڻ ٺهيل آهي. ڏاڪڻ اسٽوپا جي جسم اندر ٺهيل آهي. ڏاڪڻ توڙي ان جا ونگ پڻ ڪچين سِرن جا جوڙيل آهن.

اسٽوپا ۾ ٻين جاين جي اڏوت ڪي ڏسي لڳي ٿو تہ هيءُ ڪوٽ صرف ٻوڌين جي متبرڪ اسٽوپا جي حفاظت لاءِ ٺاهيو ويو هو جنهن ۾ اسٽوپا جي پڪشوئن ۽ زيارتين جي رهائش پڻ هئي. هيءُ ڪوٽ ڪو جنگي نقطہ نگاهہ کان نہ جوڙيو ويو آهي، ڇو جو ان جي ديوارن ۾ ڪٽي بہ ويڙهہ لاءِ مارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا ڳڙڪا نہ ڏنا ويا آهن. ڪوٽ جي حفاظت صرف ديوار مٿان نهيل فصيل/غلام گردش ۽ ان جي اوٽ ذريعي ڪئي ويندي هئي.

مقامي ماڻهن جو خيال آهي تہ ان هنڌ تي استوپا اڳ ۾ جڙيل هو جنهن بعد ان جي حفاظت لاءِ اُن کي ديوارن ۾ بند ڪيو ويو آهي. ان جو سبب اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن ڪوٽ اڳ ۾ اڏيل هجي ها تہ پوءِ استوپا ان جي پوري مرڪز ۾ هجي ها. پر استوپا ڪجهہ قدر مرڪز کان اتر اولهہ طرف پاسيرو ٺاهيو ويو آهي. ان کان سواءِ سارو استوپا ڪچين سِرن جو جُڙيل آهي. پر ڪوٽ ۾ ڪٿي بہ اهڙي سِر استعمال نہ ڪئي وئي آهي. سارو ڪوٽ اوڏڪي انداز ۾ ڪچي مٽيءَ جو نهيل آهي.

## کُوهہ:

ڪوٽ جي ٻاهران ويهن فوٽن تي اوڀر ڏکڻ ڪنڊ وٽ هڪ 18 فوٽ گهري کوهہ جا اهڃاڻ ملن ٿا. موجوده زماني ۾ ڪوٽ اندر رهندڙ ماڻهن ڪوٽ اندر کوهہ لاءِ کوٽائي ڪئي تہ 13 فوٽ هيٺ گهرائي ۾ ڪوئلو مليو جنهن بعد 22 فوٽن تي پاڻي ملي ٿو.

سنڌو درياهہ هاڻي بہ ڪوٽ جي اولهہ ۾ 12 ڪلوميٽرن تي وهي ٿو. لڳي ٿو تہ سنڌوءَ جو وهڪرو ڪنهن زماني ۾ ڪوٽ جي قريب وهندو هوندو. ڇو جو ڪوٽ ايڏي بلنديءَ تي ٺاهڻ کان سواءِ آسپاس جي زمين لٽاسي ۽ زرخيز آهي.

## درياهي وهڪرو:

انسان جي جياپي جو وڏي ۾ وڏو سهارو پاڻي ئي آهي. پٿر جي قديم دور کان وٺي ماڻهن اُتي ئي پنهنجي رهائش اختيار ڪئي آهي، جتي ڪيس پاڻي وافر مقدار ۾ ميسر ٿيو آهي. دنيا ۾ مٺي پاڻيءَ جو مکيہ ذريعو نديون ۽ نالا آهن. ان ڪري اسان جي قديم تهذيبن کي بہ درياهن جي ڪنارن تي ئي واڌ ويجهہ ملي. اسان جي سنڌ ڌرتي کي بہ سنڌو درياهہ وسايو ۽ ورسايو. هزارن سالن کان اُن درياهہ جي مختلف وهڪرن ۽ ڦاٽن تي ڪيترائي شهر نروار ٿيا ۽ وري ناس بہ ٿي ويا. اڄ بہ سڄي سنڌ ۾ اهڙن ڦٽوڙن جا آثار ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. چيو وڃي ٿو تہ ”سِرڙي ڪوٽ“ بہ اهڙي ئي هڪ قديم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وھڪري جي پيرن ۾ پيل ھو. ھاٽي ڏسجي تہ اھو قديم ڪوٽ ڪھڙي وھڪري تي وڏيو ويجھيو ھو.

ريورٽي لکي ٿو تہ عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت سنڌ جو وڏو درياھہ "ھاڪڙو" ھو جيڪو سنڌ ۾ داخل ٿيڻ مهل بہ درياھہ ٻڄجي ويندو ھو. ھڪ وھڪرو اولھہ پر الور ھلي ويندو ھو جتي تڪري سان ٽڪر کائي، اتر ۽ ڏکڻ ڏس تي موڙا ۽ وڪڙ ڏئي نيٺ ڏکڻ ڏانھن وھڻ شروع ڪندو ھو. جڏھن سنڌ جو اڏ پنڌ لتاڙي ڪنھن جاءِ تي پھچندو ھو تہ ھو اُتي مکيہ يا وڏو اوياريون وھڪرو جيڪو ونجنوٽ کي گھمندي ڏئي گذرندو ھو. ۽ ساٽس اچي ملندو ھو. ھتي اچا اھي وھڪرا گڏبا مس ھئا تہ وري بہ درياھي ٻڄجي ويندي ھئي. ھڪڙي شاخ برھمڻ آباد جو پاسو ڏئي حيدرآباد کان ٽيندي پوءِ ڏکڻ طرف دوآبي مان لنگھي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي ھئي. ٻيو مکيہ وھڪرو جدا ٿيڻ واري ماڳ کان ئي ڏکڻ طرف ھلندو ھو. ھن درياھہ کي الور کان عمرڪوٽ تائين ھاٽي اُيرندي ناري جي نالي سان سڏيو ويچي ٿو.(36)

اسان جيڪڏھن سنڌ جي مختلف تاريخن جي اپياس سان گڏ زميني حقيقتون ڏسنداسين تہ سنڌو درياھہ جيڪو موجودھہ دور ۾ وھي رھيو آھي، جنھن کي ڪجھہ ماھرن "مهراڻ" بہ سڏيو آھي. ان مهراڻ جا اڳوٽا وھڪرا بہ گھٽي تعداد ۾ ملن ٿا. اھڙيءَ طرح ھاڪڙي درياھہ جا پراٽا پيٽ بہ مختلف ھنڌن تي ڦھليا پيا آھن.

انھن مٿين وھڪرن کان سواءِ تاريخن ۾ ھڪ وھڪري ڪنب جو بہ ذڪر ملي ٿو. عربن جي خيال مطابق سنڌو درياھہ باربار ھن منجھان پٽي وھيو آھي. اُنھن پراٽن آبي بندرگاھن مان گھٽو ڪري ھڪ اھو بہ آھي، جنھن جو عربن باربار ذڪر ڪيو آھي. ڪنب ان وقت سيوستان، موجوده سيوھڻ ۾ مهراڻ درياھہ جي اولاھين شاخ جي وچ تان وھندو ھو جنھن جي پيٽ مان آب سنڌ يا سنڌو درياھہ پنھنجي رخ جي متاسٽا سبب باربار پٽي گذريو آھي.(37)

اسان کي ڪنب درياھہ جو ذڪر چچ نامي ۾ نٿو ملي. البتہ ڪزنس پنھنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ "مون جيڪي تاريخي بيانن مان ميڙي چونڊي گڏ ڪيو آھي ۽ سندن اختلاف راءِ منجھان بہ ڪجھہ ھٽ ڪيو اٿم. سو اھو آھي تہ عربن جي حملي وقت ھڪ اھم ۽ اجھاڳ درياھہ ھو جيڪو اتر کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذڪر ڪيائين سنڌ ۾ آرپار گذريو ٿي ۽ اروڙ وارين ٽڪرين وچان لنگهي موجوده سنڌو درياهه جو پيٽ ڏيو وهندو هو. جنهن کي چچ نامي ۾ مهراڻ سڏيو ويو آهي.هن ۾ هاڪڙي درياهه جو پاڻي پڻ پوندو هو."(38)

انهي مٿئين بحث بعد اهو چٽي سگهجي ٿو ته اسان جو سِرڻي ڪوٽ به موجوده وقت وهندڙ سنڌو درياهه جي هڪ اوير واري پراڻي وهڪري يا ڦاٽ تي واقع هو. جيڪو وقت ۽ زمين جي ڦيري ڪري، پنهنجو رخ تبديل ڪري هاڻي ڪوٽ کان ڪجهه ڪلوميٽر اولهه طرف پري ٿي ويو آهي.

ڏند ڪٿائون:

ڪوٽ جي باري ۾ تر جي ماڻهن ۾ ڪيترين ئي ڏندڪٿائون گردش ڪنديون رهن ٿيون. مقامي لوڪن وٽ مشهور آهي ته اوائلي زماني ۾ هن شهر جي بادشاهه جو عشق سِرڻي نالي هڪ مڇي وڪڻندڙ خوبصورت مهاڻيءَ سان ٿي ويو. جنهن کي بعد ۾ هن پنهنجي پَٽ راڻي بنايو. مهاڻي سِرڻي راڻي بڻجڻ بعد به ڪافي اداس رهندي هئي. نيٺ هڪ ڏينهن مجبور ٿي بادشاهه کي عرض ڪيائين ته "مون کي اجازت ڏيو ته مان گهور ڪري مڇي کپايان." بادشاهه کي راڻيءَ سان ڏاڍي دل هئي، ان ڪري راڻيءَ لاءِ ڪوٽ جي وچ تي خاص اهو تلهو (استوپا) نهرايائين. پوءِ سِرڻي هر روز ڪاري ۾ مڇي کڻي اُن ٿلهي ۽ ڪوٽ جي ديوارن تي چڙهي پنهنجي عادت پوري ڪرڻ لاءِ هوڪا ڏيندي هئي. "مڇي ونو.....مڇي ونو.." اهڙيءَ طرح ڪوٽ ۾ رهندڙ شاهي خاندان جا ماڻهو هن کان مڇي خريد ڪندا هئا. آخر ان ڪوٽ جو نالو ئي اُن راڻيءَ جي ڪري"سرڻي ڪوٽ" پئجي ويو. ڪوٽ لاءِ هڪ بي به ڏندڪٿا مشهور آهي ته ڪوٽ اندر نهيل استوپا ۾ هڪ ڏگهو خوفناڪ واسينگ نانگ رهندو هو جنهن کي پڪڙڻ لاءِ جوڳين جو هڪ ٽولو تيار ٿيو. جوڳين اچڻ سان ئي پنهنجي حفاظت لاءِ استوپا پرسان پاڻيءَ جو تلاءُ نهرايو. ساڳئي وقت هڪ اُوچو چيٽن جو ڏيگ به ڪڙو ڪيو. پوءِ پاڻيءَ جي تلاءُ ۾ ويهي مرليون وڄائي ۽ ٻيا منتر پڙهي نانگ کي پڪڙڻ جا جتن ڪرڻ لڳا، پر واسينگ نانگ ڪاوڙجي اهڙي ته ڦوڪ هنئين جو جوڳي پاڻيءَ جي تلاءُ ۾ ئي سڙي مري ويا. بعد ۾ انهن جوڳين کي انهي تلاءُ ۾ دفنايو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندن وٽ جنن جو اندر ديوتا پنهنجي سواريءَ لاءِ 'ايراواتا' هاتي استعمال ڪندو آهي. هندن وٽ هاتيءَ جي منڍيءَ وارو گڻيش ديوتا بہ علم جو ديوتا آهي. هو هر ڪم شروع ڪرڻ کان پهرياڻين ان جي اڳيان مٿو ٽيڪيندا آهن. هندن جي عقيدي مطابق ساري ڪائنات کي هاتيءَ جي پُٺي جهليو بيٺي آهي.(39)



سرٽي ڪوٽ مان هڪ نفيس قسم جي سِر هٿ آئي آهي، ان تي هڪ آرٽ جو بهترين شاهڪار هنس/ بدڪ اُڪريل آهي. برهما ديوتا لاءِ مشهور آهي تہ هنس پکيءَ تي سواري ڪندو آهي.

**بدڪ ۽ هنس:**

ڪوٽ جي اتر طرف کان هڪ چوڪور ڳاڙهسري سر تي هڪ بَدڪ ۽ هنس پکيءَ جي تصوير اُڪريل ملي آهي. بَدڪ جي اها سهڻي تصوير بہ آرٽ جو هڪ نفيس نمونو آهي. هنس ڪنڌ ڪنيون، پر ڪوليون، پڇ مٿي ڪيون، فخر سان گهمندي ڏيکاريو ويو آهي. اُن جي پس منظر ۾ خوبصورت ليڪا پڻ اُڪريل آهن.

هونءَ بہ هنسن لاءِ يورپ ۽ ايشيا جي ماڻهن وٽ ڪيترين ئي ديومالائي ڪهاڻيون مشهور آهن. هندن ۾ برهما ديوتا سندن ترمورتيءَ ۾ پهريون ديوتا آهي. برهما ساري مخلوق پيدا ڪئي آهي. هر هڪ جو نالو رکيو ۽ انهن جون شڪليون ناهيون. برهما ديوتا لاءِ مشهور آهي تہ هو هنس پکيءَ تي سواري ڪندو آهي.(40)



گوتم بڌ گيان ۽ ڌيان دوران جڏهن نرواڻ جي منزل جي ويجهو پهتو ان وقت بديءَ جي قوتن جنن ۽ ڀوتن جو روپ ڌاري کيس ڏيڄارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

**ماڻهوءَ جي مُنڍي واري اُڪريل سِر:**

ڪوٽ جي آسپاس ڳاڙهسريون مستطيل سِرون پڻ مليون آهن، جنهن جي ساه شڪل اڪريل آهي. لڳي ٿو تہ اهي سِرون ٻ هيون. سِر تي ڪنهن ماڻهوءَ جي نرڙ کان هيٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو حصو ڏيڪاريل آهي. چهرو غور سان ڏسڻ مان لڳي ٿو تہ ماڻهوءَ جي مٿي تي ڪو ڳورو بار (گناهن جو) رکيل آهي، جنهن جي ڪري هن جي زبان ٻاهر نڪتل آهي. هن جون اکيون بند آهن. ان مان اندازو ڪجي ٿو تہ اهو ماڻهو/گناهن ۾ گهيريل ڪنهن ڪهاڻيءَ جو ڪردار آهي، جنهن تي آسماني عذاب نازل ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي- ميڊم مستور بخاريءَ ان چهري کي ڪِرتي مُک (KIRTHIMUKH) ٻڌايو آهي.(41)

**گلڪاري واري سر:**

هيءَ بہ ڳاڙهي رنگ واري مستطيل سِر ڪوٽ پرسان هٿ آئي آهي. عموماً اهڙيون سِرون ڪنهن عمارت جي ڪارنس ۾ اُن جي خوبصورتي وڌائڻ جي ڪم ايندڙيون آهن. ان ۾ جاميٽري ڊزائين جهڙن ڪجھ نقشن سان گڏ وڻن ۽ ٻوٽن جا خوبصورت پَن بہ اُڪريل آهن. هي ڊزائين بہ آرٽ جو هڪ بهترين شاهڪار آهي.



ڪوٽ مان جاميٽري ڊيزائن سان گڏ وڻ جي خوبصورت پتن واري اُڪريل سِر پڻ مليي آهي. عام طور عمارت جي خوبصورتي وڌائڻ لاءِ اهڙيون سِرون ڪتب آنديون وينديون آهن

**سِڪو:**

هتان ٽامي جو هڪ سِڪو پڻ مليو آهي. اهو گولائي مائل سڪو ڪوٽ جي اتر پاسي کان هٿ آيو آهي. سِڪي تي هڪ پاسي ماڻهو گهوڙي تي چڙهيل آهي، ۽ ان جي ٻئي پاسي تي هڪ عورت جي تصوير آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اها ڪنهن بادشاهہ يا راڻي جي تصوير هجي، يا ڪنهن ديوتا يا ديوي جي. "اسان کي اهڙي قسم جا سڪا ٽئڪسلا جي کنڊرات مان پڻ هٿ آيا



ٻڌ اسٽوپا پرسان لڌل سڪي جي هڪ پاسي تي ماڻهو گهوڙي تي چڙهيل آهي، ۽ ٻئي پاسي تي عورت جي تصوير آهي. اهڙا سڪا ٽيڪسيلا مان پڻ هٿ آيا آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن."(42)

ان کان سواءِ هتان مٽيءَ جو هڪ سھڻن نقشن وارو گلدان، مختلف رنگن جي چٽسالي ٿيل پڳل ڪونر، هڪ پڳل سُلفي ۽ اُٺ جي ناڪيلي کان سواءِ ڏيڍ ڪلو وزن جون پڪيون سِرون بہ ملن ٿيون.



ٻڌ اسٽوپا پرسان ڪچي مٽيءَ جي سنھڙن پاسن ۽ اپي تري واري هڪ نفيس قسم جي پيالي پڻ هٿ آئي آهي

## ننڍڙي پيالي:

مِٽيءَ جي پچايل هن ننڍڙي پياليءَ جا پاسا ۽ پيٽيون سنھڙيون ۽ لسيون آهن. هن جو تَرو اُپو ۽ تراڪڙو آهيِ. پيالي جي ايڏي نفيس هئڻ جي باوجود بہ اڄ تائين سلامت رهڻ مان ان جي پختگيءَ جو اندازو ڪري سگھجي ٿو. ىءَ پيالي ڪوٽ اندر پراڻين جڳھين جي بنياد مان هٿ آئي آهي. ڪن ماڻھن جو خيال آهي تہ اها پيالي ڏيئو بہ ٿي سگھي ٿي.

## گولا:



ڪوٽ جي آس پاس منجنيق جي استعمال جا ڪيترائي پڪي مٽيءَ جا گولا پڻ هٿ اچن ٿا, گولن جو وزن اڌ ڪلو کان ڪجھ گھٽ آهي.

ڪوٽ جي آسپاس منجنيق جا ڪيترائي پڪي مٽيءَ جا گولا پڻ هٿ آيا آهن. گولن جو وزن اڌ ڪلو کان ٿورو گھٽ آهي. هتان هٿ ايندڙ گولا تقريباً ساڳئي سائيز يعني 3 انچ قطر وارا آهن. سرٽي ڪوٽ مان اهو هڪ ئي هٿيار مليو ٿو. اهو ننڍڙو گولو بہ وڏي حملي کي روڪڻ لاءِ ڪارگر نہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُڌمت جا پيروڪار هوڻ ۽ بہ اهنسا جا قائل هئا. ان ڪري هتان جهيڙي جو ڪو بہ خطرناڪ هٿيار نہ مليو آهي.

## انساني هڏا ۽ ڍانچا:

ڪوٽ اندران ۽ ٻاهران اڄ بہ انسانن جا ڪافي دٻيل هڏا ملن ٿا. انهن مان ڪيترائي انساني ڍانچا بي ترتيب پيا آهن. ڪي زمين جي گهرائيءَ مان ملن ٿا، تہ ڪي اجا بہ هيٺاهينءَ ۾ پوريل آهن.

هاٿي بہ زمين تي سنوت ڪجي تي يا ڪا اڏاوت ڪرڻ مهل ڪوڏر هڻجي ٿي، تہ هت ڪيترائي انساني ڍانچا ۽ هڏا ظاهر ٿين ٿا. خاص ڪري برسات جي موسم ۾ گهڻن مُردن جا هڏا ٻاهر نڪري اچن ٿا. اهي انساني هڏا ۽ ڍانچا اڪثر مٿئين سطح تي هٿ اچن ٿا، ان ڪري ان کي قبرستان يا پوريل مُردا نٿو چئي سگهجي. ڪجھہ انساني پڃرا ۽ هڏا ڪوٽ کان ٻاهر اتر ۽ ڏکڻ پاسي بہ مليا آهن.



سرٽي ڪوٽ مان هٿ آيل سلفي تي چٽيل نقش نگار.

ايترن انساني هڏن ۽ ڍانچن جو بي ترتيب ۽ دٻيل ۽ زمين جي مٿاڇري تي هٿڙ مان لڳي ٿو تہ اهي ماڻهو ڪنهن زلزلي يا ڪنهن وڏي حملي ۾ مئا آهن، جن کي قاتل کلي هوا ۾ ڇڏي ويا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ اهو زلزلي جو ڪارڻ هجي، يا هتان جي شهرين کي اوچتو حملو ڪري ڦريو لٽيو ويو هجي ۽ بعد ۾ حملي آور جابجا لاشن کي ڦٽو ڪري هليا ويا هجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**حوالا:**

(1) اشتياق انصاري 'ڌرتي ماتا'، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2001ع، صفحو 51.
(2) مولائي شيدائي. 'تاريخ تمدن سنڌ'، صفحو 63.
(3) ڪوتيلد- 'ارٽ شاستر'، ٽيڪساس پرنٽر ڪراچي، 1991ع، صفحو 150
(4) محمد بخش سومرو 'قومن جي عالمي تاريخ' (ترجمو) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2003ع، صفحو 104.
(5) اشتياق انصاري 'بوربودر مندر' روزانه ڪاوش، 5 آڪٽوبر 2000ع
(6) غلام محمد لاکو 'سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم، آثار ۽ اثرات' (مضمون)، سنڌ جو قديم ورثو. جي. ايم سيد فائونڊيشن ڪراچي، 2006ع، صفحو 130.
(7) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي. 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' سنڌي ادبي بورڊ 2004ع، صفحو 40.
(8) غلام محمد لاکو:'سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم، آثار ۽ اثرات' (مضمون) سنڌ جو قديم ورثو. جي.ايم.سيد فائونڊيشن ڪراچي، 2006ع، صفحو 130.
(9) ايچ-ٽي-لئمبرڪ. 'سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ' سنڌي ادبي بورڊ 1990ع، صفحو 147.
(10) ايرين. 'سڪندر جي ڪاهه' ترجمو- عطا محمد ڀنڀرو. روشني پبليڪيشن، 2000ع، صفحو 306.
(11) غلام محمد لاکو "ٿل مير رڪڻ" رسالو مهراڻ، نمبر-1، سال 1979ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
(12) ڪوتيلد. 'ارٽ شاستر' ٽيڪساس، پرنٽرز ڪراچي 1991ع صفحو 34.
(13) مولائي شيدائي. 'جنت السنڌ' سنڌيڪا اڪيڊمي، 2000ع، صفحو 57.
(14) ايچ-ٽي-لئمبرڪ. 'سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ' سنڌي ادبي بورڊ 1990ع، صفحو 117.
(15) ڪوتيلد. 'ارٽ شاستر' ٽيڪساس پرنٽرز ڪراچي 1991ع صفحو 152.
(16) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 'پنڌ: سياحن جي نظر ۾' روشني پبليڪيشن، صفحو 14.
(17) غلام محمد لاکو رسالو مهراڻ، نمبر-1، سال 1979ع.
(18) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي. 'سنڌ جي هندن جي تاريخ'، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2000ع صفحو 52.
(19) ايچ.ٽي.لئمبرڪ. 'سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ' سنڌي ادبي بورڊ 1990ع، صفحو 175.
(20) ساڳيو 218.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(21) ساڳيو 219.

(22) محمد بخش سومرو. 'قومن جي عالمي تاريخ' (ترجمو) سنڌيڪا اڪيڊمي، 2003ع، صفحو 106.

(23) ايچ.ٽي.لئمبرڪ. 'سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ' سنڌي ادبي بورڊ 1990ع، صفحو 239.

(24) ساڳيو صفحو 272.

(25) ڪزنس. 'سنڌ جا قديم آثار' سنڌي ادبي بورڊ 1995ع، صفحو 19.

(26) ايچ.ٽي.لئمبرڪ. 'سنڌ مسلمانن جي فتح کان اڳ' سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو 1990ع، صفحو 219.

(27) ڪزنس_'آثار قديم سنڌ' سنڌي ادبي بورڊ 1995ع، صفحو 166.

(28) ساڳيو صفحو 164.

(29) غلام محمد لاکو رسالو "مهراڻ" نمبر_1، سال 1979ع.

(30) ايچ.ٽي.لئمبرڪ. 'سنڌ مسلم جي فتح کان اڳ' سنڌي ادبي بورڊ 1990ع صفحو 220.

(31) چچ نامو. سنڌي ادبي بورڊ 2004ع، صفحو 62.

(32) چچ نامو. سنڌي ادبي بورڊ 2004ع، صفحو 231.

(33) ايچ.ايم.اليٽ. 'تاريخ سنڌ مؤرخن جي زباني' مترجم: عطا محمد ڀنڀرو. نيشنل بُڪ فائونڊيشن اسلام آباد 2000ع صفحو 235.

(34) غلام محمد لاکو رسالو 'مهراڻ' نمبر_1، سال 1979ع.

(35) ايچ.ٽي.لئمبرڪ. 'سنڌ هڪ عام جائزو' سنڌي ادبي بورڊ 1982ع صفحو 282.

(36) ڪزنس_ 'سنڌ جا قديم آثار' سنڌي ادبي بورڊ 1995ع صفحو 5

(37) ساڳيو صفحو 7.

(38) ساڳيو صفحو 9.

(39) Encyclopaedia of World Mythology 1975

(40) اشتياق انصاري ' ڌرتي ماتا'، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2001ع صفحو 68.

(41) Ms Mastoor Fatima Bukhari. "Sindh-past, present and future," Shah Abdul Latif Bhitai Chair, University of Karachi- Institute of Sindhology University of Sindh 2006 page 225.

(42) Ibid.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مولانا محمد صادق گچيرائي ۽ سندس ڪتاب
# منبع المسائل في شرح مائة العوامل

مولانا محمد صادق گچيرائي، مورو لڳ تقريباً اٺن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي واقع قديم ڳوٺ گچيرو جي رهواسي هو. پاڻ پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ محقق ٿي گذريو آهي. سندس خانداني ۽ علمي احوال نہ ملي سگهيو آهي.

اهڙي طرح هُو سنڌ جي انهن هزارين عالمن جي لسٽ ۾ شامل آهي، جن جا حالات زندگي، اسان سنڌين جي غفلت ۽ بي پرواهي سبب ميسر نہ ٿي سگهيا. هونئن بہ اسان وٽ زنده شخصيتن جو قدر نہ هوندو آهي ۽ مرڻ کانپوءِ انهن جا ڳڻ ڳائيندا آهيون.

دنيا ۾ ٿي دستورَ اڪثر اهو
ڪبو ياد مردن کي ويندي کانپوءِ.

پر مرڻ کانپوءِ ياد ڪرڻ جو فائدو ڇا؟... هاڻي ان جي تاريخ ڪير ٻڌائيندو؟ ان جا علمي احوال ڪيئن لکي سگهبا؟ جڏهن تہ سنڌ جا عالم ڪسر نفسيءَ جي سبب پنهنجا احوال نہ لکندا هئا.

ڊاڪٽر خانائي لکيو آهي تہ:

هيءُ بزرگ ٽالپورن جي آخرين دور ۾ ٿي گذريو آهي. پاڻ ٽالپرن جي ملازمت ۾ بہ ڪجهہ عرصو رهيو. پراڻي گچيري ۾ سندس ديني مدرسو هو جنهن ۾ پاڻ عربي، فارسي، فقهہ ۽ حديث جي علمن جو درس ڏيندو هو. سندس وفات جو سن ۽ تاريخ جو ڪو بہ پتو ڪو نہ ٿو پوي.[1]

---

[1] ڊاڪٽر خانائي ضلع نوابشاهہ تاريخي شهر ۽ شخصيتون ص177



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙي طرح سندس وفات جي سال جي خبر ناهي، اهڙي طرح سندس سال ولادت بہ گم آهي البتہ سندس هڪ ڪتاب، زماني جي دست برد کان بچي اسان وٽ يادگار رهيو آهي. اهو آهي "منبع المسائل في شرح مائہ العوامل" جيڪي نحو جي مشهور ڪتاب "مائہ عوامل" جو عربي ۾ لکيل شرح آهي.

"مائہ عوامل" جي مفيد ۽ مشهور هئڻ سبب ڪيترن ئي عالمن ان جا شرح لکيا آهن، جيڪي سون جي تعداد ۾ آهن. سنڌ جي عالمن مان ٻن عالمن ان جا عربي ۾ شرح لکيا.

### 1. مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد عثمان درٻيلي:

جنهن جي شرح جو نالو "منقح العوامل" آهي. ان جا قلمي نسخا پاڪستان جي مختلف ڪتب خانن ۾ موجود آهن، جن مان ٻن جا فوٽو "راقم الحروف" وٽ قاسميہ لائبريري ۾ بہ موجود آهن.

1. نيشنل آرڪائيوز اسلام آباد جي مفتي ڪليڪشن وارو خطي نسخو.
2. مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ مدير ماهوار "شريعت"، روهڙي سکر وارو خطي نسخو.

### 2. مخدوم محمد صادق ڳچيرائي:

جنهن جي شرح جا نالا خود شارح مخدوم ڳچيرائي صاحب بيڪ وقت ٽي رکيا آهن.

1. منبع المسائل في شرح مائہ العوامل
2. التحقيق الڪامل في شرح مائہ العوامل
3. بحر السعة في شرح المائة

"منبع المسائل" جا ٽي خطي نسخا دستياب ٿيا آهن، جن جي روشني ۾ اسان مخدوم محمد صادق بابت ڪجهہ ڄاڻ ڏيڪ جاٽڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1. قاسميہ لائبريري وارو (راقمر الحروف جو) خطي نسخو 112 صفحن تي مشتمل مڪمل نسخو جيڪو باوجود ڪرمر خورده ۽ آب رسيد هجڻ جي قابل استفاده آهي.

2. درگاه الہ آباد ڪنڊيارو جي ڪتب خانہ ۾ موجود خطي نسخو جيڪو 176 صفحن تي مشتمل آهي ۽ آخر ۾ ناقص آهي. البتہ ان جي سر ورق تي انهيءَ خطي نسخي جو تملڪ هنن لفظن سان جاڻايل آهي:

مالڪ في الحقيقت هُوالله تعاليٰ و بحسب الظاهر عبدالله بن اسمعيل وقد ملڪت بمقابلہ ثلث ابياضٍ من ضرب السند.

(حقيقت ۾ تہ مالڪ الله تعاليٰ آهي، پر ظاهر جي لحاظ کان هن جو مالڪ عبدالله بن اسمعيل آهي. سنڌ ۾ ٺهيل ٽن اڇن سڪن جي عيوض ملڪيت ۾ آيو).

ان کانپوءِ ان جي بيضوي، مهر آهي جنهن تي لکيل آهي:

”عبدالله عفي عنہ 1228هہ“

جنهن مان معلوم ٿيو تہ: هي ڪتاب 1228هہ کان اڳ جو تاليف ٿيل آهي.

ان خطي نسخي جي ابتدائي ورقن ۾ هڪ منظوم قطعہ تاريخ وفات بابت ڏنل آهي، جنهن بابت منهنجو غالب گمان هي آهي تہ مخدوم محمد صادق بابت آهي.

لکي ٿو:

فراز بندر مطره رسيد آمد اجل گفتش
ڪہ جانت پيش جانان با يد و گفت بسم الله
وصالش باخدا چون شد زغيب آمد همين تاريخ
مهاجر صادق دل دمر داد در راهہ رسول الله

1240هہ

ان مان معلوم ٿيو تہ سندس وفات 1240ع ۾ ٿي. هن نسخي جي هڪ خاصيت اهڙي آهي، جا ٻين نسخن ۾ نہ آهي. اها هي تہ ان ۾ مصنف يا شارح پاران پنهنجا حواشي ۽ تعليقات بہ حاشين ۾ لڳل آهن. جنهن کي اصطلاح ۾ ”منهيات“ چئبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. مڪتبه معروفيه مٽياريءَ وارو خطي نسخو جيڪو صرف 40 صفحن تي مشتمل آهي. جيڪو عبدالمجيد جي ملڪيت ۾ رهي چڪو آهي.

ٽنهي خطي نسخن ۾ ڪتابت جي تاريخ ڄاڻايل ناهي. "التحقيق الڪامل" جي مقدمي مان معلوم ٿئي ٿو ته شارح يا مولف جي والد صاحب جو نالو محمد شريف هو. جيئن لکي ٿو:

اما بعد فيقول العبدالضعيف محمد صادق بن محمد شريف.

محمد صادق پويان گڇيرائي جي نسبت صرف قاسميه لائبريري واري خطي نسخي جي آخر ۾ ڄاڻايل آهي. جنهن جو ڪاتب "فقير محمد قائم" آهي. لکي ٿو:

محمد صادق پويان گڇيرائي جي نسبت صرف قاسميه لائبريري واري خطي نسخي مان آخر ۾ ڄاڻايل آهي. جنهن جو ڪاتب "فقير محمد قائم" آهي. لکي ٿو:

تمت نسخه المسماة بمنبع المسائل في شرح مائة العوامل، تصنيف مرحوم محمد صادق گڇيرائي غفرالله له ولمالڪ ولڪاتبه. فقير محمد قائم. اتي مالڪ جو نالو به ڏنل آهي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڪيل مورائي

# سنڌ جي سرحدن کان ٻاهر تعلقي موري جا اديب ۽ شاعر

ڪنهن به حوالي سان اتهاس لکڻ مون لاءِ ٽڪائيندڙ عمل رهيو آهي، پوءِ اهو ڪيتري به ننڍڙي دائري ۾ ڇو نه هجي، ناول، ڪهاڻي ۽ شاعريءَ جو اتهاس لکڻ ۽ اپياس لکڻ به الڳ ڳالهيون آهن ۽ مون سدائين ٻئي نمبر واري ناليءَ کي اهميت ڏني آهي. يعني اپياس کي، پوءِ به الائي ڇو جڏهن موري شهر جو ذڪر آيو آهي ته سدائين منهنجو من ۽ منهنجو قلم پاڻمرادو ڪاغذ ڏانهن ڇڪجي آيا آهن، اتهاس لکڻ لاءِ. جيتوڻيڪ مان اتها سڪار نه آهيان، موري جو اتهاس ڪيترو پراڻو آهي يا ڪيترو نئون ان سان به منهنجي ڪا خاص دلچسپي نه آهي، ها جيڪڏهن هيءُ شهر سنڌ جائي ۽ هندستان جهڙي وڏي ملڪ تي حاڪميت ڪندڙ سنڌي راجا چندر گپت موريا جي خاندانَ جي نشاني آهي ته پوءِ مون سان گڏ هن ڪنڌ جي انهن سيني ماڻهن کي فخر رهندو جن جو ڪنهن به طرح سنڌ سان ۽ ان کان پوءِ موري سان ڪو به تعلق رهيو هوندو. مون لاءِ اهو سوچڻ به ڏکيو آهي ته هي شهر مورئي فقير جي نالي پويان جڙيل آهي. هن شهر جي آسپاس جي تاريخ پنهنجي اونهي ۽ قديم دور کي سانڍي ويٺي آهي، جنهن جو ذڪر تاريخ جي پنن ۾ گهٽي انداز ۾ موجود آهي، خاص ڪري برٽش دور جي لکڻين ۾، جنهن دور ۾ ٿي دنيا ۾ حقيقي طرح ۽ سائنسي طرح شين جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي ۽ انهن کي باريڪيءَ سان جاچيو ويو.

تاريخ جو عمل ارتقا ڪندڙ آهي، اهو ڪنهن عقيدي جو محتاج نه آهي ۽ نه ئي قياس آرائين يا ڏکي بازين جو ان ۾ عمل دخل آهي، افسوس سان چوڻ سان گڏ لکڻو به پوي ٿو ته سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جي تحقيق تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ جي تاريخ تائين ڪو خاص ڪم نہ ٿيو آهي. هزار سالن جو وچور برٽش دور جي پهرين پنجاهہ سالن جي ڪم جيترو نہ آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انگريزن پهرئين مهاڀاري لڙائي ۾ ايترو وڃايو جو پويان پنجاهہ سال هنن وٽ ايترو پسئو ٿي نہ رهيو جو هُو ڪوبہ عظيم ڪارنامو سرانجام ڏين، تنهن هوندي بہ هنن هن ڪنڊ جي هڪ نظرانداز ٿيل علائقي سنڌ کي تڏهن پنهنجي تحقيق جي حوالي ۾ اهم سمجهيو جڏهن ميرپور خاص جي هڪ ديهہ لِشارڪيءَ ۾ ”برهما جو بت“ لڌو ويو ۽ سنڌ جي تهذيب تي تڏهن ڪم ڪيو ويو جڏهن منهنجي نالي ياٽي رکيلداس بئنرجيءَ پهريون پيرو موهن جي دڙي کي دريافت ڪيو ۽ سر جان مارشل ان جي پهرئين کوٽائي ڪئي. تعلقو مورو اهڙيءَ ئي ڌرتيءَ تي وجود رکي ٿو تنهن هوندي بہ مان ان جي قدامت تي يا اتهاس تي ڪجهہ ڳالهائڻ بدران ان جي ساهتيہ جي باري ۾ ئي ڪجهہ ڳالهائڻ/لکڻ پسند ڪريان ٿو.

سنڌ جي تاريخ ۾ منهنجي خيال ۾ عربن جي ڪاهہ کان پوءِ 1947ع وارو ورهاڱو هڪ وڏو حادثو آهي، جنهن سنڌ جي شعور کي پورپور ڪري ڇڏيو. مان سنڌ جي ان ٽٽل، پور پور ٿيل شعور کي وري ميڙڻ جي هڪ ننڍڙي ڪوشش ڪرڻ چاهيان ٿو پوءِ بہ ان شعور جا فقط اهي ٽڪرا هٿ ڪرڻ چاهيان ٿو جن تي ساهتيہ جو رنگ لڳل آهي. اهو بہ وضاحت سان ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ جنهن تاريخ کان سنڌ ٽٽي آهي، ان تاريخ جي آسپاس موري جي جاگرافي حدن ۾ آيل ساهتيہ ۽ ساهيتڪار ئي منهنجو موضوع آهن ۽ اهو مورو ياد رکڻ گهرجي تہ 730 چورس ميل پکيڙ تي وجود رکندڙ هو.

(1) منجهس 55 ديهون هيون،
(2) 6 جاگيرون فرسٽ ڪلاس هيون
(3) 9 جاگيرون سيڪنڊ ڪلاس هيون.
(4) منجهس 8 ٽپا هئا.

جيڪي هينئين ريت موجود هئا:
(1) دولتپور ٽپو
(2) سن ساوڙي ٽپو
(3) ڳچيرو ٽپو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4) مورو ٽپو
(5) وڏ پاڳيا ٽپو
(6) مناهين ٽپو
(7) سهڙا ٽپو
(8) پورڻ ٽپو

تعلقي موري جون حدون اوپر ۾ خيرپور رياست، اُتر ۾ نوشهروفيروز اولهہ ۾ دريا پار دادو ۽ ڏکڻ ۾ سڪرنڊ تعلقي سان ٿي لڳيون. تنهن ڪري انهن حدن ۾ ۽ انهن جي ڪنهن بہ ڳوٺ ۾ رهندڙ اديب ۽ شاعر هن لکڻيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو حق رکي ٿو جنهن حق جي پاسداري ڪندي مان انهن سڀني کي هتي جڳهہ ڏئي رهيو آهيان. جيتوڻيڪ اج جي تاريخ تائين ايندي سنڌ وانگي اسان جون دليون بہ سوڙهيون ٿي ويون آهن، ها جيڪڏهن وڏيا آهن تہ فقط شهر وڏيا آهن جن بہ بدقسمتيءَ سان هاڻ پنهنجي سجاڻپ مهذب شهرن بدران اونداهي جهنگل واري ڪرائڻ شروع ڪئي آهي، جنهن ڪري ٿي شايد دنيا جو هر ذهين شخص شهرن کان پري ڀڄو آهي، ايئن ٿي مورو شهر بہ جاگرافيءَ ۾ گهٽو ٿي وڌيو آهي، پر سچ اهو آهي تہ هو تهذيبي طور سُسي ويو آهي، وڏين بلڊنگن ۽ گهٽن دڪانن نهڻ سان تهذيبون نہ وڌنديون آهن اهو ياد ڪرڻ گهرجي. هاڻ جڏهن سنڌ جي شهرن ۾ رهندڙ ماڻهن جي پنهنجن شهرن سان دلچسپي فقط زمين جا ڪجهہ فٽ والارڻ تائين وڃي رهي آهي، تڏهن تهذيبن جو موت اچڻ ٿي گهرجي، تهذيبون قومن جي سڃاڻ ڪرائينديون آهن. موهن جو دڙو سنڌ ۾ ان جو اڪيلو مثال آهي، پر اج جو ماڻهو اهو ماڻهو نہ آهي جنهن موهن جي دڙي جهڙي عظيم تهذيب تعمير ڪئي هئي. ان جو اسان کي اعتراف ڪرڻ گهرجي. جيڪي قومون تهذيبون اڏينديون آهن، انهن جو مثال موري شهر جي وچ ۾ سيد محلي ۾ اج جي تاريخ تائين پنهنجو مها ڏيک ڏيندڙ اها وڏي ۾ وڏي جڳهہ آهي جيڪا 1946ع ۾ جڙي راس ٿي هئي ۽ ان جو جوڙائيندڙ ان ۾ فقط هڪ سال رهي سگهيو هئو. تاريخ جي 63 سالن ۾ ان جڳهہ جهڙي ٻي جڳهہ جڙي نہ سگهي آهي، پوءِ جون جديد طرز جو نهيل جڳهيون اج بہ ڏسي سگهجن ٿيون (1)اها جڳهہ سنڌي ٻوليءَ جي نهايت اهم ناول نويس ۽ ڪهاڻيڪار هري همتاڻي جي آهي جيڪو اج بہ اجمير جي ٽڪ نگر ۾ زنده سلامت آهي، هو سنڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ ۾ ادب جي هڪ ٻئي آبرودار نالي، سيد ناصر علي شاهه ناصر موراڻيءَ سان گڏ سنڌيءَ جا ٻه درجا موري ۾ پڙهيو هُئو اها تصديق ٻنهي ڪئي آهي.

**هري همتاڻي:**

هري همتاڻي هيسب ۾ رهندڙ هُئو سندس وڏي ڀاءُ ۽ پيءُ هيءَ جڳهه ٺهرائي هئي، ورهاڱي هُن کي هتان اڏائي ڇڏيو. هُن کي ڇا سنڌ جي تاريخ جي هڪ اهم حصي کي اڏائي ڇڏيو.

هُن سنڌي ادب جي ڦول مالها ۾ ليکڪ جي حيثيت سان 20 موتين جو واڌارو ڪيو ۽ پبلشر جي حيثيت سان ساهتي پرڳٽي جي نهايت حسين شاعر نارائڻ شيام جي سيني ڪتابن ڪاتسواءِ ٻيا ڪيترائي ڪتاب سنڌي ٻولي کي ڏنا. مان الڳ وقتن تي جڏهن سندس جڳهه وٽان لنگهيو آهيان تڏهن پنهنجي پيرن هيٺان هُن جي پيرن جا نشان محسوس ڪيا اٿم، جيڪي ڪنهن کي تلاشي رهيا آهن.

تاريخ شايد چوي ته تهذيبون ختم نه ٿينديون آهن پر دفن ٿينديون آهن، جن تي وقت جي لٽ چڙهي ويندي آهي، جيڪا پوءِ ايندڙ ماهر اچي لاهيندا آهن ۽ پوءِ اهي تهذيبون ٻيهر ظاهر ٿي پونديون آهن، جيئن موهن جو دڙو ظاهر ٿيو آهي، ممڪن آهي ته هري همتاڻيءَ جي پيرن جا نشان به ڪنهن کوٽائيءَ کان پوءِ ظاهر ٿين، تيستائين هُن جي ظاهر ٿيل ڪم جو ذڪر اوس ٿيڻ گهرجي. 2006ع تائين هري همتاڻيءَ جا ويهه ڪتاب شايع ٿيل آهن، جن تي هُو اٺ اعليٰ ادبي انعام حاصل ڪري چڪو آهي ۽ اڃا ڪيترا سندس انتظار ۾ آهن. تازو ئي هُن جديد ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار شيام جئسنگهاڻيءَ جي چونڊ ڪهاڻين تي مبني هڪ خوبصورت ڪتاب شايع ڪيو آهي. ڪاش هو اڄُ هن سيمينار ۾ پاڻ موجود هجي ها. پر تاريخ اهڙي چڱائي اسان سنڌين سان ڪاٿي ٿي ڪري.

بهرحال انهن اديبن ۽ شاعرن جو سلسلو هيٺين ريت آهي. ممڪن آهي ته ڪي اديب ۽ شاعر مون کان رهجي ويا هجن ڪوبه دوست به رهنمائي ڪندو ته مان گهڻو خوش ٿيندس.

| | | |
|---|---|---|
| 1 | هري همتاڻي | اصل هيسب ـ ممبئي |
| 2 | ارجن سڪايل | اصل سڏوجا ـ ممبئي |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 3 | ڪيمن يو مولاڻي | اصل درس بيرا ڳڙهہ ڀوپال |
| 4 | بسنت ڪمار تياڳي | اصل سونهان- بيرا ڳڙهہ ڀوپال |
| 5 | ديو ناٽاڻي | اصل نوڙها - ناگپور |
| 6 | گووردن ناٽاڻي | اصل سڏوجا- ممبئي |
| 7 | روپڪمار گهايل | اصل عامرجي- بيرا ڳڙهہ ڀوپال |
| 8 | عامرجائي ڪوڏ | اصل عامرجي- بيرا ڳڙهہ ڀوپال |
| 9 | ڪيلداس آڏواڻي | اصل چنيجا- ممبئي |
| 10 | تلسي نرياڻي | اصل مورو- جئيپور |
| 11 | ڪنعيا لال منواڻي | اصل دولتپور- جئپور |

### ارجن سڪايل:

ارجن سڪايل جي نالي سان سڃاتو ويندڙ سنڌيءَ جو خوبصورت شاعر ۽ نثر نويس موري لڳ ننڍي ڳوٺ/ شهر سڏوجن ۾ 5 نومبر 1919ع ڄائو. سنڌس چواڻي ان وقت شهر جي مک گهٽي جي ڀڄاڻيءَ تي سنڌن گهر ۽ اوطاق هُئي، جيڪڏهن اڄ بہ سڏوجن جو نقشو ايئن آهي تہ اها جڳهہ ڳولڻ ڪو گهڻو ڏکيو ڪم نہ هوندو. ارجن سڪايل نوي سال پار ڪري چڪو آهي پر سڏوجا اڄ بہ سندس ساهہ سان جڙيل آهي، هُن الڳ الڳ موضوعن تي ويهارو کن ڪتاب لکيا آهن پر سندس سڏوجن ڪي ذهن ۾ رکي لکيل تصوراتي سفر نامو پڙهڻ جهڙو آهي، هُن ڪيترائي انعام ماڻيا ۽ سنڌ کان پري بہ هُو سنڌ جو ۽ سڏوجن جو سڏائيندو رهيو آهي. ڇا اهو تاريخ ۾ ممڪن آهي تہ سنڌ هڪ ڀيرو ٽي هن ٻڍڙي کي پنهنجي پاڪر ۾ ڀري گرانڙي پائي سگهي ۽ هو سڏوجن جون اهي ڳليون هڪ ڀيرو وري ڏسي سگهي، جيڪي هُن ننڍپڻ ۾ ڏٺيون هيون ۽ مين گهٽيءَ جي ڀڄاڻيءَ تي پنهنجي اوطاق ۾ ويهي ڪي پل پنهنجي زندگيءَ جو پوتاميل ڪري.

### آنند کيماڻي:

آنند کيماڻي جو نالو ڪٺندي ئي مون کي جديد ادب جون اهي سڀ تحريڪون ياد اچي ٿيون وڃن، جن يورپ کان روشني ڪري اوير کي اُجاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيو. ادب جي دنيا ۾ آنند ڪيماڻيءَ جو نالو سنڌ، موري ۽ سڏوڄن جي حوالي ۽ هُن جي ادبي دنيا جي حوالي سان عالمي ادب ۾ـ ڪافڪا، موپاسان ۽ ڪاميو کان گهٽ نہ هُجي ها! جيڪڏهن هو يورپ ۾ ڄمي ها يا انگريزيءَ لکندو هجي ها. سنڌ هڪ ننڍڙو علائقو ۽ سنڌي ٻولي ان ننڍڙي علائقي جي ٻولي، ان ڪري آنند ڪيماڻي وڏو ليکڪ هوندي بہ بنهہ ننڍڙو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جيترو ننڍڙو. ۽ سنڌي ادب ۾ ٻن هٿن جي آڱرين تي ڳڻي سگهجندڙ سنڌي اديبن مان ۽ ذهين شخصن مان هڪ آنند ڪيماڻيءَ نالي دهليءَ ۾ رهندڙ شخص بہ آهي، جيڪو 9 سيپٽمبر 1933ع تي سڏوڄن ۾ ڄائو. هو جديد ڪهاڻي ـ ڪوتا ۽ اَڪوتا لکندڙ ذهين شخص، سنڌي ادب کي پنهنجن ٻڌن کن ڪتابن ڏيڻ کانپوءِ، پنهنجي پينشن جي پئسن مان گذارو ڪري رهيو آهي ۽ سندس چوڻ موجب چئن جلدن تي ڦهليل آتم ڪٿا لکي رهيو آهي.

## ڪيمن يُو. مولاڻي:

پنهنجي اندر ۾ اڄ بہ چِٽا احساس ۽ تصور سانديندڙ ۽ پنهنجي پيءُ جي وصيت جو بار کڻي گهمندڙ ڪيمن اڄا تائين تہ انهن کي ساڀيا نہ ڏئي سگهيو آهي، سندس والد ڪيس چئي ويو هُئو تہ "مون تہ سنڌ نہ ڏٺي پر تون هڪ ڀيرو سنڌ وڃي، موري تعلقي ۾ درسن جو ننڍڙو ڳوٺ ضرور ڏسجان" ۽ اهو ٽن سالن جي عمر ۾ درس ڳوٺ کي الوداع چوندڙ ڪين اڄ تائين هڪ ڀيرو درسن کي ڏسڻ لاءِ آتو آهي جتي هُن 10 جون 1944ع ۾ جنم ورتو. ڪيمن يو مولاڻي سنڌي غزل جو نهايت خوبصورت شاعر آهي. هُن ڪهاڻيون بہ لکيون آهن تہ مضمون بہ لکيا آهن، ترجمان بہ ڪيا آهن تہ ترتيب جو ڪم بہ ڪيو آهي. ڀوپال ۾ رسان سنڌين جي وسنديءَ "بيرا ڳڙهہ" ۾ رهندڙ ڪمين يو مولاڻي اڄ موري ۽ درسن کان پري آهي پر هر گذرندڙ رات خواب ۾ موري جون گهٽيون لتاڙي درسن جو درشن ڪري ٿو. اهڙو اظهار نہ رڳو هُن جي شعرن، ڪهاڻين ۽ مضمونن مان ملي ٿو پر سندس مون سميت سنڌ ۾ رهندڙ دوستن ڏانهن لکيل خطن ۾ پڻ ملي ٿو. هُو جتي بہ هُجي خوش هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**بسنت ڪمار تياڳي:**

تعلقي موري جي ڳوٺ سونهان ۾ 27 مارچ 1940ع تي جنم ورتندڙ بست بيرا ڳڙهہ ڀوپال ۾ رهي ٿو. ”بوندون تيون برسن“ نالي شعري مجموعي جو خالق بسنت، ممڪن آهي تہ پيا بہ ڪيترائي ڪتاب لکي چڪو هُجي جن جي مونکي ڄاڻ نہ آهي، پر اها ڄاڻ اٿم تہ هو موري کي ڇڏي سنساري طور سکي ڀلي ٿيو هوندو پر اندران اندران ٽٽل هوندو ۽ اڻ پورو هوندو. مان ڀوپال نہ ويجي سگهڻ جو ڏک اندر ۾ ايئن سانديندو آهيان جيئن هن سنڌ نہ اچي سگهڻ جو ڏک سانديو هوندو پر جيئن تہ ڀوپال منهنجي جنم ڀومي نہ آهي هوءَ فقط منهنجي اديبن دوستن جي ڪرم ڀومي آهي، پر سنڌ تہ بسنت ڪمار جي جنم ڀومي آهي ۽ ماءُ کي وسارڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هن پنهنجي ماءُ سنڌ کي نہ فقط شعرن ۾ سانديو آهي پر پنهنجي دل ۾ بہ سانديو آهي.

**ديو ناتاڻي:**

”ضلعو نوشهروفيروز تاريخ جي آئيني ۾“ ڪتاب ۾ شامل منهنجي هڪ مضمون کي پڙهي، پهريون ڀيرو مونکي خط لکي، هميشہ لاءِ اکيون ٻوٽيندڙ ديو ناتاڻي اڄ سرڳ واسي آهي. هُن پنهنجي ڳوناٽي ۽ منهنجي دوست ادريس جتوئي لاءِ سلام بہ موڪليا ۽ پنهنجي 63 سال اڳ ڇڏي ويل گهر جي پارت بہ ڪئي. شايد ڪيس پروڙ پئجي ويا هُئا تہ سنڌ، موري ۽ نوڙهن سان سندس هيءَ آخري اڌ ملاقات آهي. 10 جنوري 1924ع تي نوڙهن ۾ جنم وٺندڙ ديو ناتاڻي هاڻ ڪنهن بہ پابنديءَ کان آجو آهي، هو جڏهن چاهي پنهنجي ڳوٺ اچي سگهي ٿو هاڻ نہ هُن کي ويزا جي ضرورت آهي ۽ نہ ئي هن لاءِ سيڪيورٽي ڪو مسئلو ڪندي. هُن پنج ڪتاب لکيا ۽ 2009ع ۾ ناگپور ۾ گذاري ويو جيئري سندس سنڌ ڏسڻ جي آس پوري نہ ٿي سگهي. ڪير ڄاڻي تہ پوئتي رهندڙن مان ڪيترن جي اُها آس پوري ٿي ٿئي؟ پوءِ بہ اياز چواڻي:

پلي آس ٿر مان، نہ آ توهرن،
پتائي! ڏسين تو وڃون تيون ورن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**روپڪمار گهايل:**

پهاڪن، اصطلاحن، چوڻين ۽ نصاب جي ٻين موضوعن تي ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪتاب لکندڙ روپڪمار گهايل عامرجي، ڳوٺ ۾ 17 جون 1930ع تي جائو هن نثر توڙي نظم ۾ هڪ ٿي وقت نهايت ڪاميابيءَ سان لکيو هتان سنڌ کي ڇڏي هو ڀوپال پرسان سنڌين جي وسندي بيرا ڳڙهه ۾ وڃي وسيو ۽ اتي به سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهيو. هُن ڪيترا ترجما به ڪيا ۽ سندس ڪجهه ڪتاب به ٻين هندستاني ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آهن. خاص ڪري هُن ساميءَ جي 108 سلوڪن کي هنديءَ ۾ ترجمو ڪري هنڌ ۾ هن سنت ڪويءَ کي متعارف ڪرايو آهي. سنڌ جي سار سندس اندر ۾ سدائين رهي. متيءَ جي مهڪ هُن جي لکڻين ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿي. هو اڄ جتي به آهي، تعلقي موري جي تاريخ ۾ سندس نالو هميشه سنڌ جي حوالي ۾ رهندو.

**عامر جائي ڪوڏ:**

متئين ادبي تخلص سان لکندڙ اسانجو شاعر ڪوڏو مل ايس بولچنداڻي 1ـ مارچ 1935ع تي ڳوٺ عامرجيءَ ۾ جنم ورتو. هو شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ به لکندو هُئو. ڪيترن ئي رسالن ۾ سندس شاعري ۽ مضمون وغيره ڇپبا رهيا آهن. ”سنڌي ڀڳت“ نالي سندس ڪتاب 1979ع ۾ شايع ٿيو. هونئن الڳ الڳ سندس ڪيترائي ليک آهن جن کي سهيڙڻ جي ضرورت آهي، هو عامرجيءَ کي الوداع چئي ”بيرا ڳڙهه“ ڀوپال ۾ وڃي رهيو ۽ اتي به سنڌي ادب جي جوت جلائيندو رهيو. هُو سنڌ مان ٻين هنڌن تان لڏي ويل سندس اديبن سان گڏ بيرا ڳڙهه ۾ اڄي ادبي ماحول جوڙي جڻ هڪ ننڍڙي سنڌ ٺاهي ويٺا آهن. نارڻ شيام صحيح چيو آهي ته:

سنڌ کي ڪو نه ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان
سنڌي جتي سنڌ اتي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪيئلداس ويڙهو مل آڏواڻي:

تعلقي موري جي ڳوٺ چنيجا ۾ جاول ڪيئلداس آڏواڻي. موري کي ڇڏي ممبئي ۾ وڃي وسيو. هڪ ئي وقت هو شاعري، ڪهاڻي ۾ مضمون تي طبع آزمائي ڪندو هيو ۽ ڪيترن ئي رسالن ۾ شايع ٿيندو رهيو. هن جو جنم 15 آڪٽوبر 1918ع ۾ چنيجا ڳوٺ ۾ ٿيو. ان ڪري هن ڳوٺ کي تاريخ ۾ سدائين ياد رکيو ويندو. هند لاڏي ويلن سنڌين ڪان پلي هيءُ ڳوٺ وسري وڃي پر اڄ جي تاريخ ڪان پوءِ هيءُ ڳوٺ ادبي تاريخ ۾ زنده ضرور رهندو ڇاڪاڻ ته هُن ڳوٺ سنڌي ادب کي هڪ اهڙي شخص ڏنو جنهن سنڌس نالو روشن ڪري ڇڏيو ڪيئلداس سنڌ ڇڏي سکي ٿيو يا ڏکي، اهو ته ڪانئس ئي پڇي سگهجي ها! پر جيستائين هنڌُ لاڏي ويندڙن جو حوالو آهي ته اُهي سنساري طور ته سکي رهيا پر دلي طور دکي رهيا. ماسي، ماسي آهي، ان جو رشتو پيارو آهي پر ماءُ ته ماءُ آهي، هر ٻي ڌرتي ماسي ته ٿي سگهي ٿي ماءُ نه! اهو تاريخ جو اٽل اصول رهيو آهي. ڪئلداس ماسيءَ جي جهول ۾ وڃي گذاريو. سکيو يا ڏکيو. پر هُن ماءُ جي ٿڃ ملهائيندي سنڌي ٻولي ۾ ڪيترو ئي لکيو جنهن سبب ئي موري جي تاريخ ۾ ڪيس اڄ سنڌس سوين ميلن جي دور هجڻ باوجود ياد ڪيو پيو وڃي ۽ جيستائين سنڌي ٻولي هوندي ڪيس ياد ڪيو ويندو.

## گووردن ناتاڻي:

سڌوجن جي سدا بهار متيءَ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ ٻيو موتي به ڏنو جنهن جو نالو گووردن رامچند ناتاڻي آهي. هن جو جنم 8 جولاءِ 1925ع تي ٿيو. ممڪن آهي ته ارجن سڪايل، آنند کيماڻي ۽ گوورن ناتاڻي گڏ ساڳين گهٽين ۾ گهميا هجن ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجون شروعاتي ساديون سوديون لکڻيون به ٻڌايون هجن. پر اهو وڏو سچُ آهي ته هن ننيڙي ڳوٺ نما شهر سنڌي ادب کي وڏا نالا ڏنا، جنهن سبب هيءُ ڳوٺ/شهر سونهري اکرن ۾ ياد ڪيو وڃي يا نه پر موري ۾ ان سان گڏ سنڌي جديد توڙي ترقي پسند ادب جي حوالي سان ياد ضرور ڪيو ويندو. گووردن شاعري ڪئي سندس 3 کن ڪتاب شايع ٿيل آهن ممڪن آهي ته ممبئيءَ ۾ به هيءُ ليکڪ ۽ ارجن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪايل مليا/ملندا رهندا هجن ۽ هڪبئي کي پنهنجا شعر ٻڌائيندا هجن، جن کان اڄ اسين محروم آهيون. پر سنڌن ڇپيل شعر ڪنهن نه ڪنهن طرح اسان تائين پهچندا رهن ٿا. موري جي مٽي تنهنجي عظمت کي سلام آهي جنهن ههڙا موتي سنڌي ادب کي ڏنا جن سنڌي ادب کي آبرودار بڻايو. ايئن سنڌي ادب ۾ موري جو هڪ ننڍڙو (جيڪو وڏو به ٿي سگهي ٿو) حصو رهيو آهي. هيءُ حصو ته انهن ليکڪن جو آهي جيڪي 1947ع کانپوءِ هت نه رهيا پر مجموعي طور موري جو علم ۽ ادب ۾ حصو نهايت اهم رهيو آهي، جنهن بابت ٻيا اسڪالر پنهنجو اظهار ڪندا رهندا. ادب کان سواءِ لطيف فن جي ٻين شاخن ۾ به موري کان ٻاهر رهندڙ شخصيتن پڻ چڱو ئي ڪم ڪيو آهي ۽ نالو ڪڍيو آهي. مثال طور:

### تلسي نرياڻي:

مونکي اهو پتو نه ته آهي ته هُن نامياري، گائڪ، اداڪار ۽ هدايتڪار جو گهرُ موري جي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ هُئو ۽ اهو اڄ ڪهڙي حال ۾ آهي. آهي به يا نه آهي. ان جي جاچ ڪرڻ کپي منهنجي دوست شمشاد سومري کي، پر مونکي اها خبر آهي ته 15 آگسٽ 1935ع تي موري شهر ۾ جنم وٺندڙ هن اعليٰ فنڪار تلسي نرياڻيءَ 30 کان وڌيڪ ناٽڪ لکيا، انهن جي هدايتڪاري ڪئي ۽ ساڳئي وقت انهن ۾ اداڪاري به ڪئي ته گيت به ڳايا. آل انڊيا ريڊيو تي به هن ڪيترائي سنڌي گيت ڳايا ۽ ايئن هُن ڏور ويهي به سنڌ ۽ موري جو مان مٿاهون ڪيو. هو موري کانپوءِ جئپور ۾ وڃي ٽانيڪو ٿيو ۽ پنهنجي فن وسيلي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪندو رهيو اڄ هُن کي ياد ڪري جڻ ته اسين پنهنجو پاڻ کي يا موري جي تاريخ کي ياد ڪري رهيا آهيون، هو جتي به هجي خوش هجي.

### ڪنعيا لعل منواڻي:

برٽش دور ۾ طئه ڪيل ساهتي پرڳڻي جي اُترئين حصي جي ڇيڙي واري شهر دولتپور ۾ 6 جون 1942ع تي جنم وٺندڙ هن هدايتڪار ۽ اداڪار به سنڌي ڪالوني جئپور وڃي وسائي، جتي هن قانون جي ڊگري وٺڻ سان گڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناٽڪ جي خدمت بہ ڪئي آهي، هُن ڪيترن ئي ناٽڪن جي هدايتڪاري ڪئي ۽ ڪيترا ناٽڪ لکيا آهن. هُو جئپور جي سنڌي ڪلچرل ڪاميٽيءَ جو ڪنوينر پڻ رهيو آهي. ايئن سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ۾ اڻ ڳڻين شخصن پنهنجو رت ستُ ڏنو آهي، جيڪي نالا اڄ اسانجي ڪتابن توڙي زبانن ۾ نہ اچي سگهيا آهن. اُهي سچ تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جا اهڙا گمنام سپاهي هُئا جن پنهنجو رت ۽ ست ڏئي ٻولي ۽ ان جي ادب جي آبياري ڪئي. اڄُ هُو جتي هجن خوش هجن. پر موري جي ادبي تاريخ ۾ هو هميشہ ياد رکيا ويندا اهڙي پڪ آهي.

حوالي ۾ ايندڙ ڪتاب:

(1) ساهتيہ ڪلا۔ درسني۔ هري هوتومل تنواڻي.
(2) ضلعو نوشهروفيروز تاريخ جي آئيني ۾۔ مرتب اسلم عباسي.
(3) ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب جي تاريخ۔ ليلو رچنداڻي.
(4) ڪونج جا پرچا۔ هري موٽواڻي.
(5) رچنا جا پرچا۔ لکمي کلاڻي.
(6) وهي کاتي جا پنا۔ لڇمڻ ڪومل.
(7) 1867 ۽ 1940ع جا نقشا۔ روينيو کاتو سنڌ حڪومت.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رحيمہ سيال

# پروفيسر علي نواز جتوئي:
## موري تعلقي جو هڪ نامور معلم، اديب، محقق ۽ دانشور

موري تعلقي ۾ جيڪي نالي وارا اديب، معلم، محقق ۽ دانشور آهن، يا ٿي گذريا آهن، تن ۾ پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جو نالو تعليم جي تاريخ ۾ هميشہ نمايان ۽ جاودان رهندو. پاڻ هن تعلقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ پراڻا جتوئيءَ ۾ سال 1914ع ۾ جنم ورتائين. سندس عمر اڃا 3 سال مس هئي تہ سندس والد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. پرائمري تعليم تہ پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين پر غريبي حال ڪري وڌيڪ پڙهڻ لاءِ سگهہ ساري نہ سگهيو. سندس ذهن، هوشياري ۽ غربت کي ڏسندي خان بهادر امام بخش جتوئي، جيڪو ان وقت ضلعي اسڪول بورڊ جو چيئرمين هو تنهن کيس ڏيپارجہ جي انگريزي اسڪول ۾ داخل ڪرايو پر اهو اسڪول ڪن اڻ ٽر سببن ڪري بند ٿي ويو جنهن ڪري کيس نوشهرو فيروز مدرسہ هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. جتان پاڻ سال 1937ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان وڏي اعزاز سان پاس ڪيائين. نوابشاه ضلع جي سيني مسلمان شاگردن ۾ پهريون نمبر آيو. اهڙي سٺي پوزيشن کڻڻ ڪري وڌيڪ پڙهڻ لاءِ کيس هيٺ ڄاڻايل چار اسڪالرشپون منظور ٿي مليون:

1. ميرٽ اسڪالرشپ
2. ڪنگ ايڊورڊ ميموريل اِسڪالرشپ
3. گورنمينٽ اسڪالرشپ
4. ضلع لوڪل بورڊ اسڪالرشپ

پاڻ پهريائين سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتائين. جتان پوءِ جهوناڳڙه پڙهڻ ويو پر اتان جون حالتون سندس لاءِ سازگار نہ رهيون جنهن ڪري موٽي اچي ڪراچيءَ جي ڊي. جي. نيشنل ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاليج مان سال 1943ع ۾ B.A پاس ڪرڻ بعد ڪراچي يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي سال 1945ع ۾ B.T جو امتحان پاس ڪري هڪ تربيت يافته استاد جي حيثيت سان پنهنجي نوڪريءَ جو آغاز هاءِ اسڪول ٽنڊو باگو کان ڪيائين.

سندس قابليت، صلاحيت ۽ محنت کي ڏسي ان وقت جي D.P.I ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشنس علامه دائود پوٽي سال 1948ع ۾ کيس گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرر طور مقرر ڪيو جڏهن ته اجان پاڻ M.A جو امتحان به ڪونه ڏنو هئائين. پاڻ M.A جو امتحان پوءِ سال 1949ع ۾ ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. انهيءَ سال سنڌيءَ ۾ M.A پاس ڪرڻ وارو هي واحد شاگرد هو بيا جيڪي به امتحان ۾ ويٺا سي سڀ فيل ٿيا.

سال 1953ع ۾ جتوئي صاحب کي سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ڪري مقرر ڪيو ويو جتي هڪ سال بعد کيس ترقي ڏئي هيڊ آف سنڌي ڊپارٽمينٽ جي پوزيشن تي آندو ويو.

سال 1963ع ۾ پروفيسر علي نواز جتوئيءَ کي يونيورسٽيءَ طرفان فارين اسڪالرشپ منظور ڪري لنڊن يونيورسٽيءَ ڏانهن هڪ سال جي علم اللسان جي ٽريننگ وٺڻ لاءِ موڪليو ويو. ٽريننگ ڪرڻ بعد پاڻ وري سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي زبان جي فروغ ۽ ترويج لاءِ رات ڏينهن پاڻ پتوڙيندو رهيو. سندس ڪوشش سان سنڌي زبان جي شعبي ۾ M.A ڪرڻ لاءِ ڪيترائي شاگرد آيا ۽ ٻوليءَ تي نه فقط معياري تحقيق شروع ٿي بلڪ ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ڇپايا ويا. Ph.D ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي شاگردن کي سهولتون فراهم ڪيو ويون. جن جتوئي صاحب جي رهبريءَ ۾ ڊاڪٽريٽ جون ڊگريون حاصل ڪيون.

جتوئي صاحب شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر تي تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ علامه آئي آئي قاضيءَ جي رهبري ۾ ڪم ڪندو رهيو. علامه صاحب دنيا جو مجيل عالم، دانشور ڏاهو ۽ محقق ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جو پهريون وائيس چانسلر هو.

محترم غلام قادر جهان نو رسالي جي طرفان هڪ دفعي پروفيسر جتوئيءَ سان ملاقات ڪندي تعليم جي معيار بابت ڪجهه سوال ڪيا. جتوئي صاحب جواب ڏنو ته ”دوست! ڪنهن به قوم جي وجود ۽ نسل جي بقا جو بنياد صرف علمي ترقي آهي. جنهن قوم ۾ ذهني ڪوشش ۽ ڪشمڪش جي جسارت ۽ همت نه آهي، اها قوم حڪمران ته پري پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محڪوم بہ ستي ڳالهہ آهي ۽ غلاميءَ جي بد ترين مثالن مان آهي. اهڙي قوم جي نہ غيرت آهي نہ شرافت. مان چوندس تہ سندس نسل بہ نہ آهي. اڄ ڪلهہ جنهن جنهن طوفان کي منهنجيون اکيون ڏسي رهيون آهن، اها آهي علمي بي عملي ۽ فراريت. دوست! هن جا گهڻا سبب آهن ۽ جن کي مان اوليت ڏيان ٿو سي هي آهن:

1. نالائق استاد:۔ معاف ڪندا! مان خود استاد آهيان پر اسان جو عظيم استاد علامہ آئي آئي قاضي صاحب جن چوندا هئا تہ "جيڪو خود گمراہ آهي، سو ٻئي جي ڇا رهنمائي ڪري سگهندو؟". اڄ استاد پنهنجي تعليمي معيار ۽ فن کان نا واقف نہ هئا ۽ پنهنجي سبجيڪٽ ۾ بلا جا ماهر هئا. پر اڄ جا استاد سبجيڪٽ تہ پري رهيو پر انساني نفسيات ۽ قدرن کان بہ بيگانہ آهن، جن کي پنهنجي بہ خبر ناهي.

2. حڪومت ۽ حڪمران:۔ جيڪي خود تعليمي فلسفي ۽ اسلام کان نا واقف آهن ۽ اها خبر بہ نہ اٿن تہ زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي. منهنجي نظر ۾ جيستائين تعليم جي اسلامي فلسفي جو سرشتو جاري نہ ڪيو ويندو تيستائين ڪو بہ تعليمي سرشتو پاڪستان ۾ ڪامياب نہ ٿيندو.

3. صحيح استادن جي کوٽ:۔ جيستائين صحيح استاد نہ پيدا ڪيا ويندا، تيستائين قومي انتشار نہ ويندو. ڇاڪاڻ تہ اهي استاد ئي آهن جيڪي نئين نسل کي تيار ڪن ٿا. اگر نئين نسل کي بي مقصد تعليم ڏني ويندي تہ ملڪ ۾ آخر بگاڙ ئي پيدا ٿيندو جيڪو هينئر نوجوان نسل مان اوهين خود محسوس ڪري سگهو ٿا.

4. تعليمي ادارن کي سياست کان پاڪ ڪرڻ:۔ تعليمي ادارا هينئر سياسي آکاڙا بنجي چڪا آهن. شاگرد، شاگرد نہ رهيو آہ پر تعليم جي دوران ئي سياستدان آهي جنهن کي هٽلر بازي ڪرڻ لاءِ ترغيب ڏني وڃي ٿي. يونيورسٽين ۽ تعليمي ادارن جي تقدس کي متاثر ۽ شاگردن ۾ لوڀ، لالچ، ۽ رشوت جي ستي وڌي وڃي ٿي.

جيڪڏهن تعليم جو معيار بلند ڪرڻو آهي تہ پوءِ ڪنهن بہ سياسي ليڊر کي تعليم گاهہ ۾ وڃڻ نہ ڏنو وڃي. استادن کي پنهنجن مضمونن جو ماهر هئڻ گهرجي. اسلامي تعليم جي فلسفي کي رائج ڪجي ۽ تعليم اهڙي هجي جنهن مان شاگردن کي راحت ۽ ترقي ملي، اهڙي نہ هجي جنهن کي بار محسوس ڪيو وڃي يا نفساني ۽ فحاشيءَ جو سبب بڻجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر علي نواز جتوئيءَ مطابق ادبي دنيا ۾ پهريائين پاڻ سال 1941ع ۾ هڪ ڪهاڻي لکي پير پاتائين. سندس ڪهاڻيءَ جو مول متو هو تہ انسان کي ڏک چو ٿا ملن. سندس چوڻ موجب اها ڪهاڻي پاڻ شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جي هن بيت جي روشنيءَ ۾ لکي هئائين.

ڏک سکن جي سونهن،
گهوريا سک ڏکن ريءَ.

شاه عبداللطيف ڀٽائي رح سان سندس بيحد عقيدت هئي. شاه صاحب رح جي نظرين تي هڪ ڪتاب "لطيفي لهرون" لکيائين جنهن ۾ شاه صاحب جي عقيده توحيد جي نظريي کي نهايت ئي واضع طور تي پيش ڪيائين. ان کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي مقالہ لکيائين جن ۾ هڪ مقالو "ڀٽائيءَ جو ياري پيد" ڏاڍو مقبول ٿيو. انهيءَ مقالي ۾ خاص نقطو هي پيش ڪيائين تہ شاه عبداللطيف ڀٽائي جو محبوب حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم آهي. جنهن سلسلي ۾ دليل طور شاه صاحب جا جيڪي بيت پيش ڪيا اٿس تن مان هڪ هيءُ هو "بالله ري پرينءَ سپ اونداهي پايان" يعني خدا جو قسم تہ پرينءَ کان سواءِ هر شيءِ کي اونده ٿو سمجهان.

پروفيسر جتوئي صاحب جون گهڻيون ئي تحريرون آهن جيڪي اڻڇپيون رهجي ويون. ايترو لکي نہ سگهندو هو جيترو گهڻو سوچيندو هو. ڇا ڪاڻ تہ جوانيءَ کان وٺي دم جو عارضو هوس. سندس ڇپيل ڪتاب هي آهن:

1. علم اللسان (ٻوليءَ جي جاڻ): هن ڪتاب بابت مغربي مفڪرن جا رايا آهن تہ اج ڏينهن تائين ٻوليءَ جي علم تي اهڙو ٻيو ڪو بہ ڪتاب ڇپجي نہ سگهيو آهي.
2. لطيفي لهرون: شاه ڀٽائيءَ جي نظرين ۽ عقيدن تي لکيل ڪتاب.
3. عبدالرحيم گرهوڙي جو ڪلام
4. ديوان حافظ.
5. اخلاق محسني.

ترتيب ۽ ترجمي وارا ڪي ٻيا بہ ڪتاب لکيا اٿس.

پروفيسر صاحب جي وفات سال 1997ع ۾ ٿي سندس آخري آرام گاه تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ تڪڙ ويجهو مقبره شريف ۾ آهي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هند ـ سنڌ جي سياست ۾ موري جو حصو

سنڌ عهد قديم کان وٺي پنهنجي سڃاڻپ سنڌ، مهراڻ، اند ۽ السنڌ جي نالن سان مشهور آهي. دنيا جي اٽڪل 180 ملڪن مان سنڌ نوي ملڪن کان وڏي آهي، ۽ دنيا جي ڇهين ترقي يافته ملڪ انگلينڊ کان پڻ وڏي آهي.

سنڌ پاڪستان جو اهم ۽ بنيادي صوبو آهي، جنهن پاڪستان جي بناوت ۾ مُک ڪردار ادا ڪيو. حقيقت ۾ پاڪستان جي خالق سنڌ آهي، جنهن قائد اعظم کي جنم ڏنو جنهن پاڪستان جو پهريون تصور ۽ خاڪو ٺاهيو ويو جتي سنڌ صوبي جي اسيمبلي پاڪستان جي حق ۾ قرارداد پاس ڪئي، جتي مسلم ليگ جي پهرين وزارت قائم ٿي. سنڌ جي نقشِ قدم تي هلندي ٻين صوبن جي اسيمبلين سنڌ جو مثال ڏيئي مسلم ليگ جي تنظيم لاءِ ڪم ڪيو.

سنڌ جي طبعي بناوت ۽ جاگرافيائي ڍانچي ۾ مورو سنڌ جي دل آهي، اهڙيءَ طرح مورو نه صرف سنڌ جي شهه رڳ آهي، ان سان گڏ نوشهروفيروز ضلعي جو پڻ چمڪندڙ ستارو آهي. موري جي سڃاڻپ گچيري سان ٿيندي هئي، ڇاڪاڻ ته روڊ ۽ ريلوي نظام کان اڳ دريائي مواصلاتي نظام هو ۽ گچيرو دريائي پتڻ هو جتي جو واپار خراسان، ايران ۽ افغانستان سان ٿيندو هو. گچيرو هڪ مرڪزي شهر هو ته مورو هڪ ننڍڙو ڳوٺ، واهڻ مثل هو.

مورو جنهن کي تاريخدانن منڪن مورو سڏيو آهي، موري ۽ نوشهروفيروز کي ڪلهوڙا دؤر ۾ وجود ۾ آندو ويو ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ سندس خاص ماڻهو فريد ڀڳت هي شهر آباد ڪيو. ڪن جو چوڻ آهي ته هت ميان مُوري جو مڪان هو جيڪو بدلجي مورو ٿي ويو.

انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ 1 نومبر سال 1912ع ۾ جڏهن نوابشاهه کي ضلعو ٺاهيو ويو ته مورو ضلعي نوابشاهه سان، ۽ پوءِ سال 1989ع ۾ جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضلعو نوشهروفيروز ٿيو تہ ان سان شامل ڪيو ويو. اهڙي طرح سنڌ جي هن سرسبز موري تعلقي ۾ اهڙا گوهر، عالم ۽ اديب پيدا ٿيا، جن تي سنڌ کي فخر آهي. سنڌ جي شاندار گلدستي ۾ موري جو گل پڻ شامل رهيو جنهن جي واس ۽ خوشبوءَ نہ صرف سنڌ ۾ محدود رهي، بلڪ پوري هندستان ۾ پهتي.

ميرن جي خاتمي کانپوءِ انگريزي دؤر کي چئن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو پهريون دؤر جنهن ۾ صرف مذهبي تحريڪون هليون، ٻيو دور، جنهن ۾ ادبي تحريڪن جنم ورتو. ٽيون دؤر هندستان جو سياسي دؤر ۽ چوٿون پاڪستان جي سياست جو دؤر. ويهين صديءَ جي اوائلي دور ۾ انگريزن جي آخري دؤر جنهن ۾ موري جو ڪردار انهن چئني سماجي دورن ۾ برابر نمايان رهيو آهي. اچو تہ چئن دؤرن جي تحريڪن تي نظر وجهون.

## پهريون دؤر ـــ مذهبي تحريڪ:

هن تحريڪ ۾ مذهب جي پرچار ۽ ان جي بچاءَ ۽ بقا لاءِ قلمَ کان ڪم ورتو ويو وقت جي هر دور ۾ نظرياتي تبديليون، سياسي ۽ ادبي فڪر، ارتقائي مرحلن ۽ منزلن مان گذرندا آيا آهن. انهن مذهبي تحريڪن ۾ سنڌ جي ٻين علائقن سان گڏ مورو برابر ٻانهن ٻيلي رهيو آهي، ديني خدمت ڏيندڙ کي آخوند، مخدوم، پير ۽ قاضي جا لقب ڏنا ويندا هئا. قضا جي ڪم ڪندڙ عدالت ۾ انصاف ڏيندڙ ۽ فيصلو ڪندڙ کي قاضي سڏيو ويندو هو. موري ۾ ديني تعليم جو سِهرو قاضي خاندان تي هو. انگريزن جي دور حڪومت ۾ موري جي قاضي خاندان جي فرد قاضي شاه محمد (ٽٽين) جو نـنيو ڀاءُ 1856ع ۾ حيدرآباد جو قاضي هو.

ميرن جي حڪومت ۾ قاضي خاندان جو وڏو ميان محمد بودو قاضيءَ جي حيثيت سان ملتان ويو جتي هڪ سو ورهين تائين هيءُ خاندان اُتي ئي رهيو ۽ "ملتاني" لقب اختيار ڪيو. جنهن سر زمين جو هن پاڻي پيتو ۽ اَنَ کاڌو هو ان جا نمڪ حلال ٿي، اُتي جا ئي ٿي ويا. موري جي سومرن مان اهڙا بزرگ ۽ عالم پيدا ٿيا. جن جي شهرت پوريءَ سنڌ ۾ آشڪار هئي. هن خاندان مخدوم محمد طاهر کان وٺي مخدوم ميان عبدالرؤف تائين ديني مدرسي کي قائم رکيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن قاضي بزرگن جون تحريرون، تقريرون ۽ فتوائون پڪيون ۽ پختيون هيون، جن ۾ ڪا بہ وضاحت ۽ تبديليءَ جي ضرورت نہ پوندي هئي. اڄ جيڪا ڪجهہ موري ۾ ديني علم جي روشني نظر اچي ٿي، ان ۾ بنيادي پگهر قاضي خاندان جي بزرگن ۽ عالمن جو هاريل آهي. سندن درس و تدريس ڏڏي واري مسجد ۾ ٿي ٿيندو هو. قاضي ميان دين محمد جي فرزند قاضي ميان محمد عثمان پڻ موري ۾ درس و تدريس جو ڪم ڪيو. ان بزرگ جا اڄ بہ سوين شاگرد موجود آهن. موري جي بزرگن وٽ پري پري کان ديني علم جا پياسي پنهنجي اُڃ اجهائڻ ايندا هئا.

## ادبي دؤر:

هن دور ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ واري ماحول ۾ سنڌ جي سماجي حالتن مطابق ادب جي وسيلي واڌارو ٿيو سنڌي ادب جي وسيلي مذهب ۽ سياست جي پرچار شروع ٿي. سنڌ جي ادبي دنيا ۾ جڏهن "سندري" ناول ڇپجي ظاهر ٿيو تہ پوريءَ سنڌ ۾ هلچل مچي ويئي. هڪ هندو اديب طرفان ڪتاب شايع ٿيو جنهن ۾ مغل بادشاهہ تي شرمناڪ حملا ڪيا ويا هئا. انهيءَ ڪتاب جي مقابلي ۾ "سندري" ناول لکيو جنهن جو خالق، خليق "مورائي" هو. ميان عبدالخالق "خليق" مورائي 5_آگسٽ 1895 ع ۾ پيدا ٿيو. هن صاحب ادبي ميدان ۾ ڪيئي معرڪا سر ڪيا. سندس قلم ۾ ايتري طاقت هوندي هئي، جو سنڌ جا سڀ هندو اديب گڏجي بہ ان جومقابلو ڪري نہ سگهندا هئا. خليق مورائي عربي ۽ فارسي جو عالم هو. هن ديني تعليم "دارالعلوم عثمانيہ" جيمس آباد ضلعي ٿرپارڪر مان حاصل ڪئي. خليق مورائي 1909ع ۾ لکڻ شروع ڪيو. پاڻ هڪ ماهوار رسالو "ترقي" جاري ڪيو هئائون. جيڪو 1928ع تائين باقاعده ڇپجندو رهيو. هن رسالي، سنڌ ۾ بهترين ادب مهيا ڪيو. قاضي خليق مورائي ڪيئي ڪتاب ۽ ڪتابچہ شايع ڪيا. انهن مان هينيان مشهور ۽ معروف ڪتاب آهن.

1. آخري رسول (آنحضرت ﷺ بحيثيت انسان ڪامل)
2. آخري مذهب حصہ اول (اسلامي عقائد بمقابلہ ديگر مذاهب)
3. آخري مذهب حصہ دوم (اسلامي عبادات بمقابلہ ديگر مذاهب)
4. آخري مذهب حصہ سوم (اسلامي تعليم جو دنيا تي اثر)

5. خلافت عثمانيه
6. اسلام ۽ علم
7. اسلام ۽ تصوف
8. اسلام ۽ قرباني
9. تاريخ تعمير ڪعبه
10. ويدن جي حقيقت
11. شڏيءَ جا سانگ
12. فاتح سنڌ (فتح سنڌ جو دلچسپ تاريخي ناول)
13. ستيءَ جي ستيا (فتح سومنات جو دلچسپ تاريخي ناول)
14. خليفه اول حضرت ابوبڪر صديق رضہ
15. چترپتي (اورنگزيب عالمگير ۽ اڏيپور جي راڻي جي عشق ۽ محبت جو پر لطف عجيب و غريب داستان، ناول)
16. درس آموز (معاشرتي ناول)
17. قرآن ۽ نئين روشني "مصر جي مشهور اسلامي فيلسوف علامه طنطاوي جي ڪتاب (القرآن والعلوم العصريه" جو سنڌي ترجمو)
18. مسلمان ۽ سود
19. سندري ناول، (ان ڪان علاوه ڪجهه بيا ڪتاب ۽ بي شمار مضمون)

### سياسي دؤر:

هندستان ۾ جيڪي به سياسي تحريڪون شروع ٿيون. تن جو سڌو سنئون اثر سنڌ تي پيو. سنڌ ۾ هلايل هر سياسي جدوجهد ۾ موراڻي ضرور شامل پئي رهيا آهن. موري جو مان ۽ شان قاضي خاندان جي ڪري ئي ٿيو. هندستان ۾ هلايل هلچل ۾ هر هڪ جلسي ۾، ريل ۾، جيل ۾، موري جا مجاهد شامل رهيا. جن جيل جي ڪوٺڙي ۾ قيد ۽ بند جون صعوبتون برداشت ڪيون. تن ۾ قاضي عبدالخالق "خليق" موراڻي، مولوي محمد صادق موراڻي، قاضي محمد صديق موراڻي ۽ قاضي فيض محمد موراڻي شامل آهن. انهن سيني کي سياسي هلچل دوران انگريز حڪومت جي طرفان سخت سزائون ۽ تڪليفون ڏنيون ويون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريز حڪومت جي خلاف ۽ ترڪي حڪومت جي حمايت ۾ جڏهن خلافت تحريڪ جو آغاز ٿيو تہ ان تحريڪ ۾ سنڌ مان چند ليڊر جيڪي بہ شامل ٿيا. تن ۾ موري مان قاضي خدا بخش پڻ هو جنهن علي برادران ۽ موهن لال ڳانڌيءَ سان گڏ تقريرون ڪيون.

حڪومتِ جي خلاف جڏهن جدوجهد هلائڻ جو منصوبو رٿيو ويو تہ ان ۾ اهو بہ طئي ٿيو تہ سنڌ ۾ مسلمانن ڪي سياسي طرح سجاڳ ڪرڻ لاءِ ڪا اخبار جاري ڪجي. سنڌ جي ليڊرن جي گڏجاڻي سر عبدالله هارون جي صدارت ۾ ڪراچي ۾ منعقد ٿي. مختلف تجويزون ڏنيون ويون، مگر موري جي سياسي شعور رکندڙ ذهن خليق مورائي تجويز ڏني تہ خلافت تحريڪ جي حمايت لاءِ ترڪي جي خليفي سلطان وحيدالدين جي نالي پٺيان اخبار جو نالو ”الوحيد“ رکيو وڃي. اها تجويز قبول ڪئي ويئي. اخبار ”الوحيد“ جي نالي سان جاري ٿي. انهيءَ اخبار جي وسيلي سنڌ ۾ سياسي جدوجهد جو آغاز ٿيو. اخبار الوحيد سنڌ جي عوام جي ترجمان ٿي. هن اخبار خلافت تحريڪ، سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي ۽ پاڪستان جي جدوجهد ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو.

خلافت تحريڪ جو آغاز سنہ 1919ع ۾ ٿيو. هن تحريڪ جا مرڪزي اڳواڻ مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪتِ علي ۽ گانڌي هئا.

قاضي خدا بخش مورائي هندستان جي مسلمان شاگردن ۾ موري مان هڪ سنڌي شاگرد هو جيڪو عليگڙهہ ڪاليج يونين جو نائب صدر هو. جڏهن مولانا محمد علي جوهر ۽ مهاتما گانڌي عليگڙهہ اچي تقريرون ڪيون تہ انهن تقريرن ڪندڙن ۾ قاضي خدا بخش مورائي پڻ هو.

قاضي صاحب جڏهن انگريزي ۾ تقرير شروع ڪئي تہ عليگڙهہ جي شاگردن جوش ۾ اچي يورپي لباس لاهي، ڦاڙي ۽ اتي تيلي ڏيئي ساڙي ڇڏيو. قاضي صاحب مولانا محمد علي جوهر سان گڏ پوري هندستان جو دورو ڪيو ۽ تقريرون ڪيون. انهن باغيانہ تقريرن جي ڪري بغاوت جي ڏوهہ ۾ جيل ۾ قيد ڪيو ويو(3). سنڌ ۾ خلافت تحريڪ جي مکيہ اڳواڻن مان موري جا قاضي صاحبان پڻ انهن اڳواڻن جي صف اول ۾ شريڪ هئا.

قاضي ميان محمد صديق مورائي سنڌ جي برک ۽ ممتاز اڳواڻن ۾ شامل هو. سندس تحريرون ۽ تقريرن جي ڪري بغاوت جي الزام ۾ ڪيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيد ڪيو ويو. سنڌس اسلامي جذبو ايڏو تہ هو جو تقريرن ۾ هڪ باغي اڳواڻ نظر ايندو هو.

16آڪٽوبر 1920ع ۾ مولوي قاضي محمد صديق کي ٻارنهن مهينا سخت سزا ڏني ويئي، جڏهن ڪورٽ سزا جو اعلان ڪيو ۽ ڪيس اهو بہ چيو تہ جيڪڏهن هو ضامن ڏيئي تہ ڪيس آزاد ڪيو ويندو. پر قاضي صاحب ضامن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ان ڏينهن نوابشاهہ ۾ هڪ وڏو جلوس نڪتو. نوابشاہ جي تاريخ ۾ اهو پهريون سياسي جلوس هو.

ضلعي نوابشاهہ ۾ خلافت تحريڪ جي اڳواڻي موري جي قاضي صاحبن ڪئي، خلافت ڪاميٽي ۾ جيڪي اڳواڻ هئا، تن ۾ سوامي گووندانند، قاضي خدا بخش، قاضي عبدالخالق خليق مورائي ۽ مولوي قاضي محمد صديق وغيره. قاضي نبي بخش، موري تعلقي جي خلافت ڪاميٽي جو اڳواڻ هو. هن صاحب الوحيد اخبار لاءِ چندا گڏ ڪيا ۽ عوام ۾ تحريڪ کي منظم ڪيو. موري جي جن عظيم اڳواڻن انگريز حڪومت جي عتاب هيٺ اچي سزا ڪاٽي ۽ جيل جون صعوبتون ۽ تڪليفون برداشت ڪيون. تن ۾ مولوي محمد صادق، جيڪو جيل جون سخت سزائون برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ جلدي آزاد ٿي آيو.

ٻيو قاضي عبدالخالق خليق مورائي هو. جنهن کي هڪ سال سخت پورهئي سان سزا ملي.

ٽيون قاضي محمد صديق مورائي هو. جنهن کي سخت پورهئي سان ڇهہ مهينا جيل ڪاٽڻو پيو ۽ 300 روپيا ڏنڊ بہ ادا ڪيو. چوٿون قاضي فيض محمد مورائي هو جنهن کي پڻ هڪ سال سخت پورهئي سان سزا ڏني ويئي.

سياسي ميدان تي موري جو ٻيو اڳواڻ قاضي خدابخش مورائي سنہ 1895ع ۾ موري ۾ جنم ورتو. سنڌس والد قاضي نبي بخش موري جو عالم دين هو. قاضي خدا بخش ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسة السلام مان مئٽرڪ پاس ڪري سنہ 1919ع ۾ علي ڳڙهہ ڪاليج مان بي-اي ڪئي ۽ 1926ع ۾ ”ميرٺ“ مان قانون جي ڊگري فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي. هن صاحب 1927ع ۾ ڪراچيءَ جي مشهور بئريسٽر مسٽر الفنسٽن سان گڏ وڪالت شروع ڪئي. سنڌس سياسي دؤر عليڳڙهہ ڪاليج يونين جي نائب صدر جي حيثيت سان شروع ٿيو. علي ڳڙهہ ۾ هن صاحب ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ جو بنياد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکيو. هيءُ پاڻ بہ بهترين مقرر هو ۽ کيس ڪيترائي ميڊل مليل هئا. هن مولانا محمد علي جوهر سان گڏ پوري هندستان جو گشت ڪري، تقريرون ڪيون. مهاتما گانڌي سندس ذهانت کان متاثر ٿي، کيس آل انڊيا ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر نامزد ڪيو. خلافت تحريڪ دوران سنڌ خلافت ڪاميٽي جو سيڪريٽري هو. الوحيد جي ايڊيٽر شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي جيل جي سزا ملي، تڏهن قاضي خدابخش کي الوحيد اخبار جو ايڊيٽر بڻايو ويو ۽ سگهو ئي کيس حڪومت جي خلاف باغيانہ سرگرمين جي تهمت هيٺ جيل موڪليو ويو. ان کان پوءِ اخبار ”ايڊووڪيٽ“ جو مدير ٿيو. سنہ 1932ع ۾ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو بنا مقابلي ميمبر چونڊجي ويو پوءِ کيس ڊپٽي ميئر لاءِ منتخب ڪيو ويو. سنہ 1935ع ۾ قاضي صاحب حاتم علوي کي شڪست ڏيئي، ڪراچيءَ جو پهريون مسلمان ميئر چونڊيو ويو.

مسلمان ميئر جي حيثيت سان هن ڪراچيءَ ۾ وڏي خدمت ڪئي. ڪيترا شفاخانہ، اسڪول ۽ گرلس اسڪول قائم ڪيائين. پوڙ جي ستايلن ۽ ڪوئيٽا ۾ زلزلي جي متاثر ٿيل ماڻهن جي امداد ڪرڻ جي سلسلي ۾ حڪومت کيس ”قيصر هند“ جو خطاب عطا ڪيو.

سنڌ کي ممبئي کان ڌار ڪرڻ کانپوءِ، جڏهن صوبائي خود مختياريءَ تحت نيون سياسي جماعتون ٺهيون، تڏهن 1936ع ۾ سنڌ مسلم جماعت جي ساليانی گڏجاڻي، جيڪا سرِ غلام حسين هدايت الله جي صدارت هيٺ منعقد ٿي، تن ۾ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا:

| | |
|---|---|
| صدر: | سرِ غلام حسين هدايت الله |
| نائب صدر: | شيخ عبدالمجيد سنڌي |
| نائب صدر: | خان صاحب نذر محمد خان |
| جنرل سيڪريٽري: | قاضي خدا بخش موراڻي |
| خزانچي: | دين محمد |

قاضي خدا بخش جي ڪوشش سان سنہ 1942ع ۾ سنڌ مسلم ڪاليج قائم ٿيو سندس ذهانت جي ڪري، حڪومت سنڌ کيس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ايڊووڪيٽ جنرل جا فرائض انجام ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو. 21 فيبروري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1944ع ۾ سندس وفات ٿي. سنڌ حڪومت جي طرفان ميوزم لڳ هڪ روڊ "قاضي خدا بخش روڊ" جي نالي سان منسوب ڪيو ويو.

موري سان لڳ ڳچيري جو احوال بہ اچڻ ضروري آهي. ڳچيري ۾ ميان تاج محمد ٻگهيو انگريزي تعليم يافتہ وڪالت پاس هو. هي صاحب وڪالت پاس ڪندي بہ وڪالت جي پيشي سان منسلڪ ڪونہ ٿيو البتہ سياسي جدوجهد ۾ سندس ذڪر اچي ٿو. خلافت تحريڪ ۾ بغير ڪنهن عهدي جي ڪارڪن جي حيثيت سان ڪم ڪيائين ۽ پوءِ مسلم ليگ جو سرگرم ڪارڪن ٿي ڪم ڪيائين. ڳچيري ۾ مسلم ليگ جي برانچ هئي.

14 ڊسمبر 1941ع ۾ ڳچيرو برانچ مسلم ليگ جي گڏجاڻي زير صدارت ميان تاج محمد ٻگهئي جي منعقد ٿي، جنهن ۾ ڪيترائي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

ڳچيري مسلم ليگ برانچ جا هيٺيان عهديدار هئا:

| | |
|---|---|
| صدر: | محمد يوسف ٻگهيو |
| نائب صدر: | غلام رسول ٻگهيو |
| جنرل سيڪريٽري: | امان الله خان ٻگهيو |
| خزانچي: | شير محمد ٻگهيو |

مٿين عهديدارن مسلم ليگ جا ڪارڪن ٿي ورڪ ڪئي ۽ پاڪستان تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو. اهڙي طرح پاڪستان تحريڪ ۾ مٿين ڪارڪنن سان گڏ قاضي فيض محمد نمايان هو. هن صاحب جنون جي حد تائين پاڪستان ٺاهڻ لاءِ سر توڙ ڪوشش ڪئي. هر گڏجاڻي، ڪچهري ۽ محفل ۾ صرف ۽ صرف پاڪستان جو نالو زبان تي رهندو هوس. عوام کيس چاچا پاڪستاني جي نالي سان سڏيندو هو قائد اعظم ۽ لياقت علي خان سدائين کيس "چاچا پاڪستاني" ۽ احترام سان نالو وٺندا هئا. موري جي اولهہ پاسي ڳوٺ ملڪ ۾ کيڙا خاندان مان رئيس افضل خان کيڙو تحريڪ پاڪستان جو سرگرم ڪارڪن هو جنهن 1940ع جي مسلم ليگ جي لاهور واري اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. رئيس افضل خان کيڙو الوحيد اخبار جي مالي مدد ڪارن مان پڻ هڪ هو. جڏهن بہ الوحيد کي مالي مشڪلات درپيش ايندي هئي تہ هي صاحب مالي مدد ڪندو هو. سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش سان ڳوٺ ملڪ ۾ مسلم ليگ جي برانچ ڪم ڪندي هئي، جنهن جا عهديدار هيٺان صاحب هئا:

| | |
|---|---|
| صدر: | محمد بخش ڪيڙو |
| نائب صدر: | مولوي محمد ڪامل |
| سيڪريٽري: | محمد يوسف ملڪ |
| خزانچي: | احمد خان راڄپر |

هنن ڪارڪنن مسلم ليگ جي مدد ڪئي ۽ پاڪستان تحريڪ جا سرگرم ڪارڪن هئا. موري لڳ ڳوٺ نيو جتوئي جي رهواسي رئيس امام بخش خان جتوئي، موري جي قاضي خاندان وٽان عربي ۽ فارسي جي تعليم حاصل ڪئي. هن صاحب شاعريءَ ۾ ”صابر فقير“ جي نالي سان تخلص ڪم آندو ۽ سياسي ميدان ۾ ضلعي نوابشاه مان صف اول جو سياستدان هو. هي صاحب 25 جولاءِ 1885ع ڳوٺ ملڪ ۾ پيدا ٿيو. 1912ع ۾ انگريز سرڪار کيس خان صاحب جو لقب ڏنو ۽ 1936ع ۾ کيس خان بهادر جو لقب عطا ڪيو ويو.

قائداعظم سان سندس ذاتي تعلقات هئا. قائداعظم جڏهن نوابشاهہ جي دوري تي آيو تہ هن صاحب ضلعي نوابشاه مسلم ليگ جي صدر جي حيثيت سان سندس آڌرڀاءُ ڪيو. سنڌ مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽي تي ضلعي نوابشاه مان رئيس امام بخش خان جتوئي ۽ قاضي فيض محمد هئا. ينهي جو تعلق موري سان هو. هي هڪ بهادر شخص هو. سنڌ ۾ ضلعي نوابشاهہ جو پهريون لوڪل بورڊ ادارو هو جنهن نهراءُ بحال ڪري لوڪل بورڊ جي بلڊنگ مٿان مسلم ليگ جو جهنڊو بلند ڪيو. نوابشاهہ لوڪل بورڊ جي پاس ڪيل نهراءُ کان متاثر ٿي سنڌ جي ٻين لوڪل بورڊن بہ اهڙا نهراءُ پاس ڪيا.

پاڪستان تحريڪ ۾ پوري ضلعي نوابشاهہ ڪي جتوئي خاندان مقبول بڻايو سندن ڪوشش سان ضلعي ۾ برانچون قائم ٿيون. موري ۾ مسلم ليگ برانچ جا هيٺيان عهديدار ۽ پاڪستان تحريڪ جا ڪارڪن هئا.

| | |
|---|---|
| صدر: | قاضي محمد يوسف |
| نائب صدر: | عبدالله خان سومرو |
| جنرل سيڪريٽري: | مولوي علي گوهر قريشي |
| خزانچي: | حاجي محمد صالح ميمڻ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي عالمگير جنگ جو زمانو هو. سرڪار هندستان جي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ پارٽي کي چيو ته جنگ جي زماني ۾ سرڪار جي مدد ڪريو ۽ پوءِ هندستان کي آزاد ڪيو ويندو. مگر ڪانگريس پنهنجي تحريڪ کي جاري رکيو. سن 1943ع ۾ موري ۾ ٿوپڻداس مختيار ڪار هو ۽ سندس آفيس ٻاهران هڪ مٽترڪ پاس عريضي نويس مسٽر آٽلداس ڪانگريسي ڪارڪن هو. هن صاحب جي شادي کي هڪ هفتو مس گذريو ته ڪانگريس جي هلچل ۾ ڪيس جيل ۾ اماڻيو ويو. سندس ڪنوار جنهن جي هٿن تي ميندي لڳل هئي. تنهن عورتن جي جلوس جي قيادت ڪري هي ترانو ڳايو ته:

"هلو جوانو جيل ڏي، ڏوڪيو جوانو جيل ڏي"

موري ۾ هي پهريون عورتن جو سياسي جلوس هو. انهيءَ دور ۾ مسلم ليگ پنهنجي هلچل کي تورو سست ڪيو ۽ مسلمانن جي خصوصي فنڊ ۽ جنگي امداد لاءِ وراثتي پروگرام بنايا. موري مان محمد هاشم ملنگ، جيڪو ان وقت شاگرد هو. تنهن ڊرامن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيا. سن 1946ع ۾ نيون چونڊون ٿيون. مسلم ليگ پارٽيءَ جا اميدوار سياسي ميدان تي نروار ٿيا، ضلعي مسلم ليگ جي واڳ رئيس غلام رسول خان جتوئي جي هٿ ۾ هئي. انگريزي اسڪولن، ڪاليجن ۽ مدرسن جا شاگرد مسلم ليگ جي ورڪ ۾ ٻاهر نڪتا. سنڌ ۾ جتي بين شاگرد جتا ناهي مسلم ليگ جي ورڪ ڪئي، اُتي موري مان جان محمد عطار ۽ محمد هاشم ملنگ به جتي جي اڳواٽي ڪئي. 10_15 شاگردن جا جٿا ناهيا ويا. جيڪي قرآن شريف جون آيتون پڙهي، اسلام خاطر پاڪستان جي جدوجهد لاءِ تقريرون ڪندا رهيا. محمد هاشم ملنگ ترنم ۾ هر جلسي ۽ ورڪ دوران پاڪستان متعلق ناهيل شعر ڳائي ٻڌائي، حاضرين کي متاثر ڪندو هو.

مٿين ماڻهن بغير لوڀ ۽ لالچ، سياسي فائدا حاصل ڪرڻ بجاءِ خلوص دل سان من، تن، ڌن جون قربانيون ڏئي پاڪستان حاصل ڪيو. موري جي عوام کي خاص طور ۽ سنڌ جي عوام کي عام طور سنڌن ڪردار تي بجا طور فخر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پاڪستان جي سياست جو دؤر:

سنہ 1947ع ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو پاڪستان ۾ شامل مسلم اڪثريت وارن علائقن مان چونديل قانون ساز اسيمبلي ميمبرن کي پاڪستان جي دستور ساز اسيمبلي جو درجو ڏنو ويو. نوابشاهہ ضلعي جي سياست ۾ ٻہ گروپ هُئا. سيد گروپ ۽ جتوئي گروپ. ضلعي ڪائونسل جي صدارت جتوئي گروپ کي تہ اسيمبلي ميمبري شاهہ گروپ کيِ حاصل ٿيندي هئي.

1946ع جي سنڌ صوبائي اليڪشن ۾ سر غلام حسين هدايت الله جي گروپ مان غلام رسول جتوئي ڪامياب ٿيو هو. مگر پاڪستان جي سياست ۾ جڏهن غلام مصطفيٰ جتوئي داخل ٿيو تہ هن ريپبلڪ پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي.

1953ع جي اليڪشن ۾ نوابشاهہ سڪرنڊ مان سيد غلام حيدر شاهہ ڪامياب ٿيو ۽ غلام رسول جتوئي کي شڪست ملي. 1956ع جي اليڪشن ۾ رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي، رئيس حاڪم علي زرداري گروپ جي حمايت سان اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو. 1962ع جي غير جماعتي اليڪشن ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو ۽ پوءِ جنرل ايوب خان جي ڪنوينشن مسلم ليگ ۾ شامل ٿي. 1965ع جي بنيادي جمهوريت تحتِ قومي اسيمبلي جو ميمبر ٿيو. ايوب خانِ جي زوال بعد غلام مصطفيٰ خان پاڪستان پيپلز پارٽي جو باني رُڪن ٿيو ۽ صوبائي صدر مقرر ٿيو.

اها ہہ هڪ حقيقت آهي تہ مورو جي سياست تي جتوئي گروپ جي سياست تمام گهرا اثر ڇڏيا آهن. ليڪن پوءِ ٻہ هن سر زمين تي، سياسي طرحِ سرسي هميشه جتوئي گروپ کي حاصل ٿيندي رهي آهي. ان جو خاص سبب اهو ٻڌايو وڃي ٿو تہ مورو شهر ۾ مقيم راڄن جا جيڪي ٻہ وڏا ۽ نيڪ مرد آهن، انهن جي اڪثريت ڄتوئي خاندان جي حمايتي رهندي آئي آهي، ان جو ٻيو سبب هيءَ ٻہ آهي تہ جتوئي صاحب هن ڪان اڳ ذوالفقار علي ڀٽو مرحوم جي پيپلز پارٽيءَ سان وابستہ هو ۽ ڀٽي صاحب مورو جي عوام ڪان جتوئي صاحب لاءِ ٻانهون ٻڌي ووٽن جي گهر ڪئي هئي. ڀٽي صاحب ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتوئي صاحب جي خلاف مخالف گروپن جي اتحادي اثرن مورو جي سر زمين کي پاڪستان ليول تائين تمام گهڻي شهرت ڏني.

مورو ۾ ضلعي ڪائونسل، صوبائي اسيمبلي ۽ قومي اسيمبليءَ جي چونڊن واري سياست تي شروع کان جتوئي خاندان جي گرفت مضبوط رهندي آئي آهي. ضلعي صوبي خواه ملڪي ليول تي جتوئي خاندان جو مخالف سيد گروپ جي نالي سان مشهور آهي. جنهن ۾ سيد خير شاهه، سيد ظفر علي شاهه، حاجي رحمت الله خان ٻهڻ ۽ ڏاهري راڄ جي سردار مرحوم رئيس گُلڻ چانڊيو جا فرزند رئيس جان محمد خان ۽ رضا محمد خان جهڙا پيڙهيائتا زميندار شامل آهن. ليڪن ايوب خان جي دؤر ۾ سياست تي ايري آيل، رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئيءَ، مرحوم ڀُٽي صاحب جي پيپلز پارٽيءَ جي جهنڊي هيٺ سيد گروپ کي/1970ع واري اليڪشن ۾ شڪست ڏني ۽ هو ڀٽي صاحب جي حڪومت ۾ پهرياڻين مواصلات جو مرڪزي وزير، ۽ پوءِ سنڌ جو وزير اعليٰ ٿيو. ان جا اثر سياسي طرح موري جي سرزمين تي واضح طور رونما ٿيا. جنهن ڪري موري شهر جو نالو نہ رڳو پاڪستان جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ مشهور ٿي ويو پر ان جو تذڪرو بي.بي.سي لنڊن ۾ ٻين ٻاهرين ملڪن جي اخبارن ۾ پڻ چيچڙ لڳو. موري شهر کي اڄان بہ وڏيڪ شهرت، مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت بعد، جتوئي صاحب جي قيادت هيٺ هلايل ايم.آر.ڊي جي تحريڪ ڪانپوءِ حاصل ٿي. هن تحريڪ ۾ موري شهر کي پاڪستان ليول تي مرڪزي حيثيت حاصل رهي آهي.

## ايم آر ڊي تحريڪ ۾ حصو:

پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ سنڌ صوبي جي چيئرمين غلام مصطفيٰ جتوئي جي قيادت هيٺ پاڪستان ليول جي سياسي جماعتن جي سربراهن گڏجي تحريڪ بحاليءَ جمهوريت ايم.آر.ڊي جي نالي سان هڪ اتحاد قائم ڪيو. جنهن ۾ 14 آگسٽ 1983ع کان تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. ان فيصلي تي عمل ڪندي موروجي سر زمين سان گهرو واسطو رکندڙ جتوئي خاندان جي قومي رهنما غلام مصطفيٰ خان جتوئيءَ سڀ کان پهرين 14 آگسٽ تي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي گرفتاري پيش ڪئي. 15 آگسٽ سومر ڏينهن ان جي ننڍي ڀاءُ غلام مجتبيٰ خان جتوئي سابق ايم.پي.اي/



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم.اين.اي اٽڪل ڇهه هزار ماڻهن جي جلوس جي قيادت ڪندي، مورو شهر جي ٿاڻي تي پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪيو. هن ڏينهن تي مورو جو سڄو شهر عام هڙتال ڪري مڪمل طور تي بند رهيو. جنهن جو ذڪر ان ئي ڏينهن بي.بي.سي لنڊن جي نيوز بليٽن ۾ نشر ٿيو۽ دنيا جي اڪثر ملڪن ان کي اخباري صفحن ۾ شايع ڪيو.

17 آگسٽ 1983ع تي مورو شهر سان گهري وابستگي رکندڙ جمالي خاندان جي رئيس خان محمد جمالي ۽ غلام مصطفيٰ جمالي، ويهن هزارن کان وڌيڪ حمايتن جي جلوس جي قيادت ڪندي پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪرڻ خاطر مورو شهر ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن ۾ آنسو گيس ۽ لاٺي چارج کان پوءِ مورو جي تاريخ ۾ پوليس فائرنگ جو پهريون حادثو رونما ٿيو. جنهن ۾ 3 ماڻهو مري ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا. هن واقعي بعد مچريل هجوم مورو شهر جي يو.بي.ايل، ايم.سي.بي، الائيڊ بئنڪن تي حملن سان گڏ نيشنل سيونگ سينٽر کي باهه ڏني ۽ سب جيل مورو کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. هيءَ سڄي روئداد بي.بي.سي لنڊن جي نشريات ۾ ان ئي ڏينهن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٻڌي ويئي، هن واقعي کان پوءِ سب سيڪٽر نوابشاهه جي ايس.ايم.ايل.اي پنهنجو هيڊ ڪوارٽر مورو کي بڻائي شهر ۾ فوجي گشت شروع ڪيو.

24 آگسٽ 1983ع تي مورو شهر ۾ مڪمل هڙتال جي ڪري، شهري ڪاروبار بند رهيو ۽ مورو ميونسپل ڪاميٽي جي ڪائونسلرن پاڻ کي گرفتاري لاءِ پيش ڪيو.

1. نجم الدين شيخ
2. انور علي سيال
3. رسول بخش ميمڻ
4. غلام قادر جوکيو
5. محمد ابراهيم سولنگي
6. عبدالله ڪورائي ۽ ڄام امام بخش

باقي ميمبرن مان سيد محمد حاجن، عبدالحڪيم سيهڙ، حاجي غلام نبي ميمڻ ميراڻي ۽ حاجي غلام نبي ميمڻ ديناڻي رڳو پنهنجي ميمبرشپ تان مستعفي ٿيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1 سيپٽمبر 1983ع تي سنڌ جو گورنر ايس ايم عباسي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ موري ۾ پهتو ۽ ماڻهن سان ڳالهيون ڪيون. 3 سيپٽمبر 1983ع تي مورو شهر جي تاريخ ۾ عورتن جو پهريو سياسي نوعيت جو عظيم الشان جلوس نوان جتوئي ڳوٺ کان هليو، مورو جي مين روڊ تي مارچ ڪندي شهر ۾ داخل ٿيو موري جي ريلوي ڦاٽڪ وٽ ان کي روڪڻ لاءِ پوليس طرفان عورتن تي آنسو گيس جا شيل اڇلايا ويا. جنهن ۾ ڪيترين ئي عورتون ۽ ٻار زخمي ٿيا ۽ عورتن جي مٿان لاٺي چارج ٿيندو ڏسي عوام مچرجي ويو ۽ دوبدو فائرنگ ۾ ٻه مظاهرين مرد ۽ چار پوليس عملي جا ماڻهو ٿڏي تي مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا، جن مان چار نازڪ حالت ۾ پوءِ مري ويا. نوابشاهه ضلعي جو ايس پي صلاح الدين بابر خٽڪ به زخمي ٿي پيو. ماڻهن ڊي سي ۽ ايس.پي جي گاڏين کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيو.

ايڊيشنل ايس.ايڇ.او مورو ملڪ بشير احمد، ايڇ سي محمد ابراهيم لاشاري، ايڇ سي علي نواز ۽ ايڇ سي روشن علي سيال بروقت مري ويا ۽ سپاهين مان امان الله، اعتبار اوڊو غلام اڪبر ۽ خادم حسين گن مين ايس۔ پي، پڻ فوت ٿي ويل ٻڌايا وڃن ٿا.

مچريل ماڻهو پوليس جا هٿيار کڻي ويا ۽ ٻئي طرف هڪ اسٽين گن ۽ رائيفل وري پوليس کي هٿ آئي. ان واقعي رونما ٿيڻ شرط مورو شهر کي فوج جي حوالي ڪيو ويو. هن ڪيس کي پوليس رڪارڊ تي 4 سيپٽمبر تي داخل ڪري، انسپيڪٽر منظور علي وگڻ کي ضابطي جي ڪارروائي هيٺ، فوري طور تي بدلي ڪري سکر موڪليو ويو ۽ ان جاءِ تي حاجي محمد صادق کي موري جو ايس ايڇ او مقرر ڪيو ويو. ان واقعي جي رد عمل ۾ مورو جي پوليس عملي ڊيوٽي ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو.

8 سيپٽمبر 1983ع تي مورو جي شهرين مورو جي چوڌاري فوج جي ڪيل ناڪ بنديءَ خلاف عام هڙتال ڪئي، جنهن جي رد عمل ۾ خود پاڪستان جي صدر وضاحت ڪئي ته ان ۾ فوج ملوث نه آهي.

هن واقعي کانپوءِ مورو تعلقي جي ڪوسن، جمالين ۽ جتوئي قبيلن کي هٿيار جمع ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو جيڪو حڪم سنڌ جي تاريخ ۾ هن کان اڳ قبائلي ليول جي تاريخ ۾ ڪڏهن به ڪونه جاري ڪيو ويو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن واقعي جي تحقيقات ۾ رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي جي فرزند، غلام مرتضيٰ جتوئي کان علاوه هيٺين کي مارشل لاءِ حڪام آڏو پيش ٿيڻ لاءِ چيو ويو.

غلام علي جتوئي، حاجي محمد بخش جتوئي، حاجي ڪريم بخش جتوئي، دودو پيٽي، ڪمدار شمس الدين ڪورائي، گل محمد مبيجو قادر بخش ٻرڙو محمد عثمانٰ ڪورائي، محمد يونس ڪورائي، سڪندر علي ڳوراهو غلام قادر لنڊ وغيره.

انهي ساڳي ڏينهن تي مورو شهر کان ٻاهر سونهري فارم لڳ فوج ۽ عوام جو ٻويڏو مقابلو ٿيو جنهن ۾ 12 عوام جا ۽ 4 فوج جا سپاهي مارجي ويل ٻڌايا ويا آهن.

20 آڪٽوبر 1983ع تي گهرن جي تلاشيءَ جو سلسلو جتوئي صاحبن جي ڳوٺ ۾ شروع ڪيو ويو. ايم.آر.ڊي جي تحريڪ ۾ مورو سر زمين تي جيڪي واقعا رونما ٿيا آهن. انهن مورو شهر جي ننڍين وڏن، مردن خواه عورتن ۾ جيڪا بي خوفي پيدا ڪئي آهي، ان کان سندس سوچ ۽ شعور ۾ پختگي آيل آهي (11). تحريڪ بحالي جمهوريت ايم.آر.ڊي جي چڏيل اثرات تحت صدر ضياءُ الحق 1985ع ۾ غير جماعتي چونڊون ڪرايون، جنهن ۾ دلمراد خان جمالي، جتوئي صاحب جي حمايت سان وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو ضياء الحق جي موت بعد صدر غلام اسحاق خان شناختي ڪارڊ کي ووٽ لاءِضروري قرار ڏيئي 1988ع ۾ اليڪشن جو اعلان ڪيو. غلام مصطفيٰ خان جتوئي نيشنل پيپلز پارٽيِ ٺاهي. انهي پليٽ فارم تان حصو ورتو. نتيجي ۾ پيپلز پارٽيءَ جو اميدوار حاجي رحمت الله ٻهڻ، جتوئي صاحب کي شڪست ڏيئي ڪامياب ٿيو. تاهم غلام مصطفيٰ جتوئي پنجاب جي شهر ڪوٽ ادوءَ ۾ غلام مصطفيٰ کر جي چڏيل هڪ سيٽ تان طارق گورماڻيءَ کي شڪست ڏيئي ڪامياب ٿيو.

سنہ 1990ع ۾ بينظير ڀٽو جي حڪومت ختم ٿي ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي عبوري وزيراعظم ٿيو عبوري حڪومت ۾ اسلامي جمهوري اتحاد جي پليٽ فارم تان غلام مصطفيٰ جتوئي مورو مان ۽ غلام مرتضيٰ خان ايم اين اي چونڊيا ويا. ٻعد ۾ غلام مرتضيٰ خانٰ ۽ مرتضيٰ خان کي مرڪزي وزير مواصلات ڪيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

11 مارچ 1992ع ۾ نواز شريف دؤر ۾ غلام مرتضيٰ جتوئي استعيفيٰ ڏني ۽ ان جي جاءِ تي جام معشوق ڪي وزير بڻايو. سنہ 1993ع نواز شريف جي حڪومت برطرف ڪري نيون چونڊون ڪرايون ويون. هن اليڪشن ۾ بينظير حڪومت ٺاهي تہ جتوئي صاحب هن حڪومت سان اتحاد ڪري سنڌ ۾ وزارت ورتي.

1996ع ۾ بينظير حڪومت جي خاتمي بعد ٻيهر چونڊون منعقد ٿيون تہ غلام مصطفيٰ خان پنهنجي قومي اسيمبليءَ جي سيٽ قائم رکي ۽ سنڌ ۾ هڪ وزارت پاٽي ۾ بجلي واري ورتي.

## جتوئي خاندان جي سياسي عهدن جو وچور

### چيئرمين لوڪل بورڊ نوابشاهہ

| | |
|---|---|
| امام بخش خان جتوئي | 1939-03-01 کان1940-10-13 تائين |
| غلام رسول خان جتوئي | 1940-01-01 کان 1952-12-31 تائين |
| غلام مصطفيٰ خان جتوئي | 1953-01-01 کان 1954-10-31 تائين |
| غلام مرتضيٰ خان جتوئي | 1979-10-24 کان 1983-08-20 تائين |

### اسيمبلي جا عهدا

| | |
|---|---|
| امام بخش خان جتوئي | 1920ع کان 1932ع تائين ميمبر بمبئي اسيمبلي |
| غلام رسول خان جتوئي | 1946ع کان 1953ع تائين ميمبر قومي اسيمبلي |
| غلام مصطفيٰ خان جتوئي | 1956ع کان 1958ع تائين ميمبر قومي اسيمبلي |
| غلام مصطفيٰ جتوئي | 1962ع کان1965ع تائين ميمبر قومي اسيمبلي |
| غلام مصطفيٰ جتوئي | 1965ع کان 1968ع تائين ميمبر قومي اسيمبلي |
| غلام مصطفيٰ جتوئي | 1970ع کان1975ع تائين ميمبر قومي اسيمبلي |
| غلام مجتبيٰ جتوئي | 1970ع کان 1975ع تائين ميمبر صوبائي اسيمبلي سنڌ |
| غلام مصطفيٰ جتوئي | 1975ع کان1977ع تائين ميمبر صوبائي اسيمبلي |
| غلام مصطفيٰ جتوئي | 1988ع کان1990ع تائين ڪوٽ ادو پنجاب مان ميمبر قومي اسيمبلي |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| غلام مرتضيٰ جتوئي | 1988ع کان1990ع تائين ميمبر سنڌ اسيمبلي |
| غلام مصطفيٰ جتوئي | 1990ع کان1993ع تائين ميمبر قومي اسيمبلي |
| غلام مرتضيٰ جتوئي | 1990ع کان1993ع تائين ميمبر قومي اسيمبلي |
| غلام رسول ”عاقب“ جتوئي | 1990ع کان1993ع تائين ميمبر صوبائي اسيمبلي |
| غلام مصطفيٰ جتوئي | 1993ع کان1996ع تائين ميمبر قومي اسيمبلي |
| غلام مرتضيٰ جتوئي | 1993ع کان1996ع تائين ميمبر صوبائي اسيمبلي |
| مسرور احمد جتوئي | 1993ع کان1996ع تائين ميمبر صوبائي اسيمبلي |
| غلام مرتضيٰ جتوئي | 1997ع کان هلندڙ ميمبر صوبائي ۽ قومي اسيمبلي |
| مسرور احمد جتوئي | 1997ع کان هلندڙ ميمبر صوبائي اسيمبلي |
| عارف مصطفيٰ جتوئي | 1997ع کان هلندڙ ميمبر صوبائي اسيمبلي |

تاريخ 12 آڪٽوبر 1999ع تي اسيمبليون معطل ڪيون ويون.

هنن قومي توڙي صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن کان سواءِ بہ ڊاڪٽر عبدالغفار خان جتوئي ۽ جام قرار الدين بہ سندن ئي سياست جي ڪري سينيٽ ۾ ميمبر رهيا.

جتوئي خاندان مان غلام مصطفيٰ خان جتوئي مرڪزي وزير مواصلات، وزيراعليٰ سنڌ ۽ وقتي وزيراعظم رهيو. ڊاڪٽر عبدالغفار خان جتوئي مرڪزي وزير مواصلات رهيو. غلام مرتضيٰ خان جتوئي مرڪزي وزير مواصلات رهيو.

سنڌ ۾ آبپاشي ۽ بجلي کاتي ۾ غلام مرتضيٰ خان ۽ مسرور احمد خان جتوئي ۽ ٽرانسپورٽ ۾ عاقب خان جتوئي وزير ٿي رهيا آهن. برصغير هند ۽ سنڌ ۾ ٿن خاندانن پنهنجا سياسي عهدا ورثي موجب قائم رکيا آهن.

هندستان ۾ جواهر لال نهرو ان جي ڌيءَ اندرا گانڌي ۽ ان جو پٽ راجو گانڌي هندستان جا وزيراعظم رهيا. اهڙي طرح شاهنواز ڀٽو وزيراعظم حيدرآباد دکن، ان جو فرزند ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم پاڪستان ۽ ان جي دختر بينظير ڀٽو وزيراعظم پاڪستان ٿي. ساڳي طرح جتوئي خاندان بہ پشت بہ پشت ضلع ڪائونسل نوابشاهہ جا چئن پيڙهين تائين صدر رهيا. ان کان علاوه قومي اسيمبلي، صوبائي اسيمبلي ۽ سينيٽ ايوانن ۾ ميمبر رهندا اچن ٿا. اهڙيءَ طرح ضلعي نوشهروفيروز ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون ﺑہ سيٽون هميشہ جتوئي خاندان جي اثر ۾ رهيون آهن ۽ ضلع ناظم پڻ رهيا آهن.

غلام مصطفيٰ خان جتوئي ۽ غلام مجتبيٰ خان جتوئي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا آهن. جڏهن تہ هاڻي برادري پڳ ۽ سياسي فيصلا غلام مرتضيٰ خان جتوئي وٽ آهن.

هند ۽ سنڌ جي سياست ۾ موري جو اهم ڪردار رهيو آهي. ادبي، مذهبي ۽ سياسي تحريڪون جن ۾ خلافت تحريڪ، سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جي تحريڪ، پاڪستان جي تحريڪ، ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ ۽ ايم.آر.ڊي بحالي جمهوريت جي تحريڪ، ڪنهن ﺑہ حڪومت مخالف تحريڪ ۾ موري نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي. هندستان جي سياست کان پوءِ پاڪستان جي سياست سان گڏ سنڌ جي سياست ۾ ﺑہ موري جو اهم ڪردار رهيو آهي. سنڌ جي شاگرد سياست ۾ مورو اول دستي جي صورت ۾ اڳيان اڳيان رهيو آهي. جنهن ۾ ون يونٽ ٽوڙ ۽ سنڌي ٻولي جي بحالي لاءِ موري مرڪزي ڪردار ادا ڪيو آهي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايم آر ڊي تحريڪ ۾ موري جو حصو

ايم آر ڊي (Movement For Restoration of Democracy) بيگم نصرت ڀٽو ۽ نوابزاده نصر الله خان جي ڪوشش سان 18 فيبروري 1981ع تي ٺهي، ايم. آر. ڊيءَ ۾ نوَ جماعتون شامل ٿيون. ايم آر ڊي جي هن اتحاد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي، تحريڪ استقلال، پي. ڊي. پي، پاڪستان مزدور ڪسان پارٽي، قومي محاذ آزادي، جميعيت علماء اسلام (ف)، آزاد جمون ڪشمير مسلم ڪانفرنس، اين. ڊي. پي، مسلم ليگ (خواجه خير الدين گروپ) حصو ورتو.

ايم آر ڊي ٺهڻ جو بنيادي مقصد 1973ع جي معطل ڪيل آئين کي بحال ڪرائڻ ۽ ملڪ ۾ جمهوريت کي ٻيهر بحال ڪرائڻ هو 1973ع جو آئين شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪوشش سان وجود عمل ۾ آيو ذوالفقار علي ڀٽو جنهن کي قائدِ عوام چيو ويندو آهي، جنهن ملڪ کي نه رڳو 1973ع جو آئين ڏنو پر ايٽم بم ٺاهڻ جي صلاحيت ڏني، پاڪستان جي 90 هزار قومي جوانن کي ڀارت جي جيلن مان آزاد ڪرايو پاڪستان جي سياست کي ڊرائنگ روم مان ٻاهر ڪڍي، عوام جي دربار ۾ آندو ۽ ووٽ جي اهميت کي اجاگر ڪيو اسلامي ملڪن جي سربراهن کي متحد ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيائين ملڪ ۾ زرعي، معاشي ۽ صنعتي سڌارا آندائين. اسان جي ملڪ جي بدقسمتي ان وقت شروع ٿي جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي سينيئر جنرلن کي نظر انداز ڪري هڪ جونيئر جنرل ضياءَ الحق کي چيف آف آرمي اسٽاف جي عهدي تي مقرر ڪري ڇڏيائين. ٿيٽو بهراهوئي هو جيڪو ٿيو 5 جولاءِ 1977ع جي رات 2 بجي پاڪستاني فوج جي مدد سان جنرل ضياءُ الحق احسان فراموش ٿي ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ۽ 6 جولاءِ 1977ع تي ملڪ ۾ مارشل لا نافذ ڪري ملڪ جي آئين کي معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ 4 اپريل 1979ع تي صبح سوير جلاد تارا مسيح شهيد ذوالفقار ڀٽي کي ڦاسي ڏني، جنرل ضياءَ تاريخ ۾ ڀهريون پيرو ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم جو عدالتي قتل ڪرايو اِها دڪدائڪ خبر جڏهن سنڌ ۾ پهتي ته سنڌ ۾ ڪيترن ئي ڏينهن تائين رقت آميز ۽ سيمابي ماحول پيدا تي ويو ماڻهن احتجاجن پاڻ کي ساڙڻ شروع ڪري ڏنو جنرل ضياء الحق نه رڳو ڀٽو خاندان کان ڊنل هو پر هو سنڌ جي نوجوانن کان ڊنل هو ان ڪري جنرل ضياء هتي سنڌ ۾ ظلم ۽ بربريت جي قانون کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو پيپلز پارٽي جي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ هن پ.پ.پ جي ڪيترن ئي ڪارڪنن کي جيل اندر اذيتون ڏيئي مارائي ڇڏيو هي اهو 6 سالن جو اذيتن وارو ۽ پوڳنائن وارو ماحول هو جنهن کي سنڌ جي عوام پوڳيو برداشت ڪيو سنڌ جي ماڻهن ۾ تمام گهٽي ڪاوڙ پريل هئي پر اهڙو ڪو اڳواڻ اڇي ۽ ڪين احتجاج جو ڇئي ته هو دير ڪٽي تا ڪن، نيٽ ايم.آر.ڊي جي نهيل اتحاد جي جهنڊي هيٺ 23 مارچ 1982ع کان سول نافرماني جي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو پر 2 مارچ 1982ع تي ڪراچيءَ مان مسافرن جو پريل جهاز ڪراچيءَ مان اغوا ڪري افغانستان جي شهر ڪابل ۾ لاٿو ويو اِهو الزام الذوالفقار تنظيم تي لڳو ان ڪري 1982ع ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪيو ويو جو تحريڪ هلي نه سگهي، ايم آر ڊي ۾ آزاد جمون ڪشمير مسلم ڪانفرنس جو سردار عبدالقيوم شامل هو صحافين ۽ دانشورن وٽ سردار عبدالقيوم جو ايم آر ڊي ۾ شامل ٿيڻ معنيٰ خيز هو نيٽ ٿيو ٻه ايئن سردار صاحب جنرل ضياءُ جي اشاري تي ايم آر ڊيءَ ۾ شامل ٿيو هو جيئن ايم آر ڊي تحريڪ کي تباهه ڪري سگهجي ۽ جڏهن 2 مارچ 1982ع تي ڪراچي مان مسافرن جو پريل پي. آءِ.اي جو جهاز اغوا ڪيو ويو ته سرداز عبدالقيوم ايم آر ڊي کان ڌار ٿيڻ جو اعلان ڪري اتحاد ۾ ڏار وجهڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪيترن ئي ڏينهن کان اردو پريس جي ڪيترن ئي پنڊٽ صحافين ايم آر ڊي جي ٽٽڻ جا خدشا ظاهر ڪيا پر اِهي سڀ خدشا غلط ثابت ٿيا. ايم آر ڊي متحد ۽ ثابت قدم رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم ۽ نامور سياستدان مرحوم غلام مصطفيٰ خان جتوئي آگسٽ جي پهرئين هفتي ۾ ٿي سول نافرماني جي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو اُنهن ڏينهن ۾ موري جي سر زمين سان گهرو واسطو رکندڙ قومي رهنما مرحوم غلام مصطفيٰ خان جتوئي پاڪستان پيپلز پارٽي صوبي سنڌ جو صدر هو پر ايم آر ڊي تحريڪ جي سيني اهم فيصلن جو اختيار بہ بيگم نصرت ڀٽو سندن حوالي ڪيو هو انهن ڏينهن ۾ نامور صحافي الياس شاڪر لکيو تہ "سنڌ جو اڳوڻو وزير اعليٰ بندش پيل پاڪستان پيپلس پارٽي جو صوبائي صدر غلام مصطفيٰ خان جتوئي ايم آر ڊي جي قيام کان پوءِ ملڪي سياست ۾ وڏي اهميت حاصل ڪري ويو آهي. هن مقصد لاءِ پاڻ وڏي جدوجهد ۽ محنت ڪري ڪارڪنن ۾ اهميت حاصل ڪئي اٿن، هن هڪ سلجهيل سياستدان طور ملڪي سياست ۾ پاڻ کي مڃرايو آهي.[2]

ايم آر ڊي جي تحريڪ جي اعلان کان پوءِ تقريبن سيني اخبارن نامور سياستدان مرحوم غلام مصطفيٰ جتوئي جا بيان ۽ سندن فوٽو فرنٽ پيج تي شايانِ شان نموني سان شايع ڪيا. اِها تاريخ موري واسين لاءِ باعث فخر آهي تہ تحريڪ 14 هين آگسٽ 1983 تي جشن آزادي واري ڏينهن تي شروع ٿي، جنرل ضياءَ جي فوجي جشن آزادي ڀٽي ملهائي تہ سنڌ جي ماڻهن جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ ڀٽي هلائي، ٺيڪ 14 آگسٽ جي ڏينهن تي نامور سياستدان مرحوم غلام مصطفيٰ خان جتوئي ريگل چوڪ ڪراچيءَ ۾ معراج محمد خان سان گڏ 15000 ماڻهن جي موجودگي ۾ گرفتاري ڏني ۽ ان ٿي پهر.ين ڏينهن سندن ننڍي ڀاءُ اڳوڻي ايم پي اي/ايم اين اي مرحوم غلام مجتبيٰ خان جتوئي 50000 هزار ماڻهن جي تمام وڏي جلوس سان موري ۾ گرفتاري ڏئي ثابت ڪيو تہ سرزمين سنڌ جي نقشي ۾ مورو نہ رڳو ڌڙڪندڙ دل واري جاءِ تي آهي، پر ايم آر ڊي جو دل ۽ مرڪز پڻ آهي. تحريڪ جي پهرئين ٿي ڏينهن ڪراچي ۽ موري ۾ گرفتاريون ڏئي، جتوئي ڀائرن ثابت ڪيو تہ ايم آر ڊي جهڙي تحريڪ لاءِ جيستائين ليڊر

---

[2] الياس شاڪر، ايم آر ڊي ڪاميابيان ناڪاميان، اشاعت اول.
شيل پبليڪيشنز لميٽيڊ ڪراچي نومبر 1985ع ________ ص 143



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ گرفتاريون نہ ڏيندا. تيستائين عوام جو اعتماد ۽ اعتبار بحال نہ ٿيندو سياسي حوالي سان اهو فيصلو درست ثابت ٿيو ۽ پهريون پيرو پير مير، جاگيردار، وڏيرا وزير، امير قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر جيلن ۾ واڙيا ويا آهن. انهن جي پويان ڪارڪن ۽ عام خلق جا هزارين راڄ قطارن ۾ هَڪيا بيٺا آهن. پنجن هزارن کان 85 هزار ماڻهن جا جلوس نڪتا، هڪ هڪ ڏينهن ۾ سؤ سؤ ماڻهو جيل پريو تحريڪ ۾ شامل ٿي گرفتاريون ڏيئي رهيا آهن.[3] تحريڪ کي ناڪام بنائڻ لاءِ ماڻهن ۾ خوف پيدا ڪرڻ لاءِ افواهہ هَلايا ويا آهن ۽ اخبارن ۾ خبرون شايع ٿيون آهن تہ سنڌ ۾ آدم خور لٽل آهن اهڙن خونخوار آدم خورن کي ماڻهن جي لاشن کي ڪائيندي ڏٺو ويو آهي.[4]

ٻئي طرف ڌاڙيلن کي ڇوٽ ڏني وئي تہ سرعام شهرن ۾ گهمڻ ۽ ماڻهن کي بيدرديءَ سان قتل ڪن اُتر سنڌ ۾ قبائلي جهيڙن ۾ سوين ماڻهو ماريا ويا پر چانڊين جو ماڇين سان جهيڙو بہ انهن ڏينهن ۾ شروع ٿيو اهو سڀ ان ڪري ڪيو پئي ويو. جيئن ايم آر ڊي تحريڪ ناڪام ٿئي. پر حڪمرانن جي سوچ جي ابتڙ تحريڪ روزانو زور پڪڙي رهي هئي، مورو هن تحريڪ جو مرڪز ٿي هو هن تحريڪ کي موري مان ئي عروج حاصل ڪرڻو هو موري مان ٻين شهرن وانگر روزانو چار پنج ڪارڪن جلوس جي شڪل ۾ گرفتاريون ڏيندا رهيا، اسڪولن ۽ ڪاليج ۾ تقريبن روزانہ يارهين کان پوءِ بائيڪاٽ ڪرايو ويندو هو شاگردن بہ هن تحريڪ ۾ ڀرپور انداز ۾ حصو ورتو موري ۾ سول نافرماني جي سلسلي ۾ هلندڙ تحريڪ چوٿين ڏينهن يعني 17 آگسٽ 1983ع تي تحريڪ استقلال صوبي سنڌ جي صدر خان محمّد جمالي ۽ سينيئر نائب صدر غلام مصطفي خان جمالي جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ تمام وڏو جلوس ڪڍيو ويو موري جي تاريخ ۾ هيءُ تمام وڏو جلوس هو 75 هزار ماڻهن جو هي جلوس ڳوٺ ڪوٽ غلام محمّد جماليءَ کان پنجن ڪلاڪن جي طويل وقت ۾ فقط ڏهہ ميل سفر ڪري جڏهن موري شهر کان هڪ ميل جي مفاصلي تي ڳوٺ دل چنڊ پهتو تہ مقامي انتظاميہ جلوس کي شهر ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو جلوس پرامن هو پر پوليس پوءِ بہ ڳوڙها

---

[3] روزانہ مهراڻ حيدرآباد. ايڊيٽر شمشيرالحيدري تاريخ 19 آگسٽ 1983ع

[4] روزانہ مهراڻ حيدرآباد. ايڊيٽر شمشيرالحيدري تاريخ 13 آگسٽ 1983ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آٿينڊڙ گئس استعمال ڪئي ۽ هوائي فائر ڪيا، راقم هي بندو بہ 12 سالن جي عمر ۾ موري جي هن عظيم شان جلسي ۾ شريڪ هو ۽ پهريون پيرو اتي خبر پئي تہ ڳوڙها آٿينڊڙ گئس ڪي پسايل رومال سان ٿي بي اثر ڪري سگهجي ٿو انتظاميہ پاران کيل ڪاروائي کان پوءِ هجوم مچرجي شهر ۾ ڪاهي پيو اسسٽنٽ سيشن جج جي ڪورٽ جي رڪارڊ کي باهہ ڏيئي ساڙيو ويو اي. سي موري جي آفيس، روڊس کاتي جو دفتر، مسلم ڪمرشل بيئنڪ ۽ قومي بچت جي مرڪز کي باهہ ڏيئي رڪارڊ تلف ڪيو هجوم موري جي سب جيل تي بہ حملو ڪيو.5ايم آر ڊي جي اڳواڻ خان محمّد جمالي ۽ غلام مصطفيٰ جمالي هٿ مٿي ڪري گرفتاري لاءِ پاڻ کي پيش ڪيو افواهہ اُهي بہ هَليا تہ پوليس کين گولي هٽي ماري وڌو آهي.6 پر حقيقت اُها هئي تہ جمالي برادران جڏهن مورو پوليس آڏو گرفتاري ڏيڻ آيا تہ پوليس کين گرفتار ڪرڻ کان انڪار ڪيو جنهن ڪري پنهي پائرن نواب شاهہ ۾ پنهنجي گرفتاري پيش ڪئي، ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ موري جي هيءَ تاريخي ريلي ان لاءِ اهم آهي جو هن ريلي ۾ موري جا پنج بيگناهہ ماڻهو تاريڪ راهن ۾ ماريا ويا، انهن ۾ (1) محمّد بخش ٻبر (2) يعقوب جسڪاٽي (3) امير بخش چنڊ شامل هئا اهي ماڻهو موقعي تي فوت ٿي ويا، ان موقعي تي زخمي ٿيل بہ معصوم ٻارڙا پولو مل ۽ ٻيو نامعلوم پڻ فوت ٿي ويا آهن.7

ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ موري کي اهو اعزاز حاصل آهي جو ايم آر ڊي جو پهريون شهيد محمّد بخش ٻبر 17 آگسٽ 1983ع تي جمهوريت جي بحاليءَ واري تحريڪ ۾ حصو وٺندي پنهنجي جان جو نذرانو ڏيئي موري ۽ ايم آر ڊي جي تاريخ ۾ امر ٿي ويو موري ۾ تحريڪ کي زور وٺرائيندي، 22 آگسٽ 1983 تي موري جي مقامي ڪائونسلرن8 رسول بخش ميمڻ9 محمّد ابراهيم سولنگي ۽ انورالدين سيال هڪ جلوس جي صورت ۾ پنهنجون

[5] روزانہ مهراڻ، حيدرآباد ايڊيٽر شمشير الحيدري، تاريخ 18/8/1983

[6] عظيم سنڌي يادگيريون، اڻ ڇپيل ڪتاب ورتل ستون، ص 8

[7] روزانہ مهراڻ حيدرآباد. ايڊيٽر شمشير الحيدري تاريخ 20 آگسٽ 1983ع

[8] روزانہ مهراڻ،حيدرآباد. ايڊيٽر شمشير الحيدري تاريخ 24 آگسٽ 1983ع

[9] روزانہ مهراڻ،حيدرآباد. ايڊيٽر شمشير الحيدري تاريخ 24 آگسٽ 1983ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرفتاريون پيش ڪيون ۽ تاريخ 23 آگسٽ 1983ع تي موري ميونسپل ڪميٽيءَ جي ٻن ڪائونسلرن عبدالله ڪوراڻي نجم الدين شيخ ۽ هتان جي مقامي زميندارن ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي اڳوڻي ميمبر جام ڪرار الدين جي سوٽ جام امام بخش پر امن جلوس جي صورت ۾ موري ٿاڻي اڳيان پنهنجون گرفتاريون پيش ڪيون.[10]

ايم آر ڊي جي اڳواڻن پاران هلايل تحريڪ چئني صوبن ۾ ڪاميابيءَ سان هلڻي هئي پر سواءِ سنڌ جي باقي ٽئي صوبا چپ رهيا. ۽ ايم آر ڊي تحريڪ جو ڪليل نموني سان ساٿ نه ڏنائون. سائين جي ايم سيد، جنهن ايم آر ڊي تحريڪ جي شروع ٿيڻ وقت ٿي چيو هو ته ايم آر ڊي تحريڪ 1973ع جي آئين کي بحال ڪرائڻ لاءِ آهي اسان 1973ع جي آئين جي خلاف آهيون جنهن آئين ۾ سنڌ جي خود مختياري ۽ حق پائمال ٿيل آهن. ايم آر ڊي تحريڪ جنهن کي سنڌ ۾ ڀرپور موٽ ملي، هر شهر ۾ ماڻهو مرڻ ۽ مارڻ لاءِ تيار ٿي ويا. تحريڪ کي هٿيارن جي زور تي ڪچلندڙ ادارن ۽ عوام جا دوبدو ايترا مقابلا ٿيا جو فقط 12 ڏينهن ۾ 42 ماڻهون شهيد ٿي ويا. 8995 ڪارڪنن گرفتاريون ڏنيون، سنڌي ماڻهن کي ڏنڊ قيد جون سخت سزائون ۽ ڪوڙا هنيا ويا. ظلم ۽ جبر جو سلسلو جڏهن حد کان وڌي ويو ته سائين جي ايم سيد اپيل ڪئي ته سنڌ جي بيگناهه عوام کي فوجي حڪومت هٿان مارجڻ کان بچائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن هُن انساني ضمير جي علمبردارن کان مطالبو ڪيو ته فوجي حڪومت کي انساني جانين ۽ سنڌن وقار جو احترام ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي.[11]

ايم آر ڊي پاران هلايل سول نافرماني جي تحريڪ جي سلسلي ۾ موري شهر ۾ ڦهرٿين ۽ ٻي سيپٽمبر 1983ع تي محمد هاشم پڻي، فقير محمّد اوني، حبيب الله ڏاهري، محمّد خان پڻي، محمّد هاشم فقير محمّد، حبيب الله، محمّد خان، نورالدين، علي نواز الطاف حسين ۽ ٻين ڪارڪنن جلوس جي شڪل ۾ .پنهنجون گرفتاريون پيش ڪيون.

[10] روزانه مهراڻ، حيدرآباد، ايڊيٽر شمشيرالحيدري تاريخ 24 آگسٽ 1983ع

[11] روزانه مهراڻ، حيدرآباد، ايڊيٽر شمشيرالحيدري تاريخ 27 آگسٽ 1983ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موري جون حالتون ڏسي 10 سيپٽمبر 1983ع تي سنڌ جو گورنر ايس ايم عباسي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ مورو پهتو ۽ ماڻهن سان ڳالهيون ڪيائين، 30 سيپٽمبر 1983ع تي موري شهر جي تاريخ ۾ ڇا پر سنڌ جي تاريخ ۾ عورتن جو سياسي نوعيت عظيم الشان جلوس نوان جتوئي کان هلي، مورو جي مين روڊ تي مارچ ڪندي، شهر ۾ داخل ٿيو هيڏانهن موري مان پڻ عورتن جو ٻيو جلوس پڻ ان وڏي جلوس ۾ شامل ٿي ويو موري جي ريلوي ڦاٽڪ وٽ ان کي روڪڻ لاءِ پوليس طرفان عورتن تي آنسو گيس جا شيل اڇلايا ويا جنهن ۾ ڪيترين ئي عورتون، ننڍڙا ٻار زخمي ٿيا.

عورتن جي مٿان لاٺي چارج ٿيندو ڏسي، موري شهر جو غيرتمند عوام مچرجي پيو ۽ دوبدو فائرنگ ٿي، جنهن ۾ ايڊيشنل SHO مورو ملڪ بشير احمّد، HC محمّد ابراهيم، HC علي نواز ۽ HC روشن علي سيال بروقت مري ويا ۽ سپاهين مان امان الله، اعتبار اوڍو غلام اڪبر ۽ خادم حسين گن مين SP پڻ فوت ٿي ويل ٻڌايا وڃن ٿا.[12] ان کان علاوه هن دوبدو فائرنگ ۾ ايس پي نوابشاهه بابر خٽڪ ۽ ڊي ايس پي مورو ملوڪ جاگيراڻي پڻ زخمي ٿيا آهن. ايس پي نوابشاهه ۽ ڊي ايس پي مورو جون گاڏيون عوام ساڙي رک ڪري ڇڏيون آهن،[13] اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته عوام مان به ڪيترائي شهيد ٿيا ۽ بيشمار ڦٽيا آهن، جڏهن ته موري جا ڪيترائي سپاهي هن مهل تائين لاپته آهن، غير تصديق شده معلومات موجب پبلڪ مان 9 ماڻهو پڻ ماريا ويا آهن.[14] جڏهن ته ايم آر ڊيءَ تي لکيل واحد ڪتاب جي خالق قمر ڀٽي لکي ٿو ته ان خونريزي جهڙپ ۾ 20 سنڌي بيگناهه شهيد ٿي ويا آهن، عورتون ۽ ٻارن سميت زخمين جو ڪل تعداد 103 آهي، نوابشاهه سول اسپتال جا وارڊ خالي ڪرائي ايمبولينس گاڏين ذريعي زخمين کي نوابشاهه پهچايو ويو[15] اخباري اطلاعن موجب چيو وڃي ٿو ته عورتن جي پُر امن جلوس جي اڳواڻي

---

[12] ڪمالائي محمّد مثل، مورو شاهي ٽورو ڇاپو پهريون، مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو جنوري 1988ع ص 222

[13] روزانه مهراڻ، حيدرآباد، ايڊيٽر شمسيرالهيدري تاريخ 4 سيپٽمبر 1983ع

[14] روزانه مهراڻ،حيدرآباد، ايڊيٽر شمشيرالحيدري تاريخ 24 آگسٽ 1983ع

[15] قمر ڀٽي، ايم آر ڊي تحريڪ ڇاپو پهريون، شهيدانِ سنڌ سوسائٽي 1984ع ص 99



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم اين اي غلام مرتضيٰ خان جتوئي جي والده ڪري رهي هئي،[16] هن واقعي جي ٻئي ڏينهن تي موري ۾ فوج طلب ڪئي ويئي. نوان جتوئي جا سمورا روڊ رستا بند ڪيا ويا، مرحوم غلام مصطفيٰ جتوئي جي صاحبزادي غلام مرتضيٰ خان جتوئي کي گرفتار ڪرڻ لاءِ فوج نوان جتوئي جو گهيرو ڪيو نوان جتوئي جو پاڻي ۽ بجلي بہ بند ڪيا ويا، 8 سيپٽمبر کان 13 سيپٽمبر تائين نوان جتوئي، يو سي مناهي پراڻا جتوئي، ڏيپارجہ ۽ پرڻ تي فوج جو گهيرو رهيو ۽ پاڻي ۽ بجلي بدستور بند رهيا، 14 سيپٽمبر تي عوام جي مسلسل هڙتالن ۽ مظاهرن سبب فوج شهرين کي چيو تہ پنهنجا دڪان ۽ ڪاروبار کوليو اسان فقط امن امان قائم ڪرائڻ آيا آهيون، توهان کي ڪجهہ بہ نہ چيو ويندو ۽ نوان جتوئي جا بند ڪيل سيئي رستا پڻ آمدورفت لاءِ کوليا ويا، 16 سيپٽمبر 1983 تي بي بي سي لنڊن پنهنجي اردو سروس ۾ ٻڌايو تہ حڪومت جو چوڻ آهي جتوئين، جمالين ۽ کوسن کي بي هٿيار بنايو ويندو مارشل لاحڪام جي اهڙي فيصلي تي عمل ڪندي نوان جتوئي ۾ آسپاسن جي گهرن جي مڪمل تلاشيءَ جو سلسلو شروع ڪيو ويو.

✡ ايم آر ڊي تحريڪ کي مهراڻ اخبار وسيلي مڪمل ڪوريج ڏيندڙ برک صحافي ايڊيٽر روزانہ مهراڻ شمشير الحيدري کي هٿايو ويو جنهن سول نافرمانيءَ واري تحريڪ ۾ موري جي ڪردار تي ڪليل نموني لکيو ۽ آرمي جي ڪاروائين کي نروار ڪيو. 19 سيپٽمبر ايم آر ڊي جي هلايل تحريڪ جي 5 هفتي 36 هين ڏينهن تي مهراڻ جي ايڊيٽر طور ثناءُ الله راڄڙ جو نالو اخبار ۾ نظر آيو. ائين موري سميت سڄي سنڌ جو خبرون Kill ٿينديون ويون ۽ ضياءَ لاءِ چيلينج بڻيل ابتي ڳٽپ جو سلسلو بند ٿيو جيڪو شمشير الحيدري مهراڻ اخبار جي روزاني واري اشاعت ۾ شروع ڪيو هو موري ۾ عورتن واري جلوس واري چڪتاڻ کان پوءِ ايم آر ڊي اڳواڻ مرحوم غلام مصطفيٰ خان جتوئي جي وڏي پٽ ايم اين اي غلام مرتضيٰ خان جتوئي تي ايف آءِ آر نمبر 184، 1983ع تعزيرات پاڪستان جي قلم 307، 353، 395، 302، 148، 149، 188، 436، ايم ايل آر 9، 13، 14 ايم ايل او تحت مقدمو درج ڪندي

[16] روزانہ مهراڻ،حيدرآباد، ايڊيٽر شمسيرالحيدري تاريخ 4 سيپٽمبر 1983ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوج آڏو پيش ٿيڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي[17] هن مقدمي جي تحقيقات لاءِ غلام مرتضي خان جتوئي کان علاوه، حاجي محمّد بخش جتوئي، غلام علي جتوئي، حاجي ڪريم بخش جتوئي، دودو پتي، ڪمدار شمس الدين ڪورائي، بلو کوسو عبدو چانديو ملهار چانديو نواب کوسو رحيم بخش سيال، قادر بخش ٻرڙو گل محمّد مبيجو عبدالستار مبيجو محمّد کوسو عيسيٰ کوسو دودو کوسو درد محمّد کوسو امام بخش ٻرڙو سڪندر علي ڳوراهو صاحب خان کوسو غلام قادر لنڊ، شفيع محمّد چانڊيو مير محمّد چانڊيو. مراد جهيجو عثمان ڪلهوڙو ڏتي بخش ملڪاڻي احمّد خان چانڊيو حسين مير بحر، جمعو مبيجو عبدالحميد مبيجو غلام الرسول، علي نواز کوسو دريا خان کوسو امام بخش ٻرڙو نظر کوسو غلام رضا کوسو راڄ محمّد ٿل، مراد مبيجو ماڪوڙو چانڊيو صيفل چانڊيو غلام علي ماڇي کي فوجي حڪام آڏو پيش ٿيڻ لاءِ چيو ويو.

موري کان علاوه 29 سيپٽمبر 1983ع تي ڳوٺ پنهل خان چانڊيو ڳوٺ وٺ فوج ۽ عوام جو ويڙهو مقابلو ٿيو. سرڪاري پڌرائي موجب 17 ماڻهو ۽ بي بي سي (BBC) موجب 30 ماڻهو بيدرديءَ سان ماريا ويا. هي واقعو ايم آر ڊي جو وڏي ۾ وڏو سنگين واقعو آهي. جنهن ۾ ايتري وڏي تعداد ۾ ماڻهو ماريا ويا هجن، ان کان علاوه خيرپور ناٿن شاهه ۾ پوليس جي مظاهرين مٿان فائرنگ ٿي، جنهن ۾ 7 ڄڻا فوت ٿيا. آڪٽوبر جي پهرين هفتي ۾ موري شهر کان ٻاهر سونهري فارم لڳ فوج ۽ عوام جي وچ ۾ ويڙهو مقابلو ٿيو جنهن ۾ 12 عوام جا ۽ چار فوج جا سپاهي مارجي ويل ٻڌايا وڃن ٿا.[18] ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ موري واسين اهڙو ته ڀرپور نمونو نڀايو آهي جو شاعرن شعر چيا:

موري دادو ميهڙ جا
ڏاتيئڙا پٽ ڏول ڪنا ڪي،
(ابراهيم منشي)

---

[17] الياس شاڪر، ايم آر ڊي ڪاميابيان ناڪاميان، اشاعت اول شيل پبليڪيشنز لميٽيڊ ڪراچي نومبر 1985ع ص 197

[18] ڪمالاڻي محمّد مٺل، مورو شاهي ٿورو ڇاڇو ڀريون، مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو جنوري 1988ع ص 44 ـ 243



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ان ڪري جو ايم آر ڊي جي هلندڙ تحريڪ ۾ نه رڳو تمام وڏا جلوس نڪتا پر هتي قرباني جا نوان رڪارڊ قائم ڪيا ويا. BD اليڪشن ۾ اهڙيءَ طرح بائيڪاٽ ڪيو ويو ڪنهن به ماڻهو فارم نه ڀرايو اڪثريت ۾ عهدا خالي رهجي ويا.

تجزيه ڪارن اخبارن ۾ آيل خبرن موجب اندازو لڳايو آهي ته ايم آر ڊي تحريڪ ۾ هن وقت تائين لڳ ڀڳ 850 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا آهن. محترم بينظير ڀٽو ان کان پوءِ ايم آر ڊي کي هڪ دفعو ٻيهر سرگرم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ايم آر ڊي کان 1983ع جهڙي تحريڪ وري نه هلي سگهي. ڪيترن ئي نوجوانن جون زندگيون جيلن ۾ سڙي رهيون هيون. هوڏانهن ايم آر ڊي ۾ اختلاف ڏينهون ڏينهن وڌندا رهيا. ۽ 29 مئي 1988ع تي محمد خان جوڻيجو جي حڪومت ختم ڪئي ويئي. 17 آگسٽ 1988ع تي جنرل ضياءُالحق سي ون ٿرٽي C-130 جهاز جي حادثي ۾ ڪيترن ئي جنرلن سان گڏ مارجي ويو هن خبر کان پوءِ سنڌ جي ماڻهن چيو ته آسمان ڪيڏو نه صاف ٿي ويو آهي، ماڻهن گهڻي وقت کان پوءِ سک جو ساهه کنيو. آخرڪار 1988ع ۾ رٿيل چونڊن جي موقعي تي پ پ ۽ ايم آر ڊي جي جماعتن جا ٽڪيٽن واري معاملي تي سخت اختلاف ٿي پيا. ان طرح ايم آر ڊي جو اتحاد پنهنجي پڄاڻي تي پهتو. هن تحريڪ دوران سنڌ جي تعليم مڪمل طرح تباهه ٿي ويئي. روزمره جي ڳوناٺي ۽ شهري زندگي مفلوج ٿي وئي، سنڌي اخبارون سينسر جي ور چڙهي ويون. ان ڪري ايم آر ڊي بابت اصل حقيقتون عوام کان لڪايون ويون.

ايم آر ڊي پاران هلايل سول نافرمانيءَ واري تحريڪ دوران انٽرنيشنل ميڊيا تي موري جي ڪردار بابت نمايان طور تي لکيو ويو. ڊان گروپ جي مشهور رسالي هيرالڊ ۾ نامور اديب، صحافي ۽ ڪالم نگار سراج پنهنجي شاهڪار ڪالم Sindh: the Unhappy valley ۾ لکي ٿو ته:

Last month, Khairpur Nathan Shah, a sleepy little town in the Dadu district of no-longer-so- sleepy Sindh, hit the International head lines, when “Law enforcing agencies” opened fire on a crowd of anti-government demonstrators killing any thing from eight (the official figure) up to around 40 (the rumored figure).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

This was second major incident of the current MRD agitation first being at Moro, where eight police-men and twelve demonstrator lost their lives.19

ايم آر ڊي تحريڪ ۾ موري جا تقريبن 40 ماڻهو شهيد ٿيا، لوڪل ميڊيا، توڙي انٽرنيشنل ميڊيا ۾ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ موري جي سياستدانن ۽ عوام پاران ادا ڪيل ڪردار جي وڏي واکاڻ ڪئي وئي پر افسوس پيپلز پارٽي وارن پنهنجن مورو واسين جي ادا ڪيل اهم ڪردار کي وساري بيوفائي ڪئي آهي.

اهو ان ڪري جو ايم آر ڊي تحريڪ کي مڪمل وسعت ڏيندڙ ۽ تحريڪ کي ڀرپور نموني هلائيندڙ مکيه سياستدان مرحوم غلام مصطفيٰ خان جتوئي پيپلز پارٽي جي قيادت سان اختلاف راءِ رکندي پنهنجي الڳ پارٽي نيشنل پيپلز پارٽي ٺاهي. تڏهن پيپلز پارٽي وارن مرحوم غلام مصطفيٰ جتوئي، خان محمّد جمالي ۽ موري واسين جي ڪيل شاندار خدمتن واري لڪيل سونهري باب کي پنهنجي من پسند تاريخ مان ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪري ڇڏيو جيڪا سراسر ناانصافي آهي، پ.پ وارا اقتدار جا مزا پلي ماڻن، اسان جون اکيون ٺڏيون، پر افسوس جو ايم آر ڊي جهڙي عظيم تحريڪ جي تاريخ تي فقط هڪ ڪتاب به آڻي نه سگهيا آهن ته موري وارن سان ڪهڙو انصاف ڪندا!!

*

19 Siraj, Monthly. The Herald, Editor Razia Bhatti October 1983 P. 9



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موري تعلقي جو مختصر تعليمي جائزو

پرائمري اسڪول ۾ جڏهن اسين پهريون درجو پڙهندا هئاسين تہ درسي ڪتاب ۾ ”ڪير“ تي هڪ بيت هوندو هيو. جنهن جي شروعات هيئن ٿيندي هئي: ”جو ڪير پئي سو وير ٿئي“ ۽ بيت جي آخري سٽ هوندي هئي ”ڏي ڪير امان، پي پڙهڻ ويجان“.

ڪلاسن ۾ اندر ڀتين تي بہ مختلف قسمن جا چارٽ لڳل هوندا هئا. جن مان ڪن تي بيت بہ لکيل هوندا هئا. هڪڙو اهڙو تہ وٽندڙ بيت هوندو هئو، جيڪو اڄ تائين مون ڪان نہ وسريو آهي.اهو بيت هيءُ آهي:

پڙهڻ، ترڻ، تير هڻڻ، چوٿين سواري،
نندي هوندي نہ سکيو تہ وڏي هوندي خواري،

سو انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ پڙهڻ، علم حاصل ڪرڻ يا تعليم کان سواءِ انسان اڌورو آهي ۽ محتاجي ۽ خواري الڳ نصيب ۾ ملي ٿي.

تعليم سان ئي انسان کي زندگيءَ جو شعور ملي ٿو، قومون مهذب بڻجن ٿيون ۽ ملڪ ترقي ڪن ٿا. تعليم جو ڪمال اڄ جي سائنس ۽ ٽيڪنالوجي آهي، جنهن انسان کي ڪائنات جا راز معلوم ڪرڻ کان پوءِ حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

دنيا جي هر ملڪ ۾ تعليم جي تاريخ جدا جدا آهي. سنڌ ۾ بہ تعليم جا مختلف دور پئي رهيا آهن. هر دور ۾ تعليم جو نصاب، پڙهائڻ جا طريقا ۽ مقصد بہ جدا جدا پئي رهيا آهن جن جو دارو مدار مقدار مقامي ملڪي ذريعن ۽ وسيلن تي رهندو پئي آيو آهي. ڪيترين ئي ٻولين هتي رائج رهيون، جيڪي پوءِ وقت؛ گذرڻ سان گڏ تعليم جو ذريعو تہ نہ رهيون پر ترڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويون. مثال طور: موئن جي دڙي جي ٻولي اڄ ڪنهن کي سمجھ ۾ ئي ڪا نہ ٿي اچي. سنڌ ۾ عربن جي دور ۾ عربي ٻوليءَ کي وڏي اهميت هئي. ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور ۾ فارسي زبان کي اهميت هئي پر اڄ انهن ٻولين ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي جيڪا اهميت رهي آهي، سان ڪنهن ڪان ڳجهي نہ آهي.

بهرحال سنڌ ۾ جيد عالم، مفسر، محدث، مبلغ ۽ فقيھ بہ پيدا ٿيا تہ هتي اعليٰ درجي جي اديبن، شاعرن، تاريخ نويس، دانشورن، سائنسدانن ۽ منتظمن بہ پاڻ مڃرايو.

تعليم جي مختلف دورن ۾ هتي عربي، فارسي، هندي گرمکي، سنسڪرت، سنڌي، اردو ۽ انگريزي تعليم تہ رهي پر ڪٿي ڪٿي جرمني ۽ فرينچ ٻوليون بہ پڙهايون ويون.

جيئن تہ هن مقالي جو موضوع محدود آهي يعني ”موري تعلقي جو مختصر تعليمي جائزو“ سو جيتري قدر ٿي سگهندو تہ هن تعلقي ۾ جدا جدا دورن جي تعليمي نظامن جو جائزو ورتو ويندو. جيڪو بہ گهٽ ۾ گهٽ گذريل هڪ صديءَ تي محيط هوندو. ڇاڪاڻ تہ موري کي تعلقي ٿئي اندازن هڪ سو سال گذري چڪا آهن جنهن جو ثبوت تحقيقات تي مبني مختلف تاريخن مان اسان کي ملي ٿو. ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ جي ڪتاب ”ضلع نوابشاهہ- تاريخي شهر ۽ شخصيتون“ ۾ لکيل آهي تہ ”سنہ 1912ع ۾ انگريزن نوابشاهہ جو نئون ضلع قائم ڪيو. نئين ضلع ٺهڻ کان پوءِ ”موري“ شهر تعلقي هيڊ ڪوارٽر سان گڏ سب ڊويزن جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي رهڻ جو بہ انتظام ڪيو ويو.. موري شهر ۾ انگريزن جي دور ۾ ڊسٽرڪٽ بنگلو مختيارڪار جي آفيس، ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس، پرائمري سنڌي اسڪول، هندن جو ڌرم شالا، سرڪاري اسپتال ۽ تپيدار جو ديرو وغيره عمارتون هيون“.

”تاريخ نوابشاهہ“ جي مصنف پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ جي تحقيق موجب موري ۾ مختيارڪار جي آفيس سنہ 1912ع (يعني نوابشاهہ ضلع ٺهڻ کان بہ اڳ هئي) فاضل مصنف صفحہ 22 تي هن طرح قلمطراز آهي:- ”سنہ 1911ع واري آدم شماريءَ موجب هن شهر جي آدم شماري 3068



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ان وقت هڪ مختيارڪار آفيس، پوليس اسٽيشن ڊسٽرڪٽ بنگلو پرائمري اسڪول ۽ هڪ پوسٽ آفيس بہ هئي“.

ڊاڪٽر محمد لائق زرداري رڳو موري شهر جي آدمشماري نہ ڏني آهي. بلڪ سڄي تعلقي جي آدمشماري ۽ انهيءَ سال يعني سنہ 1911ع ۾ پڙهيلن جو تعداد بہ صفحہ 59 تي ڏنو آهي. جن جا انگ اکر هن طرح آهن:

| | |
|---|---|
| ڪل آدمشماري | 121529 |
| ـ مسلمانن جو تعداد | 51394 |
| ـ هندن جو تعداد | 9043 |
| ـ ٻين مذهبن جو تعداد | 61092 |

| | |
|---|---|
| پڙهيلن جو ڪل تعداد (ڪل آدمشماريءَ جو 4 سيڪڙو) | 5098 |
| ـ مسلمان مرد | 618 (آدمشماريءَ جو 2.2 سيڪڙو) |
| ـ مسلمان عورتون | 33 (آدمشماريءَ جو 0.14 سيڪڙو) |
| ـ هندو مرد | 1835 (آدمشماريءَ جو 39 سيڪڙو) |
| ـ هندو عورتون | 49 (آدمشماريءَ جو 1.12 سيڪڙو) |
| ـ ٻيا مذهب (مرد) | 2481 (آدمشماريءَ 7.5 سيڪڙو) |
| ـ ٻيا مذهب (عورتون) | 82 (آدمشماريءَ جو 29.0 سيڪڙو) |

هنن انگن اکرن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنہ 1911ع مطابق موري تعلقي جي مسلمانن ۾ تعليم تمام گهٽ هئي، مردن ۾ هڪ سو تي بہ پڙهيل ۽ عورتن ۾ تہ ماڳهين 340 تي هڪ پڙهيل هئي. ٿي سگهي ٿو تہ آدمشماريءَ موجب انگ اکر صحيح نہ بہ هجن پر سنڌ جي سڄي تعليمي صورتحال تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ هر هنڌ مسلمانن ۾ پڙهيلن جو تعداد گهٽ هو. پر موري تعلقي ۾ تہ اٽي ۾ لوڻ برابر هو.

هاڻي 100 سالن گذرڻ کان پوءِ وري جيڪڏهن هتي جي تعليم جو جائزو ٿو ونجي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ پڙهيلن جو تعداد اڳي جي مقابلي ۾ گهٽو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيل آهي پر آدم شماريءَ جي لحاظ کان اجا بہ خاطر خواه نہ آهي توٽي جو انهيءَ وچ ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ جوڳا بندوبست ڪيا ويا. مسلمانن لاءِ مدرسہ ۽ مڪتب ۽ هند لاءِ مندر ۾ پانشالائون هيون. انگريزن بہ سنہ 1911ع کان اڳي هتي اسڪول بہ کوليا هئا. جن جو ذڪر اڳتي ايندو. پهريائين ڏسون تہ انهيءَ هڪ صديءَ ۾ هتي ديني خواه دنيوي تعليم لاءِ ڪهڙو انتظام هو. ذڪر ٿي چڪو آهي تہ مدرسہ ۽ پانشالائون هيون. مدرسن ۾ ناظره قرآن، تفسير، علم الڪلام، منطق، تصوف، فقھہ، علم الحديث ۽ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ڏني ويندي هئي. جتي مسلمانن کان سواءِ ٻين مذهبن وارا بہ اها تعليم اچي حاصل ڪندا هئا. ان جو مثال ڳچيري جي ٻن هندو منشي ريواچند ۽ نارائڻ سنگھہ جو ڏئي سگهجي ٿو جيڪي عربي ۽ فارسيءَ جا وڏا عالم ٿي گذريا آهن.

پانشالائن ۾ هندن کي هندي شاسترن ۽ ويدن جي تعليم ڏني ويندي هئي، جنهن جو بندوبست هندو پنچات ڪندي هئي.

هاڻي اچون ٿا مدرسن جي تعليمي سرشتي تي ۽ ڏسون ٿا تہ هن تعلقي ۾ ڪهڙا ڪهڙا مدرسہ هئا. جن مان عالم ۽ فاضل علم جي تحصيل ڪري نڪتا. مدرسن جي تعليمي سرشتي جي باري ۾ سر رچرڊ برٽن لکي ٿو تہ "سنڌ ۾ ميرن جي زماني ۾ ڇهن سالن جي عمر ۾ ڇوڪري کي مڪتب يا مدرسي ۾ پڙهڻ ۾ رذل رهندا هئا. پهريائين آخوند ٻار کان الحمدالله رب العالمين جا اکر سيکاٽائيندو ۽ چورائيندو هو. قرآن جي پوئين سيپاري پوري ڪرڻ کان پوءِ ٻارن کي نماز لاءِ ضروري سورتون بر زبان ياد ڪرايون وينديون هيون ۽ ساڳئي وقت لکائڻ شروع ڪرائبو هو. ميٽ سان ميساريل ڦرهيءَ تي ڪلڪ سان ٿلهن اکرن ۾ اِنڊا پرايا ويندا هئا. جنهن ڪري شاگردن جا اکر موتين جهڙا هوندا هئا.

مرزا قليچ بيگ تاريخ سنڌ جلد ٻيون صفحہ 410 تي لکيو آهي تہ "مڪتبن ۽ مدرسن ۾ ڇوڪريون بہ ڇوڪرن سان گڏ ديني تعليم حاصل ڪنديون هيون"

راقم الحروف کي پنهنجي ذاتي مطالعي ۽ تحقيق مان مدرسن جي نصاب ۽ پڙهائيءَ جي طريقن جي جيڪا جاڻ ملي آهي تنهن موجب تعليم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پهرئين سال دوران لکڻ ۽ پڙهڻ جي مشق ڪرائي ويندي هئي ۽ ناظره قرآن يعني قرآن معنيٰ ۽ مطلب کان سواءِ پڙهايو ويندو هيو. جنهن بعد سنڌي زبان جي اڀياس لاءِ نور نامو ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو قرآن جو تفسير، نثر ۽ نظم، صرف و نحو منطق، فقهه، حديث، معاني، بيان ۽ بديع پڙهايا ويندا هئا. اهي لازمي مضمون هئا باقي طب، رمل، نجوم، جفر، تصوف، حڪمت ۽ فلسفي جا مضمون شاگرد پنهنجي پسنديءَ تي پڙهندا هئا. فارسي پڙهڻ وارن کي دوايو ثوايو تاريخ انشا، گلستان بوستان، يوسف زليخان، مثنوي، خاقاني ۽ فردوسي جهڙا ڪتاب پڙهايا ويندا هئا. ويهن سالن جي عمر ۾ علم جي تحصيل ٿيندي هئي.

مدرسه يا مڪتب گهڻو ڪري وقف تي هلندا هئا. حڪومت جي به ٿوري گهڻي مدد ملندي هئن. تنهن کان سواءِ مالدار متقي ماڻهو انهن لاءِ وصيتون به ڇڏي ويندا هئا. استادن يا آخوندن کي ماهيانو وظيفو ملندو هو ۽ مدرسي ۾ رهندڙ طالبن کي کاڌو پيتو لٽو ڪپڙو وغيره سرنديءَ وارن کان ملندو هو.

موري تعلقي ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ جيڪي مڪتب يا مدرسه قائم ڪيا ويا سي گهڻو ڪري مسجدن سان گڏ يا پرسان هوندا هئا. جن مان ڪي مشهور مدرسه هي آهن:

## مخدوم هنگوري جو مدرسو (گچيرو)

مخدوم صاحب، مخدوم بلال رح جو مريد هو. جنهن جي شهادت کان پوءِ 1523ع ڌاري گچيري ۾ اچي مدرسو قائم ڪيائين. قرآن، تفسير عربي، فارسي، فقهه ۽ حديث جو وڏو عالم هو. هي مدرسو علم ظاهر ۽ باطن، خصوصاً علم حديث جي ڄڻ ته هڪ يونيورسٽي هو. هن جو فيض ورهين تائين جاري رهيو.

## مولوي محمد صادق جو مدرسو (گچيرو)

ميرن جي حڪومت جي آخري دور ۾ مولوي محمد صادق گچيري ۾ هڪ شاندار مدرسو قائم ڪيو جنهن ۾ پاڻ پنهنجي سر عربي، فارسي، فقهه ۽ حديث جي علمن جو درس ڏيندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مولوي گل محمد ميمڻ جو مدرسو (گچيرو)

مولوي صاحب وڏو عالم هو مدرسو  ڪولي ديني ۽ روحاني فيض عوام تائين پهچائڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪيائين. وفات کان پوءِ سندس فرزند مولوي محمد اسماعيل انهيءَ مدرسي کي اوج تي رسايو. ورهين جا ورهه پاڻ انهيءَ مدرسي ۾ ديني علمن جو درس ڏيندو رهيو. وقت جا ڪيترائي عالم سندس شاگرد رهيا جن مان مولوي محمد حيات ٻگهيو "ماڙيءَ وارو" مولوي محمد افضل ڏاهري ۽ مولوي محمد سليمان نوناري وغيره دين جا وڏا عالم ۽ بزرگ تي گذريا آهن. مولوي محمد اسماعيل جي وفات 80 سالن جي عمر ۾ سنه 1360هه ۾ تي.

## مدرسه اسلام پور

هي مدرسو شاهپور جهانيان جي پرسان نم جي ڳوٺ ۾ زمين خريد ڪري مولوي عبدالرحمان سومري اسلام پور جي نالي سان ڳوٺ ٻڌي قائم ڪيو. پري پري جا طلب علم هن مدرسي مان سالن جا سال علم جو فيض حاصل ڪندا رهيا.

## مخدوم محمد طاهر جو مدرسو (مورو)

مخدوم محمد طاهر سهروردي طريقي جو هڪ نامور عالم هو. موري شهر ۾ هڪ ديني مدرسو قائم ڪري درس و تدريس جو فيض جاري ڪيائين. پاڻ مخدوم نوح هالائيءَ جو همعصر هو.

## خليفي قاضي عبدالواحد جو مدرسو (مورو)

موري شهر جي قاضي محلي ۾ ديني علمن جو وڏو مدرسو قاضي عبدالواحد قائم ڪيو. قاضي صاحب وڏو عالم بزرگ ۽ ولي ڪامل تي گذريو آهي، ڪشف ۽ ڪرامت جو صاحب هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قاضي دوست محمد جو مدرسو (مورو)

قاضي صاحب فارسيءَ جو علم ايران مان حاصل ڪري موري ۾ آيو. فارسي علم و ادب تي ڪيس وڏي دسترس حاصل هئي، حياتيءَ جو سڄو عرصو پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ گذاريائين.

## قاضي عبدالرؤف جو مدرسو (مورو)

قاضي صاحب ٻه مدرسا قائم ڪيا. هڪ مدرسو دولتپور جي پرسان ڳوٺ شاهه حسين ۾ ٻيو مدرسو موري شهر جي سرهين واري مسجد. فارسي نظم تي ڪيس وڏي دسترس هئي. سندس شاگردن جو تمام وڏو تعداد آهي. جن مان ڪن جا نالا هي آهن:

سيد تاج محمود امروٽي، مولوي عبدالڪريم ڏاهري، سيد حيدر شاهه، حافظ محمد ابراهيم لاکو "نابينا"دولتپوري، قاضي خدا بخش چنيجن وارو ميان عطاالله فيروز شاهي ۽ مير حسن علي ٺٽوي وارو. قاضي صاحب سنه 1306هجريءَ ۾ وفات ڪئي.

## ڏيرڻ وارو مدرسو

سال 1910ع ۾ قاضي عبدالڪريم مورائيءَ ڏيرڻ ۾ عربي ۽ فارسي تعليم ڏيڻ لاءِ هڪ مدرسو قائم ڪيو جتان ڪيترائي طلب علم فيضاب ٿيا.

## مولوي محمد عثمان جو مدرسو

هي مدرسو تقريبا 40 سال اڳي موري شهر جي تاج مسجد ۾ مولوي عثمان قائم ڪيو. موري شهر جي لڳ احمداڻي لغاريءَ جو وڏل مولوي حاجي عبدالرحيم لغاري هن مدرسي جو پهريون مدرس هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مدرسہ انوار العلوم

مولوي حاجي عبدالرحيم، هي مدرسو قائم ڪيو جنهن ۾ ساري زندگي ديني تعليم جو درس ڏيندو رهيو.

## اسڪولن ۽ ڪاليجن جي تعليم:

انگريزن جي دور حڪومت ۾ مقامي تعليم جي طريقي کي آسان ۽ بهتر بنايو ويو. ڳوٺن ۽ شهرن ۾ مقامي ماڻهن جي مدد سان اسڪول ۽ ڪاليج کلندا ويا جنهن ڪري مدرسہ ۽ مڪتب ڏينهون ڏينهن پوئتي پوندا ويا. گورنمينٽ پرائمري اسڪولن ۾ تعليم مفت ڏني ويندي هئي. هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ فيون ورتيون وينديون هيون. بلڪل غريب شاگردن جي في معاف، باقي سرنديءَ واري ڪان سواءِ ٻين جي اڌ في معاف بہ ڪئي ويندي هئي. استادن کي حڪومت طرفان ماهوار پگهار ملندي هئي. جنهن ۾ سال بہ سال اضافو ٿيندو رهندو هئو. اج تائين اهو ئي نظام هلندو پيو اچي.

حڪومت طرفان جيڪي تعليمي ادارا کوليا ويا، تن مان سڀ کان پهرين هڪ پرائمري اسڪول سال 1849ع ۾ موري شهر ۾ کليو. (تڏهن مورو کي اجا تعلقي جو درجو بہ ڪو نہ مليو هو.) جنهن کان پوءِ ضرورت مطابق ٻين ڳوٺن ۾ بہ اسڪول کلندا ويا. ڇوڪرين لاءِ هڪ جدا گورنمينٽ پرائمري اسڪول سڀ کان پهرياڻين سالن 1923ع ۾ مورو شهر ۾ کليو.

پرائمري اسڪول ۾ 7 سال پڙهي سنڌي فائينل يا ورنيڪيولر جا امتحان پاس ڪبو هو. جنهن کان پوءِ سنڌي ماستري، تپيداري، آبداري يا پوليس ۾ ڪا چڱي نوڪري ملي ويندي هئي. انهن پرائمري اسڪولن ۾ ان وقت جي تعليمي نصاب ۾ سنڌي مادري زبان، علم العروض. انگي حساب، ڏيهي حساب، جاميٽري، تاريخ، جاگرافي، دستڪاري ۽ دينيات درجي بہ درجي پڙهايا ويندا هئا. سنڌي فائينل جو اهو نصاب اج جي M.A جي نصاب کان گهڻو بهتر هو. اسڪولن جو تعداد پهريان تمام گهٽ هو. ائن ائن، ڏهن ڏهن ميلن جي مفاصلي تي اسڪول هوندا هئا. ڪيترائي شاگرد شوق هوندي بہ پڙهي نہ سگهندا هئا. ان ڪري ڪن مخير ماڻهن اهڙن شاگردن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پڙهائڻ ۽ رهائش لاءِ پنهنجون اوطاقون وقف ڪيون ۽ ڪن بورڊنگ هائوس ٺهرائي ماني ڪارائڻ جو انتظام ڪيو. جنهن جو هڪ مثال هتي ڏيڻ مناسب ٿيندو:

سال 1873ع ۾ خان بهادر امام بخش جتوئيءَ جي ڪوشش سان لوڪل بورڊ جو هڪ پرائمري اسڪول نوان جتوئيءَ ۾ (L.B.V) لوڪل بورڊ ورنيڪيولر اسڪول جي نالي سان کوليو ويو. اسڪول لاءِ بورڊنگ هائوس سميت هڪ پڪي شاندار عمارت ٺهرائي وئي. جتي شاگرد رهندا هئا ۽ کين ٽئي ويلا ماني مفت ملندي هئي. رهائش ۽ تعليم مفت هئڻ ڪري ڪيترائي شاگرد پري پري کان ڪهي اچي هن اسڪول ۾ داخل ٿيا ۽ فائينل جو امتحان پاس ڪري وڃي نوڪرين سان لڳا.

چيو وڃي ٿو تہ ڇوڪرين جي تعليم ڪي همٿائڻ لاءِ خان بهادر امام بخش جتوئيءَ پنهنجي نياڻيءَ کي ڇوڪرن جي انهيءَ اسڪول ۾ داخل ڪرايو تہ جيئن ٻيون نياڻيون بہ ان کي ڏسي تعليم حاصل ڪرڻ اچن. تنهن کان پوءِ نہ فقط انهيءَ اسڪول ۾ بلڪ ٻين ڇوڪرين جي اسڪولن ۾ بہ نياڻين کي داخل ڪرائي تعليم ڏني وئي. هن وقت انهيءَ اسڪول جي عمارت زبون حالت ۾ آهي.

فائينل جي بهترين تعليم کي سال 1962ع ۾ وڏي ڌڪ رسيو. حڪومت طرفان اهو نصاب ختم ڪري ستن درجن پڙهائڻ بدران پرائمري اسڪول کي پنجن درجن پڙهائڻ تائين محدود ڪيو ويو. تعليم جو اڳيون معيار ان ڪري ختم ٿي ويو. جتي اسڪولن ۾ رات تائين تعليمي مشغولين جي رونق لڳي پئي هئي، فائينل امتحان لاءِ تياري ڪئي ويندي هئي، اتي اهي اسڪول هاڻي ويران نظر اچن ٿا.

جيستائين انگريزي اسڪولن ۾ تعليم جو تعلق آهي، تہ هتي اهو ٻڌائبو هلجي، تہ 1962ع کان اڳي پهريائين پرائمري اسڪول مان چار درجا پاس ڪري، انگريزيءَ جي پهرئين درجي ۾ داخلا وٺبي هئي ۽ ست انگريزي هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ کان پوءِ ميٽرڪ جو امتحان ڏبو هو. ست سال انگريزي پڙهڻ ڪري شاگردن ۾ قابليت ۽ صلاحيت اچي ويندي هئي. ڇاڪاڻ تہ تعليم جي معيار ٿي اهڙو هوندو هو. پر سنہ 1962ع کان پوءِ اهڙي معياري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعليم کي ختم ڪري مئٽرڪ جو امتحان ڏجي. تعليم جو معيار ان ڪري پيو ۽ شاگردن ۾ اهي صلاحيتون نہ رهيون.

بهرحال مورو تعلقي ۾ هن وقت تائين پيا ڪيترائي سرڪاري، خانگي، بوائز ۽ گرلس پرائمري، مسجد، مڊل ۽ هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج کلي چڪا آهن، جن مان گورنمينٽ جي اسڪولن مان ڪي تہ باقائدگيءَ سان هلي رهيا آهن ۽ ڪي بند پيا آهن. گهٽي جدوجهد کان پوءِ حاصل ڪيل انگ اکر هي آهن:

| | |
|---|---|
| ـ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڇوڪرن لاءِ | 518 |
| ـ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڇوڪرين لاءِ | 75 |
| ـگورنمينٽ مڊل اسڪول ڇوڪرن لاءِ | 14 |
| ـگورنمينٽ مڊل اسڪول ڇوڪرين لاءِ | 11 |
| ـگورنمينٽ هاءِ اسڪول ڇوڪرن لاءِ | 12 |
| ـ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڇوڪرين لاءِ | 04 |
| ـخانگي ايليمينٽري 1 کان 8 ڪلاس تائين گڏيل تعليم | 19 |
| ـخانگي هاءِ اسڪول | 13 |
| ـگورنمينٽ ڪاليج ڇوڪرن لاءِ | 01 |

گورنمينٽ ڇوڪرين لاءِ مسجد اسڪول سال 1981ع کان کلڻ شروع ٿيا جتي پرائمري تعليم سان گڏ ديني تعليم تي وڌيڪ زور ڏنو ويو. هي اسڪول اهڙن هنڌن تي کوليا ويا جتي ٻارن کي ٻن يا ٽن ميلن تائين پڙهڻ جي ڪا بہ سهولت نہ هئي. هنن اسڪولن جي تعليم جي معيار وڌايو. پر سال 1990ع ۾ انهن کي پرائمري اسڪولن ۾ ڪيو ويو. هن وقت مسجد اسڪولن جي حالتن بہ ساڳي پرائمري اسڪولن جهڙي ٿي وئي آهي.

سرڪاري هاءِ اسڪولن ۾ موري تعلقي ۾ سڀ کان پهرين موري شهر ۾ سال 1952ع ۾ هاءِ اسڪول کليو جنهن جو پهريون هيڊ ماستر محترم حاجي خان پنهور هو. نهايت ئي ڪاميابيءَ سان هي اسڪول هلندو رهيو پر هن وقت انهيءَ اسڪول جي تعليمي نظام ۽ معيار جو واهي الله آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪرين لاءِ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول تعلقي ۾ سڀ کان پهرياڻين مورو شهر ۾ سال 1972ع ۾ کليو جنهن جي پهرين هيڊ مسٽريس محترمہ افروز ميمڻ هئي. هن اسڪول مان پڙهي پڙهي جي نياڻين تعليم حاصل ڪئي جن مان ڪيترين هن وقت نوڪرين ۾ آهن. موجوده دؤر ۾ هن اسڪول جي اڳئين دؤر سان تہ ڀيٽ ڪري نٿي سگهجي پر موجوده هيڊ مسٽريس محترمہ رضيہ ڪمالاڻيءَ وري بہ اسڪول کي چڱو سنڀاليو آهي.

اهڙي طرح ڪاليجن ۾ سڀ کان پهرين مورو ۾ هڪ خانگي مهراڻ ڪاليج سالن 1965ع ۾ کليو جنهن جو پهريون پرنسپال محترم محمد ايوب وينجهر هو. هن ڪاليج جي اوج وارو زمانو بہ سال 1972ع تائين چئي سگهجي ٿو. جنهن کان پوءِ ڪاليج گورنمينٽ جي تحويل ۾ آيو ۽ هتي رسمي تعليم ۽ روايتي انتظام وڃي رهيو جيڪو اڄ تائين هلندو اچي.

چوڪرين لاءِ هڪ جدا گورنمينٽ ماروي ڪاليج بہ پهرياڻين مورو شهر ۾ سال 1993ع ۾ کليو جنهن جا پرنسپال تيزيءَ سان بدلبا رهيا. ڪڏهن مرد تہ ڪڏهن خواتين. اهڙي اداري جو تعليمي جائزو وٺڻ هر باشعور انسان لاءِ نهايت ئي آسان آهي.

انهن هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن کان سواءِ سال 1980ع ۾ مورو شهر ۾ گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن فار وومين. پرائمري ۽ سيڪنڊري ٽيچرس کي سکيا ڏيڻ لاءِ کوليو ويو. جنهن مان هزارين ماسترياڻين ٽريننگ حاصل ڪئي آهي. انهيءَ جي انتظام ۽ تعليمي معيار بابت ڪجهہ نہ ٻڌائجي تہ بهتر ٿيندو.

جيستائين خانگي تعليمي ادارن جو تعلق آهي تہ چئي سگهجي ٿو تہ انهن جو انتظام ۽ تعليمي معيار گورنمينٽ ادارن کان بهتر آهي ڇاڪاڻ تہ انهن جي انتظاميہ هر وقت چؤڪس رهي ٿي ۽ استادن جي ڪارڪردگي ۽ شاگردن جي حاصلات تي بروقت نظر رکي ٿي. انهن ادارن ۾ سڀ کان پهريون ادارو روشن تارا اسڪول سال 1978ع ۾ مورو شهر ۾ کليو ۽ ڪاميابيءَ سان تعليم ڏيندو اچي. جنهن کان پوءِ سال 2008 ع تائين ٻيا بہ 12 اهڙا ادارا کلي چڪا آهن جن مان ڪن ۾ ٻارهين ڪلاس تائين تعليم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل ڪرڻ جون سهولتون آهن. اها ڳالهہ بہ آهي ۽ تہ اڄ ڪلهہ گهٽي گهٽيءَ ۾ خانگي پرائمري اسڪول بہ قانوني ڪليل نظر اچن ٿا جن جو مقصد فقط پئسو ڪمائڻ آهي.

خانگي ڪاليجن جو ذڪر هلندي جيڪڏهن مصطفيٰ اورينٽل ڊگري ڪاليج نيو جتوئي جي ڳالهہ نہ ڪبي تہ هي مضمون جڻ تہ اڌورو رهجي ويندو. مصطفيٰ اورينٽل ڪاليج سال 1977ع ۾ نيو جتوئيءَ ۾ جمال الدين "مؤمن" خاصخيلي کوليو جنهن جو پهريون پرنسپال بہ پاڻ ئي ٿيو. انهيءَ ڪاليج کولڻ جو مقصد اهڙن شاگردن کي تعليم ڏني جيڪي اڳتي وڌي نہ سگهيا. ۽ هن ڪاليج مان گريجوئيٽ ٿي نڪتا. هي ڪاليج اڄا تائين قائم آهي.

موري تعلقي ۾ تعليم جي هن صورتحال جي جائزي وٺڻ جو هڪ مقصد هي بہ آهي تہ ڏسون تہ موري تعلقي ٺيڻ سان هتي تعليم حاصل ڪرڻ جو ڪهڙيون سهولتون هيون. پڙهيلن جو تعداد ڪيترو هو. هاڻ انهن سهولتن ۾ ڪيترو وڌارو آيو آهي ۽ پڙهيلن جو تعداد ڪيترو آهي تنهن ڪري سماجي زندگيءَ تي ان جو ڪيترو ۽ ڪهڙو اثر پيو ٿو.

انهيءَ سلسلي ۾ پڌايو ويو آهي تہ سال 1911ع ۾ مسلمان مردن ۾ پڙهيلن جو تعداد هڪ سو تي بہ هو ۽ عورتون تي سو چاليهن پنيان هڪ پڙهيل هئي جڏهن تہ ان وقت تعلقي ۾ مسلمانن جي ڪل آدم شماري 51394 هئي.

تعلقي جي جيڪا موجوده آدم شماري آهي. تنهن جي مليل انگن اکرن مطابق هن وقت سڄي تعلقي ۾ پڙهيل مردن جو ڪل سيڪڙو 37 آهي ۽ عورتن جو 20 سيڪڙو آهي انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ پڙهيلن جو تعداد اڳي کان وڌيو ضرور آهي پر اڄان بہ 53 سيڪڙو مرد ۽ 80 سيڪڙو عورتون تعليم کان محروم آهن. ڇا اسان انهن لاءِ بہ ڪجهہ سوچيو آهي؟

مددي ڪتاب:

I. زرداري محمد لائق ڊاڪٽر، "تاريخ ضلع نوابشاهہ" هسٽاريڪل اينڊ ڪلچر سوسائٽي مورو، 2001.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. خاناڻي حامد علي ڊاڪٽر، ”ضلع نوابشاهه- تاريخي شهر ۽ شخصيتون“- ڊسٽرڪٽ نوابشاهه ڪلچر سوسائيٽي – 1987ع
3. سيال رحيم، ”مورو ۽ خيرپور جو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ حصو“ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2006ع
4. ٽالپر محمد جمن ڊاڪٽر، ”سنڌ جا اسلام درسگاهه“ سنڌ ثقافت کاتو 1982ع
5. قليچ بيگ مرزا، ”تاريخ سنڌ“ جلد پهريون- سنڌي ادبي بورڊ 1960ع
6. Bullo Momin- "Naushahro Feroze through the ages" District Government Naushahro Feroze-2009

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موري تَعلقي جا نامِيارا اُستادَ

مورو علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي حوالي سان سنڌ ۾ هڪ الڳ مقام رکي ٿو. ون يونٽ کان وٺي ايم آر ڊي تحريڪ تائين هن تعلقي جي ماڻهن جيڪا جدوجهد ڪئي ساڪنهن بہ طرح وسارڻ جوڳي نہ آهي. هيءُ تعلقو ساهتي پرڳڻي ۾ ٻين تعلقن کان هميشہ اڳيرو رهيو آهي. هن تعلقي ۾ وڏا وڏا عالم، اديب، شاعر، سياستدان ۽ استاد پيدا ٿيا آهن جن پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم انتهائي سچائي ۽ ايمانداريءَ سان ڪري پنهنجو قومي فرض پورو ڪيو آهي. اهو سڀ ڪجهہ تعلقي جي بهترين استادن جي محنت جوئي نتيجو آهي جن تعلقي اندر اهڙا عظيم انسان پيدا ڪري پنهنجي پيشي سان سچائيءَ جو ثبوت ڏنو.

چوندا آهن تہ، جنهن قوم جا استاد سجاڳ هوندا آهن اها قوم علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي لحاظ کان باشعور ۽ باعمل نظر ايندي آه. اڄ اسان جن استادن جو ذڪر ڪنداسين انهن پنهنجي فيلڊ ۾ جيڪا سچائي ۽ ايمانداريءَ ڏيکاري آهي انهيءَ کي يادڪري اهو ثابت ڪنداسين تہ اهي ڪيترا نہ عظيم انسان هئا يا آهن جن بهترين پڙهائي ڪري جيڪا عظيم شاگرد پيدا ڪيا انهن نہ رڳو تعلقي اندر پرپوري سنڌ ۾ جيڪو اهم ڪردار ادا ڪيو تنهن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي. اسان ڄاڻون ٿا تہ ان دؤر ۾ تعليم جو ايڏو شعور نہ هو جيڪو اڄ آهي. ان دؤر جون حالتون اڄ جي دؤر کان بنهہ مختلف هيون. ان دؤر ۾ علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي ڄاڻ کان عام واقف نہ هئا جيترا اڄ آهن. ان هوندي بہ سندن ڪيل خدمتون هن دؤر ۾ رهبريءَ وارو ڪردار ادا ڪن ٿيون. هلندڙ دؤر ۾ هر اهي سهولتون موجود آهن جن جوان دؤر ۾ تصور بہ نہ پيو ڪري سگهجي. ان دؤر ۾ بجلي، روڊ ۽ رستا نہ هئڻ جي برابر هئا. ان کان علاوه اسڪول جون بلڊنگون پڻ اٽپوريون هيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استاد پنهنجي شاگردن کي وڻ هيٺان تعليم ڏيندا هئا. ان هوندي بہ اتان جيڪي شاگرد پڙهي نڪتا انهن پنهنجي پنهنجي ميدان ۾ پاڻ مڃائي پنهنجي استادن جي ڪيل محنت کي چار چنڊ لڳايا. اهڙن عظيم ۽ محنتي استادن کي سنڌن شاگرد ياد ڪري خراج تحسين پيش ڪن ٿا.

**پهريون دؤر (پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جا استاد):**

- **سيد جعفر شاهہ:** سيد جعفر شاهہ 1901ع ڌاري موري شهر ۾ پيدا ٿيا. پاڻ هڪ بهترين استاد رهيا آهن. ان سان گڏ با اخلاق، باڪردار ۽ باعمل انسان پڻ هئا. سندس زندگي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ۾ گذري. بهترين پڙهائڻ ڪري نہ رڳو شاگرديا شهر واسي پر وقت جا آفيسر پڻ سندن عزت ڪندا هئا. اهڙو عظيم انسان ۽ استاد 1990ع ۾ اسان کان وڇڙي وڃي پنهنجي حقيقي مالڪ سان مليو.
- **مولوي محمد قاسم:** مولوي صاحب ڳوٺ مَلڪ ۾ 1905ع تي پيدا ٿيا. پاڻ درويش صفت انسان، روزي نماز جا پابند ۽ باشرع هئا. سڄي زندگي اصول پرستيءَ ۾ گذاري ڇڏيائين. سندس شمار سٺن استادن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ 1968ع ۾ وفات ڪيائين.
- **عبدالهادي قريشي:** هن استاد جو جنم 1899ع ۾ ڏيپار جا شهر ۾ ٿيو. ڪيس ماستريءَ جو آرڊر 1906ع ۾ مليو. هيءُ هڪ پنهنجي دؤر جو تمام سٺو استاد ٿي گذريو آهي. سندس بہ شاديون ٿيل هيون جن مان ڪيس ڪو بہ اولاد نہ هو.
- **قاضي الهرکيو:** پاڻ 12 نومبر 1913ع ڌاري پيدا ٿيا. سندس پوري حياتي تعليم ڏيندي گذري. ڪيس ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي هئي جيڪا اڳتي هلي نواب شاهہ ۾ ميڊيڪل آفيسر ٿيا. هيءُ سٺي استاد سان گڏ باڪردار ۽ بااصول هو. سندس وفات 1983ع ۾ ٿي.
- **عبدالخالق پرڙو:** پرڙي صاحب جي پيدائش سڏوجا ۾ 1900ع ڌاري ٿي. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي حاصل ڪيائين. پاڻ 1921ع ۾ استادي پيشو اختيار ڪيائين. گهڻو وقت ڳوٺ هبيري ۾ رهيا. تعليم کاتي ۾ بهترين ڪارڪردگيءَ جي ڪري اڳتي هلي بيٽ آفيسر بڻيا اهو دؤر 1945ع جو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **محمد وريام چنو:** هن صاحب جو جنم 1930ع ۾ نيو جتوئيءَ ۾ ٿيو. پاڻ تمام هوشيار استاد هئڻ ڪري ڏاڍي مڃتا ماڻيائون. ڪيس انگريزيءَ جو ابو سڏيندا هئا.
- **ميوو خان لغاري:** پاڻ ڳوٺ بجراڻي لغاريءَ ۾ 1894ع ڌاري پيدا ٿيا. ٻارهن سالن جي عمر ۾ اولڊ ڳچيري جي پرائمري اسڪول مان تعليم حاصل ڪيائين. هن ڪان اڳ لغارين ۾ ڪو به پڙهيل ڪو نه هو. 1930ع ڌاري پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ اسڪول کولي پڙهائڻ شروع ڪيو. پاڻ خوش اخلاق ۽ خوش مزاج سان گڏ بهترين استاد به رهي چڪا آهن. جنهن ڪري سندس تر ۾ تمام گهڻي عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو.
- **محمد صديق:** 1866ع ۾ هن عظيم انسان جو جنم ڳوٺ نوان جتوئيءَ ۾ ٿيو. پاڻ امتحان ۾ هر سال رڪارڊ قائم ڪندا هئا. سندن تي وقت جا تعليمي آفيسر هميشه مهربان هوندا هئا. ڪيس تمام گهڻا آفرين نامه پڻ مليا. 1951ع ۾ رٽائر ٿيا ۽ 1972ع ڌاري وفات ڪيائين. غلام مصطفيٰ خان جتوئي، غلام مجتبيٰ خان جتوئي ۽ جمال الدين ”مومن“ سندس شاگرد هئا.
- **محمد چٽل سرهيو:** پاڻ هڪ سٺو منتظم، اصول پرست، محنتي، جفاڪش ۽ هوشيار استاد رهي چڪو آهي. سندس جنم موري شهر ۾ 7 جنوري 1916ع ڌاري ٿيو. مين اسڪول ۾ هيڊماستريءَ دوران ڪافي ڊراما ڪرايا. جنهن ۾ حاتم طائي ۽ دودو چنيسر مشهور آهن. هن سٺن شاگردن سان گڏ ڪافي اداڪار پڻ پيدا ڪيا. تي وي اداڪار انور سولنگي هن جو شاگرد هو.
- **رستم خان خميساڻي:** سائين رستم 10 فيبروري 1915ع تي پيدا ٿيو. سندس کي ماستريءَ جي نوڪري 1934ع ۾ ملي. ڪيس ڀهريون اسڪول در ٻيلي شهر ۾ هو. پاڻ انتهائي ذهين ۽ قابل استاد ٿي گذريو آهي. اسڪالرشپ ۾ جيڪي شاگرد ويهاريندو هو اهي سٺن نمبرن ۾ پاس ٿيندا هئا. هيءُ عظيم استاد مهراڻ ڊگري ڪاليج موري جي بنياد وجهندڙن مان هڪ هو. پاڻ 10 فيبروري 1972ع ۾ وفات ڪيائون.
- **قاضي عبدالوهاب:** هيءُ پنهنجي دور جو ناليوارو استاد رهي چڪو آهي. پاڻ 1906ع تي سڏو جا ڳوٺ ۾ جنم ورتائين. تعليم ڪاتي ۾ 10



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنوري 1932ع تي پيير پاتائين. مختلف اسڪولن ۾ رهي 3 مارچ 1959ع تي رٽائر ڪيائين. سندس وفات جي تاريخ 8 ڊسمبر 1990 آهي.

- **علي محمد چنه:** سائين چني صاحب جي پيدائش 15 جنوري 1906ع ڏاري ٿي. فائينل جو امتحان 1918ع ۾ پاس ڪيائين. هن خير جا ڪم تمام گهڻا ڪيا. سندس يادگار ڪم ٿي کوهه کوٽايل آهن. ان کان علاوه ڳوٺ ۾ زنانو اسڪول پڻ کولرايائين. هيءُ هڪ قابل ۽ ڄاڻو استاد رهي چڪو آهي. سندس رٽائر مينٽ جي تاريخ 4 جنوري 1957ع آهه.
- **محمد ابراهيم ميمڻ:** هيءُ عظيم استاد ڳوٺ مراد ڪوريجي ۾ 1 جولاءِ 1911ع ۾ پيدا ٿيو. بهترين پڙهائڻ ڪري تمام گهڻو مشهور هو. جنهن ڪري پاڻ ڪافي آفرين نامن سان نوازيو ويو. سهڻ ۽ تترن جي شڪار جو تمام گهڻو شوقين هو. ميمڻ صاحب 56 سالن جي عمر ۾ 28 مارچ 1967ع تي رٽائر ڪيو. سندس وفات 20 جنوري 1981ع تي ٿي.
- **علي نواز جتوئي:** هن جو جنم 11 جولاءِ 1914ع ۾ ٿيو. مرحوم خانبهادر امام بخش جتوئيءَ جي خرچ تي 1936ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان ممبئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. بي اي ڪرڻ کانپوءِ انگريزي استاد مقرر ٿيو. هيءُ سنڌيونيورسٽيءَ جو پهريون ايم اي پاس شاگرد رهي چڪو آه. 1950ع ۾ ڊي جي ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿيو ۽ اتان ئي رٽائر ڪيائين پاڻ بهترين استاد هئڻ ڪري تمام گهڻي عزت ماڻيائون.
- **حاجي محمد بخش "نخيف" جتوئي:** پاڻ 10 جنوري 1923ع تي پيدا ٿيا. سندس سروس جو گهڻو عرصو نوان جتوئي ۾ رهيو. وڏو منتظم، بااخلاق، خوش پوشاڪ ۽ هوشيار استاد طور سڃاتو ويندو هو. ملهه، ڪبڏي ۽ والي بال جو تمام گهڻو شوقين هو.
- **پير بخش عالماڻي:** ڳوٺ جهان خان عالماڻي ۾ 19 آگسٽ 1919ع تي جنم ورتو. خانبهادر امام بخش جتوئي جي سفارش تي استاد مقرر ٿيا. پاڻ نهايت هوشيار استاد، بلند اخلاق، ايماندار ۽ وقت جا پابند هئا. پاڻ 6 مئي 1938ع تي تعليم کاتي ۾ آيا ۽ 31 مئي 1989ع تي رٽائر ٿيا.
- **محمد ادريس جوکيو:** سندس پيدائش 1ـ جنوري 1924ع تي ٿي. فائينل، استاد ڏرم داس وٽ 1938ع ۾ پاس ڪيائين. 1940ع ڏاري استاد

ٿيا. حافظ عبدالستار ڊي-اِي-او نواب شاهه هن تي سنڌي استاد هئڻ ڪري عاشق هو. پاڻ 1978ع تي وفات ڪيائين.

- **حافظ گل محمد "گل":** پاڻ گولو پوٺو ۾ 1918ع تي پيدا ٿيو. 1941ع ۾ ماستر مقرر ٿيو. زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ وڏيري جي غلامي پسند نہ ڪيائين. ماني جو بندوبست پاڻ ڪندو هو. خوش لباس، بيت بازيءَ جو شوق رکندڙ ۽ بهترين استاد پڻ هو.
- **حاجي خان پنهور:** 11 جون 1917ع تي ڳوٺ محمد يعقوب پنهور ۾ پيدا ٿيو. مئٽرڪ ممبئي يونيورسٽي مان 1935ع تي پاس ڪيائين. سنڌي استاد سان گڏ بهترين حڪيم پڻ هو. 58 سالن جي عمر ۾ 1975ع تي رٽائر ڪيائين. ظفرعلي شاهه دربيلي وارو ڪيس جو پيارو شاگرد رهي چڪو آهي.
- **غلام مصطفيٰ خاصخيلي:** سنڌس جنم 14 سيپٽمبر 1920ع ڏاري ٿيو. پرائمري اسڪول چيهو ۾ 10 آگسٽ 1940ع تي ماستر مقرر ٿيو. 1948ع ۾ ايس وي جو امتحان پاس ڪيائين. 60 سالن جي عمر ۾ 14 سيپٽمبر 1980ع تي رٽائر ٿيو. بهتر استاد سان گڏ طبيعت سادي، پوشاڪ سادي ۽ خوش طبع انسان هو.
- **محمد عثمان سومرو:** هيءَ عظيم انسان 3 فيبروري 1923ع ۾ ڳوٺ سهڙا ۾ پيدا ٿيو. سنڌس محنت سان ڪيئين سالن جا ناپاس ٻار ۽ گهٽ ذهن رکندڙ شاگرد هن استاد وٽان فيضياب ٿيا. پاڻ 27 مئي 1975ع تي وفات ڪيائين.
- **خدا بخش سيهڙ:** 27 مارچ 1931ع تي موري ۾ پيدا ٿيا. پرائمري ماستر 8 آگسٽ 1947ع تي ٿيا. بي اي 1961، ايم اي 1963، بي ايڊ 1969ع ۾ پاس ڪيائين. بيٽ آفيسر 1963ع کان 1972ع تائين رهيا. ايس ڊي او مورو 1- ڊسمبر 1972 کان 17 جون 1978ع تائين رهيا. ڊي-اِي-او 1978 کان 1989 تائين ۽ ڊي سي او (ماسڪ اسڪول) 1983 تائين رهيا. پاڻ هڪ بهترين منتظم، خوش مزاج ۽ هوشيار استاد طور سڃاتپ رکن ٿا.
- **قاضي غلام نبي "محذور":** سنڌن پيدائش 1- جنوري 1928ع تي ٿي. ايس وي 1951ع ۾ حيدرآباد مان ڪيائين. پاڻ سٺا استاد، شاعر ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اديب هئا. سندس مزاحيہ شاعريءَ ڏانهن تمام گهڻو لاڙو هو. سنا حڪيم ۽ راند جا ڪوڏيا هئا. 19 آگسٽ 1975ع تي وفات ڪيائين.

- **فيض محمد سومرو:** پاڻ 12 سيپٽمبر 1924ع تي موري ۾ پيدا ٿيا. فائينل جو امتحان 1939ع تي ڏنائون. 1_ ڊسمبر 1944ع تي استاد مقرر ٿيا. انتهائي بااخلاق، خوش لباس، ٽائيم جا پابند ۽ سٺن اڪرن جا مالڪ هئا. حافظ عبدالستار ميمڻ مٿن مهربان هئا. بهترين استاد هئڻ ڪري ڪيس تمام گهڻا آفرين نامہ مليا. پاڻ 60 سال پورا ڪري 1984ع تي رٽائر ٿيا.
- **قاضي محمد علي اختر موروائي:** پاڻ جڏهن ساڍن پنجن سالن جا ٿيا تہ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيائين. تعليم ۽ ادب تي مولوي محمد اسماعيل جو اثر هوس. سندس جنم جي تاريخ 8 جنوري 1927 آهه. 1944ع تي ماستر مقرر ٿيو. پاڻ سٺي استاد سان گڏ سٺو شاعر پڻ هو. فارسي جي ڄاڻ هئڻ ڪري مصطفيٰ اورنيٽل ڊگري ڪاليج ۾ فارسي جا ليڪچرار پڻ رهيا.
- **جمال الدين "مومن" خاصخيلي:** مومن صاحب جو جنم نيو جتوئي ۾ 8 اپريل 1932ع ڌاري ٿيو. 1947ع تي فائينل جو امتحان ڏئي استادي پيشي ۾ پير پاتائين 1965ع ۾ ايم اي سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. بي ايڊ 1969 ۽ ايم ايڊ 1971ع تي پاس ڪري سپروائيزر ٿيا. 50 سالن جي عمر ۾ 1_ مارچ 1982ع تي رٽائر ڪيائين. پاڻ آخري وقت تائين مصطفيٰ اورنيٽل ڊگري ڪاليج جا پرنسپال رهيا. هن ڪاليج جو بنياد وجهندڙ بہ پاڻ هئا. مومن صاحب ڪافي ڪتابن جو ليکڪ پڻ هو. سندس پوري حياتي پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ سماجي ڪمن ڪندي گذري. سندس وفات 5 جولاءِ 1999ع تي ٿي.
- **حاجي محمد اسماعيل جيسر:** حاجي اسماعيل 1895ع ڌاري ڳوٺ پورو بهڻ ۾ پيدا ٿيا. قرآن مجيد حفظ ڪرڻ وقت پرائمري اسڪول سڏوجا ۾ داخل ٿيا. پهريان ايريگيشن ۾ نوڪري ڪيائين جتان استعيفيٰ ڏئي پرائمري استاد ٿي قوم جي خدمت ڪيائين. سندس وفات جي تاريخ 3 آگسٽ 1957ع آهه.
- **الهبچايو سيال:** 1_ جنوري 1917ع تي ڳوٺ گل محمد سيال ۾ جنم ورتائين. 1_ آگسٽ 1941ع ڌاري پرائمري ماستر ٿيا. سندن پهريون اسڪول پرهون تعلقو سنجهورو هو. هن جي هوشياري ۽ قابليت ڏسي ڪيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ غلام محمد پنجابيءَ ۾ هيڊ ماستر رکيو ويو. ڳوٺ توڙي آسپاس جا ماڻهو سندس مرشد جيتري عزت ڪندا هئا.

- **احمد بخش ميمڻ موروائي:** 1899 تي پيدا ٿيا. پاڻ رياضيءَ جا قابل استاد هئا. هن جي ڏيءَ موري جي پهرين ڊاڪٽرياڻي آهي. سندس اکر تمام سهڻا هوندا هئا.

## ٻيون دؤر (پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جا استاد):

- **حافظ امام بخش ڪوريجو:** حافظ 17 جون 1919ع تي ڳوٺ لونگ ڪوريجو ۾ پيدا ٿيو پاڻ ٻه سال ٽريننگ ڪاليج فار "مين" حيدرآباد مان تربيت حاصل ڪئي. پاڻ پنهنجي دؤر جا تمام سٺا استاد تي رهيا. سندن وفات جي تاريخ 10 ڊسمبر 1982ع آهي.
- **سونو خان سابقي:** سندن جنم 1935ع آه. فائينل 1953ع ۾ ڏنائين. 18 جولاءِ 1953ع تي استاد ٿيا. هيءَ سٺن استادن مان هڪ هو. جنهن به اسڪول ۾ ويندا هئا ان اسڪول جا واڳ کلي ويندا هئا. ننڍي توڙي وڏي آفيسر جا دادلا رهيا. 49 سالن جي عمر ۾ تعليم کاتي کي الوداع چيائين.
- **محمد قاسم چنا:** پاڻ ڏيپار جا ۾ 1934ع ۾ ڄاوا. 62-1961ع ۾ منياڻي ڪاليج مان فرسٽ ڪلاس ۾ ڪامياب ٿيا. گهڻو وقت قمرالدين چانڊيو ۾ رهيا. رعب دار با اخلاق، باخلوص ۽ بهترين استاد هئا. آفيسرن ۾ ڪيس تمام وڏي عزت هوندي هئي. سندس اکر موتيءَ جي داڻن جهڙا هئا. پاڻ وقت کان اڳ رٽائر ڪيائين.
- **حافظ محمد بخش خاصخيلي:** حافظ جي پيدائش 1923ع تي نيو جتوئي ۾ تي. فائينل جو امتحان 1951 ۾ پاس ڪيائين. جنهن کانپوءِ ترت استاد بڻيا. ان کان اڳ ڊڪ منشي هئا. 1962ع ۾ ايس وي (S.V) ٽريننگ ڪاليج منياڻي مان سنڌ ۾ ٻيون نمبر آيا. اديب فاضل جو امتحان پير جهندو ۾ ڏنائين. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جا عالم، اديب، شاعر، سگهڙ، مقرر ۽ بهترين استاد رهيا. 60 سال پورا ڪري 1992ع ۾ رٽائر ٿيا. پاڻ 25 ڊسمبر 2004ع تي وفات ڪيائين.
- **راشد موروائي:** 5 مارچ 1944ع تي ڳوٺ جو ٽالو ۾ جنم ورتو. پاڻ تعليم کاتي ۾ 8 نومبر 1962ع تي استاد مقرر ٿيا. سروس دؤران ٻه تعليم کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاري رکيائين. انٽر 1977، بي اي 1979 ۽ ايم اي 1988ع تي سنڌيءَ ۾ ڪيائين. جنهن ۾ پاڻ فرسٽ ڪلاس کنيائين. جي وي 1965 ۽ ايس وي 1971ع ڌاري سڪرنڊ مان ڪيائين پاڻ بهترين استاد سان گڏ بهترين شاعر پڻ آهن. سنڌن نثر توڙي نظم ۾ ڪافي ڪتاب اچي چڪا آهن.

- **خاصخيلي محمد حسن "فدا":** پاڻ 2 فيبروري 1943ع تي ڳوٺ نيو جتوئي ۾ ڄاوا. 3 اپريل 1961 ۾ پرائمري ماستر ٿيا. 1973ع تي انگريزي استاد ٿي ويا. سروس دوران تمام گهڻا آفرين نامہ پڻ مليا. پاڻ سٺا منتظم محنتي ۽ جفاڪش هئا. جنهن ڪري هرماڻهو کيس عزت ڪندو هو. فدا صاحب 1۔ جنوري 2002ع کان 1۔ آگسٽ 2003 تائين موري تعلقي جا تعليمي آفيسر پڻ رهيا. ان کانپوءِ رٽائر ڪيائون.

- **عبدالرحيم جتوئي:** پاڻ لڳ نوان جتوئي ۾ پيدا ٿيا. عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري استاد کان ڪئي بعد ۾ سيڪنڊري اسڪول ميرپورخاص ۽ حيدرآباد ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ رهيو. 1990ع تي دولتپور هائر سيڪنڊري اسڪول جا پرنسپال ٿيڻ کانپوءِ 1993ع ۾ ضلعي نوشهري فيروز جو بہ دفعا DEO پڻ رهي چڪو آہ. رٽائر بہ اتان ٿي ڪيائين. هن آفيسري دوران ايمانداري ۽ اصول پسنديءَ جو دامن نہ ڇڏيو.

- **الهہ بخش جتوئي:** هن جي پيدائش ڳوٺ نوڙها ۾ 9 اپريل 1932ع ڌاري ٿي. پاڻ 22 جولاءِ 1948ع تي استاد ٿيا. نوڪريءَ جا پورا 10 سال پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ رهيا ۽ اتان ئي 9 اپريل 1992ع تي رٽائر مينٽ ورتائين. هيءَ هڪ بهترين استاد ۽ باڪردار انسان ٿي گذريو آہ. سردار احمد سيال، موسيٰ سيال، عبدالرحيم جتوئي، عبدالرحمن سيال ۽ علي محمد ڪورائي سندن شاگرد هئا.

- **الهڏتو گڏارو:** سندس جنم 1۔ جنوري 1921ع تي ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ سهڙا ۾ ورتائين. مئٽرڪ مدرسہ هاءِ اسڪول نوشهري فيروز مان پاس ڪيائين. 15 اپريل 1960ع ۾ انگريزي استاد درياءَ خان مري اسڪول ۾ مقرر ٿيا. پاڻ تعليمي خدمتون درس، مَلڪ، ڳچيرو ۽ نوان جتوئي ۾ ڏئي اتان ئي 1980ع ۾ رٽائر ٿيا. پاڻ گهمنڊڙ ڦرنڊڙ تعليمي ادارو سڏبا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- **محمد بخش پرڙو:** 1_ آگسٽ 1935ع تي ڳوٺ بخشو پرڙو لڳ سڏوجا ۾ پيدا ٿيا. 1950ع ڌاري استاد مقرر ٿي پڙهائڻ شروع ڪيائين. پاڻ سٺي استاد سان گڏ ياوريس پڻ هئا. هر ڪنهن کي تمام گهڻي عزت ڏيندا هئا. سندس وفات 12 نومبر 1979ع تي ٿي.
- **محمد مٺل ڪمالاڻي:** هيءَ ڄاڪوڙي استاد 12 جولاءِ 1942ع تي ڄاوا. ابتدائي تعليم مورو ۾ حاصل ڪري پهريان سنڌي ۽ پوءِ انگريزيءَ جو استاد بڻيو. ابتدا کان لکڻ ۽ پڙهڻ جو شوق رهڻ ڪري علمي، ادبي ۽ سماجي ڪمن ۾ حصور ورتائين. س_ا_س، سِگا، بزمِ گلشن، اداره آئينہ ادب ۽ گسٽا سان گهري وابستگي رهي. پاڻ ڪتاب ”مورو ناهي ٿورو“ جا ليکڪ پڻ هئا.
- **خدا بخش سومرو:** پاڻ 1929ع ۾ ڳوٺ سهڙا ۾ پيدا ٿيا. استاد مقرر ٿيڻ کان پوءِ پرائمري اسڪول دائم ڪورائي، پيجو اُيريو شاهہ ۽ ڳاجي مشوري ۾ سروس ڪيائين. پاڻ هڪ بااخلاق، باڪردار ۽ هوشيار استاد هئا. هن ڪامل بزرگ استاد ۽ انسان 77 سالن جي عمر ۾ 31 آگسٽ 1996ع تي وفات ڪئي. سندس مزار تي هرسال ميلو لڳندو آهي.
- **خدا بخش سيال:** سندس جنم 12 ڊسمبر 1935ع تي امام آباد ۾ ٿيو. فائينل 1949 ۾ ڪيائين. 12 مئي 1951ع تي استاد ٿيا. ٽريننگ ڪاليج مٽياڻي ۾ ٻہ سال پورا ڪري ڳوٺ ڦتوبلال ۾ 1961ع کان 1987ع تائين رهيا. 1988ع تي امام آباد اسڪول ۾ هيڊ ماستر ٿيا.
- **حاجي خير محمد اعوڻ:** پاڻ 14 مارچ 1937ع تي ڳوٺ امام آباد ۾ حاجي امام بخش اعوڻ جي گهر ۾ جنم ورتو. تعليم ڪاتي ۾ 6 آگسٽ 1949ع ڌاري پيرپا تائين. 1970 کان 1980 جي درميان پاڻ پ_ٽ_الف جو صدر رهيو. هيءَ هڪ بهترين استاد هو. سندس وفات 16 جون 2001 تي ٿي. سندس رٽائرمينٽ جي تاريخ 1995ع آهي. پاڻ وقت جا تمام گهڻا پابند هئا. بهترين پڙهائڻ ڪري ڪيس آفرين نامہ پڻ مليا.
- **عبدالڪريم سولنگي:** پاڻ هڪ انتهائي قابل استاد ۽ تعليمي آفيسر ٿي گذريا آهن. سندس گفتگو جو انداز انتهائي خوبصورت ۽ وڻندڙ هوندو هو. سندس سان جيڪو بہ ڪچهري ڪندو هو. اهو سندس مداح ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو هو. پاڻ هن دنيا ۾ ناهن رهيا پر سنڌ ڪيل خدمتون اڄ بہ هر هڪ ڪي ياد آهن.

ان ڪان علاوه هيٺين استادن پڻ تعليمي لحاظ کان جيڪا خدمت ڪئي آهي. ان کي وساري نٿو سگهجي. هي تمام گهڻا قابل، ايماندار، وقت جاپابند، خوش اخلاق، جاکوڙي ۽ بهترين استاد طور سڃاڻپ رکن ٿا. سنڌن نالا هيٺ ڏجن ٿا. عبدالڪريم ميمڻ. محمد يوسف سيال. محمد حسن جماڻي. خير محمد اعواڻ. محمد هارون پلال. محمد يوسف پلال. علي بخش شاهہ. محمد خان سومرو عزيز الله ٻگهيو. محمد اسماعيل سولنگي، قربان سيال. عزيزالله شيخ. مشتاق ڪمالاڻي. مشتاق ميمڻ. علي اڪبر مَلڪ. مجمد بخش چوهاڻ. وارث چوهاڻ. احمد خان ٻرڙو. قاضي نذير. گل محمد ساٿي "علامہ ڏنباڻي"، اسماعيل پٽي، عبدالرحيم سولنگي "مڪٽو"، احمد خان ٻرڙو فتح الدين "بيدار موراڻي"، محمد حسن ميمڻ، محمد صديق سوهو فساحت حسين، سيد حافظ جڙيل شاهہ، محمد يوسف ڪوريجو حبيب الله سولنگي، قادر بخش ميمڻ، نور احمد حب "خادم"، امير بخش عالماڻي "نظر سنڌي"، ولي محمد عالماڻي، احمد خان لانگاہ، مصري خان لانگاہ، محمد سومر سومرو اشرف شاهہ، غلام الرسول سومرو پروفيسر ڊاڪٽر محمدلائق زرداري، محمد حسن ميمڻ، عبداللطيف جتوئي نوڙها، احمد خان جتوئي، محمد صديق پرهيار الهرکيو چانديو ربپرتو انصاري، محمد صديق ميمڻ، محمد پريل سيال، علي اڪبر سولنگي، عبدالحق ميمڻ، قاسم ملاح، عبدالرحمن سيال، محمد يونس ميمڻ، حسين بخش لغاري، غلام رسول سوهو علي نواز ڪانڌڙو محمد مثل حيدري، پير بخش سومرو عبداللطيف پٽي، سيد عثمان شاهہ، غلام نبي اعواڻ، محمد عمرميمڻ، جيوڻ علي لغاري، ڪي بي ڪمالاڻي، پارومل، بچل شاهہ، علي محمد سيال، محمد موسيٰ سيال، جلال الدين شاهہ، ارباب پٽي، پنهل خان مستوئي، لعل بخش جتوئي، خدا بخش گُدارو احمد خان مشوري، محمد چٽل چنہ، محمد هاشم چانڊيو در محمد ڪوسو محمد بخش ٻرڙو عبدلخالق ٻرڙو عبدالرئوف ٻرڙو محمد يعقوب حجم، محمد سليمان سومرو محمد صالح سومرو محمد يعقوب جتوئي، ابوالڪلام ڀٽ، غلام يحيٰ جيسر، محمد لائق چانڊيو سوناخان چانڊيو عبدالخالق ميمڻ، غلام قادر ميمڻ، جان محمد ملاح، علي نواز پنهور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انورالدين جتوئي، محمد موسيٰ جتوئي ڳوٺ ٺوڙها، الهڏنو خاصخيلي، قاضي خير محمد، غلام قادر ميمڻ، راضي خان مستوئي، غلام حيدر قاضي، فضل محمد ميمڻ، نور الدين لنڊ، محمد اسحاق آرائين، قادر بخش پيني، جمع خان سومرو وغيره.

## ٽيون دؤر (موجوده دؤر جا اُستاد):

هن دؤر ۾ انهن استادن جا نالا ڏجن ٿا جيڪي جوانيءَ ۾ تعليمي ميدان تي جنهن چاهه ۽ جذبي سان ڪم ڪري رهيا آهن سو سچ پچ ته اهو عمل ساراهه جوڳو ٿي پيو آهي. ڇاڪاڻ ته تعميري سوچ ۽ ترقيءَ جو محور تعليم هجي ٿي. جنهن کي صحيح استعمال ڪرڻ سان ماڻهو مهذب بڻجي ٿو ۽ ان سان گڏ هُو جيڪا ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري ٿو اها تاريخ تي پوي ٿي. جنهن کي ڪو به انسان مات نٿو ڏئي سگهي.

- عزيز الله پنهور. پيربخشَ عالماڻي. عبدالغفار ڪورائي، سيد نظير شاهه، منظور شاهه، غلام مصطفيٰ زرداري، غلام شبير ملاح. عبدالرزاق مستوئي. اي ڊي سولنگي (الهڏنو). ذاڪر حسين لغاري. محمد بخش سهتو. منٺار احمد ستهو. علي حسن حب. پير قربان. محمد حيات جويو. محمد اسلم سيال. محمد سليم سيال. رفيق احمد ميمڻ. حبيب الله ڪوسو. مظهر جسين ميمڻ. رضا لانگاه. مسعود احمد پيرزاده. شجاعت حسين ميمڻ. نظير احمد سيال. عبدالحفيظ ملاح. علي اصغر ڪانڌڙو. عبدالواحد سولنگي. ميهر خان ڪانڌڙو. امتياز احمد ڪوريجو. شاهنواز سيال. شوڪت حيات ابڙو. محمد يوسف رند. رسول بخش ڪوسو. قاضي محمد عارف. عبدالرزاق عمراڻي (نيو جتوئي). علي شير سومرو. اُيريو خان جيسر (بهڻ). محمد اسحاق لاکو.
- غلام محبتبيٰ ميمڻ. عبدالغني سومرو مشتاق احمد چنه، محمد اشرف گلاباڻي، غلام محمد چنه. فيض محمد پيٽي. لطف چوهاڻ. لعل محمد قريشي. لعل شاهه، محمد صالح ٻرڙو. مشتاق احمد لُنڊ وغيره.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موري جي ادبي تاريخ ۾ سنڌي ادبي سنگت

سنڌ ۾ ساهتي پرڳڻي کي تاريخي، علمي ۽ ادبي حيثيت حاصل آهي. هن پرڳڻي نامور سياستدان، عالم، حڪيم، شاعر، اديب، استاد ۽ مفڪر پيدا ڪيا آهن. جن سنڌ جي علم و ادب جي ميدان ۾ پنهنجي فڪري صلاحيتن سان سنڌي ادب جي خدمت ڪئي آهي. ان ڏس ۾ ساهتي پرڳڻي جو مشهور ۽ معروف علمي ۽ ادبي مرڪز مورو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. مورو سنڌ جي دل آهي، موري ۾ جيڪي بہ بزمون يا ادبي تنظيمون قائم ٿيون، تن، ڪيترائي نوجوان شاعر، اديب ۽ عالم پيدا ڪيا، خاص ڪري موري، سنڌي ادبي سنگت سنڌ کي ڪيترائي ماڻڪ ۽ الماس ارپيا آهن. جن ادب جي دنيا ۾ وڏو نانءُ ماڻيو.

سنڌي ادبي سنگت مورو جا مجموعي طرح بہ دور ليکي ۾ آڻي سگهجن ٿا.

**پهريون دؤر:**

سنڌي ادبي سنگت مورو جو پهريون دور تڏهن کان شروع ٿئي ٿو جڏهن سنڌي ادبي جماعتون درهم برهم ٿي ويون هيون ۽ سيئي ادارا ماٺ ٿي ويا هئا. 1952ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو نئين سر بنياد رکيو ويو. ان کان پوءِ ڪراچي، لاڙڪاڻي، حيدرآباد کان علاوه ٻين شهرن جهڙوڪ: دادو جيڪب آباد، شڪارپور، قنبر علي خان، خيرپورميرس، نوابشاهہ، مورو، ٽنڊو محمد خان، جهمپير، ميرپور بٺورو وغيره، هنن سنگتن پنهنجي وس ۽ وت آهر سنڌي ٻوليءَ ۽ جديد ادب جي آبياري ڪئي. 15 جولاءِ 1956ع تي حيدرآباد ۾ سنڌ جي تنظيمي ڪاميٽي ميٽنگ ۾ رٿيل جوڙجڪ کي بحال ڪيو ۽ ڪراچيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ادبي سنگت کي ڪنوينشن ڪوٺائڻ جي دعوت ڏني. اهڙيءَ طرح 17 آڪٽوبر 1956ع تي سنڌ مدرسته الاسلام ۾ ڪنوينشن ڪوٺايو ويو جنهن ۾ موري شهر مان اختر مورائيءَ پڻ نمائندگي ڪئي ۽ اختر مورائيءَ کي "سنڌ سنگت ڪاروباري ڪاميٽيءَ" جو عهديدار چونڊيو ويو.

بعد ۾ 26 اپريل 1963ع تي شام جو بشير برادرس اسٽور تي موري جي اديبن جو ميڙ ڪٺو ٿيو. جنهن جي صدارت ۾ سنڌي ادبي سنگت موري جو باضابطا طور بنياد رکيو ويو ۽ هڪ سال لاءِ هيٺيان عهديدار يڪراءِ چونڊيا ويا. سيڪريٽري اختر مورائي، خزانچي نذير قاضي، جڏهن ته ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي پنج ميمبر ڪنيا ويا. جنهن ۾ جان محمد سرهيو ايڊووڪيٽ، سائين محمد چٽل سرهيو محمد هاشم ملنگ ايڊووڪيٽ، ننگر خان پيٽي، ۽ قاضي عبدالوهاب شامل هئا.

هن ميڙ ۾ شهر جي ڪافي معزز شخصيتن شرڪت ڪئي. چونڊ بعد ادبي سنگت جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ چند نهراءَ بحال ڪيا ويا ۽ فيصلو ڪيو ويو ته سنگت جي گڏجاڻي هر پندرهين ڏينهن ڪوٺائي ويندي. آخر ۾ سنگت جي سيڪريٽريءَ اختر مورائيءَ افسانو جڏهن ته نذير قاضيءَ غزل پيش ڪيو.

اهڙيءَ طرح 28 اپريل 1963ع بروز آچر تي شام جو پنجين وڳي سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي جان محمد عطار وڪيل جي آفيس ۾ تي گذري، جنهن جي صدارت قاضي ميان عبدالوهاب ڪئي. جنهن ۾ شهر جي ڪيترن ئي باذوق ادبي لڏي جي معززين شرڪت ڪئي. جنهن ۾ اختر مورائيءَ غزل، جڏهن ته علامه ڪڙپيءَ مزاحيه نظم پڙهيو. آخر ۾ هڪ تاثر "فرشتن جي ڪانفرنس" جو پهريون باب اختر مورائيءَ حاضرين کي پڙهي ٻڌايو.

12 مئي 1963ع تي شام جو ڇهين ٻجي سنڌي ادبي سنگت جو ميڙ سڪندر ميڊيڪل اسٽور تي زير صدارت محترم اختر مورائيءَ جي ڪٺو ٿيو. جنهن ۾ قاضي خالد حيات مختصر مقالو پيش ڪيو. علامه ڪڙپيءَ پڻ پنهنجو مزاحيه نظم پڙهيو. ان کان علاوه نسيم مورائي غزل، جڏهن ته آخر ۾ محفل صدر اختر مورائيءَ "فرشتن جي ڪانفرنس" جو باقي رهيل حصو پڙهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح پهريون دور ڪيستائين هليو ۽ باقي سنگت جا ڪهڙا سيڪريٽري چونڊيا ويا، ان جو پتو نٿو پوي، بقول پروفيسر شمشاد سومرو جي مضمون ”سنڌي ادبي سنگت موري جي تاريخ“ جي، تہ 1963ع کان پوءِ ڊاڪٽر دائودپوٽو لائبريري مان باقي اخباري فائيل ۽ ٻيو مواد ميسر ٿي نہ سگهيو.

**ٻيو دؤر:**

سنڌي ادبي سنگت موري جو ٻيو دور ڊسمبر 1975ع کان شروع ٿئي ٿو. جيڪو سماجي ۽ ادبي رهنمائيءَ لاءِ تياريءَ جو دور هو. سنگت سال 1968ع کان 1975ع تائين سنڌ سطح تي ڪو بہ سرگرم ڪردار ادا ڪري نہ سگهي. ان ڪري سنگت کي وري نئين سِر سرگرم ڪرڻ لاءِ موري شهر مان 30 ڊسمبر 1975ع ۾ نوجوان اديبن ناصر مورائي، نذير قاضي، راشد مورائي، عظيم سنڌي ۽ ٻين گڏجي سنڌي ادبي سنگت موري جو ٻيهر قيام عمل هيٺ آندو جنهن ۾ سيڪريٽري عظيم سنڌي، جوائنٽ سيڪريٽري ارشاد مورائي، خزانچي عبدالخالق سومرو، آڊيٽر راشد مورائي چونڊيا ويا. جڏهن تہ ورڪنگ ڪاميٽيءَ لاءِ هيٺيان پنج ميمبر ڪنيا ويا. ناصر مورائي، منثار مورائي، حاجي عاقل سولنگي، قاضي نذير احمد ۽ رب پرتو انصاري. سنگت جون گڏجاڻيون هر پندرهين ڏينهن ڇنڇر 7 بجي شام باقاعده ڪاميابيءَ سان ٿينديون رهيون. اهڙيءَ طرح ميمبرن جو انگ 15 مان 30 تائين پهتو.

17- اپريل 1976ع تي سنگت پاران سنڌ جي مشهور شاعر فتاح ملڪ سان شام ملهائي وئي، جنهن جي صدارت موري شهر جي جهوني اُستاد خدابخش ڪمالاڻيءَ ڪئي. مقالن جي نشست ۾ نذير احمد قاضي، ادل سومري، منثار مورائي ۽ عظيم سنڌيءَ حصو ورتو. محفل مشاعري ۾ تاج جويو، خاڪي جويو، ادل سومرو، عبدالله جيسر ”افضل“، امداد چانڊيو، مير محمد پيرزادو، ادل سولنگي، مير ملاح، عمر سيال، اڪبر سولنگي، منثار مورائي، فتاح ملڪ ۽ عظيم سنڌيءَ حصو ورتو.

اهڙيءَ طرح ٽئين سال جي چونڊن لاءِ عظيم سنڌيءَ جي جاءِ تي راشد مورائي سنگت جو نئون سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. جڏهن تہ جوائنٽ سيڪريٽري غلام الله سومرو، خزانچي عبدالخالق سومرو ۽ آڊيٽر نذير قاضي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونڊيا ويا. هاڻ سنگت جون گڏجاڻيون هر هفتي خميس ڏينهن شام جو ٿيڻ لڳيون. اهڙي طرح موري جي سنڌي ادبي سنگت سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويئي.

نئين سال جي پهرين مهيني ۾ يعني جنوري 1977ع ۾ چونڊون به ٿيون ۽ سنڌ جي مشهور سدا حيات شاعر استاد بخاريءَ سان ٽائون هال مورو ۾ شام ملهائي وئي. جنهن جي صدارت انور احمد قاضي وڪيل ڪئي. جن دوستن استاد بخاريءَ جي فن، فڪر ۽ شخصيت تي تقريرون ڪيون ۽ مقالا پڙهيا تن ۾ علي بابا، قاضي نذير، عبدالحڪيم ارشد، تاج جويو عظيم سنڌي، مننار مورائي، مولانا عزيز الله ٻوهيو ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، سليم سولنگي، محرم شاهه، گل حسن گل ٻرڙو احمد خان ملڪاڻي ۽ ٻيا قابلِ ذڪر آهن.

مقالن بعد مشاعرو ٿيو جنهن ۾ سرواڻ انصاري، هدايت عمراڻي، خاڪي جويو عظيم سنڌي، عبدالحڪيم ارشد، عبدالله جيسر "افضل"، مننار مورائي، اطهر منگي، سومرو سودائي، نور گهلو محمد هاشم سائل، غلام رسول شڪور عباس منگي؛ اُستاد بخاري ۽ ٻين شعر پڙهيا. ٽئين نشست راڳ رنگ جي محفل تي مشتمل هئي. جنهن ۾ منظور سخيراڻي، علي خان چانڊيو هدايت عمراڻي، غلام حسين زرداري، غلام قادر کهڙو حاڪم علي شاهه ۽ منظور علي شاهه حصو ورتو. ان کان علاوه ڪيترائي ادبي پروگرام پڻ ٿيا. ان بعد ڪيترائي سيڪريٽري چونڊجي آيا، جن ۾ عظيم سنڌي، راشد مورائي، رڪيل مورائي ۽ ٻيا شامل آهن.

مارچ 1980ع ۾ سنگت جي سيڪريٽري راشد مورائيءَ سنگت پاران "ڳنڍيون منجهه ڳنڍير" نالي ڪتاب ڇپرايو جنهن ۾ هفتيوار گڏجاڻين ۾ پڙهيل مواد، ڪهاڻيون، شاعري، سنگت جي ڪارڪردگي ۽ ٻاهرين اديبن جا تاثرات پڻ شامل هئا.

جولاءِ 1985ع ۾ سنگت جون ساليانون چونڊون اختر درٻيلائيءَ جي نگرانيءَ ۾ ٿيون. جنهن ۾ شمشاد احمد سومرو سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري وزير سنڌي، خزانچي عبدالحق ميمڻ ۽ آڊيٽر قمر هيسباڻي چونڊيا ويا. ڪاروباري ڪاميٽيءَ تي نذير قاضي، راشد مورائي، عظيم سنڌي، ڊاڪٽر سليمان سولنگي ۽ رڪيل مورائي کي کنيو ويو. جولاءِ 1985ع جي آخر ۾ سنگت پاران محترم سائين الهنواز رڪڻائيءَ کان هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪچر ”سڙهہ تي سبياڻون“ (دريائيءَ ٻوليءَ متعلق) ڪرايو ويو. جنهن جي صدارت محمد هاشم کوسي ڪئي. جڏهن تہ ليڪچر بابت محترم نذير قاضي، عبدالحق ميمڻ، محمد قاسم ملاح، شمشاد سومري ۽ ٻين پڻ ڳالهايو. اهڙيءَ طرح سنگت جون گڏجاڻيون ڀرپور ٿينديون رهيون.

سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو اجلاس 15 نومبر 1985ع تي مورو ۾ مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري اياز گل جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شاخن جي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي وئي ۽ فيصلا پڻ ڪيا ويا تہ سال 1985ع جي ڇپجاڻيءَ تائين ڇپيل مختلف ادبي ڪتابن تي سنگت ايوارڊ ۽ پنج پنج سو روپين جا روڪ انعام ڏنا ويندا ۽ 27 ڊسمبر 1985ع تي حيدرآباد شهر ۾ سنڌ سطح جي ادبي ڪانفرنس ڪرائي ويندي.

7 فيبروري 1986ع تي سنڌي ادبي سنگت مورو پاران سنڌ جي سڃاڻ شاعر ۽ تعليمي ماهر حبيب الله ”حبيب“ صديقيءَ سان رهاڻ رچائي وئي، جنهن جي صدارت مرڪزي جنرل سيڪريٽري تاج جويي ڪئي. جڏهن تہ اعزازي مهمان ضياءَ خياروي هو. مقالن واري بينڪ ۾ شمشاد سومرو، قاسم ملاح، حافظ محمد بخش خاصخيلي، محمد اسماعيل ميمڻ ۽ منٺار مورائي حصو ورتو. جڏهن تہ مشاعري ۾ رڪيل مورائي، منظور شاهہ، عاجز مورائي، نياز عمراڻي، عظيم سنڌي، ادل سولنگي، ميهر فقير، مسرور سومرو ۽ ٻين حصو ورتو. جڏهن تہ اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرائض راشد مورائي ۽ شمشاد سومري سرانجام ڏنا.

28 مارچ 1986ع تي روشن تارا ڪي. جي اسڪول مورو ۾ هڪ ليڪچر ”شاعريءَ جو سماجي ڪارج“ جي عنوان هيٺ پروفيسر نذير قاضيءَ کان ڪرايو ويو. جنهن جي صدارت پروفيسر گل حسن گل ٻرڙي ڪئي.

جون 1986ع ۾ سنڌ جي سڃاڻ اديب ۽ شاعر سائين الهنواز رڪڻائيءَ کان ”شاهہ جو مشاهدو“ جي عنوان هيٺ ليڪچر ڪرايو ويو جنهن جي صدارت اسماعيل ميمڻ ڪئي. جڏهن تہ اعزازي مهمان ڊاڪٽر محمد لائق زرداري هو.

سال 1987ع لاءِ نوجوان شاعر احمد سولنگيءَ کي سنگت جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. هن دور ۾ گڏجاڻيون ڀرپور ٿيون. ان کان علاوه ادبي

پروگرام ۾ ليڪچر پڙ ڪرايا ويا. جن ۾ سرِ فهرست بيدل مسرور سان رهاڻ شامل آهي. هن پروگرام ۾ عظيم سنڌي، اسلم عباسي، ادريس جتوئي، واحد بخش شيخ، خادم حسين شيخ، زاهد پٺي پرپور نيايو ڪاڪ محل سئنيما ۾ پروگرام موروجي معزز شخصيت خان محمد جمالي جي تعاون سان ملهايو ويو.

اهڙيءَ طرح سال 1988ع لاءِ محبتي ملاح کي سيڪريٽري چونڊيو ويو. جڏهن تہ جوائنٽ سيڪريٽري نجم سرهيو خزانچي رضا لانگاهہ ۽ آڊيٽر شاد کوکر پڻ سندس ساٿ ۾ آيا.

1990ع ۾ نوجوان شاعر صفدر سعيد "ماڻڪ" سيڪريٽري جڏهن تہ نجم سرهيو جوائنٽ سيڪريٽري چونڊجي آيا. هي دور پڻ ادبي حوالي سان پرپور رهيو جنهن ۾ گڏجاڻين کان علاوه بيا بہ ڪيترائي پروگرام ۽ ليڪچر ڪرايا ويا. جنهن ۾ مير محمد پيرزادي کان ڪهاڻيءَ متعلق ليڪچر، موري جي بهترين سماجي ڪارڪن، استاد ۽ ادبي سنگت جي جاکوڙي ڪارڪن مرحوم عبدالحق ميمڻ جي ورسي ۽ سندس ياد ۾ تاثراتي ڪتابچو پڻ شايع ڪيو ويو.

اپريل 1991ع ۾ اسدالله 'اسدّ' سولنگيءَ کي سنگت جو سيڪريٽري، الهڏنو محبتي ملاح جوائنٽ سيڪريٽري، رضا لانگاهہ خزانچي، غلام مجتبيٰ 'شاد کوکر' آڊيٽر چونڊيا ويا.

هن دور ۾ کاهوڙي اديب ۽ دانشور سوبو گيانچنداڻي کان ليڪچر "سنڌ جي موجوده صورتحال ۾ سنڌي اديب جو ڪردار" عظيم سنڌيءَ سان ادبي رهاڻ، عبدالواحد آريسر کان ليڪچر "ٽري لوڪ شاعريءَ ۾ جماليات جو عنصر" سر ساموندڙيءَ تي ليڪچر ۽ سنڌ ڪائونسل جو مرڪزي اجلاس پڻ ٿي گذريا.

1992ع محبتي ملاح سيڪريٽري، شاد کوکر جوائنٽ سيڪريٽري، آڊيٽر امداد احمد کوکر، جڏهن تہ سنڌ ڪائونسل لاءِ اسد سولنگي کي چونڊيو ويو. هن دور ۾ الهنواز رڪڻائيءَ کان شاهہ لطيف جي سُر ڏهر تي ليڪچر ڪرايو ويو. جنهن جي صدارت حافظ محمد بخش خاصخيلي ڪئي. 16 آڪٽوبر 1992ع تي استاد بخاريءَ جي سوڳ ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪرايو ويو جنهن جي صدارت راشد مورائيءَ ڪئي.

30 آڪٽوبر 1992ع تي راشد مورائيءَ کان "غزل" تي ليڪچر ڪرايو ويو. ان کان علاوه ڊاڪٽر سليمان سولنگيءَ سان ادبي رهاڻ، ۽ مرڪزي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو پڻ تي گذريا. 1993ع ۾ شاد ڪوڪر سيڪريٽري چونڊجي آيو. جنهن سائين راشد مورائيءَ جو ڪتاب ”دل جو شهر“ ڇپايو ان کان علاوه سندس دور ۾ محبتي ملاح جي شاعريءَ تي ورڪشاپ، 19 نومبر 1993ع تي حافظ محمد بخش خاصخيليءَ جي صدارت هيٺ ”مشاعرو“ نوجوان شاعر شاد ڪوڪر جي شاعريءَ تي اپياسي ويهڪ، 26 نومبر 1993ع تي سائين الهنواز رڪڻائيءَ کان سُر سهڻي تي ليڪچر ۽ گڏجاڻيون پڻ شامل آهن. 1994ع ۾ محبتي ملاح ٻيهر سيڪريٽري ٿيو. جنهن تاج بلوچ کان ”سماجي ڪارج ۽ سنڌي افسانو“ تي ليڪچر ڪرايو. ان کان علاوه خاڪي جويي کان ”سنڌي ادب ۾ ٻيگانگيءَ جا لاڙا“ ۽ ٻيا پروگرام ڪرايا.

1997ع ۾ سڪندر ڪورائي سيڪريٽري چونڊجي آيو. سندس دور ۾ گڏجاڻين کان علاوه سُر ڪاموڏ تي محترم الهنواز رڪڻائيءَ کان ليڪچر ڪرايو. سنڌ جي عظيم شاعر عبدالحڪيم ارشد جي شعري مجموعي ”ڏيئا ڏات جا“ تي ادبي ويهڪ ڪرائي، جنهن جي صدارت ڊاڪٽر تنوير عباسي ڪئي، جڏهن ته اعزازي مهمان اياز گل، ادل سومرو، مختيار ملڪ هئا. ان کان علاوه حاڪم علي شاهه کان ليڪچر ”سنڌ جو ثقافتي سفر“ ڊاڪٽر سليمان سولنگي کان هڪ ليڪچر ”تشدد جا سماجياتي پهلو“ ۽ شيخ اياز جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو پڻ ڪرايو ويو.

1998ع ۾ انور ساگر ڪانڌڙو سيڪريٽري چونڊيو ويو. جنهن پڻ گڏجاڻين کان علاوه ڪيترائي پروگرام ۽ ليڪچر ڪرايا، جن ۾ گيت جي سهڻي شاعر مير محمد پيرزادي کان ”نارائڻ شيام جي شاعريءَ ۾ جمالياتي عنصر“ ۽ حاڪم علي شاهه بخاريءَ کان ”سنڌوءَ جي تهذيب“ ليڪچر اچي وڃن ٿا.

1999ع ۾ عبدالرزاق مستوئي نئين سيڪريٽري طور چونڊجي آيو. جنهن پڻ گڏجاڻين کان علاوه ادبي پروگرام، ليڪچر ۽ ٻيا پروگرام ڪرايا.

2000ع ۾ اسد سولنگي ٻيهر سنگت جو سيڪريٽري چونڊجي آيو. برک ليڪ محمد ابراهيم جويي سان رهاڻ رچائي وئي. جنهن جي صدارت عبدالواحد آريسر ڪئي، جڏهن ته مهمانن ۾ تاج جويو، حاڪم علي شاهه بخاري ۽ حافظ محمد بخش خاصخيلي شامل هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2002ع ۾ اظفر سعيد ميمڻ سنگت جو سيڪريٽري چونڊجي آيو. هن دور ۾ گدا خاصخيليءَ سان رهاڻ ۽ نوجوان صحافي ۽ ليکڪ قاضي جاويد ۽ منظور سولنگيءَ کان ليڪچر ڪرايا ويا. ان کان علاوه هفتي وار گڏجاڻي، مشاعره، ورسيون ۽ مختلف شاعرن، اديبن سان رهاڻيون پڻ شامل آهن.

2003ع ۾ هڪ دفعو ٻيهر سڪندر ڪورائي سيڪريٽري چونڊجي آيو. جنهن ڪيترائي پروگرام ڪرايا. جن ۾ ابراهيم منشيءَ جي ياد ۾ ميڙاڪو شيخ اياز جو ڏهاڙو ۽ نماڻي سنڌيءَ جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو شامل آهن.

2004ع ۾ فهد رضا ميمڻ کي سنگت جو سيڪريٽري چونڊيو ويو.

2005ع سڪندر ڪورائيءَ جي دور ۾ سنڌ سنگت ڪائونسل جو اجلاس حيدرآباد جي ضلعي رابطا سيڪريٽري مولابخش ڪاڪا جي صدارت ۾ ٿي گذريو. ان کان علاوه منظور شاهه "منظور" سان رهاڻ، سنڌي هندو اديبن هري موتواڻي، هيرو ٺڪر ۽ نند ڇڳاڻيءَ کي آجياڻو ڏنو ويو. نثري نظم جي نوجوان شاعر رمضان نول جي مرتئي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو. ان کان علاوه سنڌي ادبي بورڊ ۾ عرفان مروت جي مقرريءَ خلاف پنج ڏينهن پڻ بک هڙتال ڪئي وئي.

2006ع ۾ فهد رضا ميمڻ جڏهن ته سال 2007ع لاءِ محمد صديق پرهياڙ سيڪريٽري چونڊيا ويا. 2008ع ۾ سڪندر ڪورائي ٻيهر سيڪريٽري چونڊجي آيو. 2009ع ۾ نوجوان .شاعر نجم سرهيو سيڪريٽري، خالد "ساحل" ڪيريو جوائنٽ سيڪريٽري، فهد ميمڻ خزانچي، آڊيٽر فدا ڪوکر جڏهن ته سنڌ ڪائونسل لاءِ اسد سولنگي چونڊيا ويا. هن دور ۾ پڻ ادبي پروگرام ۽ گڏجاڻيون ڀرپور رهيون. جن ۾ حلف برداريءَ جي تقريب ۽ محترم الهنواز رڪڻائيءَ جي ياد ۾ غير طرحي مشاعرو ڪرايو ويو. مهمانن ۾ يونس راهو کان "سنڌ جي موجوده صورتحال" تي ليڪچر پڻ ڪرايو ويو. ان کان علاوه ساگر حنيف ٻڙديءَ کان ليڪچر "شاهه لطيف ۽ وطن دوستي" پڻ ڪرايو ويو. اهڙيءَ طرح سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اجلاس ۾ مورو شاخ کي پڻ گهٽي کان گهٽيون گڏجاڻيون ڪرائڻ ۽ ٻين پروگرام ڪرائڻ تي مبارڪون ڏنيون ويون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال 2010ع دوران سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو جو سيڪريٽري نوجوان اديب وزير فرهاد سولنگي کي چونڊيو ويو. جيڪو تمام بهترين نموني ادبي ميڙاڪا ڪري رهيو آهي.

## سنڌي ادبي سنگت شاخ شاهپور جهانيان:

سنڌي ادبي سنگت شاهپور جو بنياد 1980ع جي ڏهاڪي ۾ پيو. هن کان اڳ ينگ رائيٽرس گلڊ ۽ جهانيان ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان ادبي سرگرميون ٿينديون هيون. اهڙيءَ طرح محترم راشد مورائي، شبير سولنگي، ”عاجز“ اسلم لغاري ۽ ٻين سنڌي ادبي سنگت جو قيام عمل هيٺ آندو. جنهن ۾ شبير سولنگيءَ کي سنگت جو پهريون سيڪريٽري چونڊيو ويو. سنگت جون گڏجاڻيون هفتيوار باقاعده ٿينديون رهيون. وقت به وقت ادبي پروگرام، ليڪچر ۽ شاعرن اديبن سان رهاڻيون پڻ شامل هنيون.

ان بعد ڪيترائي سيڪريٽري چونڊجي آيا، جن ۾ ”عاجز“ اسلم لغاري، منٺل جسڪاڻي، عبيد ٻگهيو ۽ ٻيا شامل آهن.

سال 1993ع ۾ سنگت جون ساليانون چونڊون نئين ٿهيءَ جي سجاڳ ليکڪ ۽ ان وقت جي ضلع نوشهروفيروز جي رابطا سيڪريٽري محترم ادريس جتوئيءَ جي نگرانيءَ ۾ ٿيون. جنهن ۾ منٺل جسڪاڻي سيڪريٽري، اسلم لغاري جوائنٽ سيڪريٽري، شبير سولنگي آڊيٽر، پنهل پريمي خزانچي ۽ ربنواز ٻڙديءَ کي ڪائونسلر چونڊيو ويو. جڏهن ته ڪاروباريءَ ڪاميٽيءَ تي نياز نوڪر، پناڻ ٻڙدي، رب نواز ٻڙدي ۽ عبدالفتاح ٻگهئي کي کڻيو ويو. آڪٽوبر 1993ع جي آخر ۾ سنگت پاران محترم رضا ايوب لانگاهه کان ”غزل“ متعلق ليڪچر ڪرايو ويو.

17 ڊسمبر 1993ع تي ماتا ڏرتيءَ جي ٻن سُجاڳ ليکڪن اديب شهيد نثار منگي ۽ نوجوان شاعر مرحوم بادل ٻگهئي جي ياد ۾ هڪ ادبي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو.

سال 1994ع لاءِ منٺل جسڪاڻيءَ کي بهتر ڪارڪردگيءَ تي سنگت جو ٻيهر سيڪريٽري چونڊيو ويو. 1995ع ۾ ربنواز ٻڙدي سنگت جو سيڪريٽري چونڊجي آيو. هن دور ۾ سنگت جون گڏجاڻيون ڀرپور رهيون. ان کان علاوه 3 مئي 1995ع تي محترم سائين جي. ايم. سيد جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد ۾ هڪ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو. جنهن جي صدارت محترم مولا بخش ٻرڙي ڪئي.

1996ع ۽ 1997ع ۾ ”عاجز“ اسلم لغاري سنگت جو سيڪريٽري چونڊجي آيو. جڏهن ته ڊاڪٽر حاڪم علي ڏاهري جوائنٽ سيڪريٽري، لال ڏنو ملاح خزانچي، رينواز ٻرڙي آڊيٽر ۽ منل جسڪاڻي ڪائونسلر چونڊجي آيا.

هن دور ۾ ڪيترن ئي اديبن سان رهاڻيون، اڳواٽ جون ورسيون ۽ دستوري گڏجاڻيون ٿينديون رهيون. ان کان علاوه سنگت پاران سلسليوار ”ڪاهوڙي“ رسالو پڻ نڪرندو رهيو. جيڪو اڄان تائين جاري آهي. سال 1998ع ۽ 1999ع لاءِ عبدالفتاح ٻگهيو کي سنگت جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. جنهن دستوري گڏجاڻين کان علاوه ٻيا به ڪيترائي ادبي پروگرام ڪوٺايا.

سال 2000ع ۽ 2001ع ۾ نوجوان شاعر ”وفا“ رياض ڪيريو سيڪريٽري چونڊجي آيو. جڏهن ته جوائنٽ سيڪريٽري لاءِ خالد.”ساحل“ ڪيريو خزانچي عبيد ٻگهيو ۽ ڪائونسلر لاءِ عاجز اسلم لغاري سنڌس ساٿ ۾ چونڊجي آيا.

سال 2002 ۽ 2003ع لاءِ نوجوان شاعر خالد ”ساحل“ ڪيريو کي بهتر ڪارڪردگيءَ تي سنگت جو ٻيهر سيڪريٽري چونڊيو ويو. سنڌس دور ۾ دستوري گڏجاڻيون، تعزيتي ميڙاڪا، مشاعره، مختلف اديبن ۽ شاعرن سان رهاڻيون ۽ ليڪچر پڻ ٿيندا رهيا.

23 نومبر 2003ع تاريخ تي سنڌ جي سڄاڻ اديب دانشور محترم مولابخش ٻرڙي کان ”سنڌ ماضي ۽ حال جي آئيني ۾“ جي عنوان هيٺ ليڪچر ڪرايو ويو.

سال 2004ع ۾ عاجز اسلم لغاري ٻيهر سنگت جو سيڪريٽري چونڊجي آيو. ان کان علاوه سنگت جا باقي جيڪي سيڪريٽري چونڊجي آيا تن ۾ عبدالفتاح ٻگهيو عبيد ٻگهيو ۽ ”عاجز“ اسلم لغاري شامل آهن.

اهڙيءَ طرح مخدوم حسن شاهه جهانيان جي ساليانى عرس جي موقعي تي منعقد ٿيندڙ جشن جهانيان ۾ پڻ سنڌي ادبي سنگت جو ڪردار ساراهه جوڳو آهي. ان کان علاوه سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان ڪالاباغ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيم خلاف تاريخي ريلي جنهن ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي. سنگت پاران هر سال پورهيتن جو عالمي ڏينهن ملهائڻ پڻ شامل آهي.

مرحوم بادل ٻگهئي جي ساليانې ورسي، ان کان علاوه حڪيم الهبچائي لغاريءَ جي ياد ۾ تعزيتي گڏجاڻي پڻ ڪرائي وئي. جنهن جي صدارت محترم راشد مورائيءَ ڪئي. مهمان خاص ادريس جتوئي هيو.

سنگت پاران ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو کان ”موجوده سياسي صورتحال“ بابت ليڪچر پروگرام ڪرايو ويو. مهمانن ۾ ڊاڪٽر دودو مهيري، پنهل ساريو ۽ ٻيا شامل هئا. ”پورهيتن جي عالمي ڏينهن“ بابت پڻ ليڪچر ڪرايو ويو جنهن جو مهمان خاص محترم راشد مورائي جڏهن تہ ليڪچر ڪار علي حسن چانڊيو جن هئا.

سنڌي ادبي سنگت شاخ شاهپور جهانيان جا ميمبر اسلم لغاري، منل جسڪاڻي، ربنواز ٻڙدي، پنهل پريمي، ناظم الدين ٻڙدي، عبدالفتاح ٻگهيو ممتاز ٻگهيو ديدار ٻڙدي، غلام حيدر ٻڙدي، منٺار ڏاهري، حامد لغاري، وفا رياض ڪيريو عبيد ٻگهيو نياز نوڪر لغاري، احمد خان ٻگهيو حبيب الله سولنگي ۽ ٻيا شامل آهن مطلب تہ شاهپور جهانيان ادب جي دنيا ۾ سڄي سنڌ سان گڏ آهي.

## سنڌي ادبي سنگت شاخ نوان جتوئي:

1983ع ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ نوان جتوئيءَ جو بنياد پيو. جنهن جو پهريون سيڪريٽري محترم ادريس جتوئيءَ کي چونڊيو ويو. سنگت جون گڏجاڻيون ۽ ٻيا پروگرام وقت بہ وقت ٿيندا رهيا. سنڌي ادبي سنگت نوان جتوئي 1980ع جي ڏهاڪي ۾ تمام گهڻيون سرگرميون ڪيون. انهن ۾ لطيف جو ڏهاڙو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، فاضل راهو جون ورسيون، پورهيتن جو ڏينهن ملهايا ويا. نماڻي سنڌي ۽ حافظ محمد بخش سان شامون ملهايون ويون. سنگت کي مرڪزي سطح تي متحرڪ ڪرڻ ۾ هن شاخ جي دوستن خاص طرح ادريس جتوئي، حافظ محمد بخش ۽ نماڻي سنڌي جو نمايان ڪردار رهيو. 80 واري ڏهاڪي ۾ ادريس جتوئي، عُرس خاصخيلي ۽ حق نواز ميمڻ سيڪريٽري رهيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

18 فيبروري 1993ع ۾ سنگت جون ساليانون چونڊون محترم ادريس جتوئيءَ جي نگرانيءَ ۾ ٿيون جنهن ۾ سيڪريٽري وفا وزير سومرو جوائنٽ سيڪريٽري عاشق سنڌي، آڊيٽر گدا خاصخيلي ۽ ڪائونسلر لاءِ نماڻي سنڌيءَ کي چونڊيو ويو.

18 مارچ 1993ع تي حضرت سچل سرمست رح جي شخصيت تي مقالا ۽ ”سچل مذاڪرو“ ڪوٺايو ويو جنهن ۾ سنڌ جي ڏاهن ۽ شاعرن سچل بابت خيالن جو اظهار ڪيو ۽ شاعري پڙهي.

13 اپريل 1993ع ۾ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي ورسيءَ تي سنڌس زندگيءَ ۽ سماجي خدمتن تي محترم پروفيسر علي نواز جتوئيءَ کان ليڪچر ڪرايو ويو.

9 جولاءِ 1993ع ۾ شاعرن جي سرتاج شاعر حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ جي سُر ”سُھڻيءَ“ تي محترم سائين الهنواز رُڪڻائيءَ کان ليڪچر ڪرايو ويو.

اهڙيءَ طرح بعد ۾ ٻيا بہ ڪيترائي سيڪريٽري چونڊجي آيا، جن پنهنجي دور ۾ ڪيترائي ادبي پروگرام ليڪچر، مشاعره، تعزيتي ميڙاڪا ۽ دستوري گڏجاڻيون ڪرايون.

1997ع ۾ سنگت جون ساليانون چونڊون ضلعي رابطہ سيڪريٽريءَ اسد سولنگي جي نگرانيءَ هيٺ ٿيون. جنهن ۾ سيڪريٽري حق نواز ميمڻ، جوائنٽ سيڪريٽري مظهر چنہ، خزانچي عابد شيخ، آڊيٽر اياز دانش ۽ ڪائونسلر لاءِ نماڻي سنڌيءَ کي چونڊيو ويو. هن دور ۾ دستوري گڏجاڻيون ۽ ٻيا ڪيترائي ادبي پروگرام پڻ ٿيا.

22 اپريل 1997ع ۾ سنگت پاران ”عيد مشاعرو“ ڪرايو ويو جنهن جي صدارت محترم ادريس جتوئيءَ ڪئي. جن شاعرن شاعري پڙهي تن ۾ حافظ محمد بخش خاصخيلي، آصف منياڻوي، محمد خان مسرور، اسد سولنگي ۽ ٻيا شامل هئا.

30 جولاءِ 1997ع ۾ ٻوليءَ جي نامور ڄاڻو ۽ برک محقق پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي پهرين ورسي ملهائي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

15 مارچ 1998ع ۾ سنڌي اديبن مئڊم خيرالنساءِ جعفري، سيد ظفر حسين، ارشاد ساگر ۽ ڪامريڊ برڪت آزاد جي وڇوڙي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪرايو ويو جنهن جي صدارت محمد هاشم کوسي ڪئي.

1999ع ۾ سنگت جون ساليانون چونڊيون محترم حافظ محمد بخش خاصخيلي جي نگرانيءَ ۾ ٿيون. جنهن ۾ عزيز پنهور سيڪريٽري ۽ ڪائونسلر لاءِ ادريس جتوئي چونڊجي آيا.

12 اپريل 1999ع ۾ سنگت پاران "ٻوليءَ جو هفتو" ملهايو ويو. جنهن ڪي نوجوان شاعر نماڻي سنڌي، محمد هاشم کوسي، گدا خاصخيلي، پروفيسر حق نواز ميمڻ، حافظ محمد بخش خاصخيليءَ، نعيم فيض ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪيو. 21 جولاءِ 1999ع ۾ مشهور اديب ۽ ليکڪ محترم پروفيسر جمال الدين مؤمن جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪرايو ويو. جنهن جي صدارت حافظ محمد بخش ڪئي. ميڙاڪي کي شرف الدين ميمڻ، عزيز پنهور، نعيم فيض ميمڻ، نماڻي سنڌيءَ، گدا خاصخيليءَ ۽ ٻين پڻ جمال الدين مؤمن جي ڪيل علمي ۽ ادبي خدمتن کي ساراهيو. 4 سيپٽمبر 1999ع ۾ اڪبر جسڪاڻيءَ جي وفات تي تعزيتي ميڙاڪو ڪرايو ويو. جنهن ۾ اڪبر جسڪاڻيءَ جي ٻوليءَ ۽ ٻاراڻي ادب ۾ ڪيل خدمتن جي ساراهه ڪئي وئي.

28 سيپٽمبر 1999ع ۾ مولا بخش ٻرڙو کان "سنڌي ادب ۾ مزاحمت جو عنصر" تي ليڪچر ڪرايو ويو جنهن جي صدارت حافظ محمد بخش ڪئي. 24 نومبر 1999ع ۾ حافظ محمد بخش خاصخيليءَ سان شام ملهائي وئي.

7 ڊسمبر 1999ع ۾ تنوير عباسيءَ جي وفات تي تعزيتي ميڙاڪو ڪرايو ويو. جنهن کي حافظ محمد بخش، احمد خان چانڊيي، گدا خاصخيلي، نعيم فيض ميمڻ، عزيز پنهور ۽ ٻين خطاب ڪيو.

30 جنوري 2000ع ۾ ضلعي رابطه سيڪريٽري انور ساگر ڪانڊڙو جي نگرانيءَ ۾ چونڊون ٿيون، جنهن ۾ عزيز پنهور ٻيهر سيڪريٽري چونڊجي آيو.

15 اپريل 2000ع ۾ شاهه لطيف جي سُر "ڪيڏاري" تي حافظ محمد بخش خاصخيليءَ کان ليڪچر ڪرايو ويو. جنهن جي صدارت ادريس جتوئيءَ ڪئي.

28 مئي 2000ع ۾ "معاشري ۾ ڏوهن جي وڌندڙ شرح جا ڪارڻ" جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موضوع تي نعيم فيض ميمڻ ڪان ليڪچر ڪرايو ويو جنهن جي صدارت حافظ محمد بخش خاصخيليءَ ڪئي.

25 جون 2000ع ۾ پارٽ جي اعليٰ پايي جي اديبن گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اي. جي. اتم سنڌي ساهت جي "تمورتي" وڊيو ڪئسٽ ڏسڻ جو اهتمام ڪيو ويو.

5 جولاءِ 2000ع ۾ محترم پروفيسر جمال الدين مؤمن جي ورسي ملهائي وئي، جنهن جي صدارت ڪرم ٽالپر ڪئي.

7 آگسٽ 2000ع ۾ لطيف سائينءَ جي وائيءَ جي راڳي محترم علڻ فقير ۽ پلوڙ شاعر نثار بزميءَ جي وفات تي تعزيتي ميڙاڪو ڪرايو ويو.

1 آڪٽوبر 2000ع تي سنگت پاران پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي ٽئين ورسي ملهائي وئي، جنهن جي صدارت محترم ادريس جتوئيءَ ڪئي.

5 نومبر 2000ع ۾ محترم راشد مورائيءَ جي وڏي ڀاءُ روشن علي شاهه جي وفات تي تعزيتي ميڙاڪو ڪيو ويو جنهن جي صدارت نماڻي سنڌيءَ ڪئي.

29 ڊسمبر 2000ع ۾ سنگت پاران ننڍي ڪنڊ جي وڏي شاعر شيخ اياز جي ٽئين ورسي ملهائي وئي.

سال 2001ع ۾ عزيز پنهور ٻيهر پنهنجي بهتر ڪارڪردگيءَ سبب سيڪريٽري چونڊجي آيو.

13 جنوريءَ 2001ع ۾ عوامي راڳي جلال چانڊيي جي مرتيي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪرايو ويو جنهن جي صدارت حافظ محمد بخش خاصخيليءَ ڪئي.

9 اپريل 2001ع ۾ سياسي سماجي ڪارڪن ناصر مورائيءَ جي مرتئي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪرايو ويو.

5 فيبروريءَ 2002ع ۾ ساليانون چونڊون ٿيون، جنهن ۾ عزيز پنهور سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري علي محمد ٻهراڻي، جڏهن ته ڪائونسلر لاءِ ادريس جتوئي چونڊيو ويو.

24 فيبروريءَ 2002ع تي "عيد مشاعرو" تي گڏريو جنهن جي صدارت نماڻي سنڌيءَ ڪئي جڏهن ته مهمان خاص ڊاڪٽر سليمان سولنگي هو.

24 جون 2002ع ۾ شاهه سائينءَ جي سُر "ڪاپائتي" تي پروفيسر حق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نواز ميمڻ ڪان ليڪچر ڪرايو ويو جنهن جي صدارت حافظ محمد بخش ڪئي، جڏهن تہ مهمان خاص اسد سولنگي هو.

19 مئي 2003ع ۾ نماڻي سنڌيءَ جي مرتئي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪرايو ويو جنهن جي صدارت سونهاري ڪوسي ڪئي.

4 فيبروري 2004ع ۾ نوجوان شاعر نماڻي سنڌيءَ جي شاعريءَ جي مجموعي تي اپياسي ويهڪ ٿي جنهن جي صدارت راشد مورائيءَ ڪئي.

سال 2004ع ۾ عزيز پنهور ٻيهر سيڪريٽري چونڊجي آيو.

4 جون 2004ع ۾ ناليواري ڪهاڻيڪار محترم جمال ابڙي جي مرتئي تي تعزيتي ميڙاڪو ڪرايو ويو جنهن جي صدارت ادريس جتوئيءَ ڪئي.

17 جولاءِ 2004ع ۾ نماڻي سنڌيءَ جي پهرين ورسي محترم عبدالواحد آريسر جي صدارت ۾ ملهائي وئي.

28 نومبر 2004ع ۾ شاهہ سائينءَ جي سُر "گهاتو" تي محترم ادريس جتوئيءَ ڪان ليڪچر ڪرايو ويو. جنهن جي صدارت حاجن جانوريءَ ڪئي.

14 مئي 2006ع ۾ هند جي نامياري اديب هري موٽواڻيءَ جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪرايو ويو جنهن جي صدارت ادريس جتوئيءَ ڪئي.

4 جون 2006ع ۾ محترم عبدالقادر ڪوسي ڪان شاهہ سائينءَ جي سُر "ڏهر" تي ليڪچر ڪرايو ويو جنهن جي صدارت ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ ڪئي.

10 ڊسمبر 2006ع ۾ پروفيسر علي نواز جتوئيءَ جي نائين ورسي ملهائي وئي. جنهن جي صدارت محمد هاشم ڪوسي ڪئي.

21 جنوري 2007ع ۾ ساليانون چونڊون مرڪزي خزانچي معشوق ڏاريجو جي نگرانيءَ ۾ ٿيون. جنهن ۾ نعيم فيض ميمڻ سيڪريٽري، گدا خاصخيلي جوائنٽ سيڪريٽري، جڏهن تہ سنڌ ڪائونسل لاءِ عزيز پنهور کي چونڊيو ويو.

28 جولاءِ 2007ع ۾ شاهہ سائينءَ جي سُر "ڪيڏارو" تي محترم عبدالقادر ڪوسي ڪان ليڪچر پروگرام ڪرايو ويو. جنهن جي صدارت محترم راشد مورائيءَ ڪئي.

25 ڊسمبر 2007ع ۾ حافظ محمد بخش خاصخيليءَ جي ٽئين ورسي ملهائي وئي، جنهن جي صدارت محمد هاشم ڪوسي ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

25 مئي 2008ع ۾ مظهر خاصخيليءَ جي نگرانيءَ ۾ چونڊون ٿيون، جنهن ۾ قربان کوسو سيڪريٽري چونڊجي آيو.

25 ڊسمبر 2008ع ۾ سگهڙ شاعر اديب محترم، حافظ محمد بخش خاصخيليءَ جي چوٿين ورسي ملهائي وئي، جنهن جي صدارت ناماري اديب محترم مير محمد پيرزادي ڪئي.

25 جنوري 2009ع ۾ ساليانون چونڊون نوشهروفيروز جي ضلعي رابطا سيڪريٽري مظهر خاصخيليءَ جي نگرانيءَ ۾ ٿيون، جنهن ۾ سيڪريٽري نعيم فيض ميمڻ، جوائنٽ سيڪريٽري حق نواز ميمڻ، عاجز انيس خزانچي ۽ قربان کوسو ڪائونسلر چونڊيو ويو. سنڌي ادبي سنگت نوان جتوئي خاص طرح نوجوان ليکڪ ۽ اديب ادريس جتوئيءَ جي محنتن ۽ دلچسپيءَ سان ڪيترائي ڪتاب پڻ شايع ٿيا. انهن ۾ نماڻي سنڌي جي شاعريءَ جو ڪتاب ”ستارن رم جهول“، سيد علي گوهر شاهه جو ڪتاب ”گوهر شاهه جو گيان“ ۽ ادريس جتوئيءَ جو تنقيدي ڪتاب ”جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي“ نمايان آهن. سنڌي ادبي سنگت تعلقي موري جي بن شاخن جيڪي ضلعي رابطا سيڪريٽري چونڊيا ويا جن ۾ محترم ادريس جتوئي، محترم اسد سولنگي، محترم انور ساگر، محترم رزاق مستوئي، شامل آهن. جڏهن تہ محترم راشد مورائي ۽ اسد سولنگي مرڪزي عهدن تي پڻ چونڊيا ويا.

*


حوالو ۽ مددي ڪتاب:

1. ”ڳنڊيون منجهہ ڳنڍير“ سنڌي ادبي سنگت مورو
2. ”سنڌي ادبي سنگت مورو، تاريخ جي آئيني ۾“ پروفيسر شمشاد سومرو
3. سنڌ رويو ڪراچي (سنگت سنڌ گولڊن نمبر)
4. مختلف سنگت جي سيڪريٽرين سان ڳالهہ ٻولهہ




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر شمشاد احمد سومرو

# موري تعلقي جا اديب ۽ شاعر

سنڌ ۾ ساهتي پرڳڻي کي تاريخي، علمي ۽ ادبي حيثيت حاصل رهي آهي. هن پرڳڻي اهي نامور سياستدان، اديب، عالمَ حڪيم، شاعر ۽ مفڪر پيدا ڪيا آهن جن سنڌ جي علم ۽ ادب جي ميدان ۾ پنهنجي فڪري صلاحيتن سان سنڌي ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي آهي. ان ڏس ۾ ساهتي پرڳڻي جو مشهور ۽ معروف علمي ادبي مرڪز "مورو" پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن پنهنجي ڪک مان ڪيترن اديبن، شاعرن، عالمن، حڪيمن، سياستدانن کي جنم ڏنو آهي جن سنڌ جي تاريخ ادب، توري سياست ۾ سنڌ تہ ڇا پر سنڌ کان ٻاهر پڻ پاڻ موکيو آهي.

مورو علم ۽ ادب جو گهوارو رهيو آهي. هن ڪيترن اهڙن گمنام گوهرن کي جنم ڏنو آهي جن علم ۽ ادب جي آبياري ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي آهي. علم القرآن، حديث، فقہ ۽ علم الڪلام کان وٺي ادب ۽ شاعريءَ ۾ سندن ناياب لکڻيون، علم جي اٿاهہ سمنڊ ۾ ٻي پناهہ اضافو آهن. هتان جي عالمن ۽ بزرگن پنهنجي اعليٰ صلاحيتن وسيلي هر هنڌ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. تعليم و تدريس، طب ۽ ادب ۾ سندن تصنيفون ۽ خدمتون هنڌين ماڳين مشهور آهن. نهايت اِفسوس جو مقام آهي تہ، هتان جي دانشورن جو پورهيو سندن پوين جي عدم دلچسپيءَ سبب اُڏهيءَ جي نظر ٿي ويو ۽ سوين قلمي ڪتاب جڙڻ تہ لکيائي نہ ويا هئا. اهڙي بي دردي‌ءَ تي جيترو ماتم ڪجي گهٽ آهي. وري بہ شاباس هجي اِنهن گوهر شناس اکين ۽ هٿن کي جيڪو مٽيو مٽيو چونڊي مالهائون جوڙيندا ٿا وتن ۽ علم جي پياسن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ آڇيندا ٿا وتن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موري جو علمي ۽ ادبي ماضي جهڙو شاندار رهيو آهي تهڙوئي سندس حال ۽ ماضي قريب مالامال آهي. هتان جي مزدمر خيز زمين اڄ بہ اعليٰ پائي جا ناول نگار ڪهاڻيڪار نثر نويس ۽ شاعر پيدا ڪيا آهن جن جون تحريرون هر معياري ادبي رسالي جي سونهن آهن. هن مختصر مقالي ۾ اهڙن مڻيادار ماڻهن ۽ سندن ادبي خدمتن جو جائزو ورتو ويو آهي.

• پهريون دؤر ( 1947 کان اڳ ۾):

**مخدوم قاضي ميان عبدالرؤف موراڻي:** ميان عبدالرؤف موراڻي، موري جي مشهور قديم علمي ۽ ادبي گهراڻي جي جَيد عالم ۽ ڪامل ولي مخدوم خليفو عبدالواحد موراڻي (1175هہ- 1255ھ) جي گهر ۾ 1220ھ تي جائو. مَتيارين جي مشهور عالم قاضي عبدالڪريم ۽ ميان عبدالرحيم ٺٽويءَ جهڙن عالمن کان فقہ، حديث، عربي ۽ فارسي ۽ ٻين علمن جي تحصيل ڪيائين ۽ بعد ۾ درس و تدريس جو ڪمر شروع ڪيائين. قاضي صاحب تحرير جو وڏو قابل هو سندس ڪيترائي ڪتاب عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل آهن. سندس لکيل ڪتابن ۾ "تنزيہ از تشبيہ" (فارسي منظوم)، "ردالوهابيت" (الف اشباع ۾)، "الاستدلال القوي لاذ لال الحشوي" (عربي) ۽ "ازالة لغين من العين الاثبات الانتقاض بالخارج من غير سبيلين" اچي وڃن ٿا. پاڻ نثر کان علاوه نظم ۾ پڻ برک هو. سندس سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ملي ٿي. 26 ربيع الاول 1306 هجريءَ تي وفات ڪياڻون.

ساراھہ سبحان کي جو باري، بي مثلا،
ناهي نظيران کي جو منجهہ ذات، ۽ صفتا.
"ليس ڪمثلہ شيءٌ" آگي وصف اها،
عرش اپايل ان جو ۽ پڻ ڪرسيا.
خالق خلقيو خلق کي ڪاملَ قدرتا،
ناهِس نياز ڪنهن سَندو باري بيپروا.
مڙئي محتاج ان جا، ڪٿس نہ حاجت ڪا،
"الله الصمد" ان ۾ آهي اشارتا،
صلوات سرور جام تي ۽ پڻ سلاما.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**قاضي نبي بخش موراڻي:** عالم، حڪيم، اديب ۽ شاعر قاضي نبي بخش جمادي الاول 1275 هه مطابق 1854ع ۾ موري ۾ قاضي شاهه محمد (ٽيون) جي گهر ۾ جنم ورتو سندس والد ٽالپورن جي وقت ۾ قاضيءَ جي عهدي تي فائز هو. سندس مولانا قلاتيءَ سان عقيقي جي مسئلي تي مناظرو ٿيو جنهن ڪي هن "شمشير موراڻي بگردن عبدالواحد قلاتي" جي نالي سان قلم بند ڪيو. ان کان علاوه سندن ٻيون ڪيتريون ئي تصنيفون ملن ٿيون جيڪي سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ آهن. قاضي صاحب تمام گهڻا پختا شاعر هئا سندن شعر ۾ رواني، بندش ۽ لفظن جو انتخاب قابل لحاظ آهي. پاڻ 4 آگسٽ 1938 تي 84 سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائون.

ـ قطعه تاريخ تعمير جامع مسجد مورو

نبي بخش جامع جوڙائي جوان،
مولا ڪر موچارا سندس ٻئي جهان،
ٻين مومن پڻ مدد ڪئي گهڻي.
انهن کي اجر شال ڏيندو ڏڻي.
هئو سال هجري ٿي سؤ هڪ هزار
واڌو آٺ انهن ۾ وري ڪر شمار.

**قاضي محمد صديق موراڻي:** قاضي محمد صديق بن مخدوم قاضي ميان عبدالرؤف موراڻي دستار بند عالم، لاثاني حڪيم، عظيم شاعر، بهترين ڪاتب ۽ ٻي لوث سياستدان هو. پاڻ 5 جمادي الثاني، 1298 هه مطابق 10 مئي 1881ع تي موري ۾ تولد ٿيو. پاڻ فارغ التحصيل عالم ۽ مجيل حڪيم هو. ڀريائين پنهنجو مطب موري ۽ نواب شاهه ۾ کوليائين. طب ۾ کين ڪلڪتي ۽ دهليءَ مان سندون مليل هيون. "اڪسير صديقي" سندن مشهور دواهئي. قاضي صاحب جي شاعري فني لحاظ کان پڪي ۽ پختي آهي کين علم عروض تي پڻ پورو عبور حاصل هو. سندن ڪيترائي منظوم خط ملن ٿا جيڪي 1930 ۾ لکيا ويا. انهن خطن مان سندن اعليٰ ادبي مزاحيه ذوق جي خبر پوي ٿي. شاعريءَ ۾ وايون، ڪافيون، مولود ۽ مناجاتون چيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿن. ان کان علاوه فارسيءَ ۾ پڻ مداحون ۽ مناجاتون ۽ قطعه تاريخ وفات چيون اٿن. 6 شعبان 1349 هه مطابق 1931 تي وفات ڪيائون.

رس اي نور نبي، اُٺ عربي

پهچ پنهل پيارا سگهو ور سيد سوپارا.
جايون پاڪ، عرب جون، جت دشمن ڪن بي ادبي،
اُٺ عربي.
ڳالهه خلافت حق جي، ساڪين چپن ۾ چئبي
اُٺ عربي.
ساهُ سِسي سِر صدقي، ڪائي ڪمي ڪانه ڪبي،
اُٺ عربي.
"صديق کي سڪ سيدا، روح رڳن ۾ رهبي،
اُٺ عربي.

**خانبهادر امام بخش "صابر":** خانبهادر حاجي امام بخش عرف شاهنواز خان بن خان بهادر غلام الرسول خان، 15 رجب 1299 هجري مطابق 25 جولاءِ 1881ع تي تعلقي موري ۾ جنم ورتو. حاجي امام بخش جتوئي جو رجحان ننڍي هوندي کان ئي فقيرن ڏانهن گهڻو هوندو هو. پاڻ هڪ بهترين شاعر هئا ۽ سندن تخلص "صابر" هو.

صابر جي ڪلام ۾ سوز گداز سلاست، بلاغت، تشبيهه، محاورا ۽ پهاڪا ملن ٿا. صابر کي ڪافيءَ جي صنف تي پورو پورو عبور حاصل هو. پاڻ پنهنجي والد جي وفات کانپوءِ ڪيترائي سال آنرري فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ تي رهيو. 1920 کان 1932ع تائين بمبئي ڪائونسل ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. 1933ع کان 1936ع تائين نوابشاهه ضلعي لوڪل بورڊ جو چئرمين ۽ 1937ع ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ نواب شاهه جو صدر چونڊيو ويو. 7 نومبر 1938ع مطابق 14 رمضان 1357هه تي وفات ڪيائين. سندس مزار سيد صابر شاهه لڳ نوان جتوئي ۾ آهي سندن هم عصرن ۾ مخدوم غلام محمد هالن وارو محمد فقير هيسباڻي، محمد فقير کٽياڻ، سيد صابن شاه، سيد علي شاهه "خادم" جوڻالوي، سيد مهدي شاهه جهانيان پوٽو، گل محمد لوهر "گلڻ موراڻي" ۽ بيا اچي وڃن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنائي سهڻي صورت کي، منهنجو دلدار بيٺو آ،
وڇائي زلفن جي ڦاهي، سِر بازار بيٺو آ.
خدا ڄاڻي تہ ڪنهن ڪنهن کي ڦاسائي دام الفت ۾،
سنواري زلف پيچان کي، گل رخسار بيٺو آ.
ناهي معلوم شيدائي، شهيد خون تي ويندا،
ملي هٿڙن مٿي مينديءَ ڪنيو تلوار بيٺو آ،
ڪيو ٿا قتل اي جانان، هلائي حُسن جو خنجر،
نمايون سِر هِي مُدت کان تنهنجي دربار بيٺو آ،
حسينا با وفا دلبر ڏٺا مون ڪي نہ دنيا ۾
چوان ڇو پاڻ لاءِ ڇا لاءِ منهنجو يار بيٺو آ.

**گل محمد "آهنگر موراڻي":** گل محمد ولد غازي خان لوهر (سمون) 1918ع ۾ جنم ورتو. پاڻ موري شهر ۾ قائم ٿيل هنري اسڪول ۾ داخل ٿيو. (جيڪو موري جي ان وقت جي ڊپٽي ڪليڪٽر قادر داد خان پناڻ قائم ڪرايو هو.) جتان ڪيترائي هنر سکي قابل ٿيو. ميرن جي وقت ۾ سندس والد صاحب ڪيترو وقت خيرپور جي ميرن وٽ رهيو ۽ گل محمد بندوقن ٺاهڻ جي هڪ ڪارخاني ۾ ڪيترو وقت ڪم ڪيو. پاڻ انهيءَ فن جو اعليٰ ڪاريگر هو. انگريزن جي شروعاتي دؤر ۾ جڏهن سيالڪوٽ ۾ هٿيار ٺاهڻ جو ڪارخانو کوليو ويو تہ خيرپور جي مير غلام حسين، گل محمد کي اوڏانهن وڏيڪ هٿيار ٺاهڻ جي هنر سکڻ لاءِ موڪليو. پاڻ لوهارڪي ڌنڌي جو پڻ برک ڪاريگر هو. گل محمد سنڌيءَ ٻوليءَ جو بهترين شاعر ٿي گذريو آهي. خاص طور ڪافيءَ ۽ بيت جي صنف ۾ ماهر هو. مرحوم مرزا قليچ بيگ جڏهن نوشهروفيروز سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي آيو تہ هر روز شام جو موري ۾ گل محمد جي دڪان تي اچي ڪچهري ڪندو هو. تازو ڪلام ٻڌندو هو ۽ ٻڌائيندو هو. هن 1953ع ۾ موري ۾ وفات ڪئي. شاعريءَ ۾ "آهنگر"، "گلڻ" ۽ "گل محمد" تخلص استعمال ڪندو هو.

مردم ياد الست انجام آهي اصل عشاقن کي،
بره سٽايو باڪن کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ ”موٽُو“ سالڪ سمجهن، مٿا متيءَ تي تن جا ويڄن،
گُويا ڪچن ڪون ڪلام، نه آهه سُڻائن عامن کي

خيال خفيءَ سان رند رکن ٿا، ”يمشي ينطق“ چال چلن ٿا،
مستن من اندر ماتام، جيءَ ۾ جائز جوڳين ڪي،

”گل محمد“ ڳيرب خودي ڪاٽن، پرت ۾ پنهنجو پاڻ پچائن،
ناهي آڌوتن آرام، سعيو سرس سنياسن کي.

**قاضي محمد صادق موراڻي:** مولوي محمد صادق موراڻي سنڌ جو جَيد عالم، فقيہ، مفتي، علم تفسير ۽ علمِ حديث جو بي مثال ڄاڻو ۽ پارکو شاعر، حڪيم، درويش ۽ عارف با الله ٿي گذريو آهي. پاڻ 5 ذوالقعد 1300 هه مطابق 1883ع تي جنم ورتو. پاڻ فيروز شاهه جي قديم درسگاهه ۾ داخل ٿيا جتان فارغ التحصيل ٿيا. علم حڪمت جي تحصيل همايون مان 1322هه ۾ مولانا عبدالغفور همايونيءَ وٽان حاصل ڪيائون. پاڻ وڏي عالم هئڻ سان گڏوگڏ بهترين شاعر پڻ هو. سندن ڪلام ۾ تصوف ۽ فقيريءَ جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو. سندس تخلص، ”صادق“ ۽ ”فقير“ هو جڏهن ته فارسي ڪلام ۾ ”واعظ“ هو. پاڻ 16 ذوالحج 1388 هجري مطابق 1968ع تي تقريباً 88 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائون.

دل جي اکين سان غير نه ڏس تون، دنيا مظهر آئي،
صاف صفائي،
مظهر ۾ ناموڙهو وت تون، روح جُسي جي جدائي،
ڳول اهائي.
مظهر واٽ ڏسئي ٿو حق جي، ڏنگا ڇڏ تون ڏنگائي،
هوڏ اَجائي.
احمد ڏاران واٽ نه لهندين، شرع مليئي مولائي،
رک بينا ئي،
”صادق“ سرورَ سان رهه ساٿي احد اندر ۾ آئي،
ميم مانڌائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سيد علي شاهہ "خادمؔ":** سيد علي شاهہ 'خادمؔ' موري پرسان ڳوٺ جوٽالوءِ ۾ 5 مئي 1902ع تي ڄائو. پاڻ درويش ۽ صوفي منش وارو هو. اڪثر ڪري سگهڙن، شاعرن ۽ صوفي فقيرن جي ساٿ ۾ گذاريندو هو. سندس 'مڪان' تي هميشہ شاعرن ۽ سگهڙن جون رهاڻيون ۽ راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون رهنديون هيون. پاڻ 'بزمِ نور' جي نالي سان هڪ ادبي اداري جو بنياد رکيائين جنهن پاران مشاعرن ۽ راڳ رنگ جو محفلون مچنديون هيون. سندس ڪلام سنڌي ۽ سرائڪي ۾ ملي ٿو. 'خادمؔ' تخلص استعمال ڪندو هو. سندن ڪلام نج صوفياڻي رنگ تي مشتمل آهي. سيد علي شاهہ 'خادمؔ' رازڪي ڪم جو بہ وڏو ڄاڻو ۽ ماهر هو. نوان جتوئيءَ جي جامع مسجد سندس ڪاريگريءَ جو اعليٰ، شاهڪار آهي. پاڻ 1974ع ۾ وفات ڪيائين.

عجائب عشق جو انور عجب اعلان پيدا ڪر،
مچي منجهہ موج ۾ محڪم محبت ميدان پيدا ڪر.

زمانو بي بقا آهي، هتان آخر هليو هلبو
دنيا ۾ آخرت جي لئہ سنو سامان پيدا ڪر،

آيو جيڏهون آهين تيڏهون ويندين، هت ڪينڪي رهندين،
فناجي فڪر ۾ فائق، ڏريان جو ڏيان پيدا ڪر،

خوشيان 'خادمؔ' سڏائين ٿو سدائين صاف سهڻن جو
وڃائي وهم وجودي، برهہ باران پيدا ڪر.

**پروفيسر علي نواز 'حاجن' جتوئي:** پروفيسر علي نواز جتوئي، موري تعلقي جي ننڍي ڳوٺ پراڻا جتوئي پرسان ڪچي ۾ هڪ ڳوٺ "گدوءَ" ۾ 11 جولاءِ 1914ع تي حاجن خان جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هن ڊي جي سنڌ ڪاليج، جوناڳڙهہ ۽ سنڌ يونيورسٽي 'مان' تعليم پرائي، 2 مارچ 1953ع تي اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ نوڪري جي شروعات ڪئي. پروفيسر صاحب هڪ ماهر لسانيات هو. سندن علمي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعليمي ۽ ادبي خدمتون وساري ڇڏيون سگهجن. سندس لکيل ڪتابن ۾ ’علم السان‘، ويريون ۽ وهڪرا‘ (مقالا ۽ مضمون)، ”شهيد گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام‘ (ترتيب) مشهور آهن. پاڻ ان کان علاوه ٻيا ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪيائين. ۽ ٻين سان گڏ ترتيب ڏنائين جيڪي اڄ به ڪورس تي رکيل آهن. سندن ڪيترائي مضمون مختلف رسالن ۾ ڇپيل پکڙيل آهن. 29 سيپٽمبر 1996ع تي ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد جي ڪنيار پاڙي ۾ وفات ڪيائين ۽ ٽنڊي سائينداد پرسان مقبري شريف واري قبرستان ۾ دفن آهي.

**محمد موسيٰ ’ساقي‘ سومرو:** محمد موسيٰ ’ساقي‘، 1909ع ۾ موري شهر ۾ حاجي عبدالحڪيم سومري جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ شروعات ۾ پنج درجا سنڌي نوشهري مدرسي مان حاصل ڪيائين بعد ۾ ڪن سببن جي ڪري وڌيڪ تعليم وٺڻ بدران پنهنجي والد جي ڪم ۾ هٿ ونڊائڻ شروع ڪيائين ان وقت سندس والد ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪم ڪندو هو. پاڪستان ٺهڻ بعد ڪيس ڊڪ منشي ڪري رکيو ويو. پاڻ نوڪريءَ جو اهو عرصو ڄام ڏاتار ضلعي نواب شاهه ۽ موري ۾ رهيو.

’ساقي‘ سومرو شاعري پڻ ڪندو هو. ان کان علاوه ٽُڪنڊي ۽ ڪهاڻيون پڻ ٺاهيندو هو. موري جي بزمن پاران ٿيندڙ ڪيترن ئي مشاعرن ۾ حصو ورتائين. سندس شاعريءَ ۾ مولود، مداحون، منقبتون ۽ ٻيو ڪلام اچي وڃي ٿو.

**حاجي حمزو خان ’فتح علي‘ ڪنير مورائي:** حاجي حمزو بن حاجي عبدالله موري جو هڪ صوفي شاعر ٿي گذريو آهي. پاڻ 14- ڊسمبر 1914ع تي ڄائو. حمزو فقير ڏينهن جو پنهنجي خانداني ڪرت ڪنيارڪي ڪندو هو ان سان گڏوگڏ حڪمت پڻ ڪندو هو جيڪا کيس خانداني ورثي ۾ مليل هئي. خاص طور پيچل عضون ٺاهڻ جو ڪاريگر هو. حمزو فقير رات جو پنهنجي ساٿين سان گڏ صوفياڻي محفل (راڳ رنگ) مچائيندو هو. پاڻ سنڌي جو بهترين شاعر هو تخلص ’فتح علي‘ ڪم آڻيندو هو. سندس شاعريءَ ۾ سوز گداز بحر ۽ وزن جي پختگي، رنگيني ۽ فصاحت پريل نظر اچي ٿي. سندس شاعريءَ جو تعدا تمام گهٽو آهي جنهن ۾ ڪافيون، ڪلام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿس. سندس بياض سندس پٽ عبدالرؤف ڪنير وٽ محفوظ هو. 29 جون 1947ع تي وفات ڪيائين. مصر جي واءِ ۾ پنهنجي والد جي پرسان مدفن آهي.

بيوس آهيان باندي، دل ماندي،
جيجان ڪاڻ جتن جي،
مون نماڻي نصيب ٿئي، پرينءَ پيراندي،
منهنجا ٿيندا مون، قرب پريا سي ڪانڊي.
لوڙه لٿيندا مُٺِي جو سونهن پريا سي سانگي،
'فتح علي' فهم سان، مرشد ڪئي منادي.

**قاضي عبدالخالق 'خيلق مورائي':** عالم حڪيم اديب، صحافي قاضي عبدالخالق خليق مورائي، 23 ربيع الثاني 1311 هجري مطابق 1893ع تي قاضي نبي بخش جي گهر ۾ جائو. ابتدائيءَ تعليم موري شهر ۾ پنهنجي والد کان ورتي، ان بعد ثانوي تعليم پڻ موري مان حاصل ڪيائين. 6 رجب المرجب 1336 هجري مطابق 1918ع خدا بخش پرڳڙي تعلقي جيمس آباد (هاڻي ڪوٽ غلام محمد) جي مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيو. خليق مورائي هڪ بهترين ناول نگار ۽ شاعر پڻ هو. هن 25 جي لڳ ڀڳ ڪتاب لکيا آهن جن ۾ ناول، ناٽڪ، سوانح عمريون اچي وڃن ٿيون. سندس مشهور ڪتابن ۾ سنڌري (ناول)، نسيما (ناول)، عبرت (ناول)، چِتر پٽي (ناول) شڌيءَ جو سانگ (ناٽڪ)، آخري رسول صلعم (سوانح)، فاتح سنڌ (سوانح)، صديق اڪبر رضہ (سوانح)، ستيءَ جي ستيا (ناول) ۽ ٻيا آهن. سندس طبيعت شروع کان .ئي شعر گوئي طرف مائل هئي پهرين 'عبد' پوءِ 'مورائي' ۽ آخر ۾ 'خليق' تخلص اختيار ڪندو هو. خليق 1925 کان ماهوار 'ترقي' رسالو ڪراچيءَ مان جاري ڪيو جيڪو لڳاتار اٺ سال هليو. هي رسالو مذهبي، علمي، ادبي، تجارتي مضمونن تي مشتمل هوندو هو. سندس ڪيترائي مضمون ماهوار 'علمي دنيا'، توحيد'، 'الراشد' ۽ مشهور روزنامہ 'الوحيد' ۽ هفتيوار 'پرڪاش' ۾ ٽڙيل پکڙيل نظر اچن ٿا. خليق مورائي پهرين مئي 1934 ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي لياريءَ نديءَ پرسان مارواڙي قبرستان ۾ مسجد پرسان دفن آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**احمد بخش "احمد" موراڻي:** احمد بخش ميمڻ 5 جنوري 1920ع تي موري ۾ ڄائو. ٿوري تعليم حاصل ڪيل هوندي به ننڍي هوندي کان ئي علم ۽ ادب سان چاهه رکندو هو. ڪيس شاعريءَ سان شوق "الوحيد" جي 'سنڌ آزاد نمبر' پڙهندي جاڳيو ان بعد پنهنجي منهن پاڻ شاعريءَ ڪرڻ لڳو جيڪا گهڻي قدر عشقيه ۽ صوفيانه قسم جي هئي. پاڻ باقاعده شاعري موري ۾ 'بزم سعيد' جي پاران شروع ڪرايل مشاعرن ۾ ڪيائين ۽ انهن طرحي مشاعرن ۾ اڳتي هلي وڏو نالو ڪڍيائين. ڪافي طرحي مشاعرن ۾ في البديهه شعر چيائين. احمد موراڻيءَ قصيده، مناقب، مناجاتون، نظم ۽ غزل لکيا آهن سندس پهريون نظم اداره آئينه ادب مورو طرفان نڪرندڙ پهرئين ڪتاب 'لهرون لک لباس' ۾ 'اڄوڪو زمانو' جي عنوان سان شايع ٿيو.

عاشقن کنيو آ اصل کان سرِبار آدل پري پري،
پرزا ٿين ٿا پڙ ۾ پنڌڙو ڪري ڪري.

سهڻيءَ جو يار ميهر درياءَ جي هو هُن پر،
ڪڙڪا ڏسي ڪُن جا ته به پئي تري تري.

مومل کي ميخ مَن ۾ راڻي جي جيءَ جگر ۾،
وچ باهه ۾ ويچاري پئي ٿي ٻري ٻري.

فرهاد ڏونگر ڏاريو محبت ۾ پاڻ ماريو،
شيرين به شوق ۾ پئي ٿي ڳري ڳري.

ڏس ڪيچ مان به ڪاٿل 'احمد' ٿي آيو سائل،
سسئي جي سير لاءِ ٿي ڏرتي ڏري ڏري.

**پليڏنو 'بهتر' راهوجا:** پليڏنو بن دريا خان راهو جا موري تعلقي جي هڪ ڳوٺ مناهيءَ ۾ 13 آگسٽ 1921 تي ڄائو. پاڻ سنڌي فائينل ۽ پهريون درجو انگريزي پڙهيل هو. پيشي جي لحاظ کان پرائمري استاد هو. ننڍي هوندي کان شاعري جو شوق جاڳيس پران جو باقاعدي آغاز 1956ع ۾ ڪيائين. شاعريءَ ۾ اصلاح مرحوم محمد خان 'غني' کان ورتائين. پهريان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’پياسي‘ تخلص اختيار ڪيائين بعد ۾ ’نماڻو‘ ۽ ’بهتر‘ تخلص استعمال ڪيائين. مورو نوان جتوئي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ادبي محفلن ۽ مشاعرن ۾ حصو ورتائين. پاڻ 7 جون 1977ع تي پنهنجي ڳوٺ ۾ وفات ڪيائين.

شاعرن ۾ تنهنجو هرگز ناهي ڪوثاني، لطيف!
تون وٺي آئين ازل کان شان سلطاني، لطيف!

شاعرن ۾ تنهنجو هرگز ناهي ڪوثاني، لطيف،
ڳهيڙ ڏي گهوري نـ ٿي، ناهي نديءَ ڏي نظر،
تنهنجي سهڻي آهـ ’ميهر‘ لاءِ مستاني، لطيف!

ڪا نوازش جي نظر ناقص، ’نماڻي‘ تي نجيب،
خواب ۾ پنهنجي پسائج پاڪ پيشاني، لطيف!

**سيد پناهـ علي شاهـ:** سائين پناهـ علي شاهـ 22 مئي 1929ع تي موري ۾ سيد جعفر علي شاهـ جي گهر ۾ تولد ٿيو. 1946ع ۾ بمبئي يونيورسٽي مان مئٽرڪ پاس ڪيائين. 1951ع ۾ مسلم هسٽريءَ ۾ BA (Hons) ڪراچيءَ مان ڪيائين ايم اي (اسلامڪ ڪلچر) (مسلم هسٽري) ۽ ايم اي (رليجن) ۾ ڪيائين پاڻ 1954ع ۾ ڪراچيءَ مان B.T پاس ڪيائين. حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج ۽ بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ ’رليجن ۽ ’اسلامڪ ڪلچر‘ جي شعبن ۾ استاد ٿي رهيو. سيد پناهـ علي شاهـ هڪ بهترين تعليمي ماهر هو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي قابل استادن مان هڪ هو. پاڻ هڪ سٺو اديب ۽ بهترين ناٽڪ نويس هو. سندس ڪيترائي مضمون ٻارن جي نفسيات، پڙهائڻ جو طريقيڪار ۽ انتظامي امور متعلق سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل آهن. سندس ڪيترائي ٻارن لاءِ لکيل اصلاحي ناٽڪ موري جي مشهور استاد هدايتڪار سائين محمد چٽل سرهيئي ٻاران اسٽيج ڪيا ويا. سائين پناهـ علي شاهـ آخري وقت ۾ قرآن شريف جو تفسير لکي رهيو هو. جيڪو سندس وفات 27 سيپٽمبر 1966ع سبب اڌورو رهجي ويو. اهو قلمي تفسير سندس استاد ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو وٽ هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**جمال الدين 'مومن':** سائين جمال الدين ولد هوت خان خاصخيلي جو جنم 8 اپريل 1922ع تي نوان جتوئي لڳ تعلقي موري ۾ ٿيو. پاڻ بزم نياز بزم صابر ۽ مجلس احباب جو بنيادي سرجڻهار آهي. جن پاران ڪيترين ئي مشاعرن جون محفلون ٿيون. پاڻ هڪ قومي ۽ سماجي ڪارڪن، ڳوٺ سڌار سنڌ جو ميمبر ۽ ايجوڪيشن ڪاميٽيءَ جو چيئرمين پڻ هو. جنهن پاران مصطفيٰ اورنيٽل ڊگري ڪاليج نوان جتوئيءَ ۾ هلي رهيو آهي. جنهن جو پرنسپال پڻ خاصخيلي صاحب هو. سائين جمال الدين ڪيترن ئي ڪتابن جو مؤلف، مترجم ۽ مصنف هو. جنهن مان پيرل فقير جي شاعري، صابر جو ڪلام "سخن صابر"، ساهتيءَ جا سرواڻ، سچڻ جا سنيها ۽ ساهتيءَ جا استاد سمو هيا ۽ سهيڙيا اٿس. ليکڪ سان گڏ پاڻ هڪ شاعر پڻ هو. سائين 5 جولاءِ 1999ع تي وفات ڪئي.

**'حافظ' محمد بخش خاصخيلي:** سنڌي ٻوليءَ جو برک جاٽو مزاحمتي شاعر ۽ اديب حافظ محمد بخش 1930ع تي نوان جتوئي پرسان سائين بخش خاصخيلي جي گهر ۾ جنم ورتو. ڳوٺ لونگ ڪوريجي مان 1947 ۾ چوٿون درجو پاس ڪيو ۽ سنڌي فائينل امتحان نواب شاهه لڳ سيد خير شاهه اسڪول مان پاس ڪيائين. 1952۾ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو 1992 ۾ رٽائر ڪيائين حافظ شاعريءَ جي شروعات 1952 کان ڪئي ۽ وفات تائين شاعري ڪندو رهيو. سندس شاعريءَ ۾ اڪثر نظم، ڪافيون، غزل ۽ بيت رچيل آهن. سندس مشهور نظمن ۾ "پاٽي تي پاٽي ٿيندو" ، "ڏيک اسان دا دادو ضلعا"، "ماڻهوءَ کي ٿو کائي ماڻهو"، "ڪجهه، ڪُڇو مظلوم جي مضمون تي مان چا لکان". ۽ 'ڏس ننگري هي بيدادي آ' شامل آهن. حافظ نظم کان وڌيڪ نثر ۾ لکيو آهي سندس ٽيهه ڊائرين ۽ زندگيءَ متعلق 200 صفحا پڻ لکيل اٿس. هن جو پهريون مضمون سگهڙ فن تي 1957ع ۾ شايع ٿيو. حافظ صاحب جا لطيف سرڪار بابت سُرسهڻي، ميهار سُر سارنگ، مومل راڻو موکي ۽ متارا ۽ انسان شناسي ۽ لطيف، لطيف جي رسالي ۾ سنڌي قوميت جو پيغام ۽ ٻيا تحقيقي مقالا لکيل ۽ ڇپيل آهن. ان کان علاوه ڪيترائي اڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپيل مقالا مختلف شخصيتن ۽ ماڳ مڪانن تي لکيل آهن. پاڻ 25 ڊسمبر 2004ع تي وفات ڪيائين.

**امير بخش "نظر سنڌي":** امير بخش عالماڻي 1- اپريل 1933ع تي موري پرسان ڳوٺ جهان خان عالماڻي ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو جان محمد عالماڻي هو سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري 1947ع ۾ تعليم کاتي ۾ ملازم ٿيو. شعر ۽ شاعريءَ جو شوق ڊاڪٽر احمد علي آرائين 'مفلس' جي صحبت ۾ ٿيس. نظر سنڌيءَ کي شاعريءَ ۾ غزل جي صنف تي وڌيڪ عبور حاصل هو. سندس غزل ۾ نزاڪت ۽ نازڪ خيالي سمايل آهي. فصاحت، سلاست ۽ رواني سندس غزل ۾ ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. نظر سنڌي نواب شاهه جي بزمن پاران ٿيندڙ طرحي ۽ غير طرحي مشاعرن ۽ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ پڻ ڀرپور شرڪت ڪندو هو. سندس شاعري ان وقت جي نڪرندڙ رسالن ۾ ڇپبي هئي خصوصا نواب شاهه مان 1956ع ۽ 57ع ۾ قمر شهباز ۽ گل محمد چنه جي ادارت هيٺ نڪرندڙ رسالي "ادا" ۾ شايع ٿيندي هئي. نظر سنڌي تي بيءَ جهڙي موذي مرض ۾ 20 نومبر 1967 تي وفات ڪئي.

خيالِ صنم کي وساري ڇڏيوسين،
ڇڳو ٿيو جو آفت کي ٽاري ڇڏيوسين.

اسان جو بہ باغِ حُسن کان گُذر ٿيو
نہ بينا سون پر، ها نهاري ڇڏيوسين.

**قاضي محمد علي "اختر موروائي":** قاضي محمد علي بن قاضي عبدالڪريم 8 جنوري 1927ع تي گڇيري پراڻي ۾ ڄائو 43-1942ع ۾ سنڌي فائينل ڏنائين ان دوران علم عروض جو مطالعو ڪندي ۽ بحر وزن جي ڄاڻ حاصل ڪري شاعري شروع ڪيائين. پاڻ شاعريءَ جي اصلاح حاجي محمد خادم لاڙڪاڻويءَ کان ورتائين. پاڻ 1944ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان ڀرتي ٿيو. 1951 کان وٺي علمي توڙي ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتائين. قاضي عبدالوهاب عزيز جي ساٿ ۽ سهڪار سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1957ع ۾ بزم سعيد مورو جو قيام آندائين. ان جي پليٽ فارم تان سالن جا سال هر مهيني طرحي ۽ غير طرحي مشاعرن ۾ محفلون سجاياائين/ پاڻ اوائلي سنڌي ادبي سنگت مورو جو سيڪريٽري پڻ رهيو. قاضي صاحب هڪ شاعر سان گڏ هڪ بهترين افسانہ نويس، مضمون نگار ۽ ناٽڪ نويس هو. 1950 کان پوءِ سندس مضمون ۽ افسانہ سنڌ جي ڪيترن ئي رسالن جهڙوڪ ماهوار "فردوس"، "نئين زندگي" ۽ ٻين رسالن ۾ نظر اچن ٿا. سندن ڪيترائين لکيل ناٽڪ موري جي اسٽيج تي مشهور تعليمي ماهر ۽ استاد سائين محمد چٽل سرهئي جي هدايتڪاري هيٺ ٿيا قاضي صاحب شاعريءَ ۾ سيني صنفن غزل، وائي گيت ٽيڙو حمد، نعت ڪافي مخمس ۽ قطعي تي طبع آزامائي ڪئي آهي. شاعريءَ ۾ "اختر" ۽ "مُسلم، سندن تخلص هو. جڏهن تہ سندن مزاحيہ شاعريءَ ۾ تخلص "علام ڪُڙپي" هو.

**فتح الدين سومرو "بيدار مورائي":** فتح الدين ولد جان محمد سومرو 5 فيبروري 1937ع ۾ موري شهر ۾ جنم ورتو. 1954 ۾ هالا ۾ ڇهون درجو پڙهڻ دؤران پنهنجي استاد عبدالرؤف ابڙو المعروف منصور ويراڳي کان متاثر ٿي کين لکڻ جو شوق جاڳيو. 1955ع ۾ کين ماستري ملي، 1970 ۾ ايس وي، 1971 ۾ بي ايڊ 1970 ۾ ايم اي، سنڌ ادب" ۾ ڏناٿون. 1958 ۾ پهريون ڪتاب "حقيقي ايمان" لکياٿون ان بعد 5 ناول 'حقيقي دوست'، 'حقيقي علم'، 'چوٽڪارو'، 'چوڏهين صدي' ۽ 'عشق جي پوک' لکياڻين. 1961 ۾ انور هالائي سندن تخلص "بيدار" رکيو ان بعد بيدار مورائي جي نالي سان لکڻ شروع ڪياٿون. 1970ع ۾ الوحيد اخبار ۾ ڪالم "سيلانيءَ جو سفر" جي نالي سان لکندو هو ۽ سنڌ جا 9 سفر لکياڻين. سکر مان نڪرندڙ "جهان نو" رسالي ۾ "دنيا دمر گذر" جي عنوان هيٺ پڻ لکياڻين سندن ٻين مشهور ڪتابن ۾ "رڻ ۾ ريهون"، "ديدار بازي"، 'ظلمر جي زنجير'، 'زهريلا ڏنگ' (ناول)، 'زهر ڀري زندگي'، 'آئينو'، 'ڏوريندين ڏسن' (سفرنامو) ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. پاڻ هن وقت تائين 50 کان مٿي ڪتاب لکي چڪا آهن.

**ناصر مورائي:** سيد ناصر علي شاهہ "ناصر مورائي" 1 اپريل 1937ع تي موري جي تعليمي ماهر سائين جعفر علي شاهہ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ڪهاڻيڪار اديب، ناٽڪ نويس ۽ صحافي هو. سندس ڪيترين ڪهاڻيون. مشهور رسالن ۾ ڇپجي چڪيون آهن. جمال ابڙي ڪان پوءِ واري دؤر ۾ ناصر مورائي ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان اُڀريو. هو هڪ ترقي پسند اديب هو. هن حميد سنڌيءَ سان گڏ روح رهاڻ رسالي ۾ پاڻهن ٻيلي تي ڪم ڪيو. روح رهاڻ ۾ خطن ذريعي جيڪو تنقيدي ادب شايع ٿيو ان ۾ ٻين سان گڏ ناصر جا خط پڻ نظر اچن ٿا. جن مان هن جي مطالعي ۽ عملي ڄاڻ جي پلي پت پروڙ پوي ٿي. ناصر مورائي ڪجهه وقت رسالي برسات ڪراچيءَ جو ايڊيٽر تي رهيو. ان دؤران هن سنڌ جي مايا ناز شخصيتن جهڙوڪ حسام الدين راشدي، غلام محمد گرامي، غلام مصطفيٰ شاهه ۽ ٻين ڪان انٽريو ورتا جيڪي اڄ بہ سنڌي ادب ۾ يادگار جي حيثيت رکن ٿا ۽ ناصر جي ذهني صلاحيتن ۽ ڄاڻ جي ساک ڏين ٿا. پاڻ سنڌي ادبي سنگت موري جي بنياد رکڻ وارن مان هڪ هو. مهراڻ ڪاليج موري جي بنياد پوڻ وقت ٻين دوستن سان گڏ ڪشتو ڪٽي پنيو. ايوب جي سخت ترين مارشل لاءِ ۾ ايوب شاهيءَ خلاف تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين. سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي بنائڻ لاءِ صحيحون وٺڻ جي مهم ۾ سندس ڪردار وسارڻ جوڳو ناهي، ناصر لطيف سائين جو وڏو شيدائيءَ هو هن لطيف جو مطالعو وڏي غور ۽ فڪر سان ڪيو ۽ لطيف کي سمجهڻ لاءِ مختلف سُرن تي مشتمل ننڍا ننڍا ڪتابچا پنهنجي پريس مان شايع ڪري مختلف ماڻهن ۾ مفت ورهايا. هن 31 مارچ 2001 تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي ۽ مڪليءَ تي مدفن آهي.

- **ڊاڪٽر حيدر سنڌي:** ڊاڪٽر غلام حيدر ولد حاجي علي مراد ٻرڙو موري اوير لڳ ڳوٺ مبارڪ ٻرڙو ۾ 15 آڪٽوبر 1939ع ۾ جنم ورتو1968 ۾ ايم اي سنڌي ادب ۾ پاس ڪيائين. 1972ع ۾ ڊي سي هاءِ اسڪول نواب شاهه ۾ جونيئر انگريزي اسڪول ٽيچر مقرر ٿيو ۽ بعد ۾ 13 اپريل 1974 تي اسلام آباد يونيورسٽيءَ (قائداعظم يونيورسٽي) اسلام آباد جي پاڪستان اسٽڊيز جي شعبي ۾ ليڪچرار ٿيو. 1976 ۾ پي ايڇ ڊي لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتائين ۽ 1980ع ۾ ڪيس ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ايوارڊ ٿي ملي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس مقالي جو عنوان ”سنڌي ادب جي پاڪستان جي ادب ۽ ٻولين ۾ حيثيت: هڪ تقابلي جائزو“ هو. جتي سندن گائيڊ ڊاڪٽر غلام علي الانا هو. ڊاڪٽر حيدر لکڻ جي ڪيتر ۾ قدم ڏي سي هاءِ سڪول واري زماني کان رکيو. پاڻ مرحوم منير ميمڻ ”ماڊل سنڌي“ سان گڏ ڏي سي هاءِ اسڪول اندر گلن جي ٻاري جي نالي سان ٻالڪ ادبي تنظيم ٺاهي ان ٻاران ننڍڙا ڪتاب شايع ڪيا. جنهن ڊاڪٽر حيدر سنڌيءَ جو ”قلوڙايءَ“ جي نالي سان ڪتاب پڻ شايع ڪيو. ڊاڪٽر حيدر ان وقت کان عبرت اخبار ۾ ”ٻارن جي ٻاري“ ۾ لڳاتار ٻن سالن تائين لکندو رهيو. هن پهريان افسانا لکيا جيڪي ان وقت جي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا. 70 واري ڏاهاڪي ۾ نواب شاهه مان عبدالفتاح ابڙي هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪئي جنهن ۾ حيدر سنڌيءَ لڳاتار 2 سال ”جامڙي جا ڪارناما“ جي نالي سان ڪالم لکيا. سچل ڪاليج ۽ گورنمينٽ ڪاليج نواب شاهه جي مئگزينن ۾ سندس افسانا ’سڪيلڏو‘، ’گلاب جي گل جي ڪهاڻي‘ شايع ٿيا. ڊاڪٽر حيدر سنڌيءَ جا هن وقت تائين ڪيترائيءَ ڪتاب ڇپيل آهن جن ۾ ’سنڌي ادب جي ارتقا‘ (ڊاڪٽر شمل جي ڪتاب جو ترجمو)، ’ٻولين جا سرچشما‘، ’سنڌي زبان اور ادب ڪي جديد تاريخ‘، ’همارا لساني ۽ ادبي ورثہ‘، ۽ ’حيات قلندر‘ اچي وڃن ٿا. جڏهن ته ڪجهه ڪتاب اڻ ڇپيل اٿس. پاڻ قائدِاعظم يونيورسٽيءَ جي شعبي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان اسٽڊيز جي ڊائريڪٽر جي پوسٽ تان رٽائر ٿيو آهي.

**فضل سليمان قاضي:** فضل الحق ولد ڊاڪٽر محمد سليمان قاضي 24 نومبر 1938ع تي موري ۾ پيدا ٿيو. ايم اي (سياسيات) سنڌ يونيورسٽي مان ۽ قانون جي سَنَدَ سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. قاضي صاحب ان دوران سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ سنڌ لا ڪاليج جي شاگرد سنگت جو جنرل سيڪريٽري رهيو. فضل قاضي 1975ع دوران پاڪستان T.V جي حالات حاضره جي سنڌي پروگرام ’واءُ سواءُ‘ جا ڪمپيئر رهي چڪا آهن. قاضي صاحب جا ڪيترائي مضمون انگريزي زبان ۾ سنڌي جي ثقافت، شاهه لطيف/لطيفيات، سنڌ جي هنرن، خطاطي، قومي ۽ بين الاقوامي مسئلن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ملڪ جي نالي وارن اخبارن ۽ مخزنن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. جن مان ڪجهه مشهور مضمون هي آهن. 'حرزآف سنڌ'، 'شاهه لطيف' 'ايز سوشل هسٽورين'، 'سنڌ فوڪلور'، 'ٿر ڊيزرٽ'، 'فيبرڪس آف سنڌ'، 'فريگمينٽ ان قائد'، 'ڊيموڪريسي ان پاڪستان'، 'سو ورڊ فارهائر'، 'گارڊين آف فرنٽيئر'، 'ايگل آف بلوچستان' 'فيڪٽس آف رورل لائيف_ ڪاظميز پينٽنگس'، 'جينيس آف سنڌي لينگويج'، 'رومانس آف روسٽڪ،' 'ڪٽريز پينٽنگس'، 'ڊيموڪريسي آن پاڪستان'، 'فضل سليمان قاضي'، 'سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشين' جو باني صدر پڻ رهي چڪو آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب لکيل ۽ ڇپيل آهن جن مان 'لائينڊ پاليٽڪس ان پاڪستان'، 'ڪمرشيل بئڪنگ اِن پاڪستان' ۽ 'پاڪستان جي قومي سياست' ڇپيل اٿس جڏهن ته اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ 'پولٽيڪل پراسيس اينڊ فارين پاليسي'، 'ليوز فرام دي ايٽڪ — پاڪستان' ۽ 'سنڌ جرنل' ڇپائيءَ جي انتظار ۾ آهن. قاضي صاحب نيشنل بئنڪ آف پاڪستان جي سينيئر ايگزيڪيوٽو وائيس پريزيڊنٽ جي عهدي تان رٽائر ٿيو آهي.

**پروفيسر نذير احمد قاضي:** پروفيسر نذير احمد قاضي 9 فيبروري 1940ع تي قاضي محمد قاسم جي گهر ۾ تولد ٿيو. پاڻ جنرل هسٽري، انگريزي ادب ۽ سياسيات ۾ ايم اي آهي. پاڻ هڪ بهترين شاعر ڪهاڻيڪار ۽ مضمون نگار آهي. سائين نذير لکڻ جي شروعات 1957ع ۾ ڪهاڻي جي ترجمي سان ڪئي جيڪا هڪ روسي ڪهاڻي هئي. سندس پهرين طبعزاد ڪهاڻي 'پڪر' (Picker) آهي جيڪا 65_1964ع دوران لکيائين. سندن شايع ٿيل ڪهاڻين ۾ 'روحي'، 'پڪر'، 'واليون' ۽ 'بکي' آهن انهن ڪهاڻين مان بکي کي تمام گهڻي مڃتا ملي ۽ اها ڪهاڻي سنڌي ننڍين ڪهاڻين جي صنف ۾ مڃيل ڪهاڻي ليکي وڃي ٿي سائين جي اڻ ڇپيل ڪهاڻين ۾ پيار جي زبان ۽ هي داغ ڪيئن ڌوبيا وڏيڪ پاور فل آهن هي داغ ڪيئن ڌوبيا، شهيد آفتاب نظاماڻي جي شهادت کان متاثر ٿي لکيل آهي. سائين نذير جي ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي امنگن، احساسن ۽ محرومين کي ڀرپور انداز سان پيش ڪيو ويو آهي. سادي ۽ سپاجهي ٻولي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهايت ٿورا لفظ ۽ مقصد جي مڪمل پهچ سندس ڪهاڻيءَ جي خوبي آهي. نذير قاضيءَ ڪيترائي ادبي ادارا قائم ڪيا جن پاران ادبي ميڙاڪا ، مشاعرا ۽ شامون ملهايون ويون جن ۾ سرفهرست 'بزم قاسم، ساجاه ڪلچرل فورم' ۽ باک پبليڪشن آهن. هن پبليڪشن پاران 'باک' جا ڇهه معياري پرچا نڪتا، سائين نذير قاضي جي نثري ادب کان علاوه سندس شاعري پڪي پختي ۽ لاجواب آهي. پابند وائي، غزل، نظم، آزاد نظم، ٽيڙو چوسٽا ۽ ٻين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿن. سندس شاعريءَ جا موضوع ۽ گهاڙيٽا نوان ۽ نرالا آهن.سندن مزاحيه شاعري 63-1962 دوران عبرت ۾ ڇپي جنهن ۾ سندن تلخص 'ن.ق پاهوڙو' هو.

**محمد مٺل ڪمالاڻي:** محمد مٺل ڪمالاڻي 'م.ع. ترابي' بن عبدالله خان ميمڻ موري شهر ۾ 1 جولاءِ 1942ع تي جنم ورتو. ننڍي هوندي کان لکڻ پڙهڻ جو شوق هجڻ ڪري علمي، ادبي ۽ سماجي طور بزم گلشن ۽ اُداره آئينه ادب، سنڌي ادبي سنگت، سگا، سيڪنڊري ٽيچرس ايسوسيئيشن سان گهري تنظيمي وابستگي رهي اٿس. ابتدا ۾ ڪجهه شعر مضمون ۽ ڪهاڻيون لکيائين. موري شهر جي تاريخ لکڻ جو شوق جاڳيس، سالن جي وڏي محنت ۽ جاکوڙ کانپوءِ موري شهر تي هڪ تحقيقي ڪتاب 'مورو ناهي ٿورو' لکيائين جيڪو مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي مورو پاران شايع ٿيو. سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جي تاريخ لکڻ جو پراجيڪٽ هٿ ۾ کنيائين، ڪيتروئي خام مال گڏ ڪيائين ليڪن حياتي وفا نه ڪيس.

**بئريسٽر مظهر ايس قاضي:** مظهر سليمان قاضي 12 آڪٽوبر 1941ع تي موري ۾ قاضي محمد سليمان جي گهر ۾ پيدا ٿيو. 1960ع ۾ ڪراچيءَ مان انٽر پاس ڪرڻ بعد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 29 آگسٽ 1961 تي انگلنڊ ويو جتي "هوبرن ڪاليج لنڊن' ۾ قانون جو شاگرد رهيو. ان کان علاوه 'ايسٽ لنڊن ڪاليج' مان ايل ايل بي ڪيائين جتي شاگرد سنگت جو 67-1966 دوران صدر چونڊيو ويو. قاضي صاحب 'لنڪز اِن' مان بئريسٽري جي تعليم پڻ حاصل ڪئي. لنڊن ۾ رهڻ دروان برطانيه ۾ رهندڙ پاڪستاني شاگردن جي جماعت 'پاڪستان اسٽوڊنٽس فيڊريشن' جو صدر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻ رهيو: قاضي صاحب برطانيه ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جو 1967 کان 1969ع تائين بنياد وجهندڙ ڪنوينر ۽ 73_1970ع تائين قائم مقام صدر هو. پاڻ سنڌ جي وزيراعليٰ ۽ پاڪستان جي وزيراعظم جو مختلف وقتن ۾ پريس سيڪريٽري پڻ رهيو.

مظهر قاضي جا ڪيترائي مضمون 'سنڌ ڪوائرلي'، 'نئون نياپو' رسالن ۽ ملڪ جي مڙني اخبارن ۽ رسالن ۾ خط ۽ مضمون شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس مشهور مضمونن ۾ 'بيٽل آف مورو' اُسپرنگ ڪلچ مٽيريل ازم'، 'اڪانامڪ اسٽرينگيوليشن آف دي منارٽي پروانسز'، 'لينڊ ايلينيشن اِن سنڌ'، 'انگلش اِن اور لاٽيوز'، 'اصلاحي سماج'، گانڌي ۽ عدم تشدد، پهراڙين ۾ عورت جي حالت، 'دي مينگ آف مين'، 'موت جي مشق'، 'اپاهج شخص جو آزمودو' شامل آهن.

**راشد مورائي:** سيد راشد علي شاهه راشد مورائي، 1944 تي جوٽالوءِ تعلقي موري ۾ جنم ورتو 1957 کان شاعري جي شروعات ڪيائين. شروع ۾ شاعري متعلق پنهنجي والد سيد علي شاهه 'خادم' کان ڄاڻ حاصل ڪيائين ۽ ان دوران ئي حافظ محمد بخش خاصخيلي کان ٽن بحرن جي ڄاڻ ورتائين. شروعات ۾ مذهبي شاعري لکيائين. سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين پر سيني کان وڌيڪ غزل لکيو اٿئين. ۽ غزل تي کين پورو عبور حاصل آهي. راشد اسٽيج جو بادشاهه آهي اسٽيج تي نظم گهڻا پڙهيا آهن ۽ نظم جي شاعر سان گهڻو مقبول آهي.

1966 کان مسلسل اڄ تائين ڊائري لکندو اچي. سندس مشهور نظمن ۾ 'مان باغي هان'، 'ضمير ڇهنبريون هنيون'، 'مون کي ياد. ڪندو ڪر'، 'آئون وڏو ڏوهاري هان'، 'پڃرندو آهي منهنجو من' 'مان به هڪڙو ماستر آهيان'. راشد جا هن وقت تائين ڇپيل ڪتابن ۾ سنڌڙي جو سوداءُ'، 'مينديءَ سندا ڪيت'، 'دل جو شهر'، 'شعلا شعلا واءُ ۾' ۽ 'ديوان راشد' شاعري ۾ جڏهن ته ڪالمن، خاڪن ۽ مضمونن تي مشتمل ڪتاب 'اڳتي تاڻ امنگ جي' ۽ ڪهاڻين جو مجموعو 'پاڻيءَ تي پهرو' ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انٽرويوز تي ٻڌل ڪتاب شامل آهن. پنهنجي آتم ڪهاڻي جهڙي آيِس جيئن پڻ لکيل اٿس جيڪا قلمي صورت ۾ موجود آهي.

راشد، سنڌي ادبي سنگت جي بنياد وجهندڙن مان هڪ آهي ۽ بنيادي سيڪريٽري پڻ آهي. موري جا ڪيترائي نوجوان سندس ادبي رهنمائي حاصل ڪري اڄ سٺا شاعر ۽ اديب آهن.

**پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري:** پروفيسر صاحب 23 آگسٽ 1944 تي موري تعلقي جي ڳوٺ محمد موسيٰ زرداري ۾ پيدا ٿيو. 1970ع ۾ ايم اي سياسيات جي ڊگري وٺڻ کان پوءِ تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو جي موضوع تي تحقيقي مقالو لکي 1980ع ۾ ڊاڪٽري جي سَند حاصل ڪيائين. تاريخ، سياست، ۽ ادب سندس پسنديده موضوع آهن جن تي ڪيترائي مقالا، مضمون ۽ ڪتاب لکي چڪو آهي. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ 'تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو'، 'سنڌ جي سياسي جدوجهد' 'واليءِ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙو (ترتيب) (1987 ۾ ميان نور محمد تي ڪرايل سيمينار ۾ پڙهيل مختلف عالمن جا مقالا)، غدار سنڌ (ڊاڪٽر مبارڪ علي جي ڪتاب 'ڪيا نائون مل غدار تها' جي جواب ۾ لکيل)' مجذوب حافظ علي مراد زرداري، تاريخ ضلعو نواب شاهه'، هسٽري آف سنڌ واليوم ون اينڊ ٽو)، ڪيم روح رهاڻ (آتم ڪٿا) ۽ لنڊڪي کان لنڊن تائين (سفرنامو) اڇي وڃن ٿا. ان کان علاوه سندس ڪيترائي مقالا ۽ مضمون تماهي مهراڻ ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. ڊاڪٽر صاحب هن وقت 'بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽري' جو ڊائريڪٽر جنرل آهي.

**گدا خاصخيلي:** گدا حسين ولد رمز علي فقير خاصخيلي، ڳوٺ سائين بخش خاصخيلي لڳ نيو جتوئيءَ ۾ 1947 ۾ جنم ورتو. لکڻ جي شروعات 1965ع کان ڪيائين. سندس والد پيرل فقير جو طالب هو. سنڌ جو مشهور شاعر دادن فقير ڪجهه عرصو پيرل فقير جي مٺخاني تي رهيو. دادن فقير جي شاعريءَ کان متاثر ٿي. گدا شاعري شروع ڪئي ۽ تربيت حافظ محمد بخش خاصخيليءَ کان ورتائين. سندس پهريون شعر 1965 ۾ 'عبرت' ۾ ڇپيو جيڪو ڪربلا واقعي متعلق هو. 1977 کان شعور واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعري ڪيائين جيڪا مزاحمتي هئي. گدا بنيادي طور نظم جو شاعر آهي. پر غزل جي ڪيتر ۾ پنهنجو پاڻ مڃايو اٿائين. غزل کان علاوه وائي نظم، چؤسٽا، بيت ۾ آزاد نظم پڻ لکيا اٿس. گدا جي مشهور نظمن ۾ 'سنڌ ڪيڏارو ٻڌجي وئي آ'، 'نيٺ ته ونبي آزادي'، 'مان سنڌي هان'، 'تو سواءِ سيد سنڌ چوري ٿي پئي'، 'ننڍي ڪنڌ جو وڏو شاعر پيتائيءَ سان وچي مليو'. 'مان ايڪيهين صدي آهيان'، 'امن منهنجو ترانو آ'، پاٽي جا مرثيا لکو پاٽي جا معاملا لکو" 'چاغي پوکران تي حملو'، 'الله ۾ پڳوان تي حملو' شامل آهن. گدا جي شاعريءَ ۾ وقت جي جبر ۾ ڏاڍ خلاف للڪار ۾ سخت مزاحمت آهي. سندس شاعريءَ جو هڪ ننڍو مجموعو 'امن منهنجو ترانو' جي نالي سان شايع ٿيل آهي.

**نماڻو سنڌي:** سنڌي ٻوليءَ جو خوبصورت ۾ سگهارو شاعر نماڻو سنڌي تعلقي موري جي ڳوٺ نوان جتوئي پرسان ديهه ٻورڙي ۾ 30 جون 1955ع تي پورهيت محمد اسماعيل کوسي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس نالو علي حسن هو پر نماڻي سنڌي جي نالي سان معروف ۾ مشهور رهيو نماڻو حادثاتي طور شاعر نه ٻڌيو پر هن کي حالتن شاعر ٿيڻ تي مجبور ڪيو. لکڻ جي شروعات هن 22_20 سالن جي ڄمار ۾ ڪئي. نماڻي سنڌيءَ غزل، وايون، گيت، بيت، نظم ٽيڙو پنج ڪڙا، نثري ٽڪرا تخليق ڪيا آهن. سندس شاعريءَ ۾ چنڊ ۾ تر جو حسن، ڪيتن ۾ چيٽن جا خوبصورت منظر ۾ ڳوٺن جو جمال پوري شدت سان اپريل ملي ٿو. نماڻي جا خوبصورت نظم رچيل آهن جن مان 'تون آءَ پرين، هن شهر وري' ، 'نئين صدي جي نانءَ'، 'سرخ ڪوئي سڌ ٿئي ته هانو سان هنڌائجان' مشهور آهن. هن خوبصورت جمالياتي شاعر 17 اپريل 2003ع تي وفات ڪئي سندس شاعريءَ جو خوبصورت ڪتاب "ستارن_ رمجهول" شايع ٿيل آهي.

**عبدالله 'افضل' جيسر:** عبدالله ولد محمد صفر جيسر پهرين اپريل 1946ع تي ڳوٺ للپا تعلقي موري ۾ جنم ورتو. پاڻ ايم اي، ايل ايل بي آهي. لکڻ جي شروعات 1960ع کان شاعريءَ سان ڪيائين. هن وقت تائين غزل، نظم، بيتن ۾ ڪافي تي لکيو اٿس. سندس پسنديده صنف غزل آهي هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعريءَ ۾ اصلاح سائين الهنواز نواز رڪڻائي کان ورتي سندس پسند جو موضوع لغت آهي.

* پيو دؤر (1947ع کان پوءِ)

**مشتاق باگاڻي:** مشتاق علي ولد گل حسن لغاري جو جنم موري تعلقي جي اوير ڏکڻ ۾ ڳوٺ حسين آباد ۾ 21 مارچ 1949ع تي ٿيو. 1969ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪيائين. سندس پهريون مضمون 'باگو خان' 1972ع شايع ٿيو. مشتاق هڪ بهترين نثر نويس، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر آهي سندس شايع ٿيل ڪتابن ۾ اجهاڻل آس (ڪهاڻين جو مجموعو 1973ع)، لڙهندڙ ونجهه ابهريون لهرون (شاعري) هؤ جي ٻول ٻُريا (شاعري 1982ع)، هو جي پهڻ پب جا (يادگيريون 1982ع) لاڙا جا ڏينهن لاڙجون راتيون (يادگيريون 1983ع) اچي وجن ٿا. مشتاق 1974 ع کان 1975 تائين 'سوجهري' رسالي ۾ هڪ ڪالم 'ڳالهيون ڳنوارن جون' لکندو هو جنهن ۾ سنڌ جي ثقافت متعلق خوبصورت مواد هوندو هو.

**رسول بخش گچيرائي:** رسول بخش ولد حاجي محمد وريل ڳگهيو. 19 آڪٽوبر 1949ع تي گچيري پراڻي ۾ جائو. پاڻ ايم اي (اڪنامڪس) ۽ ايل ايل بي آهي. هن لکڻ جي شروعات 1982ع کان ڪئي هن وقت تائين هڪ سئو کان مٿي مضمون لکيل اٿس جيڪي مذهبي، سماجي،ا دبي شخصيتن متعلق آهن سندس ڇپيل ڪتابن ۾ 'صاحب سڳورا'، 'مخدوم هنگورو' آهن جڏهن اڻ ڇپيل ڪجهه ڪتاب پڻ اٿس گچيرائي صاحب شاعري پڻ ڪئي آهي، جيڪا مذهبي قسم جي آهي جنهن ۾ مولود ۽ غزل اچي وڃن ٿا. ڪجهه ٻاراڻا گيت پڻ لکيا اٿئين.

**صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو:** صوفي غلام مصطفيٰ ولد صوفي لعل بخش ڪانڌڙو 18 اپريل 1949 ۾ جائو. سنڌ طبيه ڪاليج حيدرآباد مان 1970ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو. فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ والد سان گڏ موري ۾ حڪمت شروع ڪيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوفي صاحب هڪ بهترين مضمون نگار ۽ صحافي پڻ آهي. لکڻ جي شروعات 1972ع کان ڪيائين ۽ هن وقت تائين تي چار سؤ مضمون لکيا اٿائين جيڪي مختلف شخصيات تي آهن. سندس مضمون مذهبي، علمي ۽ ادبي قسم جا آهن. 1980 کان صحافت سان واڳيل آهي، لطيف ادبي ڪلب مورو شاخ 1980ع ۾ قائم ڪيائين ۽ ان جو باني صدر آهي.

**خالد حيات 'سيف' قاضي:** قاضي خالد حيات ابن قاضي عبدالوهاب 'عزيز' 23 اپريل1951 ۾ موري ۾ جنم ورتو پاڻ شاعريءَ جو آغاز ڇهين جماعت کان ڪيائين شاعريءَ جي ابتدائي اصلاح محترم احمد بخش ميمڻ احمد مورائي ۽ محمد ابراهيم 'مائل' سولنگيءَ کان ورتائين. ڪين علم عروض جي سمجهاڻي هڪ دفعو هڪ نشست ۾ مناهين واري پليڏنو 'بهتر' راهوجا ڏني. پاڻ شاعريءَ ۾ اصلاح حافظ محمد احسن چنا، رئيس ضياءُ الدين ايس 'بلبل' ۽ قمر عباسيءَ کان ورتائين. سندس شاعريءَ جو سلسلو ڇهين جماعت کان مٿترڪ تائين اوج تي رهيو ۽ پوءِ آهستي آهستي هلندو رهي ٿو. موري جي تاريخ ۾ ايتري ننڍي عمر ۾ عروضي شاعريءَ جو معياري غزل قاضي صاحب کانسواءِ ڪنهن نه چيو آهي. پاڻ وسيع مطالعو رکي ٿو ۽ سندس وٽ هڪ بهترين معياري لائبرري موجود آهي.

**ڊاڪٽر سليمان سولنگي:** ڊاڪٽر محمد سليمان ولد جمعو خان سولنگي موري لڳ ڳوٺ حافظ خان محمد سولنگيءَ ۾ 4 فيبروري 1952 ۾ ڄائو. 1980ع ۾ MBBS ڪيائين پاڻ هن وقت تائين ڪهاڻيون، تنقيدي مضمون (ادبي ۽ صحافتي حوالي سان) ۽ شاعري ڪئي اٿائين. شاعريءَ جي شروعات 1968ع کان ڪيائين، نظم بيت، وائي ۽ غزل سرجيا اٿس. شروعاتي دؤر ۾ ڊاڪٽر سيلمان 'مظهر سنڌيءَ' جي تخلص سان لکندو هو ۽ انهيءَ سان ڪجهه ڪهاڻيون پڻ لکيون اٿئين جن مان 'منڌ پوڙيو مهراڻ' هڪ اهم ڪهاڻي آهي پاڻ 'اداره آئينه ادب مورو'، 'بزم طالب المولي' جو سيڪريٽري، سگا شاخ مورو جو جنرل سيڪريٽري ۽ صحت ڪاميٽي جو چيئرمين ۽ سنڌي ادبي سنگت مورو سان وابسط رهيو آهي، ايل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايم سي ۾ پڙهڻ دوران ساليانې مخزن جي 1978ع ۾ ايڊيٽرپڻ رهيو. سندس شاعري جو مجموعو 'چنڊ، سمنڊ ۽ پٿر' اکيون جي نالي سان شايع ٿيل اٿس.

**عظيم سنڌي:** عبدالعظيم سولنگي، 'عظيم سنڌي'، 1952 ۾ محمد يوسف سولنگي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ايم اي سنڌي ادب ۾ آهي. لکڻ جي شروعات 1972ع کان ڪيائين سندس پهرين لکڻي 1973 ۾" مهراڻ ڪاليج مخزن ۾ شايع ٿي. هن نظم، غزل، بيت، وائي، آزاد نظم تي طبع آزمائي ڪئي آهي. 73_1972ع ۾ ڪاليج جي يونين جي لٽريسي سوسائٽي جو سيڪريٽري ۽ 72_1973 ۾ يونين جو صدر چونڊيو ويو. پاڻ شاعريءَ سان گڏوگڏ نثر پڻ لکيو اٿئين. سندس شاعريءَ جو مجموعو مٽيءَ جي مهڪ ۽ نثر ۾ پڻ ہ ٽي ڪتاب ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ اٿس. عظيم سنڌي، سنڌي ادبي سنگت موري جي بنياد وجهندڙن مان هڪ آهي ۽ ڪيترائي دفعا سنگت مورو شاخ جو سيڪريٽري رهيو آهي. سندس تازو شاعريءَ جو هڪ ڪتاب 'مٽيءَ جي مهڪ' نالي ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

**بهاول لغاري:** بهاول ولد سمندر خان لغاري، 12 آگسٽ1940ع تي ڳوٺ لغاري بجراڻي ۾ جنم ورتو. پاڻ هڪ سٺو شاعر ۽ نثر نگار/ ڪهاڻيڪار آهي هن وقت تائين. سندس ٽي ڪتاب 'عشق مون ايمان' (شاعري) 'عشق مون اٽاٽ' شاعري ۽ وري آس، (ڪهاڻيون) شايع ٿي چڪا آهن جڏهن ته سچل جو ٻالڪو جي نالي سان هڪ ناوليٽ ۽ شاعر جو مجموعو 'عشق مون اسرار ڇپجي رهيو آهي.

**رمضان نول:** محمد رمضان ولد محمد موسيٰ نول، ويهين جولاءِ 1961ع تي موري شهر ۾ پيدا ٿيو. 1980ع کان لکڻ جي شروعات ڪيائين جيڪا هڪ ڪهاڻي هئي جيڪا اڻ ڇپيل هئي. پهرين شايع ٿيل تخليق 'وائي' هئس جيڪا 1983 ۾ ڇپي. هن شاعريءَ ۾ غزل، وائي، نثري نظم ۽ نظم تي لکيو جڏهن ته نثر ۾ ڪالم ۽ مضمون ۽ ڪهاڻيون تخليق ڪيون. سندس پسنديده صنف نثري نظم هئي. هن وقت تائين سندس نثري نظمن جا ٻہ خوبصورت مجموعا 'جهيڻي روشني جا نظم' (1997) ۽ روح جا سجدا (1999) شايع ٿيا آهن. جڏهن ته اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ ڪهاڻين جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب پڙاڏا، ڪالمن تي مشتمل ڪتاب ’رخ بنا رستا‘ ۽ شاعري جو مجموعو (غزل ۽ وائي ۽ نظم تي مشتمل ڪتاب) ’درد جي چانو‘ اٿس. واه ڪينٽ اسلام آباد ۾ نوڪري دوران 1985ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ قائم ڪيائين ۽ 86 تائين جوائنٽ سيڪريٽري رهيو. ڪراچي ۾ نوڪري دوران سنگت شاخ جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري تي رهيو. ڪراَچي شاخ جي سيڪريٽري واري دؤر ۾ سنگت کي تمام گهڻو متحرڪ ڪيائين وڏا وڏا پروگرام ۽ ليڪچر ڪرايائين

**ارباب چچڙو:** ارباب ولد محمد صديق چچڙو 4 جون 1954 تي ڳوٺ مورچو لڳ قمرالدين چانڊيو ۾ جائو. 1976ع کان لکڻ شروع ڪيو. هن وقت تائين ڪهاڻيون ۽ مضمون لکيا اٿس. T.V لاءِ ڊرامو پڻ لکيو اٿس. 100 کان مٿي ڪهاڻيون لکيل اٿس. آفتاب اخبار ۾ سندس ڪيترائي مضمون شايع ٿيل اٿس. ان کان علاوه ڪافي رسالن ۾ پڻ هن جو تخليقون ڇپبيون رهن ٿيون پاڻ فن جي دنيا جو ماڻهو آهي.

**ادريس جتوئي:** محمد ادريس ولد محمد حسن جتوئي، 14 سيپٽمبر 1962ع تي ڳوٺ نوڙها تعلقي موري ۾ جائو. ايم.اي (سنڌي ادب) ۽ ايم.اي (ماس ڪميونيڪيشن) آهي. لکڻ جي شروعات 1979ع کان ڪيائين. پهرياڻين شاعريءَ جي شروعات پابند شاعريءَ کان ڪيائين ۽ بعد ۾ آزاد. مضمون/مقالا چڱي تعداد ۾ لکيل اٿس. ”جمال ابڙو: جديد سنڌي ڪهاڻيڪار“ نالي سان هڪ مونوگراف 100 صفحن جو لکيل اٿس جيڪو سال 2005ع ۾ ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ٿيو. ان کان علاوه ٻيو مونوگراف ’پريس تي تشدد‘ پڻ لکيل اٿس. سندس شاعريءَ جو ڪتاب ”دل بہ ڏُنڌلي شام جيان“ ڪتابن جا اپياس، مختلف انٽرويوز ۽ ٻيا تعليمي ڪتاب ڇپائي هيٺ آهن. علي مردان شاهه ’رقصم‘ جي شاعريءَ کي ترتيب ڏئي مقدمو لکيو اٿس. 1984ع ۾ س.ا.س جي شاخ نوان جتوئي ۾ قائم ڪيائين. ان کان علاوه ساس نوشهري ضلعي جو رابطہ سيڪريٽري ۽ سنڌ سنگت جو جوائنٽ سيڪريٽري رهيو آهي. ماهوار ’سنڌ لائين‘ جو ايڊيٽر رهيو آهي. سنڌ جي مشهور تعليمي رسالي ’اخبارِ تعليم‘ جو ايڊيٽو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙ آهي. هن وقت ڊپٽي ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيولم طور ذميواريون نڀائي رهيو آهي. هُو قومي نصاب، درسي ڪتابن ۽ استادن جي تربيت، سنڌ جي تعليم جي معيار بُلند ڪرڻ لاءِ تعليمي ميدان ۾ ساراهه جوڳيون ڪوششون ورتي رهيو آهي.

**منظور علي شاهه:** منظور شاهه 3 مارچ 1962ع تي ڳوٺ ڪانڊڙا (نئون) ۾ سيد گنبل شاهه جي گهر ۾ جنم ورتو. لکڻ جي شروعات 83_1982 کان ڪيائين. سندس پهرين تخليق 'نظم' ۽ پهرين شايع ٿيل تخليق 'ڪافي' آهي. پاڻ هن وقت تائين غزل، نظم، ڪافيون، چؤسٽا، ڏوهيڙا ۽ وائيءَ جهڙين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين. لوڪ ادب جي حوالي سان منظور شاهه سٺي ڄاڻ رکي ٿو. راڳ ۽ تار کي چڱي طرح سمجهي سگهي ٿو. پاڻ ڳجهارت ۽ ڏور جو وڏو ياچارو آهي. ڪيترن نوجوان شاعرن جي شاعريءَ جي اصلاح ڪئي اٿائين.

**پروفيسر شمشاد سومرو:** شمشاد احمد ولد فتح الدين سومرو 6 سيپٽمبر 1963 تي موري شهر ۾ ڄائو. ايم.اي (سنڌي ادب)، ايم.اي (سياسيات)، ايم.اي (معاشيات) ۽ بي ايڊ آهي. ننڍپڻ کان وٺي کيس گهر ۾ علمي ۽ ادبي ماحول مليو. 1982ع کان لکڻ جي شروعات ڪيائين. سندس لاڙو تحقيق ڏانهن گهڻو رهيو آهي. پاڻ موري جي قاضي خاندان جي علمي، ادبي، سماجي، سياسي ۽ ديني خدمتن جو تحقيقي جائزو "جوڳيئڙا جهان ۾" جي نالي سان مڪمل ڪيو اٿائين جيڪو سوا ٻه سؤ صفحن تي مشتمل آهي. سندن ٻين اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ "موري جا مور" (موري جي 80 کان مٿي اديبن ۽ شاعرن جو تذڪرو)، "نينهن ڪيم نروار" (مولوي محمد صادق موروائي جي شاعري ۽ سوانح)، "ساهتيءَ جا ساهتڪار (ورهاڱي کان اڳ جا ساهتيءَ جا هندوستان لڏي ويل اديب)، "ساهتيءَ جا ماڳ مڪان"، "ساهتيءَ جا سرجڻهار"، "سليمان شاهه بودلائي جي شاعري ۽ سوانح"، "ساهتيءَ جا صوفي بزرگ ۽ شاعر" ۽ "ساهتيءَ جون وستيون ۽ واهڻ" اچي وڃن ٿا. ڏيڍ سؤ کان مٿي مقالا، مضمون ۽ پروفائيل لکيل اٿس. سنڌي ادبي سنگت مورو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پراڻي وابستگي اٿس. 1986_1985 ۾ موري شاخ جو ٻه ڀيرا سيڪريٽري رهي چڪو آهي.

**الهڏنو 'محبتي' ملاح:** الهڏنو ولد بخشل خان ملاح، ڳوٺ صالح پور تعلقي موري ۾ پهرين اپريل 1962ع تي پيدا ٿيو. 1985 کان شاعريءَ جي شروعات ڪيائين. شروع ۾ رضا لانگاهه کان رهنمائي ورتائين ۽ شاعريءَ ۾ استاد راشد مورائي اٿس. هن غزل، وائي، ٽيڙو رباعي، هائيڪا ۽ ٻين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪجهه نثر پڻ لکيو اٿس.

**سڪندر 'سانوڻ' ڪورائي:** سڪندر ڪورائي ڳوٺ احمد خان ڪورائي ۾ 1959 ۾ جنم ورتو. لکڻ جي شروعات 1983 کان ڪيائين. هن وائي، غزل ۽ نظم لکيا آهن. پاڻ سنڌي ادبي سنگت مورو جو ٻه ڀيرا دفعا سيڪريٽري رهي چڪو آهي.

**رکيل مورائي:** رکيل سولنگي، ڳوٺ حاجي ماڻڪ ڏنو سولنگي ۾ جاڙو خان سولنگي جي گهر 9 اپريل 1966 ۾ جنم ورتو. 80 جي ڏهاڪي جي شروع ۾ شاعريءَ جي شروعات ڪيائين. هن سيني صنفن مان وائي ۽ غزل تي وڌيڪ لکيو آهي. سنڌي ادبي سنگت مورو جو سيڪريٽري رهي چڪو آهي. سندس شاعري ٽماهي 'مهراڻ' ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي آهي. شاعري کان سواءِ نثر ۾ پڻ چڱو لکيو اٿس. اديبن شاعرن جي ڪتابن تي تبصرا، تنقيدي مضمون ۽ مقالا پڻ لکيا اٿس. ٻه چار ڪتاب پڻ ايڊٽ ڪيا اٿس.

**آپا رحيما سيال:** آپا رحيما سيال 1957 ۾ سائين الهه بچايو سيال جي گهر ۾ ڳوٺ گل محمد سيال ۾ جنم ورتو. پاڻ ايم اي (سنڌي ادب) ۽ ايم ايڊ آهن. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم.فل به ڪئي اٿائين. سندس تحقيقي مقالي جو عنوان آهي "مورو ۽ خيرپور جو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب جي فروغ ۾ حصو ـ هڪ تقابلي جائزو". سندن انهيءَ نالي سان هڪ شاندار ڪتاب سنڌ ساهت گهر پاران 2006 ۾ شايع ٿيو آهي.

**پروفيسر ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم شاهه:** ڊاڪٽر پروفيسر اُمِ ڪلثوم شاهه ڳوٺ جوٽالوءِ ۾ 1954ع تي سائين جلال الدين شاهه جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر آف فلاسافي جي ڊگري 2000 ۾ ورتائون. سندن تحقيقي مقالي جو عنوان آهي ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعارا ۽ تشبيهون“. سندس ٿيسز 2007 ۾ شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي پاران ڇپجي چڪي آهي. سندن تحقيقي مقالا تماهي تحقيقي جرنل ”ڪلاچي“ ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. پاڻ هن وقت گورنمينٽ گرلس ڪاليج نواب شاهه ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر آهن.

**نجم سرهيو:** نجم الدين ولد شمس الدين سرهيو 11 اپريل 1967 تي ڏيپارجا تعلقي موري ۾ پيدا ٿيو. لکڻ جي شروواعت 1985 کان ڪيائين. هن غزل، گيت، وائي، ٽيڙو ڪافي، نظم ۽ آزاد نظم سرجيا آهن. 1990 ۾ س.ا.س موروشاخ جو سيڪريٽري رهيو آهي.

**رضا لانگاهه:** رضا لانگاهه 9 مئي 1969ع تي موري شهر ۾ جائو. سندس تعليمي لياقت ايم.اي (سياسيات) آهي. هن لکڻ جي شروعات 1985 کان ڪئي. پاڻ هڪ سنو شاعر آهي. پاڻ هن وقت تائين وائي، غزل، نظم، بيت، چؤسٽا ۽ ٽيڙو تي طبع آزمائي ڪئي آهي. پاڻ نظم کان علاوه ڪجهه سگهارو نثر پڻ لکيو اٿس. س.ا.س موروشاخ جو ٻه ڀيرا خزانچي رهي چڪو آهي.

**اسلم عباسي:** محمد اسلم ولد حاجي الهداد عباسي، موري پرسان ڳوٺ علي بخش ڪلهوڙي ۾ 25 نومبر 1968ع تي جنم ورتو. لکڻ جي شروعات 1985 کان ڪيائين. هن شروعات ۾ آزاد نظم ۽ ٽيڙو لکيا بعد ۾ نثر لکڻ شروع ڪيائين. 1993 کان 1996ع تائين ماهوار ”پيپلز ٽائيمز“ ۽ 1997ع کان هن وقت تائين ’سنڌ رويو‘ جو ايڊيٽر آهي. هن نوجوان ٻه چار ڪتاب (تاريخي مقالن جا) ايڊٽ ڪيا آهن، جن مان ڪتاب ’ميان غلام شاهه ڪلهوڙو: سنڌ جو شاهجهان‘، ’ڪلهوڙا دور هڪ مطالعو‘ ۽ ’ضلعو نوشهروفيروز: تاريخ جي آئيني ۾‘ مرتب ٿيل آهن. پاڻ سنڌي ادبي سنگت جو تمام متحرڪ ڪاروباري ڪاميٽي جو ميمبر رهيو آهي. موري جي علمي ادبي ۽ سماجي پروگرام ڪرائڻ ۾ سدائين اڳيرو رهيو آهي. گڏوگڏ پاڻ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن شاخ مورو جو عهديدار پڻ رهيو آهي ۽ مرڪزي عهديدار پڻ رهي چڪو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**عبدالرزاق مستوئي:** عبدالرزاق ولد ولي داد مستوئيءَ جو جنم 28 جنوري 1968ع تي ڳوٺ چتن شاهہ لڳ منياٽي ۾ ٿيو. هن وائي، نظم، آزاد نظم، گيت ۽ غزل لکيا آهن پر سندس گيت ۽ نظم تمام ڀرپور آهن. 1987 ۾ سنگت مورو شاخ جو سيڪريٽري رهي چڪو آهي.

**خليق ٻگهيو:** خليق الله ولد عزيزالله ٻگهيو گچيري پراڻي ۾ جنم ورتو. پاڻ هڪ بهترين مضمون نگار آهي. سندس ڪيترائي تنقيدي مضمون سنڌ جي مختلف نثرنگار ۽ شاعرن تي لکيل آهن. ان کان علاوه سندس پتائيءَ جي حوالي سان پڻ ٻہ چار مضمون لکيل آهن. هن نوجوان کي تنقيد نگار جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

**اسد سولنگي:** اسد سولنگي ولد مير محمد سولنگي جو جنم 2 اپريل 1971ع تي ڳوٺ محمد سليمان سولنگي لڳ قمرآباد ۾ ٿيو. سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو جو سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي. شاعري ۽ نثرنويسي ۾ بهترين غزل ۽ مضمون لکندو رهي ٿو. پاڻ سنڌي ادبي سنگت ۾ مرڪزي عهديدار پڻ رهيو آهي. پاڻ بهترين نقاد پڻ آهي.

**اسلم لغاري:** محمد اسلم ولد الهبچايو لغاري، موري پرسان ڳوٺ حسين آباد ۾ ڄائو. هن جهانيان رائيٽرس گلڊ ۽ جهانيان ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان پنهنجي ادبي شروعات ڪئي. اڳتي هلي ٻن ڇئن دوستن جي ساٿ سان س.ا.س شاخ شاهپور جهانيان جو بنياد وڌو. هن شاعريءَ سان گڏ نثر پڻ لکيو آهي. سلسيوار 'ڏيئو' جا 9_10 پرچا ڪڍيا اٿس. ڪيترائي ادبي پروگرام ڪرايا اٿس. سندن والد جي بهترين لائبرري اٿس.

**اظفر ميمڻ:** اظفر سعيد ولد محمد اسماعيل ميمڻ، موري ۾ 14 جون 1976ع تي جنم ورتو. پاڻ ايم.اي (سوشيالاجي)، ايم.اي (جرنلزم) ۽ ايم اي (سنڌي ادب) ۾ ڪئي اٿائين. پاڻ نثري نظم، ڪهاڻيون، مضمون، هڪ ناول لکيو اٿس. ادبي سنگت مورو شاخ جو ٽي ڀيرا سيڪريٽري رهيو آهي.

**هدايت ڏيپر:** غزل ۽ وائيءَ جو بهترين نوجوان شاعر هدايت الله ڏيپر موري جي اتر ۾ ڳوٺ وڏ پاڳيا ۾ جنم ورتو. ادبي سنگت مورو سان سندس وابستگي پراڻي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**خادم ٻگهيو:** ارباب علي ٻگهيو ولد عبدالرؤف ٻگهيو ڳوٺ حاجي عبدالغفور ٻگهيو ۾ جنم ورتو. ادبي سنگت مورو جي ادبي ڪلاسن مان پرورش پاتائين. نوجوان ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان اڀريو. سندس ڪهاڻيون ماهوار 'سهڻي' ۾ تعارف سان طارق اشرف شايع ڪيون. ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو ۾ اسسٽنٽ پروفيسر هو. اتي ۾ تي ڪتاب ترتيب ڏنائين.

**انور ساگر ڪانڌڙو:** انور ساگر ڪانڌڙو موري شهر جي اولهه ۾ بچاءَ بند پرسان ڪانڌڙا ڪالونيءَ ۾ علي نواز ڪانڌڙي جي گهر ۾ ڄائو. سٺو نثرنگار ۽ شاعر آهي. بهترين نظم ۽ گيتن جو تخليقڪار آهي. سندس سٺا مضمون پڻ لکيل اٿس. پاڻ ايم.فل ڪري رهيو آهي. سندس عنوان "استاد بخاري جي شاعري" آهي. انور اردو جو ليڪچرر آهي.

**عزيز سولنگي:** خوبصورت نوجوان شاعر عزيز سولنگي، 1985ع ۾ موري شهر جي اوير ۾ سنڌ ڪالوني ۾ جنم ورتو. شاعري جي شروعات 1999ع کان ڪيائين. غزل، گيت، وائي، هائيڪا ۽ نظم سرجيا اٿس. بهترين غزل، گيت ۽ نظم لکيا اٿس.

**امداد سولنگي:** امداد 26 سيپٽمبر 1976ع تي ڊاڪٽر سليمان سولنگي جي گهر ۾ موري لڳ ڄائو. سندس ادبي سفر جي شروعات 1993ع کان ٿي. پاڻ هڪ سٺي شاعر سان گڏوگڏ هڪ سٺو نثر نويس پڻ آهي. سندس شاعريءَ جو خوبصورت مجموعو "ماٺ جي موسم" جي نالي سان شايع ٿيل آهي.

**خادم بالادي:** نوجوان شاعر ۽ نقاد خادم بالادي ولد استاد بخشل بالادي مورو ۾ جنم ورتو. پاڻ نثري نظم جو شاعر ۽ نقاد طور سڃاتو وڃي ٿو.

**مٺڪش سومرو:** عبدالرزاق 'مٺڪش' سومرو پهرين جون 1975 تي موري شهر ۾ جنم ورتو. هن 1994 کان لکڻ شروع ڪيو. شاعريءَ ۾ غزل جي صنف سان سٺو نياءُ ڪيو اٿائين. علم عروض جي سٺي ڄاڻ اٿس. سندس شاعري دادوءَ جي ٽن نوجوانن سان گڏ 'موڪي مٺ اپٽيا' جي نالي سان شايع ٿيل آهي.

**اپس نسيم ميمڻ:** نسيم ميمڻ 'سنڌو'، موري شهر ۾ محمد حسن ميمڻ جي گهر، 3 مئي 1975ع تي جنم ورتو. ايم. اي (سنڌي ادب) ۽ بي ايڊ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيشي جي لحاظ کان استاد آهي. هن شاعري جي شروعات 1992ع کان ڪئي. سندس شاعري مختلف رسالن ۾ جهجهي تعداد ۾ شايع ٿي آهي. هن غزل ۽ وائي جي صنف تي گهڻو لکيو آهي. نثر ۾ پڻ گهڻو ڪجهه لکيو اٿس.

**ممتاز چنا:** ممتاز علي چنه 7 فيبروري 1973 تي ڳوٺ وڏ پاڳيا تعلقي موري ۾ ڄائو. 1986ع کان لکڻ جي شروعات ڪيائين. غزل ۽ نظم سندس پسنديده صنفون هيون. س.ا.س مورو جو عهديدار پڻ رهيو. راشد مورائي کان شاعريءَ جي رهنمائي ورتائين.

**رجب 'راز' پٽي:** رجب علي ولد عمر پٽي، موري لڳ ڳوٺ ڏتل پٽيءَ ۾ 14 آگسٽ 1971ع تي ڄائو. 1990 کان شاعريءَ جي شروعات ڪيائين. ڪافي صنفن تي طبع آزمائي ڇڪو آهي پر غزل چڱو لکيو اٿس. ان کان علاوه نثر ۾ پڻ لکيو اٿس.

**ظفر لغاري:** ظفر ولد منظور حسين لغاري موري شهر ۾ 15 مئي 1970 تي پيدا ٿيو. 97ع ۾ ايم.ايس.سي ٽنڊو ڄام زرعي يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. هن لکڻ جي شروعت 1995ع کان ڪئي، جيڪا ڪهاڻي هئي. پاڻ ڪهاڻيڪار ۽ ترجمي نگار طور سڃاتو وڃي ٿو. 2000ع ۾ سندس ڪهاڻين جو مجموعو "پُورنءِ مان نڪتل ماڻهو" شايع ٿيو. هن جا ٽي چار ترجمو ڪيل ڪتاب "سنڌي ساهت گهر" پاران ڇپيل آهن جن ۾ سگمنڊ فرائڊ (2005).

**احمد سولنگي:** احمد حسين ولد رسول بخش سولنگي موري شهر ۾ 05 جنوري 1971ع تي ڄائو. 1985 ڌاري شاعري جي شروعاث ڪيائين. هن وائي، نظم، آزاد نظم، گيت ۽ غزل لکيا آهن. پر سندس آزاد نظم، گيت ۽ نظم تمام پرپور آهن. 1987ع ڌاري سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو جو سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي. هن وقت حڪومت سنڌ ۾ ڊائريڪٽر ايڪسائيز آهي. سندس شاعريءَ جو ڪتاب ڇپائي هيٺ آهي.

**حسن شاهه صوفاڻي:** حسن شاهه صوفاڻي، 1974 ۾ ڳوٺ صوفاڻي سيد لڳ پراڻا جتوئيءَ ۾ سيد گلبهار شاهه جي گهر ۾ ڄائو. مجازي شاعريءَ سان شروعات ڪيائين. سندس باضابطه شاعري جي شروعات س.ا.س گلشن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حديد ۾ ڪراچي مان ٿي. غزل، نظم، بيت، وائي، پنجڪڙا، هائيڪا ۽ ڏيڍ سٽا لکيل اٿس. غزل ڪجهه گهٽ لکيو اٿس. ”چند مسافر آ“ (2006ع ۾ ڇپيل شاعريءَ جو مجموعو ۽ ”خواب ۽ اوسيئڙا“ ڇپائي هيٺ آهي.

**ذوالفقار ٻهڻ:** نوجوان شاعر ذوالفقار ٻهڻ موري جي پرسان ڳوٺ دورو ٻهڻ ۾ حاجي محمد عثمان ٻهڻ جي گهر ۾ 1972ع ۾ جنم ورتو. ايم.اي، ايم.ايڊ ۽ ايجوڪيشن ۾ ايم.فل آهي. هن وقت اسسٽنٽ پروفيسر طور ايليمينٽري ڪاليج لياري ڪراچيءَ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. سندس شاعريءَ جو ڪتاب ”منهنجا خواب گلابن جهڙا“ جي نالي سان 2009ع ۾ شايع ٿيو آهي.

**عرفان عباسي:** نوجوان اديب ۽ صحافي عرفان عباسي ولد عبدالحڪيم عباسي 08 مئي 1968ع تي موري شهر ۾ جنم ورتو. ميٽرڪ، انٽر مهراڻ ڪاليج مورو مان ڪرڻ بعد ٽنڊو ڄام زرعي يونيورسٽيءَ مان ڊگري حاصل ڪيائين. ننڍپڻ کان ادبي سرگرمين ۽ پوءِ سياسي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتائين. ادب سان گڏوگڏ صحافتي دنيا ۾ 1993ع کان حصو ورتائين. ماهوار رسالو ’پيپلز ٽائمز‘ ۽ ’سنڌ رويو‘ ڪراچيءَ کان جاري ڪيائين. پاڻ رسالن جو چيف ايڊيٽر آهي. سنڌ ۾ تمام گهٽي مڃتا ماڻي چڪو آهي. پاڻ ڪالم نويس پڻ آهي.

مٿين اديبن ۽ شاعرن کان علاوه موري ۾ هينئيان اديب ۽ شاعر رهن ٿا جيڪي پنهنجي ادبي پورهئي سان سنڌي ادب کي مالامال ڪري رهيا آهن. حاجي احمد بخش سولنگي، نذير راهوجو مرتضيٰ شيخ، عزيز ٻهڻ، شاد ڪوڪر، بهادر ٻهڻ، عنايت سولنگي، هاشم سولنگي، صفدر سعيد ’ماڻڪ‘، غلام مصطفيٰ ڇجڙو ’عقاب مورائي‘، بالا بلوچ، مصطفيٰ سولنگي، علي رضا حب، ڄام صنم، آس قاضي، پرهه سونهن، فهد ميمڻ، عرفان عباسي، پروفيسر حق نواز ميمڻ، نعيم ميمڻ، عزيز الله پنهور، ساحل ڪيريو نذير ميمڻ ۽ وزير فرهاد سولنگي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موري جي صحافتي تاريخ اشاعتي ادارا ۽ لئبرريون

صحافت صحيفي مان ورتل آهي. انبياءِ ڪرام تي الاهي حڪمن ۽ غيب الاهي جي ڄاڻ لاءِ وحي نازل ٿيندو هئو ۽ الله جي طرفان نبي جي لاءِ پيغام رسائيندو هئو ان لحاظ کان هي مقدس پيشو آهي شرط اهو آهي تہ هن ذميواري کي ايمانداري سان نڀائجي. مورو شهر ساهتي پرڳڻي ۾ دل جي حيثت رکي ٿو.مان ايترو چوڻ ۾ حق بجانب ٿيندس تہ جيترا صحافي موري تعلقہ مان پيدا ٿيا اهڙي سعادت شايد ئي ڪنهن ٻئي تعلقي کي ٿي هجي، ورهاڱي کان اڳ واحد سنڌي اخبار الوحيد جو ايڊيٽر قاضي خدا بخش بہ موري شهر جو ڄائو هئو جنهن کي ڪراچيءَ جي پهرين مسلمان ميئر بڻجڻ جو اعزاز مليو. ورهاڱي کان اڳ بمبئيءَ مان شايع ٿيندڙ سنڌي روزانہ اخبارون هندو سماچار ۽ سنسار ايند. ن هيون جِن جي خريدارن ۾ راقم جو ڏاڏو حڪيم الهہ بچايو ڪانڌڙو ساڪن ڳوٺ خدابخش ڪانڌڙو بہ شامل هئو.

موري شهر جو حڪيم پسو مل، قاضي برادران- سيد جعفر علي شاھ، محمد هاشم ملنگ بہ خريدارن ۾ شامل هئا. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ مورو ايندڙ اخبارن ۾ روزانہ هلال پاڪستان- روزانہ مهراڻ روزانہ نوائي سنڌ، روزانہ ڪاروان روزانہ خادمِ وطن، اخبارون ايندڀون هيون، جن جا ايجنٽ غلام حسين ميمڻ، مجاهد ميمڻ ۽ عظمت الله خان ۽ پيارو خان هوندا هئا 1963ع ۾ روز نامہ حريت ڪراچي جو آغاز ٿيو. موري ۾ رحيم ڏنو ميمڻ وٽ اچڻ شروع ٿي جنهن روزنامہ جنگ کي بہ سرڪيو ليشن ۾ پوئتي ڇڏي ويئي، ان وقت روزانہ عبرت لاءِ عيوضي غلام حسين مجاهد ميمڻ هوندو هو بعد ۾ قاضي نورالدين ۽ حاجي محمد يوسف ميمڻ عيوضي بنيا، مورو صحافي برداري جي پهرين گڏجاڻي 1978ع ۾ ٿي . جنهن ۾ آرگنائيزر عشرت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوخان جنگ ۽ ڊپٽي آرگنائيزر حافظ عبدالحق پنهور (جسارت کي چونڊيو ويو ان وقت ميمبرن ۾ حاجي محمد يوسف ميمڻ، عبدالواحد ميمڻ سنڌ نيوز رحيم ڏنو ميمڻ، هلال، عبدالرسول ميمڻ (آفتاب) مرزا محمد اسماعيل بيگ (مشرق) بخشل احمد جماڻي (مهراڻ) ميمبر هئا.

1982ع ۾ چونڊ ٿي جنهن ۾ صدر عشرت يوخان ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالرسول ميمڻ چونڊيا ويا. عبدالرسول ميمڻ جي سربراهي ۾ مورو پريس ڪلب جو پهريون آئين مرتب ڪيو ويو ان وقت پريس ڪلب جي آفيس لاءِ ڪانڊڙا گهٽي ۾ هڪ ماڙي مسواڙ تي ورتي ويئي 1985ع ۾ ٽائون ڪاميٽي آفيس پرسان ٽائون ڪاميٽي جي ٺهيل دڪان ۾ پريس ڪلب کي منتقل ڪيو ويو. 21 نومبر 1991ع ۾ ملڪ جي وقتي وزير اعظم غلام مصطفيٰ جتوئي مورو پريس ڪلب جي پيڙه جو پٿر رکيو.

ملڪ جي نگران وزيراعظم جناب غلام مصطفيٰ خان جتوئي پٿر رکيو ان وقت پريس ڪلب جو صدر حاجي خان لغاري ۽ جنرل سيڪريٽري عشرت يو خان ۽ خزانچي بشير لغاري هئا. ان بعد پريس ڪلب مورو پنهنجو سفر جاري رکندي پئي اچي. هن وقت مورو پريس ڪلب جي شاندار عمارت موجود آهي. پريس ڪلب جي عمارت ۾ لائبرري قائم ڪئي ويئي آهي جيڪا رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي جي نالي سان منسوب ڪئي وئي آهي. جنهن جو افتتاح جلد ٿيڻ وارو آهي. مورو پريس ڪلب جو صدر بشير احمد لغاري، 1990ع حاجي خان لغاري 1991ع، عبدالغفار عباسي 1992، حافظ عبدالحق پنهور1993، صدر الدين سومرو 1994 عبدالغفار عباسي، 1996 صدرالدين سومرو 1997، غازي عبدالحليم لغاري 1998، عبدالغفار عباسي 2000، صدر الدين سومرو 2001، غازي عبدالحليم لغاري 2002، سومر سولنگي 2003، بشير احمد لغاري 2005، اسحاق ڪورائي 2006، بخشل احمد جماڻي 2007، علي اصغر ڪورائي 2008_2010، جنرل سيڪريٽري 1990 عبدالحليم لغاري، 1991 عشرت يوخان، 1992 صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڊڙو 1993 حاجي خان لغاري، سومر سولنگي، 1995ع، عشرت يو خان 1998، آفتاب احمد سومرو 2000، سومر سولنگي 2001، حاجي بادل زرداري 2002، عشرت يو خان 2003، محمد يونس سولنگي، 2005، محمد بخش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عالماڻي 2006، عزيز احمد ڪورائي 2007، اختر لغاري 2008، سومر سولنگي 2009_2010 رهيا آهن.

مورو پريس ڪلب جي مالي ساهتا ڪندڙ شخصيتون هي آهن غلام مصطفيٰ جتوئي 1 لک روپيه 1990ع سابق وزيراعظم نواز شريف 1992 هڪ لک روپيا. مسرور خان جتوئي 1 لک 1992، غلام مرتضيٰ جتوئي 30 هزار 1994ع، عاقب خان جتوئي 50 هزار 1996، غلام مصطفيٰ ٻگهيو. 25 هزار 1997، متحده قومي موومينٽ جو سربراهه الطاف حسين 50 هزار 2001، علي محمد مهر وزيراعليٰ سنڌ 2 لک 2003، عارف مصطفيٰ جتوئي 30 هزار 2003، عارف مصطفيٰ 30 هزار 2004، ارباب رحيم وزيراعليٰ سنڌ 25 هزار 2005، قمرمنصور 25 هزار 2005، نذر محمد ڪلهوڙو 30 هزار 2005 ، احمد نواز ٻهڻ 50 هزار 2005، ارباب رحيم 25 هزار 2006، عاقب جتوئي 20 هزار 2006، چام نور محمد 20 هزار 2006.

## مورو جا صحافي:

لال خان لاکو شمس الدين سولنگي، قاضي نور الدين، عبدالواحد ميمڻ، محمد صديق عباسي، عبدالغفار عباسي وقار احمد، شفقت عباس، جاويد اقبال، محمد اسماعيل راجپوت، ادريس جتوئي، الله بخش راڻوڙ اسلم ٻگهيو نثار منگي، رسول بخش ٻگهيو محمد حنيف پنگر، غفار ڪورائي، ملڪ غفار اسلم عباسي، غلام مصطفيٰ چچڙو قاضي محمد بخش، سيد زنوار حسين شاهه، حاجي نور محمد ڪانڌڙو احمد خان لغاري غلام حيدر مهجور عنايت الله سومرو اسلم مغل، ذوالفقار علي گرماڻي، صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو شهزاد ڪانڌڙو ابرار حسين ڪمالاڻي، حسينه ميمڻ جتوئي، عرفان عباسي محبوب عباسي، تنوير عباسي.

جاويد مصطفيٰ ڪانڌڙو غلام عباس عباسي، سيد ارشاد علي بخاري، عبدالرزاق مستوئي، سنڌ ٽي وي، غلام نبي مورائي مالڪ مهراڻ ٽي وي، خدا بخش ميمڻ، اعجاز احمد ڪورائي، عزيز احمد ڪورائي عظيم سنڌي، صنم سنڌي تصور احمد شاهه راجپوت، اختر علي لغاري مهراڻ ٽي وي، بشير احمد لغاري جنگ ۽ Geo رضيه مورائي. ايس نسيم ميمڻ عزيز ٻهڻ، منظور شاهه، نجم سرهيو رضا لانگاهه، نذير احمد راهو جا، بشير احمد مستوئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعيب عباسي، رحمان ملڪ، الهہ بخش ڪيڙو، الهہ بخش رانوڙ اسلم لغاري، ساجد علي شاهہ ڪاظمي انيس القدير، شفيق احمد، ميهر الدين عباسي جاويد اقبال (گڊو) اسلم قريشي، شمس ملاح، محمد بخش عالماڻي، شمس الدين سولنگي،صدرالدين سومرو، مولوي عبدالرحمان سومرو، محمد صالح ڪوسو، حاجي محمد يونس (حڪيم) سولنگي، رياض احمد غوري، محمد هاشم نول ڊرتي TV، چينل هادي بخش چانڊيو شوڪت علي آرائين ، (خبرين) شهيد شمس الحق ڪانڊڙو، شمس ڪيريو سرفراز ٻگهيو وحيد منل لغاري، غلام رسول لغاري، راشد ڪلهوڙو، ايوب ڀٽ،منير آرائين، احمد سولنگي، سليمان سولنگي مشتاق سولنگي، رزاق مستوئي آواز ۽ دنيا TV هنن نوجوانن جو ڪردار ميڊيا ۾ گهٽ آهي.

مورو جي صحافتي ايمہ آر ڊي رپورٽنگ متعلق مواد گل حيات انسٽيٽيوٽ، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ وٽ محفوظ آهي.

## نيشنل پريس ڪلب مورو:

نيشنل پريس ڪلب مورو جو بنياد 2005 ۾ وڌو ويو جنهن جا بنيادي ميمبر ۽ عهديدار مرحوم عبدالغفار ڪلهوڙو، علي شير ڏيپر، محمد علي شيخ، ايمہ اشرف ٻگهيو عبدالحق ڏاهري، ذوالفقار گرماڻي مشتاق ٻگهيو شاهہ بيگ ڀرڳڙي، شوڪت آرائين ۽ ٻيا هئا. نيشنل پريس ڪلب مورو کي جلد ئي نيشنل پريس ويلفيئر فائونڊيشن جي نالي سان رجسٽرڊ ڪرايو ويو. نيشنل پريس ڪلب جي ڀرتين حلف وفاداري مين اسڪول مورو ۾ محترم ضلع ناظم رئيس عاقب خان عرف غلام رسول جتوئي ڪٽائي ان موقعي تي راڳ رنگ جي پڻ محفل رچائي وئي هئي جنهن ۾ سنڌ جي مهان راڳي ممتاز علي لاشاري ۽ ٻين فنڪارن سڄي رات ڳائي سوين ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو. جنهن کان پوءِ نيشنل پريس ڪلب مورو پنهنجو سفر روان، دوان رکيو. خاص ڪري نوجوان ۽ جاکوڙي نمائندي علي شير ڏيپر جي محنتن ڪاوشن ۽ ڪوششن سان نيشنل پريس ڪلب مورو پنهنجو پاڻ مڃايو آهي. هن وقت نيشنل پريس ڪلب مورو جو صدر علي شير ڏيپر نمائنده پي پي آءِ نيوز ايجنسي، شام سچل 105 F.M نواب شاهہ ۽ وڪٽوريہ پلس، جنرل سيڪريٽري شمس عمراڻي روزاني آس، سينيئر نائب صدر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد علي شيخ، نمائنده رياست، دهوم TV نائب صدر ايم اشرف ٻگهيو روزاني سچل، جوائنٽ سيڪريٽري جاويد مصطفيٰ ڪانڌڙو روزاني مقدمہ ڪراچي، فنانس سيڪريٽري ظفرالحق پنهور روزاني امت ۽ تڪبير ڪراچي، پريس سيڪريٽري ذوالفقار علي مري روزاني مقدمو ڪراچي، آبڊيٽرو ڪيل عبدالسلام عافر آرائين نمائنده ميٽروون TV ۽ سنڌ ٽربيون، راڻايا سر علي خان آن لائين، جاني جماڻي نئون سج، ۽ واڪا ڪراچي سميت 18 صحافي پنهنجي قلم جي نوڪ سان شهرين ۽ ٻهراڙين جي ماڻهن کي صفائي بجلي، وغيره مسئلن کي اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ لاءِ جاکوڙي رهيا آهن هن وقت نيشنل پريس ڪلب مورو جو نالو صرف مورو ۾ نہ پر هر ننيڍي وڏي شهر ۾ محنت ۽ ڪارگردگي جي ڪري مشهور آهي مورو ۽ آس پاسَ جا ڪيترائي ظالمن جا ستايل ۽ ٻين مسئلن ۾ گهيريل ماڻهون روز نيشنل پريس ڪلب پهچي صحافين وٽ پنهنجا مسئلا رڪارڊ ڪرائين ٿا. تازو مورو ۾ سنڌ صحافي سنگت قائم ڪئي وئي آهي، جنهنجو چيف آرگنائيزر اختر لغاري ۽ آرگنائيزر صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو مقرر ڪيو ويو آهي.

## اشاعتي ادارا ۽ لائبريون:

مورو ۽ ڀرپاسي ڪيترائي اشاعتي ادارا ۽ پبليڪيشنون قائم ٿيون جن ماهوار ميگزين ۽ هفتہ وار ۽ 5 روزمره اخبارون رسالا شايع ڪيا. مولوي عبدالرحمان سومرو مورو ۾ پهرين ليٿو پريس قائم ڪئي ۽ هڪ هفتي وار اخبار جاري ڪئي. سندس پٽ صدرالدين سومرو روشني پبليڪشن قائم ڪري 5 هزار روشني اخبار شائع ڪئي جيڪا هاڻي بند ٿي ويئي آهي. صحافي نواب علي اصغر ڪورائي ڪاروان پبليڪيشن قائم 15 روزه ڪاروان شائع ڪئي جيڪا هاڻي بند ٿي ويئي آهي.

عبدالرزاق مستوئي باک پبليڪشن قائم ڪري ماهوار باک جاري ڪئي، عزيز ٻھڻ جاکوڙ پبليڪشن، قائم ڪري هفتي وار جاکوڙ شائع ڪئي.

نذير احمد راهوجا رابيل پريس قائم ڪري هفتيوار رابيل شايع ڪئي، جيڪا هاڻي شايع نہ ٿي رهي آهي. هيو من رائٽس انٽرنيشنل الائنس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان ماهوار هيومن رائيٽس شائع ٿيندي هئي. سرهيا پرنٽنگ پريس طرفان. هفتيوار الحق شائع ٿيندي هئي جنهن سٺي مقبوليت حاصل ڪئي. صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو جي سرپرستي ۾ شمس پيلبڪيشن طرفان ماهوار سنڌ سپيتا 2 سال تاءِ شائع ٿيندو رهيو جنهن جو چيف ايگزيڪيٽو جاويد مصطفيٰ ڪانڌڙو نمبر پڻ شائع ڪيو. جنهن جي مهورت مهراڻ سٽيزن ڪلب ۾ ٿي هئي. نوان جتوئي ۾ پروفيسر جمال الدين مومن. مومن پبليڪشن قائم ڪري ڪافي ڪتاب شائع ڪرايا جن ۾ صابر جا سخن ۽ صوفي ساڃاهه ڪافي مقبول ٿيا. شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي طرفان سلسلي وار ڪتابي سلسلو شائع ٿيندو رهيو. جنهن جو ايڊيٽر عبدالرزاق اڪيڊمي طرفان سلسليوار جاري ڪيو. 1966ع ۾ مورو ۾ بزم گلشن ادب ڊاڪٽر خان محمد پنهور جي ڪوشش سان قائم ڪيو ويو جنهن بعد ۾ نالو تبديل ڪري اداره آئين ادب رکيو ويو جنهن لهرون لک لباس، ڪانڌي ڪنگ ٿياس ۽ ڪريو ڪوٽ ٿهر جو شائع ڪرايا. مهراڻ ڪلچرل سوسائٽي محترم بدرالدين اڄڻ جي ڪوشش سان قائم ڪئي وئي جنهن موري تي پهريون تاريخي ڪتاب مورو ناهي ٿورو شائع ڪرايو جنهن جو مصنف محمد مٺل ڪمالاڻي هيو. ساڃاه فورم طرفان مورو جو نامور اديب صحافي عظيم سنڌي ماهوار ساڃاهه مورو مان پڌرو ڪندو آهي.

## لائبرريون:

مهراڻ طبيه ڪاليج لائبرري 1980ع ۾ مورو شهر جي نامور حڪيم پروفيسر صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڌڙو جي ڪوشش سان مهراڻ طبيه ائسوسيئيشن مورو جو بنياد رکيو ويو ۽ پارٽ ٿي سندس پهريون صدر چونڊيو ويو جڏهن ته نائب صدر حڪيم حاجي شفيع محمد ميمڻ، جنرل سيڪريٽري، حڪيم غلام رسول لاڪو مقرر ٿيو خزانچي حڪيم حاجي خان لغاري بنيو هن ۾ سيد علي بخش شاه پروفيسر، پروفيسر محمد هارون بلال، حڪيم محمد بخش ميمڻ، حڪيم قاضي سراج الدين، ڊاڪٽر محمد صادق آرائين، پروفيسر نذير احمد قاضي، حاجي جان محمد عطارسر هيو عظيم سنڌي، صلاح الدين پنهور، حڪيم نياز همايوني، علي محمد ميمڻ، عبدالله لغاري، غلام نبي ميمڻ جهڙا ناميارا شخص شامل هئا. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائسوسيئيشن جي جدوجهد سان 1987ع ۾ مورو ۾ مهراڻ طبيہ ڪاليج قائم ٿيو. هن ڪاليج جي قائم ڪرڻ جو مک ڪردار پروفيسر حڪيم صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڊڙو ۽ پروفيسر حڪيم غلام رسول لاکو هئا. هن ڪاليج ۾ قائم لائبرري ۾ اٽڪل پنج سو ڪان وڌيڪ نصابي ۽ غير نصابي ڪتاب موجود آهن. هن وقت لائبريرين حڪيم عابد حسين ڪانڊڙو آهي.

## مورو ٽائون ڪاميٽي لائبرري:

هن جو بنياد ان وقت جي مورو ٽائون جي چيئرمين حاجي جان محمد سرهيو رکيو. هن لائبرري ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ ادبي ديني سائنسي ۽ معلوماتي ڪتاب هئا ۽ شاندار گول عمارت هئي سڀ اخبارون لائبرري ۾ اينديون هيون. ليڪن دور منجهڻ ۽ بي ڌياني سبب ڪتاب گم ٿي ويا ۽ اڄ اها عمارت بہ موجود نہ آهي.

## مورو گرلس ڪاليج لائبريري:

هتي پڻ شاندار لائبريري آهي جنهن ۾ هر موضوع جا ڪتاب موجود آهن, ڪاليج ۾ پڙهندڙ نياڻيون پڙهن ٿيون.

## سگا لائبرري:

سگا جي ڪارڪن خاص طرح عظيم سنڌي جي ڪوشش سان قائم ڪئي ويئي. مورو ميونسپل جي هڪ حصي ۾ هي لائبرري اڄان وجود قائم رکيو اچي ليڪن سنڌس اها اوج هاڻي نہ رهي آهي جيڪا اڳي هئي.

## مهراڻ ڊگري ڪاليج لائبرري:

هن لائبرري ۾ اڳ تمام گهڻا ڪتاب موجود هوندا هئا ليڪن بي ڌياني سبب هي لائبرري بہ پنهنجي اوج قائم نہ رکي سگهي آهي.

## گورنمنٽ هاءِ اسڪول لائبرري:

هي لائبرري اسڪول قائم ٿيڻ سان گڏ وجود ۾ آهي ليڪن هي بہ بي ڌياني جو شڪار آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سچل سرمست لائبرري:

الطاف حسين سومرو ۽ پروفيسر شمشاد سومرو جي ڪوشش سان قائم ٿيل لائبرري آهي هن لائبرري پاران اشاعتي سلسلو شروع ڪيو ويو هئو ليڪن هاڻي اهوجاري نہ آهي لائبرري روان دوان آهي ڪافي قيمتي ڪتاب موجود آهن هي لائبرري روزانہ کلندي آهي.

## روشن تارا هاءِ اسڪول مورو لائبرري:

هن لائبرري ۾ شروع ۾ 500 کان مٿي ڪتاب موجود هئا هي لائبرري اڄ اسڪول ۾ موجود آهي ليڪن ان ۾ خاص واڌارو اچي نہ سگهيو آهي.

## جمال الدين "مومن" لائبرري:

هي لائبرري نوان جتوئي جي اورينٽل ڪاليج ۾ قائم آهي تمام گهڻا ڪتاب لائبرري ۾ موجود آهن پروفيسر محمد حسن "فدا" ۽ حبيب خاصخيلي جي نگراني ۾ لائبرري روان دوان آهي.

## شهيد نور محمد جيسر لائبرري:

هي لائبرري نامور اديب عبدالله خان جيسر جي قائم ڪيل آهي. هن لائبرري ۾ ٻہ هزار کان مٿي ڪتاب موجود آهن. هن لائبرري ۾ آڊيو ڪيسٽ وڊيو ڪيسٽ ۽ سي ڊيز جي ميوزيڪل لائبرري بہ قائم آهي، جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جي مشهور ۽ وساريل ڪلاڪارن جا آواز موجود آهن هن لائبرري ۾ Ph.D ڪندڙ بہ ايندا رهندا آهن.

## سوشل شمع لائبرري:

عبدالرزاق مستوئي پاران قائم ڪيل هن لائبرري ۾ ڪوڙ سارا ڪتاب موجود آهن. هي لائبرري مين روڊ مورو تي شاهجهان اليڪٽرونڪس دڪان مٿان ماڙي تي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### شهيد شمس لائبرري:

ليبر پارٽي آفيس ۾ قائم ڪيل هن لائبرري ۾ سوڪن ڪتاب موجود آهن.

### الصمد دواخانہ لائبرري:

هي لئبرري نيشنل ڪائونسل فار طب اسلام آباد جي ميمبر ۽ يوسي قتو ٻلال جي ناظم حڪيم محمد يونس سولنگي جي ذاتي لئبرري آهي جنهن ۾ اٽڪل ڀہ سو ڪتاب موجود آهن.

### حڪيم صوفي لعل بخش ڪانڌڙو لائبرري:

هي سندس ذاتي لائبرري آهي جيڪا هن وقت حڪيم حاجي نور محمد ڪانڌڙو جي گهر ۾ قائم آهي.

### مدرسہ انوارالعلوم لائبرري:

هي دستگير ڪالوني ۾ حضرت مولانا مفتي عبدالرحيم لغاري پنهنجي مدرسي ۾ قائم ڪئي هئي جنهن ۾ ايران ترڪي ۽ سعودي عرب کان گهرايل ناياب ديني ڪتاب موجود هئا مولوي صاحب جن جي وفات بعد ڪجهہ ڪتاب گم ٿي ويا آهن هن وقت صحافي بشير احمد لغاري آهي جيڪو سندن اڪيلو فرزند آهي هن لائبرري ۾مختلف فقهن جا عالم سگهورا مطالعي لاءِ ايندا رهندا آهن.

### مدرسہ نورالهدا لائبرري:

هي مدرسو مولوي غلام الله ڪورائي قائم ڪيو ان ۾ لائبرري پڻ موجود آهي جنهن ۾ ديني ڪتاب موجود آهن.

### حاجي عرض محمد لغاري لائبرري:

هن لائبرري کي حاجي عرض محمد لغاري مرحوم پنهنجي زمين تي نهرايل اوطاق ۾ قائم ڪيو هئو پاڻ صوفي منش انسان هئو ۽ بهترين صوفي شاعر هئو اٽڪلً ٽي سو صوفي شاعرن جا ڪتاب موجود هئا ليڪن هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت لائبرري سندس اولاد جي عدم توجهه ڪري ختم ٿي ويئي آهي. سندس شاعري جو ڪتاب بہ شائع نہ ٿي سگهيو آهي.

## تاج اسلامڪ لائبرري مورو:

هي لائبرري دارالعلوم رحمانيہ تاج مسجد ۾ 1950ع کان قائم مدرسي جي باني مولوي محمد عثمان ميمڻ جي ڪوشش سان مدرسو ۽ لائبرري عروج حاصل ڪيو هن وقت لائبرري ۾ اٽڪل 12 سو ڪتاب موجود آهن. مولوي محمد عثمان جي وفات بعد سندس فرزند مولوي گل محمد ميمڻ سنياليندڙ آهي لائبرري جو انچارج مولوي زين العابدين ميمڻ آهي.

## ڊاڪٽر محمد لائق زرداري لائبرري مورو:

هي لائبرري پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري قائم ڪئي. ڊاڪٽر صاحب ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪرڻ جي عشق ۾ هي لائبرري قائم ڪئي ۽ قيمتي ناياب ڪتاب خريد ڪيا.

هن وقت سندس لائبرري ۾ ملڪي غيري ملڪي لا تعداد ڪتاب موجود آهن.

## دانش گاه ابو تراب:

هي لائبرري مرڪزي امام بارگاه ۾ مهراڻ ڪاليج مورو جي پرنسپال پروفيسر سيد علي بخش شاهہ جي ڪوشش سان قائم ٿي هن لائبرري ۾ پاڻ ٽي هزار ڪتاب پنهنجي ذاتي لائبرري جا تحفو ڪري ڏنا هن لائبرري ۾ ستر قلمي قرآن مجيد جا نسخابہ موجود آهن. عالمن جون آڊيو وڊيو ڪيسٽون پڻ موجود آهن. هن لائبرري جو انتظام انجمن حسيني حوالي ٿيل آهي. ڪيترائي عالم ڪتابن جي مطالعي لاءِ ٻاهرين شهرن کان ايندا آهن.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي لوڪ ادب جي اوسر ۾ موري جو حصو

سونهاري سنڌ جي نقشي تي نظر ڊوڙائبي تہ، سنڌو درياءَ جي ڪابي ڪپ تي، نو شهرو فيروز ضلع نمايان نظر ايندو ۽ نوشهروفيروز ضلع ۾ وري "مورو" کي ممتاز حيثيت حاصل آهي.

موري جي مشهوريءَ جا سبب تہ انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا آهن، پر مورو ۽ ان جي پرپاسي ۾ سرجندڙ لوڪ ادب، سگهڙ ڪچهرين ۽ هتان جي سگهڙن جي فني توڙي فڪري گهراين کي بہ موري جي مشهوريءَ جو نمايان سبب قرار ڏيئي سگهجي ٿو.

لوڪ ادب تہ آهي ئي لوڪ- عام ماڻهو+ ادب يعني عام ماڻهوءَ جو ادب يا عام لوڪن جي ملڪيت، سو عام ماڻهو پنهنجي گڏيل ملڪيت سان محبت ڇو نہ ڪندا؟

مورو ۽ ان جي پسگردائي بہ ٻوليءَ جي مورچي تي وڙهندڙ اهڙن ادبي سپاهين کان خالي ناهي جيڪي پنهنجي وس ۽ وت آهر پنهنجي ٻوليءَ جي خدمت ڪري رهيا آهن، هتي هر سال ڪافي ڪچهريون منعقد ٿين ٿيون، جن ۾ ڪنڊ ڪڙڇ کان سوين سگهڙ اچي لوڪ ادب جا موتي ڇٽيندا آهن، اهڙين چند ڪچهرين جو مختصر احوال هيٺ بيان ڪجي ٿو:

1ـ سگهڙ رحمت الله عباسي پنهنجي ڳوٺ ڪانڌڙا ڪالوني لڳ مورو ۾ هر سال بہ دفعا 11 محرم ۽ 12 ربيع الاول تي سگهڙ ڪچهري منعقد ڪندو آهي، جيڪا باقائدگيءَ سان جاري آهي.

2ـ سگهڙ لال بخش کوسو پنهنجي ڳوٺ لڳ نوان جتوئي ۾ هرسال 7 محرم تي ڪچهري ڪرائيندو آهي جنهن کي 27 سال ٿي ويا آهن ۽ اجا باقائدگيءَ سان جاري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3ـ نيو جتوئي پرسان ئي محمد ضفر ڪوسو هر سال 9 محرم تي ڪچهري منعقد ڪرائيندو آه جيڪا 15ـ20 سالن ڪان جاري آهي.
4ـ سگهڙ محمد اسماعيل لنڊ جي ڪچهري 1973ع ڪان مورو پرسان سندن ڳوٺ ۾ باقاعدگيءَ سان ٿيندي اچي پئي، سندس وفات ڪان پوءِ واحد بخش لنڊ ۽ قوتو لنڊ باقاعدگيءَ سان ان کي جاري رکيو اچن ۽ هاڻي محمد اسماعيل مرحوم جي ورسيءَ جي موقعي تي اها ڪچهري منعقد ٿيندي آهي.
5ـ سگهڙ نجم الدين جتوئي وٽ پراڻا جتوئي ۾ 10 سالن ڪان سگهڙ ڪچهري منعقد ٿيندي آهي.
6ـ پير سعدي نهراڻي جي ميلي ۾ پڻ هر سال سگهڙ ڪچهري ٿيندي آهي جيڪا 4 ڏينهن هلندي آهي.
ان ڪان سواءِ (1) ڳوٺ مبارڪ چانڊيو ۾ حاجي رحيم چانڊيو ڪچهري منعقد ڪرائيندو هو جيڪا 1973 ڪان 1983 تائين لڳا تار منعقد ٿيندي رهي ۽ پوءِ بند ٿي ويئي.
(2) گچيرو پرسان سوڍو ماڇي جي ڪچهري بہ 70 واري ڏهاڪي ۾ ٿيندي هئي جيڪا 83 ۾ بند ٿي ويئي.
(3) نيو جتوئي ۾ غلام قادر خاصخيلي ڪچهري ڪرائيندو هو جيڪا 1970ع ڪان 1988ع تائين هلي.
(4) سگهڙ بخشڻ مستوئي منياڻي ۾ 1960ع ڪان ڪچهري ڪرائيندو هو جيڪا 1980ع تائين هلي پوءِ بند ٿي ويئي.
هن وقت قديم ترين ڪچهري "سگهڙ گهنور خان جانوري واري ڪچهريءَ آهي جيڪا 1964ع ڪان گهنور خان جانوري شروع ڪئي ۽ اڄ تائين سندس فرزند سگهڙ حاجن جانوري ان کي جاري رکيو اچي اها ڪچهري هرسال 13 رجب تي نوان جتوئي ۾ ۽ 14 رجب تي پير صابر شاهہ جي درگاهہ تي منعقد ٿيندي آهي. 13 تاريخ تي ڏور، ڳجهارت، هنر ۽ سينگار وغيره ۽ 14 تاريخ تي نژ بيت جي ڪچهري ٿيندي آهي.
ان ڪان سواءِ مختلف موقعن تي پڻ سگهڙ ڪچهريون منعقد ڪري، لوڪ ادب مان لطف حاصل ڪيو ويندو آهي. انهن ڪچهرين ۾ بين ڪان علاوه مورو ۽ آس پاس جا سگهڙ پڻ لوڪ ڏاهپ جي جهان کي جرڪائيندا رهندا آهن، هتي چند مشهور سگهڙن جو مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) سگهڙ حافظ محمد بخش "خاصخيلي":

شاهه سائينءَ جو پارکو سنڌي ٻوليءَ جو بهترين مزاحمتي شاعر، سگهڙ ۽ نثرنويس حافظ محمد بخش خاصخيلي نوان جتوئي تعلقه مورو ۾ پهرين جون 1930ع تي سائين بخش خاصخيلي جي گهر ۾ ڄائو سندس والد صاحب، سائين بخش خاصخيلي پنهنجي دور جو سنو سگهڙ هو ان کان سواءِ سندس ڀاءُ مرحوم پريل خاصخيلي، سؤٽ مرحوم محمد عرس خاصخيلي" نڙبيت جو ماهر" ۽ سندس چاچو شير محمد خاصخيلي پنهنجي دور جا ماهر سگهڙ مڃيا ويندا هئا، اهڙين ڳالهين ڪري ته حافظ صاحب کي پنهنجي گهر مان ئي ادبي ماحول مليو جنهن ۾ سندس اندر ۾ موجود جوهر چمڪي پيا، جنهن ڪري هو پنهنجي دور جو بهترين شاعر اديب ۽ سگهڙ بڻجي ويو چون ٿا ته پاڻ سانگهڙ طرف جي سگهڙ "گل جهيير" کان باقائده لوڪ ادب جي سکيا به ورتي هئائون.

هن سباجهي سگهڙ 25 ڊسمبر 2004ع تي وفات ڪئي.

(2) سگهڙ رحمت الله عباسي:

سگهڙ رحمت الله عباسي جو تعلق تعلقه مورو جي ڳوٺ ڪانڌڙا ڪالوني سان آهي. سندس جنم ڳوٺ ساڄن ڪلهوڙو لڳ هالا ۾ 1950ع ۾ سگهڙ ڳهٽو خان عباسي جي گهر ۾ ٿيو. ڳهٽو خان عباسي مٽيادار ماڻهو ۽ ڪچهريءَ جو ڪوڏيو هو وٽس ڪيترائي سگهڙ پيا ايندا ۽ ڏور ڳجهارت ٽوڙي هنر جون محفلون مچائيندا هئا، ان ادبي ماحول رحمت الله کي تمام گهڻو متاثر ڪيو ۽ سگهڙن جي محبت ۾ ويهي پاڻ به وڏو سگهڙ بڻجي ويو. فن ۾ سندس استاد جڳ مشهور سگهڙ محمد ملوڪ عباسي آهي، جنهن کيس فني گهراين ۾ لاهن چاڙهن کان واقف ڪيو پاڻ 1975ع کان باقائده سگهڙ طور سڃاتو وڃي ٿو. پنهنجي استاد کان علاوه نامور سگهڙن عبدالرحمان مهيسر، فقير هدايت علي رڏ، محمد سومر ڳاهو ۽ ٻين سگهڙن جي محبت مان پڻ گهڻو ڪجهه پرايو اٿس سندس فن هن وقت فني طور تي پختگيءَ جي عروج تي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس شاعريءَ جو هڪ ڪتاب ”رهاڻ رحمت الله جي“ پڻ ڇپيل آهي جيڪو احمد خان سهاڳ 2006ع ۾ ترتيب ڏيئي ڇپايو.

### (3) سُگهڙ فتح محمد ”حاجن“ جانوري:

فتح محمد ”حاجن“ جانوري، سگهڙ گهنور خان جانوري جي گهر ۾ 1955ع ۾ جنم ورتو سندس ڏاڏو حاجي فتح محمد جانوري به پنهنجي دور جو بهترين سگهڙ هو. ان ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته حاجن کي فن سندس والد طرفان ورثي ۾ مليو. هو اڃا ننڍو ٻار ئي هو 1964ع ۾ سندس والد صاحب به روزه ڪچهريءَ جي شروعات ڪئي جيڪا 13 رجب تي سندس اوطاق تي ۽ 14 رجب تي پير صابر شاهه جي درگاهه تي نيو جتوئي ۾ منعقد ٿيندي هئي، ٻه راتيون لڳا تار ڪچهري هلندي هئي، پهرين رات اوطاق تي مروجه صنفن جهڙوڪ ڏور ڳجهارت هنر، سينگار وغيره جي ڪچهري ٿيندي هئي جڏهن ته ٻي رات تي صابر شاهه جي درگاهه تي صرف نرٻيت ڇيا ويندا هئا. اها ڪچهري اڄ تائين باقائدگيءَ سان جاري آهه.

اهڙي ماحول ۾ تربيت ٿيڻ ڪري حاجن به پنهنجي والد صاحب کان بيت ۽ ڳجهارتون سکڻ لڳو پوءِ حافظ محمد بخش خاصخيليءَ کان باقائده فني سکيا ورتائين جنهن رچائي ريتو ڪري ڇڏيس، سندس چوڻ مطابق هن پهريون شعر 12 سالن جي عمر ۾ 1967 ۾ چيو. مروجه سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي. سندس فن مان چونڊ پيش ڪجي ٿي.

**”هنر“**

لال اجرڪ لوئي ڊڪين، پائين پهنوار پٽڪو
ترڇا ڪن ٿاڪ ٿرن تي، پهنوار ڏسي پٽڪو
هوندو ماتام ٻارن ۾، ڪندا مون لئه پهنوار پٽڪو
هر ڪو پنهنجي حال ۾ ڏسي- اڪيوئَ پٽڪو
ته هوند هاڃا نه ٿين حاجن چئي.

هن هنر ۾ لفظ پٽڪو ۾ ڳجهه رکيل آه جهڙوڪ:(1) پٽڪو- پڳ (2) پٽڪو- پٽ ڪو- ميدان (3)، پٽڪو- پٽڪو ماتم (4) پٽڪو- پٽي ڪو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4) سگهڙ محمد وارث مستوئي:

محمد وارث مستوئي جو جنم محمد عثمان مستوئي جي گهر، منياڻي ۾ 31 مارچ 1952 تي ٿيو. غربت سبب صرف 5 درجا سنڌي تائين تعليم پرائي سگهيو.

محمد وارث جي فني تربيت بہ گهر مان ئي ٿي سنڌس چاچو بخشل خان مستوئي سگهڙ هو ۽ نثر تي بيت چوندو هو جنهن ڪري ڪيس بہ لوڪ ادب سان چاهہ پيدا ٿيو ۽ باقائده پنهنجي چاچي بخشل خان مستوئي جي شاگردي اختيار ڪيائين.

1970ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪيائين ۽ نثر بيت چوڻ جو ماهر مڃيو وڃي ٿو.

2008ع ۾ قلندر لعل شهباز جي عرس جي موقعي تي بهترين سگهڙ جو اعزازي سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو اٿس گچيرو روڊ تي سنڌس هوٽل اڄ بہ موري جي سگهڙن جو مرڪز بنيل رهندو آهي.

سنڌس فن مان چوند پيش ڪجي ٿي:

**"ڳجهارت سرسسئي"**

ذات سان نالي نہ ڪيو عورت ڪاني ڪئي.

ذات۔ جاماڻي+ نالي۔ ماڪوڙو+ عورت۔ رن + ڪاني۔ ڏاڍي جمڻ سان ماءُ ڪوڙي نہ ڪيو وري ڏيرن ڏاڍي ڪئي.

(5) سگهڙ محمد اشرف لانگاهہ:

سگهڙ محمد اشرف لانگاهہ جو تعلق مورو شهر سان آهي، سنڌس جنم 6-07-1967 تي مورو شهر ۾ ولي محمد لانگاهہ جي گهر ۾ ٿيو. هن 1978ع ۾ مئٽرڪ ڪرڻ کانپوءِ تعليم کي اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

محمد اشرف جو وڏو ڀاءُ علي نواز لانگاهہ بہ مورو جي بهترين سگهڙن مان هڪ آهي، شروعاتي تربيت ان کان ئي حاصل ڪيائين ۽ بعد ۾ مشهور سگهڙ هادي بخش سيتار کان مروجہ صنفن ۾ رهنمائي حاصل ڪيائين.

سنڌ ٽي۔وي ۽ ڪي۔ٽي۔اين جي سگهڙن جي پروگرامن ۾ پڻ شامل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيو آهي، ان کان سواءِ آسپاس جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ٿيندڙ سگهڙ ڪچهرين ۾ شوق سان شريڪ ٿيندو هو.

ڪيس 15 نومبر 2009 آچر ڏينهن فجر جي نماز پڙهڻ بعد گهر ڏانهن موٽندي رستي ۾ موبائل ڦرورن مزاحمت ڪرڻ تي شهيد ڪيو ويو. هن نعت، حمد، سينگار ۽ ٻين صنفن ۾ شاعري ڪئي آهي. سندس فن مان چند سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

يلي آيا يلا پرين، موتي مٽيادار
اڇي اجاريو اڱڻ ڪي، جانب جلويدار
وسرندا ڪونه وينجهار احسان اوهانجا اشرف چئي.

### (6) سگهڙ علي نواز لانگاهه:

علي نواز لانگاهه، مورو جي سگهڙن ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي. سندس جنم ولي محمد لانگاهه جي گهر ۾ 1965-3-9 تي ٿيو. تعليم مئٽرڪ اٿس ۽ اڄڪلهه قلندري پيٽرول پمپ مورو ۾ ڪلارڪ طور نوڪري ڪري زندگيءَ جي ڏکن سکن سان منهن ڏيئي رهيو آهي.

علي نواز لانگاهه جو استاد نالي وارو سگهڙ هادي بخش سينئار آهي، جنهن سندس فني تربيت ۽ اصلاح اهڙي ته خوبصورت انداز ۾ ڪئي جو اڄ پاڻ به فن ۾ استاد بنجي چڪو آهي. سندس ڪافي شاگرد پڻ آهن جن ۾ نالي وارو سگهڙ محمد سومر پنگر ۽ سندس ننڍو ڀاءُ شهيد اشرف لانگاهه شامل آهن.

هن P.T.V تي سيد صالح محمد شاهه جي ڪچهري ۾ پڻ شرڪت ڪئي ۽ سندس فن ۽ فنڪاري تي کيس تمام گهڻو داد ڏنو ويو.

علي نواز لانگاهه سيني مروجه صنفن جهڙوڪ ڳجهارت، ڏور، ڏهس، بيت، هنر ۽ سينگار وغيره تي سٺي مهارت رکي ٿو.

سندس فن مان هڪ پهاڪو بيت مثال طور هيٺ ڏجي ٿو:

ماٺ يلي ٿو مور اڄ قرب ۾ آهي ڪال
دوستن ۾ دوستي ناهي، ڪهڙو ڏيان مثال
مقصدا ويندا مڙئي ڪڏي، پاڻ ماسو نه ڏيندا مال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ چٽوتن سڄڻن کي، چوندا پنهنجو پاڻ سنپال
اهڙن دوستن کان دورڳذار جن جو سٽ تي ڳذري سال
لانگاهہ لڄ رکندءِ لال، اهڙن دوستن کان علي نواز چئي.

## (7) سگهڙ محمد حسن ڪوسو:

سگهڙ محمد حسن ڪوسو جو جنم سال 1955ع ۾ ڳوٺ رند موري لڳ ڦل شهر ۾ مرحوم ڪوڙو خان ڪوسو جي گهر ۾ ٿيو.

هو اڻ پڙهيل آهي، صرف قرآن شريف پڙهيو باقي اسڪول ۾ بہ تي ڏينهن ويو شوق نہ هجڻ ڪري سبق ياد نہ ڪري سگهيو ۽ اسڪول وڃڻ ڇڏي ڏنائين.

سگهڙ بنجڻ بابت ياد ڳيريون بيان ڪندي ٻڌايائين تہ ”گهڻو وقت اڳ جڏهن ڦل شهر ۾ درزڪو دوڪان هوندو هو هڪ سگهڙ سيد روشن شاهہ نالي سان دوڪان تي آيو ۽ اچي ڪنهن ڳجهارت ڏيڻ واري بابت پڇا ڪيائين، روشن شاهہ جي ڪچهريءَ مان ايڏو تہ لطف آيو جو دل ۾ سگهڙ بنجڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ پوءِ سگهڙ علي بخش پهنور کان فني سکيا وٺي باقائده سگهڙ بنجي ويس.

محمد حسن جو نانو علي بخش ڪوسو سنو سگهڙ هو جيڪو 30 سال اڳ وفات ڪري ويو آهي“ هو ڪافي سالن کان مورو شهر ۾ رهي ٿو ۽ سبزي منڊي پرسان ننڍڙو دوڪان اٿس، جنهن ذريعي زندگيءَ جو گاڏو هلائي ٿو.

محمد حسن سيني مروجہ صنفن جو ماهر آهي، خاص ڪري ”گلد ستو“ ”جيڪو سينگار وانگر ٿي آهي پر ان ۾ پنج تن جي ساراهہ ڪيل هوندي آهي“ ان ۾ سٺي مهارت حاصل اٿس.

سندس فن مان چونڊ سٽون پيش ڪجن ٿيون:

### ”بيت سر مارئي“

ڪيئي ڏينهن هُيس قرار مارن منجهہ ملير ۾
نہ هو درد دل کي، هُيس مڙن ۾ مختيار
ايءَ اباڻن آر هاٽي ڪنديس ڪنهن سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(8) سگھڙ محمد سومر پنگر:

نوشهرو فيروز ضلع جي مشهور سگھڙن ۾ سگھڙ محمد سومر پنگر جو نالو ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي. سندس جنم 56 کن سال اڳ پنهل خان پنگر جي گھر ۾ ٿيو. سندس تعليم ته صرف ست درجا سنڌي آهي پر سندس لفظن ۾ پختگي ۽ فن ۾ جادوگري آهي جنهن ڪري دل چوندي آهي ته محمد سومر وينو ڳالهائي ۽ وينو ٻڌجي.

هُن هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو ته هو پنهنجي دور جو مشهور ملھ پهلوان رهيو آهي ۽ اڄڪلهه ڊيزل انجڻ جو نالي وارو مستري آهي.

محمد سومر جو فن ۾ استاد علي نواز لانگاهه آهي جڏهن ته جڳ مشهور سگھڙ محمد ملوڪ عباسي کي تمام گھڻو پسند ڪري ٿو. سندس چوڻ موجب محمد ملوڪ جهڙو سگھڙ نه اڳيم ڄائو آهي ۽ نه ڄمندو.

محمد سومر پنگر جي فن مان چند سٽون پيش ڪجن ٿيون.

### آجيان

پلي آيا پلا پرين، حاڪم زادا هلي
اهي سپت پريا سپرين جيڪي دوست اٿم دلي
مڙئي پهتا محفل ۾ چاهه منجهان چلي
آءُ به اڳيرو ٿي انهن کي ياڪر پايان پلي
پوءِ ته قرب واري ڪچهريءَ جي خوشبو ويندي کلي
انهن محبن سان ملي، آءُ صدقي وڃان سومر چوي.

(9) سگھڙ محمد اسماعيل لنڊ:

مورو جي سگھڙن ۾ محمد اسماعيل لُنڊ جو نالو ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي، سندس جنم مصري خان لنڊ جي گھر ۾ ڳوٺ سردار خان لنڊ ۾ 1946ع ۾ ٿيو.

سندس تعليم صرف پرائمري 3 درجا پاس هئي، پر سندس ڄاڻ ۽ لفظن جو ذخيرو وڏن عالمن کان ڪنهن به صورت ۾ گھٽ نه هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس دوستي شروع ۾ ٿي سنڌ جي بهترين سگهڙن گهنور خان جانوري، محمد ملوڪ عباسي، هدايت علي فقير رڏ، الهه ڏنو دايو ۽ عبدالرحمان مهيسر سان هئي جن جي محبت ۾ ڪچهرين ڪيس رچائي ريٽو ڪري ڇڏيو انهن سگهڙن ڪان سواءِ سندن پٽ ٻڌايو پئي ته پاڻ حاجاڻو ذات جي ڪنهن سگهڙ ڪان باقائده سِکيا به ورتي هئائين. سندس فن جي باقائده شروعات 1966ع کان ٿي. هن سنڌ ڪان سواءِ پنجاب جي مختلف شهرن جهڙوڪ ڪوٽ منڻ، ملتان، ڊيرا غازي خان ۽ ٻين شهرن ۾ ڪچهرين ۾ شريڪ ٿي داد حاصل ڪيو. ڪيس مختلف ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ جهڙوڪ جلال ڪتي ايوارڊ، ميلا ڪاميٽي سيوهڻ طرفان سرٽيفڪيٽ، ميلا ڪاميٽي ڀٽ شاهه طرفان سرٽيفڪيٽ ۽ P.T.V تان پڻ مڃتا جو سرٽيفڪيٽ ملي چڪا آهن.

هن سگهڙن جي فلاح ويهبود لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيو پاڻ 1973ع ۾ سگهڙ تنظيم ضلع نوابشاهه جو صدر ۽ 1983ع ۾ تعلقه مورو جا صدر چونڊيا ويا.

سندس شاعريءَ جو ڪتاب رضا پرنٽنگ پريس مورو ۾ ڪمپوزنگ لاءِ ڏنل آهي جنهن ۾ سگهڙ فن جون سيئي صنفون شامل آهن.

هن ڪيترائي شاگرد به پيدا ڪيا جن ۾ سندس پٽ خان محمد لنڊ، حاجي حسين علي دونگهه ۽ گلڻ لانگاهه شامل آهن.

محمد اسماعيل لنڊ جي ڪچهريءَ جو شمار مورو جي پراڻين ڪچهرين ۾ ٿئي ٿو هن ڪچهريءَ جي شروعات 1973ع کان ٿي. اها ڪچهري سندس وفات بعد به اڄ تائين جاري آهي ۽ سندس فرزند خان محمد ۽ پيا جاري رکيو پيا اچن.

هن 25 مارچ 2004ع تي وفات ڪئي. سندس فن مان چونڊ پيش ڪجي ٿي:

### بيت

سورهيه اُٺو سنڌ جا، مَرڪايو پنهنجا ماءُ
ڊولا ٽيو دلير، دانَهه وٺو داءُ
"اسماعيل" چوي آءُ، هلي ملهايون ميدان کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(10) سُگھڙ خان محمد لنڊ:

خان محمد ولد محمد اسماعيل لنڊ جو شمار بہ مورو جي سٺن سگھڙن ۾ ٿئي ٿو ۽ پنهنجي والد صاحب محمد اسماعيل جي وفات کان پوءِ سندس ڪچهري کي قائم رکيو پيو اچي.

سندس جنم 1983ع ۾ ٿيو B.A تائين تعليم پرائي اٿس سگھڙ پائيءَ جي فن ۾ پنهنجي والد صاحب کان تعليم ورتائين جڏهن تہ عام عشقيہ شاعري ۾ نور الله عرف ڊپائي مهر جو شاگرد آهي.

هن جا عشقيہ ڪلام مختلف فنڪار_ الهہ داد زرداري، امتياز زرداري، آصف ڏاهري ۽ ٻيا ڳائي چڪا آهن. سندس چوڻ موجب سندس ٻن ڪتابن جيترو مواد موجود آهي.

سندس فن مان ڪجهہ سٽون پيش ڪجن ٿيون:

پيار جا ٽا پيچرا پڇٽا پون،
ڏيهہ ڏوري ٽا پرين پسٽا پون،
جي پرين آيا پري مون ڏي قدم،
سي اکين سان پير ٽا چمٽا پون.

مٿي بيان ڪيل سگھڙن کان سواءِ بہ ڪافي سگھڙ مورو ۽ ان جي پسگر دائيءَ ۾ موجود آهن پر مقالي جي طوالت سبب انهن جي جو تفصيل نہ ڏنو ويو آهي، اهڙن سگھڙن ۾ سگھڙ ميوو فقير ميربحر جيڪو نيو جتوئيءَ جو رهاڪو آهي ۽ وٽس ابوالحسن سنڌي جو.مقدمة الصلواة قلمي موجود آهي، ڏور ڳجهارت جو سٺو سگھڙ آهي. ان کان سواءِ مرحوم حاجي فتح محمد جانوري، گھنور خان جانوري (نيو جتوئي) علي بخش پنهور، محمد يعقوب پنهور، علي مراد لاشاري، مرحوم علي حسن عرف نماڻو سنڌي، مرحوم پريل خاصخيلي، مرحوم محمد عرس خاصخيلي، مرحوم سائين بخش خاصخيلي شير محمد خاصخيلي، مرحوم جان محمد ڪوسو مرحوم محمد اسماعيل ڪوسو مرحوم علي بخش ڪوسو مرحوم محمود ڪوسو مرحوم فقير محمد ڪوسو سگھڙ خميو خان ڪوسو ڪمدار ڪريم بخش ڪوسو مير خان ڪوسو غلام شبير ڪوسو لعل بخش ڪوسو (نيو جتوئي) سگھڙ محمد ايوب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمراڻي محمد يعقوب عمراڻي، احمد عرف جوڳي عالماڻي، صيفل جتوئي، فقير الهه ڏنو عالماڻي، محمد عرف چرياڻ عالماڻي، محمد عمررند، دلاور عالماڻي، غلامِ علي خاصخيلي، حاجي احمد جتوئي، دائم فقير عالماڻي، قربان سومرو رزاق عمراڻي غلام قادر خاصخيلي، سائين بخش خاصخيلي (ٽوڙها) هادي بخش سيتار سجاول سيتار سيد حاجن شاهه، ياسين شاهه، نبي بخش ميراسي، مولابخش ميراسي (پُرڻ) نجم الدين جتوئي، محمد اسماعيل ملاح پراڻا جتوئي، مرحوم محمد رحيم چانڊيو مرحوم غازي خان چانڊيو مرحوم حاجي حيدرجمالي (شهر مورو) مرحوم سوڍو ماڇي (گچيرو) مرحوم خميسو خان چانڊيو بخش علي چانڊيو (اٺون پٽر) جواڻ فقير مبيجو (اٺون پٽر) بخش علي مري، پنهل مشوري (نانگو شاهه) مرحوم حاجي سڄڻ لنڊ (ڳوٺ سردار لنڊ) اهڙا سگهڙ آهن جن لوڪ ادب جي تمام گهڻي خدمت ڪئي آهي ۽ ڏاهپ جي ميدان ۾ مورو جو مان مٿانهون ڪيو آهي.

اگر وقت اجازت ڏني ته ڪنهن ٻي نشست ۾ انهن سيني (54) سگهڙن جي ڪيل ڪارنامن کي ڪتابي ڪري پيش ڪيو ويندو.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عظيم سنڌي

# مورو جي ميلن ملاکڙن ۾ درگاهن جو مختصر جائزو

زور آزمائي جي مختلف طريقن مان مقبول ترين سنڌ جي سيني راندين ۾ ملهه آهي جا سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيڏي وجي ٿي سنڌي ڪو به اهڙو نه هوندو جنهن اها راند وڙهي ڏٺي نه هجي. آڳاٽي زماني ۾ وڏا وڏا سردار راجا، نواب، امير، پير پهلوانن کي زور آزمائي جي ڪرتب ڏيکارڻ لاءِ پاڻ وٽ تياري لاءِ رکندا هئا. هي سنڌ جي مقبول عوامي راند اڄ به ڏٺي ۽ پسند ڪئي وجي ٿي.

ميلن ملاکڙن ۾ سچ پڇ ته اوهان کي سنڌ جو نج حسن نظر ايندو ڏرتي جاوا پورهيت، هاري، امير غريب پنهنجي زندگي جي سخت پورهئي جو ٿڪ لاهڻ لاءِ هنن ميلن ملاکڙن ۾ اچي حاضر ٿيندا.

مورو ته سنڌ جو وچ آهي هتي ته ميلن ملاکڙن جو اوج ئي نرالو رهندو اچي. منهنجي ڳالهه سان اهي سهمت ٿيندا، جن ڏٺو هوندو تلاءُ ۾ لڳندڙ ملاکڙي جو منظر ڪوڏي ڪوڏي راند ڊراما، راڳ رنگ جي محفل، ڀڳت منظر ۽ ان ۾ پهلوان هوشو شيدي پهلوان اقبال جوڳي، پهلوان احمد لوهر شڪارپور وارو هينڊبل مڪراني نٿي وارو خان صاحب عاشق علي خان، خان صاحب الهڏنو نوناري، ڀڳت پرسو رام، ڀڳت جاڙا رام، ڀڳت ڪنور رام، جيوٽي ٻائي، ماستر چندر محمد يوسف ماڇي، کي ڏٺو ۽ ٻڌو هوندو. موري جي مين پرائمري اسڪول واري هنڌ پرسان بينل پپر جو وڻ ڪجهه وقت پرائمري اسڪول جي چانڊ به ٿيو باقي حصي تي ممتاز سئنيما نهي، ڍهي هاڻ پيرزاده آمنه ممتاز مارڪيٽ ڪيڙا بازار کان لانگاهه محلي تائين اهو سڀ تلاءُ جو ميدان هيو. خوبصورت پلي لينڊ- آرٽ گيلري نيچرل هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرڪيٽيڪچر جو چا حسن بيان ڪجي. ڪيئن تلاءَ جي هيٺ متاهين وارن گولائي لاهين چاڙهين ۾ متي ڪنارن ڪان مورو ۽ ان جي آس پاس جون خلقون ائن گهوڙن تي سوار تي پهلوان کي انعام سان نوازي هن دلڪش منظرن مان لطف اندوز ٿيندا هئا. تلاءَ جي اتر اولهه واري حصي کان مورو جو شاهي مندر ان جي سراءِ ـ هاڻ اتي مندر مڙئي ڪجهه بچيو آهي. ان تلاءَ ۾ شوق جي ميلن سميت هر محفل ڪمال جو حسن نظر ايندو هو. ان جا ساکي سيد نبن شاهه، محمد هاشم ملنگ کان پوءِ احمد بخش احمد مورائي، نور محمد ڪوري پهلوان علي اڪبر سوهو ۽ پهلوان صابن بگو اڄ بہ زنده آهن.

هن ياڳن پرئي شهر جي متي ۾ ايترو تہ مقناطيسي جادو ۽ ڪشش آهي جو هر نالي واري راڳي، سياستدان، پهلوان پنهنجي زندگي جا ڪي دم هن شهر ۾ ضرور ڪنيا هوندا. انهن ۾ مهاتما گانڌي، جواهر لعل نهرو. سورهيہ بادشاهہ جي.ايم. سيد جا نالا بہ ڳڻائي سگهجن ٿا. مورو ۾ پاڪستان کان اڳ يا پوءِ جي لڳندڙ ميلن ملاڪڙن جو ذڪر پڌندي بت جا وار ايا ٿيو پون ۽ خوشيون من اندر ناچ پيو نچن.

پهلوان صابن بگو عمر 105 ورهيہ اڄ بہ حال حيات گچيري پر سان ڳوٺ بگا ۾ رهي ٿو هن پهلوان پاڻ مون سان ڳالهہ ڪئي تہ پاڪستان ٺهڻ جي خوشي ۾ خان بهادر غلام رسول خان جتوئي مونکي جام ڪانيو خان جي ملهن پهلوان آچر شيدي ۽ پهلوان مڱ مڱڻهار سان مقابلو ڪرايو مقابلو کٽي ان وقت جا 40 روپيہ انعام حاصل ڪيم. پهلوان صابن بگو موري جو تمام وڏو ماضي جو پهلوان ٿي گذريو جنهن جا مقابلا ان وقت جي سيني هوشو شيدي شير مير بحر سميت سيني پهلوانن سان ٿي گذريا جنهن ۾ هن پهلوان لعل جي ميلي تي درگاهہ جي گادي نشين گل محمد شاهہ جي چوڻ تي هوشو شيدي کي پوئين ملهہ دسي بل حاصل ڪيو. هن پهلوان جو خاص داءَ وارو ۽ بلهڻ هو بابا (سيٺ محمد يوسف سولنگي) سان پهلوان صابن جون ڪيل ڪچهريون ميلن ملاڪڙن بابت پڌيون ۽ ڏنيون بہ اٿم تہ هن پهلوان ۽ هن جي ياءُ پهلوان آچر بگي سان ڪچهريون بہ ڪيون اٿم. پهلوان صابن بگو پهلوان الهہ ڏني مبيجي جو شاگرد هو. پهلوان يارو سابقي بہ واهہ جو ملهہ تي گذريو ڪيس گهمائي ملهہ دسڻ تي مهارت حاصل هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان کان پوءِ 1960 واري ڏهاڪي ۾ موري جي هڪ ٻئي ملھ سينگار سنڌ پهلوان در محمد عالماڻي ملھ جي دنيا ۾ وڏي شهرت ماڻي. هي پهلوانَ شير سنڌَ پهلوان شير مير بحر جو شاگرد هو. شير جي دسجڻ کان پوءِ جي شاگردن مان پهلوان غلام قادر لغاري ۽ پهلوان در محمد عالماڻي شير جي حڪم تي پنهنجي استاد جو پلاند ڪندا هئا. پهلوان در محمد عالماڻي سچ پچ تہ هو بہ ملاڪڙن جو سينگار هن پهلوان پٽ شاهہ لعل قلندر جي ميلن ۾ نامور پهلوانن کي دسي مورو جو نانءِ روشن ڪيو.

در محمد عالماڻي کان پوءِ پهلوان سومر عطار پهلوان غلام محمد مشوري، پهلوان غلام حيدر عالماڻي، پهلوان ميان داد لنڊ جا بکر شيدي، غلام قادر لغاري، قلندري پهلوان حاجي خشڪ، رستم پاڪستان سيد سمن شاهہ ۽ پهلوان غلام سرور جتوئي سان بہ مقابلا تي گذريا. بحريہ ڪاليج (پراڻي مهراڻ ڪاليج هاسٽل) پرسان سندس نالي ڳوٺ مياند اد آباد آهي جتي دفن ٿيل آهي.

مورو ۾ لڳندڙ ملاڪڙن کي مان بابا سان گڏ 1962ع کان ڏسندو پيو اچان. مون شير ميربحر کي انب شيدي سان موري ۾ جتوئي صاحب جي ڪوٽ ۾ وڙهندي ڏٺو جنهن ۾ پهرين ملھ انب شيدي تہ ٻي ملھ شير ميربحر دسي سرسي حاصل ڪئي. ٻانڊي روڊ، جمالي ڪوٽ ۾ مون پهلوان قلب علي خان جتوئي ۽ شير مير بحر کي وڙهندي ڏٺو نبير يا ڪو نہ. جهانيان جي ميلي ۾ شير ميربحر کي پهرين ملھ دوست علي ولاڻي کان ڪرندي ۽ آخري ملھ شير والاڻي کي دسيندي ڏٺم.

موري ۾ هر هفتي ڪتي نہ ڪتي راڳ، ڪوڏي ڪوڏي ۽ ملاڪڙو ضرور ٿيندو هيو ڏسندڙن جو بہ وڏو تعداد هو. تلاءُ۔ نيو پلاٽ، اسٽيشن روڊ، بخاري جو ميدان، جتوئي ڪالوني، جتوئي جو ڪوٽ، پراڻو بنگلو جمالين جو ڪوٽ ابراهيم شاهہ يار شاهہ باقر شاهہ درس روڊ لليہ روڊ۔ ريلوي ڦاٽڪ، M.T پارڪ راند جا خاص ميدان هئا. جتي ملھ ۽ ڪوڏي ڪوڏي راند ڪيڏي ويندي هئي. هاڻ مورو ۾ اهڙو ڪو بہ ڪوڏي ڪوڏي ۽ ملاڪڙي لاءِ ميدان ڪونهي، ٻيو تہ ڇڏيو پر ميدان نہ هئڻ سبب سخي پير بخاري جو ميلو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ملاڪڙي لاءِ بہ ميدان ڪونهي، سپ جو سپ والار جي نظر چڙهي ويا. بقول حليم باغي جي هن ٿر جي بهارن کي ڪا نظر لڳي وئي.

مورو ۾ لڳندڙ ملاڪڙن ۾ بچل ملاح ۽ پهلوان در محمد عالماڻي مورو جي تاريخ ۾ هر سال ذوالحج واري عيد تي مورو ۾ 4 ڏينهن سنڌ ۽ پنجاب جا وڏا پهلوان گهرائي يادگار ملاڪڙا ڪرايا. جڏهن تہ هن ئي دور ۾ عيدالفطر تي محرم علي پٽي نوابشاهہ ۾ يادگار ملاڪڙا ڪرايا. جنهن کي رڪارڊ ۾ آڻجي تہ ملڪ جي وڏي يادگار تاريخ جڙي پوي.

مورو تعلقي ۽ ان جي آس پاس ۾ هر سال درگاهن تي لڳندڙن ملاڪڙن کان سواءِ ۽ رئيس محمد خان جتوئي، هدايت الله خان ڀرڻ، حاجي رحمت الله ڀرڻ. حاجي مولابخش ميبجو پير سول سرڪار سيٺ خدا بخش سوهو. محمد شاهہ احمد خان جتوئي. محمود چند، محمد يوسف سولنگي، بصر الدين ميمڻ سرهيہ، مهدي سرڪار سيد علي شاهہ، ننگر خان نول، يعقوب ڪوريجو وغيره وغيره جو ملاڪڙن منعقد ڪرائڻ ۾ انهن جي ترقي ۾ وڏو هٿ رهيو آهي. هن وقت تعلقي مورو جي هنن درگاهن تي ملاڪڙا ٿيندا رهن ٿا.

درگاهہ حافظ علي مراد زرداري مخدوم حسن جهانيان. محمود شاهہ جهانيان، مهدي شاهہ جهانيان، محمد علي پير، ٻڍل شاهہ، حاجن شاهہ، امام شاهہ، نور شاهہ، نظر شاهہ، حيدر شاهہ. بولڻ شاهہ، آدم شاهہ.

مورو ۾ ملاڪڙن سان گڏ ڪوڏي ڪوڏي راند جي وڏي تاريخ رهي آهي. ڪوڏي ڪوڏي جي مشهور پهلوانن ۾ محمد هاشم ملنگ وڪيل، محمد هاشم ميمڻ، عرس لانگاهہ عرف پنڊول موچي، عرس ڪوري، الهہ ڏنو خاصخيلي، محمد ماڇي، حسن خاصخيلي صديق سرهيو مظفر علي ميمڻ، يعقوب سيال، محمد زرداري، حبيب الله زرداري، علي حسن سيال، علي احمد جتوئي. احمد ابڙو محمد کوکر، ڪارو ماڇي، محمد ڪلهوڙو وغيره وغيره جا نالا اچي وڃن ٿا. منصور ٻلال، ڊاڪٽر عبدالتسار ٻلال، احمد ابڙو موسو چنڊ، رسول بخش.

مورو هاءِ اسڪول جي شاگردن جي ڪوڏي ڪوڏي ٽيم سڄي سنڌ ۾ مقابلا ڪري مورو جو نالو روشن ڪيو. جا هاءِ اسڪول جي تعليم کان پوءِ بہ بهترين ٽيم سڏجڻ لڳي. انهن مان ڪجهہ شاگرد پهلوانن جا نالا هي آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد خان ڪلهوڙو غلام شيدي، سيد وزير علي شاهہ، غلام سرور شاهہ، ستار پنجابي، محمد اسماعيل ابڙو غلام محمد ملڪ انهن شاگرد پهلوانن کي ان وقت هاءِ اسڪول جو تيچر محمد عرس جبيراڻي ميمڻ سڪر، گهوٽڪي دوڙ ٿارو شاهہ اسڪولن ۾ مقابلا ڪرايا.

مورو جي تاريخ ۾ استاد محمد چتل سرهيہ محمد صديق سرهيہ، محمد بخش جتوئي، محمد عرس لانگاهہ، حبيب زرداري، فقير سليمان ڪوري جون بہ ڪوڏي ڪوڏي لاءِ ڪيل محنتون قابل تعريف آهن.

### تعلقي مورو جي نامور ملهہ پهلوانن جا ڪجهہ نالا:

| | |
|---|---|
| غلام حيدر عالماڻي | گلاب لاشاري |
| پهلوان صابن بگو | محمد يونس ڪورائي |
| پهلوان يارو سابقي | محمد چانديو. |
| پهلوان پيرو ڏڪڻ | عرس ڏاهري |
| آچر بگو | عبدالله حجم |
| لعل خان چانڊيو | سومر پنگر |
| سعد خان چانڊيو | جمعو مير بحر |
| غوثو چانڊيو | غلام شبير چانڊيو |
| عمر چانڊيو | قربان سومرو |
| رمضان سابقي | رشيد مري |
| شمن ڪورائي | يونس بگو |
| دين محمد جتوئي | ميان داد لنڊ |
| فضل پرڙو | ميهر لنڊ |
| ليمون ڏاهري | سومر عطار |
| مولو جمالي | حاجي يوسف ڏاهري |
| شاهو جمالي | محمد صالح هوتيپوتو |
| علي اڪبر سوهو | غلام مصطفيٰ ڏاهري |
| مولائي سوهو | ڪالو زرداري |
| قادر سوهو | |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرس سوهو
سمون سوهو
عمر ٻگهيو
حسين ٻگهيو
عبدالڪريم ميربحر
حڪيم عيدن ڪلهوڙو
حاجي حسن ڪورائي
محمد رمضان مشوري
غازي خان چانڊيو
غلام محمد مشوري
گلاب خان مشوري

سينگار سنڌ پهلوان در محمد عالماڻي
غلام حيدر عالماڻي

امام بخش ـ امن شاهه
پيرو جوڳي
پير بخش جوڳي
غلام شير چانڊيو

ارباب علي جتوئي
رشيد مري
چريو ماڇي

## موري تعلقي جي ڪجهه درگاهن جا نالا:

سيد حسن جهانيان
محمود شاهه
نبن پير
پنج پير
دلڙ شاهه
پير بخاري
محمد علي پير
پير رحمت الله
حاجن شاهه
سعدي نهراڻي
سخي مبارڪ
بيگن پير
حضوري پير
ڪپر پير
پڊل شاهه

لڏو لائق
مخدوم چتن
مخدوم عثمان هنگورو
بي واستو پير
عالم شاهه
صابر شاهه
مدد پير

پائو پير
آئيل پير
سهڙو پير
مٺلو پير
امام شاهه
ابراهيم شاهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حافظ علي مراد زرداري
نور شاھہ
موريو فقير
خوشحال پير
بخاري پير
پيارو فقير
باقر شاھہ
يار شاھہ
درس جعفر
پيرو شاھہ

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موري ۾ ڊرامي جي دنيا

## ڊرامو ڇا آهي؟

ڊرامو لفظ يورپي آهي جيڪو ڊرائو ن لفظ مان نڪتو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ”چرپر“ پر سنڌ ۾ هن جو پنهنجو نالو آهي ”ناٽڪ“ ۽ اداڪار کي چوندا آهن ناٽڪي. ناٽڪ يعني اهڙو ڪوڙ جيڪو سچ محسوس ٿيندو هجي.

هن وقت پوري دنيا ۾ هر قسم جا ڊراما ٿي رهيا آهن. مار ڌاڙ سان ڀرپور، پيار ۽ پريم ۽ ٻين انيڪ مسئلن تي ڊراما ٿي رهيا آهن. ڊرامي ۾ ڪنهن ڪهاڻي يا واقعي کي ايئن پيش ڪيو ويندو آهي. جڻ اهو واقعو اکين سان پيو ڏسجي. هندستان ۾ اسٽيج ڊرامي کي يا اسٽيج کي ”رنگ منچ“ چيو ويندو آهي.

## ڊرامو ڪيئن لکجي؟

اسٽيج ڊرامي جي لکڻ لاءِ پنهي جي مٿان ڏيک ۽ ان جو نمبر لکيو ويندو آهي. پوءِ هيٺ پني جي ساڄي پاسي کان ڪردار جو نالو ۽ اڳيان گفتگو ۽ (ڊائيلاگ) لکبي آهي. جتي جتي ضرورت پئي اتي ڏنگين ۾ هدايتون به لکبيون آهن. اداڪار کي گفتگو ۽ سڄي چرپر ياد ڪرڻي پوندي آهي. اسٽيج تي گهر. محل يا رستي جي ڏيکارڻ لاءِ پردن تي پينٽ ڪرائڻي پوندي آهي. يا وري ڇپر ۽ پنن ۽ وڻ ٻوٽا پوکي ڏيک موجب ڊيڪوريشن ڪري پوءِ ڊرامو پيش ڪبو آهي. هاڻي بجليءَ جي اچڻ کان پوءِ رات، ڏينهن، ڪنوڻ ۽ گوڙ جو انتظام ڪري پوءِ ڊرامو پيش ڪيو ويجي ٿو. اڪثر ڊرامو ايڪٽ پلي هوندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڊرامي جي ڪتابن جي اُثاث:

دنيا ۾ شيڪسپيئر کان وٺي ڪيترن ئي ڊراما نگارن جي ڊرامن جا لکيل ڪتاب بازار ۾ موجود آهن پر هت سنڌ ۾ ايئن ڪونهي، ان کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ ممتاز مرزا جو ڪتاب "آخري رات" ۽ ميان قاضي خادم جو ڪتاب "لڙڪ لڙڪ زنجير" بازار ۾ آيل آهن هي ڪتاب نون ليکڪن لاءِ وڏي مدد ڪندڙ ڪتاب آهن.

## ڊرامو تاريخ جي آئيني ۾:

قديم دؤر کان سنڌي قوم جا ماڻهو شادين مرادين جي موقعن تي ڊرامو ڪندا اچن ٿا. جنهن کي ناٽڪ يا سانگ چوندا آهن. مثال طور به ماڻهو ڏونڊڙا تي بيهن ۽ مٿان رلي يا ڪو بيو ڪپڙو وجهي شينهن ٿيندا آهن. چين ۾ به ايئن شينهن ٿيندا آهن ۽ بيون جسماني حرڪتون ڪري ماڻهن کي کلائيندا آهن. اڄ به ڪاڇي ۽ ٿر جي پري وارن علائقن ۾ اهي سانگ رچايا وڃن ٿا.

## برصغير ۾ ڊرامو:

اڄ کان سواءِ به سؤ سال اڳ هندستان ۾ ڪاليداس نالي هڪ ڪوي يعني شاعر پيدا ٿيو هو. هن صاحب باقائدي ڊراما تحرير ڪيا هئا ۽ اسٽيج به ڪيا هئا. هي موجوده ڊرامي جو رواج ان صاحب رائج ڪيو هو. هتان کان ئي ٿيئيٽر عام ٿيو. ۽ پوءِ هندي فلمون ٺهڻ لڳيون هن ڪم کي هندستان جي پارسين وڏي هٿي وٺائي هئي. ڪاليداس کان هڪ سؤ سال پوءِ حيدرآباد سنڌ ۾ مرزا قليچ بيگ پيدا ٿيو. هن صاحب شاعريءَ سان گڏ نه رڳو بين ٻولين مان ڊراما ترجمو ڪيائين پر پاڻ به ڊراما تحرير ڪيائين. انهن ڊرامن جو هدايتڪار به ٿيو ۽ ادا ڪار به پيدا ڪيائين. مرزا صاحب جو تحرير ڪيل ڊرامو "زينت" اڄ به سنڌي ادب جو هڪ شهڪار آهي. ان کان پوءِ بين ڪيترن ئي ليکڪن کان سواءِ محمد عثمان ڏيپلائي صاحب ڊراما تحرير ڪيا. سندس لکيل ڊرامو انڪواري آفيسر ته ڏاڍو مقبول ٿيو. هاڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ٽيليويزن سينٽر ڪراچيءَ جي سنڌي نشريات وارن ٽيلي ڪاسٽ ڪيو هو.

**مورو ۾ ناٽڪ منڊليون:**

مورو شهر، ڪنهن قديم شهر جي ڪنڊرن مٿان اڏيل هڪ سهڻو شهر آهي هت ميمڻن جي پاڙي ۾ جيڪو اڳ واڻين جو پاڙو هوندو هو اُتي واڻين هڪ ناٽڪ منڊلي شيوا منڊلي قائم ڪئي هئي. جنهن کي مسلمان شيوا منڊلي چوندا هئا. شيوا معنيٰ خدمت ڪندڙ منڊلي.

هي منڊلي جن سرڳواسين جوڙي هئي اُهي هئا. تيجو مل مورائي، خوبو مل. مٺل مل ۽ ٻين کان سواءِ پيسو مل مورائي هن منڊليءَ ۾ مسلمان ميمبر پڻ هئا. پر سمورو ڪم واڻين جي هٿ ۾ هيو ۽ خرچ به اهي ڪندا هئا.

هي اداڪار منياٽي، سخي داد واهي، ڳچيرو سنڌوجا، ڏيپار جا ۽ دادو ڊراما ڪرڻ لاءِ ويندا هئا. هي ڊراما خوشين جي ڏينهن تي ڪيا ويندا هئا. جهڙوڪ: ويساکي، ٽنڊڙي، هولي، شَوَ هي ڊراما گهڻو ڪري ڌرمي ”مذهبي“ هوندا هئا. اٿين مسلمان به حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ مذهبي ڊراما ڪندا هئا جهڙوڪ صلاح الدين ايوبي وغيره.

استاد چٽل سرهيو به ڊرامي جو فن هنن ماڻهن کان سکيو هيو. تيجو مل مورائي سندس استاد هيو. واٽيا ڊرامي ۾ راڳ به ٻيگت جي صورت ۾ ڪندا هئا. جامو پائي چير ٻڌي ڪلام ڳائيندا هئا. راڳ کي هندو عبادت طور به ڳائيندا آهن. جيئن سنڌ جا صوفي راڳ کي عبادت سمجهي صوفي شاعرن جو ڪلام ڳائيندا آهن. هن ئي حوالي سان موري ۾ ورهاڱي دوران هڪ واقعو ٿيو هو. موجوده موري واري مندر جي پنڊت جو پٽ، گلاب رڳو ان ڪري هندستان ڪو نه ويو هو ته آئون هت اداڪار ٿيندس ۽ پوءِ مسلمان ٿيو ۽ دين محمد نالو رکيائين، جتي هاٽي تاج مسجد آهي. اها زمين ان جي هئي. هن ئي زمين جي پيداوار مندر کي ملندي هئي دين محمد کي ڪينسر ٿي. پڇاڙيءَ پير ۾ پوءِ ٻئي هٿ وڍ جهڙيس. شادي به مسلمانن ڪانه ڪرايس بلڪل سار سنڀال به ڪو نه ڪيائونس. غني شيخ مهاجر وٽ پيڙيون ٻڌي گذر ڪندو هو. جڏي ٽيڻ کان پوءِ هڪ پرديسي نوجوان آيو هو ۽ دين محمد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خدمت ڪندو هو. جڏهن دين محمد وفات ڪري ويو تڏهن اهو نوجوان ٻه ويو هليو پر گلاب جو اداڪار ٿيڻ وارو خواب پورو ڪو نه ٿيو.

ورهاڱو ٿيو. عالم اديب شاعر ۽ اداڪار هندستان هليا ويا مٿان وري ڪن مذهبي ماڻهن اهو مشهور ڪيو ۽ ڪندا اچن ٿا. ته اهو ڪم سٺو نه آهي هن فن جي همٿ افزائي ڪا نه ٿي ڪئي وڃي. پر پوءِ ڊرامو ٿي رهيو آهي.

## ڊراما ٻالڪ سوسائٽي ڳچيرو:

هي سوسائٽي استاد شفيع محمد ٻگهيو صاحب قائم ڪئي. جڏهن واٽين جي لڏ پلاڻ شروع ٿي. تڏهن ٻگهيو صاحب هڪ ڏڪائيندڙ نظم لکيو هو ۽ ٻارن کي ياد ڪرائي پوري شهر ۾ جلوس ڪيڊرائي ڳارايو هئائين پورو شهر رنو هو ۽ ٿورن ڏينهن لاءِ واٽيا ويهي رهيا هئا. پر پوءِ مسلمان جي سخت روين جي ڪري لڏي ويا.

## ڊراما ٻالڪ سوسائٽي مورو:

هي منڊلي استاد محمد چتل سرهيو صاحب ناهي هئي. نئين سر ڊراما مورو ۾ ٿيڻ لڳا هئا. دودو سومرو، عمر ماروي ۽ هوش محمد شيدي جهڙا ڊراما ٿيڻ شروع ٿيا. هن صاحب ڪيترائي اداڪار پيدا ڪيا. جن مان ڪيترن ته تمام وڏو نالو ڪمايو آهي. جهڙوڪ: مرحوم نبن سومرو عرف نبن موراڻي. هي صاحب جامو پائي پڳت به ڪندو هو ۽ ان کان سواءِ مزاحيه ڪلام به ڳائيندو هو. سندس هڪ ڪلام ته ڏاڍو مقبول ٿيو.

غريبن جا پاڇه گسائي ڇڏيا اٿئي،
ڏئي دام دڙڪا دٻائي ڇڏيا اٿئي.

نبن وڏو اداڪار هيو مرحوم ابراهيم سرهيو مرحوم گل محمد ساٿي. مرحوم صديق ميمڻ. مرحوم صديق ڏيٿو مرحوم يارمحمد پيرزادو- مرحوم عبدالحق ميمڻ هي صاحب خدمت خلق جي حوالي سان پوري سنڌ ۾ مشهور رهيو جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو. مرحوم منل ڪمالاڻي هن صاحب ”مورو ناهي ٿور“ ڪتاب به لکيو هو. مرحوم الهه رکيو چانڊيو بيٽ آفيسر. هارون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻلال، مرحوم حاجي منو سوهو مرحوم انور سولنگي. هن صاحب پاڪستان ريڊيو تي اداڪاري ۾ اداڪاريءَ ۾ تمام وڏو نالو ڪمايو پاڪستان ٽيليويزن جو وڏو اداڪار رهيو. ميان اسد الله پٽني هي صاحب ڪراچي ٽي وي تي پروڊيوسر آهي.

نور جمال شيخ مهاجر هي وڏو ڊانسر هيو ۽ موري جي مشهور ڳائڻي جيڪا استاد غلام رسول خان جي ڌي هئي ان سان شادي ڪيائين جيڪا پاڻ بہ وڏي اداڪار هئي مائي شمع شيخ.

ميان غلام نبي مورائي صاحب هن ئي صاحب تازو مهراڻ ٽي وي چينل کوليو آهي. ثقافت جي حوالي سان هي چينل مشهور ٿيو آهي. مرتضيٰ مجبور جون خدمتون هن چينل تي وسارڻ جهڙيون نہ آهن.

ميان قادر بخش عرف پلپلي جيڪو هاٽي مورو جي مشهور راڳي سوڍل فقير لغاريءَ سان سنگت ۾ آهي. عبدالقادر دايو احمد خان پرڙو. خادم حسين ابڙو ۽ ٻين ڪيترن جا نالا شامل آهن. مشهور ڊراما نگار استاد محمد صديق پرهياڙ بہ چٽل سان ڪم ڪيو هو.

هن ئي ڏينهن ۾ استاد عبداللطيف جتوئي نوان جتوئين وارو بہ ڊراما ڪندو هو. سندس ٽيم سواءِ ڪنهن نالي جي ڊراما ڪندي هئي. وڏو ميڪ اپ مين هوندو هو. ٿاٽي بولا خان جا واٽيا بہ ميڪ اپ ڪرائڻ لاءِ لطيف صاحب کي گهرائيندا هئا. استاد صديق، محمد صديق پرهياڙ هن جوئي شاگرد هيو.

### (1) شاهہ عبداللطيف آرٽ سرڪل مورو:

هيءَ پهرين باقاعده سرڪل هئي. جنهن جو افتاح پانڌي روڊ تي فلمن جي مشهور مسخري ”نظر“ ڪيو هو. هن سرڪل جو بنياد جن ماڻهن رکيو هو تن جا نالا هي آهن. هي بہ استاد چٽل جا شاگرد هئا.

1. صدر۔ يار محمد پيرزادو مورو.
2. سيڪريٽري۔ نور جمال شيخ مهاجر مورو.
3. جوائينٽ سيڪريٽري ۔ امير علي لونگاٽي مورو.
4. خزانچي ۔ عبدالڪريم ميمڻ پريا روڊ وارو مورو.
5. پروپيگنڊه سيڪريٽري ۔ شميم سومرو مورو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. آفيس سيڪريٽريَ_ الاهي بخش سومرو مورو.

7. ميمبر_ مرحوم نبن سومرو عرف نبن مورائي، صديق سهٽل، قادر بخش پلپلي، مسمات شمع، امتياز ڪمالاڻي ۽ ٻيا.

هن سرڪل مورو ۽ مورو کان ٻاهر ٽڪيٽ تي ڊراما ڪرڻ ڪرائڻ جو باقاعدي رواج وڌو.

## 2. لطيف آرٽ سرڪل مورو سنڌ:

مارچ 1976ع تي هن سرڪل جو بنياد پيو. هن سرڪل ۾ اهي ماڻهو هئا. جن جو اڳ ئي ڊرامن سان واسطو هيو. ڊرامي جي فن سان واڳيل هئا. عهديدار هئا.

1. چيئرمن — استاد محمديق پرهيار
2. نائب_ استاد فقير محمد عالماڻي
3. جنرل سيڪريٽري_ استاد جنگ خان پهنور
4. نائب_ استاد قمرالدين پنهور
5. ادبي انچارج — ارباب ڇڄڙو مورائي
6. خزانچي — استاد غلام نبي لاشاري ميمبر هئا. عبدالله رند جيڪو هن وقت هدايتڪار آهي. استاد مشتاق ابڙو ڪنڊيارو پريل سيال مورو مشهور شاعر اديب حافظ محمد بخش خاصخيلي نوان جتوئي.

استاد بچل بيوس پلوڙ شاعر_ ريڊيو پاڪستان جو پروڊيوسر مرحوم غلام قادر جوکيو. ڳوٺ مناخان جوکيو دولتپور. آفتاب ڳگهيو. عبدالغفور عباسي. غلام قادر شاهه ڏيپار جا. محمد عرس سومرو عرف شهزاد سومرو اسٽيج جو پلوڙ اداڪار غلام رسول لغاري مورو شعيب عباسي، طارق عباسي، مرحوم ببلي، مرحوم گلزار پروين جنهن فلم حيدر خان ۾ ڪم ڪيو هو. رمضان چانڊيو منياڻي.

ان زماني ۾ ضلع نوابشاهه هيو. ان ۾ هڪ ئي سرڪل هئي جيڪا پوري سنڌ ۾ اسٽيج ڊراما ڪنديهئي. هي اسٽيج جو سونهري دؤر هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان حوالي سان جن فنڪارن کي روشناس ڪرايو تن مان ڪجهہ نالا هت ڏجن ٿا. جن وڏو نالو ڪمايو آهي ۽ ڪمائين پيا. جهڙوڪ:- سنڌ جو بيتاج بادشاهہ راڳي مرحوم جلال چانڊيو پلوڙ موسيقار حال حيات انور حسين وسطڙو مرحوم ڦوٽو خان زرداري، هن وقت جي بر صغير جي وڏي ڳائڻي ميڊم عابده پروين، الهداد زرداري، غلام حسين زرداري ۽ ٻيا ڪيترائي.

## 3- لطيف آرٽ سرڪل مورو سنڌ:

هي آرٽ سرڪل تڏهن ٺهي جڏهن استاد محمد صديق پرهيار لطيف آرٽ سرڪل ٽوڙي ڇڏي ۽ ٻنا ڪنهن سرڪل جي ڊراما ڪرڻ لڳو هيو.

هن سرڪل جو نئين سر نرماڻ راقم الحروف يعني ارباب چجڙو ڪيو ۽ نئين جوش ۽ جذبي سان ڊرامن جي ڏوم کي برقرار رکيو. ڪراچي حيدرآباد، مٺي، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، لاڙڪاڻو، شڪارپور تائين ڊرامن جو دائرو وڌايو ويو ۽ اهوئي اڄ تائين برقرار آهي. 1986ع ۾ عهديدار هي هئا ۽ پوءِ سلسلو هلندو اچي.

1. صدر- ارباب چجڙو مورائي
2. جنرل سيڪريٽري- شهزاد سومرو
3. جوائنٽ- موسيٰ ڪليم راهو
4. خزانچي- نورالدين عباسي
5. آفيس سيڪريٽري- وسيم عباسي

هن سرڪل اداڪارن جو تمام وڏو انگ پيدا ڪيو آهي جن مان ڪن ٿورن جا نالا هت ڏجن ٿا. ڪشور سلطانہ نگهت سلطانہ مرحوم سيما نوابي ۽ سندس ڌي ساجده، هيران ۽ سندس ڀہ ڏيون ساجده ۽ ذڪيا. آسيہ ياسمين، نعيم، صائمہ، مرحوم منظوران لاءِ سندس ڌي فهميدا ۽ صائمہ منظور جيڪا هاڻي ڳائڻي آهي. مارئي سنڌو جيڪا هاڻي مورو جي ڪوئل ڳائڻي آهي ۽ سندس ڀيڻ ريما، انيلا، شازيہ بلوچ سلما، ثناءِ صائمہ گلزار جي ڌي ثناءِ گلوءَ جي ڌي ۽ محترمہ انجلي عرف صنم ناز ڪوثر.

محترم غلام اصغر چانڊيو. قمر ٻگهيو خالد ٻگهيو فياض عباسي، ميان باقر لغاري مسخرو استاد خير محمد ڏاهري، راجا فهيم، يار محمد پيرزادو سعيد سمو ڊانسر، عاشق لاکو وحيد عباسي، عباس گل سولنگي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدن خيالي، سليمان ماڇي، رمضان چانڊيو مورو بشير احمد خاصخيلي، حڪيم حاجي محمد يونس سولنگي، غلام نبي سيال، ڊاڪٽر منظور انڙ هن بہ پي ٽي وي تي ڪم ڪيو آهي، حفيظ ماڇي قمرالدين چانڊيو رضوان ملڪ مورو علي بخش پنهور ۽ مرتضيٰ بگو عرف مرتضيٰ مجبور.

## شاھ لطيف گروپ پھريون:

اڳواڻ شهزاد سومرو حفيظ خان، آغا عبدالغفور نبن مورائيءَ جو پٽ، غلام رسول ٻوهيو ۽ سندس پٽ شاهنواز ٻوهيو ۽ ٻيا ڪيترائي.

## شاھ لطيف گروپ ٻيون:

اڳواڻ استاد خير محمد ڏاهري پراڻو ڊانسر، ساجد سومرو ڪي ٽي اين جو اداڪار صفدر لاشاري جيڪو پراڻي اداڪار غلام نبي لاشاريءَ جو پٽ آهي ۽ ٻيا صاحب.

## پريت آرٽ سرڪل:

اڳواڻ ڊاڪٽر نصرالله قريشي صاحب، ڪرم الله سومرو شمن عطار الهورايو ڏلو ۽ ٻيا صاحب.

غلام رسول ملڪ، رزاق مستوئي غلام رباني چانڊيو گل پتي ۽ ٻين گڏجي سنڌ سپيتا ست جي تحت اسٽريٽ پلي ڪيا هئا. جهڙوڪ هل پنهل اڳتي قدم ۽ ڏوهي ڪير مشهور آهن.

قلندريءَ آرٽ سرڪل جهولي لعل سرڪل، نصير آرٽ سرڪل ۽ ٻيون سرڪلون بہ آهن.

فدا حسين سومرو مورائي. هن وقت ڪراچي ٽي ويءَ تي پروڊيوسر آهي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداڪار، فنڪار ۽ ڊرامہ نگار

سنڌ هزارين سالن کان پنهنجي تهذيب ثقافت ۽ جاگرافيائي حيثيت جي وارث آهي. انهي لحاظ کان سندس شهرن، واهڻن ۽ وستين ۾ ٿيندڙ سماجي، ثقافتي، سرگرمين جي پڻ پراڻي تاريخ آهي. هن ڌرتيءَ تي تمام وڏو نالو رکندڙ ذات ڏٺين جنم ورتو آهي. جن ڪي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر وڏو مان مليو آهي. ۽ انهن جي فن ۽ ذات سنڌ جي ثقافت کي ٻاهر روشناس ڪرايو. فن ۽ فنڪار جي حوالي سان بہ جيتري سنڌي تاريخ پراڻي آهي اوترو سنڌي فن ۽ فنڪار جي تاريخ بہ پراڻي آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ جيڪي اقتداري تبديليون آيون. انهن تبديلين جو پڻ سماج تي گهرو اثر پيو. چو تہ ڪڏهن ارغون، ترخان، تاتاري، عرب وغيره بہ هن ڌرتي تي قابض ٿيا. ۽ اهڙي طرح سنڌ مختلف دؤرن ۾ غلام، آزاد وري غلام رهندي آئي آهي. اهڙي طرح هن ڌرتيءَ تي مختلف دؤرن ۾ بہ فن ۽ ڪلا جي حوالي سان مختلف تبديليون پڻ آيون. اسان 19 صديءَ کان پوءِ فني سفر تي نظر وجهنداسين. تہ انهن دؤرن ۾ تعلقي موري جو ثقافتي ۽ فني لحاظ کان ڪهڙو حال هيو.

مورو شهر سنڌوءَ جي ڪناري تي واقع هجڻ سان پنهنجي هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿو. موري ۾ علمي، ادبي، ثقافتي سرگرمين جي بہ هڪ پراڻي تاريخ آهي. هن شهر ۾ وڏا عالم، بزرگ، استاد فنڪار، راڳي، اداڪار، شاعر، اديب پيدا ٿيا آهن. جن ۾ اداڪارن ۽ فنڪارن جو ذڪر ڪنداسين.

**پهريون دؤر:**

فن ۽ فڪر جي حوالي سان موري ۾ ذات ڏٺين جو هڪ وڏو تعداد ٿي گذريو آهي. جن پنهنجي فن ۾ ڀاڻ مڃايو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) استاد محمد چنگل سرهيو (اداڪار ڊراما نگار):

استاد محمد چنگل سرهيو ولد خالق ڏنو سرهيو. 7 جنوري 1916ع ۾ موري شهر ۾ ڄائو.

پرائمري تعليم موري مان ئي ورتائين. سندس استاد جعفر شاھ هيو. 1932ع ۾ نوشهروفيروز سينٽر مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري 1933ع ۾ پرائمري استاد جي نوڪري ورتائين. پاڻ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ درس وتدريس ڏيندو رهيو. پاڻ سٺي استاد هئڻ سان گڏ سٺا ڊراما نگار هدايتڪار اداڪار ۽ راڳ جا شوقين هئا. سندس طبيعت ۾ ثقافت جا سڀ رنگ هئا، جنهن جي بدولت پاڻ هميشہ فن، فنڪار ۽ ڏات ڏڻين جي خدمت ڪندي گذاريا ئون. جڏهن مين پرائمري اسڪول موري جا هيڊماستر ٿي آيا. تہ اسڪول جي انتظامن ۾ تمام گهڻو سڌارو آندائون. پاڻ نصابي ۽ غيرنصابي سرگرمين ۾ تمام گهڻيون خدمتون ڏنائون. موري شهر ۾ ثقافتي رنگارنگي پرائمري پيش ڪيائون. پاڻ موري اسڪول جا 15 سالن تائين هـ.م رهيا. ان دوران اسٽيج ڊرامہ، پڳتي راڳ ۽ موسيقي جا پروگرام ڪيائون. سندس مشهور ڊرامن ۾ حاتم طائي، دودو چينسر جن کي عوام تمام گهڻو ساراهيو. سندن ڪارڪردگيءَ سبب سندس شاگردن فن اداڪاريءَ ۾ وڏو نالو ڪمايو. جن کي سڄي سنڌ ۾ تمام گهڻي مڃتا ملي.

سنڌي ڊراما جو وڏو اداڪار انور سولنگي سندس شاگرد هيو. ان کان علاوه نبي بخش ڊکڻ، محمد صديق دلبر، محمد صديق ميمڻ جيڪو پڳتي گيت بہ ڳائيندو هيو. قادر بخش عمراڻي، قادر بخش جوکيو مرحوم يار محمد پيرزادو، عطا محمد سرهيو اسد الله پٽي ۽ ٻيا اڻ ڳڻيا فنڪار سندن شاگردن ۾ شامل آهن.

(2) انور سولنگي:

انور سولنگي 1944ع ۾ شهدادپور ۾ ڄائو. سندس وڏا پراڻي گچيري جا وينل هئا. هن پرائمري تعليم موري مان ورتي ۽ اداڪاريءَ جي شروعات مين پرائمري اسڪول موري مان استاد محمد چنگل جي اسٽيج ڊراما کان ڪيائين. سائين چنگل مرحوم هن کي ڏسندي اها پيشنگوئي ڪئي هيائين تہ انور وڏو ٿي تمام وڏو فنڪار ثابت ٿيندو. 1964ع ۾ ريڊيو پاڪستان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد کان پنھنجي ڪيريئر جي شروعات ڪيائين ۽ 1974ع ۾ ٽيلي ويزن تي اداڪاريءَ جي شروعات ڪيائين. جنھن ۾ ھزار کان وڌيڪ ناٽڪ شامل آھن. پي ٽي وي تان بہ ايوارڊ حاصل ڪيائين صدارتي ايوارڊ لاءِ بہ بہ دفعا نامزد ٿيو. پاڻ اداڪاري کان علاوه، ڊرامہ نگار شاعر، ڪھاڻي ڪار ھئا.

انور سولنگي جڏھن پٽي صاحب جي قاسيءَ واري خبر ريڊيو پاڪستان تان پڙھندي اناؤنس ڪئي تہ کيس نوڪريءَ تان ھٽايو ويو. ۽ آخري ڏينھن ۾ تمام گھڻي ڏکاري زندگي گذاريائين فالج، شگر ۽ دل جي تڪليف ۾ رھڻ رڳو آخر 4 اپريل 2008ع تي ھن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس مشھور ڊرامہ ڇھوٽي سي دنيا، ديوارين، راڻيءَ جي ڪھاڻي، دنگيءَ منجھہ درياءِ، وساريل واٽون آھن جن کي ناظرين گھڻو پسند ڪيو. مکڻ خان جي ڪردار کي سڄي ملڪ ۾ تمام گھڻي مڃتا مِلَي.

(3) محمد صديق پرھياڙ:

محمد صديق پرھياڙ 14 آگسٽ 1946ع تي محمد ھاشم پرھياڙ ڳوٺ ھبيري ضلعي نواب شاھہ ۾ پيدا ٿيو. جڏھن پاڻ پرائمري استاد جي ٽريننگ سانگي حيدرآباد ويو. اتي ثقافتي پروگرامن کان متاثر ٿي اداڪاريءَ جو شوق جا ڳيس. نوان جتوئي لڳ ڳوٺ نوڙھا جي استاد عبداللطيف جتوئي کان اداڪاريءَ جي سکيا ورتائين. پاڻ اداڪاريءَ سان گڏ ڊرامہ رائيٽر، ھدايتڪار پڻ ھيو. ان کان علاوه قومي تحريڪ سان بہ واڳيل ھيو. پاڻ ڪيترائي ڊراما سنڌ ڌرتيءَ جي آزاديءَ ۾ ھلچل تي پيش ڪيائين. سائين جي ايم سيد جو پوئلڳ رھيو. سندس مشھور ڊرامہ جاھل کي سڄي سنڌ ۾ پسند ڪيو ويو ”چلڪٽي داخير ھو وٽي“ سندس مشھور ڊائلاگ ھيو. سندس ياد گار ڪردار ڏڱاٽو ھيو. پاڻ ٽريجڊي رول ۾ ڏسندڙن کي روئاري ڇڏيندا ھئا. سندس فني خدمتن تي ڪيترائي ايوارڊ، شيلڊون مليون. پاڻ تمام گھڻا شاگرد پيدا ڪيائون. جن اداڪاري ۾ پنھنجو پاڻ ملھايو. پاڻ نون اداڪارن جي سکيا لاءِ شاھہ عبداللطيف آرٽ ڪائونسل جو قيام وڌائون. جن ۾ غلام نبي لاشاري، جنگ خان پنھور، قمر سنڌي، شعيب عباسي، جبار پريمي، خير محمد ڏاھري، فقير محمد عالماڻي، ارباب ڇڇڙو، عرس سومرو، عبدالله رند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شامل آهن. سندس ساٿي اداڪارن ۾ عبدالرحيم مڪٽو سولنگي، استاد محمد پريل سيال، حافظ محمد بخش خاصخيلي، فقير محمد عالماڻي هئا.

محمد صديق پرهياڙ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هيو پاڻ، اديب، استاد اڳواڻ، اداڪار هدايتڪار ۽ سماج سڌارڪ سان گڏ بهترين انسان هيو. آخري ڏينهن ۾ هو سنڌي ادبي سنگت شاخ موري جو سيڪريٽري هيو. پاڻ دم جي تڪليف سبب 26 اپريل 2008ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

**(4) اسدالله پٽي:**

اسدالله پٽي ولد ننگر خان پٽي 15- اپريل 1960ع ۾ دستگير ڪالوني موري ۾ ڄائو. پاڻ ننڍپڻ کان ئي اداڪاريءَ جو شوق رکندو هيو. سندس ڊراما جو استاد محمد چٽل سرهيو هيو. جنهن ڪيس اسٽيج تي آندو پاڻ فيميل ڪردار ادا ڪيائين ۽ ٻيا بہ ڪوڙ سارا ڪردار اداڪري پاڻ مڃرايائين. اسدالله پٽي 1985ع کان پاڪستان ٽيليويزن تي حالاتِ حاضره جو پروڊيوسر آهي. هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي.

**(5) استاد عبدالرحيم سولنگي (مڪٽو):**

استاد عبدالرحيم ولد محمد پريل سولنگي. 12 مارچ 1933ع ۾ ڄائو پرائمري تعليم مسلم اسڪول ٻگرو خان رند تعلقي موري مان حاصل ڪري مدرسا هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز مان 1950ع ۾ سنڌي فائنل ڪئي. پاڻ فني سفر جي شروعات مولودن ڳائڻ کان ڪيائين. بعد ۾ راڳ ڳائڻ ۽ اداڪاري ڪرڻ ۾ باقائده حصو ورتائين. سندس راڳ جي تربيت قاضي فيض محمّد ڪئي. دربيلي جي استاد مشتاق لنجار جي ڊرامي قاتل ۾ اداڪاريءَ جي ابتدا ڪيائين. سندس ڊراما تمام گهڻا مشهور ٿيا. سندس فني استاد غلام شبير عباسي شهداد ڪوٽ، قائم الدين پيزادو (دربيلو) آهن.

سندس مشهور ڊرامہ قاتل، سسئي پنهون- ليليٰ چينسر آهن. پاڻ بنيادي طور استاد هئا. سُني راڳ ڳائڻ ڪري ايچ ايم خواجا پيار مان ڪيس مڪٽو سڏيندو هيو جنهن ڪري اڄ بہ انهيءَ نالي سان مشهور آهي. پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيشنل ڳائڻو ڪونہ هيو. پر شوق جي لحاظ کان سيني ڪردارن کان نباهہ ڪيائين. سندس همعصر ساٿي فنڪار صديق پرهياڙ ۽ حافظ محمد بخش خاصخيلي آهن.

### (7) فقير محمد عالماڻي:

فقير محمد عالماڻي ولد گنهور خان عالماڻي ڳوٺ الهداد خان عالماڻي ۾ نائين فيبروري اوڻيهہ سؤ انتيهہ 19.38ع ۾ ڄائو. پاڻ سنڌي فائنل ڪري پرائمري استاد ٿيو. سندس فني سفر جي شروعات 1965ع ۾ ٿي. سندس فني استاد محمد صديق پرهياڙ آهي.

سندس بيشمار اسٽيج ڊراما، ٽي وي ڊراما ۽ وڊيو فلمن ۾ ڪم ڪيل اٿس. سندس مشهور ڪردار: واڻيو چرپٽ بادشاهہ ۽ جوڳيءَ جي روپ ۾ عوام کي گهڻو پسند آيو.

### (8) جنگ خان پنهور:

جنگ خان ولد فوٽو خان پنهور 20 آگسٽ 1949ع ۾ ڳوٺ جمع خان پنهور لڳ بيگ محمد پنهور ۾ ڄائو. پاڻ بنيادي طور استاد آهن. پر 1973ع ۾ اداڪاريءَ جي شروعات استاد محمد صديق پرهياڙ جي اسٽيج ڊرامن کان ڪيائين. سندس مشهور ڪردار جن کي عوام گهڻو پسند ڪيو. جن ۾ منشي، واڻيئي جو هيو. پاڻ وڊيو فلمن ۾ بہ ڪم ڪيائون. جنهن ۾ سمگلر، هيرو ۽ پٽر آهن. سندس مشهور ڊرامن ۾ جاهل، رت جارشتا، رت رنگ لاتو آهن.

### (9) قمر سنڌي:

قمرالدين پنهور پاڻ ڳوٺ بيگ محمد پنهور تعلقہ نوشهري ۾ ڄائو پاڻ شاهہ عبداللطيف آرٽ ڪائونسل جي پليٽ فارم تان اداڪاريءَ جي شروعات ڪيائين. سندس فني تربيت استاد محمد صديق پرهياڙ ڪئي. پاڻ اسٽيج ڊراما جا وڏا اداڪار آهن سندس مشهور ناٽڪ، جاهل، رت رنگ لاتو آهن. سندس واڻئي جي ڪردار کي تمام گهڻو پسند ڪيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(10) محمد يوسف ماڇي:

محمد يوسف ماڇي ڳوٺ پارو ماڇي لڳ لالو ماڇي تعلقي موري ۾ ڄائو. ننڍپڻ کان ئي ڪيس راڳ جو شوق هيو. پاڻ پنهنجي دؤر جو وڏو فنڪار هيو. ماستر چندر ۽ يوسف ماڇي همعصر فنڪار هئا. سندن جا راڳ مقابلا ٿيندا هئا. يوسف ماڇي، آواز ۾ گر، لئي جي حوالي سان وڏو فنڪار هيو. پاڻ ڪلاسيڪل ۽ نيم ڪلاسڪل راڳ جو ڄاڻو هيو. سندس ڪافي ريڪارڊ (فونا) ۽ ڪيسٽون نجي شوقينن وٽ موجود آهن.

(11) استاد انور الدين جتوئي (راڳي):

انور الدين ولد حاجي محمد عثمان جتوئي 2 فيبروري 1944ع ۾ ڳوٺ نوڙها لڳ نيو جتوئي تعلقه موري ۾ ڄائو. پاڻ بنيادي طور استاد آهي. سندس ڳائڻ جو شوق بالڪپڻ کان هيس. پر پوءِ باقاعدي راڳ جي سکيا حافظ محمد اسحاق ٿلٿيءَ واري کان ورتي. بعد ۾ استاد علي نواز خان ۽ امداد ميراثيءَ کان ورتائين پاڻ هن وقت سڄي ملڪ ۾ پر فارم ڪري چڪو آهي. خاص ڪري ڀٽائيءَ جي واين تي سندس آواز کي تمام گهڻو پسند ڪيو ويندو آهي. پاڻ تصوف جي ويراڳ کي گهڻو ڳائيندا آهن. سندس پسند جا شاعر ڀٽائي سرڪار ۽ اعجاز راشدي سائين آهن. پاڻ آمريڪا ۾ بہ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪا آهن.

(12) استاد محمد صديق ميمڻ:

استاد محمد صديق ولد پير بخش ميمڻ 1920ع ۾ موري شهر ۾ ڄائو. تعليم کان فارغ ٿي 1948ع ۾ استاد ٿيو. پاڻ ننڍپڻ کان ئي راڳ جو شوقين هيو. استاد محمد چٽل سرهئي جي ڊرامن ۾ پڳتي راڳ ۽ اداڪاري پڻ ڪندو هيو. سندس سنگ ۾ قادر بخش عمراڻي، نبن ڊکڻ قادربخش جوکيو هوندا هئا. پاڻ ڏهين نومبر 1981ع ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(13) خانصاحب عبدالحميد عباسي:

عبدالحميد عباسي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڄائو. پاڻ راڳ جي سکيا استاد منظور علي خان کان ورتائين ۽ موسيقيءَ تي تمام گهڻي دسترس حاصل ڪيائين. جيستائين مرحوم استاد منظور علي خان جيئرو هيو. پاڻ انهيءَ سان گڏ ڳائيندو هيو ۽ خانصاحب منظور علي خان جي وفات کانپوءِ سنڌ جي سيني علائقن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيائين. پاڻ 1986ع کان موري ۾ رهائش اختيار ڪيائين. عبدالحميد عباسي پنهنجي استاد جي بلڪل ڪاپي ڪري ڳائيندو هو ۽ ڪنهن کي خبر نه پوندي هئي ته استاد منظور علي خان ۽ عبدالحميد عباسي ۾ ڪهڙو فرق آهي. پاڻ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آ. پر سندس فن ۽ ذات کي هميشه ياد رکيو ويندو.

تعلقي موري جي حوالي سان فن ۽ ڪلاجو هيءَ پهريون دؤر ليکيو وڃي ٿو. جنهن ۾ ذات ڏٺي پنهنجي فن سان خلقِ خدا کي وندرائيند هئا. ڪافي اهڙا به فنڪار آهن جن تائين رسائي به نه ٿي سگهي آهي. پر عابده پروين، مائي الهه وسائي به موري ۾ ڪافي عرصو رهيون. خانصاحب عبدالڪريم ميمڻ ۽ محمد هاشم ملنگ به راڳ جا شوقين ليکيا وڃن ٿا. موري ۾ محفل سماع جو تقريبون خاص ڪري درگاهه بخاري سائين، درگاهه ابراهيم شاهه، درگاهه بيگن پير ۽ سليمان فقير ڪوري وٽ اڪثر منعقد ٿينديون هيون. جتي اڪثر ننڍا وڏا راڳي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. جن ۾ منو ڪلهوڙو راهب سولنگي ۽ ٻيا شامل آهن.

راهب سولنگي جلال چانڊيئي جو استاد هيو. پاڻ نجي مشاعرن، نجي دعوتن، قومي فنڪشن ۾ راڳ ڳائيندو آهي. ميڊيا تي يا ڪسيٽ ۾ هن غريب فنڪار کي موقعو نه مليو آهي پر پاڻ اڄ به ڪيترن ماڻهن جون دليون وندرائي پيو.

:

ٻيون دؤر:

تعلقي موري ۾ فنڪار اداڪار ۽ ٻيا ذات ڏٺي پنهنجي ثقافتي ورثي کي اڳتي وڌائيندا پيا اچن. انهن سڀني جو هيٺ ذڪر ڪنداسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) الهداد زرداري:

الهداد خان ولد باغ علي زرداري ڳوٺ مڪراري لڳ موري ۾ پهرين فيبروري 1959ع ۾ ڄائو. کيس ڳائڻ جو شوق ننڍپڻ کان هيو. ۽ ننڍي هوندي کان کيس رقص بہ ايندو هيو. پاڻ راڳ جي باقاعدي سکيا استاد محمد مٺل ميراثيءَ ۽ استاد فوتي خان زرداريءَ کان ورتائين. پاڻ سنڌ کان علاوه سڄي پاڪستان ۾ فن جو مظاهرو ڪيائين. ٽي–وي، ريڊيو کان علاوه ڇهہ سؤ کان مٿي آڊيو ڪيسٽون رڪارڊ ڪيائين. پاڻ اسٽيج تي اداڪاري پڻ ڪيائين ۽ وڊيو فلمن ۾ بہ ڪم ڪيائين. 2003ع ۾ سندس والد ۽ ڀاءُ قتل ٿي ويا. مخالف ڌر کي خون ۽ ڏنڊ معاف ڪري پنهنجي فقيري صفت ظاهر ڪيائين. هن وقت سندس فن ۽ ذات کي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. پاڻ سعودي عرب، ايران، عراق ۾ بہ سنڌ جي ثقافت ۽ فن کي روشناس ڪيائين.

(2) استاد علي گوهر:

استاد علي گوهر ولد گلاب خان رند 1950ع ۾ ڳوٺ ٻانولڳ سڪرنڊ ۾ ڄائو. ننڍي هوندي کان راڳ ۽ موسيقي سان گهڻي چاهہ هئڻ ڪري پاڻ موسيقيءَ سان هميشہ لاءِ واڳجي ويو. بنيادي طور پاڻ طبلہ نواز آهي پر پاڻ ٻيا بہ ساز جهڙوڪ: هارمونيم، بينجو، بانسري وغيره پاڻ خان صاحب ڳائڻن سان سنگت ڪري چڪو آهي. جنهن ۾ استاد منظور علي خان، استاد فتح علي خان استاد گلزار علي خان وغيره. پاڻ هن وقت درس روڊ موري ۾ رهائش پذير آهي.

(3) قادر بخش عمراڻي:

قادر بخش ولد عبدالرحمن عمراڻي 1947ع ۾ سرهيہ محلہ موري ۾ ڄائو. پرائمري تعليم موري مان ورتائين. استاد محمد چٽل سرهيي جي ڊرامن ۾ ڪم ڪيائين پاڻ پڪتي راڳ جو فنڪار آهن. پاڻ 1966ع کان وٺي اڄ تائين هن فن سان وابستہ آهي. راڳ سان گڏ مختلف ڊرامن ۾ اداڪاري ڪيائين سندس رول ڪاميڊين ۽ ڊانسر جا هوندا هئا. سندس ساٿي فنڪارن ۾ نبن ڊڪڻ، قادري جوکيو محمد صديق ميمڻ هوندا هئا. ساٿي اداڪارن ۾ مرحوم يار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد پيرزاده انور مهاجر، عطا محمد سرهيو هئا. اڄ بہ سندس مشهور اٽٺم سيد سليمان جي ڳايل گيتن تي رقص ڪي عوام گهڻو پسند ڪندو آهي.

(4) فقير سوڍل لغاري:

فقير سوڍل لغاري ولد علي بخش لغاري 1959ع ۾ ڳوٺ لغاري بجاراڻي تعلقي موري ۾ ڄائو. ڪيس ننڍپڻ کان ڳائڻ جو شوق هيو. پاڻ پرائمري کان وڌيڪ نہ پڙهي سگهيو. راڳ جي سکيا سيد احمد شاهہ بخاري کان ورتائين. سندس آڊيو ۽ وڊيو سي ڊيز جو وڏو تعداد سڄي سنڌ ۽ ان کان ٻاهر ٻڌو ۽ پسند ڪيو ويجي ٿو. سندس ڳايل ڪلام:

'اري لوگو تمهارا ڪيا، مين جانو ميرا خدا جاني' کي تمام گهڻو داد مليو. جنهن کان پوءِ عابده پروين بہ ساڳيو ڪلام ڳايو.

(5) عبدالله رند:

حاجي عبدالله رند ولد حاجي محمد موسيٰ رند 1955ع ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتائين. پاڻ 12 سالن جي عمر کان فن اداڪاريءَ ڏانهن لاڙو رکيائين سندس استاد اڪرم جمالي ۽ محمد صديق پرهياڙ آهن. 1968ع کان هن وقت تائين ڊرامي جي فيلڊ سان لاڳاپيل آهي. پاڻ سنڌي پرائيويٽ چينلن تي ڊائريڪشن، اداڪاري ڪندو آهي جنهن ۾ ڪي ٽي اين، مهراڻ، آواز چينل تي سندس ڪم نمايان نظر ايندو.

(6) ارباب علي چڇڙو:

ارباب چڇڙو ولد محمد صديق چڇڙو چوٿين جون 1954 ۾ ڳوٺ مورچو لڳ ديوان جو ڪڙيو تعلقي موري ۾ ڄائو. پاڻ نوان جتوئي مان اديب فاضل ڪيائين پرفي نہ هئڻ سبب امتحان بہ نہ ڏيئي سگهيو. ۽ بعد ۾ پنهنجي محنت سان اداڪاري ڏانهن شوق رکيائين ۽ سڄي سنڌ ۾ نالو ڪمايائين سندس فني تربيت استاد محمد صديق پرهياڙ ڪئي. سندس مشهور ڊرامن ۾ اڳيان ڏوڪڙ پنيان جو ڪر کي تمام گهڻو پسند ڪيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(7) وزير فرهاد سولنگي:

وزير فرهاد ولد محمد يوسف سولنگي پنجين جون 1967ع ۾ ڳوٺ مياڻي نٺ ڳوراهو ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتائين بنيادي طور استاد آهي. اداڪاري جو شوق ننڍپڻ کان اٿس. سندس استاد محمد سچل پيتو آهي. هن 1981ع کان اسٽيج ڊرامن تي اداڪاري جي شروعات ڪئي. هن پي ٽي وي، ڪي ٽي اين، مهراڻ، آواز چينلن تي ڪم ڪيو. ڊراما سيريل هڻ ڪڻ هاسپيٽل ۾ ڇتي مگڻهار جي ڪردار کي عوام گهڻو پسند ڪيو.

(8) غلام رباني چانڊيو:

غلام رباني ولد سجاول فقير ڏهين مئي 1966ع ۾ ڳوٺ ليٺ ننگر خان چانڊيو ۾ ڄائو پاڻ استاد چاڪر خان چانڊيءَ کان راڳ جي سکيا ورتائين. پاڻ سڄي سنڌ جي مشهور درگاهن تي ڳايو اٿن. سندس ڪافي وڊيو آڊيو سي ڊي عوام ۾ مقبول آهن.

(9) خادم حسين سمون:

خادم حسين ولد قرب علي سمون 1971ع ۾ ڳوٺ ماڙي لڳ موري ۾ ڄائو. انٽر تائين پڙهي سگهيو. پاڻ راڳ جي تربيت استاد امانت علي خان کان ورتائين. پاڻ سڄي سنڌ ۾ مختلف محفلن ۾ ڳائي چڪو آهي. سندس ڪافي ڪيسٽون رڪارڊ ٿيل آهن.

(10) صائمه منظور:

صائمه منظور موري شهر ۾ ڄائي. هن کي ننڍي عمر کان ئي ڳائڻ جو شوق پيدا ٿيو. پاڻ راڳ جي سکيا پنهنجي والد استاد امداد علي کان ورتائين. پاڻ هند ۽ سنڌ ۾ ڳائي وڏو نالو ڪمايو اٿس.

(11) شعيب عباسي:

محمد شعيب ولد محمد هاشم عباسي، پاڻ جتوئي ڪالوني موري ۾ ڄائو. ننڍڙي عمر ۾ استاد محمد صديق کان فن اداڪاري جي تربيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورتائين پاڻ ٽي وي اسٽيج ۽ فلم ۾ ڪم ڪيائين پاڻ سنڌ سماجي اڳواڻ، ڪمپيئر ۽ اداڪار آهي. سنڌس مشهور فلم هيرو ۽ پٽر سمگلر آهن. پاڻ هن وقت هڪ فلاحي ادارو هلائي رهيو آهي.

**(12) ڊاڪٽر نصرالله قريشي:**

نصرالله قريشي ولد امام الدين قريشي 22 اپريل 1965ع ۾ دستگير ڪالوني موري ۾ ڄائو. 1972ع ۾ استاد ڇتل سرهئي جو ڊرامو خدا دوست ڏٺائين جنهن بعد اداڪاريءَ جو شوق جاڳيس 1984ع ۾ هڪ وڊيو فلم دلاور کان پنهنجي فن جو آغاز ڪيائين. پاڻ نون اداڪارن لاءِ هڪ ادارو پريت آرٽ سرڪل قائم ڪيائين جتان هن ڪوڙ سارا اداڪار پيدا ڪيا. جن ۾ اسد سولنگي، عبدالرزاق مستوئي. نجم سرهيو. ڪرم الله سومرو مظفر راجپوت، مظفر گلاباڻي، اقبال پيرزادو منظور لونگاٽي، بشير گلاباڻي شامل آهن.

**(13) خير محمد ڏاهري:**

خير محمد ولد الهورايو ڏاهري پهرئين فيبروري 1971ع ۾ ڳوٺ حاجي محمد وارث ڏاهري لڳ سونهري فارم ۾ ڄائو. سنڌس فني استاد محمد صديق پرهياڙ ۽ فقير محمد عالماڻي آهن. پاڻ سڄي سنڌ ۾ اداڪاري ڪئي اٿن. سنڌس ڪافي فلمون ۽ ٽي وي ڊراما پسند ڪيا ويا. پاڻ هن وقت پرائيويٽ ٽي وي چئنلن تي ڪم ڪري رهيو آهي.

**(14) ڪرم الله سومرو:**

ڪرمالله سومرو ولد محمد ابراهيم سومرو ٻه ڊسمبر 1969ع ۾ ڄائو پاڻ فن اداڪاري سان وابسطه آهن ۽ اسٽيج، ٽي وي تي ڪم ڪيو اٿن. سنڌن فني تربيت استاد محمد صديق پرهياڙ ڪئي.

**(15) دريا خان ڪلهوڙو:**

دريا خان ولد محمد پيرل ڪلهوڙو 1970ع ۾ ڪانڌڙا محله موري ۾ ڄائو سنڌس کي ٻچپن کان ئي اداڪاريءَ جو شوق هيو. پاڻ استاد محمد صديق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان اداڪاري جي تربيت ورتائين. هن ٽي وي، فلم ۽ اسٽيج تي ڪم ڪيو. فلم سمگلر، هيرو پٽر ۾ ڪم ڪيائين.

**(16) خادم حسين ملاح:**

خادم حسين ولد عبدالرحمان ملاح ٽي فيبروري 1972ع ۾ بخاري محله موري ۾ ڄائو. پاڻ اداڪاري جي سکيا شهزاد سومري ۽ محمد صديق پرهياڙ ڪان ورتائين پاڻ اسٽيج ـ ٽي وي ـ فلم جو پلوڙ اداڪار آهي.

**تعلقي موري جي باقي ڏات ڏڻين جا هيٺ نالا ڏجن ٿا:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1ـ | منظور علي عرف سهراب قمبراڻي | رسول بخش قمبراڻي | راڳي |
| 2ـ | زاهد علي پيٽي | ننگر خان پيٽي | اداڪار |
| 3ـ | مهتاب ڪنول | فدا حسين ابڙو | گلوڪار |
| 4ـ | بالا بلوچ | گل محمد لغاري | گلوڪار |
| 5ـ | عبدالرؤف مگسي | غلام مرتضيٰ مگسي | گلوڪار |
| 6ـ | رضوان علي (جانو) | بشير احمد | اداڪار |
| 7ـ | شبير جان | بشير احمد ڪمبوه | اداڪار |
| 8ـ | فياض احمد ڪلهوڙو | دين محمد ڪلهوڙو | اداڪار |
| 9ـ | وحيد علي | مدد علي ڪلهوڙو | اداڪار |
| 10ـ | استاد الهه جڙيو | استاد امانت علي خان | سازندو |
| 11ـ | شهباز گل | الهداد زرداري | گلوڪار |
| 12ـ | محمد شريف | شفيع محمد زرداري | گلوڪار |
| 13ـ | پرويز علي سمون | گل حسن سمون | گلوڪار |
| 14ـ | مظهر علي | محمد پريل چانديو | اداڪار |
| 15ـ | محمد رمضان | مصري خان چانديو | اداڪار |
| 16ـ | انجم ناز | نور احمد ڪٺيال | اداڪاره |
| 17ـ | بشير احمد | محمد ايوب خاصخيلي | اداڪار |
| 18ـ | عاشق علي لاکو | غلام حسين لاکو | اداڪار |
| 19ـ | طارق عزيز ڪلهوڙو | محمد هاشم ڪلهوڙو | اداڪار |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 20ـ | خدن خيالي | | اداڪار |
| 21ـ | امداد علي سولنگي | | اداڪار |
| 22ـ | پپو ڪورائي | | اداڪار |
| 23ـ | عبدالحفيظ | عبداللطيف جتوئي | اداڪار |
| 24ـ | استاد سچل ڀٽو | | اداڪار |
| 25ـ | علي داد خاصخيلي محمد اسماعيل | | راڳي |
| 26ـ | مٺل فقير دڙائي | | = |
| 27ـ | پنهل فقير | محراب خان ڪوسو | = |
| 28ـ | محمد بچل | محمد يعقوب ڪوريجو | = |
| 29ـ | رجب علي | علي محمد خاصخيلي | راڳي |
| 30ـ | عاشق علي | جروار رب رکيو جروار | = |
| 31ـ | اعجاز علي | محمد بخش خاصخيلي | = |
| 32ـ | هادي بخش عرف بخشل ٻهڻ | خدابخش ٻهڻ | = |
| 33ـ | زوار ڏٽي بخش ڪوسو | (مرحوم) | = |
| 34ـ | مرحوم استاد مشتاق مگڻهار | | = |
| 35ـ | مرحوم استاد عبداللطيف جتوئي | | اداڪار |
| 36ـ | فدا حسين (فدا) خاصخيلي | | راڳي |
| 37ـ | علي حيدر خاصخيلي | | = |
| 38ـ | نانگو فقير | | = |
| 39ـ | محب علي فقير | | = |
| 40ـ | نصير فقير | | راڳي ۽ سازنده |
| 41ـ | محمد حنيف پٽي | | = |
| 42ـ | محمد حنيف چانڊيو | | راڳي /اداڪار |
| 43ـ | سلطان علي جروار | | = |
| 44ـ | برڪت فقير | | = |
| 45ـ | سڪندر علي چانڊيو | | = |
| 46ـ | گلڻ ملاح | شاعر/ | راڳي |
| 47ـ | دلشير تيوٽو | راڳي | |
| 48ـ | نورل ماڇي | = | |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 49_ | يوسف پنهور | = | |
| 50_ | نگهت سلطانہ | اداڪاره/ڊانسر | |
| 51_ | ڪشور سلطانہ | = | |
| 52_ | صائمہ منظور | = | |
| 53_ | ماروي سنڌو | گلوڪاره | |
| 54_ | الهواريو ڍلو | امير بخش ڍلو | اداڪار |
| 55_ | فهميده منظور | اداڪاره | |
| 56_ | ممتاز ڪنول | گلوڪاره | |
| 57_ | ياسمين گل ملاح | اداڪاره | |
| 58_ | نسيم گل ملاح | = | |
| 59_ | صائمہ گل ملاح | = | |
| 60_ | استاد امدادعلي | | سازندو |
| 61_ | عبدالڪريم زرداري | | = |
| 62_ | الهداد خاصخيلي | | = |
| 63_ | سينگار علي سمون | | |
| 64_ | معشوق علي سمون | | |

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ گريجيوئيٽس ايسوسيئيشن شاخ مورو

پاڪستان ۽ هندستان ٺهڻ کان اڳ يعني1947ع کان پهرين سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي هندو ۽ مسلمانن جو پاڻ ۾ مضبوط سماجي رشتو ۽ ناتو هوندو هو. ۽ سنڌ اندر سنڌي سماج جي رهڻي ڪهڻي، ريتون رسمون ۽ رواج سڀ هڪجهڙا هوندا هئا. جيڪي مذهبي مت ڀيد کان اعليٰ هوندا هئا. نيڪ ۽ خيراتي ڪمن جو مضبوط تصور هوندو هو پاڻي خاطر کوهه کوٽرائڻ نه رڳو انسانن لاءِ پر جانورن لاءِ به الڳ پاڻي پيئڻ جا حوض گڏ ٺهرايا ويندا هئا، مسافر خانه، ڌرم شالہ، خيراتي اسپتالون، اسڪول ۽ مڪتب ٺهرائڻ، غريب، مسڪينن ۽ يتيمن جي پرگهور مطلب ته فلاحي ڪمن جو تمام گهڻو رواج هوندو هو.

ورهاڱي بعد سنڌ مان سنڌي هندن لڏ پلاڻ ڪئي، نتيجي طور مڊل ڪلاس، وڏي تعداد ۾ واپاري، استاد، تعليمدان، هنرمند هندوستان لڏي هليا ويا، ۽ خيراتي ڪمن جو تصور گهٽجي ويو. وڏن شهرن سکر، حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٻين هنڌن تي لڏي آيل پناهگير آباد ٿيندا ويا، واپار ۽ مارڪيٽ تي قبضو ٿيندو ويو سنڌي ماڻهو جاگيرداري ڪلاس مان نڪري نه سگهيو. سرڪاري سطح تي ضلعي عملدارن ڊپٽي ڪليڪٽرن وٽ ريڊڪراس ۽ هلال احمر جهڙا سرڪار پرستي هيٺ هلندڙ فلاحي ڪمن ڪارين ذريعي ٿيندا هئا.

سنڌ ورهاڱي بعد جلد ئي ون يونٽ ۾ جڪڙجي وئي، ۽ سنڌ جي پڙهيل لکيل، اديبن، شاعرن، استادن، قلم ڪارن، پورهيتن هڪ وڏي تحريڪ هلائي ته جيئن ون يونٽ جو خاتمو ٿئي، شاگردن ۾ قومي تحريڪ جو اُڀار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدا ٿيو ۽ ون يونٽ خلاف هڪ مزاحمتي ڀرپور تحريڪ جنم ورتو سنڌ ڀڙڪي اٿي.

سنڌي سوڀارا ٿيا، ون يونٽ جو خاتمو ٿيو سنڌ جا ڪيترائي آفيسر، فني ماهر ۽ ٻيو سرڪاري ملازم عملو لاهور ڇڏي ڪراچي پهتا. جن جي رهائش، ٻارڙن جي تعليم ۽ سماجي ميل ميلاپ جا ڪيترائي مسئلا هئا، ان سب اها ضرورت هئي ته سنڌي پڙهيل طبقي جي هڪ سماجي جماعت ناهي وڃي، جيڪا پنهنجي مدد پاڻ تحت پنهنجا مسئلا حل ڪري سگهي ۽ جتي حڪومت جي مدد درڪار هجي اتي حڪومت سان لهه وچڙ ۾ اچي. مسئلن جو سائنسي حل ڳوليو وڃي انهن مسئلن ۾ به سڀ کان اهم مسئلو نوڪري پيشه سنڌي ماڻهن جي اولاد جي تعليم هو چاڪاڻ ته انگريزي ۽ اردو ميڊيم اسڪول ۾ وڃڻ سبب سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ روايتن سان ايندڙ نسل جي لاتعلقي ۽ هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين هڪ خال پڻ پيدا ٿي رهيو هو.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو پايو وجهڻ لاءِ 22 فيبروري 1971ع ڌاري ڪيفي نيوپارڪ صدر ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، شمشيرالحيدري، مراد علي جوڻيجو ۽ مورو شهر سان تعلق رکندڙ سائين بخش عباسي گڏيا.

ان بعد 6 اپريل 1971ع ڌاري ڪيفي نيوپارڪ صدر ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي ناهڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ۽ هي ڪم ڪار هڪ سال تائين متاثر رهيو. ملڪ اندر عام چونڊون ٿيون،جنگ لڳي اوير پاڪستان الڳ ٿي بنگلاديش ٿيو ۽ سنڌ ۾ ٻوليءَ جا فساد ٿيا. پر ڪوششون جاري رهيون. 4 جون 1972ع ڌاري ڪراچيءَ ۾ مختيار مغل جي جڳهه تي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي پهرين ساليانيون چونڊون ٿي گذريون جنهن ۾ هينيان عهديدار چونڊيا ويا.

صدر محمد بلال سيال، نائب صدر شمشيرالحيدري، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، جوائنٽ سيڪريٽري سائين بخش عباسي، مالي سيڪريٽري بخش علي لاکو انفرميشن سيڪريٽري محمد صالح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ. 29 سيپٽمبر 1972ع تي سگا جماعت کي 1860ع جي ايڪيهين ايڪٽ تحت رجسٽرار جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيز وٽ رجسٽر ڪرايو ويو.

هنن ڳالهين تي سگا کي اڳتي وڌائڻ لاءِ طئي ڪيو ويو:

1. سنڌ جي نجات جو واحد وسيلو تعليم آهي.
2. ماڻهن ۾ سماجي شعور پيدا نہ ٿيندو ايستائين پنهنجا سياسي مقصد بہ نہ سمجهي سگهندا.
3. تعليم يافتہ ۽ پڙهيل لکيل گريجوئيٽ هن ايسوسيئيشن جا ميمبر ٿيندا.
4. تعليم جي انهيءَ معيار ۾ ڊاڪٽر، وڪيل پروفيسر، اديب، شاعر، انجنيئر، ڪامورا، وزير، اسيمبلين جا ميمبر سنڌ ۾ هزارن ۾ آهن. پئسو سماجي حيثيت اثر رسوخ، ذهني، علمي صلاحيتون يڪجا ٿيڻ سان هڪ اهڙي سماجي تحريڪ هلائي سگهجي ٿي. جو پڙهيلن وسيلي اڻپڙهيل جي خدمت ڪري سگهي.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ڪراچي تائين محدود هوندي هئي ۽ اتان جي سماجي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪندي رهي. 14 جولاءِ 1974ع تي، سگاجون سنڌ اندر شاخون قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ آئين ۾ ترميم ۽ ڦير ڦار لاءِ هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو تہ جيئن ڪراچي اڳلين سنڌ جي ٻين شهرن جي گريجوئيٽس درميان لاڳاپا شروع ڪري سگهجن. آئين ۾ ضروري ترميم ڪرڻ کانپوءِ سڀ کان پهرين حيدرآباد شاخ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون. مورو لاءِ محمد خان سومري کي ڪنوينر مقرر ڪيو ويو. هي ليٽر 21 مارچ 1976 تي سگا PECHS سوسائٽي ڪراچي آفيس مان ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ جي صحيح سان جاري ٿيو. جنهن ۾ مورو شاخ کي رجسٽرڊ ڪوڊ نمبر 05 جاري ڪيو ويو.

21 اپريل 1976ع تي ليٽر نمبر SGA/1/76 سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن شاخ مورو جي جنرل سيڪريٽري محمد خان سومرو مرڪزي سيڪريٽري جنرل ڏانهن ڏياري موڪليو ويو. جنهن ۾ ڄاڻايو ويو تہ مورو شاخ سگا جي عهديدارن جي چونڊ 28 مارچ 1976ع آچر ڏينهن ٽائون هال مورو ۾ ٿي گذري جنهن ۾ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدر: محمد ايوب وينجهر، نائب صدر: محمد اسحاق چنہ، جنرل سيڪريٽري: محمد خانڻ سومرو جوائنٽ سيڪريٽري: نذير احمد قاضي. خزانچي: رحيم بخش ميمڻ، اطلاعات سيڪريٽري: عظيم سنڌي، ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي: صلاح الدين پنهور گل حسن ڪانڌڙو شفيع محمد ميمڻ، غلام رسول سرهيو عبدالقادر ابڙو.

11 اپريل 1976 ع آچر ڏينهن صبح جو سگا مرڪز جو وفد ايسوسيئيشن جي شاخ مورو جو افتتاح ڪيو. جنرل باڊيءَ جي گڏجاڻي جي صدارت ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ڪئي ۽ خاص مهمان مورو جي شهيد عبدالرزاق سومري جو والد سائين محمد سليمان سومرو هو هن موقعي تي ڊاڪٽر شريف ميمڻ پڻ آيل هو. سگا شاخ مورو جي پهرين باڊيءَ تي اها ذميواري رکي وئي تہ عام ۽ پڑهيل لکيل ماڻهن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن بابت شعور پيدا ڪري ۽ سماجي ڪمن جي اهميت پيدا ڪرڻ هئي، ان وقت سگا طرفان شهر مورو ۾ سماجي ڪمن جي شروعات ڪئي وئي.

1978ع ڌاري سگا شاخ مورو طرفان مختلف سرڪاري اسڪولن جي پرائمري اسڪولن ۾ 10 عدد پنکا ڏنا ويا. 15 عدد واٽر ڪولر فراهم ڪيا ويا. ۽ 6 عدد پاڻي لاءِ سيمينٽ جون ٽانڪيون ٺهرائي ڏنيون ويون. اکين جي بيمارين جي ڪئمپ لڳرائي وئي ۽ 35 نوجوانن کي نوڪريون پڻ ڏياريون ويون. هن ئي سال کي سگا طرفان سڄي سنڌ ۾ "لطيف سال" قرار ڏئي ملهايو ويو ۽ سڄي سنڌ ۾ عام موڪل جو پڻ مطالبو ڪيو. 1979ع ۾ ضلعي نوابشاهہ جي مرڪزي ڪاروباري ڪاميٽي جي گڏجاڻي سگا شاخ مورو ۾ ٿي. 1980ع ۾ ٻارڙن کي قرآن شريف جي درس ڏيڻ لاءِ سينٽر کوليو ويو. هن ئي سال کي ٻارن جو تعليمي سال ڪري ملهايو ويو. ۽ 16 نومبر 1979ع پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ "ڪل سنڌ ٻالڪ ميلو" لڳايو ويو. اسڪول شادي خان ڊلو ۾ ہہ ڪمرا تعمير ڪرايا ويا.

1980ع کي صحت جو سال ڪري ملهايو ويو. مورو شاخ ۾ پڻ ڊرگ بئنڪ قائم ڪئي وئي جنهن ۾ ضرورتمندن، غريبن ۽ بيمارن کي دوائون فراهم ڪيون ويون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1982ع ڌاري شاخ طرفان مضمون نويسي جو مقابلو بعنوان، ”قومن جو عروج ڪردار جي تعمير سان آهي“ منعقد ڪيو ويو. ان سان گڏ تقريري مقابلو ”مار بار جي سنوار آهي“ تي گذريو.

1982 ڌاري دادو مورو پل نهڻ جي خوشيءَ ۾ سگا شاخ مورو ۽ سگا شاخ دادو طرفان پل تي هڪ پروگرام، ”ڳانڍاپو“ تي گذريو جنهن ۾ استاد بخاري پڻ شريڪ ٿيو. مورو شاخ سگا جا عهديدار ۽ ميمبر ۽ دادو شاخ سگا جا عهديدار ۽ ميمبر دادو — مورو پل تي گڏيا، هڪٻئي کي هار پاتا ۽ ڀاڪر پائي مليا، جيئن استاد بخاريءَ جو هڪ شعر پڻ آهي تہ:

ٿٽي پوندي استاد دادوءَ جي دلڙي،
بخاري ڪان مورو متان موڪلائي.

هن سال 1982ع کي سگا مرڪز طرفان ”ڳوٺ سڌار سنگت“ طور سڄي سنڌ ۾ ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو.

1983 ڌاري سگا شاخ مورو جي ميزباني هيٺ ستون ساليانو ڪنوينشن مهراڻ ڪاليج مورو هاسٽل موجوده بحريہ فائونڊيشن ڪاليج ۾ ملهائڻ جو اهتمام ڪيو ويو. 15 ۽ 16 اپريل تي هي پروگرام منعقد ڪيو ويو.

سنڌ جي مختلف شهرن مان سگا شاخن جا عهديدار، ميمبر ۽ اديبن جي ڀرپور شرڪت رهي. هاسٽل گرائونڊ جي ٻاهرين روڊ واري ديوار تي مختلف رنگن جا جهنڊا لڳل هئا، ائين لڳي رهيو هو جڻ تہ ڪا بين الاقوامي ڪانفرنس آهي. برسات سبب پنڊال ڪري پيو پر بعد ۾ ان کي وري کوڙيو ويو.

سگا ساٿين سان گڏ مورو جي شهرين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اندازي موجب 300 کن ماڻهن شرڪت ڪئي. مرڪزي سيڪريٽري جنرل ولي محمد روشن ڪاروائي هلائي، جڏهن تہ صدارت چيئرمن سگا ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ ڪئي ۽ ساڻس گڏ اسٽيج تي شاخ جي جنرل سيڪريٽري قاضي نذير کي پڻ ويهاريو ويو. تلاوت ڪلام مولانا عزيزالله ٻوهيو ڪئي جڏهن تہ ڊاڪٽر ادل سومري شاهہ جا شعر پڙهيا. ننڍڙن ٻارڙن هڪ گيت جو منظر پيش ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگا شاخ مورو اپريل 1983ع ڪنوينشن ۾ ڪجھه ٺهراءَ پاس ڪيا. جيڪو ڊرافٽ برانچ جنرل سيڪريٽري قاضي نذير تيار ڪيو هو.

ملڪ ۾ مارشلا نافذ هئي، جنرل ضيا ملڪ جو صدر هو. هڪ اردو اخبار ۾ سگا خلاف خبر هلائي وئي ۽ جلدئي حڪومت سگاتي بندش هنئي ته ڪو به سرڪاري ملازم هن جماعت جو ميمبر نه هوندو. نتيجي طور ڪيترائي ڊاڪٽر، انجنيئر، ليڪچرار، استاد ۽ ٻيا سرڪاري ملازم سگا کي ڇڏي ويا. ۽ اهڙو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ بعد مختيارڪار مورو کان تصديق ڪرائڻ بعد پنهنجن کاتن ۾ جمع ڪرايا ته سندن سگا سان ڪو به تعلق نه آهي. هن صورتحال ۾ سگا کي ڪاپاري ڌڪ لڳو.

1983ع ۽ 1986ع دوران ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سنڌ اندر قتل و غارت ٿيو.

1988ع ۾ پ پ پ اقتدار ۾ آئي ۽ محترم بينظير ڀٽو ملڪ جي وزيراعظم بڻي ته سگا تان بندش سرڪار طرفان ختم ڪئي وئي ۽ سرڪاري ملازمن کي سگا ميمبر ٿيڻ جي اجازت ملي.

مورو شاخ اهڙي اعلان بعد سگا سرڪاري ملازمن کي ٻيهر ميمبر شپ ڏني ۽ سال 1989ع ڌاري سچل ڪانگريس ملهائي وئي، هند ۽ سنڌ جي اديبن شرڪت ڪئي ۽ وفد مورو ۾ پڻ گهمڻ آيو.

سال 1976ع:

**محمد ايوب وينجهر:** سگا شاخ مورو جي پهرين صدر هئڻ جو ڪيس اعزاز حاصل آهي. پيشي جي لحاظ کان پاڻ وڪالت ڪندڙ آهي. بزرگ ۽ بااصول وڪيل آهي. سندس سماجي خدمتون سگا شاخ ۽ مهراڻ ڪلب مورو جوڙائڻ ۾ سندس اهم ڪردار آهي.

سال 1976ع:

**محمد خان سومرو:** سگا شاخ مورو جي پهرين جنرل سيڪريٽري هئڻ جو ڪيس اعزاز حاصل آهي پاڻ شهر مورو جو رهواسي هن وقت حيدرآباد ۾ رهائش پذير آهي. پاڻ بئنڪ ملازمت ۾ گهٽي عرصي تائين رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال 1977ع:

**ڊاڪٽر بشير الدين ميمڻ:** سگا شاخ مور جو مسلسل ٽي دفعا صدر رهيو. اصل سندس ڳوٺ درٻيلو شهر هو پاڻ مورو ۾ بشير ڪلينڪ نالي اسپتال هلائيندو هو جيڪا نيشنل بئنڪ لڳ هئي. سگا ۾ بين سماجي ڪمن ۾ ڀرپور حصو ورتائين ۽ سگا ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين، بعد ۾ حيدرآباد منتقل ٿي ويو ۽ اتي وصال ڪري ويو.

سال 1977ع:

**نذير قاضي:** پاڻ سگا شاخ جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو. سندس مورو جي قاضي خاندان سان تعلق رهيو آهي. علمي، ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ سندس تمام گهڻيون خدمتون رهيون آهن. پاڻ مهراڻ ڪاليج مورو ۾ ليڪچرار رهڻ بعد ۾ سچل ڪاليج حيدرآباد ۾ ڪافي عرصو رهيو هن وقت رٽائرڊ ۽ ڪراچيءَ ۾ گلشن حديد ۾ رهائش پذير آهي.

سال 1979ع:

**عظيم سنڌي ولد محمد يوسف سولنگي:** مورو شهر جو رهواسي، شاگرد يونين ۽ مهراڻ ڪاليج مورو جو اڳواڻ پڻ رهيو. سگا ۾ بنيادي ميمبر هئڻ سان گڏ ڪافي عرصو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو ۽ صدر پڻ رهيو. مورو جي علمي ادبي ۽ سماجي ثقافتي سرگرمين جو مرڪز رهيو آهي. بقول خاڪي جويي جي ته مورو عظيم سان گڏ عظيم آهي. سگا سان اڄان ساٿ نڀائيندو پيو اچي سگا مرڪزي باڊيءَ ۾ پڻ ميمبر رهيو آهي.

سال 82-1981ع:

**واحد بخش شيخ ولد مرحوم محمد خان شيخ:** مورو شهر جي شيخ خاندان سان تعلق رکندڙ هو. مهراڻ ڪاليج مورو ۾ اسسٽنٽ پروفيسر رهيو. سگا شاخ مورو جو صدر پڻ رهيو. سنڌس تعليمي خدمت سان گڏوگڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماجي خدمتون پڻ ساراهه جوڳيون هيون. پاڻ روشن تارا اسڪول ڪاميٽي جو صدر پڻ رهيو. 2009ع ڌاري وصال ڪري ويو.

سال 82_1981:

**ڊاڪٽر محمد لائق زرداري:** سگا شاخ مورو جو جنرل سيڪريٽري رهي چڪو آهي. پاڻ پي.ايڇ.ڊي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري رکندڙ آهي. تعليم کاتي مان پرنسپال جي عهدي تان رٽائرمينٽ ڪيائين. ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف پڻ رهي چڪو آهي. هن وقت سنڌ حڪومت جي ثقافت واري کاتي ۾ ڊئريڪٽر جنرل بلاول انسٽيٽوٽ آف هسٽري ۽ ريسرچ نوابشاهه آهي.

**شفيع محمد ميمڻ:** 84_1983ع ڌاري سگا شاخ مورو جو جنرل سيڪريٽري رهيو. پاڻ بهترين استاد رهيو ۽ رٽائرمينٽ ڪيائين. ميمڻ محلا مورو جو رهندڙ هو. ڪافي عرصو ٿيو آهي جو هي فاني جهان ڇڏي ويو آهي.

**غلام رسول سرهيو:** 1985ع ڌاري سگا شاخ مورو جو صدر رهي چڪو آهي. پاڻ شهر جي سرهيا خاندان سان تعلق رکندڙ آهي. سگا سان سٺو نڀاءُ ڪيائين، ان سان گڏوگڏ روشن تارا اسڪول مورو جي سنياليندڙ مهراڻ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو صدر پڻ رهيو آهي، پيشي جي لحاظ کان بزنس مين آهي.

**ڊاڪٽر سليمان سولنگي:** 1985ع ڌاري سگا شاخ مورو جو جنرل سيڪريٽري رهيو. پاڻ سگا مرڪزي باڊيءَ ۾ پڻ رهي چڪو آهي. صحت کاتي ۾ ڊاڪٽر آهي. پاڻ سماجي خدمت سان گڏوگڏ علم ادب جو ڄاڻو ۽ آزاد نظم جو بهترين شاعر پڻ آهي. سندس تازو ڪتاب "چنڊ سمنڊ ۽ پٿر اکيون، ڇپجي پڌرو ٿيو آهي تمام ذهين ۽ سياسي سماجي شعور رکندڙ آهي. هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي.

**ڊاڪٽر ممتاز علي ميمڻ ولد محمد جڙيل ميمڻ:** 87_1986ع ڌاري سگا شاخ مورو جو صدر رهيو. سگا جو همدرد ۽ هڏوڏوڪي رهيو آهي. پاڻ هڪ بهترين سماجي ورڪر پڻ رهيو آهي. سگا سان گڏوگڏ ٻين به ڪيترن ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماجي تنظيمن سان سندس وابستگي رهندي آئي آهي. پاڻ هن وقت سول اسپتال مورو ۾ ميڊيڪل آفيسر آهي. نوجوان ۽ همٿ وارو سگا ساٿي آهي.

**عبدالمجيد ميمڻ:** 89_1988ع ڌاري سگا شاخ مورو جو صدر پڻ رهيو. مورو شهر جي سماجي ڪمن ۾ ڀرپور حصو ورتائين. مورو شهر جي مڙني علمي، ادبي، سماجي ۽ ثقافتي تنظيمن سان هميشہ ڀرپور سهڪاري رهيو. ڪجهہ حالتن سبب مورو شهر مان لڏي حيدرآباد هليو ويو. آخري وقت ۾ بيماري ۾ مبتلا رهيو ۽ انتقال ڪري ويو. پاڻ سگا مرڪزي رهنما مظهر ميمڻ جو ڀاءُ هو.

**نثار احمد ميمڻ:** 87_1986 کان 95_1994ع تائين سگا عهدو ماٽيندڙ نثار احمد ميمڻ ولد بصرالدين ميمڻ جو جنم تاريخ 1961_12_05 مورو ۾ ٿيو. سگا شاخ مورو جو ڪافي عرصي تائين جنرل سيڪريٽري رهيو. برانچ ۾ سماجي سرگرمين ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين. اڄ ڏينهن تائين سندس سڃاڻپ سگا حوالي سان آهي. مختا طور ڪيس شيلڊ پڻ مليل آهي. سگا کان علاوه مورو جي ٻين ڪيترن ئي سماجي تنظيمن سان لاڳاپيل رهندو پيو اچي. يونائيٽيڊ ايجوڪيشنل ويلفيئر سوسائٽي جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو آهي.

**ڄام انيس الرحمان:** ولد ڄام امام بخش جو جنم شهر مورو ۾ ٿيو. پاڻ سگا مورو شاخ جو صدر رهيو آهي. سگا سان سٺو ساٿ نڀايائين، اڄا تائين پڻ بهترين همدرد ۽ ميمبر آهي. سئي سدرن گئس ڪمپني ۾ انجنيئر آهي. سندس وقت ۾ سگا شاخ مورو ڪافي سرگرم رهي.

**شفيق احمد ميمڻ:** شفيق احمد ميمڻ جو جنم 1968_11_25 تي شهر مورو ۾ ٿيو. 93_1992ع ڌاري شاخ مورو جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو. سندس والد جو نالو مرحوم استاد مشتاق احمد ميمڻ آهي. پاڻ تمام ذهين ۽ هوشيار آهي. قائد عوام يونيورسٽي ڪاليج نوابشاهہ مان انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪيائين. هن وقت KESC ڪراچي ۾ انجنيئر آهي.

**عبدالحميد ميمڻ** ولد محمد ابراهيم ميمڻ جو جنم 1962_09_05 تي مورو ۾ ٿيو. 91_1990ع ڌاري سگا شاخ مورو جو صدر ٿيو. پاڻ نوجوان ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همٿ وارو آهي. سگا جي ڪمن ڪارين ۾ ڀرپور حصو ورتائين. پيشي جي لحاظ کان وڪيل ۽ بلڊرز پڻ آهي. مورو شهر ۾ رهائش جي جديد سهولتن جو رواج پاڻ وڌائين. شهر اندر باءِ پاس لڳ مورو باءِ پاس ٽائون رٿا سندس ڪامياب ڪوششون ثابت ٿيون. ان کان علاوه گارڊن سٽي، هيون سٽي، بزم اوينيو ۽ بيون هائوسنگ پلاٽ اسڪيمون پڻ هلائي رهيو آهي. سندس هڪ ڪتاب آتم ڪٿا 'گهاريل گهڙيون' پڻ ڇپيل آهي. مختلف طور ڪيس ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليل آهن.

**اياز محمد راڄڙ ولد محمد حسن ميمڻ** جو جنم 1960-5-3 مورو ۾ ٿيو 97-1996ع ڌاري سگا شاخ مورو جو جنرل سيڪريٽري رهيو. سگا جو پراڻو ساٿي ۽ ورڪر آهي. پاڻ اصل مورو شهر جو رهواسي هئڻ سان گڏوگڏ ڪراچيءَ ۾ پڻ رهائش پذير آهي. سگا جي ڪمن ڪارين ۾ هڙان وڙان گرمي توڙي سردي، پروگرام، سالگرهه تقريبون ڪنوينشن ۾ نمايان نظر پيو ايندو. سگا جو اڻٿڪ ۽ جاکوڙي ورڪر آهي ۽ بلڊ بئنڪ ڪيمپون لڳرايون. مختلف طور ڪيس سگا ايوارڊ شيلڊون ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ مليل آهن.

**حفيظ الرحمان شيخ** ولد قادر بخش شيخ 1963-8-21 تي مورو شهر ۾ جنم ورتو. 99-1998ع ڌاري سگا شاخ جو صدر پڻ رهي چڪو آهي. سندس خانداني تعلق شهر جي زميندار گهراڻي شيخ خاندان سان آهي. پاڻ نوجوان ۽ جستجو ڪندڙ همدرد ۽ هڏ ڏوکي پڻ آهي پيشي جي لحاظ کان وڪالت ۽ زميندارِي ڪندو رهي ٿو. 2002ع ڌاري بلدياتي اليڪشن ۾ تعلقي مورو جو نائب ناظم پڻ رهي چڪو آهي.

سندس عرصي ۾ بلڊ بئنڪ، ڪيمپ، ملهه رانديون بيون سرگرميون پڻ رهيون، کيس مختلف طور سگا ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ مليل آهي.

**غلام نبي سيال ولد عبدالله خان سيال:** 24 مئي 1966ع ڳوٺ حاجي جان محمد سيال ۾ جنم ورتو. 99-1998ع ڌاري شاخ جو جنرل سيڪريٽري بڻيو. سگا سان تمام گهڻو ساٿ نڀايائين. ڪافي عرصو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو. بعد ۾ ڪراچي سگا هيڊ آفيس ۾ ڪجهه وقت ملازمت اختيار ڪيائين پوءِ مرڪزي انفرميشن سيڪريٽري پڻ بڻيو. هن وقت نوابشاهه ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وفاقي حڪومت جي تعليمي پراجيڪٽ ۾ آفيسر آهي. هن جي عرصي ۾ مورو شاخ ۾ چمڙي ڪيمپ، ليڪچر پروگرام، تعيلمي ڪانفرنس، ڪلچر پروگرام تي گڏريا ڪيس مجتا طور ايوارڊ پڻ مليل آهن.

**نظر حسين ميمڻ** ولد ڪوڙو خان ميمڻ 1958ـ8ـ9 مورو شهر ميمڻ محلا ۾ جنم ورتو. سال 2001ـ2000ع ڌاري سگا شاخ مورو جو صدر رهيو. پاڻ سگا جو پراڻو ساٿي آهي. ان کان علاوه ٻين به ڪيترين ئي سماجي تنظيمن سان لاڳاپيل رهيو آهي. سندس ذاتي ڪوششون پڻ فلاحي ڪمن لاءِ وقت ۾ وقت رهيون آهن. بلڊ بئنڪ، زڪوات عشر ۽ ٻيا پڻ سندس انيڪ خيراتي ڪم ساراهه جوڳا آهن. ڪيس ايوارڊ پڻ مليا .

**فقير عبدالجبار ميمڻ:** 2002ـ03ع ڌاري سگا جو صدر بڻيو سگا سان سندس پراڻو سات آهي. پاڻ اڪثر شاخ جو خزانچي رهيو آهي. پيشي جي لحاظ کان بزنيس مين آهي.

**رضا ايوب لانگاهه:** ڪجهه وقت لاءِ سگا شاخ جو جنرل سيڪريٽري ٿيو. پاڻ پيشي جي لحاظ کان بهترين استاد ۽ شاعر پڻ آهي. سنڌي ادبي سنگت سان ويجهڙائي رهي اٿس.

**غلام رضا ميمڻ:** سال 2004ـ06ع ڌاري سگا شاخ مورو جو صدر بڻيو.

سگا جو پراڻو ورڪر، ساٿي همدرد ۽ قومپرست نظريي سان تعلق رکندڙ هو. سندس والد صاحب اصل هالا جا رهواسي ۽ پوءِ مورو ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. جوانيءَ ۾ سندس انتقال ٿي ويو. سگا مجتا طور ڪيس لائيف اچيومينٽ ايوارڊ ڏنو سندس پاءُ محمد خان ميمڻ هن وقت سگا شاخ جو نائب صدر ۽ آهي آصف رضا پٽ ميمبر آهن.

**محمد حنيف سومرو:** ولد محمد صفر سومرو مورو شهر ۾ جنم ورتو. سال 2004ـ06ع دوران جنرل سيڪريٽري رهيو. هي نوجوان دوست ورڪر ۽ سنڌ دوست ۽ شعوري طرح سياسي ورڪر پڻ آهي. سگا سان سات نڀايائين. هن وقت ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪري ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال 09_2006ع ۽ 2012_2009ع:

**غلام الله ميمڻ** ولد عبدالڪريم ميمڻ جو جنم شهر مورو ۾ ٿيو. پيشي جي لحاظ کان وڪالت ڪندو رهي ٿو. سگا شاخ مورو جو پراڻو ساٿي ۽ ميمبر آهي.

سال 09_2006ع ۽ سال 12_2009ع شاخ اندر سگا جو صدر چونڊجي آيو.

سال 2009ع ڌاري سگا جو مرڪزي ڪنوينشن مورو ۾ يونائيٽيڊ پبلڪ اسڪول باءِ پاس ٽائون مورو ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سڄي سنڌ جي سگا ساٿين شرڪت ڪئي. ٽن ڏينهن وارو ڪنوينشن نومبر 14 تاريخ شروع ٿيو. هن جي عرصي ۾ شاخ اندر چمڙي ڪيمپ، هيپاٽائيٽس ۽ مختلف ڪيمپ پڻ لڳايون ويون آهن.

**شفيع محمد ڀٽي** ولد حاجي ڳهٽو ڀٽي جو جنم 14_1_1964 تي ڳوٺ ڏٽل ڀٽيءَ ۾ ٿيو. سال 09_2006ع ۽ سال 12_2009ع شاخ سگا مورو جو جنرل سيڪريٽري رهندو آيو آهي. سگا جو همدرد ۽ جاکوڙي ورڪر آهي. سندس سماجي خدمتون پنهنجي علائقي لاءِ پڻ ساراهه جوڳيون آهن.

## سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جا ڪراچي ۾ مورائي ساٿي

**غلام نبي مورائي:**

غلام نبي مورائي سِگا جو تاحيات ميمبر آهي. مورائي صاحب گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ آهن. شاگردي واري زماني ۾ ڪيئي ڀيرا جيل ويو. 1970 ۾ يحيٰ خان جي مارشل لاءِ واري زماني ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچي جي جيلن ۾ ڇهه مهينا قيد ڪاٽيائين. سرڪاري نوڪري دؤران سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ NHA جو جنرل مينيجر ٿي رهيو. موري شهر جي سماجي ڪمن ۾ هميشه اڳيرو رهيو. سنڌ جي قومي تحريڪ جو قابل اعتماد ساٿي ان وقت قومي گيت ڳائي عوام کي سجاڳيءَ جو پيغام ڏنو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1988ع ۾ ٿيندڙ لساني جهيڙن ۾ قاسم آباد ويلفيئر ايسوسيئيشن جي صدر جي حيثيت سان متاثر ٿيندڙ سنڌي ماڻهن جي جنهن نموني سان مدد ڪئي اها پنهنجو مثال پاڻ آهي. سندس جي ان مثالي ڪارڪردگي عيوض 1990ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن پاران کيس گولڊ ميڊل ايوارڊ ڏنو ويو. مهراڻ ٽي وي چينل پڻ پاڻ آندو اٿائين.

**عبدالرحمان سيال:**

عبدالرحمان سيال سگا جي پراڻن ساٿين ۾ ليکيو وڃي ٿو. سگا لاءِ پنهنجي هڙان وڙان گهٽو ڪجهه ڪندو رهندو آهي. سيال صاحب چانورن جي اداري ۾ ڊائريڪٽر رهي چڪو آهي. پاڻ اصل موري کان ٿورو پري ڳوٺ جان محمد سيال جا رهاڪو آهن ۽ هن وقت ڪراچي ۾ رهائش پذير آهن ۽ سِگا ڪراچي شاخ جا صدر پڻ رهي چڪا آهن، هن وقت مرڪزي عهديدار پڻ آهي.

**ولي محمد روشن:**

سپ کان وڏيڪ عرصو مرڪزي سيڪريٽري جنرل جي عهدي تي خدمتون انجام ڏيندڙ جناب ولي محمد روشن سِگا جي اوائلي ساٿين ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. پاڻ اصل موري کان ٿورو پري ڳوٺ دودو ينيرو جا رهاڪو آهن. پاڻ انتهائي قوت برداشت جا مالڪ، ڪم جا ڪوڏيا مڙني ڪارڪنن سان محبت رکندڙ آهن، روشن صاحب سرڪاري ملازمت تان رٽائر ڪيائين. هن وقت سال 12_2009ع لاءِ سگا مرڪزي سيڪريٽري جنرل آهي.

**مولا بخش چنڊ:**

مولا بخش چنڊ صاحب سِگا ڪراچي شاخ جا جنرل سيڪريٽري رهي چڪا آهن. پاڻ هر وقت فلاحي ڪمن ۾ مشغول هوندا آهن. سندس شمار سِگا جي محنتي ساٿين ۾ ليکيو وڃي ٿو. هن وقت ڪراچي ۾ رهائش پذير آهن اصل موري کان ٿورو پري چنڊن جي ڳوٺ جا رهاڪو آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سائين بخش عباسي:

سائين بخش عباسي سِگا جي بنيادي ميمبرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. پاڻ اصل موري کان 15 ڪلو ميٽر پري اوپر طرف ڳوٺ دائم ڪلهوڙي جا رهواسي آهن. سي-ايس - پي جو امتحان پاس ڪرڻ بعد انڪم ٽيڪس ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. عباسي صاحب ڪافي وقت سِگا ۾" سرگرم رهيو. هن وقت ڪراچي ۾ رهائش پذير آهي.

## قاضي مشتاق احمد:

قاضي مشتاق احمد سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جا ميمبر ۽ همدرد آهن. پاڻ وفاقي توڙي صوبائي ملازمت دوران ڪيترن ئي هنڌن تي ڊائريڪٽر ۽ سيڪريٽري رهندا اچن ٿا. قاضي صاحب سنڌ جي ماڻهن سان نوڪرين ڏيارڻ جي سلسلي ۾ ڪافي مددگار رهيا آهن، ۽ ڪيترن ئي نوجوانن کي نوڪريون پڻ وٺرائي ڏنيون اٿن. پاڻ اصل موري جا آهن.

## پروفيسر مظهرالدين ميمڻ (مرحوم):

ايسوسيئيشن جي لاءِ هڪ سرمايو هيو جنهن جو خال شايد ئي پرجي سگهي. مظهر مرحوم سِگا لاءِ پاڻ ارپي ڇڏيو هو. سِگا لاءِ هڪ بهترين منتظم هيو. جيئن تہ سندس شعبو درس وتدريس هيو ان ڪري پاڻ سِگا جي روشن تارا اسڪولن لاءِ جنهن نموني رٿابندي ڪيائين اها پنهنجو مٽ پاڻ هئي. پاڻ سيڪريٽري جنرل جي عهدي تي ڪافي سال رهيا. سِگا لاءِ پنهنجو پاڻ ارپيندڙ هن عظيم هستيءَ کي سِگاجا ساٿي هميشہ ياد رکندا. سندس مزار موري شهر جي خليفي قبرستان ۾ آهي.

## اشارت حسين ميمڻ:

اشارت حسين ميمڻ ولد محمد صديق ميمڻ "دلبر" جنم سيد محلا مورو. پاڻ هن وقت ڪراچي ۾ KESC ۾ ملازم آهي گڏوگڏ ڪافي عرصي کان سگا ميمبر ۽ سگا هيڊ آفيس ۾ شام جو ملازمت بہ ڪندو رهي ٿو. سگا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بهترين ورڪر ۽ سٺن ساٿين ۾ ليکيو وڃي ٿو. تازو پاڻ هڪ ڪتاب ”سگا سهائي“ سال 2008ع ۾ سهيڙيو آهي ۽ مرتب پاڻ آهي.

### 1976 کان 2010 تائين عهديدارن ۽ ميمبرن جو تفصيل:

**سال 1976ع:**

| | |
|---|---|
| محمد ايوب وينجهر | (صدر) |
| محمد اسحاق چنه | (نائب صدر) |
| محمد خان سومرو | (جنرل سيڪريٽري) |
| نذير احمد قاضي | (جوائنٽ سيڪريٽري) |
| عظيم سنڌي | (اطلاعات سيڪريٽري) |
| رحيم بخش ميمڻ | (خزانچي) |
| صلاح الدين پنهور | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| شفيع محمد ميمڻ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| عبدالقادر ابڙو | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| گل حسن ڪانڌڙو | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| غلام رسول سرهيو | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |

**سال 1977ع:**

ڊاڪٽر بشير الدين ميمڻ (صدر)

| | |
|---|---|
| محمد خان سومرو | (نائب صدر) |
| نذير احمد قاضي | (جنرل سيڪريٽري) |
| محمد صديق ’دلبر‘ | (جوائنٽ سڪريٽري) |
| عظيم سنڌي | (اطلاعات سيڪريٽري) |
| رحيم بخش ميمڻ | (خزانچي) |

**سال 1978ع:**

ڊاڪٽر بشير الدين ميمڻ (صدر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رب پرتو انصاري (نائب صدر)
عظيم سنڌي (جنرل سيڪريٽري)
سليم جمال ميمڻ (جوائنٽ سيڪريٽري)
رحيم بخش ميمڻ (خزنچي)
اختر مورائي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
صلاح الدين پنهور (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
عبدالقيوم صديقي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
نذير احمد قاضي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
محمد نوح ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
رسول بخش ٻگهيو (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)

سال 1979ع:

ڊاڪٽر بشير الدين ميمڻ (صدر)
محمد خان سومرو (نائب صدر)
عظيم سنڌي (جنرل سيڪريٽري)
اختر مورائي (جوائنٽ سيڪريٽري)
عطا محمد ميمڻ (اطلاعات سيڪريٽري)
غلام نبي سمون (خزانچي)
سيد علي بخش شاهه (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
حاجي محمد عاقل سولنگي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
نذير احمد قاضي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
جان محمد ايم عطار (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
صلاح الدين پنهور (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
رب پرتو انصاري (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)

سال 1980ع:

ڊاڪٽر بشير الدين ميمڻ (صدر)
اختر مورائي (نائب صدر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| عظيم سنڌي | (جنرل سيڪريٽري) |
| غلام الله ميمڻ | (جوائنٽ سيڪريٽري) |
| غلام نبي سمون | (خزانچي) |
| رب پرتو انصاري | (اطلاعات سيڪريٽري) |
| ڊاڪٽر محمد بچل ميمڻ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| محمد زمان پنهور | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| جمال الدين مؤمن | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| جان محمد ايم عطار | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| صلاح الدين پنهور | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| محمد هارون ٻلال | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |

سال 82_1981ع :

| | |
|---|---|
| واحد بخش شيخ | (صدر) |
| اختر مورائي | (نائب صدر) |
| ڊاڪٽر محمد لائق زرداري | (جنرل سيڪريٽري) |
| عبدالله ڪورائي | (جوائنٽ سيڪريٽري) |
| رب پرتو انصاري | (خزانچي) |
| محمد يونس سولنگي | (اطلاعات سيڪريٽري) |
| سيد علي بخش شاهه | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| محمد صديق 'دلبر' | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| منظور احمد قريشي | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| محمد بخش سيهڙ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| نذير احمد قاضي | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| صلاح الدين پنهور | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| محمد هارون ٻلال | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| عظيم سنڌي | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال 84_1983ع:

نذير قاضي (صدر)
محمد علي قاضي (نائب صدر)
شفيع محمد ميمڻ (جنرل سيڪريٽري)
هارون ٻلال (جوائنٽ سيڪريٽري)
رب پرتو انصاري (خزانچي)
عظيم سنڌي (اطلاعات سيڪريٽري)
سيد علي بخش شاهه (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
احسان علي لغاري (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
محمد بخش سيهڙ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
نذير احمد سومرو (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
محمد صديق ”دلبر“ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
واحد بخش شيخ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
حاجي رسول بخش ٻگهيو (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
حاجي محمد يونس سولنگي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
محمد چٽل ابڙو (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)

سال 1985ع:

غلام رسول سرهيو (صدر)
عبدالجبار ميمڻ (نائب صدر)
محمد سليمان سولنگي (جنرل سيڪريٽري)
باز محمد سيال (جوائنٽ سيڪريٽري)
غلام مرتضيٰ ميمڻ (اطلاعات سيڪريٽري)
غلام عباس سرهيو (خزانچي)
ڊاڪٽر ممتاز ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
شير علي سومرو (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
سيد محرم علي شاهه (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام رضا ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
محمد بخش سيھڙ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
امام الدين سولنگي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
نثار احمد ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
عظيم سنڌي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)

**سال 87_1986ع:**

ڊاڪٽر ممتاز علي ميمڻ (صدر)
عبدالجبار ميمڻ (نائب صدر)
شير علي سومرو (جوائنٽ سيڪريٽري)
سيد مظھر علي شاھ ڪاظمي (اطلاعات سيڪريٽري)
ولي داد ميمڻ (خزانچي)
ڊاڪٽر سليمان سولنگي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
اعجاز حسين لغاري (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
نظر حسين ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
عظيم سنڌي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
محمد بخش سيھڙ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
احسان علي لغاري (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
غلام الله ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
نذير احمد ٻگھيو (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)

**سال 89_1988ع:**

عبدالمجيد ميمڻ (صدر)
عبدالحميد ميمڻ (نائب صدر)
نثار احمد ميمڻ (جنرل سيڪريٽري)
غلام الله ميمڻ (جوائنٽ سيڪريٽري)
قاضي نورالدين (اطلاعات سيڪريٽري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظر حسين ميمڻ (خزانچي)
احسان علي لغاري (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
محمد بخش سيهڙ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
نذير احمد ٻگهيو (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
عبدالجبار ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
عظيم سنڌي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
ڊاڪٽر سليمان سولنگي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
نذير احمد ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)

سال 91_1990ع:

عبدالحميد ميمڻ (صدر)
غلام رضا ميمڻ (نائب صدر)
نثار احمد ميمڻ (جنرل سيڪريٽري)
غلام الله ميمڻ (جوائنٽ سيڪريٽري)
نذير احمد ميمڻ (اطلاعات سيڪيٽري)
عبدالجبار ميمڻ (خزانچي)
رسول بخش ٻرڙو (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
غلام رسول ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
عظيم سنڌي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
منظور علي جيسر (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
احسان علي لغاري (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
جام انيس الرحمان (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
شفيق احمد ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
عبدالستار ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
ڊاڪٽر سليمان سولنگي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)

سال 93_1992ع:

جام انيس الرحمان (صدر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نثار احمد ميمڻ (نائب صدر)
شفيق احمد ميمڻ (جنرل سيڪريٽري)
غلام الله ميمڻ (جوائنٽ سيڪريٽري)
عبدالرزاق ڪورائي (اطلاعات سيڪريٽري)
عبدالجبار ميمڻ (خزانچي)
ڊاڪٽر وجهه الدين ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
زاهد پرويز پيٽي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
ڊاڪٽر سليمان سولنگي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
غلام الله ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
اعجاز رسول ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
ڊاڪٽر ممتاز ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
عبدالستار ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
عظيم سنڌي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
محمد اسلم عباسي (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)

سال 95_1994ع:

چام انيس الرحمان (صدر)
ڊاڪٽر وجهه الدين ميمڻ (نائب صدر)
نثار احمد ميمڻ (جنرل سيڪريٽري)
محمد اسماعيل پرڙو (جوائنٽ سيڪريٽري)
بشير احمد لغاري (اطلاعات سيڪريٽري)
اياز محمد ميمڻ (خزانچي)
ڊاڪٽر غلام شبير چوهاڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
عبدالجبار ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
عبدالجبار سومرو (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
امتياز حيدر ميمڻ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
محمد صديق ”دلبر“ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)
حفيظ الرحمان شيخ (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| نظر حسين ميمڻ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| اياز علي ميمڻ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| محمد اسلم عباسي | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |

**سال 97_1996ع:**

| | |
|---|---|
| عظيم سنڌي | (صدر) |
| غلام رضا ميمڻ | (نائب صدر) |
| اياز محمد ”راڻو“ ميمڻ | (جنرل سيڪريٽري) |
| نظر حسين ميمڻ | (جوائنٽ سيڪريٽري) |
| بشير احمد لغاري | (اطلاعات سيڪريٽري) |
| حفيظ الرحمان شيخ | (خزانچي) |
| محمدصديق ”دلبر“ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| شير علي ساٽي | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| غلام اصغر سرهيو | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| محمد اسلم عباسي | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| آفتاب احمد منگي | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| عبدالجبار ميمڻ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| لياقت علي ميمڻ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| محمد يونس ميمڻ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| ذوالفقار علي ميمڻ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |

**سال 99_1998ع:**

| | |
|---|---|
| حفيظ الرحمان شيخ | (صدر) |
| نظر حسين ميمڻ | (نائب صدر) |
| غلام نبي سيال | (جنرل سيڪريٽري) |
| شميم اقبال سومرو | (جوائنٽ سيڪريٽري) |
| انور ساگر ڪانڌڙو | (اطلاعات سيڪريٽري) |
| عظيم سنڌي | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| غلام رضا ميمڻ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| اياز علي ميمڻ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| آفتاب احمد منگي | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| محمد اسلم عباسي | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| عبدالجبار ميمڻ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| شهباز سومرو | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| لياقت علي ميمڻ | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |
| محمد حنيف سومرو | (ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي) |

**سال 2000 کان 2002 تائين عهديدار:**

| | |
|---|---|
| نظر حسين ميمڻ | (صدر) |
| حفيظ الرحمان شيخ | (نائب صدر) |
| غلام نبي سيال | (جنرل سيڪريٽري) |
| عبدالحفيظ ميمڻ | (جوائنٽ سيڪريٽري) |
| بشير احمد لغاري | (پريس سيڪريٽري) |
| فقير عبدالجبار ميمڻ | (خزانچي) |

ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي:

غلام رضا ميمڻ
شهباز سومرو
خادم حسين شيخ
شير علي سومرو
محمد يونس ميمڻ
امتياز حيدر ميمڻ
ڪاشف مورائي
محمد حنيف سومرو
رضا لانگاهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سال 2002ع کان 2004 ع تائين عهديدار:**

| | |
|---|---|
| فقير عبدالجبار ميمڻ | (صدر) |
| پروفيسر شمشاد احمد سومرو | (نائب صدر) |
| رضا ايوب لانگاھ | (جنرل سيڪريٽري) |
| ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ شيخ | (جوائنٽ سيڪريٽري) |
| ڪاشف اقبال ميمڻ | (خزانچي) |
| بشير احمد لغاري | (پريس سيڪريٽري) |

**ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي:**

نظر حسين ميمڻ

غلام نبي سيال

حفيظ الرحمان شيخ

شير علي ساتي

غلام رضا ميمڻ

رحمت الله شيخ

اسلم عباسي

ماھ لقا شيخ (عورت ميمبر)

**سال 2004 کان 2006ع تائين عهديدار:**

| | |
|---|---|
| غلام رضا ميمڻ | (صدر) |
| نظر حسين ميمڻ | (نائب صدر) |
| محمد حنيف سومرو | (جنرل سيڪريٽري) |
| حفيظ الرحمان شيخ | (جوائنٽ سيڪريٽري) |
| فقير عبدالجبار ميمڻ | (خزانچي) |
| شمشاد احمد سومرو | (پريس سيڪريٽري) |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**میمبر ڪاروباري ڪاميٽي:**

وڪيل غلام الله ميمڻ
عبدالحفيظ ميمڻ
اسلم عباسي
عظيم سنڌي
شير علي سومرو
ڊاڪٽر ممتاز احمد ميمڻ
بشير احمد لغاري
وزير فرهاد سولنگي

**سال 2006 کان 2009ع تائين عهديدار:**

| | |
|---|---|
| غلام الله ميمڻ وڪيل | (صدر) |
| نظر حسين ميمڻ | (نائب صدر) |
| شفيع محمد پيٽي | (جنرل سيڪريٽري) |
| وزير علي فرهاد سولنگي | (جوائنٽ سيڪريٽري) |
| فقير عبدالجبار ميمڻ | (خزانچي سيڪريٽري) |
| بشير احمد لغاري | (پريس سيڪريٽري) |

**میمبر ڪاروباري ڪاميٽي:**

اسلم عباسي
غلام نبي سيال
پروفيسر شمشاد احمد سومرو
عظيم سنڌي
امام الدين سولنگي
عبدالحفيظ ميمڻ
حفيظ الرحمان شيخ
محمد حنيف سومرو
ڪاشف اقبال ميمڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**سال 2009 کان 2012ع تائين عهديدار:**

| | |
|---|---|
| غلام الله ميمڻ وڪيل | (صدر) |
| محمد خان ميمڻ | (نائب صدر) |
| شفيع محمد پٽي | (جنرل سيڪريٽري) |
| مسعود احمد پيرزادو | (جوائنٽ سيڪريٽري) |
| فقير عبدالجبار ميمڻ | (خزانچي) |
| بشير احمد لغاري | (پريس سيڪريٽري) |

<u>ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي:</u>

اسلم عباسي
غلام نبي سيال
امام الدين سولنگي
عبدالحفيظ ميمڻ
غلام مصطفيٰ پٽي
عاشق حسين ميمڻ
محمد رفيق ميمڻ
آصف رضا ميمڻ
ڪاشف اقبال ميمڻ

سگا شاخ مورو پنهنجي سماجي سرگرمين ذريعي تعلقي موري شهر آس پاس ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪئي آهي ۽ سماجي شعور ڏنو آهي. پڙهيل لکيل ماڻهن ۾ سماجي ساڃاهه پيدا ڪئي آهي سگا جي ڪمن ڪارين کي سامهون رکندي ڪيترن ئي ماڻهن مختلف تنظيمون ۽ NGO's رجسٽرڊ ڪرايو آهن ۽ مختلف اهم ايجنڊا تعليم، صحت ۽ ٻين شعبن ۾ سٺو ڪردار نڀائي رهيون آهن. اهو اعزاز سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن کي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگا شاخ مورو جو گذريل چوٿيھ سالن جو سفر سماجي ڪمن جي تاريخ سان ڀرپور شاندار آهي. جنهن ۾ خاص طرح تعليم بابت سيمينار ڪوٺرائڻ، بهترين استادن کي مڃتا طور ايوارڊ ڏيارڻ، غريب ۽ محنتي شاگردن ۾ مفت ڪتاب ۽ اسڪولي ڊريسون ورهائڻ، اسڪولن اندر تعليمي معيار بابت سروي ڪرڻ ۽ ان سان گڏوگڏ صحت جي شعبي ۾ جمع ڪلينڪ، اکين جي ڪئمپ، چمڙي بيماري بچاءِ واسطي ڪيمپ، هيپاٽائيٽس علاج، رت جي بلڊ بئنڪ، ثقافت ۽ ڪلچر بابت ، ملهہ راند، ڪبڏي، ميوزيڪل پروگرام ۽ ٻيا ڪيترائي علمي، ادبي، تاريخي، ثقافتي ميڙاڪا منعقد ڪرائڻ ۾ سگا مورو پنهنجهو ڀاڱو ملهايو آهي.

## حوالا:


1. سوونيئر سلور جوبلي نمبر 2001ع سگا شاخ مورو، سهيڙيندڙ غلام نبي سيال.
2. ڪتاب سگا سڪ سمونڊ سال 2002ع. سگا جو تاريخي دستاويز سيهڙيندڙ ماستر حيدر بخش.
3. سگا سهائي، 2009 سهيڙيندڙ اشارت حسين ميمڻ 1972ع کان ساليانيون رپورٽون 2007ع تائين.
4. سگا شاخ مورو بابت معلومات، عظيم سنڌي تاريخ 28 فيبروري 2010ع.


*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موري تعلقي جون مزدور يونين

هن وقت يعني سال 2010ع ۾ موري تعلقي اندر 12 مزدور يونين ڪم ڪري رهيون آهن. ان کان علاوه انهن يونين اندر ڪجهه سماجي ايسوسيئيشن آهن، جيڪي سماجي بينادن تي سرگرم آهن.

**مزدور يونين جا نالا:**

1. واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ سينٽرل ليبر يونين
2. محنت ڪش ليبر النور شوگر ملز
3. مزدور يونين النور ايم ڊي ايف بي
4. هاءِ ويز يونين
5. ايريگيشن يونين
6. اسڪارپ يونين
7. بيڙي مزدور يونين
8. ميونسپل ليبر يونين
9. رازا مزدور يونين
10. رڪشا يونين
11. درزي ويلفئير ايسوسيئيشن
12. ووڊ ورڪرس ويلفيئر ايسوسيئيشن

**واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ سينٽرل ليبر يونين:**

هيءَ يونين پوري پاڪستان اندر تمام گهڻي سرگرم آهي. انهيءَ جي سرگرمي موري تعلقي اندر به تمام شاندار آهي. موري شهر ۾ مرڪزي صدر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبداللطيف نظاماڻيءَ سان گڏ جي موري شهر جا واپڊا جا تمام گهڻا ساٿي 1964ع کان وٺي سرگرم عمل آهن. جن ۾ سرفهرست هيءَ ساٿي اچي وڃن ٿا، جن جي تاريخي جدوجهد آهي. جيڪا هيٺ پيش ڪجي ٿي:

**موري سب ڊويزن جا عهديدار:**

محمد طالب پرٹ 1 جولاءِ 1964ع ۾ جونئير ڪلارڪ پرتي ٿيو. 1 مارچ 1999ع "سينيئر ڪلارڪ" جي سيٽ تان ريٽائرڊ ٿيو.

ڳوٺ پورتيءَ جو رهائش پذير آهي. 1973ع کان 1975ع تائين وائيس چيئرمين سڪرنڊ نوابشاهه ۾ رهيو. ان ڪانپوءِ موري سب ڊويزن ۾ 1999ع تائين چيئرمين رهيو.

محترم طالب پرٹ ٽريڊ يونين کان علاوه ڪجهه ڪتابن جو به مصنف رهيو آهي.

سندس هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن:

1. وتايو فقير
2. فقير محمد تار
3. جيڪي ڏٺم پڌم
4. توجنين جي تات.

**محمد راهب پرڙو:** 1979ع کان سب ڊويزن مورو جو چيئرمين رهيو هيو. هيءَ ساٿي فوت ٿي چڪو آهي.

**لياقت علي سرهيو ولد مرحوم استاد محمد چٽل سرهيو:** سب ڊويزن چيئرمين 1982ع کان 1996ع تائين رهيو. رهائش شهر مورو سرهيا محلا. هن وقت سيوهڻ ۾ آهي.

**لياقت علي آرائين:** رهائش لطيف ڪالوني مورو 1979 کان 1985ع تائين سيڪريٽري سب ڊويزن مورو.

1985 کان 1996ع تائين وري به سيڪريٽري سب ڊويزن مورو.

1996ع کان 2003 تائين سب ڊويزن چيئرمين. 2003 کان 2010 تائين چيئرمين هائڊرو ڊويزن مورو حيسڪو ۽ سرڪل دادو زون جو پڻ اهم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عهديدار آهي. پاڻ واپڊا ملازمن لاءِ هر جدوجهد ۾ شامل هوندو آهي. تمام همدرد، پورهيت دوست ۽ همٿ وارو آهي. سندس ڪيترئي خدمتون آهن.

**عبدالغفار ميمڻ ولد عبدالرحمان "هاشمي" ميمڻ:** رهائش ميمڻ محلا مورو. 2003 کان 2010 تائين سب ڊويزن مورو ۽ حيسڪو ڊويزن مورو جو سيڪريٽري رهيو آهي ۽ سرڪل دادو زون جون جوائنٽ سيڪريٽري پڻ آهي. مزدورن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهي ٿو.

**ملوڪ ڪوسو:** رهائش نيو جتوئي ڳوٺ مٺو ڪوسو مورو 2008 کان 2010 تائين چيئرمين سب ڊويزن مورو. هيءُ ساٿي واپڊا مرڪز سان گڏ جي مورو سب ڊويزن جي يونٽ ڪي هن وقت تائين سرگرم ڪندا اچن ٿا. ملوڪ ڪوسو پورهيت دوست نہ ڊڄڻ وارو آهي.

يونين جي هر جدوجهد ۾ شامل رهندا آيا آهن. مزدورن جي اجتماعي مفادن لاءِ سندن شاندار تحريڪ رهي آهي.

**مورو واپڊا هائڊرو ڊويزن جي جدوجهد:**

مورو هائڊرو ڊويزن يونين مرڪز جي هر سڏ تي سرگرم رهندي اچي ٿي، انهيءَ کان علاوه سب ڊويزن مورو جي اندر مزدورن جا جيڪي بہ مسئلا ٿيندا آهن انهيءَ لاءِ مورو سب ڊويزن جدوجهد ڪندي رهندي آهي.

1993_94 دوران ملوڪ ڪوسوکي مورو پوليس ڦٽي جي عيوض گرفتار ڪيو. ان وقت جي چيئرمين لياقت سرهيو ٿاڻي تي آيو ۽ بجلي بند ٿيڻ جي ڌمڪي ڏئي ملوڪ ڪوسوکي آزاد ڪرايو.

ريفرنڊم 1997_ 2001_2003 _2007 دوران مورو ڊويزن جي مڪمل سيني ساٿين مخالف يونين پيغام، کي صرف ٿي صرف 27 ووٽ ڏنا ۽ جڏهن تہ "هائيڊرو يونين کي تمام وڏي اڪثريت سان ووٽ ڏنا.

مطلب تہ مورو ڊويزن هر جدوجهد ۾ شامل ٿيندي رهي آهي. ڊويزن ۾ جمهوري طور تي اليڪشن يا سليڪشن ٿيندي رهندي آهي.

نوٽ: واپڊا هالا ۾ سرگرم اڳواڻ سنڌ جو وڏو شاعر علي حسن ڪوسو عرف نماڻو سنڌي بہ رهيو آهي جنهن جو تعلق نيو جتوئي، مورو سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. جنهن پيپ. ڊي واپڊا ميرپورخاص کي چمات وهائي ڪڍي هئي. جڏهن ڊيوٽيءَ دوران ڪم ڪندي هڪ مزدور کي ڌڪ لڳو هئو. انهيءَ عمل ۾ "نماڻو سنڌي" نوڪري ڊرائيور جي بہ وڃائي وينو هئو. هڪ واپڊا ملازم، پورهيت دوست ۽ حساس انسان هو.

**محنت ڪش ليبر يونين النور شوگر ملز شاهپور جهانيان:**

69-1968ع دوران مورو ۾ "نوري" ملز ديسي کنڊ ٺاهيندي هئي. 1969 ڪانپوءِ هيءَ ملز النور شوگر ملز شاهپور جهانيان جي نالي سان اڇي کنڊ سنئي ولايتي کنڊ، تيار ڪري رهي آهي. النور شوگر ملز ڳوٺ ننگر مڪان لڳ شاهپور جهانيان ۾ آهي. هت ملز جي يونين جون سرگرميون ڪنهن حد تائين "مورو تعلقي اندر" رهيون آهن.

النور شوگر ملز ۾ يونين ٺاهڻ جي پهرين ڪوشش سنڌ جي ٿمام وڏي شاعر ۽ اديب "خاڪي جويو" 1970ع ۾ ڪئي هئي. يونين جي پهرين مرحلي ۾ رجسٽريشن دوران مزدورن جي حقن جي بحاليءَ دوران هڙتال ٿي هئي اها ناڪام ٿي وئي. خاڪي جويو جي نوڪري بہ ختم ٿي وئي. خاڪي جويو بوائلر ۾ مزدوري ڪندو هئو.

1971ع ۾ وري يونين رجسٽرڊ ڪرائي چارٽر آف ڊيمانڊ جي بحاليءَ لاءِ هڙتال ڪئي وئي جيڪا "A-8" ڪلاڪ هلي ملز مڪمل بند ٿي وئي. مزودرن تي گولي هلائي وئي سوين مزدور گرفتار ڪيا ويا. دولتپور ۾ مورو جي زميندارن ملز سان تعاون ڪيو.

يونين جا عهديدار علي نواز ڏاهري ڳوٺ مصر جي واهہ هنرمندن ختڪ پشاور، اختر خلاصي "پنجاب" کي سينٽرل جيل سکر چالان ڪيو ويو.

1972ع کان 1981ع تائين. مرحوم مننار پٽو رهائش ويجهو مقيم ڏاهري ڳوٺ هڪ يونين رجسٽرڊ ڪرائي، جيڪا "پاڪيٽ يونين" جي نالي سان مشهور هئي. مننار انهيءَ جو صدر هئو. هيءَ يونين النور جي انتظامي يونين سڏبي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1982ع کان 2001 تائين:

مارشل لا جي دؤر ۾ محنت ڪش ليبر يونين جي نالي سان نهي هن يونين جو پهريون جنرل سيڪريٽري مخدوم رشيد هئو. جيڪو 2001 تائين رهيو. صدر فيض محمد اعواڻ، خيرپور ضلعي سان تعلقي رکندڙ هئو. ان ڪانپوءِ نذير ڏاهري، صدر مصر جي واهه حاجي ميهان خان ابڙو درس موري ڦوٽو خان ڏاهري ڳوٺ مقيم ڏاهري هئو. انور ڪورائي. تاج چنه، بدرالدين چنه جاني ڏاهري، الهه بچايو بهڻ، خالد ڳگهيو. رانا ياسر، اظهار مخدوم، علي گل ڏاهري، ان ڪانسواءِ سوين ميمبر هوندا هئا. 2000ع ۾ ملز انتظاميه 200 ڪان مٿي مزدور ڊيوٽي تان خارج ڪيا. جنهن جي بحاليءَ لاءِ ڇهن مهينن تائين تاريخي جدوجهد هلي پر مزدور بحال نه ٿي سگهيا 2001ـ 2000 ۾ اليڪشن ٿي جنهن ۾ رشيد مخدوم 03 ووٽن تان ڪٽي آيو. ۽ سنڌس صدر نذير ڏاهري ڪامياب ٿيو باقي پورو پينل مخدوم رشيد جو هارائي ويو.

علائقي جي وڏن ماڻهن مخدوم رشيد احمد کي سعيد احمد خانزادي جي حق ۾ يونين تان استعفيٰ ڏياري2001 ـ2002 تائين سعيد احمد ۽ سندس پينل يونين ڪان اڻ واقفيءَ جي ۽ بزدليءَ جي ڪري يونين وڃائي ويهي رهيو.

2002 ڪان 2007 تائين النور جو مزدور غلام خواجه جنرل مئينجر جي ظلم ۾ پيسجندو رهيو. مليل سڀ سهولتون هڪ جهٽڪي ۾ ختم ڪيو ويون.

2007 جنوريءَ دوران النور جي مزدورن غلام خواجه کي آفيس ڪان گهلي بڇڙو ڪيو. نيٺ غلام خواجه پنجاب ڀڄي ويو.

وري يونين محنت ڪش ليبر يونين، جي نالي ڪم ڪري رهي آهي. هڪ چارٽر آف ڊيمانڊ به پاس ڪرائي چڪي آهي.

يونين جي جنرل سيڪريٽري محمد حسن ڏاهري، باغ علي ابڙو ڳوٺ درس موري "نائب صدر" آهن.

النور شوگر ملز آفيسرس ايسوسيئيشن به هئي. 1997 دوران ختم ٿي وئي، هن جو جنرل سيڪريٽري مخدوم شير احمد هئو جيڪو ملز انتظاميه سان، نوڪريءَ جي بحاليءَ لاءِ ليبر ڪوٽ، ٽربيونل ڪورٽ هاءِ ڪورٽ ۾ وڙهيو هئو. پر ڪيس هارائي ويو ملز انتظاميه هن سان ناهه ڪرڻ لاءِ ٻن پٽن جي نوڪري ۽ 2 لک ڏيڻ جي به آفر ڪئي هئي جيڪا هن ٺڪرائي ڇڏي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**مزدور يونين النور ايم ڊي ايف گتا فيڪٽري:**

**پهرين يونين:** وطن دوست مزدور فيڊريشن جي ان وقت جي اڳواڻ هوت خان گاڏهي يونين رجسٽرڊ ڪرائي هئي. پهريون جنرل سيڪريٽري عوامي تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن مرحوم علي نواز ڏاهري هئو.

ان سان گڏ نائب صدر عصمت الله آرائين هئو.

ان کانپوءِ علي مراد ڏاهري "صدر"، ايوب ڏاهري، غلام قادر ڏاهري يونين سنڀاليندا رهيا.

هنن کانپوءِ: قادر خانزادو "صدر"، محمد خان ڏاهري "جنرل سيڪريٽري" رهيا.

هن وقت 2010 سال ۾ صدر زين العا بدين جنرل سيڪريٽري، غلام مصطفي جويو. ڳوٺ ماڙي جو آهي.

يونين جو هِن وقت نالو "محنت ڪش" آهي

مجموعي طور تي هيءَ يونين ڪڏهن ڍري تہ وري تيز هلندي رهي آهي.

**هاءِ ويز يونين:** 1980ع دوران مرڪزي صدر منظور اهير سان گڏجي "مرحوم خورشيد" مورو يونٽ جي هڪ سگهاري شخصيت هئا.

ان جي انتقال کانپوءِ فقير محمد ايوب ڀھڻ مورو اندر هاءِ ويز يونين ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

**اسڪارپ يونين مورو:**

هيءَ يونين "22/6/1986" تي واپڊا کان الڳ ٿي اسڪارپ جي نالي سان ڪم شروع ڪيو پهريون صدر حاجي واحد بخش جمالي جنرل سيڪريٽري، محمد هارون جمالي مورو سب ڊويزن جا هيءَ عهديدار سرگرم رهيا آهن:

صدر: امير علي لونگاٽي

جنرل سيڪريٽري: ولي محمد پيرزاده



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ميونسپل ليبر يونين مورو:**

پهرين يونين 1977ع کان پنهنجو ڪم ڪيو. سرگرم عهديدار چاچو علي نواز ڪلهوڙو ۽ گل حسن هئا.

1995 دروان انور ڪورائي جنرل سيڪريٽري ٿيو. ان کانپوءِ مڪيش جنرل سيڪريٽري آهي. هيءَ يونين بہ وطن دوست مزدور فيڊريشن جي جنرل سيڪريٽري عزيز عباسيءَ رجسٽرڊ ڪرائي.

**بيڙي مزدور يونين مورو:** 1985

هِن يونين جو پهريون سرپرست اعليٰ صوفي مرحوم سليمان ڪوري هئو. هيءَ يونين عزيز عباسي وطن دوست مزدور فيڊريشن رجسٽرڊ ڪرائي هئي. پهريون صدر محرم سولنگي، پهريون جنرل سيڪريٽري هاشم نول، سابق ناظم يو. سي-3 مورو آهي، جيڪو اڄ بہ سنيالي رهيو آهي.

**درزي ويلفيئر يونين:**

هِن يونين جو وجود وجهندڙن ۾ سنڌ جو مشهور اديب. رڪيل مورائي، سڪندر ڪورائيءَ ۽ ٽريڊ يونين ۽ اسٽيج اداڪار: مامو عبدالله رند بلوچ ۽ سارنگ چانڊيو آهن. هِن وقت 2010 سال دوران موجوده عهديدارن ۾:

صدر: اعجاز لنڊ

جنرل سيڪريٽري: دائم پرڙو

چيئرمين: چنسار ڪلهوڙو

ڪارو باري ڪميٽيءَ ۾ سڪندر ڪورائي، اياز سابقي، برڪت سومرو شامل آهن.

**ووڊ ورڪرس يونين مورو:**

سن 2000ع ۾ وجود پيو.

پهريون صدر: لطيف راهو

جنرل سيڪريٽري: غوث ٻگهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خزانچي: خالد ٻگهيو
چيئرمين: مرحوم اشفاق آرائين
سال 2009 _27 فيبروري ۾ اليڪشن ٿي گذري، ٽن گروپن اليڪشن ۾ حصو ورتو.
موجوده عهديدارن ۾:
صدر: حنيف زرداري
جنرل سيڪريٽري: محمد شريف ٻگهيو.
مجلس عامله جو ميمبر: لطيف راهو.
نوٽ: خان محمد سومرو الڳ ڪم ڪري رهيو آهي. "ووڊ ورڪرس يونين" جي نالي سان.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر شمشاد احمد سومرو

# موري تعلقي جون وَستِيون ۽ وَاهَڻ

مورو تعلقو سنڌ سونهاريءَ جي ٻين تعلقن وانگر تمام شاندار ماضي رکي ٿو. هن تعلقي جا ڳوٺ/واهڻ ڪافيٰ قديم ۽ پنهنجو تاريخي پس منظر رکندڙ آهن. موري تعلقي جون وستيون ۽ واهڻ هڪ اهڙو موضوع آهي جنهن تي هڪ مڪمل ڪتاب اچي سگهي ٿو. جيئن ته مقالي لاءِ مخصوص صفحا آهن ان ڪري تعلقي جي سيني ڳوٺن جي تاريخ هن مقالي ۾ درج نٿي ڪري سگهجي. في الحال هتي چند ڳوٺن کي ڪجهه تفصيل سان پيش ڪيو ويو آهي ۽ باقي ڳوٺن جا نالا آخر ۾ ڏنا ويا آهن.

• مورو:

مورو، سنڌو درياهه جي کابي ڪپ تي، درياهه کان 12 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ايرندي طرف آباد آهي. مورو سنڌ جي نقشي تي بلڪل وچ تي آهي، ايئن چوڻ ۾ ڪو به حرج يا وڌاءُ نه ٿيندو ته مورو جاگرافيائي لحاظ کان سنڌ جي دل واري حيثيت رکي ٿو. هيءُ ساهتي پرڳڻي جو قديم تاريخي ۽ علمي مرڪزن مان پڻ هڪ آهي. اڳوڻي نوابشاهه ضلعي ۽ موجوده ضلعي نوشهروفيروز جي ساهتي پرڳڻي ۾ هي شهر هر لحاظ کان تمام اهم ۽ آمدرفت جي سهولت جي ڪري واپار جي اهم منڊي آهي. ”مورو دادو مخدوم بلاول پل“ ٺهڻ کان بعد موري شهر جي مرڪزي حيثيت اڳ کان به وڌيڪ اهميت واري بڻجي وئي آهي.

موري جو شهر ”4.26“ اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ ”2.68“ ايرندي ڊگهائي ڦاڪ تي واقع آهي. هن جي آبهوا خشڪ ۽ صحت بخش آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخي قدامت جي لحاظ کان موري جو شهر تمام قديم آهي. هن شهر جي قديم هئڻ، آباد ٿيڻ ۽ نالي پوڻ متعلق مختلف روايتون مختلف ڪتابن ۾ ملن ٿيون جن مان ڪي ڏند ڪٿائون پڻ معلوم ٿين ٿيون. هيٺ انهن جو تذڪرو ڪجي ٿو. نوشهرو سب ڊويزن گزيٽيئر ۾ ميمڻ عبدالحسين "نوشهروفيروز هڪ نظر ۾" مضمون اندر لکي ٿو ته، "موريه خاندان جي بزرگ موري شهر جو بنياد رکيو. سن 792 هجري ڌاري هو ملتان کان سنڌ ۾ آيو ۽ اچي هي شهر ٻڌايائين. انهيءَ بزرگ جو نالو "مورو" فقير هو. ان بزرگ جي مزار موري شهر جي الهندي کان موجود آهي. هن درويش 872 هجري ۾ 150 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. "مورو" ان درويش جو نالو هو ان ڪري شهر تي اهو نالو پيو.

مسٽر هيوز "سنڌ گزيٽيئر" ۾ لکي ٿو ته، "اٽڪل 200 ورهيه کن اڳ هن شهر جو بنياد بازيد فقير نالي "مورو" قبيلي جي هڪ ماڻهوءَ رکيو. نوابشاهه ضلعي جي گزيٽيئر ۾ مسٽر سمٿ راقم طراز آهي ته، "چوڻ ۾ اچي ٿو ته 280ع ورهيه اڳ هيءُ شهر "مورو" قبيلي جي بذير فقير ٻڌايو هو.

مرزا قليچ بيگ، "سنڌ جا قديم شهر ۽ ماڻهو" ڪتاب اندر موري متعلق لکي ٿو ته، "مورو شهر ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ فريد ياڳت ٻڌايو. ڪن جو چوڻ آهي ته اهو شهر پذير فقير جو ٻڌايل آهي جو ذات جو "مورو" هو جنهن کي اٽڪل 300 ورهيه ٿيندا.

مير علي شير "قانع" تحفةالڪرام ۾ لکي ٿو ته، "بنو اميه ۽ عباسي دور حڪومت ۾ ڪجهه قبيلا سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا، جن کي 417 هجري ۾ محمود غزنويءَ جي وزير عبدالرزاق هڪالي ڪڍيو. باقي انهن جا ارڙهن قبيلا سنڌ ۾ پکڙجي ويا، جن مان "آل مغيره" به هڪ هو جو بعد ۾ "موريه" سڏجڻ ۾ آيو. مير قانع موري جو تذڪرو بيان ڪندي لکي ٿو ته، "سيوستان جي مغلن کان ميان نصير محمد ڪلهوڙي 'لاڪاٽ' جو پرڳڻو اجاري تي حاصل ڪيو. هوڏانهن فريد ياڳت جي ڪوشش سان 'مڪن موري' تي قبضو ڪياڻون. ساهتي پرڳڻو پڻ سندس تصرف هيٺ آيو.

موري جي قدامت جي باري ۾ بعض تاريخي ۽ حقيقي حقائق هن طرح به آهن ته مورو شهر، هند ۽ سنڌ ملڪ تي حڪمراني ڪندڙ "موريا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاندان“ جي اشوڪا جي دور جو آباد ڪيل آهي، ان لاءِ وڏو مضبوط دليل اهو ٻڌايو ويجي ٿو تہ هو ٻڌ ڌرم جو عظيم پرچارڪ هيو ۽ مهاتما ٻڌ جي ياد ۾ هن جيڪي ٿل ٺهرايا هئا انهن مان هڪ موري کان 16 ميل پري دولتپور ۽ سن ساوڙيءَ جي پرسان ٿل مير رڪڻ جي نالي سان موجود آهي.

”تاريخ ڪلهوڙا“ جو ليکڪ غلام رسول مهر، ”مرآت دولت عباسيہ“ ۽ ”جواهر عباسيہ“ جي حوالي سان لکي ٿو تہ، ”بهاءُالله خان اصل ۾ هڪ سهتو سردار هو. ڪيس ”پلو“ ڪري چوندا هئا. هن بزرگ جا دين محمد سهتي ڌاريجي ۽ مکڻ خان سهتي سان گهاٽا تعلقات هئا. محمد چينو سنڌ جي ڪلهوڙن جو جدامجد، ان بهاءُالله خان جو پٽ هو. دين محمد سهتي جو اولاد روتياڻي قبيلو آهي ۽ مکڻ خان سهتي نالي ”مڪن موري“ نالي ڳوٺ اڄ تائين موجود آهي.

مسٽر لوڪ رام ڏوڏيجا، ”منهنجو وطن منهنجا ماڻهو“ ۾ موري متعلق لکي ٿو تہ، ”نوابشاهہ ضلعي جو جهونو نالو ”ساهتي“ پڻ رائج هو. اهو نالو تڏهن کان پيو جڏهن جوڌپور رياست جي تخت تاج لاءِ ٻن راجڪمارن جو تڪرار ٿي پيو انهن مان موڙا سنگ گاديءَ تان هٽ ڪنيو ۽ لشڪر وٺي سنڌ جي ان ڀاڱي تي قبضو ڪيو جيڪو جوڌپور سان لاڳيتو هو. ان کان ٿورو اڳ محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي هئي، پر هن ڪانپوءِ عرب حاڪم راجپوتن جي حملي کان پاڻ بچائي نہ سگهيا. موڙا سنگ جي چوٿين نمبر پراڪرمي پٽ ”سهتا سنگ“ سنڌ جو وچوارو پرڳڻو بہ هٿ ڪيو تڏهن کان ان تي ”ساهتي“ نالو پيو ۽ ان ۾ سندس پيءُ جي نالي ”مورو“ تعلقو بہ هوندو هو.

سنڌ جو مشهور ليکڪ ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي، مسٽر لوڪ رام ڏوڏيجا جي مٿين روايت کي وڏيڪ مستند ڪوني ٿو. لکي ٿو تہ انهيءَ لحاظ کان موري جو بنياد 871 ڌاري پيو هوندو ۽ ان مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ مورو شهر جو واسطو ”موريہ“ قبيلي سان نہ بلڪہ سهتا قوم جي هڪ نامور امير مورا سنگ سان آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مورو“ شهر سنڌو درياهہ جي وٽ سان پڌل هو. سنڌو درياهہ جي وقت بوقت پاوڪ ۽ اٿل ڪري هي شهر ڦٽندو ۽ تباهہ ٿيندو پئي رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو قديم دور ۾ هن شهر جو مفصل احوال نٿو ملي.

ڪلهوڙن جي دور ۾ موري جو شهر تاريخ جي صفحن ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ان دور جي شهر ”مسڪن مورو“ يا موري جو مڪان سڏبو هو جيڪو مٽي جي وڏن دڙن تي آباد هو. ڪلهوڙن جي دور ۾ هي شهر آهستي آهستي ترقي ڪندي عروج تي پهتو. ٽالپرن جي دور حڪومت ۾ مورو ساهتي پرڳڻي جو مکيہ برک شهرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. هن دور ۾ هتي ڪيترائي هنرمند ماڻهو اچي آباد ٿيا. قديم زماني ۾ هي شهر صابڻ ٺاهڻ ۽ زيورن جي ڪاريگريءَ کان گهڻو مشهور هو. ٽامي ۽ ڪٽِ جا ٿانو موري شهر جا مشهور هئا. هتي ٺانارا گهڻا رهندا هئا. موري شهر جا هندو وڏا سکر واپاري هئا. قافلن رستي واپار خراسان ۽ ڏيساورن سان هلندو هو. هن شهر ۾ هندو ۽ مسلمان صلح ۽ سانت سان رهندا هئا. شهر جي اولهہ اتر ۾ مسلمانن جا محلا ۽ پاڙا آباد هئا ۽ ڏکڻ اوير ۾ هندن جا محلا هئا. هن شهر ۾ هندن جا مندر ۽ ٽڪاڻا بہ گهڻا هئا ۽ هندوا ڪٿر شو پنٿي هئا. موري جون چوڙيون، گربيون، ململون ۽ انگوچا سموري سنڌ ۾ مشهور هئا. هن جي رڱاوت جي ڪم جي هاڪ ساري سنڌ ۾ هئي.

ايسٽ انڊيا ڪمپني سن 1935ع ۾ سنڌ مان سوٽي ڪپڙي سان گڏ لوڻ جو واپار بہ شروع ڪيو هو. دولتپور ۽ پيپجي جو لوڻ موري ۾ذخيرو ڪيو ويندو هو جتان ڪمپني جا گماشتا ٻاهر ڏيساورن جي منڊين ڏانهن روانو ڪندا هئا.

فن عمارت سازيءَ ۾ بہ موري جا ڪاريگر برک هئا. هتي نقاشي ۽ ڪاريگريءَ جو ڪم سهڻي نموني ٿيندو هو.

انگريزن جي دور ۾ هن شهر تمام گهڻي ترقي ڪئي. 1861ع ۾ انگريزن ميونسپالٽي ڪئي ۽ پوءِ وري 1887ع ۾ ميونسپل جو درجو گهٽائي نوٽيفائيڊ ايريا ڪيو ويو. موري ڊسٽرڪٽ بنگلي ۾ 1869ع ۾ انگريز ڊپٽي ڪليڪٽر ايچ. آرلينڊ (H.Raylond) رهندو هو. هي صاحب گرميءَ سبب 11 آگسٽ 1869ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ بنگلي پرسان دفن ٿيل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1912ع کان اڳ ۾ ساھتيءَ جو سمورو علائقو موري سميت حيدرآباد ضلعي سان شامل ھو. انتظامي لحاظ کان 1912ع ۾ انگريزن نواب شاھہ جو نئون ضلعو قائم ڪيو ۽ ان نئين ضلعي جي نھڻ سان ”موري“ تعلقي جي ھيڊڪوارٽر سان گڏ سب ڊويزن جي ڊپٽيءَ ڪليڪٽر جي رھڻ جو بہ انتظام ڪيو ويو.

1989ع ۾ نئون ضلعو نوشھروفيروز ٺاھيو ويو. ان بعد موري کي ضلعي نوابشاھہ مان ڌار ڪري نئين ضلعي نوشھري فيروز ۾ شامل ڪيو ويو. تعلقي موري ۾ ھن وقت 12 يونين ڪائونسلون آھن، جڏھن تہ 52 ديھون ۽ 25 تپا آھن. 1998ع جي آدمشماريءَ موجب تعلقي موري جي ٽوٽل آدشماري 265251 آھي. جنھن ۾ 138980 مرد ۽ 126271 عورتون شامل آھن. موري تعلقي جي ايراضي 609 چورس ڪلوميٽر آھي.

• ڏيپارجا:

تعلقي موري جو ھي قديم ڳوٺ/ شھر، ديھہ ڏيپار جا، تپي ڏيپار جا، يونين ڪائونسل ڏيپارجا، ۾ موجود آھي. ھن جي آدمشماري تقريبن 8 ھزار ۽ ايراضي 25 چورس ڪلو ميٽر تي مشتمل اٿس.

ڏيپار جا ڪلھوڙا ۽ ٽالپر دؤر ۾ وڏيو ويجھيو معلوم ٿئي ٿو چاڪاڻ تہ ڪن درگاھن جي مقبرن ۾ ڪم آيل سرون ميان يار محمد ڪلھوڙي جي قبي ۾ استعمال ٿيل سرن سان مشابھت رکن ٿيون. ان مان اھو ندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ ڪم از ڪم ڪلھوڙا دؤر يا ان کان بہ اڳ ھيءَ آباد ھو. ان دؤر ۾ جيئن تہ ريلوي رستا يا پڪا رستا ڪو نہ ھئا ان ڪري نقل و حمل جا ذريعا جانور ۽ دريائي ٻيڙا يا غوراب ھوندا ھئا. اھڙي طرح ڏيپار جا ۽ ٻيا پاڻٽي شھر/واھڻ شاھوڪار ۽ عروج تي ھئا.

ھتي سيد، سومرا، سرھيا، سولنگي، سيال، ڪوريجا، سھتا، ڏيپر، چنا، ملاح، دايا، ڊکڻ، جکڙ، مگسي، اتيرا، ٻجارا، عباسي، ڏھر، خاصخيلي، سنديلا ۽ ميتلا، اوڏ، ٿھيم، مگھڻار عالماڻي، سابقي، مري، ڀُرٽ، چانديا، شيخ، راجپوت، پٽي، سما ذاتين وارا ماڻھو رھائش پذير آھن. پاڪستان کان اڳ ھتي ڪافي تعداد ۾ ھندو پڻ رھندا ھئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهاڱي کان اڳ هتي هڪ ’چيرٽيري بورڊ‘ طرفان پنجائتي اسڪول موجوده گورنمينٽ هاءِ اسڪول واري هنڌ تي هلندو هو جنهن ۾ مڊل اسڪول جي ليول تائين تعليم ڏني ويندي هئي. هن وقت هاءِ اسڪول بوائز مڊل اسڪول گرلس، هڪ پرائمري بوائز اسڪول ۽ هڪ پرائمري گرلس اسڪول هلي رهيا آهن. هتي برانچ پوسٽ آفيس آهي جيڪا رٽائرڊ پرائمري استاد محمد قاسم چنا هلائي ٿو.

ڏيپارجا ۾ پراڻي دؤر ۾ قاضي محمد محسن ۽ قاضي محمد سعيد نالي ٻه وڏا ناليرا حڪيم ٿي گذريا آهن. ان بعد قاضي محمد عالم ٻه سنو ناليوار حڪيم ٿي گذريو آهي. هن وقت سندس فرزند قاضي فيض محمد (عمر 70 سالن کان مٿي) پنهنجن وڏڙن جي ڪم کي اڳتي وڌائي رهيو آهي. هتي جا ڪيترائي ڊاڪٽر پڻ آهن جن مان برگيڊيئر (رٽائرڊ) ڊاڪٽر شمس الدين مگسي، ڊاڪٽر عبدالجبار قريشي، ڊاڪٽر علي حيدر ڪوريجو ڊاڪٽر لياقت علي عباسي، ڊاڪٽر عطا محمد مگسي مشهور آهن.

ڏيپارجا ۾ ڪيترائي اولياءُ ۽ درويش مدفن آهن جن ۾ سيد عبدالوهاب شاهه بخاري، دائود پير، سيد نظر محمد شاهه جيلاني اول ۽ دوم (ڏاڏو ۽ پوٽو) سيد حامد شاهه، سيد حيدر شاهه، نانگو شاهه، غيب پير عرف غيبن سائين، سچڻ سائين مشهور آهن. هي بزرگ تمام قديم دؤر جا آهن. ڏيپار جا جي اولهه طرف بچاءِ بند کان هڪ فرلانگ جي مفاصلي تي هڪ قديم قبرستان ’جوڻو مشائخ‘ جي نالي سان موجود آهي جيڪو اٽڪل ٿيهه ايڪڙن تي ڦهليل آهي. هن قبرستان ۾ جوڻو مشائخ، اوڏ فقير، سنديلو فقير وغيره مدفن آهن. هتي قديم وقت ۾ وڏا عالم ۽ بزرگ ميان دين محمد ۽ ميان پير محمد جيڪو بزرگ قاضي، احمد رحہ (متوفي 1225 هجري) جو پاڙيچو هو هن بزرگ جا پير راشد روضي ڌڻي جي مڪتوبات ۽ حضرت قاضي احمد جي مڪتوبات ۾ خط آهن جيڪي ڪانئن ڪن مسئلن متعلق پڇيا اٿن. ان کان علاوه هتي قاضي صدر الدين وڏو عالم ۽ ولي الله ٿي گذريو آهي.

ڏيپارجا ۾ هڪ بنيادي صحت مرڪز (BHU) ۽ سئي گئس جي سهوليت موجود آهي.

هتي هندن جي دؤر جون ڪجهه شاهڪار عمارتون موجود آهن جيڪي ان وقت جي اڏاوت جو نادر نمونو پيش ڪري رهيون آهن. انهن مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قولا سنگهہ جي بلڊنگ، نوتڻ داس جيٺو مل پنجابي، ريلو مل ڪيول رام واري جڳهہ، ڌرم شالا (مسافر خانو) (هي عمارت سرڳواسي قيمت راءِ بچو مل بيلاٽي جي ياد ۾ سندس ڌرم پتني شريمتي مينل باٽي نهرائي. هن جو شيوا ڌاري رام چند بچو مل هو) ۽ هڪ تمام خوبصورت ڳاڙهي چار ماڙ ماڙي موجود آهي جيڪا هڪ محل جو ڏيک ڏئي رهي آهي. ڏيپار جا پوليس ٿاڻي واري بلڊنگ پڻ پراڻي آهي. جيڪا 1929 جي اڏيل آهي ۽ ايريگيشن جي لانڍي هئي. هن بلڊنگ جي احاطي ۾ هڪ تمام جهونو پپر جو وڏو وڻ موجود آهي جيڪو به ٽي سئو سالن کان مٿي جو معلوم ٿئي ٿو.

هتي جي معزز شخصيتن ۾ مرحوم حاجي محمد عيسيٰ عباسي، مرحوم حاجي محمد موسيٰ عباسي، عبدالجبار عباسي، حافظ عبدالرحمان عباسي، حڪيم محمد يعقوب ڪوريجو ميان پير محمد قريشي، قاضي جان محمد قريشي، (S.E اريگيشن) قاضي بشير احمد قريشي(S.E هاءِ ويز)، قاضي محمد ابراهيم قريشي، حافظ محمد اعجاز عباسي ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا.

## • گولو پوٽو:

ڳوٺ گولو پوٽو ديهہ وارياسو تپو ڦتو ٻلال، يونين ڪائونسل ڦتو ٻلال تعلقي موري ۾ آهي. هن ڳوٺ جي آدمشاري ست سؤ آهي. هتي اٽڙا ۽ حجم رهائش پذير آهن. هتي پرائمري بوائز اسڪول ۽ پرائمري گرلس اسڪول موجود آهي. هن ڳوٺ ۾ گولڻي مشائخ جي زيارت گاهہ آهي جنهن جو ساليانو عرس 7 شعبان تي ملهايو ويندو آهي، جنهن ۾ قرآن خواني ۽ صوفياڻو راڳ ٿيندو آهي. ڪجهہ وقت اڳ هتي وڏو ميلو لڳندو هو ۽ ملاکڙو پڻ ٿيندو هو.

هن ڳوٺ جي خصوصيت آهي تہ هتي ماٺهو پليون ڪُنڍيون مينهون ۽ پلا ڏاند (مَيل لاءِ) ڌاريندا آهن. مال ڌارڻ هتان جي رهواسين جو وڏو مشغلو آهي ۽ فصل پڻ هر قسم جو پوکيو ويندو آهي.

هي ڳوٺ جوئر جي فصل ۽ ڪرنل سارين (چانورن) کان تمام گهڻو مشهور آهي. هن ڳوٺ جي پسگردائيءَ ۾ ابراهيم سنديلو موليڏنو هُليو علي محمد اٽڙو اچي وڃن ٿا. هي ڳوٺ مورو کان 9 ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي آهي . هن ڳوٺ جي چوڌاري اڳئين زماني ۾ پڪا کوهہ هوندا هئا. انهن کوهن تي اوطاقون ٺهيل هونديون هيون، مال وغيره بہ کوهن تي رهايو ويندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو هنيئر اُهي ڪوهہ قتل صورت ۾ موجود آهن. ڪن ۾ تمام وڏو ۽ سائي رنگ جو پاڻي آهي تہ ڪي وري سڪي خشڪ تي پنهنجو ڦڪو ٻوٽو ناهي بيٺا آهن.

ڳوٺ گولو پوٺو سائين گولو مشائخ جي نالي پويان ٺهيو / قائم ٿيو. درويش جو نالو گولو هو ۽ هتي ڏڙا يا ننڍيون ٽيون هيون جنهن کي پوٺو سڏيو ويندو آهي ۽ ائين هي ڳوٺ گولو پوٺو سڏجڻ ۾ آيو. اڳ جڏهن داد واهہ وهندو هو تہ بہ ان جو پاڻي زمين تائين ڪو نہ پهچندو هو تہ بہ اهي ڪونہ پرجنديون هيون، ماڻهو نار هلائيندا هئا. جن کي هُرلا چئبو آهي ان وسيلي زمين کي پاڻي ملندو هو.

هن ڳوٺ جي اولهہ ۾ قتل داد واهہ جا نشان موجود آهن.

- **ڳوٺ پورڻ:**

ڳوٺ پورڻ، ديهہ ڪوٽ ستابو تپو لليا، يونين ڪائونسل لليا ۾ تعلقي موري ۾ موجود آهي. هن ڳوٺ جي آدشماري پنج هزار ماڻهن تي مشتمل آهي جڏهن تہ ايراضي 120ايڪڙ اٿس. هن ڳوٺ ۾ سيد، سومرا، ڪوکر ملاح، اوڏا، ڀنگر، ڪوريجا، سيال، ماڇي ۽ منگي رهن ٿا. هتي هڪ پرائمري اسڪول، برانچ مڊل گرلس ۽ بوائز هاءِ اسڪول آهي. هتي سيد شجاع محمد شاهہ مست ۽ فقير محمد عثمان ڀنگر جون زيارت گاهون آهن.

هن ڳوٺ ۾ بيسڪ هيلٿ يونٽ، پوسٽ آفيس ۽ سوئي گئس جي سهولت موجود آهي. هتي سيد حاجي غوث محمد شاهہ سيد حاجي پريل شاهہ حاجي عزت علي شاهہ حافظ روشن علي شاهہ بزرگ سادات ٿي گذريا آهن. هن ڳوٺ جا حاجي خير محمد ڪوکر (مختيار)، مرحوم محمد صديق سومرو (مختياڪار)، سيد مراد علي شاهہ (سينئر نائب صدر ABL)، سيد مير محمد شاهہ (سينئر نائب صدر ABL)، لطف علي ڪوکر (نائب صدر حبيب بئنڪ) وڏن عهدن تي رهيا آهن تعليم جي حوالي سان استاد محمد خان ڪوکر ۽ استاد محمد قاسم ڀنگر جيڪو نگران وزيراعظم غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جو پڙهيل استاد هو بهترين استاد ٿي گذريا آهن جن ماڻهن ۾ علم جو شوق پيدا ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورڻ جي نالي متعلق معلوم ٿيو تہ هن ڳوٺ جو نالو ديوان پورن داس جي پوياڻ پيو. ورهاڱي کان اڳ هتي هندو تمام گهڻي تعداد ۾ رهندا هئا جيڪي گهڻو سکيا ۽ ستابا هئا. هتان جو رهواسي جهامنداس، ڊپٽي ڪليڪٽر هو جيڪو سنڌ جو پهريون سنڌي آفيسر هو. هن ڳوٺ لاءِ مشهور پهاڪو آهي تہ ”چنيجن جي چٽي، پورڻ تي پٽي،“ وڏڙن جي چواڻي تہ ڪي ڦورو / ڌاڙيل چنيجا ڳوٺ (جيڪو هن ڳوٺ جي اولهہ ۾ پرسان آهي) هڪ ديوان جيڪو تمام گهڻو مال ملڪيت وارو هو ۽ سندس پٽ پڻ ڊپٽي ڪليڪٽر هو کي ڌاڙو هڻڻ لاءِ رات ۾ نڪتا ۽ رستو ڀلجي اچي ڳوٺ پورڻ جي مٿيئن ڊپٽي ڪليڪٽر جي گهر اچي ڌاڙو هنياءون. جنهن ڪانپوءِ اها چوڻي / پهاڪو مشهور ٿيو.

سنڌ جو ناميارو ڪافي گو شاعر فقير سيد سليمان شاهہ لڪياري بودلائي (متوفي 1313هہ/1894ع) پڻ هتان جو رهواسي هو ۽ سندس جنم پڻ پورڻ ۾ ٿيو.

## • ڳوٺ گهنور خان عالماڻي:

ڳوٺ گهنور خان عالماڻي ديهہ صالح پور، تپي صالح پور، يونين ڪائونسل لليا، تعلقي موري ۾ واقع آهي. ڳوٺ جي آدمشماري 1200 ۽ ڳوٺ 12 ايڪڙن ايراضيءَ تي ڦهليل آهي. پوسٽ آفيس خود آهي جڏهن تہ پوليس اسٽيشن/ پوسٽ ڊيپار جا اٿس. هتي عالماڻي، قريشي پير، چنا ۽ منگي ذاتين وارا رهائش پذير آهن.

هتي سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون هن ڳوٺ ۾ ٻوائز پرائمري اسڪول ۽ گرلس پرائمري اسڪول آهي. هي ڳوٺ مورو کان 12 ڪلو ميٽر ۽ ڊيپار جن کان 2 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آهي. هن ڳوٺ جي اتر ۾ صالح پور ۽ اوير ۾ جهان خان عالماڻي، ڏکڻ ۾ الهداد عالماڻي، اولهہ ۾ سونو ديرو ۽ ملڪ اٿس. هتان جي رهواسين جا عام ڌنڌا هاريو ۽ ملازمت، وڻج واپار ۽ ڪنيارڪو ڪم / هنر آهي.

هتي پير الهڏني ’مست‘ جي زيارت گاهہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ڳوٺ پير علي بخش:

پير علي بخش ڳوٺ ديهه ڪوٽ ستابو تپو صالح پور يونين ڪائونسل لليا، تعلقي موري ۾ واقع آهي ، هن ڳوٺ جي آدمشماري 200 کان مٿي آهي جڏهن ته ايراضي 2 ايڪڙ اٿس.

پوليس اسٽيشن ڏيپار جا ۽ پوسٽ آفيس پورڙ اٿس. هتي قريشي پير، عالماڻي ذاتين وارا رهائش پذير آهن. هتي جي رهاڪن جا عام ڌنڌا هاريو ملازمت، مال، مويشي، پولٽري فارم آهن. هتي هڪ پرائمري بوائز اسڪول (1948ع) ۾ گرلس پرائمري اسڪول (1993ع) آهي. هتي جي مشهور ۽ نالي واري شخصيت نامور حڪيم شاعر حڪيم پير شير محمد مشهور حڪيم شير (1916ع ـ 1980ع) بن حڪيم پير علي بخش (اول) آهي جيڪو بلند درجي جو يوناني حڪيم ۽ اهل الله هو. سندس خدادا لياقت، مرض شناسي ۽ روحاني فيض جي هاڪ ملڪان ملڪ هئي. پاڻ حڪيم محمد يعقوب ڪوريجو جو همعصر هو. پاڻ ڪافيءَ جو بهترين شاعر پڻ هو سندس هڪ ڪافي جو ٿلهه آهي:

منهن جي دل ڪٺي وئين دور ميان،
هاڻ ڇا کان ڪيئه مجبور ميان!

حڪيم پير شير محمد جو فرزند حڪيم پير صدرالدين (متوفي 1990ع) پڻ حڪمت جو ڄاڻو ۽ ماهر هو.

حڪيم شير تعليم توڙي حڪمت پنهنجي والد کان حاصل ڪئي. سترهن ورهين جي ڄمار ۾ سندس والد وفات ڪئي، والد جي وفات کانپوءِ باقاعده حڪمت جي ڪم ڪي لڳي ويا. اعليٰ درجي جا مهمان نواز ۽ سخي پڻ هئا. پاڻ سنڌي ۽ سرائڪي ۾ شاعري ڪئي اٿن.

هن ڳوٺ جي ويجهو ڏيپار جا شهر/ڳوٺ آهي جيڪو ٽن ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آهي. هن ڳوٺ جي اتر ۾ ڏٽل پٽي، اولهه ۾ جهان خان عالماڻي اوير ۾ جام سابقي، نهال عالماڻي، ڏکڻ ۾ عظيم پرهياڙ ۽ نور شاهه ڳوٺ آهن. هتي پير شير جي زيارتگاه آهي جڏهن ته هر سال 15 شعبان تي محفل شب برات ملهائي ويندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ڳوٺ جوٽالوءِ:

ڳوٺ جوٽالوءِ، ديھہ جوٽالوءِ، تپي لليا، يونين ڪائونسل لليا تعلقي موري ۾ شامل آهي. پوليس اسٽيشن ڏيپار جا/مورو اٿس. ڳوٺ جي آدمشماري ٻہ سئو ۽ ايراضي پنج ايڪڙ پوسٽ آفيس پورڻ اٿس. هتي جي رهاڪن جا ڌنڌا زميندارِي، هاريو مزدوري ۽ ملازمت آهي جڏهن تہ پيداواري ذريعن ۾ ملازمت، مزدوري ۽ زراعت اچي وڃن ٿا. هتي هڪ بوائز مسجد اسڪول آهي، جوٽالوءِ کان پورڻ تائين روڊ آهي. هن جي اتر ۾ چنيجا هڪ ڪلوميٽر، ڏکڻ ۾ لليا هڪ ڪلو ميٽر، اوير ۾ پورڻ هڪ ڪلوميٽر ۽ اولھہ ۾ سنڌو درياءَ اٿس. ان کان علاوه هن جي پسگردائي ۾ سنهڙي ۽ امام آباد، جان محمد ڏلو ۽ گل محمد سيال ڳوٺ اٿس،هتي سيد، چنا، لاکا، چوهاڻ ۽ برڙا رهائش پذير آهن. ڳوٺ جوٽالوءِ معنيٰ جوٽن جي وستي هن وقت هڪ بہ جوٽو هن ڳوٺ ۾ ڪو نہ ٿو ملي. هن ڳوٺ جي رهواسي ۽ سنڌ جي مشهور شاعر راشد علي شاهہ ’راشد مورائي‘ ڳوٺ ڪڏهن قائم ٿيو؟ متعلق معلومات ڏيندي ٻڌايو تہ وڏڙن جي روايتن موجب اڄ کان سوين سال اڳ ٺٽي جي شيرازي سيدن مان بہ ڄڻا (چاچو ۽ ڀائٽيو) پنهنجي ماڻتن سان ڪاوڙجي پنهنجو ڳائو مال ڪاهي، درياه جي وٽ ڏئي، منزلون ڪندا، اُتر طرف سفر ڪندا جڏهن ڳوٺ جوٽالوءِ وٽ پهتا تہ ڪين هيءَ جوءِ پنهنجي مال جي چاري جي لحاظ کان پسند پئي ۽ هتي ٺي رهي پيا. سيدن کان اڳ هن ڳوٺ ۾ جوُٽا ذات جا ماڻهو رهندا هئا جيڪي سيدن سان نہ ٺهيا ۽ مال جي ڀيل تان اڪثر نارضگيون وڏينديون رهيون، چون ٿا تہ سيدن جي پٽ پاراتي سبب جوٽن جو ٻاڪرو مال بگهڙ کائڻ لڳا ۽ نيٺ جوُٽا هن ڳوٺ مان لڏي ويا ۽ هي ڳوٺ سيدن جي ڳوٺ طور سُڃاڻڻ لڳو.

ڳوٺ جو نالو ساڳيو جُوٽالوءِ قائم رکيائون ۽ جوٽن کان ورتل ٻنيون ٻاڻ ڪيڙڻ ۽ کائڻ لڳا. جيئن تہ هيءَ ڳوٺ درياه جي ڪپ تي هئ تنهنڪري درياه جي پائڻ سان هن ڳوٺ وارن کي بہ دفعا لڏ پلاڻ ڪرڻي پئي ۽ هن وقت ٽئين هنڌ تي ڳوٺ ٻڌل آهي، بہ دفعا اڳ ۾ هيءَ ڳوٺ پائجي چڪو آهي.

ڪنهن زماني ۾ هيءُ ڳوٺ تمام وڏو ڳوٺ هو ۽ واپاري مرڪز هئو بيڙين وسيلي سکر سان واپار هلندڙ هوس پري پري کان ڳوٺن جا ماڻهو هتان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سودو سامان خريد ڪرڻ ايندا هئا. هندن جي لڏي وڃڻ بعد هيءُ ڳوٺ ڦٽي ويو ۽ هاڻي ڪي ٿورا گهر وڃي بچيا آهن. هن ڳوٺ جو اصل نالو جوٽالوءِ آهي پر وقت گذرڻ سان همزو(ءِ) ڪاڄي ويو آهي. هاڻي جُوٽالو سڏجي ٿو.

هتي هڪ بوائز مسجد اسڪول هن وقت هلي رهيو آهي. هتي حيات شاهه، گلاب شاهه، نور محمد شاهه ۽ زينو پير جون زيارت گاهون آهن. سيد پير علي شاهه جيڪو سول جج کان ٿيندو سيشن جج تائين پهتو هتان جو رهواسي هو وٽس موسيقيءَ جا سڀ انسٽريومينٽس، بورينڊو چنگ، دهل، شرنائي کان وينڊي بين تائين موجود هونديون هيون گيس به فرزند علي ڏنو شاهه ۽ پروفيسر مهتاب شاهه آهن. پروفيسر صاحب سنڌ يونيورسٽي آءِ آر ڊپارٽمينٽ ۾ آهي. ڪافي جو بهترين شاعر سيد علي شاهه ”خادم“ جنهن کي چار فرزند سيد روشن علي شاهه ’روشن‘، سيد راشد علي شاهه ’راشد موراڻي‘، معصوم علي شاهه ’نماڻو‘ ۽ شمن شاهه پڻ جوٽالوءِ جا آهن. جڏهن ته جوٽالوءِ جي ٻي معزز شخصيت سيد جلال الدين شاهه بن امام الدين شاهه آهن پاڻ بهترين منتظم، بااخلاق ۽ خوش پوشاڪ هئا. پاڻ تعليم کاتي ۾ استاد کان وٺي سپروائيزرن هاءِ اسڪول جا هيڊ ماستر، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ۽ ٽرنينگ ڪاليج (مٽياڻي، سڪرنڊ) جا پرنسپال رهيا. 1960ع ” ۾ رٽائرڊ ٿيا. پاڻ بهترين يوناني حڪيم پڻ هئا. پنهنجو مطب نوشهري بعد ۾ نواب شاهه ۾ هلايائون. سندن کي ٽي فرزند هڪ نياڻي جو اولاد آهي. هڪ پٽ سيد ارشد علي شاهه، ڪارڊيولاجسٽ آهي، ٻيو فرزند جمال مصطفيٰ، DCO نوابشاهه، جڏهن ته سندن نياڻي ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه پروفيسر آهي. ٽيون وڏو فرزند سيد امام علي شاهه آهي.

- **ڳوٺ جيسر/لليه پتڻ:**

هي ڳوٺ سنڌو درياهه جي ڪپ تي، دادو - مورو پُل سان لڳ آهي. هيءُ تاريخي لليه پتڻ جي حد ۾ واقع آهي. دادو- مورو پُل ٺهڻ کان پهرين ڳوٺ جيسر/لليه پتڻ جي تاريخي حيثيت رهي آهي. دادو - موري وچ ۾ آمدورفت جو ذريعو درياهه وسيلي ٻيڙين ذريعي هن ڳوٺ وٽان ٿيندو هو. هن ڳوٺ جون، هن وقت معزز ۽ مشهور شخصيتون، اديب ۽ تاريخدان عبدالله خان جيسر، دوست علي جيسر ۽ منظور علي جيسر آهن. هن تاريخي ڳوٺ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالله خان جيسر جي لائبرري ’شهيد نور احمد جيسر لئبرري‘ نالي سان مشهور آهي، جنهن ۾ ڪيترائي تاريخي، سماجي، سياسي، علمي ۽ ادبي ڪتاب، قلمي نسخا، آرٽ ۽ پُراڻن راڳين جا تاريخي رڪارڊ موجود آهن. ان ڪانسواءِ هند جي ناميارن اديبن جا ڪيترائي سفرناما، خط ۽ ادبي ڪتاب موجود آهن. جيڪو هڪ دفعو انهيءَ لائبرري کي ڏسي ٿو هُن جي دل باغ و بهار ٿي وڃي ٿي.

## • ڳوٺ نوڙها:

ڳوٺ نوڙها، ديهه ڏُلو شاهه، تپو سهڙا يونين ڪائونسل نوان جتوئي، ۾ شامل آهي. پوليس اسٽيشن فريد ديرو پوسٽ آفيس نوڙها، تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز اٿس. هن ڳوٺ جي آدمشماري ست هزار ۽ ايراضي 32 ايڪڙن تي مشتمل آهي.

ڳوٺ ۾ جتوئي، عالماڻي، پرهيار، سومرا، خاصخيلي، (ڪنير) چنا، (ڪوري) جوڻيجا، رند، ڪوسا، جوکيا (دايا) حجم، سهتا ۽ لوهار ذاتيون رهائش پذير آهن. هتي سنڌي سرائيڪي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. ڳوٺ جي رهاڪن جا عام ڌنڌا زراعت، واپار ۽ ملازمت آهن.

**درسگاهون:** هتي ٻه پرائمري اسڪول هڪ گرلس ٻيو بوائز ۽ هڪ بوائز مڊل اسڪول موجود آهن. هتي تعليم جو بنياد حاجي محمد سليمان ولد محمد علي عرف چوهڙ خان جتوئيءَ وڌو. جنهن ٻهريان هتي ’مُلان مڪتب‘ کوليو جيڪو اڄ ناٿين ڪلاس تائين پهتو آهي.

## • ڳوٺ تي نوڙها نالو ڪيئن پيو؟

نوڙهن جي محترم ۽ مانواري شخصيت، بهترين استاد رٽائرڊ ۽ سماجي ورڪر سائين عبداللطيف جتوئي کان انٽرويو ڪندي معلوم ٿيو ته هتي ٻهريان جهنگ هوندو هو. پنجاب مان ڏاتو خان نالي ماڻهو قتل ڪري اچي هن جهنگ ۾ لڪو. هتي رهڻ ۾ هن کي مزو اچي ويو سو ڏاتي خان مينهون ورتيون. ڏاتي پوئتي ورڻ جي ڪانه ڪئي ۽ جهنگ ۾ جهوپڙي ناهي ويهي رهيو. روزانو مينهون چاريندو هو. انهن مينهن جو گيهه ۽ مکڻ وڪڻي گذارو ڪندو هو ائين آهستي آهستي جهنگ ۾ ماڻهو ويهي ويا ۽ ڳوٺ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالو "ڏاتي خان جا پاڻ" پئجي ويو. چون ٿا تہ هڪ ڏينهن ڏاتو خان مال چارڻ ويو. گهنگهڙ راجا جو لشڪر جهنگ ۾ شڪار ڪرڻ آيو جهنگ ۾ جهوپڙي ڏٺائون ۽ ان ۾ ڏڏ ڪير، مکڻ ۽ گيهہ بہ ڏٺائون سو ڇا ڪيائون جو ڪير، مکڻ، ڏڏ ۽ گيهہ تہ کاڌائون پر ٿانوَ بہ ڀڃي ڇڏيائون. شام جو ڏاتو مال ڪاهي آيو ۽ ڏٺائين تہ جهوپڙي ڍٺي پئي آهي ۽ ٿانو ڀڳا پيا آهن. هن کي ڪاوڙ لڳي ڇا ڪيائين جو پنهنجي مٽي جا وار ڪوڙائي ڇڏيائين، چون ٿا تہ ڏاتي جا وار تمام وڏا هوندا هئا. ڏاتوخان مٿو ڪوڙائي گهنگهڙ راجا جي ڪچهريءَ ۾ وڃي وينو. راجا هن کي ڏسي چيو تہ نوڙها! ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ ڏاتي خان ٻڌايس، راجا هن سان انصاف ڪيو ۽ ان ڏينهن کان وٺي هن ڳوٺ تي نوڙها نالو پيو.

گهنگهڙ راجا جي باشاهي پراڻي جتوئين پرسان "گهنگهڙ شهر" ۾ هئي. ڪنهن مصيبت اچڻ سبب هي شهر تباهہ ٿي ويو. اڄ تائين اهي دڙا موجود آهن. جتان ڪيترن ئي ماڻهن کي سڪا لڌا آهن. گهنگهڙ جاگير پڻ آهي.

## نوڙهن جون گذريل نامور شخصيتون:

سرائي ولي محمد جتوئي خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو محمد رمضان جتوئي ۽ منو خان پرهيار هاري اڳواڻ هئا. پيرل فقير پرهيار عوامي شاعر هو. فقير تُراب علي عالماڻي ۽ ميوو فقير عالماڻي، سيف علي فقير صوفي راڳي رهيا آهن. حاجي بلاول خان جتوئي چڱو مڙس ۽ سنو عادل هو. بهاول خان جتوئي پٽي جو شيدائي ۽ سنو يوناني طبيب هو. مرحوم گل محمد جتوئي سنو ۽ مچيل ڪوڏارو هو. احمد خان ولد لعل خان عالماڻي ڳجهارتون ڳوليندڙ ۽ سنو ناڙي ڪاهو هو. ملو ايوب ڪنير سنو طبيب هو. ملو حافظ ايوب ڪوري تمام درويش انسان هو. حاجي رمضان ڪوري، حاجي الهورايو ڪوري ۽ حاجي چتو ڪوري ڪتا اُٺيندا هئا ۽ پيا ڪوري تاجيءَ تي ڪپڙو اُٽندا هئا. مرحوم حاجي احمد خان جتوئي نڪتہ شناس هوندو هو. مرحوم حاجي محمد ايوب عمراڻي سنو آبادگار هو. حاجي محمد سليمان جتوئي ۽ استاد الهہ بخش جتوئي هن ڳوٺ اندر پرائمري ۽ ديني تعليم جي ڦهلاءَ لاءِ تمام وڏيون ڪوششون ورتيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**نامور شخصيتون (موجوده):**

نظام الدين ولد خميسو خان ۽ ناظم الدين ولد خميسو خان جتوئي مخير حضرات آهن (هنن ڪيترن ئي غريبن کي گهر نهرائي ڏنا آهن، ڪيترن مسڪينن کي نلڪا هٽائي ڏنا آهن. ۽ ڪيترن مريضن جو علاج ۽ لاچارن جي مالي مدد ڪندا رهن ٿا.) عبداللطيف جتوئي ملوڪاٽي سٺو استاد رهيو آهي. ۽ ان سان گڏ سماجي ورڪر ڊراما اداڪار رهيو آهي. محمد ادريس جتوئي سٺو اديب شاعر ۽ دانشور آهي (هن وقت ڊپٽي ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيولم ۾ آهي). عبدالرحيم جتوئي استاد، بهترين منتظم ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر رهيو آهي. استاد انورالدين جتوئي سُٺو راڳي آهي. محمد عرس جتوئي فيلڊ اسسٽنٽ ايسوسيئيشن سنڌ جو صدر رهيو آهي.

هن ڳوٺ جا ڪيترائي ماڻهو ٻاهرين ملڪن ۾ رهائش پذير آهن.

**ويجهي شهر ۽ ڳوٺن جا نالا ۽ حدون:**

نوڙهن کان ڏيڍ ڪلوميٽرن جي پنڌ تي نوان جتوئي شهر آهي پسگرادئيءَ وارن ڳوٺ ۾ جام دونگهه، منگو ڏهر اچي وڃن ٿا.

ڳوٺ جي اترءِ اُوير ۾ جتوئي صاحبان جا انبن ۽ گريٽ فروٽ (مالٽن) جا باغ آهن. ڳوٺ جي اوير ۾ ابجي شاخ ۽ اولهه ۾ سهڙا شاخ آهي.

ڳوٺ نوڙها ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي لائبرري آهي جنهن ۾ سئا ڪتاب رکيل آهن. هتي هڪ بسيڪ هليٿ يونٽ پڻ آهي ۽ ڊرينج سسٽم به آهي ڳوٺ ۾ ڪيترين ئي اوطاقون آهن جتي ڳوناٽا ويهي ڪچهريون ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ ڪيترين ئي ڪرڪيٽ راند جون ٽيمون پڻ آهن.

- **ڳوٺ وڏ پاڳيا:**

ڳوٺ وڏ پاڳيا، ديهه وڏ پاڳيا، تپو وڏ پاڳيا، يونين ڪائونسل درس تعلقي موري ۾ واقع آهي. هي ڳوٺ پڪي تي مورو پوليس ٿاڻي جي حد ۾ آهي. هي ڳوٺ وڏي ايراضي تي ڦهليل آهي. ڳوٺ ۾ سٽر، اسي گهر آباد آهن ۽ آدمشماري هڪِ هزار کن ٿيندي.هتي سيد، سومرا، منگي، چنا، راڄپر،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پجارا ۽ ڏيپر ذاتين وارا رهائش پذير آهن. ڏيپر اڪثريت ۾ آباد آهن. ڳوٺ وڏ پاڳيا موري کان پنج ڪلو ميٽرن تي آهي.

ماڻهو سائيڪلن، موٽر سائيڪلن، ڪارن ذريعي سفر ڪندا آهن. ڳوٺ کي روڊ ۽ بجليءَ جي سهوليت موجود آهي ڳوٺ جي رهاڪن جا مکيہ ڌنڌا زمينداري، هاريو مزدوري ۽ ملازمت آهي. هتي سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، هتي پيداواري ذريعو زراعت آهي. هي ڳوٺ 1992ع جي برساتن ۾ سڄو ٻڏي پٽ ٿي پيو ڪافي ماڻهو موري ۽ آس پاس لڏي وڃي ويٺا. ڳوٺ جو نيڪ مرد وڏيرو محمد رمضان ڏيپر آهي.

ڳوٺ جي نالي متعلق ڪافي جهونن کان معلومات ورتي ويئي جن ۾ نوجوان ليکڪ ۽ بهترين شاعر هدايت الله، 'هدايت ڏيپر' جو والد چاچو محمد خان مرحوم (جنهن تقريباً ست سال کن اڳ 2003ع ۾ هڪ سئو سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي آهي) ڏاڏو محمد اسماعيل ڏيپر (عمر هڪ سئو سال) ۽ چاچو محمد عرس ڏيپر (عمر 75 سال) جي چوڻ مطابق تہ هي ڳوٺ انگريزن جي اچڻ کان اڳ جو آهي هتي واڻيا پڻ رهندا هئا جن جو ڌنڌو ڪجهہ زمينداري هوندي هئي جيڪا نارن تي ٿيندي هئي ۽ ان سان گڏ هو واپار / دوڪانداري پڻ ڪندا هئا. ڳوٺ جي نالي بابت بہ رايا ڏنا ويا ۽ ويا وڃن ٿا. هڪ تہ وڏيري رمضان کي انگريز حڪومت سڄي ڳوٺ ۽ آس پاس جي رهاڪن جيڪي پنهنجي زمين تي رهندا هئا انهن سيني کي ڳهرائي انهن سيني جي پڳ وڏيري رمضان ڏيپر کي ٻڌائي وئي جنهن تي انگريز سرڪار چيو تہ "هيءَ وڏي پڳ وارو" آهي. ان وڏي پڳ واري جي پنيان ڳوٺ جو نالو "وڏ پاڳيا" پيو معنيٰ وڏي پڳ وارو پيو رايو اهو آهي تہ اڪثريت ۾ هن ڳوٺ جا ماڻهو مال سان گهڻو چاهہ رکندا هئا جنهن ۾ ڳئون، ٻڪريون، ميهنون شامل آهن. اڪثر ماڻهو تمام گهڻي مقدار ۾ جانور پاليندا هئا. اڄ بہ جنهن وٽ چوپايو مال گهڻو آهي ان کي پاڳيو سڏيندا آهن. ان چوپائي مال ڪري "وڏاپاڳيا" سڏبا هئا جيڪو لفظ اڳتي هلي "وڏ پاڳيا" تي پيو آهي.

وڏ پاڳيا نالو پوڻ کان پهريان ماڻهو ڏيپرن جو وڏو ڳوٺ سڏيندا هئا چو تہ ڏيپر برداري جو هن ڳوٺ کان پيو ڪو بہ ڳوٺ وڏو ڪو نہ هئو.

هتي درگاه سائين حسين شاهہ ۽ سائين امام علي شاهہ جون زيارت گاهون آهن. هن ڳوٺ جي هڪ فرلانگ تي هڪ قديم مقام جيڪو 30



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪڙن تي مشتمل آهي جنهن ۾ تمام قديم قبرون آهن جن ۾ قديم ننڍڙيون سرون مختلف سائيزن جون ۽ ڪي گلاس ٽائيپ ملن ٿيون.

هتي هڪ پرائمري اسڪول بوائز آهي جيڪو پاڪستان کان اڳ کان هلندڙ آهي هن ڳوٺ جي آس پاس سردار خان لنڊ، ماڪو ڏيپر، ڪوڙو ڪوسو الهه بخش ڪوسو ڳوٺ آهن.

- **ڳوٺ سهڙا:**

ڳوٺ سهڙا ٽپو سهڙا يونين ڪائونسل ڏيپار جا تعلقي موري ۾ واقع آهي. پوليس اسٽيشن فريد ديرو ۽ پوسٽ آفيس سهڙا اٿس. هن ڳوٺ ۾ ملاح، چنا، سومرا، ڪوريجا، پٽي مشوري، ميمڻ رهائش پذير آهن. هتي سنڌي ۽ سرائيڪي زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون. هن ڳوٺ جي آدم شماري اندازي تي هزار آهي ۽ ڳوٺ جي ايراضي 16 ايڪڙ 35 گهنٽا اٿس. هي تاريخي قديم ڳوٺ ميرن جي دور جو يا ان کان به اڳ جو آهي. هن ڳوٺ ۾ هندو مسلمان گڏ رهندا هئا. هتي ميرن جا ديرا يعني اوطاق هوندي هئي ڳوٺ جي جهونن چواڻي ته اسان پنهنجي وڏن کان ٻڌو هو ته اوطاق ۾ چار نمن جاوڏا وڻ هوندا هئا. مير جڏهن به شڪار يا زمين تي گهمڻ لاءِ نڪرندا هئا ته سهڙا ۾ پنهنجي ديري ۾ اچي رهندا هئا. سواريءَ لاءِ گهوڙن، اُٺن تي سوار ٿي پهچندا هئا.

انهن گهوڙن ۽ اٺن کي اوطاق ۾ نمن هيٺان ٻڌندا هئا ميرن جو زمينون ۽ باغ سهڙن پرسان هئا جتي هينئر پٽي قوم وينل آهي. سهڙا ۾ هڪ ٽپيدارن جو ديرو هوندو هو جنهن ۾ ٽپيدار ۽ ڪوٽارن جي رهائش لاءِ جدا جدا ڪمرا ٺهيل هئا ۽ گهوڙن کي ٻڌڻ لاءِ پڻ تنبيلا، رولو جانورن لاءِ هتي ڍڪ هوندو هو جيڪو ضلعي ۾ پهريون نمبر هوندو هو ۽ اتي ملڪن وارو نور محمد ڪيڙو (غلام سرور ڪيڙي جو والد) ڍڪ منشي هو. ڍڪ تي ڍڪ منشي جي رهائش لاءِ ڍڪ مٿان ماڙي ٺهيل هئي. سهڙن جي چوڌاري باغ هئا جن مان ناراڻ داس، تيجو مل، ڪودي مل ۽ مگي مل جا باغ مشهور هئا. سهڙا ۾ ڪوڏڻ مل، گيهي مل، تيجو مل، سوِيو مل جون وڏيون ماڙيون ۽ وڏا دوڪان هئا. هي وڏا شاهوڪار ۽ سيٺيون هئا. آبپاشي عملي لاءِ سرڪاري بنگلو جتي ضلعي جا آفيسر، اسٽنٽ ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر گشت دوران اچي رهندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. سرڪاري وڏا آفيسر پنهنجو رڪارڊ انن تي وڏين پيتين ۾ بند ڪري پاڻ سان گڏ کڻي ايندا هئا ان وقت انن گهوڙن کان سواءِ اتي ڪا به سواري نه هوندي هئي ۽ رستا ڪچا هوندا هئا پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ سهڙا ۾ اڍائي تي سو گهر هوندا هئا. جن ۾ هندو ۽ مسلمان گڏ هوندا هئا ان وقت سهڙا ڪاروباري لحاظ کان مشهور هو.

سهڙن ۾ هندن جو وچ شهر ۾ مندر هو جنهن کي ٽڪاڻو چوندا هئا هن مندر ۾ ٻائي شنيوگر جي قبر آهي. هندو پاڻ کي ساڙيندا آهن پر ٻائو شنيوگر دفن ٿيل آهي. هن جي گادي نيشن جي نالو ٻائو سو نڪو گرگر هو. تي مانگهه مهيني جي ٻائي شنيو گر جو هر سال ميلو ڏاڍي ڌام ڌوم سان لڳايو ويندو هو. جنهن ۾ هر قسم جا دڪان لڳي ويندا هئا. راڳ لاءِ پري پري کان هندو ڀڳت ۽ مسلمان ڳائڻا ايندا هئا, هندو ڀڳتن ۾ جاڙو ڀڳت, گوئند ڀڳت موٽڻ ڀڳت, چندر ڀڳت, پرسو ڀڳت مائي راڌي, مائي جيوٽي, جڏهن ته مسلمان ڳائڻا, شمن گڏي سونو خان مستوئي, ميرل ۽ نورل ڪنير, مائي الله وسائي, سلطان فقير چانڊيو امام علي چانڊيو غلام نبي چانڊيو نورل شاهه, احمد ڪوتار ان کان سواءِ نڙُ بيتن جا مشهور سگهڙ ميرو ڪوتار (نڙَ جو) ۽ گلڻ پتي ( بيتن جو) سگهڙ هو سماع ۾ مشهور گلاب سڪ, محمد حسن ٻوهيو ۽ محمد ٻوهيو اهي مسلمان ڳائڻا ۽ هندو ڀڳت, ميلي ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. ميلي ۾ ملاڪڙو عيدن فقير جي پرسان پيپل ميدان تي لڳندو هو.جنهن ۾ صاحب ٻُگو سهراب چانڊيو عمر چانڊيو سونو دونگهه, گلاب, نائچ, الهه ڏنو مبيجو ۽ ٻيا ننڍا وڏا ملهه حصو وٺندا هئا. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ هندو لڏي ويا ۽ ڪجهه هندو وڏن شهرن ۾ وڃي ويٺا. هڪ هندو ٽپيدار ليکراج مل سڪرنڊ ۾ وڃي ويٺو. جنهن پاڪستان ٿيڻ کانپوءِ هڪ دفعو ميلو لڳرايو ان کانپوءِ ميلو ختم ٿي ويو.

هندن جي وقت ۾ سهڙا ۾ ڪيترائي کوهه هوندا هئا, جن ۾ خيراتي کوهه, جنهن مٿان نار هوندو هئو کودي مل جو کوهه, مُکين وارو کوهه مشهور هئا.

سهڙا ۾ هن وقت ٻه درگاهون موجود آهن, هڪ فقير حاجي خدا بخش کٽي سومري جي ۽ ٻي درگاهه عيدن فقير جي. حاجي خدابخش کٽي فقير تي هر مهيني جي پندرهين تاريخ ملهائي ويندي آهي. راڳ ويراڳ ٿيندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساليانو عرس مبارڪ پندرهين ربيع الثاني تي هر سال ٿيندو آهي. عيدن فقير تي هر مهيني ستاويهين تاريخ ملهائي ويندي آهي. فقير خدا بخش ڪتي جو گادي نشين سندن پٽ محمد موسيٰ آهي جڏهن تہ عيدن فقير جو گادي نشين عنايت الله فقير ڪوريجو آهي.

هن وقت سهڙا جو اهو عروج ناهي جيڪو هندن جي زماني ۾ هو. ٻائي شنيوگر جي قبر اڄ بہ موجود آهي. سهڙا ۾ 1901ع ۾ پرائمري اسڪول بلڊنگ سميت ٺهيو جيڪو اڄ بہ هلي رهيو آهي.

- **ڳوٺ هيسب/ محمد رحيم چنڊ:**

هي ڳوٺ واٽين جي وقت جو آهي، جنهن ۾ واٽيا تمام گهڻي تعداد ۾ رهندا هئا. هن وقت اجمير ۾ رهندڙ مشهور ليکڪ، ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار هري همٿاڻي ۽ سندس خاندان پڻ هتان جو رهاڪو هو. پاڪستان ٺهڻ بعد هن ڳوٺ هيسب جو نالو ڦيرائي رحيم چنڊ ڪري رکيو ويو جيڪو هاڻي رڪارڊ ۾ رجسٽرڊ ٿيل آهي پر اڃان تائين اڪثر هن کي هيسب ئي سڏين ڳوٺ محمد رحيم چنڊ ديهہ ماڙي تپو گچيرو تعلقي موري ۾ واقع آهي. هتي ٽن هزارن کان مٿي آدمشماري آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي..... ايڪڙن تي مشتمل آهي. هتي سيد، چنڊ، ڪلهوڙا، حجم، سهتا ڪورائي، پٺا، ملڪ، راجپوت ذاتين وارا رهائش پذير آهن. پوسٽ آفيس رحيم چنڊ اِتس. هتي سنڌي، اردو ۽ سرائڪي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. هتي 1940ع کان پرائمري ٻوائز اسڪول 1985 کان پرائمري گرلز اسڪول، 1970ع کانA.P ڪلاس ۽ 1985ع کان مڊل اسڪول ٻوائز ڪم ڪري رهيا آهن.

هن ڳوٺ ۾ قبول فقير، پرڏيهي پير ۽ گوگي پير جون زيارت گاهون آهن. 1996ع ۾ هتي بيسڪ هليٿ يونٽ قائم ڪيو ويو آهي. رحيم چنڊ جو ڳوٺ موري کان 5 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف نيشنل هاءِ وي تي ۽ اتان هڪ ڪلو ميٽر اولهہ طرف ۽ گچيري پراڻي کان پنج ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي آهي. رحيم چنڊ جي ڏکڻ ۾ ماڙي، اوير ۾ عبدالحميد پنجابي ۽ نيو گچيرو، اولهہ ۾ سومر ماڇي، اتر ۾ حاجي شير خان دل، گل حسن لغاري ۽ خير محمد پٺو ڳوٺ اتس. هتي پرڏيهي پير جي هر مهيني ٻارهين ملهائي ويندي آهي. هن ڳوٺ جي رهاڪن جا عام ڌنڌا زميندار، مزدوري، ڪيتي ناڙي آهي جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ هتان جا پيداواري ذريعا زراعت، مال مويشي، واپار ۽ مزدوري آهن. رحيم چنڊ جون اهم شخصيتون الهورايو سهتو حاجي احمد چنڊ، جمعا خان چنڊ مرحوم، محمد اسماعيل چنڊ مرحوم، سماج سڌارڪ مولابخش چنڊ ۽ مولوي محمد چنڊ اچي وڃن ٿيون.

رحيم چنڊ ۾ 1932 ۾ ملا مڪتب کُليو. يونين ڪائونسل گچيرو اٿس.

## • ڳوٺ الہ بخش چانڊيو/جمعو چانڊيو:

ڳوٺ الهہ بخش چانڊيو عرف جمعو چانڊيو ديهہ خيرواهہ، ٽپي خيرواه يونين ڪائونسل خيرواه تعلقو مورو پوسٽ آفيس قمرالدين چانڊيو پوليس اسٽيشن پڊ عيدن اٿس.

ڳوٺ جي آبادي چئن هزارن کان مٿي اٿس ڳوٺ جا رهواسي سڀ چانڊيا آهن جڏهن تہ هڪ گهر سيدن جو آهي جيڪو سيد طالب شاهہ جو آهي جنهن درويش 120 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. ڳوٺ ويهہ ايڪڙن تي ڦهليل آهي. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي جنهن جو 1910ع ۾ بنياد پيو ليڪن بدقسمتي سان هن وقت بہ پرائمري اسڪول آهي ليڪن هن کي اپ گريڊ نہ ڪيو ويو آهي. ڳوٺ ۾ هڪ ڊسپينسري موجود آهي، هڪ عاليشان جامع مسجد پڻ آهي ۽ ان سان گڏوگڏ مدرسون پڻ هلي رهيو آهي.

ڳوٺ جي رهندڙ عام ماڻهن جو ڌنڌو کيتي ٻاڙي آهي ڪجهہ ماڻهو سرڪاري ملازمتن ۾ آهن جڏهن تہ ڪافي تعداد ۾ ماڻهو مزدور طبقي سان تعلق رکن ٿا. هن ڳوٺ جي ويجهو 5 ڪلوميٽرن تي قمرالدين چانڊيو ۽ ٻن ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي گل ٻرڙو آهن. سندس پسگردائي وارن ڳوٺن ۾ سمي جو ٽڙ، جان محمد ڏيپر، ڪانڊيرو ڏيپر، نواب سابقي، ارباب جتوئي، لهڻو فقير جتوئي، مراد پهوڙ، حافظ پنهور ۽ الهہ بخش سولنگي اچي وڃن ٿا.

ڳوٺ جي رهواسي استاد محمد علي چانڊيو (جيڪو قمرالدين چانڊيو ۾ استاد هو) جي چوڻ مطابق تہ هي ڳوٺ بہ ادائي، ٽي سو سال اڳ اسانجي وڏڙن آباد ڪيو هتي اسان جا وڏا مال متاع جي سانگي سان آيا ۽ آهستي آهستي پنهنجا ڪکاوان گهر اڏي مستقل رهائش اختيار ڪئي، مال متاع جي سانگي مطلب تہ هتي برسات پوڻ ڪانپوءِ مال جو سنو چارو ٿيندو هو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن درياءَ جي وهڪري جو گذر ٿيندو هو. هن ڳوٺ کان اوڀر طرف هڪ پراڻو ڍورو آهي جتان بزرگن جي چوڻ مطابق ڪنهن زماني ۾ پاڻي جو وڏو گذر ٿيندو هو. وڏڙن چواڻي ته اڳ ۾ پيروز واهه هو جڏهن ته ڳوٺ جي مٿان کان بيو واهه پڻ وهندو هو جيڪو خير واهه هو جن جا نشان اڄ به موجود آهن اٿين انهن (وڏڙن) هن علائقي کي موزن سمجهي پنهنجي مستقل رهائش بنائي ڇڏي.

ڳوٺ جي جهونن کان انٽرويو ڪندي معلوم ٿيو ته هن ڳوٺ جي آس پاس ڪيترائي آثار قديمه جا نشان موجود هئا. انهن ٻڌايو ته جڏهن اسان جي وڏن زمينون آباد ڪرڻ لاءِ دڙا ڪوٽيا ته ڪيترائي ٺڪرن جا ٿانو دلا، مٽ، چاڏيون، ڍڪڻا، ٺڪر جا پيالا ۽ گلاس مليا انهن ٿانو تي وڏي ڪاريگري سان چٽ سالي به ٿيل هئي. انهن آثارن ۾ هڪ دڙو اڃا به موجود آهي جيڪو "ڳهٽي جو دڙو" سڏيو ويجي ٿو. چون ٿا ته گهٽو وقت اڳ دڙن تي ڳهٽي خان نالي هڪ شخص پنهنجي ڪٽنب قبيلي سان رهندو هو ان وٽ تمام گهڻو مال چوپايا جانور، تمام گهٽي ملڪيت پڻ هئي، پر بيمار هجڻ جي ڪري ڪيس پنهنجي مينهن ۽ ڍڳين جو کير به نصيب نه هوندو هو جيڪا ملڪيت ايندي هئس اها هڪ ديڳ ۾ رکندو ويندو هو. اها ديڳ هن، هن دڙي (ڳهٽي جي دڙي) ۾ پوري ڇڏي جيڪا اڄ غيبات جي قبضي ۾ آهي. ڪيترن ئي ڪاملن ڪوشش ڪئي چلاپچايا مگر هُو ان ملڪيت کي حاصل ڪري نه سگهيا. الٽو پنهنجون جانيون وڃائي ويٺا يا وري پنهنجي ذهني صلاحيت تان هٿ ڌوئڻا پيئن.

هن ڳوٺ جو هڪ اهم واقعو 1970ع جي ڌاڪي جي ڳالهه آهي ته ڳوٺ ۾ اچانڪ باهه اچي لڳي، باهه ايتري شديد هئي جو ڳوناٽا صرف پنهنجون جانيون بچائي سگهڻ ۾ ڪامياب ٿيا. باقي تقريباً ڳوٺ جا ٽي حصا سڙي خاڪ ٿي ويا.

انهيءَ باهه سان ڳوناٽن جو وڏو مالي نقصان ٿيو هو ۽ مسڪين ڳوناٽا پنهنجو پيٽ گذر لاءِ به ڪجهه مهينا پريشان رهيا.

هن ڳوٺ جي هڪ دردمند ۽ هڏ ڏوکي انسان وڏيري غلام عباس چانڊئي ڳوناٽن جي تمام وڏي مدد ڪئي جنهن کي ڪڏهن به ڳوناٽا نٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وساري سگهن هن ڳوٺاڻن کي ڪاٺ ڪباڙ هنڌ ڪتون، ٻيو ضرورت جون شيون آس پاس جي ڳوٺاڻن ۾ درد دل رکندڙ ماڻهن کان وٺي اچي ڏنيون. چون ٿا تہ ايتري مدد ڪيائين جو اڳي کان بہ گهڻو سامان گڏ ٿي ويو ۽ ڪاٺ جي داسن ۾ پيجرن سان نوان ڇپر ٻڌا.

ڳوٺ جو ٻيو اهم واقعو سال 1992ع ۾ ٿيو. ڪن هٿيار بند جيڪي گهٽي پاڳي، پُنڌا چانڊيا هئا. هٿيارن جي زور تي مال چاريندڙ ۾ گاهہ ڪندڙ ڪي ڦري ۽ بيگناهہ ڳوٺاڻن کي پڪڙيندا ڳوٺ جي پرسان هڪ مڪان تي گڏ ڪندا ويا. انهن کي تمام ظالمانہ انداز ۾ زخمي ڪيو. ڳوٺاڻن وڏي مڙسيءَ ۽ دليري سان انهن جو مقابلو ڪري، ڳوٺاڻن کي وڏي جدو جهد کان پوءِ آزاد ڪرايو. خدا جي قدرت ڳوٺ تي چڙهائي ڪرڻ وارو رهزن ڌاڙيل دوسو چانڊيو پنهنجي انجام تي پهتو.

## • ڳوٺ صاحب خان چانڊيو (باغو چانڊيو):

ڳوٺ صاحب خان چانڊيو ديهہ ڪوڪر، تپو ڪوڪر، يونين ڪائونسل ڦتو بلال ۾ واقع آهي. هي ڳوٺ موري کان پنج ڪلو ميٽر اولهہ طرف داد واهہ ۽ سنڌو تي ٻڌل بند جي وچ ۾ پڪي تي آهي. پوليس اسٽيشن ڪورائي فاريسٽ ۽ پوسٽ آفيس مورو اٿس. هن ڳوٺ ۾ چانڊيا رهن ٿا ۽ 25 گهرن تي مشتمل لڳ ڀڳ هڪ هزار آبادي آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي ويهہ پنجويهہ ايڪڙن تي مشتمل آهي هتان جي رهاڪن جا عام ڌندا هاري ملازمت، واپار زمينداري ۽ ڊکاڻڪي آهي. هتي سنڌي ٻولي ڳالهائجي ٿي.

هن ڳوٺ کي 'باغو خان چانڊئي' جي نالي سان پڻ سڏيو وڃي ٿو جيڪو صاحب خان جو پياءُ هو سخي ۽ وڏو مالدار هو جنهن وٽ مال جا وڏا وڳ هئا. هي ڳوٺ 'چانڊين جي مچر' ساڻ پاڻ مشهور آهي.

هن ڳوٺ ۾ تعليم جو شعور ڦهلائڻ ۾ حافظ قاسم چانڊئي (1907ـ 1957ع) جو وڏو هٿ آهي جنهن ڳوٺ ۾ مدرسو ۽ مسجد تعمير ڪرائي ديني تعليم ڏيڻ شروع ڪئي ۽ ان سان گڏ لکڻ پڙهڻ بہ سيکاريو ۽ ڪجهہ وقت بعد 1920ع ڌاري باقاعدي ڳوٺاڻن جي مدد سان اسڪول جي بلڊنگ ٺهرائي ۽ ان ۾ پرائمري تعليم ڏني ويندي هئي. 1930ع ۾ هن کي 'مسلم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪول' جو باقاعدي درجو مليو. ان وقت موري تعلقي ۾ صرف ڇهہ مسلم اسڪول هوندا هئا. هتي اوس پاس ڪان ماڻهو تعليم پرائڻ ايندا هئا. پاڪستان ٺهڻ بعد هي اسڪول گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪوٺجڻ لڳو. 1930 واري ڪچي عمارت موجود هئي جيڪا نئين سر پڪي تيار ٿي آهي. 1976ع ۾ ڳوٺ جي هڪ معزز سماج سڌارڪ بزرگ شخصيت مرحوم جان محمد چانڊيو (1922_1978ع) جي ڪوشش سان اي.پي ڪلاس جو بنياد پيو ۽ چئن سالن بعد 1980ع ۾ مڊل اسڪول ٿيو جنهن مان اڄ تائين هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو فيضياب ٿيا آهن.

هن ڳوٺ ۾ محمد علي پير، محمد لائق پير ۽ ڏاڏي مير خان جون زيارت گاهون موجود آهن. هن ڳوٺ جي پرسان سائين محمد علي پير جو ساليانو ميلو بہ لڳندو هو جنهن ۾ سنڌ جا نامور ملهہ پهلوان ملاکڙو ڪندا آهن هي ميلو بہ پراڻي وقت کان لڳندو اچي. صاحب خان چانڊئي ڳوٺ جي پسگردائي ۾ اتر ۾ حاجي سولنگي، اوڀر ۾ دادو سيال، مراد سولنگي، ڏکڻ ۾ صادق سولنگي، ڏکڻ اولهہ ۾ گلڻ چانڊيو اولهہ ۾ بچاءِ بند ۽ سرفو ڍورو اچي وڃن ٿا. هتي مولوي عبدالرشيد چانڊيو سڪندري (1942_ 1991ع) وڏو عالم دين ۽ حڪيم ٿي گذريو آهي. هن وقت صاحب خان چانڊيو سماجي ڪمن ۾ اڳيرو آهي ۽ پيشي جي لحاظ کان استاد آهي.

ڳوٺ جي قائم ٿيڻ بابت ڪافي پيرسن کان معلومات ورتي وئي جن مطابق اسان پنهنجي وڏڙن کان ٻڌندا آيا آهيون تہ اسانجا وڏا بلوچستان جي شهر غيبي ديري جا رهاڪو هئا مگر غربت ۽ افلاس کان مجبور ٿي هنن اتان ڪنهن مناسب جڳهہ ڏانهن لڏي وڃڻ جي تياري ڪئي. جيئن تہ وڏڙا مارو ماڻهو هئا ۽ سندن گذران مال تي هو تنهن ڪري منزلون ڪندا اچي موجوده جڳهہ تي پهتا. جيئن تہ موجوده جڳهہ آبادي جي لحاظ کان بلڪل ويران هئي، مگر مال جو چارو چڱيءَ پر موجود هو ڇاڪاڻ تہ ان وقت بچاءِ بندن جو وجود ئي ڪو نہ هو ۽ اونهاري جي موسم ۾ درياءَ جي چاڙهہ سبب ٻوڏ جو پاڻي ڳوٺ تائين پهچي ويندو هو ۽ مال لاءِ چارو جام ٿي ويندو هو ان ڪري موجوده جاءِ تي مستقل سڪونت اختيار ڪيائون هي ڳالهہ ميرن جي دؤر جي آهي. ان وقت هن ڳوٺ کي 'باغو چانڊيو' ۽ 'چانڊين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مچر، سڏيندا هئا. جڏهن انگريزن جي وقت ۾ بئراجن جي رٿا عمل هيٺ آئي تڏهن زمينن جي سروي جو ڪم شروع ٿيو تڏهن هن ڳوٺ جو نالو رڪارڊ ۾ صاحب خان چانڊيو داخل ڪيو ويو ۽ ائين هي ڳوٺ وجود ۾ آيو.

1973ع ۾ جڏهن بند ڀڄي پيو ۽ اهو هن ڳوٺ جي سامهون ڀڳو پر ان وقت هتان جي ڳوٺاڻن وڏي همت سان پنهنجو ڳوٺ، مال متاع بچايو پر ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن کي ٻڏڻ کان بچايو ۽ سندن مردانگيءَ ۽ همت سبب ٻوڏ کان مڪمل محفوظ رهيا ۽ ڳوٺاڻا لڏ پلاڻ جي تڪليف کان بچي پيا.

سومرو چانڊيو پڻ هن ڳوٺ جو هو جنهن بعد ۾ پنهنجو موري جي اوير ۾ الڳ ڳوٺ قائم ڪيو.

- **ڳوٺ گل محمد سيال:**

ڳوٺ گل محمد سيال، ديهه ڪوٽ ستابو تپي صالح پور يونين ڪائونسل لليا ۽ تعلقي موري ۾ شامل آهي. پوليس ٿاڻو مورو پڪٽ ڏيپار جا اٿس.

ڳوٺ ۾ سيال، لاڪا، ڀٽي، لانگاه ۽ ڀنگر ذاتين وارا رهائش پذير آهن. ڳوٺ جي آدمشماري لڳ ڀڳ پنج سئو ماڻهن تي مشتمل اٿس جڏهن تہ ڳوٺ چوڌهن ايڪڙن جي ايراضيءَ تي ڦهليل آهي. پوسٽ آفيس پورڻ اٿس. هتي سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي.هتي هڪ درسگاه پرائمري بوائز اسڪول آهي. ڳوٺ جي اتر ۾ ٻن فرلانگن تي پورڻ، اوير ۾ جان محمد ڏلو ڏکڻ ۾ غلام علي سنگراه اولهہ ۾ بچاءِ بند اٿس ڳوٺ جي سپگرداڻيءَ ۾ امام آباد، جوٽالو پورڻ، سنگراه، جان محمد ڏلو جا ڳوٺ اٿس.

هن ڳوٺ جا پيداواري ذريعا زراعت، مزدوري ۽ سرڪاري ملازمت آهن ۽ رهاڪن جا عام ڌنڌا هاريو ۽ مزدوري آهي. هي ڳوٺ انگريزن کان اڳ جو قائم ٿيل آهي. ايم آرڊي وقت ڳوٺاڻن سان فوجين جون ڪيل جنيون ڪڏهن بہ وساري نٿيون سگهجن. هن ڳوٺ جا ڏڪاٽڪي ڪم ۾ مشهور ڪاريگر اوستو مير ۽ اوستو خضر آهن، استاد الهہ بچايو سيال پڻ هن ڳوٺ ۾ پهرين جنوري 1917 تي جنم ورتو. هن فائينل 1937ع ۾ چنيجا اسڪول مان ڪئي ۽ پهرين آگسٽ 1941ع استاد جهڙي پيشي سان مسلڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو حيدرآباد ٽرنينگ ڪاليج مان بہ سال پڙهي آيو. تمام هوشيار ۽ ذهين استاد هو.

## • ڳوٺ مير خان ٻلال / ڦتو ٻلال:

ڳوٺ ڦتو ٻلال، ديهہ ڦتو ٻلال، تپي ڦتو ٻلال يونين ڪائونسل ڦتو ٻلال ۽ تعلقي موري ۾ واقع آهي هن ڳوٺ ۾ هن وقت پنجاهہ گهر موجود آهن جڏهن تہ آدمشماري لڳ ڀڳ هڪ هزار اٿس. ڳوٺ ۾ سيد، ماڇي ۽ ٻلال رهائش پذير آهن. ڳوٺ ڏهن ايڪڙن جي ايراضيءَ تي مشتمل آهي. هتي ڪلهوڙا ۽ لانگاه پڻ رهندا هئا جيڪي هتان لڏ پلاڻ ڪري ويل آهن. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هتي واڻيا پڻ ڪافي تعداد ۾ رهندڙ هئا استاد ڦتن داس ۽ استاد ياون داس جيڪي هن ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهائيندا هئا ۽ صوفي مڪتب فڪر سان تعلق رکندا هئا سي نصير فقير جلالاڻين واري جا طالب هئا ۽ فقير سائين ڦتو ٻلال ۾ سندن وٺ ايندا هئا.

هتي پرائمري اسڪول بوائز پاڪستان کان اڳ جو آهي جتي هن وقت A.P ڪلاس پڻ هلي رهيو آهي ان کان علاوه گرلس مڊل اسڪول پڻ موجود آهي. هن ڳوٺ ۾ سيد عبدالله شاه ۽ سيد عنايت علي شاهہ جون زيارت گاهون آهن ۽ سيد عظمت شاهہ شهيد جو ميلو لڳندو آهي. هتي بسيڪ هليٿ يونٽ هلندڙ آهي جنهن جي خوبصورت بلڊنگ پڻ آهي. هي ڳوٺ مورو کان 7 ڪلو ميٽر اولهہ طرف دادو مورو روڊ کان هڪ ڪلوميٽر ڏکڻ طرف لنڪ روڊ تي واقع آهي. هن ڳوٺ جي اولهہ ۾ الهہ بخش ماڇي، اتر ۾ وارياسو ڏکڻ اوير جي ڪنڊ ۾ ڪوڪر، اوير ۾ مياٽي، اوير اتر ڪنڊ ۾ باقر ابڙو ڳوٺ اٿس.

هتي جي رهاڪن جا عام ڌنڌا ملازمت هاريو مال مويشي آهي جڏهن تہ پيداواري ذريعن ۾ زراعت (ڪڻڪ، ڪپهہ، ڪمند) ۽ ياجيون اچي وڃن ٿيون.

هن ڳوٺ جا بہ ڊاڪٽر: ڊاڪٽر محمد ياسين ۽ ڊاڪٽر عبدالستار ٻلال آهن.

هي ڳوٺ ٽي سو سال کان مٿي قديمي آهي. مير خان ۽ فتح خان ٻلال عرف ڦتو ٻلال بہ ٻائر هئا جن مان ڦتو ٻلال مشهور طاقتور هو. هن ڳوٺ جي نامور شخصيتن ۾ رانجهو خان ٻلال (جيڪو سئو سالن جي ڄمار ۾ 1942ع ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وفات ڪئي) شڪار جو شوقين ۽ پهلوان مڙس هو چون ٿا تہ مرون کي ڪنن ۾ هٿ وجهي ڪنياائين. واحد بخش ٻلال سنو ڪوڏاريو ۽ طاقتور هو جو چار پوريون پنيءَ تي کڻي ويندو هو وڏيرو الهڏنو ٻلال جيڪو ڳوٺ جو وڏيرو هو ۽ فيصلا ڪندو هو ان جو پٽ صدرالدين عرف سلطاني ايگزيڪيوٽو انجنيئر جنهن جا پٽ ظفر اقبال ٻلال جيڪو سياستدان آهي جڏهن تہ ٻيو پٽ سليم اقبال پي آءِ اي ۾ پائلٽ آهي.

پروفيسر محمد هارون ٻلال جيڪو شاعر ۽ اديب آهي ۽ وائيس پرنسپال تي رٽائر ڪيو ائائين سو پڻ هن ڳوٺ جو آهي.

### • ڳوٺ امام آباد / وڏا ٻوڪ:

هن ڳوٺ جو نالو ڳوٺ جي نيڪ مرد امام بخش جي پٽيان پيو جيڪو هتان جي تعليمي ماهر گمنام اديب سائين خان صاحب علي محمد سيال جو والد صاحب هو هن ڳوٺ جو اهو نالو تقريبن اڌ صدي ٿيندي تہ پيو آهي ليڪن ڳوٺ قديمي نالي 'وڏا ٻوڪ' جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اڄ بہ وڏي عمر وارا جهونا هن ڳوٺ کي 'وڏا ٻوڪ' جي نالي سڃاڻين ٿا. ٻوڪن جا ڳوٺ بہ آهن. هڪ 'وڏا ٻوڪ!' يعني امام آباد ٻيو سڙيا ٻوڪ جيڪو امام آباد کان ڏيڍ ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي آهي. هن ڳوٺ کي ٻاهہ لڳي هئي جنهن ڪري سڙيا ٻوڪ جي نالي سان مشهور هو هن وقت 'خير محمد ٻوڪ' نالي سان مشهور آهي.

امام آباد ڳوٺ ديهہ جوٽالوءِ، تپي لليا ۾ واقع آهي. يونين ڪائونسل لليا تعلقو مورو پوسٽ آفيس امام آباد ۽ پوليس ٿاڻو ملڪ اٽس. هن ڳوٺ ۾ سيال، اعوان، جويا، موٽا ۽ حجم (منگي) رهائش پذير آهن هتان جي رهاڪن جا عام ڌنڌا کيتي، سرڪاري ملازمت، زميندار ۽ واپار آهي. هتي سرائڪي ۽ سنڌي ٻوليون ڳالهائيون وڃن ٿيون.

امام آباد جو ڳوٺ اڳ ۾ وڏو ڳوٺ هو پاڻيءَ جي اٽاٽ ۽ بدامنيءَ جي ڪري ڪافي ماڻهو شهرن ڏانهن رخ رکيو ۽ روزگار جي سانگي پڻ ڳوٺ ڇڏي ويا آهن هن وقت هتي 30 کن گهر آهن ۽ ڳوٺ جي آدمشماري 400 آهي. ڳوٺ جي ايراضيءَ 14 ايڪڙ آهي. هن ڳوٺ جا ماڻهو ڪافي تعداد ۾ پڙهيل لکيل آهن انهيءَ جو اهو سبب آهي جو هتي پراڻو درسگاهہ آهي هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درسگاهہ کي هڪ صدي ڪان مٿي عرصو گذري ويو آهي مسلم اسڪول جي نالي سان اهو درسگاهہ قائم هو جنهن جو هيڊ معلم سائين حافظ محمد جن هئا. جيڪو هڪ خدا ترس، جفاڪش استاد ۽ زميندار هو. درسگاهہ جي پرسان هڪ مسجد آهي جيڪا قديم آهي، اسڪول جي سامهون اوپر طرف ٽن جريبن زمين تي هڪ باغ رکيل آهي جيڪو حافظ صاحب جو ذاتي هو جنهن ۾ فقہ ۽ قرآن پاڪ جو درس ڏيندو هو. ڳوٺ ۽ پسگردائيءَ جا ڇوڪرا ۽ نياڻيون روزانو قرآن پاڪ جو درس وٺندا هئا. حافظ صاحب جي محنت جي ڪري سڄو ڳوٺ قرآن پاڪ پڙهيل هئو. نابين ٻار ڪافي سائين وٽ قرآن پاڪ حفظ ڪندا هئا ڪيترائي هن ڳوٺ مان حافظ ٿي نڪتا، انهن شاگردن جي ماني ٽڪر ۽ ڪپڙي لٽي جو بندوبست حافظ محمد صاحب جن پاڻ ڪندا هئا. امام آباد جي هن قديم درسگاهہ ۾ بهترين استاد رهي ويا آهن جن ۾ محترم سائين محمد ادريس جوکيو سائين محمد عثمان سومرو سائين حافظ بدرالدين سيال ۽ سائين محمد خان کوکر ساراه جوڳا آهن.

انهيءَ دؤر ۾ فائنل هوندي هئي ۽ هن ڳوٺ ۾ فائنل تائين پڙهايو ويندو هو. پري پري جا شاگرد علم جي پياس اجهائڻ لاءِ امام آباد ڪهي ايندا هئا. استاد باقاعدي فائينل جي تياري ڪرائيندا هئا پري جا شاگرد مسجد جي حجري ۾ رهندا هئا. هن درسگاهہ ڪيترائي مور ماڻهو پيدا ڪيا جيڪي وڏن عهدن تي فائز رهيا. هن مدرسي کي وڌائڻ لاءِ علم ذوق انسان خانصاب علي محمد سيال جو وڏو هٿ هو. هن بنيادي تعليم چنيجا، انگريزي تعليم نوشهري مدرسي مان حاصل ڪئي ۽ گريجوئيشن علي ڳڙهہ مان ڪيائين تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. پهريان بحيثيت هڪ استاد جي پوءِ دادو ۽ ميرپورخاص جو بيٽ آفيسر ٿي رهيو ان دوران دادو ميرپورخاص، ٿر ۽ ڪوهستان جي تاريخ تي ڪم ڪيائين پر اهو تاريخي/تحقيقي ڪم اڄ بدقسمتيءَ سان محفوظ ناهي. تعليم کاتي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ ڊاڪٽر علامہ دائود پوٽي جو پي.اي ٿي رهيو ۽ اتان ئي رٽائرمينٽ ڪيائين. سنڌن ڪيترائي ناليوارا شاگرد هئا جن ۾ سر فهرست مايہ ناز اديب ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو نالو ڳڻائي سگهجي ٿو. پاڻ رٽائرمينٽ کانپوءِ 1956ع ۾ امام آباد ۾ A.P ڪلاس کوليائين انهي وقت ڪو بہ ڀرپاسي ۾ انگريزي اسڪول ڪو نہ هو. پاڻ وڏي عمر وارا هئا پر تعليم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ايڏو چاهه هئن جو اي پي ڪلاس ۾ پيرڊ وٺندا هئا. سندس ڪيترو ئي ادبي پورهيو ڪيل هو جيڪو سندس پوئٽر سهيڙي ۽ سنڀالي نہ سگهيا جنهن تي جيترو بہ افسوس ڪجي گهٽ آهي.سندس وٽ هڪ شاندار لائبرري هئي. جنهن جو هن وقت ڪو بہ نالو نشان نہ آهي ڪيس بہ پٽ هئا هڪ بشير احمد ٻيو سردار احمد, بشير احمد ننڍڙي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو جڏهن تہ سردار احمد تعليم کاتي مان اعليٰ عهدي تان رٽائرمينٽ ٿيو.

سيال صاحب سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ اشتقاق ڪڍڻ, معنيٰ استعمال جي واٽ جا بہ وڏا ماهر هئا. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي سان سنڌي لغت ۾ چڱو ساٿ ڏنائون. سگهڙن ۽ شاعريءَ جي فن جا پارکو هئا. سندن ڪيترائي مضمون مهراڻ, اديب, سنڌ, نئين زندگي, ملامخزن ۽ ٻين رسالن ۾ مخزنن ۾ ڇپيل آهن. سائين جمال الدين مومن مرحوم جي لکڻ مطابق پاڻ قرآن مجيد جا 25 سيپارا انگلش ۾ ترجمو ڪيائين (ساهتي جا استاد) سندن ڪيترن ئي ڪتابن تي مهاڳ ۽ تقريظون لکيل آهن هڪ ننڍو ڪتاب جو ”ريلائي پير“ پير اظهر ريلائي جي زور ڀرڻ تي لکيائون جنهن ۾ تمام گهڻي ريلائي بزرگن متعلق معلومات آهي.

هن ڳوٺ جا ڪيترائي ماڻهو پڙهي پنهنجي فيلڊ ۾ سٺو نالو ڪڍيو آهي جن ۾ حاجي عثمان علي جويو وڪيل پروفيسرمحمد موسيٰ سيال, ڊاڪٽر محمد صادق سيال چائلڊ اسپيشلسٽ, ڊاڪٽر پروفيسر علي اڪبر سيال چائلڊ اسپتيلسٽ, ڊاڪٽر مختيار سيال (چائلڊ اسپيشلسٽ) ڊاڪٽر غلام محمد جويو ڊاڪٽر غلام شبير جويو (آمريڪا) ڊاڪٽر جلال الدين سيال, ڊاڪٽر ظفر سيال, انجنيئر غلام سرور جويو ۽ ٻيا شامل آهن

- **ورند جي مياڻي:**

ڳوٺ ورند جي مياڻي, ديهہ ڪوڪر, تپي ڪوڪر يونين ڪائونسل ڦتو ٻلال, تعلقي موري ۾ واقع آهي. هي ڳوٺ تقريبن 25 ايڪڙن تي مشتمل آهي جڏهن تہ هن ڳوٺ جي آدمشاري 2000 آهي. هتي ملاح ۽ ماڇي ذاتين وارا آباد آهن. هتي جي رهاڪن جو عام وهنوار هارپو مزدوري, ٻُهَ جو واپار ۽ مڇيءَ جو واپار آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڳوٺ جي اتر ۾ بکر پٽنو اوير ۾ داد واهه، محمد عرس سولنگي ڏکڻ ۾ ۽ اولهه ۾ زرعي زمين اٿس.

• **ڳوٺ جو قائم ٿيڻ:**

هي ڳوٺ تقريبن ٻه اڍائيءَ سئو سال اڳ آباد ٿيو. ڳوٺ جي عمردراز شخصيت خان محمد ملاح (عمر 80 سال) ٻڌايو ته هي ڳوٺ اسانجي پڙ ڏاڏي ورند خان 'ملاح' آباد ڪيو.

درياءَ جي پيٽ ۾ ٻيڙين تي رهندڙ ملاح جڏهن شام / رات جو جڏهن مڇي ماري درياه جي ڪپ تي ايندا هئا ته درياءَ مان هڪ واهي ايندي هئي جيڪا هن ڳوٺ تائين ايندي هئي. ٻيڙين رستي مڇي هن ڳوٺ تائين پهچندي هئي. ان وقت "ورند خان" انهن ملاحن جو ناڪئو (چڱو مڙس) هوندو هو. اها مڇي هن ڳوٺ وٽ لهندي هئي آسپاس جي ڳوٺن ۽ شهرن جا واپاري اها مڇي خريد ڪري ويندا هئا ورند خان ملاح انهن واپارين کان پئسا وٺي پنهنجي مارين، مٽن عزيزن کي ڏيندو هو چون ٿا ته هيءَ مڇي جي واپار جو ننڍو مرڪز هو. ۽ انهيءَ مڇيءَ جي واپاري مرڪز جي ڪري مياڻي مشهور ٿيو. ورند خان کان پوءِ هيءَ ورند جي مياڻي سڏجڻ لڳو.

هتي ڪجهه وقت کانپوءِ ملاحن گهر اڏڻ شروع ڪيا. هي مياڻي ڳوٺ جي صورت اختيار ڪري وئي. شروع ۾ هن ڳوٺ ۾ ملاحن جا گهر هئا پوءِ ماڇي قوم جو هڪ ٻه گهر آباد ٿيو.

هيءَ ڳوٺ مورو دادو روڊ جي ڪچي ڪپ تي آهي. هتي هڪ مسجد اسڪول آهي، باقي سهولتين کان وانجهيل آهي هن ڳوٺ کي ٻوڏن تمام گهڻو نقصان پهچايو ڳوٺ جا ڪافي ماڻهو مورو ۾ اچي رهائش پذير ٿيا.

هتي وريام فقيرملاح پنهنجي دؤر جو چڱيرو شاعر ٿي گذريو آهي فقير محمد يوسف ملاح فقير منش هو جيڪو پانڌيئڙن جي خدمت چاڪري ڪندو هو. محمد عارب ملاح ٻه هن ڳوٺ جو رهواسي هو جنهن هتان جي ماڻهن کي سياسي شعور ڏنو. پاڻ پيپلز پارٽي تعلقي موري جو صدر رهيو ۽ پٽي صاحب جو شيدائي هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ڳوٺ سومر ماڇي/ڳٽنب:

سومر ماڇي، ديهہ ڳچيرو اولڊ، تپي دل چنڊ، يونين ڪائونسل ڳچيرو اولڊ تعلقي موري ۾ واقع آهي. ڳوٺ ۾ ماڇي ذات جا ماڻهو رهائش پذير آهن جن جو عام ڏنڌو هارپو مزدوري ۽ سرڪاري ملازمت آهي،

هتي هڪ پرائمري اسڪول پڻ موجود آهي هي ڳوٺ مورو کان چار ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهي. سندس پسگردائي وارن ڳوٺن ۾ چٽل پٽو عبدالرحمان سيٽر ۽ جمن ٻگهيو آهن.

هن ڳوٺ جي قائم ٿيڻ متعلق ڳوٺ جي هڪ جهوني ٻڌايو تہ هن ڳوٺ جي پرسان هڪڙي ڍنڍ هوندي هئي ۽ ٻوڏ جو پاڻي پڻ ڍنڍ ۾ اچي گڏ ٿيندو هو. ان ڍنڍ ۾ مڇي بہ جام هوندي هئي هڪ ڏينهن هڪ انگريز آفيسر اُتي آيو. ان ڍنڍ جي مڇي ان کي کارايائون. هن خوش ٿي سومر نالي ڳوناٽي کي چيو تہ توکي ڇا گهرجي جنهن تي سومر ان کي چيو تہ مونکي هتي ڳوٺ ڏنو وڃي پوءِ انگريز آفيسر سرڪاري ڳوٺ ڪري ڏنو ۽ ان جو نالو سومر ماڇي رکيو ويو. ان کان اڳ ان ڍنڍ جو نالو ڳٽنب هو انهي ڪري ان ڳوٺ کي ڳٽنب سڏبو هو. اڄ بہ پير وارن ڳوناٽن کان پڇا ڪبي تہ چوندا تہ هي ڳٽباڻي ماڇين جو ڳوٺ آهي.

سرڪاري نالو تہ سومر ماڇي اٿس پر ڳٽنباڻي ماڇيءَ سان مشهور آهي.

هن ڳوٺ ۾ استاد ملو جمعو ماڇي ٿي گذريو آهي جيڪو مولوي هئڻ سان گڏوگڏ ڏور بيت ۽ ڳجهارتن جو بہ وڏو ماهر هو. ڳوٺ جي وڏڙن کي اڪثر ڪري قرآن شريف استاد ملي جمعي ماڇي کان مليو. محمد چٽل هتان جو سماجي ورڪر آهي. جنهن ڪيترين ئي اسڪيمون ڳوٺ لاءِ ورتيون، جن ۾ رستو بجلي، ۽ اسڪول کي ڪمپائونڊ وال پڻ شامل اهن. ڳوٺ جو چڱو مڙس وڏيرو رسول بخش ولد محمد صديق آهي، جيڪو ڳوٺ ۾ اوڙي پاڙي جا فيصلا پڻ ڪندو هو. ۽ غريبن جي مدد پنهنجي هڙان وڙان ڪندو هو. 1973ع جي ٻوڏ ۾ هن ڳوٺ کي تمام گهڻو نقصان پهتو ڇاڪاڻ تہ هن ڳوٺ جي اتر طرف کان فرلانگ کن پنڌ تي بچاءِ بند کي ڪنڌ پيو هو جنهن ڪري هن ڳوٺ جا سيئي گهر سامان سوڌو پاڻي ۾ لڙهي ويا ۽ ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيڙيءَ وسيلي پنهنجي جان بچائي نڪتا، مال متاع پنهنجي منهن سان هليو ويو ۽ ڪيترائي ڏور پاڻي ۾ لڙهي ويا.

• ڳوٺ ڪنيري:

ڳوٺ ڪنيري، ديهه لنڊڪي، تپي لنڊڪي، يونين ڪائونسل درس تعلقو موري ۾ آهي، پوليس اسٽيشن مورو اٿس. هن ڳوٺ جي آدمشماري پنڌرنهن سؤ جي لڳ ڀڳ آهي ۽ ٻارنهن ايڪڙن جي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي. هتي زرداري، ڏکڻ، پٽا، رند ۽ ڪوسا رهائش پذير آهن هتان جي رهواسين جو عام ڌنڌو / پيشو هاريو ملازمت ۽ زمينداري آهي. هن ڳوٺ ۾ سنڌي، سرائڪي ۽ بروچڪي زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون.

ڪنيري ۾ مسجد اسڪول ڪنيري جي نالي سان موجود آهي ليڪن اهو بند پيو آهي ۽ ڪافي سالن کان هتي NCHD پاران فيڊر اسڪول هلندڙ آهي جنهن مان سنو ڳوٺ کي فائدو پيو ليڪن حڪومت پاران NCHD کي ختم ڪيو ويو آهي ته فيڊر اسڪول بند ٿي ويو آهي.

هن ڳوٺ جي اتر ۾ فتح فقير ۽ اوير ۾ بخشو پير جي زيارتگاه آهي. هن ڳوٺ لاءِ پيرل جي مشين، نصرالله راهو ۽ سبيل اسٽاپ کان رستو آهي، هن ڳوٺ جي اتر ۾ ٻاڙو ديوان جو ڪڙيو اوير ۾ وڪريل گهر ڏکڻ ۾ گجڻ، دنبير، اولهه ۾ پريل ماچي، حاجي آچر زرداري، لونگاٽي ماچي ۽ نصر الله راهو اچي وڃن ٿا.

هن ڳوٺ جي قائم ٿيڻ ۽ نالي پوڻ متعلق اتان جي سڄاڻ رهواسي چاچي محمد چام پٽ ميوو خان عمر تقريبن 65 سال ٻڌايو ته اسان کي پنهنجي ڏاڏي سيوي خان زرداريءَ کان معلوم ٿيو ته ڪنيري ملاحڻ عورت هئي، پتڻ تي ٻيڙي ڪاهيندي هئي ۽ آئي وئي جو آڌر ڀاءُ ڀئي ڪندي هئي. خدابخش زرداري جي موجوده جڳهه تي هڪ وڏو دڙو ٿالهي جيڏو هوندو هو جنهن لاءِ ڏاڏو چوندو هو ته اهو پتڻ آهي. هن ڳوٺ جي پرسان ڍورو وهي ٿو جنهن لاءِ چام ٻڌايو ته اهو ڍورو معصوم شاهه کان ٿيندو دنبير کان ٿيندو ڪنيري سان لڳو لڳ وهندو ديوان جي ڪڙئي کان ٿيندو اڳتي وڃي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو ڀلاٽي ڪان اڳتي وڃي نڪري ٿو ان لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو سهٽي وارو درياءِ آهي.

ڪنيري ڳوٺ جي اوپر ڪان ٻه ڪلو ميٽر فاصلي تي سنڌ جو قديم ماڳ 'ميرن جو ڪوٽ' جي نالي سان موجود آهي. جيڪو ڪافي صحيح پوزيشن ۾ بيٺل آهي ان ڪچي ڪوٽ جي اولهه اتر واري ديوار 157 فوٽ ڊگهي، اولهه اتر واري مورچي جي ماپ گولائيءَ ۾ 65 فوٽ آهي.

ميرن جي ڪوٽ سان لڳو لڳ پراڻي دؤر ۾ پيروز واه وهندو هو جنهن جي پيچڙي ڪوٽ جي اوپر ڏکڻ ڪنڊ ڪان ٿورو پريرو ڳوٺ دنبير جي واءِ لڳ هئي. ٻيو واهه خير واهه پڻ هن ڳوٺ جي اوپر ۾ وهندو هو.

• **ڳوٺ درس:**

ڳوٺ درس، ديهه درس، تپي موري، يونين ڪائونسل درس ۾ شامل آهي. پوليس ٿاڻو مورو اٿس. هن ڳوٺ جي آدمشماري ساڍا چئن هزارن جي لڳ ڀڳ آهي جڏهن ته ڳوٺ جي ايراضي چاليهه ايڪڙ آهي. هتي صديقي قريشي پير، ابڙا، راهو ڏيپر، ميمڻ، ٻرڙا، پنجارا، پان، سولنگي، لاڪا، بروهي، ڪنير، لانگاه، سولنگي، عالماڻي، بروا ۽ پاڪستان ٺهڻ بعد راجپوت، پٺاڻ، ڪمبوه قريشي آيا آهن. هتي سنڌي ۽ اردو زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون. هتان جي رهاڪن جا عام ڌنڌا هاريو مزدوري، ملازمت ۽ زميني‌داري ۽ واپار آهي. هتي پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جو پرائمري اسڪول ۽ مڊل اسڪول بوائز موجود آهي. هن پرائمري اسڪول ۾ پراڻي وقت ۾ ڪاميٽي جي امتحان سنڌي فائنل جي تياري ڪرائي ويندي هئي ۽ ڪيترن شاگردن هتان فائنل امتحان پاس ڪيو.

درس، موري شهر کان هڪ ڪلوميٽر اتر طرف آهي ليڪن اڄ ڪلهه موري جي وڌڻ سبب مورو درسن سان اچي لڳو آهي. درسن جي اولهه ۾ غلام النبي ٻرڙو اتر ۾ پان ڏيپر، پنج پير، روڊ جي اوپر ۾ ڪاريا، اوپر ۾ ريلوي لوپ لائن، ڏکڻ ۾ مورو اچي وڃن ٿا.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ هن ڳوٺ ۾ واڻين جو ڪافي تعداد رهندو هو انهن جو واپار وڙي ۾ پڻ وڏو هٽ هو. هندن جون درسن جي آس پاس ڪافي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمينون هيون جن مان لالچند جون زمينون مشهور هيون دريانو مل جون زمينون پڻ هيون جي منگهن مل ۽ تالارام سنياليندا آيا.

پاڪستان کان اڳ ۾ هتي وڏي بازار هوندي هئي جيڪا چمن بازار جي نالي سان سڏبي هئي ۽ شهر جي اولهه کان اوير ۾ هئي. بازارجي چيڙي ۾ هڪ چوسول هوندو هو جنهن ۾ پڳت ڪنور رام ۽ چندر اچي محفلون مچائيندا هئا. هي تمام قديمي ڳوٺ آهي. هتي صديقي خاندان جا ريلائي بزرگ مخدوم نجيب دوم جي فرزند ۽ پڳدارميان محمد قاسم جو اولاد رهي ٿو هنن بزرگن جي اولاد ۾ پير خاوند ڏنو (اول) ۽ پير نبي بخش 'نبن گهوٽ' (متوفي 1297هجري) مشهور ٿي گذريا آهن هن وقت پير محمد جڙيل جو فرزند سائين پير سنول گادينشين موجود آهي. هتي قديم مقام آهي جنهن ۾ صديقي خاندان جي اوائلي بزرگن جون مزارون جيڪي ٻارهين صديءَ جون معلوم ٿين ٿيون موجود آهن. هن مقام ۾ موري جي قاضي خاندان جي بزرگ ۽ ولي ڪامل قاضي مخدوم عبدالواحد مورائي (1175هـ-1255ه) جو والد قاضي عبدالخالق مورائي ۽ ان جو ڏاڏو مخدوم قاضي شاهه محمد اول (متوفي 1077هجري) مدفن آهن. ان کان علاوه خليفي صاحب جن جي پڦي ولي ڪاملہ بيبي راستي سڳوري مدفن آهن. هتي سيٺ اڏيرنو مل ان جا پائر پيسو مل، جهمٽ مل ۽ اوتراءِ پڻ رهندا هئا. سيٺ اڏيرنو مل جو پٽ ڪيمن-يو-مولاٽي سنڌي ٻوليءَ جو مشهور شاعر آهي جيڪو درسن ۾ 1944ع ۾ جائو ورهاڱي بعد مائٽن سميت هندستان لڏي ويو ۽ هن وقت ڀوپال ۾ رهي ٿو.

پاڪستان کان اڳ هتي وڏيرو محمد عمر ۽ وڏيرو گل محمد ابڙو وڏا زميندار ۽ سخي هئا.

• ڳوٺ لُنڊو:

هي ڳوٺ مورو کان 6 ڪلو ميٽر اوير طرف، ديهه خالصي، تپو خالصو يونين ڪائونسل ڪهڪات تعلقو مورو ۾ موجود آهي. هن ڳوٺ جي آدمشماري ٻارنهن سون جي لڳ ڀڳ آهي.

سندس ايراضي 20 ايڪڙن جي قريب آهي. هتي زرداري، سومرا، جتوئي، ماڇي، ڪورائي شيخ، ميراڻي رهائش پذير آهن. هتان جا 20



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪڙو ماڻهو پڙهيل آهن جن مان 10 سيڪڙو سرڪاري ملازم آهن باقي نوي سيڪڙو هاري ۽ مزدور آهن. هتي سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول، ڊسپينسري ۽ ٽيليفون جي سهولت موجود آهي. واٽر سپلاءِ جي سهوليت به ڳوٺ کي مليل آهي ليڪن ڪافي وقت کان بند آهي.

هي ڳوٺ 1910ع ڌاري وجود ۾ آيو. هن ڳوٺ وٽ لنڊ ڪي شاخ ڪتي ٿي جنهن ڪري هن ڳوٺ تي نالو لُنڊبو پيو. هن ڳوٺ جي پسگردائي ۾ ڪيترائي ڳوٺ آهن جن ۾ اوڀر طرف محمد ابڙو عمر، مشوري، اتر طرف حاجي خان محمد لغاري، اولهه طرف فتح محمد ماڇي ۽ آچر ماڇي.

هن ڳوٺ جي نزديڪ پانڌي روڊ مورو تي ٺموڙ اسٽاپ آهي. هڪڙو رستو اولهه تي شڪر مل طرف وڃي ٿو. اوڀر وارو رستو پانڌي ۽ هبيري چوٽيهه هزار موري طرف جڏهن ته اتر وارو رستو مورو ڏانهن وڃي ٿو. انهيءَ ٺموڙ تي اٽي جي مشين هوٽلون ۽ دوڪان آهن.

### • ڳوٺ سردار خان لنڊ:

ڳوٺ سردار لنڊ، ديهه لنڊ ڪي/وڏ پاڳيا. تپي وڏ پاڳيا يونين ڪائونسل درس تعلقي موري ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جي آدم شماري تقريباً 5000 ماڻهن تي مشتمل آهي، جڏهن ته ڳوٺ سؤ ايڪڙن جي ايراضي تي پکڙيل آهي، هن ڳوٺ ۾ لنڊ ۽ خاصخيلي ذات وارا رهن ٿا. جن جو پيشيو زميدناري، ملازمت. واپار ۽ هارپو آهي، هتي سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري بوائز اسڪول آهي، جڏهن ته گرلس پرائمري اسڪول جي بلڊنگ آهي پر هلي ڪو نه ٿو هن ڳوٺ ۾ ٽي مسجدون ۽ سيد هاشم شاهه جي درگاهه آهي. هي ڳوٺ نيشنل هاءِ وي مورو کان سکر طرف ٽن ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي اوڀر طرف هڪ ڪلو ميٽر لنڪ روڊ تي موجود آهي، هن ڳوٺ جي اتر ۾ وڏپاڳيا، اوڀر ۾ لُنڊبن جو ڳوٺ، ڏکڻ ۾ حاجي خان لنڊ جڏهن اولهه ۾ مين روڊ نيشنل هاءِ وي اٿس. هن ڳوٺ جا پيداواري ذريعا، زراعت، واپار ملازمت آهي. هي ڳوٺ هندن کان اڳ جو ٻڌل آهي. ڳوٺ جي خصوصيت اها آهي ته هتي حافظ ۽ قاريءَ قرآن گهڻا آهن ۽ ٿي گذريا آهن. هن ڳوٺ ۾ غلام نبي خان لنڊ، مولوي ڪامل خاصخيلي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولوي عبدالله لنڊ مولوي خليل احمد لنڊ مشهور شخصيتون آهن. ڳوٺ جي پوليس اسٽيشن مورو ۽ پوسٽ آفيس، سردار خان لنڊ اٿس. هن ڳوٺ ۾ ٽي مدرسا پڻ آهن.

- **ڳوٺ جان محمد ڍلو:**

ڳوٺ جان محمد ڍلو ديهه ڪوٽ ستابو تپو لليا، يونين ڪائونسل لليا تعلقي موري ۾ واقع آهي. ڳوٺ جي آدمشماري 800 ماڻهن تي مشتمل اٿس جڏهن تہ ايراضي 12 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. هتي اڪثريت ڍلو ذات وارن جي آهي ان سان گڏوگڏ سيد ۽ ريلائي پير رهن ٿا. پوليس اسٽيشن ڪورائي ۽ پوسٽ آفيس امام آباد اٿس. هتي جي رهاڪن جا عام ڌنڌا مزدوري ۽ ڪيتي باڙي آهي. هتي جا رهواسي. سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليون ڳالهائين ٿا.

ڳوٺ جان محمد ڍلو امام آباد جي اتر طرف هڪ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهي. هن ڳوٺ جي آس پاس گل محمد سيال، غلام علي سنگراهہ، غازي خان نول ۽ امام آباد ڳوٺ آهن. هي ڳوٺ مورو کان ڏهہ ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آهي.

هن ڳوٺ جا ڪافي نوجوان روزگار جي سانگي ڪراچي ۾ ويل آهن. 1973 جي ٻوڏ ۾ هي ڳوٺ بہ ٻڏو هو ۽ ڪيترائي ڳوٺاڻا هتان لڏي وڃي ٻين ڳوٺن ۾ ويٺا هن وقت ڳوٺ جو نيڪ مرد حاجي مراد خان جو پٽ سرائي الهہ رکيو آهي.

هتي هڪ پرائمري اسڪول بوائز ۽ ٻيو گرلس پرائمري اسڪول موجود آهي. هتي پير ڪرم شاهہ جي درگاه آهي جتي ڪنهن زماني ۾ ڌام ڌوم سان ميلو لڳندو هو. پير صاحب سخي ۽ ڪرامت جو صاحب هو سندس مريدي ۽ خادمي جو دائرو وسيع هو.

- **ڳوٺ نصر الله راهو:**

ڳوٺ نصر الله راهو ديهہ لنڊڪي، تپي لنڊڪي، يونين ڪائونسل درس تعلقي موري ۽ پوليس اسٽيشن مورو اٿس. هتي راهو سهتا ۽ خاصخيلي رهندڙ آهن. هتان جي ماڻهن جو عام پيشو هارپو (نوڪري) ملازمت ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مزدوري آهي، هتي سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. هن ڳوٺ ۾ تقريبن 80 گهر آهن ۽ آدمشماري چار سؤ کن اٿس. ڳوٺ جي ايراضي ڏهه ايڪڙ اٿس. هن ڳوٺ ۾ هڪ بوائز پرائمري اسڪول آهي جيڪو 1989ع ۾ کليو ۽ گرلس پرائمري اسڪول جي بلڊنگ آهي مگر اسڪول بند پيو آهي.

آمدرفت جو ذريعو پڪو روڊ ٻانڌي روڊ کان مکراري / ديوان جو ڪڙيو اٿس. هي ڳوٺ مورو کان پنج ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي آهي هن ڳوٺ جي اتر ۾ ڪرڙ خاصخيلي، ڏکڻ ۾ شفيع محمد ماڇي، اوڀر ۾ ديوان جو ڪڙيو ۽ اولهه ۾ مکراري ڳوٺ اٿس. هن ڳوٺ جي پير سان ٻڍل فقير جي زيارت آهي جنهن جو ميلو لڳندو آهي.

• ڳوٺ ڏتل پيٽي:

ڳوٺ ڏتل پيٽي ديهه صالح پور تپي لليا، يونين ڪائونسل لليا ۾ واقع آهي. ڳوٺ جي آدمشماري هڪ هزار ۽ ايراضي ٽيهه ايڪڙ اٿس. هتان جي رهاڪن جا ڌنڌا هاريو مزدوري ۽ ملازمت آهي. هتي سرائڪي ۽ سنڌي زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون. هتي صرف پيٽي ذات وارا رهن ٿا. هتي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۽ گرلس پرائمري اسڪول آهي. هي ڳوٺ موري جي ڏکڻ ۾ 16 ڪلو ميٽرن جي مفاضلي تي آهي. هن کي اتر ۾ 5 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي ڏيپار جا ۽ ڏکڻ ۾ 5 ڪلو ميٽرن تي پورڻ اٿس. هن ڳوٺ جي پسگردائيءَ ۾ کهائي، پڪو ڳوٺ، جهان خان عالماڻي ۽ جام سابقي ڳوٺ آهن ڳوٺ جي باشعور اديب ۽ شاعر محترم رجب علي 'راز' پيٽي ڳوٺ متعلق معلومات ڏيندي ٻڌايو ته اج کان اسان کان ٽي پيڙهيون اڳ چڱي مڙس ڏتل پيٽي جي نالي تي ڳوٺ قائم ٿيل آهي تنهن هوندي به ڳوٺ جو وجود قديمي نظر اچي ٿو. هتان جي رهاڪن حاجي ڳهٽو محمد خان، غلام علي، محمد قاسم، حاجي سهراب، محمد عمر پيٽي ڳوٺ ۾ ۽ ڳوٺ جي آس پاس فلاحي ڪم ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي جڏهن ته پيداواري ذريعن ۾ زراعت جنهن ۾ ڪڻڪ مڪئي، وونڻ، ڪمند ساريون اچي وڃن ٿيون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ڳوٺ جمعو نوريو:

ڳوٺ جمعو نوريو ديهه مناهي تپو مناهي يونين ڪائونسل مناهي تعلقو مورو ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جي آدم شماري 3000 ماڻھن تي مشتمل آهي. جڏهن تہ ڳوٺ 20 ايڪڙن تي پکڙيل آهي هن ڳوٺ ۾ لنجار سيال ۽ ماڇي ذات وارا رهندڙ آهن.

ڳوٺاڻن جو عام ڌنڌو هارپو آهي . هتي 1948ع کان پرائمري اسڪول هلندڙ آهي، ان کان علاوه هن ڳوٺ ۾ هڪ ڊسپنسري پڻ آهي هتي سيد گل شاهہ جي زيارت گاهہ آهي. جنهن جو ساليانو عرس 15 جنوريءَ تي هر سال ملهايو ويندو آهي. هتان نيو جتوئي 5 ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي آهي هن ڳوٺ جي اتر ۾ ابراهيم چانڊيو ڳوٺ، اولهہ ڪنڊ ۾ اپريو شاهہ، اولهہ ۾ جعفر بگٽي ڏکڻ ۾ دودو ينيرو اوير ۾ هوت خان ڀهراڻي ڳوٺ آهن. هي ڳوٺ هندن جي دور جو ٻڌل آهي پوسٽ آفيس نيو جتوئي اٿس.

• ڳوٺ جهان خان عالماڻي:

جهان خان عالماڻي ديهہ ڪوٺ ستابو تپو لليا يونين ڪائونسل لليا ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جي آدم شماري 250 ماڻھن تي مشتمل آهي. ڳوٺ جي ايراضي 10 ايڪڙ آهي پوليس اسٽيشن مورو ۽ پوسٽ آفيس پير بخش عالماڻي اٿس. هتي جي رهاڪن جا عام ڌنڌا هارپو ملازمت ۽ زميمنداري آهي هن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول بوائز (1952) ۽ گرلس پرائمري اسڪول 1987 کان هلندڙ آهي.

هتان پورڻ 3 ڪلو ميٽر ۽ ڏيپار جا 4 ڪلوميٽر آهي. هي ڳوٺ ڏيپار جا پرڻ لنڪ روڊ جي اوير ۾ واقع آهي .هن ڳوٺ جي اتر ۾ ڏتل پيتي ڏکڻ ۾ حمير خان عالماڻي، اوير ۾ پهلوان عالماڻي ۽ اولهہ ۾ آبادي اٿس. هن ڳوٺ ۾ سنڌي غزل جو بهترين شاعر، نظر علي ’نظر سنڌي‘ پيدا ٿيو. هن ڳوٺ جو بهترين استاد پير بخش عالماڻي تي گذريو آهي. پاڻ 19 آگسٽ 1919ع تي جان محمد عالماڻي جي گهر ۾ جائو 1936 ۾ فائنل جو امتحان ڏنائين ۽ 6 مئي 1938 تي پرائمري استاد ٿيو ۽ 31 مئي 1979ع تي رٽائرڊ ڪيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ڳوٺ هوت خان ٻهراڻي:

ڳوٺ هوت خان ٻهراڻي ديهه مناهي، تپي مناهي يونين ڪائونسل مناهي ۾ موجود آهي. هن ڳوٺ جي آدمشماري 2500 کان مٿي آهي جڏهن ته ڳوٺ چالهين ايڪڙن جي ايراضيءَ تي ڦهليل آهي هتي ٻهراڻي، جسڪاڻي، جوڻيجا، عامر ۽ لاڪا ذاتين وارا رهن ٿا. هتي جي رهواسين جو ڏنڌو هارپو ملازمت، مزدوري، زميندار ۽ واپار آهي. هن ڳوٺ ۾ سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليون ڳالهائجن ٿيون. هتي هڪ ٻوائز اسڪول 1948 کان هلندڙ آهي، جڏهن ته پرائمري گرلس جي بلڊنگ 93 کان موجود آهي. هتي بزرگ پير وريل جي درگاه آهي جتي هر مهيني جي 13 تاريخ تي محفل ٿيندي آهي.

هي ڳوٺ مورو نوان جتوئي لنڪ روڊ جي اتر طرف آهي. هن ڳوٺ کان نوان جتوئي تي ڪلوميٽر آهي.

هن ڳوٺ جي اتر ۾ آبادي، اوير ۾ لنڪ روڊ، اولهه ۾ جمعو نوريو ۽ ڏکڻ ۾ قبرستان آهي، هن ڳوٺ جا پيداواري ذريعا زراعت، ملازمت مزدوري، واپار ۽ مال مويشي آهي. 1973 جي ٻوڏ ۾ هي ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويو ڳوٺ جا رهواسي مال متاع ڇڏي، سر لڪائي ڀڄي نڪتا. هن ڳوٺ جي خاص ڳالهه اها آهي ته هتان جا 70 نوجوان فوج ۾ ڀرتي ٿيل آهن. هتي ايڪسپريمينٽ ڊسپينسري هلي رهي آهي. MRD جي تحريڪ 1983ع دوران فوج جو هن ڳوٺ سميت سڄي علائقي تي ڪڙو چڙهيل هو ۽ روڊ رستا بند ڪيا ويا هئا. هن ڳوٺ جي نيڪ مرد ميوو خان ٻهراڻي کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس 4 مهينا نواب شاهه جيل ۾ رکيو ويو هو. هن ڳوٺ جي پوسٽ آفيس مناهي/نيو جتوئي آهي ۽ پوليس اسٽيشن مورو اٿس. هي ڳوٺ سؤ سالن کان مٿي قديمي آهي.

• ڳوٺ سونهري فارم:

ڳوٺ سونهري فارم، ديهه کهڪات آباد، تپو کهڪات يونين ڪائونسل کهڪات ۽ پوليس پوسٽ سونهري اٿس. ڳوٺ 20 ايڪڙن جي ايراضي تي ڦهليل آهي جڏهن ته آبادي پنج هزارن جي لڳ ڀڳ اٿس. هتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪورائي، چانڊيا، رند، ڏکڙ، هاليپوٽا، جسڪاڻي، پنجابي رهائش پذير آهن هتي سنڌي، سرائڪي ۽ پنجابي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون.

سونهري فارم ۾ 1944ع ۾ محمد موسيٰ رند مُسلم اسڪول کوليو جنهن جو پاڻ معلم هو. 1950ع ۾ هتي A.P ڪلاس کليو ۽ 51_1952ع ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ٿيو جيڪو 1962ع ۾ مڊل اسڪول ٿيو ۽ هن وقت هاءِ اسڪول جي بهترين بلڊنگ تيار ٿي چڪي آهي پر هاءِ اسڪول اجان چالو نہ ٿيو آهي صرف ڪِجهہ سالن کان نائون ڪلاس شروع ڪيو ويو آهي.

هتي رورل هيلٿ سينٽر ڪافي سالن کان ڪم ڪري رهيو آهي.

سونهري فارم جي آس پاس ڳوٺن ۾ ڪنڊو چانڊيو محبت چانڊيو 2R، عبدالمجيد ڏاهري، رسول آباد (ڇهون واٽر)، مچندو ڏاهري اچي وڃن ٿا. هتان جي رهواسين جو عام پشيو مزدوري، دوڪانداري، هاريو ۽ ملازمت آهي جڏهن تہ پيداواري ذريعا ڪٽڪ، ڪمند، وونڊ، سبزين ۽ جانيو اٿس. هن جي ويجهي وارا شهر منهڙو 5 ڪلو ميٽر ۽ قمرالدين 3 ڪلو ميٽر فاصلٽي تي اٿس. پوسٽ آفيس خود سونهري آهي. MRD تحريڪ دوران فوج سونهريءَ کي مڪمل گهيرو ڪيو ۽ ٻن پيءُ پٽن منظور ۽ مولا بخش چانڊئي سميت پلئي چانڊئي کي شهيد ڪري ڇڏيو ۽ محمد سلمان ڪورائيءَ کي اکيون ٻڌي ڪٽي ويا هئا جيڪو اڃ تائين نظر کان محروم آهي BBC نمائنده اين هور سميت مختلف ميڊيا جي صحافين هن علائقي جو دورو ڪيو ۽ اها رپورٽ مسٽر هور BBC تان نشر ڪرائي.

سونهري ڳوٺ ڪڏهن قائم ٿيو؟ ان متعلق سونهري فارم جي سماج سڌارڪ شخصيت ۽ استاد سائين شمس الدين ڪورائي کان انٽرويو ڪيو ويو جنهن مطابق هي ڳوٺ سونهري فارم جي نالي سان 1928ع ۾ نقشي تي نمودار ٿيو. هتي مائي سونهري مسافرن لاءِ پاڻي پيري رکندي هئي جيڪي مورو ٻانڊيءَ کان پيادل ايندڙ ويندڙ مسافر پاڻي پئيندا هئا. ان کان علاوه سروي ڪندڙ آفيسرن کي سامان ميسر ڪري ڏيندي هئي. ان ڪري انهن ان ڳوٺ جو [illegible] ان رڪارڊ ۾ چاڙهيو سونهريءَ سان گڏ آغا طاهر جو فارم هيو جتي ڪمدار عبدالستار آرائين سونهري ۾ سندس نالو سونهري فارم رکيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ڳوٺ دائم خان ڪلهوڙو:

سونهري فارم لڳ ڪلهوڙن جي آبادي تمام پراڻي آهي. ذڪرڻ طرف ڪلهوڙا حاڪمن جو تاريخي تخت گاهه "محمد آباد" موجود آهي، جتي واليءَ سنڌ ميان نور محمد ڪلهوڙي ۽ سندس خاندان جا مقبرا ۽ گهر واري مائي گلان جو تجر ۽ تاريخي قبرستان پڻ موجود آهي، جتي هر سال ذوالحج مهيني جي 8 تاريخ شاندار ميلو لڳندو آهي. ڳوٺ دائم خان ڪلهوڙو ۽ آس پاس جي پراڻن ڳوٺن: تواڻ قمرآباد، ڳوٺ محمد عثمان ڪلهوڙو دريا خان ڪلهوڙو مهرو خان ڪلهوڙو لنڊو ۽ دنبير ۾ ڪلهوڙا پڻ آباد رهيا آهن، جتي سندن اباڻا گهر ۽ زمينداري آهي. تعليم حاصل ڪرڻ بعد موري شهر ۾ سندن منتقلي ٿي ۽ رهائش روزگار پڻ شهر موري ۾ اٿن. هنن ڳوٺن جون اهم ۽ ناميارين شخصيتون جن ۾ محمد هاشم ڪلهوڙو سيٺ عبدالحڪيم ڪلهوڙو محمد بچل ڪلهوڙو ڪامريڊ غلام فريد ڪلهوڙو مرحوم ميهرالدين ڪلهوڙو علي گل ڪلهوڙو (PIA)، سائين بخش عباسي، ڊاڪٽر مظهر علي ڪلهوڙو حاجي ارشاد ڪلهوڙو ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو ايڊيشنل سيشن جج عبدالغفور ڪلهوڙو سِول جج نويد احمد ڪلهوڙو ڪامريڊ عبدالرزاق ڪلهوڙو عبدالوهاب ڪلهوڙو سائينداد ڪلهوڙو ڪبڙي ملهه پهلوان سڪندر ڪلهوڙو مجيب الرحمان ڪلهوڙو (PSO) ۽ عبدالرحيم ڪلهوڙو (Dubai) شامل آهن.

• ڳوٺ حاجي محمد هاشم شاهي:

ڳوٺ هاشم شاهي ديهه غير آباد کهڪات، تپي غير آباد کهڪات، يونين ڪائونسل کهڪات ۾ واقع آهي هن ڳوٺ ۾ شاهي ۽ مري ذات وارا رهائش پذير آهن. هتان جي رهواسين جا عام ڌنڌا هاريون زمينداري ۽ ملازمت آهي. هن ڳوٺ جي آبادي 400 ۽ ايراضي 6 ايڪڙ اٿس. پوسٽ آفيس سونهري/شريف آباد اٿس. جڏهن ته پوليس پوسٽ سونهري اٿس. هتي 1970ع کان پرائمري اسڪول هلندڙ آهي هي ڳوٺ سونهري فارم کان 2 ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي آهي هن ڳوٺ جا پيداواري ذريعا ڪڻڪ ووئڻ، ڪيلو ڪمند، ليمي، زيتون جا باغ آهن. هي ڳوٺ 1935ع ۾ قائم ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ڳوٺ دائم خان ڪورائي:

دائم ڪورائي ديھ غير آباد ڪهڪات، تپي غير آباد ڪهڪات، يونين ڪائونسل ڪهڪات ۾ واقع آهي. ڳوٺ جي آدم شماري 600 ۽ ايراضي هڪ چورس هڪ ڪلو ميٽر اٽس هن ڳوٺ ۾ ڪورائي ذات جا ماڻهو رهائش پذير آهن. هتي 1943ع کان پرائمري اسڪول هلندڙ آهي جڏهن تہ گرلس مڊل اسڪول پڻ منظور ٿيل آهي. هتي هڪ مدرسو پڻ هلندڙ آهي. هتان سونهري 3 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. هن ڳوٺ جي پسگردائيءَ ۾ درياءَ خان ڪورائي، دائم ڪلهوڙو، خالد آباد ڳوٺ اچي وڃن ٿا. هي ڳوٺ انگريزن جي دور جو قائم ٿيل آهي هتان جي رهواسين جا عام ڌنڌا ملازمت ۽ هارپو آهي، جڏهن تہ ڪجھ زميندارِي پيشو پڻ آهي.

• موري تعلقي ۾ انهن ڳوٺن کان علاوه هيٺيان ڳوٺ پڻ اچي وڃن ٿا.

سڏوجا، ڏيرڻ، ڊورو ٻهڻ، لليا، هوت خان چانڊيو پارو ماڇي، لالو ماڇي، دادو سيال، بکر پٽي داد واھ، خان محمد سولنگي، مڪراري، هوت خان سابقي، ٻاڙو دليل زرداري، مياندا لنڊ، ماڪو ڏيپر، علي بخش کوسو ڪرڙ کوسو غريبو ٻهڻ، ڏيرڻ، ننڊيو وارياسو شفيع ابڙو نبي بخش پٽي، گچيرو نئون، سيفل جسڪاڻي، وگهيا مل، ٽپال، رمضان ٻگهيو ماڙي، اميد علي سائينڏنو مري، ملو اسماعيل ٻگهيو بنگل ٻڙدي، ارگو ٻگهيو جمن ٻگهيو دل چنڊ، عبدالرحمان دل، فياض ٻگهيو عزت ٻگهيو جمعو ٻگهيو خيرو ديرو مجيد جا پاڻ، ڏتل خان ڪورائي، نهال ماڇي، گاجي مشوري، ڪاريجا، مراد ڪوريجو ارباب چانڊيو يوسف پنهور سنجر ڪوريجو منگو ڏهر، لونگ ڪوريجو مير محمد ڪوريجو خان محمد ڏهر، پيراٽو سولنگي، ملڪ، مرزو چانڊيو حاجي الھ رتو چانڊيو الهورايو ٻهڻ، اميد علي پٽي، قتال شاھ، دودو پنيرو اسماعيل جيسر، شيخو ٻهڻ، ٺنڊو لاشاري، محبت لاشاري، علي خان کوسو خانڻ کوسو قادر بخش جتوئي، مخمد بخش ٻرڙو سلطان ٻرڙو ملان جو ڳوٺ، چانڊيو جيسر، حاجي ڏگاڻو مير حسن مري، گهنور عالماڻي، ڪڙڪ سنگھ، دولت شاھ، ڪنڊو چانڊيو اپريو شاھ، احمد پنهور صالح پور سمندر عالماڻي، آندل ملاح، چيڙ مهر، جادل شاھ، بيگو سيئار الهداد عالماڻي، غازي نول، صفر ماڇي، جام سابقي، ماڻي حسي، لعل محمد سوهو ڪانڌڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالوني، خير محمد ٻوڪ، پمپو ديرو محمد يونس ڪورائي، چٽل ابڙو دودو پٽي، حاجي محمد حيات سيٺر، حسين آباد، حاجي علي بخش لغاري، غلام النبي ڪورائي، جمن ڪلهوڙو محمد خان ڪورائي، ڏٽي بخش ڪورائي، حاجي قاسم ڪورائي، حاجي جمعو ڪورائي، خالد آباد، حاجي حسن ڪورائي، نور محمد ڪورائي، حاجي خان ڪورائي،قائم ڪورائي، رسول آباد، عبدالله جتوئي، غلام محمد سولنگي، حاجي عبدالغفور ٻگهيو دائم ڪلهوڙو پيو ڏاهري، صحبت چانڊيو ساماٽو ڏاهري، تاج محمد ڏاهري، سليمان ميربحر، خان محمد ڏاهري، ولي محمد ماڇي، امير بخش جسڪاڻي، عرس ڪورائي، حاجي رمضان چانڊيو مبارڪ ڪيريو مير محمد پريو گل محمد ڏاهري، جهنڊو ماڇي، ولي محمد ماڇي، دنبير جي واءِ، آچر ڏاهري، سليمان ڪورائي، ميرن جو ڪوٽ، گجڻ، ديوان جو ڪڙيو جام دونگهه، ٻورڙي، ڪامل ڪوسو صوبيدار ڪوسو قمرالدين چانڊيه، صاحب خان ڪورائي، لهٽو فقير جتوئي، مراد پهوڙ گل برڙو سونو فقير ڪوسو نواب سابقي، سمي جو تڙ ڪانڊيرو ڏيپر، ٻجراڻي لغاري، احمداڻي لغاري، ميرڻ سولنگي، سنهڙي، مبارڪ برڙو ڳوٺ برڙا، ڪوٽ سرٽي، سائو ڍورو ڪاريا ۽ پورو ٻهڻ.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نوان جتوئي ۽ آس پاس

نوان جتوئي ۽ ان جي پسگردائي جو علائقو سنڌ درياهہ جي ويجهو هئڻ ۽ هن علائقي مان اَبجي، سهڙا مائنر ۽ نئر ڏيتا مائنر گذرڻ جي سبب سرسبز زرخير ۽ شاداب آهي هتي ڪٽڪ ڪپهہ ڪمند، جوئر وغيره جو فصل بهتر ٿئي ٿو. هتي مالٽا، نارنگين، انبن جا باغ وغيره تمام گهڻا آهن، جن جو ميوو ڪراچي، لاهور حيدرآباد ڏانهن اماڻيو ويجي ٿو. هي علائقو تعليم جي شرح ۾ بہ ڪافي علائقن کان اڳيرو آهي جنهن سبب هتان جا ماڻهو سرڪاري نوڪرين ۽ پرڏيهي ملڪن ۾ روزگار سان لاڳاپيل آهن. هتان جي علمي، ادبي شخصيتن جو ادبي ڪيتر ۾ وڏو نالو آهي. شاعري ۽ ادب جي حوالي سان سنڌن نالو وڏي سڃاڻپ رکي ٿو. پروفيسر علي نواز جتوئي، حافظ محمد بخش خاصخيلي، نماڻو سنڌي، گدا خاصخيلي، جمال الدين مومن ۽ ادريس جتوئي هن زرخيز مٽيءَ جي ڪک مان جنم وٺندڙ آهن، هن علائقي جو سياسي سڃاڳپ جي حوالي سان ايشيا جي وڏي تنظيم M.R.D ۾ مردن ۽ عورتن جو ڀرپور ڪردار آهي. هن علائقي ۾ صوفي بزرگن، درويشن جو خاصو تعداد هجڻ ڪري تصوف جو رنگ هن علائقي تي ڇانيل آهي، جنهن ڪري هي علائقو محبت، رواداري پيار ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي، هن علائقي ۾ قديمي ڳوٺ نوڙها، سهڙا سونهان، برڙا ڳوٺ، مناهي پراڻہ جتوئي، عامر، نوان جتوئي، هوت خان بهراڻي ۽ ٻيا شامل آهن جن مان چند جو مختصر ذڪر هت ڏجي ٿو.

**ڳوٺ نوان جتوئي:**

1930ع ۾ درياهہ جي ٻوڏ سبب ڪچي ۾ جتوئي ڳوٺ جو اڌ حصو مڪمل طور تي تباهہ ٿي ويو تباهہ ٿيل اڌ حصي جي آبادي خان بهادر امام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بخش "صابر" جتوئي سان گڏ ڏکڻ اوڀر طرف 3 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي پڪي تي نئون ڳوٺ ٻڌايو ويو جنهن جو نالو نوان جتوئي رکيو ويو.

نوان جتوئي جنهن هنڌ آباد ٿيل آهي، اتي پهريان نوان جتوئي جي اولهه ۾ يوسف پنهور نالي ڳوٺ آباد هو جنهن ۾ پنهور ذات جا ڪجهه گهر جيوڻ مستوئي ذات وارن جا هئا جيڪي يوسف پنوهر جي اتر ۾ هوندا هئا.ان کان علاوه خاصخيلي ذات جي علي شير، علي محمد، لال محمد جا گهر اتر اوڀر جي ڪنڊ تي هئا. انهن جي اولهه ڏکڻ ڪنڊ تي هڪ وڏي نم جو وڻ هوندو هو (عبدالوحيد ملاح جي دڪان وٽ نم هئي) جنهن کي انگريزن پڪو ٿلهو خاصخيلي ٻڌرايو ۽ انهي تي پوسٽ باڪس ٽنگي ڇڏيو آهي. خاصخيليءَ پوءِ ٿلهائي خاصخيلي سڏجڻ لڳا، نم جي ڏکڻ ۾ ٻه گهر نبي بخش ۽ الهڏنو ملاح جا هئا، اوڀر ۾ عرضي کوسو شير محمد کوسو ڏکڻ اوڀر ڪنڊ تي ڳوٺ سائين بخش خاصخيلي به اوائلي وقت جو آهي.

ڳوٺ ٻڌجڻ جي ابتدا ۾ پرائمري اسڪول هڪ ڇاپري ۾ هلندو هو جيڪو هيٺر رئيس غلام مرتضي خان جتوئي جي اوطاق واري بنگلي جي اوڀر ۾ ۽ هاڻ گبول ذات جي ماڻهن جي گهرن جي بلڪل اولهه ۾ هو جنهن ۾ ٻه ڪمرا هئا، ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي گڏيل تعليم ڏني ويندي هئي، 1937 ۾ لوڪل بورڊ نواب شاهه طرفان ٺهيل پڪي عمارت ۾ منتقل ڪيو ويو. جنهن ۾ استاد ڪنڻ مل جو پٽ سندرداس، محمد قاسم ميمڻ، محمد قاسم پنگر ۽ ٻانها سنگهه نواب شاهه جو رهاڪو هو پڙهائيندا هئا. نوان جتوئي ۾ پوءِ گرلز اسڪول کليو جنهن ۾ پهرين ڇوڪري خانبهادر امام بخش جتوئي جي ڌيءُ داخل ٿي. ڳوٺ ۾ ٻه ريزڪي دڪان سمن جا هئا جيڪي اوڀر ۾ هئا هڪ دڪان هرو ۽ ٻڌر جو هو جيڪي نوڙهن جا رهواسي هئا. ڪيئل ۽ نيڻو جو دڪان هو جيڪي ڏيپارجا جا هئا.

دلاور حسين شاهه عرف دلڻ شاهه، سيد صابر شاهه، سيد نبن علي شاهه، محمد شريف ولد محمد صالح ڪلهوڙو عرف ديدار فقير سيد فضل الله شاهه، سيد رکيل شاهه، سيد جڙيل شاهه، ڪرڙ فقير، مينهون فقير پنهور فقير علي بخش کوسو سومر فقير مشهور بزرگ رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوان جتوئي جي بهترين رازن ڪاريگرن ۾ استاد علي محمد خاصخيلي، استاد محمد خان ميمڻ استاد علي بخش سومرو استاد محمود گبول، استاد غلام مصطفيٰ سومرو، استاد محمد هاشم خاصخيلي ۽ ٻيا مشهور آهن. ادبي تنظيمن جي حوالي سان مجلس احباب ۽ بزم صابر جو بنياد 1960 واري ڏهاڪي ۾ جناب محمد بخش نحيف جتوئي، قاضي غلام نبي "محجور" قريشي، سيد علي شاهه "خادم" جمال الدين مومن، حافظ محمد بخش وڌو جنهن تحت ادبي ڪچهري، اصلاحي ڊراما، مشاعرا ڪرايا ويندا هئا. سنڌي ادبي سنگت نوان جتوئي شاخ جو بنياد 1983 ۾ ادريس جتوئي رکيو. ادريس جتوئي پهريون بنيادي سيڪريٽري هو. ادبي سنگت پاران ڇپايل ڪتابن ۾ ستارن رم جهول (شاعري)، جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي (مونو گراف) گوهر شاهه جو گيان (شاعري) آهي. ان ڪان علاوه مومن پبليڪيشن نوان جتوئي طرفان 22 ڇپايل ۽ ٽي اڻ ڇپايل ڪتاب آهن. نوان جتوئي آسپاس ۾ لائبريرين جو تعداد به ڪافي آهي. مومن لائبريري هاءِ اسڪول نوان جتوئي جي لائبريري، حيدر بخش جتوئي لائبريري، نوڙها شاهه عنايت لائبريري، ڳوٺ هوت خان ٻهراڻي، گورنمينٽ هاءِ اسڪول پراڻا جتوئي لائبريري، هاءِ اسڪول نوان جتوئي لائبرري، گورنمينٽ پرائمري اسڪول پراڻا جتوئي لائبريري، ذاتي لائبريرين ۾ ادريس جتوئي، غلام الرسول "مسرور"جي لائبريري" حق نواز ميمڻ جي لائبريري، نوان جتوئي جا سازندا الغوزو نواز محمد عرس خاصخيلي، ڦوتو خان مگڻهار امداد علي ميراثي، غلام علي ميراثي، دائود فقير، آڍو خان مگڻهار نژبيت ۾ شير محمد خاصخيلي، علي بخش پنوهر مشهور هئا. سٺ ۽ ستر واري ڏهاڪي ۾ نوان جتوئي ڊرامن، ناٽڪن، منڊلين ۾ به انتهائي سرگرم هو محمد بخش "نحيف"
جتوئي قاضي غلام نبي، "محجور"خير محمد قريشي، حافظ محمد بخش خاصخيلي، دين محمد قاضي، نياز احمد گبول، محمد بخش عباسي، عبدالرحيم مڪٽو سولنگي، غلام حيدر چانڊيو سڪندر ملاح، شاهه محمد جتوئي ايڊووڪيٽ، رفيق احمد جتوئي، ڊاڪٽر نور محمد، حاجن جانوري ۽ ٻيا ڊرامن ۾ حصو وٺندا هئا. نوان جتوئي ۾ صحافت جا بنياد بهاول جتوئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارباب علي پتي، محمد مٺل حيدري ۽ ٻين وڌا، ون يونٽ خلاف نوان جتوئي جي ماڻهن ڀرپور حصو ورتو. سڪندر علي ملاح، بهاول جتوئي، ون يونٽ خلاف ٻڪ هڙتال تي وينا خلافت جا سنڌ جا پنج يونٽ هئا جن مان نوڙها لڳ نوان جتوئي هڪ يونٽ هو. ڳوٺ نوڙها جا سرائي علي محمد جتوئي ۽ ٻيا ڪافي سرگرم رهيا. خاڪسار تحريڪ ۾ رئيس غلام رسول خان جتوئي تحريڪ جي سرگرم ڪارڪن ۾ شامل هو.

خان بهادر امام بخش صابر جتوئي، حاجي غلام الرسول جتوئي، غلام مصطفيٰ جتوئي، غلام مرتضيٰ خان جتوئي، ڊاڪٽر عبدالغفار جتوئي، مسرور احمد جتوئي، عارف مصطفيٰ جتوئي، غلام رسول عرف عاقب جتوئي، آصف مصطفيٰ جتوئي، فرهاد الزمان جتوئي، پارليامينٽيرين رهيا آهن نوان جتوئي ۾ جتوئي خاندان کوسہ چانڊيہ، قبيلا، سومرا، پنهور، ڪورائي، ڳبول ميمڻ، ڪلهوڙا، ميراثي، جانوري، چنہ، سهتا، ۽ ٻيو ذاتيون رهن ٿيون.

محمد بچل ملاح، محمد رمضان ملاح، مختيار علي ملاح، امداد ملاح، مشهور همالي پهلوان آهن. پهلوان امداد ملاح ڪونڙي حيدرآباد ۾ 91.2 مڻ وزن سال 2000 ۾ کنيو پوري پاڪستان جي پهلوانن کي چئلينج ڪيو مگر اڄ تائين ڪنهن بہ چئلينج قبول نہ ڪيو آهي. سنڌ سرڪار طرفان ڪيس پيڳ مليل آهي، پهلوان محمد بچل ملاح، 10 مڻ وزن ڪنڌ تي کنيو مختيار علي ملاح 8 مڻ وزن کنيو پهلوان امداد علي ملاح 61.2 مڻ ڪيهه جي ڳنڙي کٽي 21 ڏاڪا چڙهيو هر ڏاڪو 11.2 فوٽ هو.

ڳوٺ مناهي:

هي هڪ قديمي ڳوٺ، آهي جيڪو مٽيءَ جي دڙي تي آباد آهي. راهو جو ذات جي فرد جي نالي پٺيان هي ڳوٺ مناهي سڏجي ٿو. هن ڳوٺ ۾ مسلمانن ۽ هندن جي آبادي هئي. اڳاٽي وقت ۾ ڳوٺ جي اتر اوير ڪنڊ کان ڏکڻ طرف محبت واهہ وهندو هو. هن کي ڏنيرو واهہ چيو ويجي ٿو. هي سڄيون ضلعي خيرپور کان شروع ٿيندو هو. هٽ بازار اتر کان ڏکڻ طرف هئي اناج ۽ ريزڪي سامان جا دڪان هئا. جيوت مل اڏيرڻ مل، نارو مل ان دور جا وڏا واپاري هئا. مگڻهار ڪنيار وگهيا، سيد، ماڇي راهوجا ملاح کٽي، لوهر،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حجم، ذات جا ماڻهو رهائش پذير هئا. آڳاٽي وقت ۾ مناهي تپو هوندو هو جيڪو ڇهن ديهن ڪئنچي، جاگير، دورو ٻهڻ، سڏوجا، مناهي، سلطان ٻهڻ ۽ ديهه چانڊو تي مشتمل هو. چيو وڃي ٿو تہ چانڊو نالي هڪ هندو جي نالي پٺيان سڏيو وڃي ٿو. هت هڪ بزرگ شخصيت ميان احسان الله ٻوبڪائي رهندو هو جيڪو ڳوٺ ۾ مذهبي تعليم ڏيندو هو. آسپاس جي ڳوٺن ۽ ڦل شهر جا ماڻهو وٽس تعليم حاصل ڪرڻ ايندا هئا. چيو وڃي ٿو تہ مشهور بزرگ حافظ محمد هارون ڪوريجو سندن شاگرد هو. ڪين ڳوٺ ۾ عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو هو. پاڻ ڳوٺ سهڙا ۾ تعليم پڙ ڏيڻ ويندا هئا. سندن مزار ڳوٺ جي جامع مسجد جي ڏکڻ ۾ آهي، جتي سندن رهائشگاهہ هئي، هتي هڪ ٽن قبن واري ڪچي مسجد آهي جيڪا قديمي دور جي ڇتي وڃي ٿي.

پرائمري اسڪول مناهي 10 سيپٽمبر 1915ع ۾ کوليو ويو جت آسپاس جي ڳوٺن قطال شاهہ، دبي جو ڳوٺ، جيسر ڳوٺ، عرض محمد ڳوٺ جا ڇوڪرا مسلمان توڙي هندو تعليم حاصل ڪرڻ ايندا هئا، هن ڳوٺ جي پهرين مسلمان ڇوڪري نيامت ڌي خالقڏنو ماڇي داخل ٿي. هڪ هندو استاد گلو مل تعيلم ڏيندو هو.

اسڪول ڪاميٽي ۾ دريا خان راهو جو ولد پليڏنو راهوجو ڪشنچند ميمبر هئا. هن ڳوٺ جي اهم شخصيت ۾ دريا خان راهوجو پليڏنو 'ٻهتر' راهوجو سلطان احمد راهو جو نالو ورتو وڃي ٿو سلطان احمد راهوجو ۽ پليڏنو ٻهتر راهوجو علم و ادب دوست ٿي گذريا آهن سلطان احمد راهوجو جو ذڪر محمد طالب پيرت پنهنجي ڪتاب "تو جنين جي تات" جي صفحي 26 تي ڪيو ويو آهي. پليڏنو "ٻهتر" راهو جو ۽ سلطان احمد راهو جو ذڪر "مورو ناهي ٿورو" ڪتاب ۾ صفحي 199 تي آيل آهي. هن ڳوٺ جي دريا خان راهو جو هفتيوار اخبار "رابيل" جو اجراع مورو مان ڪيو جنهن ۾ سماجي مسئلن جي اپٽار ڪئي ويندي هئي ۽ علمي ادبي مواد شامل هو.

ڳوٺ پراڻ جتوئي:

مورو تعلقي جو هي قديمي ڳوٺ ديهہ فريد جاگير ۾ سنڌو درياهہ جي ڪابي ڪناري تي ڳوٺ جتوئي نالي سان آباد هو. هتي هڪ پرائمري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪول، پوسٽ آفيس، بازار هئي، جتوئي، ميمڻ، گبول، کوکر، جت، ملاح، صوفاٽي، سيد، موچي، ڪورائي، پنجارا، پنهور، مشوري آباد هئا. مشهور بزرگ سيد صابن شاهه ۽ محمد فقير هيسباڻي جي رهائشگاهه ۽ مزار به اتي ئي هئي بازار ۾ ريزڪي سامان، ڪپڙي جا دڪان هئا، مينو هيرو پمن، (هيرو جو پٽ) ليکو مل ۽ ليکچند واپاري هئا 1930 ۾ درياهه جي ٻوڏ سبب خان بهادر امام بخش جتوئي سان اڌ آبادي لڏي 3 ڪلو ميٽر اوپر طرف نوان جتوئي ڳوٺ ٻڌي ويني ۽ باقي رهيل اڌ آبادي اتي ئي رهي 1960 ۾ وري ٻيهر ٻوڏ سبب اڌ آبادي تباهه ٿي وئي جنهن ڪري اهي لڏي اُتر طرف بچاءُ بند پر ۾ ڳوٺ مٺا خان جتوئي ۾ ويني ۽ ڪجهه آبادي نوان جتوئي لڏي وئي ۽ ائين مٺا خان ڳوٺ پراڻي جتوئي سڏجڻ لڳو. هتي بهترين هارين ۾ منو فقير ڪوريجو 80 سالن جي عمر ۾ ڪنهن نوجوان هاري کان به بهتر محنت سان ڏاندن ذريعي کيڙيندو هو. عثمان کوکر کي ڪيڻ جو انجنيئر چيو ويندو هو. هن ڳوٺ جو خير محمد پڃاري کي ڪبڊي راند ۾ ”رستم سنڌ“ جو ايوارڊ مليل آهي ۽ سرڪار سندن خدمتن عيوض کيس سرڪاري ملازمت ڏني. هن ڳوٺ جا محمد عثمان پٽي، محمد رمضان پٽي، اڪرم پٽي بهترين واڍا هئا، جن جو ٺيل ڪم ناز باغ قاضي احمد ۾ حاجي علي نواز انڙ جي بنگلي تي ڏسڻ وٽان آهي.

غلام مصطفيٰ عرف متلو پٽي، نجم الدين پٽي بهترين باغائي طور مشهور آهن. آڳاٽي وقت ۾ جانورن جهڙوڪ سوئر، مرون، هرڻ، ڦاڙهو جو شڪار روايتي طريقن پنجوڙ پهوڙ (جهنگ گتي رستو ناهڻ) ۽ ڪڌو هٽي ڪيو ويندو هو. جانورن جو روايتي طريقي سان شڪار ڪرڻ وارن ۾ گلڻ .وانڙو“ پٽي، سائين رکيو جتوئي،سيد دائود عرف ڪوڙل شاهه. ارباب، مشوري ، منظور خان جتوئي، رجب علي عرف قالو مشوري مشهور آهن.

### ڳوٺ سونهان:

هي هڪ قديمي ڳوٺ آهي، هن ڳوٺ جي معلومات هندن جي دور کان ملي ٿي ڳوٺ سونهان ٿي نالي جي حوالي سان به روايتون ملن ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1. سوهو ذات جي اڪثريت جي ڪري هن ڳوٺ تي نالو سونهان پيو.

2. هندو جڏهن هت چيتي جو ميلو ملهائيندا هئا تہ ان ميلي ۾ نت ڳوراهو منياٽي، ابڙان، نوشهروفيروز وغيره جا هندو جاتي مرد توڙي عورتون ڀرپور نموني سان شرڪت ڪندا هئا. شام وقت ڳوٺ اوپر پاسي لاڙائي چاندبين ڏانهن ويندڙ رستي تي عورتون قطارون ناهي پسار ڪنديون هيون اهو منظر دلڪش تي پوندو هو تہ پوءِ مرد اهو نظارو ڏسي چوندا هئا تہ ڪيڏي نہ سونهن آهي ان حوالي سان اهو نالو سونهن مان بدلجي سونهان تي ويو.

هن ڳوٺ ۾ بازار اولهہ طرف ۾ اتر کان ڏکڻ طرف هوندي هئي جنهن ۾ ڪپڙي ريزڪي، پنسار جا دڪان هئا ۽ آسپاس جي ڳوٺ ليٽ ننگر خان ۽ ٻين جا ماڻهو خريداري ڪرڻ هت ايندا هئا. هوتو مل ولد کلو مل واپاري هو هن ڳوٺ جو مکي نارو مل ولد چتو مل هندو هو ميگهراج، ولد هيمن داس ۽ ٻاٺو سد آنند هن ڳوٺ جا زميندار هئا. هندو هر سال سيسا (خيرات) ڪندا هئا، جنهن ۾ مٺا چانور رڌيندا هئا، جيڪي مسلمان کي پڻ ڏيندا هئا. ٻار ڄمڻ کان ست ڏينهن بعد ڇٽي ڪندا هئا، جنهن ۾ پڻ مٺا چانور رڌيندا هئا. هتي هر سال چيتي ملهائي ويندي هئي جنهن ۾ مختلف شهرن کان عورتون توڙي مرد شريڪ ٿيندا هئا. ان موقعي تي ڀڳتي ٿيندي هئي جنهن ۾ ناميارا ڳائڻا ڪرشن ڀڳت ۽ ماستر چندر ڀڳت شرڪت ڪندا هئا ملاکڙو ۽ ملهہ راند بہ ڪئي ويندي هئي، جنهن ۾ علائقي جا مشهور پهلوان علي محمد چاندبيو سونو دونگهہ ملهہ وڙهندا هئا، ان کان علاوه هڪ اوڏ ۽ هندو ملهہ وڙهندا هئا. ڪنهن هندو جي مري وڃڻ کانپوءِ ان کي ساڙي ان جي رک دِليءَ ۾ وجهي سنڌو جي وچ ۾ وجهي ڇڏيندا هئا ڪنهن ٻائي جي مرڻ جي صورت ۾ ان کي ساڙي ان جا هڏا قبر ۾ پوريان ويندا هئا جيڪو ڳوٺ جي اولهہ ۾ هوندو هو.

ڳوٺ ۾ 1913 ۾ پرائمري اسڪول کوليو ويو جيڪو نوابشاهہ لوڪل بورڊ طرفان هلندو هو جنهن ۾ مختلف وقتن تي استاد گيانچند ولد نارو مل، اڏا رام ولد تاراچند، شفيع محمد ولد چتو خان ۽ استاذ گيان رهيا. چيو وڃي ٿو استاد گيان هڪ سخت قسم جو استاد هو جنهن جي سختي سبب هڪ مسلمان ڇوڪرو گذاري ويو ميگهراج ولد هيمن داس، نارو مل ولد چتو مل ۽ ٻهاول خان ولد ننگر خان چاندبيو اسڪول ڪاميٽي جا ميمبر هئا. هندن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسلمانن لاءِ الڳ تعليم هئي مسلمانن کي سنڌي ۽ هندن کي هندي ۾ تعليم ڏني ويندي هئي.

## ڳوٺ ٻرڙا:

هي قديمي ڳوٺ آهي. هندن جي دور ۾ هي ڳوٺ ڪاروباري لحاظ کان عروج تي پهتل هو. هتي لوهاڻا هندو چٽناڻي، سيد، برهمڻ، ٻرڙا، خاصخيلي، چنہ، ڪٽي، سومرا، رهندا هئا. هتي سونارڪا، پنسار، ريزڪي، ڪپڙي جا دڪان هئا. چمن داس ۽ نامداس، نيچو مل بچو مل ، گُنو مل، پيسو (ڪارو) ڏيوو مل واپاري هئا هتي سکر ۽ حيدرآباد کان سامان ٻيڙين رستي ملڪ پتڻ تي لهندو هو جتان اٺن وسيلي هن ڳوٺ ۾ پهچندو هو هتي مذهبي ڏڻن تي ڀڳت ڪندا هئا. هن ڳوٺ ۾ اهڙ جنهن کي ڳوٺ وارا "وارهي" چوندا هئا. اوپر طرف وهندو هو جنهن تي چاهي (نار تي) طريقي سان پوک ڪئي ويندي هئي، ان دور ۾ سنو ڪپڙو ويهون راڻي هرک، ڏماچو صوف ڪپڙو ڪاري رنگ جو مشهور هو بازار ۾ پنج سير ڳڙ جي دمي جنهن کي "ميرٺ جو ڳڙ" چوندا هئا مشهور هو پرائمري اسڪول ٻرڙا 10 جون 1900ع ۾ کوليو ويو جنهن ۾ مشهور استادن دلو مل ولد ويڏو مل استاد روپچند، محمد هاشم ڪاملاڻي کوسو تعليم ڏني. هت ثقافتي رانديون ڪبٽي، ملهہ، وغيره کيڏيون ويندڻيون هيون محمد يوسف عرف جوسو ويشو پٽ پيسو مل ٻلهاڙو راند ۾ مشهور هئا.

1947 ۾ مشهور ڏاڙيل غلام حسين واڍو ڳوٺ ۾ هندن کي ڌاڙو هنيو جنهن ۾ پوهو نالي هندو مارجي ويو جنهن ڪري هندو دلبر داشتہ ٿيا ۽ 1948ع ۾ لڏي ويا. چيو وڃي ٿو تہ گُنو مل جو اولاد هالا ۽ نواب شاهہ ۾ رهي ٿو. گُنو مل جي ماڙي اڄ بہ ڳوٺ ۾ آهي جيڪا پري کان نظر اچي ٿي.

## ڳوٺ هوت خان ٻهراڻي:

هي قديمي ڳوٺ آهي مگر هن جي ڪا تاريخي معلومات نہ ٿي ملي البت هي ڳوٺ تڏن تئونرين، واڻ جي هنر ۽ ٻيرين جي لحاظ کان تمام گهڻي وقت کان مشهور آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ قديم زماني کان وٺي ڪنهن ياڳيي جي چوري ٿيڻ جي صورت ۾ هڪ روايتي طريقو هلندو پيو اچي ان ڪم لاءِ نهايت ٿي هوشيار جاڻو ۽ پيرن جي نشان جي پرک رکندڙ کي پيري چيو ويندو آهي، هوت خان ٻهراڻي ڳوٺ جي مشهور پيرين يارو خان ٻهراڻي، لڏو خان ٻهراڻي، محمد صديق عرف ٽلو ٻهراڻي، محمد عالم ٻهراڻي جي سن علائقي ۾ وڏي ڌاڪ آهي.

يارو خان شاهپور جهانيا مان چوري ٿيل اٺ جو پيرو ٽي ڏينهن کٽي تعلقو ٽنڊو آدم جي ڳوٺ ملامڪڻ ۾ چڙهيو ۽ چورن جي نشاندهي ڪئي هئي پيري ايڏا ته هوشيار هئا جو ڪنهن مشهور چور جي پٽ يا پوٽي جي پيرن جا نشان سڃاڻي نشاندهي ڪندا هئا ته هي ان جو پٽ يا پوٽو آهي. هڪ شخص گل محمد جي ڏاچي چور ڪاهي ويا پنجن سالن کانپوءِ يارو خان ۽ لڏو خان ان ڏاچي جو توڏو سڃاتو ۽ پوءِ ان جا پير کٽي ان جڳهه تي پهتا جت ساڳي ڏاچي بيٺي هئي.

## ڳوٺ هوت خان ٻهراڻي جا هنر:

جڏهن ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي تمام سادي هئي ۽ غاليچي گلم جو رواج نه هو ته ماڻهو سمهڻ ۽ ويهڻ لاءِ کٽن کان علاوه تڏن ۽ تؤنرين جو استعمال ڪندا هئا. هن ڳوٺ جي اهم سڃاڻپ هتي ٺهندڙ تڏا تؤنريون، واڻ ۽ اوڄ جو ڪپڙو آهي هتي ڳوناٽا سو سالن کان نسل در نسل هن پيشي سان لاڳاپيل رهيا آهن. هي ڳوٺ تڏن تؤنرين جي نفاست، صفائي سنائي ۽ واڻ جي پائيداري ڪري مشهور آهي.

هن پيشي سان وابسته رانجهن عرف رانجهو ٻهراڻي، سهراب ٻهراڻي، صوبو ٻهراڻي، خدا بخش ٻهراڻي ماهر ليکيا ويندا رهيا آهن. هن ڳوٺ جي ڏاڏي مريم هن پيشي سان سلهاڙيل هئي ۽ هن ڳوٺ جون اڪثر عورتن کي هن جو هنر سيکاريل آهي، هتي تيار ڪيل تڏن ۽ تؤنرين جو استعمال مسجدن، مدرسن ۾ به ڪيو ويجي ٿو هتي ٺهندڙ ميچ جو واڻ مورو منياڻي نوان جتوئي، ڏيپارجه، پراڻه جتوئي ۾ عام جام وڪرو ڪيو ويجي ٿو. اوائلي وقت ۾ هن ڳوٺ ۾ ڪورڪو ڪم به ٿيندو هو هت ڪافي آڏاڻا هئا جتي اوڄ جو ڪپڙو تيار ڪيو ويندو هو جڏهن ماڻهن هن راويتي پيشي کي ڇڏي ٻيا پيشا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اختيار ڪيا تہ هن فن جو رجحان گھٽجي ويو ۽ آڏاٽا پيئن ڳوٺن ڏانهن منتقل ٿي ويا. هن ڳوٺ جون مشهور سماجي ۽ علمي شخصيتون امداد ٻهراڻي بلوچ، جيڪو دبئي ۾ هڪ گيھہ ڪمپني ۾ ملازم آهي، هن ڪيترن ئي ماڻهن کي روزگار ڏياريو آهي. امداد علي ٻهراڻ دُبئي ۾ سنڌ جي ثقافت جي ترقي لاءِ ۽ بيروزگار ۽ غريب ڳوٺاڻن جي روزگار لاءِ وڏيون ڪوششون ورتائون. هُو غريبن جو سچو همدرد ڏوکي رهيو آهي. سندس فرزند غلام نبي ٻهراڻي، شهبيگ ٻهراڻي صحافي، علي محمد ٻهراڻي شاعر، غازي خان ٻهراڻي، ارباب علي جسڪاڻي ۽ ٻيا شامل آهن. نوجوان سماجي اڳواڻ غلام نبي ٻهراڻي جو هن ڳوٺ جي سماجي، تعليمي ۽ ثقافتي ترقيءَ ۾ وڏو هٿ رهيو آهي. پاڻ ڳوٺ ۾ وليج ويلفيئر ايسوسيئيشن هوت خان ٻهراڻ، شهيد شاهہ عنايت لائبريري، لطيف سنگت، ساٿي ٻرڙا سنگت، سنڌ هاري ڪاميٽي ۽ ٻين تنظيمن جو بنياد رکيائون. ڳوٺ ۾ مفت طبي ڪئمپون لڳائڻ، غريبن جي مدد ڪرڻ، ڊراما ۽ جشن لطيف ڪرائڻ سندن مشغلو رهيو آهي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گچيرو

هن شهر کي اٽڪل هڪ صديءَ کان گچيرو پراڻو (Gachero Old) سڏيو ويجي ٿو ڇاڪاڻ تہ سو سوا سؤ سال اڳ هن شهر جي اوير ۾ اٽڪل اڍائيءَ، ٽن ميلن جي مفاصلي تي نئون گچيرو نالي ڳوٺ آباد ڪيو ويو ان ڪري اصل قديم شهر کي پراڻو گچيرو (Old Gachero) سڏيو ويو. انگريزن جي وقت ۾ هتي هڪ ڪتبو لڳل هو جنهن تي ڪچيرو لکيل هو ليڪن اهو پل ۾ لڪجي ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ انگريزن کان اڳ بہ هيءَ شهر گچيرو جي نالي سان مشهور هو. اڄ کان اٽڪل 50 سال اڳ يعني 1960ع ڌاري وڏي عمر جا ماڻهو ڳالهہ ڪندا هئا تہ گچيرو بندر سنڌ جو هڪ مشهور بندر هوندو هو جنهن جي ذريعي هتان جو ڪپڙو رڱاوتي، سامان، اناج، ٽڪرن جو سامان، چمڙي مان ٺهيل جتيون، هنا وغيره ۽ هٿ جي هنر جو سامان خاص ڪري هتان جا گج ملڪ جي اندر خواه ڏيساور موڪليا ويندا هئا. هتان جا گج تمام گهڻو مشهور هوندا هئا جيڪي ملڪ خواه ڏيسارو ۾ مقبول هوندا هئا ۽ ان ڪانسواءِ هن شهر جي آسپاس ۾ ڪجين جا وڏا وڏا باغ هوندا هئا ۽ هتان جي ڪجور مشهور هوندي هئي. ان ڪري هيءَ پرڳڻو گج، "ڪجور جي ڪري گجہ رو ۽ ڪجرو جي نالي سان مشهور ٿيو هنن کي جملي ۾ استعمال جي لحاظ کان گجري ۽ ڪجري بہ لکيو ويو جهڙي طرح گچيرو کي گچيري ۽ مورو کي موري ڪري بہ لکيو ويندو آهي.

مير معصوم پنهنجي لکيل تاريخ معصوميءَ ۾ لکيو آهي تہ: محمد بن قاسم سيوهڻ فتح بعد شيخ شهاب الدين فاروقيءَ کي سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪرڻ بعد ٺلٽيءَ کان درياه پار ڪري اسلامي فوج عبدالله بن علي ثقفي جي ڪمان هيٺ اچي گچيرو ڊنڊ وٽ پهتي جڏهن تہ راجا جو هڪ فوجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي اڳ بہ هن شهر ۾ مقرر ٿيل هو. ٻنهي لشڪرن جي چِٽي جنگ لڳي جنگ دوران راجا ڏاهر جي فوج جي ڪمانڊر جو گهوڙو ٿنو ۽ گهوڙو ڪمانڊر سوڙو وچي ڍنڍ ۾ پيو ۽ پاڻي ۾ گرڙپ ٿي ويو يعني ٻڏي ويو اهو حال ڏسي راجا ڏاهر جي فوج ۾ ڀاڄ پئي ۽ ان ڀاڄ ۾ ڪجهه فوجي بہ ڍنڍ ۾ گرڙپ ٿي ويا ان ڍنڍ واري حصي کي هاڻي "گرڙنب" سڏيو وڃي ٿو جيڪا گرڙپ جي بگڙيل صورت آهي ڳچيرو قديم هندو دور ۾ "اروڙ" طرف ڪنهن بہ حملي ڪندڙ فوج جي پيشقدمي ڪرڻ لاءِ وڏي اهميت ۽ حيثيت وارو هنڌ هو. علام عمر بن محمد دائودپوٽو تاريخ معصوميءَ جي تعلقيات ۾ ان ڳالهہ جي وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ اسان جو گمان آهي تہ جيڪڏهن محمد بن قاسم ٿلٽيءَ کان درياه ٽپيو آهي تہ پوءِ ضرور انهيءَ جاءِ جي ويجهو ڇانوٽيءَ هنئين هونداڻين جا اڄڪلهہ ڳچيري جي نالي سان مشهور آهي. مير معصوم بکريءَ جي ڳالهہ جي تصديق احمد بن يحيٰ بن جابر البلاذريءَ پنهنجي تاليف، "فتوح البلدان" ۾ صحفي نمبر 438 تي لکي ٿو تہ: "سيوستان (سيوهڻ) جي فتح کانپوءِ ان جي ويجهڙائيءَ ۾ اچي مهراڻ ٽپيو هو" يعني ٿلٽيءَ کان ڳچيرو ڍنڍ ڏانهن. تاريخ يعقوبيءَ واري بہ اهڙي روايت بيان ڪئي آهي.

مولائيءَ شيدائيءَ پنهنجي مشهور تاريخ "جنت السنڌ" جي صفحي 107 تي لکي ٿو تہ: "راسل بن بسايا جي مدد سان اسلامي لشڪر "گجري" جي ڍنڍ عبور ڪئي جنهن جي پرين ڪپ تي ڏاهر لشڪر سان موجود هو. سندس وزير سيساگر جو ان وقت وزير ٻڌيمان جي عهدي تي مامور هو تنهن راجا ڏاهر کي پڪ ڏني تہ فتح اسان جي ٿيندي، گجري وٽ دشمن کي شڪست ڏيڻ کانپوءِ عرب سپهہ سالار لاءِ الور جو رستو صاف ٿي ويو. مولائي شيدائيءَ پنهنجي بيان ۾ "گجري" لفظ استعمال ڪيو آهي. جيڪو ڳچيري جي اصل نالي گجرو يا گجري جي تصديق ٿئي ٿي. ان کانسواءِ هينري ڪزنس پنهنجي تصنيف "سنڌ جا آثار قديم" جي صفحي 20 جي حاشيي تي هن ڍنڍ جو نالو "گوجري" ۽ گوچريءَ لکيو آهي جيڪو پڻ گجري جي بگڙيل صورت گوجري ۽ گوچريءَ آهي جو بعد ۾ گوچري مان ڳچيرو ۽ ڳچيره ۽ ڳچيري بنجي ويو ان کانسوا ڇچنام ۾ ڪنجري ڍنڍ کي جيڪو پڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گجري جي بگڙيل صورت گوجري ۽ گوچري آهي جو بعد ۾ گوچري مان گچيرو ۽ گچيره ۽ گچيري بنجي ويو. ان ڪانسواءِ ڇچنامي ۾ ڪنجري ڊنڊ ڪي ڪينجهر ڍنڍ سان منسوب ڪيو ويو آهي سا به حقيقت نه آهي ڇاڪاڻ ته ڪنيجهر ڍنڍ سنڌ جي هيٺئين حصي لاڙ ۾ ٺٽي جي ويجهو آهي نه ٿلتيءَ جي سامهون. ان ڪري ان ڪنجري يا ڪجري لفظ به گچيري جي اصل نالي ڪجرو يا ڪجري ڏانهن اشارو ڪري ٿو جنهن جي بگڙيل صورت گچيري يا گچيرو ڊنڍ ٿي آهي. گچيرو نهايت قديم شهر مان هڪ آهي جڳهين جي بنياد کوٽڻ، نلڪن هڻائڻ دوران يا کوهي کوٽڻ دوران قديم سڪا ۽ ٻيون شيون ڪافي تعداد ۾ مليون جيڪي قاضي شاهه محمد خيرپور ڪٺائي ويو. هڪ قبلو کوٽيندي هڪ پراڻو کوهه ظاهر ٿيو جنهن جي اڏاوت ۽ جوڙجڪ ”موئن جي دڙي“ مان ظاهر ٿيل کوهه واري آهي ان مان ثابت ٿئي ٿو ته هتان جي تهذيب ۽ ثقافت موئن جي دڙي جي همعصر آهي جيڪڏهن آثار قديمه وارا هن شهر جي کوٽائي ڪن ته وڏيڪ پراڻي تهذيب جا آثار ملي سگهن ٿا. ڪن مؤرخن ته هن شهر کي قبل مسيح شهرن مان هڪ ڪري لکيو آهي. هن شهر جو واپار ڏسياور ملڪن ڏانهن ٻيڙن رستي هلندو هو ۽ ساڳئي وقت خشڪي رستي واپار ڪانياواڙ ڏانهن نصرپور جي رستي روانو ٿيندو هو. اناج، تيلي ٻج، ڪاٺ، ڪونئر، ماکي، ٻهه، مڇي، پيڻ ڪجور گج پريل، اجرڪ، چريل سوڙيون، ۽ ڪپڙو وغيره درياه ۽ خشڪي رستي ٻاهرين ملڪن ڏانهن روانو ٿيندو هو. هن شهر جو احوال سومرن جي دور جو نه ملي سگهيو آهي وري سمن جي دور ۾ هي شهر هنر واري شهر سان گڏوگڏ اسلامي علوم جو مرڪز پڻ رهيو. هي شهر پهرين صدي هجري ۾ عربن سيوهڻ سرڪار جي حوالي ڪيو ۽ شيخ شهاب الدين فاروقي جي پهرين اسلامي حڪومت جو مرڪزي علمي شهر ٿي رهيو هو. ۽ سمن جي دور ۾ پڻ اسلام جو قلعو رهيو ۽ حضرت مخدوم هنگوري جهڙا بزرگ سمن جي آخري دور ۾ پيدا ٿيا. شيخ شهاب الدين فاروقي جي اولاد مان حضرت ميان عبدالوهاب عرف سچل سرمت درازي رحمة الله عليه جن پيدا ٿيا.

گچيرو شهر امير تيمور جڏهن هندستان آيو ته ان دور ۾ سيد ابوبڪر شاهه کي سيوهڻ جو حاڪم مقرر ڪيو ويو هو ته هيءَ شهر به سيوهڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪار جي ماتحت ٿي رهيو سيد ابوبڪر، سيد علي ميرجو فرزند ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليہ جن جي جد اعليٰ سيد حيدر شاهه جو سڳو ڀاءُ هو. اهڙي طرح هن شهر تي حضرت سچل سرمت رحہ، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جن جي وڏن پڻ حڪومت ڪئي.

مغلن جي دؤر ۾ هتان جا ٻگهيا جاگيردار هئا جي سنڌ جي سمات قوم "سميجن" جو پاڙو آهن. هن شهر جي تمدني، سياسي ۽ انقلابي حالتن جو جائزو ميرڪ يوسف: تاريخ مظهر شاهه جهاني" ۾ هن طرح ڏنو آهي تہ: لاڪاٽ وارو پرڳڻو ڳچيري جو دنگئي هو. لاڪاٽ پرڳڻي جي لاکن ۽ سميجن، انڙن جو پاڻ ۾ گهڻو اختلاف هو ۽ ٻگهيا سميجن، انڙن جا طرفدار هئا ۽ مغل اهلڪارن کي ساليانې ڍل ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون، ميرابوالبقا جو ميرابوالقاسم نمڪين" جو پٽ هو تنهن سنہ 1017هہ ۾ پنهنجي والد پاران سيوهڻ سرڪار جو نائب ٿي آيو ۽ ڳچيرو بہ سيوهڻ سرڪار جي ماتحت ٿي هو.تذڪره امير خاني ۾ ميرڪ يوسف جي حوالي سان لکيل آهي تہ: "مير ابوالبقا جي سميجن جي هڪ شاخ ٻگهين سان ويڙهہ ٿي هئي. ان دور ۾ سيوهڻ صوبي ۾ درياه جي اورئين پاسي ٿي پرڳڻا هئا: جن مان هڪ جوڻيجن جو پرڳڻو هو جنهن ۾ ڪوريجا، پنهور ۽ شيخ آباد هئا ۽ سميجن جي قوم مان ٻگهيا گهڻي تعداد ۾ رهندا هئا.

(قديم سنڌ، آڏواڻي مهرچند 233ع 236)

مير ابوالبقا ٻگهين کان ڍل وصول ڪرڻ لاءِ نهايت سختي ڪئي ۽ ميرڪ يوسف امن پسند ٻگهين کي تاريخ ۾ بدنام ڪرڻ لاءِ لکي ٿو: ٻگهين جو سارو قبيلو ڏوهاري هو. خون ۽ ڦرون سندس ڌنڌو هو. رعيت ۽ سرڪار منجهائن آزاريل هئي. مغلن جي دور ۾ هن شهر جي فوجي ۽ سياسي طور وڏي اهميت هئي ان ڪري ميرڪ يوسف، مغل شاهي دربار ۾ سيوهڻ سرڪار جي فوجي قوت کي وڌائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪين صلاح ڏني تہ: سميجن جون زمينون جيڪي ڪوريجن ۽ پنهورن جي پاسي آهن اُهي جوڻيجن جي علائقي ۾ شامل ڪري ڪوريجن ۽ پهنورن ۾ تقسيم ڪيون وڃن. ۽ بي صلاح اها ڏني تہ ڳچيري ۾ هڪ قلعو قائم ڪري ان ۾ هڪ سؤ سوار ۽ پنجاهہ تو بچي مقرر ڪيا وڃن ۽ ٿاڻو بہ قائم ڪيو وڃي. اهو قلعو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گچيري کان اوپر طرف پڪو نهرايو ويو هو ليڪن پڪين سرن جي ڪري ماڻهو ڍاهي سرون ڪڍي ويا ۽ اهو قلعو هاڻي ختم ٿي ويو آهي، بلڪل ان جو نام ونشان بہ نہ آهي.

ڪلهوڙن جي دور (1131هـ / 1719ع کان 1197 هـ / 82_1783) حڪومت ۾ بہ هن شهر جي فوجي اهميت ۽ ضرورت هئي. 2_1701ع مطابق 1113هـ ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙو جلاوطني بعد جڏهن التماس خان بروهي کي مدد ۾ وٺي آيو هو ۽ قلات مان (جتي بہ ورهيہ جلاوطن رهيو هو) زيديءَ جي رستي نئنگ پهتو جتان قيصر پهنور کان سامتاڻي آزاد ڪرائي ڳاهن ۾ منزل انداز ٿيو. ميان يار محمد جي سراين ۽ همراهن مختلف ڳوٺ مثلاً مرڪپور، واهي جمشيد ۽ فتح پور هٿ ڪيا. بئي پاسي ميان يار محمد ڪلهوڙي بعد ۾ گچيري، کهاري ۽ ڪنڊياري کي هٿ ڪيائين ۽ پنهور جي گادي واري هنڌ شڪارپور کي بہ فتح ڪري ان جو نالو بدلائي خدا آباد رکيو ۽ ان کي تخت گاهہ بنائي رهڻ لڳو.

(رسالہ فڪر وفن عربي سئزرلئنڊ نمبر 17. مصطفيٰ ڪئينس، ترجمہ مولوي محمد صديق، مهراڻ رسالو ص_ 159_201، 1973ع)

ٽالپورن جي دور (1197هـ/1783ع کان 1259هـ/1843ع) ۾ هيءَ علائقو مير ٺاري خان جي جاگير ۾ هو. سنڌ جي ٽالپورن، سکن ۽ افغانن جي اوچتن حملن جي بچاءَ لاءِ گچيري شهر جي اتر ۾ اٽڪل ٻن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ڪچو قلعو نهرايو هو جو سنيال نہ هوندي بہ ڪجهہ حصا بيٺل آهن. باقي ڍهي پٽ ٿي ويو آهي. هي ڪچو قلعو بچاءَ بند جي اندر آهي. انگريزن جڏهن 1843ع ۾ هن شهر کي فتح ڪيو تہ ان وقت بہ هتان جي ماڻهن انهن جي سخت مخالفت ڪئي ۽ لڙائي ڪئي جنهن ۾ لکمير بروهي (جنهن جي ملهوجن ٻگهين سان مٽي ماڻٽي ٿيل هئي ۽ گچيري ۾ ويٺل ملهوجا ٻگهيا ۽ راٺيجن ٻگهين جا بہ گهر سندس ياڻيجا آهن) ڏاڍو دليريءَ سان وڙهيو ۽ انگريزن جي ڪيترن فوجين جون سسيون، ڌڙ کان جدا ڪيون ۽ پوءِ پير هٽندو ملهوجن ٻگهين جي ويڙهي ۾ پهچي ويو ۽ هنن ٻگهين کيس هڪ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري لڪائي ڇڏيو. انگريز جيئن تہ ڪامياب ٿي ويا هئا ان ڪري هنن زوريءَ لکمير کي تالا پيچي گرفتار ڪيو ليڪن لکمير جي دليري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ بهادريءَ ڪي ڏسي انگريزن ملهوجن ٻگهين سان واعدو ڪيو تہ هو هن کي نہ ماريندا بلڪ هن کي اسين پنهنجو صوبو ڪري رکنداسين، اهڙي طرح انگريز لڪمير بروهيءَ کي ڪٽي ويا ۾ وري واپس نہ ڪيو.

(عيني شاهد ڏاڏي ملياٽي جنهن 1960ع ۾ هيءَ ڳالهہ ڪئي. 1843ع ۾ هن جي عمر 13 سال هئي ۽ 1960ع ۾ 117 سالن جي عمر جي هئي لَيڪن ان عمر ۾ بہ قرآن پاڪ جي تعليم ٻارن کي ڏيندي هئي- رسول بخش گچيرائي).

گچيرو شهر جيڪو 6 ڀيرا اڳ تباهہ ٿي وري آباد ٿيو سو وري ستون ڀيرو هي شهر ڦٽي ويو جنهن جا منهنجي نظر ۾ هيٺيان سبب آهن:

(1) انگريزن طرفان قومي شاهراه ٺاهڻ ڪري آمد و رفت ۽ واپار رستو قومي شاهراه بنجي ويو.

(2) جديد انڊسٽريل ۽ ٽيڪنالاجي جي ڪري آڏاڻن تي ڪپڙو ٺاهڻ ڪپهہ ٽاڻڻ ۽ هٿرادو هنرن وغيره جو زوال اچي ويو ۽ ماڻهو روزگار جي ڪري هن شهر مان لڏ پلاڻ ڪري قومي شاهراه تي آباد شهر ڏانهن منتقل ٿيڻ لڳا.

(3) پاڪستان ٺهڻ ڪري شهر مان هندن جو لڏي وڃڻ ڪري وڻج واپار ۽ تعليم وغيره کي ڪاپاري ڌڪ لڳو.

(4) ابتدائي انتظامي ڪمزورين جي ڪري ٻهراڙي ۽ ڪچي جي ڳوٺن ۾ بدامني ڦهلجي وئي ان سبب جي ڪري بہ ماڻهو لڏ پلاڻ ڪري ويا. بازارون ختم ٿي ويون هندن جي ماڙين کي ڍاهي پٽ ڪيو ويو اهڙي طرح هن شهر جي سهٽي رونق بلڪل ختم ڪئي وئي.صرف سنڌي پرائمري اسڪول جي عمارت وڃي بچي جيڪا انگريزن جي دور ۾ 1882ع ۾ ٺهي هئي ان تي بلڊنگ ۾ هلندڙ A:P ڪلاس ختم ڪيو ويو مطلب تہ سواءِ پنج درجا سنڌي بوائز پرائمري اسڪول ۾ صرف ڇوڪرن کي پڙهايا ويندا هئا. بهرحال هن وقت پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تي هن قديم شهر هن وقت قديم ڳوٺ جي صورت ۾ آهي جنهن کي آباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي 1965ع کان 1990ع تائين هن قديم ڳوٺ ۾ گورنمنٽ پرائمري اسڪول گچيرو جي نئين عمارت ٺهرائي وئي آهي. گرلس پرائمري اسڪول منظور ڪرائي ان جي نئين بلڊنگ عمارت ٺهرائي وئي، گرلس مڊل اسڪول گچيرو ۽ ان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمارت منظور ڪرائي ان جو ڪم مڪمل ڪرايو ويو. گورنمنٽ هاءِ اسڪول (بوائيز) منظور ڪرايو ويو ۽ ان جي عمارت نئين به ٺهرائي وئي، گورنمنٽ هاسپٽيل منظور ڪرائي ان جي عمارت به ٺهرائي وئي، ايگريڪلچر آفيس ٺهرائي وئي ليڪن اها هلائي ڪا نه وڃي ٿي. موري ڪان ڳچيري تائين پڪو روڊ جيڪو ذوالفقار علي ڀٽي ڪان ورتو ويو هو سو ٺهي راس ٿيو. 1976ع ۾ بجلي به ڳچيري ۾ اچي وئي. ڪڇي جي هيٺاهين وارن علائقن جا ماڻهو ڪافي تعداد ۾ هتي لڏي آيا آهن انڪري هن ڳوٺ جي آبادي وڌي رهي آهي. يونين ڪائونسل جي آفيس به هتي ٺي آهي مخدوم هنگوري رحه جي قديم مقبري جي سٺي نموني مرمت ڪرائي وئي آهي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موري تعلقي اندر سنڌ ڳوٺ سنڌار سنگت

سگا جُون 1972ع ۾ وجود ۾ آئي ۽ اسان جي ڳوٺ گچيري پراڻي جو رسول بخش ٻگهيو گچيرائي، 1973ع ۾ خان محمد پنهور جي توسط سان ڪراچيءَ ۾ سگاجي آفيس ۾ شميشرالحيدريءَ وٽ باقاعدي ميمبر شپ حاصل ڪئي، ۽ وري جڏهن 1976ع ۾ محمد خان سومرو موري سگا شاخ جو صدر بنيو. جيئن تہ خان محمد پنهور ۽ رسول بخش گچيرائي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران 72_1971ع ۾ ٿي ڳوٺن جي سڌاريءَ لاءِ سوچيندا هئا ۽ عملي طرح ڪم بہ ڪندا هئا، ان ڪري ڳوٺن کي سڌارڻ لا ۽ هڪ سنگت جوڙي وئي، جنهن ۾ خان محمد پنهور، رسول بخش ٻگهيو گچيرائي، علي نواز راڄپر، لعل محمد سولنگي ۽ ڪرم الله ٻگهيو شامل هئا جنهن ۾ پهريان چار تہ سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهندا هئا، باقي ڪرم الله ٻگهيو مسلم ڪاليج حيدرآباد ۾ پڙهندڙ هو. سنگت پهريون ڪم گچيرو پراڻو تعلقہ مورو ۾ 1971ع ۾ ٿي گورنمينٽ مڊل اسڪول بوائيز قائم ڪرايو جنهن ۾ استاد تہ گورنمينٽ ڏنا باقي جڳهہ ۽ فرنيچر جو پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تي هٿ ڪيا ويا.

سگا مرڪز طرفان سنڌ ۾ صحت سال ۽ ساهت سال ملهائڻ بعد 1982ع ۾ "ڳوٺ سڌار سال" ڪري ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو تہ گچيري پراڻي ۾ بہ ڳوٺ سنڌار سنگت کولي وئي، جنهن جو صدر نوجوان سماجي ورڪر شهيد نثار منگي کي مقرر ڪيو ويو ۽ ڳوٺ سڌار سنگت گچيرو طرفان هڪ سيمينار هاءِ اسڪول گچيرو ۾ ڪرايو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروگرام ۾ ڪافي ماڻهن شرڪت ڪئي جن ۾ خان محمد پنهور، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، عظيم سنڌي، رئيس امان الله ٻگهيو رئيس نورالدين ٻگهيو رئيس محمد يوسف ٻگهيو حاجي رسول بخش ٻگهيو وڪيل، حاجي رحمت الله ٻگهيو ۽ ٻيا شامل هئا. جڏهن ته نور محمد ٻگهيو وڪيل (حيدرآباد) لئبرريءَ لاءِ 500 روپيه روڪ ۽ ڪتابن سان گڏ پيغام پڻ موڪليائين جيڪو پڙهي ٻڌايو ويو. اسسٽنٽ ڪمشنر مورو سيمينار جي صدارت ڪئي.

هيءُ پروگرام گڇيري جي تاريخ ۾ نهايت مثالي سيمينار هو جنهن ۾ هاءِ اسڪول ۾ مردن جو سيمينار ڪرايو ويو هو اسپتال ۾ مردن جي مفت طبي ڪئمپ لڳرائي وئي. والي بال ٽورناميٽ، ڪبڏي ۽ ملهه جو اهتمام به ڪيو ويو هو ۽ ان ڪانسواءِ رسول بخش ٻگهيو جي گهر ۾ هڪ شامياني هيٺ عورتن جو وڏو سيمينار ڪيو ويو جنهن جي صدارت دادي ليلا ڪرڻ فرمائي ۽ مهمان خاص ڊاڪٽر قمر واحد (سنڌ يونيورسٽيءَ) ۽ اعزازي مهمان شيخ عبدالمجيد جي نياٽي بلقيس شيخ ۽ نسيم ميمڻ (بيگم خان محمد پنهور صاحب) هيون. ان ڪانسواءِ عورتن لاءِ طبي ڪئمپ پڻ لڳائي وئي جنهن ۾ ڊاڪٽر شيرين ڪيڙو ٻي ڊاڪٽر جنهن جو نالو وسري ويو آهي اُهي حيدرآباد هاسپيٽل مان آيل هيون انهن چيڪ ڪيو. مفت دوائن جو بندوبست ڪيو ويو هو. 300 عورتن کي چيڪ ڪيو ويو ۽ انهن کي مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون ۽ 400 مردن کي پڻ چيڪ ڪيو ويو ۽ مفت دائون ڏنيون ويون. سيني مريضن جي ڪاڏي جو بندوبست پڻ رسول بخش ٻگهيو گڇيرائيءَ جي طرفان ڪيو ويو ۽ مهمانن لاءِ پڻ.

هن پروگرام ۾ (1) هاءِ اسڪول گڇيرو ۾ لئبرري قائم ڪئي وئي (2) پبلڪ لئبرري پڻ قائم ڪئي وئي (3) عورتن لاءِ خصوصي لئبرري 'مارئي لئبرري' نالي سان قائم ڪئي وئي. رانديگرن کي انعام ڏنا ويا. مارئي لئبرري جو افتتاح دادي ليلا ڪرڻ فرمايو.

هاءِ اسڪول لئبرريءَ جو افتتاح اسسٽنٽ ڪمشنر مورو جناب مبارڪ خان هنگورو ڪرڻ فرمايو ۽ پبلڪ لئبرري جو افتتاح سنڌ ڳوٺ سڌار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪميٽي جي سيڪريٽري خان محمد پنهور ڪرڻ فرمايو. جڙ تہ سارو ڳوٺ سيمينار لڳو پيو هو، ۽ هڪ قسم جو جڙ تہ ڳوٺ سڏار ميلو لڳي رهيو هو.

خان محمد پنهور ڳوٺ سڏار تحريڪ دوران جيئن تہ پاڻ سنڌ يونيورسٽي جا مر شوزو ۾ جرنلزم (ماس ڪميونيڪيشن) ڊپارٽمينٽ جا باني چيئرمين پروفيسر هئا، ان ڪري اڏ پگهار تي موڪل تي لهي سنڌ جي ڳوٺن جو خصوصي دورو ڪيو هو.

هن تحريڪ ۾ خان محمد پنهور جي عبرت ۾ "ويچار ڪالم" ۽ پارس رسالي جو وڏو هٿ آهي. ان وقت سنڌ جي ڳوٺن ۾ جتي جتي پروگرام ٿئي پيو تہ هيءُ گيت عام تي ويو هو ۽ هر پروگرام جي زينت ٿي پيو.

مارن پنهنجن سان گڏ گهاريون،
اچو تہ گڏجي ڳوٺ سڏاريون.

واهڻ واهڻ علم رسايون
سڪ سان سنڌ سڄي جرڪايون
محبت جا ڪي واهڙ واهيون
اچو تہ گڏجي ڳوٺ سڏاريون

دنيا چنڊ تي پهتي آهي
سائنس جي اڄ مستي آهي
اٿو تہ سنڌ جا ڀاڳ سنواريون
اچو تہ گڏجي ڳوٺ سڏاريون

بيمارن جي خدمت ڪريون
نادارن جي واهر ڪريون
پنهنجي همت ساڻ ملهائيون
اچو تہ گڏجي ڳوٺ سڏاريون

گلڙا پنهنجا پيار سان پاليون
گڏڙيون، پاڀوهہ سان سانڍيون
علم ٻنهي کي خوب ڏياريون
اچو تہ گڏجون ڳوٺ سڏاريون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير چوي تو بزدل آهيون؟
ها البت ڪجهہ ڪاهل آهيون،
چرس ڀنگن جا اوتارا ڍاهيون
اچو تہ گڏجي ڳوٺ سڌاريون.

ڪلفت ۽ ڪيني کي ماري
سستيءَ جي عادت کي ٽاري
هر ۽ ڦار جو جادو جاڳايون
اچو تہ گڏجي ڳوٺ سڌاريون.

ننڍا، وڏا، پوڙها، پڪا
عمر، گلو ماما وڏا
مند وڃي پئي وارو ڪريون
اچو تہ گڏجي ڳوٺ سڌاريون.

رستن تي بس ڏوڙ وسي ٿي
اسڪولن ۾ سڃ وسي ٿي
گڏجي رستا مڪتب ٺاهيون
اچو تہ گڏجي ڳوٺ سڌاريون.

ميڙو متل آ، واڪا واڪا
پر جاڳي ٿي اڪ ڪاڪا
اٿو تہ سيني کي جاڳايون
اچو تہ گڏجي ڳوٺ سڌاريون.

رات ڪٽي آ، ٻاک ڦٽي آ
سانوڻ جي هيءَ رُت مٺي آ
هيج مان ڊولڻ کي سينگاريون
اچو تہ گڏجي ڳوٺ سڌاريون.
(ڊاڪٽر سليمان شيخ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واضح رهي تہ جڏهن ’سگا‘ تي پابندي لڳي هئي خان محمد پنهور 1983ع ۾ سنڌ ڳوٺ سڌار ڪميٽي کي ”سنڌ ڳوٺ سڌار سنگت“ جي نالي سان رجسٽرڊ ڪيو. جنهن جو چيئرمين خان محمد پنهور جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر حسين بخش ڪولاچي، تي وائيس چيئرمين (1) رسول بخش ڀڳهيو گچيراڻي سکر ڊويزن لاءِ ڊاڪٽر الهہ ورايو محمدي حيدرآباد لاءِ ۽ روشن علي ڀڳهيو ڪراچي ڊويزن جي لاءِ مقرر ٿيا. بهر حال ڳوٺ سڌار جي تحريڪ هلندي رهي ۽ سگا جو بہ آهستگيءَ سان ڪم هلندو رهيو. ڳوٺ سڌار سنگت لغاري بجراڻي جي سرپرست استاد بهاول خان لغاري پنهنجي مرڪزي وائيس چيئرمين سان رابطي ۾ رهندو آيو ۽ ڳوٺ سڌار جو ڪم بہ هلندو رهيو. ڳوٺ سڌار سنگت لغاري بجراڻي طرفان 1984ع ۾ هڪ ثقافتي ميلو لڳائڻ شروع ڪيو جنهن جو سرپرست بہ استاد بهاول لغاري ئي هو. پهرين سال ان ڪانسواءِ رسول بخش ڀڳهيو ڳوٺ اسماعيل ڀڳهيو ڳوٺ محمد رحيم چنڊ (هيسب)، ڳوٺ ارگو ڀڳهيو ڳوٺ جمن ڀڳهيو ڳوٺ عرض محمد لغاري ۽ ٻين ڳوٺن ۾ ڳوٺ سڌار سنگتون کوليون ۽ اتان جي ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪئي ۽ پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تي ڪم ڪرڻ جي ترتيب ڏني ۽ اڄ انهن ڳوٺن ۾ بجلي، صحت، تعليم ۽ روڊن جون سهولتون ميسر آهن.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالله خان جيسر

# موري تعلقي جون ڍنڍون

## ڍنڍ ڇا کي چئبو آهي؟

دريائي ٻوليءَ جي ماهر محترم استاد الهنواز ”رڪٽائي“ جي چوڻ مطابق ۽ ٻين ملاحن توڙي راقم الحروف جي مشاهدي مطابق درياهه مان پاڻيءَ جي وڏي ڇڏيل حصي کي جنهن جي چوڌاري سڪل زمين هجي ته ککي ڍنڍ چئبو آهي. جنهن منجهان مڇي ۽ پکين وغيره جو شڪار ڪيو ويندو آهي، پر جيڪڏهن وچ ۾ سڪل زمين هجي ۽ چوڌاري پاڻي هجي ته ان کي ٻيٽ چئبو آهي. درياهه جي ڇڏيل ڏورن کي ڍنڍون چئبو آهي، جيڪي درياهه جي وهڪرن بدلجڻ جي ڪري وجود ۾ ايندڙيون آهن.

**ڏونهي ڍنڍ:** هيءَ ديهه ملڪاڻيءَ ۾ آهي، جيڪا جتوئي صاحبن جي ڪيٽيءَ ۾ آهي. جنهن مان اڳي هر ڪنهن پهريءَ وقت ”300“ ”مڻ کن مڇي مرندي هئي. انهيءَ سان لڳ ”ريتي ڍنڍ“ آهي، جنهن مان به پهريءَ وقت ”100“ مڻ جي لڳ ڀڳ مڇي مرندي هئي. اُن زماني ۾ مٿين ڍنڍن جو ٺيڪيدار محمد قاسم ملاح هوندو هو.

**نظرعلي ڪورائيءَ واري ڍنڍ:** هي ڍنڊ ديهه لليا ۾ آهي. ان ڍنڍ منجهان به ڪنهن زماني ۾ ”200“ مڻ کن مڇي مرندي هئي، ان جو ٺيڪيدار بلاول“ ملاح ”راڄائي، لليا شهر جو رهاڪو هو.

**مستي خان جتوئيءَ واري ڍنڍ:** هن ڍنڍ ۾ تمام گهڻي مڇي اندازن هر ڪنهن پهريءَ وقت ”500“ مڻ کن مڇي مرندي هئي.

**ڍنڍ پراڻوَ درياهه:** هيءَ ڍنڍ ديهه صالحپور جي ڪيڙن صاحبن جي ڪيٽيءَ حاجي محمد اسماعيل شاهاڻيءَ جي نالي سان آهي. جنهن ۾ به پهريءَ وقت هزار مڻ جي لڳ ڀڳ مڇي مرندي هئي. هاڻي اتان درياهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙدي ويو آهي. درياهه هن وقت ڳوٺ ملڪ ”گل محمد کيڙي“ سان لڳو لڳ وهي ٿو.

**ڏيپارجن واري ڍنڍ:** هن مان هزارين من مڇي مرندي هئي. هيءَ تمام وڏي ڍنڍ آهي. هن جو ٺيڪيدار علي محمد ملاح هوندو هو.

**موري تعلقي جا پٽڻ:**

**لليا پٽڻ:** جيڪو ڪنهن زماني ۾ وڏو پٽڻ هوندو هو. جنهن تي غوراب به لنگرانداز ٿيندا هئا. پل نهڻ ڪانپوءِ اهو ختم ٿي ويو آهي، پراڻا جتوئيءَ مان پرائيويٽ پٽڻ آهي جتان اوسي پاسي جا ماڻهو ايندا آهن. اهڙن پٽڻن کي ”راجوئي پٽڻ“ چيو ويندو آهي. ان جو پاٽڻي دوست محمد، علي لال بخش هئا. انهن جي وفات کانپوءِ پيربخش ملاح پٽڻ سنڀالي رهيو آهي.

**ملڪن وارو پٽڻ:** هي به راجوڻي پٽڻ آهي. جنهن جو پاٽڻي امام بخش ملاح هوندو هو جيڪو وفات ڪري ويو هو هاڻي ان جو اولاد اهو پٽڻ سنڀالي رهيو آهي. درياهه هينئر پل نهڻ جي ڪري پنهنجو رخ متائي لليا شهر سان گڏ وهي ٿو پڻ پاٽڪ ڪري رهيو.آهي، جنهن مان ڳوٺ کي سنگين خطرو آهي. جيڪڏهن سرڪار ترت واهر نه ڪئي ته ڳوٺ برباد ٿي ويندا.

**خيري ديري وارو پٽڻ:** جيڪو به وڏيرن ڀڳهين جو ذاتي پٽڻ آهي.

**ڪوڪرن واري ڍنڍ:** جيڪا پڻ موجود آهي، جنهن ۾ اڳ تمام گهڻي مڇي مرندي هئي، پاڻي نه اچڻ جي ڪري ڪجهه سالن کان ويران آهي.

**گهارو ڪٽب:** جيڪا پڻ موجود آهي. جنهن ۾ به اڳ مڇي جام مرندي هئي، پر جڏهن کان پاڻي گهٽجي ويو آهي تڏهن کان هيءَ ڍنڍ به ويران ٿي وئي آهي. هيءَ ديهه ڳچيري پراڻي ۾ آهي.

**ديهه مسريءَ واريون ڍنڍيون:**

هن ديهه ۾ به ڍنڍون آهن جن مان ٿوري گهڻي مڇي مرندي رهي ٿي.

(1) شاهه مراد واري ڍنڍ (2) ٻيٺ ٻڍي واري ڍنڍ

مٿيون ٻئي ڍنڍون ديهه ٻيٺ ٻڍي ۾ آهن جنهن ۾ به ٿوري گهڻي مڇي مرندي رهي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**چريو واهڙ:** سالن کان پاڻي ڪونہ ٿو اچي واهڙ موجود آهي ان مان مڇي ڪونہ ٿي مري.

**سرائي شوڪت علي لغاريءَ واري ڍنڍ:** هي تمام وڏي ڍنڍ هوندي هئي جيڪا هاڻي قتل حالت ۾ موجود آهي.

**مئن ٻگھيي واري ڍنڍ:** جيڪا ديھہ خيري ديري ڪيٽي محمد مٺل خان ٻگھيي جيءَ ۾ آهي. جنهن جي ايراضي پنجويھہ سوءَ ايڪڙن ۾ آهي. جنهن مان ڪنهن زماني ۾ پنج کان ڇھہ هزار مڻ مڇي مرندي هئي.

**مائي قاپان واري ڍنڍ:** جنهن ۾ اڳي هزارين مڻ مڇي مرندي هئي پرهاڻي پاڻي نہ اچڻ جي ڪري سڪي وئي آهي.

**لغارن واري ڍنڍ:** اڳ هن ڍنڍ مان 1500 کان 1600 مڻ مڇي مرندي هئي. هن ڍنڍ جي پکيڙ اٽڪل 4 ميلن ۾ آهي. جنهن ۾ لغارن، ٻگھين ۽ سيٽڙن جون زمينون اچي وڃن ٿيون. پرهن ۾ بہ پاڻي نہ اچڻ جي ڪري مڇي ڪونہ مرندي آهي.

**عرض محمد لغاريءَ وارو واهڙ:** جيڪو پڻ موجود آهي، پاڻي نہ هجڻ جي ڪري هن مان بہ مڇي نہ مرندي آهي.

**ڪورائن واري ڍنڍ:** چند سال اڳ هن ۾ تمام گھڻي مڇي مرندي هئي ۽ مشهور ڍنڍ هوندي هئي.

**نوٽ:** اج ڪلھہ ملاحن جي گذر سفر جو ذريعو تمام تنگ ۽ ڏکيو آهي. درياهن ۾ پاڻي گھٽ هجڻ جي ڪري مڇيءَ جي پيدائش بہ گھٽ ٿي وئي آهي، هاڻي ملاح فقط ”دورن“، ”نپن“ ”گھاءِ“، ڀَنَ، ڪلوٽڙن ۽ ٻين ذريعن سان مڇي ماريندا آهن.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موري تعلقي جا پٽڻ ۽ ڪيٽيون

اسان جي ملڪ جي جياپي جو ذريعو درياءُ بادشاهه آهي جيڪو صدين کان هر جِيوَت کي جياريندو رهي ٿو. خاص طرح اسان جي سڀاجهڙي سنڌ جي سِيني تان سِرندو سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ختم ٿئي ٿو جنهن ۾ لکين ڪروڙين انسانن جو روزگار زراعت سان ڀرپور ٿي سنڌ جي سرزمين کي سائي پوشاڪ پهرائي جنت جهڙو بنائي ٿو مگر تعلقه مورو جيڪو سڄي سنڌ جو مرڪز ۽ دِل آهي ان کي درياءُ بادشاهه وڏيڪ نوازي فردوسي بهشت وانگر ڪريو ڇڏي.

هر جِيَوت کي سڄي حياتي ۾ فقط هڪ ڀيرو جواني ايندي آهي مگر درياءُ بادشاهه کي وڏي عمر هوندي به هر نئين سال اونهاري جو جواني ايندي رهندي آهي ۽ ساڳئي سال سياري جو پوڙهو ۽ جُهور ڪراڙو به ٿي ويندو آهي. جڏهن ڪراڙو ٿيندو آهي تڏهن سياري جو سُڪي نُوٽ ٿي ويندو آهي ۽ ڪيس پوڙهائپ ۾ بار به پيا لتاڙيندا اٽس ۽ هڪ ڪنڌيءَ کان ٻي ڪنڌيءَ تائين سولائيءَ سان ٽپي ويندا آهن مگر جڏهن اونهاري جو ڪيس جواني ايندي آهي ته نانگ وانگر وروڪڙ سان ڪَرَ ڪٽي اتر کان ڏکڻ طرف گجگوڙ ڪري تيز وهڪري سان رعب تاب ڪري اڳتي هلندو آهي، اڳيان ايندڙ ڳوٺ، واهڻ، وستي، جهر جهنگ زرخيز زمينون، وڻ ٽڻ جايون جڳهيون هستي سانَ پنهنجي پيٽ اندر ڳڙڪائي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. هزارين ڳوٺ ۽ شهر پنهنجي پاڻُڪ ۾ آڻي نابود ڪري ڇڏيائين ۽ لکين ايڪڙ شاد ۽ آباد زمينون وارِي جي پِٽن سانَ ڀرپور ڪري غيرآباد ۽ بيڪار ڪري ڇڏيائين.

**دريائي وهڪرا** :نهن هنڌن کي چٽبو آهي جتان درياءُ اڳ يا هاڻي وهندو هجي. اُونهاري جو جوانيءَ ۾ درياءُ بادشاهه هستي ۾ اچي ڪَپَرن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنارن کي پنهنجي پاڻ ڏانهن آڻي پنهنجو رُخ هڪ هنڌ کان ڦيرائي ٻئي هنڌ ڪندو رهندو آهي جيڪي هنڌ ڇڏي ايندو آهي انهن هنڌن کيِ ڍنڍون، ڍورا ڍيم، واهڙ، ڳُنب، ڇِڪڙ، تلهر بيٺ، ڍُٺ ۽ ڇِڇَ جي نالن سان سڏيو وڃي ٿو.

اڳ جڏهن ٻوڏون ٿينديون هيون ۽ درياءَ ۾ پاڻي گهڻو ايندو هو تہ هرسال درياءَ پنهنجو رُخ ڪيترن ئي هنڌن تان ڦيرائيندو هو مگر هاڻي سنڌونديءَ ۾ پاڻي گهٽ ڇڏڻ سبب اڪثر وهڪرا ساڳين ساڳين جاين تان جاري آهن.

دادو مورو پُل ٺهڻ بعد درياءَ جي اوُلهہ اتر وارو وهڪرو پُل کي نقصان پوڻ جي خطري سبب حڪومت پُل کي اولهہ اتر کان مَنگلي بند ڏيئي وهڪرو بدلائي ٻيءِ سائيڊ ۾ ڪرايو آهي جتان اڄڪلهہ پُل کان درياءُ وهڪرو ڪري رهيو آهي.

گذريل دؤر ۾ ريل گاڏيون روڊ ۽ سواري نہ هئي تہ واپار يا آمدرفت ٻيڙين وسيلي هوندو هو ۽ ٻن ٽن ميلن جي مفاصلي تي ڪنڌيءَ سان پتڻ هوندا هئا.

**پتڻ:**

ان کي چئبو آهي جتي ٻيڙيون درياءَ جي هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين اٺ گهوڙا مال مٿهو اناج پهچائن. اسان جي مورو تعلقہ جا خاص ۽ تاريخي پنج پتڻ هئا.

1۔ پتڻ جتوئي پراٽا 2۔ پتڻ مَلڪ 3۔ پتڻ چنيجا 4۔ پتڻ للِيا 5۔ پتڻ خيرو ديرو.

**1۔ پتڻ جتوئي پراٽا:** هتي وڏيون توڙي ننڍيون ٻيڙيون ٻيِنل هونديون هيون جيڪي مال ماٽهو وغيره ٽپائينديون هيون. هن پتڻ جا پاٽٽي يا ناٺڪا ٻئي ياٺر دوست محمد ملاح ۽ لعل بخش ملاح هئا. هن پتڻ جي اوير ۽ اولهہ پاسي جتوئي صاحبن جون ڪيتيون ۽ جاگيرون آهن.

**2۔ پتڻ ملڪ:** هي بہ مشهور ۽ وڏو پتڻ هو. هن پتڻ جي پاٽٽي جو نالو امام بخش ملاح هو. هتي پڻ ٻيڙيون ماڻهن ۽ عوام جي سُک خاطر ٻيِنل هيون اولهہ پاسي جاگير ڪيڙن جي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3ـ **پٽڻ چنيجا:** هي پٽڻ مَلڪ ۽ لليا جي وِچ ڏاري آهي هن پٽڻ جي پاتڻي جو نالو پڻ امام بخش ملاح هو. پٽڻ تي ٻيڙيون هُوڙها ۽ ڊُونديون بيٺل هيون. هن پٽڻ ۽ درياءَ جي اولهه پاسي جامن جي ڪيٽي آهي.

4ـ **پٽڻ لليا:** هي پٽڻ مورو شهر ۽ دادو شهر کي ڳنڍڻ جو ڪم ڏيندو هو هاڻي ان پٽڻ جي هنڌ دادو مورو پُل مخدوم بلاول جي نالي سان ٺهي آهي. شروع ۾ ٻيڙين جي پُل ٺهيل هئي ۽ هاڻي پڪي پُل ٺهي آهي. پٽڻ کان اوپر مورو تائين اولهه پاسي ۽ پٽڻ کان دادو شهر تائين ڪچا رستا هئا ماڻهو تانگن ۽ ٽيڪسين تي پٽڻ تائين ايندا ويندا هئا جن رستي ۾ جهاڪا ۽ ڌُوڙ گهڻي هئي تنهنڪري ماڻهن کي اچ وڃ لاءِ سخت تڪليف هئي خاص طرح عورتن پوڙهن ۽ ٻارڙن کي اچا بہ وڌيڪ ڏُشواري هئي. هن پٽڻ جي پاتڻي جو نالو الهہ اوباهيو ملاح هو. مورو ۽ دادو شهر آمهون سامهون هئڻ سبب پٽڻ تي سدائين رش هوندي هئي. پل ٺهڻ بعد تمام گهڻي سهولت ٿي آهي. هن پٽڻ جي اولهہ سائيڊ ۾ عَين وارو ٻيلو ۽ درياءَ جي اوپر ڏکڻ ۾ جاگير مري آهي.

5ـ **پٽڻ خيرو ديرو:** هي پٽڻ روايتن موجب اٽڪل 200 سالن کان هلندڙ آهي. پاتڻي جو نالو مُوسو ملاح هو. هن پٽڻ جي اوپر ۾ ڳوٺ ڳچيرو پراڻو ڳوٺ لغاري ٻجراڻي، ڳوٺ احمداڻي لغاري ۽ اولهہ طرف ڳوٺ خيرو ديرو ڳوٺ ڀَنر ڀِهنورَ ڳوٺ جهلو ڳوٺ ابُوطالب، ڳوٺ اميناڻي، ڳوٺ جهنڊياڻي، ڳوٺ بلاول پور، ڳوٺ مريد ديرو ۽ ڳوٺ ٽلٽي آهن. جن ڳوٺن کي درياءَ تي بيٺل ٻيڙيون ڳانڍاپي جو ڪم ڏينديون هيون. موسي ملاح جون بہ خوبصورت ۽ وڏيون ٻيڙيون طوفان اچڻ سبب درياءَ ۾ ٻُڏي ويون هيون.

گذريل سالن ۾ جڏهن ڌاڙيلن جو دؤر هو تہ ڌاڙيلن جي مارڪُٽ ۽ لٽ بہ ملاحن تي هئي تہ حڪومت ۽ پوليس جي مارڪٽ ۽ لٽ بہ ملاحن تي هئي تنهنجي ڪري ملاح ويچارا مجبور ٿي هاربي ۽ مزوري کي لڳي ويا تنهنڪري پٽڻ ڦٽي ويا پٽڻ ڦِٽڻ جو ٻيو سبب درياءَ ۾ پاڻي جي گهٽتائي ۽ دادو مورو پل جي سهولت سان پٽڻ اوج مان نڪري ختم ٿي ويا آهن. درياءَ جي ڪنڌيءَ تي اچا بہ ننڍيون ٻيڙيون، ڊُونديون، هُڙها، ڪنارون ۽ ساڪرو ٻيڙيون آهن جيڪي زميندارن ۽ هارين کي درياءَ جي ٻي ڪنڌيءَ تي زمين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آباد ڪرڻ لاءِ صبح شام تپائينديون آهن. بيڙين جي مالڪ ملاحن کي فصل لهڻ بعد لاپو ڏيندا آهن.

**ڍنڍ:**

ان کي چئجي جنهن تلاءُ کي چوڌاري سُڪي هجي. موري تعلقي ۾ جتوئن پراڻن هيٺان ڏيپارجن جي ڍنڍ آهي جيڪا مَلڪن ڳوٺ کان شروع ٿئي ٿي اتر طرف اتڪل ٻن ميلن کانپوءِ پُرت ڪيٽي ڏانهن وڃي ٿي جيڪا درياءَ جي اوپر سائيڊ آهي ڪاريجن جي ڍنڍ بہ سڏجي ٿي. درياءَ جي اولهہ سائيڊ رِپ ڍنڍ آهي جيڪا رئيس مسرورخان جتوئي جي ڪيٽي ۽ سندس ڪيٽي واري بنگلي کان ڪراس ڪري اتر طرف پاٽ شهر ڏانهن وڃي ٿي. گهٽي پوڏنہ اچڻ سبب سي ڍنڍون مشينن ۽ ٽيوب ويلن جي وسيلي ڪجهہ ڪجهہ حصا آباد ڪيا وڃن ٿا. دادو مورو پل جي اولهہ اتر سائيڊ ۾ ڪوريچن جي ننڍي ڍنڍ آهي. ڳوٺ ڪورائن کان اولهہ ۽ ميرڻ ماڇي جي ڳوٺ کان اولهہ ۾ بہ ڍنڍون آهن مگر چند سالن کان پاڻي نہ اچڻ سبب مشينن وسيلي آبادي هيٺ آهن. ڳوٺ احمداڻي لغاري هيٺان هڪ ڍنڍ آهي جيڪا ڏکڻ طرف حاجي عرض محمد لغاري جي ڳوٺ کان اُڀتي وهي ايندي آهي جيڪا اُتر طرف ڳوٺ بجراڻي لغاري جي ولي محمد لغاري جي اوطاق کان هيٺان اولهہ طرف وڃي ٿي ۽ اُها بہ پاڻي نہ اچڻ سبب مشينن تي آبادي هيٺ آهن.

ڳوٺ ملڪن سامهون درياءَ جي اولهہ طرف ڪيڙن جي ڪيٽي ۾ هڪ واهڙ آهي جيڪو اتر کان ڏکڻ جام جي ڪيٽي ڏانهن وڃي ٿو. ٻيو واهڙ چَڪُونير نالي سان پڻ آهي جنهن کي وچ تي وڏو ڊُبو يا تلاءُ آهي جتي اڪثر چڪور پکي وهندا هئا تنهنڪري هن واهڙ جو نالو چَڪو نير پئجي ويو هن ڪيٽي ۾ ڪارِي ڪُنڊ نالي بہ هڪ ڍنڍ آهي.

ڳوٺ منظور احمد لغاري احمداڻي جي ڳوٺ هيٺان مٺن ٻگهيو جي ڍنڍ اڄا تاءِ آهي پر آبادي هيٺ آهي.

جاگير مري ۾ درياءَ کان هڪ واهڙ نڪري ٿو جيڪو ڪوسن وارو واهڙ جي نالي سان سڏجي ٿو ڳوٺ بجراڻي لغاري تائين احمداڻن جي ڍنڍ سان گڏجي وڃي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽر پهنور ڳوٺ هينان پڻ واهڙ هو مگر درياءَ لَٽ ۾ واري وجهي ڇڏي ٺنهنڪري هاڻي اُهو واهڙ تلائن ۾ دُٻن جي صورت ۾ ڏٺي ويو آهي.

ڳوٺ خيرو ديرو کان اوپر ۾ پٽڻ کان اولهه طرف چريو واهڙ آهي تمام تيز وهڪري وهڻ سبب سندس نالو چريو واهڙ پئجي ويو پاڻي نه اچڻ سبب ڪجهه حصا آباد آهن ته ڪجهه حصا وارِي جا دڙا لڳا پيا آهن.

ڊيم: ان کي چئجي جتان درياءَ وهڪرو ڇڏي ڊنڊ ڪري وڃي ۾ ان ۾ پاڻي تمام اُونهو ۽ گهٽو هجي. دادو مورو پل جي الهندي اتر سائيڊ سان شاهاڻين، چانڊين، خُشڪن ۽ ماڇين جو ڊيم سڏجي ٿو جيڪو وڏو ڊيم آهي. سندس ٻنهي ڪنارن سان مشينون لڳل آهن زمينون آباد ڪيون وڃن ٿيون. جنهن جڳهه تي زمين سخت هجي ۽ درياءَ پنهنجي پائڪ ۾ نه آڻي سگهي ۽ واپس هليو وڃي ته ان هنڌ کي چڪڻ واري ڊنڊ ڪري سڏجي ٿو. ڪورائن واري ڊنڊ کي پڻ چڪڻ واري ڊنڊ ڪري چوندا آهن.

**گٽنب:** ان کي چئجي جنهن تلاءَ ۾ پاڻي ڪپر لهڻ سان اُونهو هجي گچيرو پراڻو ۽ مهرن گهرن پرسان گٽنب آهن.

**ڇڇ يا جهول:** ان کي چئجي جتي پاڻي آنريل ۽ بيٺل هجي ۽ گهٽي ايراضي ۾ پکڙيل هجي جيڪو علائقو ڪيڙن جي ڪيٽي ۾ موجود آهي.

**تلهر:** ان هنڌ کي چئجي جنهن علائقي ۾ پاڻي گهٽي ايراضي ۾ پکڙيل هجي پر ڪٿي پاڻي وڏو هجي ته ڪٿي ننڍو هجي هي علائقو پڻ ڪيڙن جي ڪيٽي ۾ آهي.

جاگير مري ۾ ملاحن وارو ڍُٻو اچا تائين آهي مگر پاڻي نه اچڻ سبب مشينن سان آباد آهي. ڪيٽي بجراڻي لغاري ۾ بجر خان لغاري جو ڍٻو به هاڻي آبادي هيٺ آهي. جاگير مري ۾ خير محمد لغاري جو ڍبو ۽ علي مردان لغاري جو ٻُٺ وارا علائقا آهن. بيلي خيرو ديرو ۾ پڻ جتوئن جو واهڙ سڏجي ٿو.

**شڪار گاهه:** ڪيٽي جتوئي، ڪيٽي ڪيڙا، ڪيٽي جام، ڪيٽي مري ڪيٽي لغاري بجراڻي، ڪيٽي احمداڻي لغاري، ڪيٽي ٻگهيا، بيلو عين ۽ بيلو خيرو ديرو شڪار گاهه هوندا هئا، انهن جون حدون درياءَ جي اولهه پاسي به آهن ته اوپر پاسي به آهن ڪيٽي جتوئي درياءَ جي اولهه توڙي اوپر پاسي آهي. ڪيٽي ڪيڙا فقط اولهه سائيڊ آهي جاگير مري درياءَ جي اولهه ۽ اوپر آهي، ڪيٽي بجراڻي لغاري ۽ ڪيٽي احمداڻي لغاري درياءَ جي فقط اوپر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاسي آهن. هن وقت ٻيلا ختم ٿيل آهن ۽ ڪيٽيون پڻ محدود ٿي ويل آهن. ڪيٽين جا مالڪ ٻوڏن نه ٿيڻ سبب مشينون لڳائي زمينون آبادي هيٺ آڻي ڇڏيون آهن. خاص ۽ وڏن زميندارن پنهنجون ڪيٽيون شڪار گاهه لاءِ رکيو اچن. جهڙوڪ رئيس مرتضيٰ خان جتوئي رئيس مسرور خان جتوئي ۽ رئيس عاقب خان جتوئي وغيره جن ۾ فقط مالڪ شڪار ڪندا آهن. باقي عام لاءِ اجازت نه آهي، اُن جهنگ ۾ ڦاڙهو تتر ۽ مرون جو شڪار اڄ به ٿئي ٿو باقي ٻيلا يا ٻيا علائقا ختم ٿي ويا آهن نه اُهي جهنگ نه جانور نه پکي نه شڪار ٿي آهي.

خاص طرح درياءَ جي اولهه پاسي ٻيلا ۽ ڪيٽيون ڪروڙن جي قومي ملڪيت هيون جن ۾ ٻاڳين جا ٻاڙ ۽ وٿاڻ هئا، گاهن جي اوج هئي تنهنڪري مالوند ماڻهون مينهون، ڍڳيون، ٻڪريون ۽ رڍون ٻيلن ۽ ڪيٽين ۾ وٿاڻ ۽ ٻاڙ ٺاهي رهندا به هئا ۽ مال به چاريندا هئا.

ڪيٽي جتوئي ۾ خاصخيلي، ماڇي ۽ چانڊين جا ٻاڙ اڄا تائين آهن. ڪيڙن جي ڪيٽي ۾ کوکرن، شاهاڻين ۽ چانڊين جا ٻاڙ هئا علاوه سيدن، ٻُٽن ۽ خشڪن جا ٻاڙ هئا.

هن ڪيٽي ۾ ٻيڙو کوکر ۽ قائم چانڊيو وڏا ٻاڳيا هئا (زباني ولي محمد کوکر عرف پناڻ ڳوٺ ملڪ تعلقه مورو) ڪيٽي مري ۾ ميرو ڪوسو علي حسن ڪوسو احمد ڪوسو ۽ مهرو ڪوسو جا ٻاڙ هئا. ڪيٽي ٻجراڻي لغاري ۾ دوسن لغاري، تاجن لغاري ۽ رحيم لغاري جا ٻاڙ هئا. ڪيٽي احمداڻي لغاري ۾ حاجي شوڪت علي لغاري، حسين بخش لغاري، مٺن ٻگهيو ۽ آدم ٻگهيو جا ٻاڙ هئا.

عين واري ٻيلي ۾ ڪمال ۽ نوبت جتوئي جا ٻاڙ اڄ به موجود آهن. ٻيلي خيرو ديرو ۾ ٻاجهي جتوئي، وريام جتوئي ۽ نواب جتوئي جا ٻاڙ هئا.

هاڻي، ويو نه سي وونٽڻ وٽن ۾ نه سي ڪاتاريون، وانگر ٻُل هٽڻ سبب نه آهي، ٻنڻن جي اوج ٻاڻي نه هٽڻ سبب نه وهڪرن، ڍيمن، ڍنڍن، ڍورن جي اوج گاهن نه هٽڻ سبب نه ٻاڻن ۽ وٿاڻن جي اوج ۽ جهنگ نه هٽڻ سبب نه شڪار جي اوج. ملڪن جي ڳوٺ ڪان اولهه طرف بلڪل نزديڪ درياءَ پنهنجو وهڪرو اچا تاءِ جاري رکيو اچي. گذريل ڏوڙ ۾ ٽي يا چار ڀيرا درياءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پائڪ ڪان ڳوٺ ملڪ بچي ويو آهي. روايتون آهن تہ سيد اسحاق شاهہ ڦُلن واري درويش جي دعا سان درياءُ واپس موٽي ويو.

ٻيو دفعو سَتِي جَتي آرياٽي جي دعا سان ڳوٺ بچي ويو (راوي ولي محمد ڪوڪر عرف پناڻ ڳوٺ ملڪ تعلقہ مورو) ٽيون دفعو ملڪن جي شهر ڪان اولهہ پاسي مسجد شريف جي بابرڪت سان درياءُ واپس موٽي ويو آهي.

(راوي استاد محمد ابراهيم رانوڙ ڳوٺ ملڪ تعلقہ مورو)

شونقئُون سجايل سنڌُوءَ جا. اُجڙي ويا سڀ سانگ
سُرڪِي ناهي سنڌوءَ ۾ ساگر لڳي آگ
لکين ڏين پيا لاڳ. دُعائون هن درياء کي

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موري تعلقي جا واهہ ٻيلا ۽ شڪار

**سنڌو درياءُ:**

جڏهن انسان شڪاري دؤر واري زماني ۾ ٽولين جي صورت ۾ چراگاهن اندر رهائش اختيار ڪئي ان زماني ۾ انسان پنهنجو ڪيل. شڪار ٻين ٽولي وارن سان ونڊي ورهائي کائڻ جوڳڻ سکي ورتو هيو. شايد ان ئي زماني ۾ عورتون، ٻار ۽ ڪمزور وڏي عمر وارا شڪار ڪرڻ کان آجا ٿي ويا هئا.

تهذيب طرف انسان جون اهي پهريون وکون هيون. ان ئي زماني ۾ عورتن واندڪائي جي ڪري جانورن جا ٻچا پالڻ ۽ مختلف جنسن (ٻجن) کي وري پوکڻ جو هنر سکيو هوندو.

انسان جانور ۽ پوک لاءِ منو پاڻي بنيادي عنصر آهي. اهو ئي سبب آهي جو دريائن ۽ ندين ڏانهن انسان جي رغبت ٿي. دنيا جي اڪثر تهذيبن جي شروعات قديم دؤر ۾ دريائن ۽ ندين جي ڪنارن تي ئي ٿي آهي.

سنڌو درياءَ جي ڪپ تي مهين جي دڙي جا آثار اڄ بہ اوچي ڳاٽ واديءَ سنڌ ۽ سنڌوءَ جي شاندار ماضيءَ جي شان جي شاهدي ڏئي رهيا آهن. جيئن تہ منهنجو موضوع محدود آهي. ان ڪري آنءَ سنڌ ۽ ان جي تهذيب بابت وڌيڪ نٿو لکي سگهان.

**وهڪرن، واهڻن، واهن ۽ ڍورن جي اهميت:**

انگريزن طرفان سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ سنڌو درياءَ نہ رڳو پاڻيءَ جي ذريعي هن ڌرتيءَ کي سرسبز ۽ آباد ڪندو هيو. پر سفر ۽ وڻج واپار لاءِ اڄ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچ جو ڪم بہ ڏيندو هيو. ۽ سنڌوءَ جا وهڪرا نہ رڳو پوکي راهي جو ذريعو هيا پر لنڪ روڊن جو ڪم بہ ڏيندا هيا.

سنڌو درياءَ تہ بارهن ئي مهينا نيشنل هاءِ وي جو ڪم ڏيندو هيو پر ان جا وهڪرا اڪثر ٻوڏ واري وقت لنڪ روڊن جو ڪم ڏيندا هيا. سنڌ جو پر ڏيهہ ڏانهن جيڪو وڻج واپار ٿيندو هيو. اهو بہ موسم جو محتاج هيو. ڇو تہ ان زماني ۾ بہ پر ڏيهي واپار جو دارو مدار موجوده زماني جئان سمنڊ تي ئي هوندو هيو.

جيئن تہ موجوده دؤر ۾ جديد ترين طاقتور مشينري جي موجودگي سبب انسان موسم جو محتاج نہ رهيو آهي. پريراڻي زماني ۾ جن ٻيڙن يا گورابن جي ذريعي پرڏيهي واپار ٿيندو هيو. انهن ۾ ساموندي طوفانن جي سٽ سهڻ جي سگهہ نہ هوندي هئي.

تنهنڪري صرف انهن موسمن ۾ ئي سفر ڪيو ويندو هيو جن موسمن ۾ ساموندي طوفان اچڻ جو خطرو نہ برابر هوندو هيو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ انهن موسمن جو ذڪر ڪيو آهي.

لڳي اتر اوهريا، واهوندي ورن (ساموندي)

مطلب تہ وڻجارا سياري جي شروعات ۾ سفر لاءِ روانا ٿيندا هيا ۽ بهار ۾ وري واپس موٽندا هيا.

هوڏانهن مئي مهيني ۾ وري سنڌو درياءَ ۾ پاڻي وڌڻ شروع ٿيندو هيو ۽ اڪثر آگسٽ مهيني جي آخر تائين درياءَ پنهنجي پوري عروج تي پهچي ويندو هيو. جنهن مان ڪيترائي ڍورا. واهہ- واهڙ- ڪڙيا وغيره وهي پوندا هيا ۽ سنڌ جا ننيا واپاري سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن مان سامان خريد ڪري انهن وهڪرن (لنڪ روڊن ذريعي) ننڍين ٻتيلن جي ذريعي اهو سامان پتڻ تي پهچائيندا هيا. پتڻ تي وري وڏين ٻيڙين تي اهو سامان لڏيو ويندو هيو. اهي ٻيڙيون هڪ سئو خرار (2000 مڻ) کان بہ وڌيڪ وزن کڻنديون هيون. اتان اهو سامان سنڌو درياءَ جي وسيلي بندر تائين پهچايو ويندو هيو. اتان وري وڏا واپاري اهو سامان وڏن ٻيڙن/ گورابن ذريعي ٻين ملڪن ڏانهن کڻي ويندا هيا. جيئن شاهہ عبداللطيف اسانکي ٻڌائي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سودو ڪَن نہ سَوَن جو وڏا وهائو.
سامونڊي سائو لنڪا لوپي آئيا.

(سرسامونڊي)

سنڌو درياءَ اندر وڏين ٻيڙين جي هلڻ جو اهو سلسلو ڄامشوري واري پل ٺهڻ تائين جاري رهيو.

سنڌو درياءَ جا پراڻا وهڪرا

قديم دؤر ۾ هن درياءَ کي مختلف نالن سان سڏيندا هيا. جن ۾ لوهاڻو پراڻ، ڍورو هاڪڙو ۽ مهراڻ وغيره شامل آهن.

چون ٿا تہ ڪنهن زماني ۾ الور کان زلزلي سبب جبل جي ٽٽڻ جي ڪري درياءَ رخ موڙيو هيو ڪن جو چوڻ آهي تہ درياءَ کي ان جاءِ کان بند ڪيو ويو هيو جنهن سبب آباد علائقا ويران ٿي ويا. شاهہ لطيف بہ ان ويرانيءَ جو ذڪر ڪيو آهي.

سڪي ڍور ڍيون ٿيو ڪنڌيءَ ڏنو ڪاٿو
سو پاٽي پٽيهل ۾ اڳيون نہ آيو
ماڻهن ميڙائو ڪهين ڪهين پيٽئين.

"سرڏهر"

يا

سچ ڪ سڪو ڍور ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريا،
جنگن چڏيو زور سَرَ سڪاسونگي گيا.

"سرڏهر"

درياءَ جي رخ متجڻ جي ڪري اهي علائقا جيڪي آباد نہ هئا اهي آباد ٿي ويا اهو دؤر سمن جي صاحبيءَ کان ٿورو اڳ يا سمن وارو دؤر هوندو جيئن ساموئي يا ماموئي فقير جي هن بيت ۾ ذڪر ملي ٿو.

هاڪ وهندو هاڪڙو ٻجندي ٻنڌاروڻ
ٻهہ، مڇي ۽ لوڙهہ سمي ويندا سوڪڙي.

"ماموئي فقير"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن الور کان درياءَ رخ موڙيو تہ پوءِ درياءَ موري تعلقي جي اوپر کان پريا شهر ۽ پريا روڊ واري علائقي جي وچ کان وهندو هيو اتان ٽيندو گهيڙ گجو کان ڪلهوڙا اسٽيشن وٽان وري موجوده قلن واري واهہ کان اولهہ طرف وهندو هيو اتي ان جا نشان اڄ بہ موجود آهن. ان درياءَ جا نشان ٻانڌي جي پير ۾ ۽ سانگهڙ ضلعي تائين موجود آهن. اٿين اٿلندو اٿلندو درياءُ موري جي اولهہ کان دادوءَ طرف وهڻ لڳو. چون ٿا تہ درياءُ سڄي سنڌ کي اٿلايو آهي ان ڪري ئي مقامي ماڻهو درياءُ کي درياءُ شاهہ، درياءُ پير خواجہ خضر وغيره جي نالن سان سڏيندا آهن. جڏهن انگريزن سکر وٽ درن واري پل ٻڌي ٻئراج ڪڍيا تہ ڪافي حد تائين درياءُ ڪنٽرول ۾ اچي ويو. مقامي ماڻهن مان ڪجهہ ماڻهن ان زماني ۾ انگريزن جي ان عملي کي درياءُ بادشاهہ جي شان جي خلاف ٿي سمجهيو جنهن سبب ڪجهہ سگهڙن انگريزن جي خلاف شعر بہ چيا.

درياءُ پير دادلا توسان حرامين ڪئي حرڪت،
توکي سکر کان ڪٽي هنيا ٽن در
ڪچو سڙي کهجر ٿيو پڪي تي ٿيا هن جر.
(امام بخش فقير)

سکر واري پل ٺهڻ جي باوجود موري تعلقي ۾ ويجهي ماضيءَ ۾ يعني دادو مورو پل ٺهڻ کان اڳ درياءُ ڪيترائي ڀيرا رخ بدلايا آهن. درياءُ دادو مورو پل ٺهڻ کان گهٽو اڳ سيالن جي ڳوٺ ۽ نانگي شاهہ کان اوپر طرف وهندو هيو. اتي هن وقت بہ درياءُ جو ڇڏيل واهڙ ۽ ڍنڍ موجود آهي، ان ڍنڍ کي ونڊيرن واري ڍنڍ سڏيندا هيا جيڪا واڌو ڳوٺ تائين هوندي هئي.

• ان کان پوءِ ميان صاحب ملڪاڻي جي درگاهہ کان ميل ڏيڍ اوپر ۾ دادو تعلقي جي ديهہ ملڪاڻي ۽ موري تعلقي جي ديهہ لليا جي وچ کان درياءُ وهندو هيو.

• ان کان پوءِ موجوده داني چانڊئي جي ڳوٺ کان درياءُ وهندو هيو اتان اڄ بہ پوڙهي وقت تمام وڏو واهڙ وهندو آهي. جنهن کي مقامي ماڻهو چريو واهڙ يا خوني واهڙ سڏيندا آهن. ماڻهن جو چوڻ آهي تہ هي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهڙ هر سال خون ڪندو آهي يا مال ماريندو آهي، ان ڪري ئي هن تي اهي نالا پيا آهن.

• ان بعد وري درياءُ رخ بدلايو ۽ جتي اڇي وهيو اتي اڄ بہ واهڙ موجود آهي. جيڪو ڪيتي جتوئي ۽ ڪيڙن جي ڪيتيءَ جي وچان نڪري پنيي ديري کان ٺونٽ هٽي قري اچي ڊيمر ڪي پري ٿو. اهو ڊيمر P.S جهلو اٿٿ رسول آباد جي پرسان جيڪا منگلي آهي ان جي اولهہ طرف دادو موري واري روڊ جي پر ۾ آهي، هن ڊيمر ۾ بارهن ئي مهينا پاڻي هوندو آهي. اهو واهڙ ڊيمر کي پري پوءِ گدڙ پلي نالي موريءَ مان گذري بند اچڻ کان اڳ چوهاڻن جي ڳوٺ جي پر ۾ ڪالوري ۾ اچي پوندو هيو. اتان پوءِ مزني واري ڪنب کي اچي پريندو هيو ڪنب کان پوءِ وري اچي چرئي واهڙ سان گڏبو هيو. ڪنب ۽ چرئي واهڙ کي ملائيندڙ اها ڪسي اڄ بہ موجود آهي.

• ان کان پوءِ درياءُ موجوده دادو مورو پل جي لڳ اولهہ طرف کان موجوده مير محمد سولنگي جي ڳوٺ کان گذرندو هيو اهو ڍورو اڄ بہ موجود آهي، جنهن کي قر وارو ڍورو سڏين ٿا، اهو ڍورو جهلي شهر سان لڳ اوپر طرف کان ٿيندو پٽرن پنهورن جي ڳوٺ کان گذري جتوئين جي ڳوٺ چانڊيءَ وٽ ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿو. اڳتي هلي خيري ديري تائين پهچندي وري بہ هڪ تي ٿو وڃي.

## ڍورا ـ واهہ ـ واهڙ ۽ ڍنڍون:

سنڌو درياءَ جي وهڪرن واري باب ۾ مان ڪجهہ واهڙن ۽ ڍنڍن جو ذڪر ڪري آيو آهيان، رهيلن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

• جهلي کان هڪ ميل پري اوپر ۾ اتر جي ڪنڌ تي ٻبر پير وٽان هڪ ڪسي درياءُ مان نڪرندي هئي، جيڪا ٺهڪڻ نالي ڍنڍ کي پري وڃي ڦٽي واهڙ ۾ پوندي هئي، اهو واهڙ موجوده دادو شهر جي ويجهو وڃي گذرندو هيو.

• اڇڙو واهڙ: هي واهڙ پراڻا لليا ڳوٺ کان نڪرندو هيو جيڪو فاضل جاگير کان ٿيندو وڃي لغارين جي ڍنڍ ۾ پوندو هيو اتان نڪري وڃي گچيري واري گٽب کي پريندو هيو. اتان پونگر ماڇيءَ جي ڳوٺ کان گهاري کي پري پوءِ ٻيلا ٽي پير کان ٿيندو ديوان واري موريءَ کان گذرندو هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• سنهڙي ڳوٺ جي اتر طرف کان به واهڙ نڪرندو هيو جيڪو وچي ميرڻ ماڇي واري ڍنڍ کي پريندو هيو.

• ملڪن جي ڳوٺ کان به هڪڙو واهڙ نڪرندو هيو جيڪو پٺن جي ڳوٺ جي پرسان گذري جوٽالي ۽ چنيجن جي ڳوٺ جي پرسان گذرندو هيو.

• گاڏهرو واهڙ سنڌوءَ مان ملڪن جي اتر طرف کان نڪري راڄي ديري کان اولهه طرف کان ڳوٺ نورمحمد سولنگي ۽ ڳوٺ بخشل ملاح جي وچان گذرندو هيو صالح پور جي اولهه ۾ اڄ به ان جا نشان موجود آهن.

• صرفو ڊورو ڳوٺ مڇر ۽ ڳوٺ عثمان پٽو جي اولهه طرف ڪچي ۾ موجود آهي.

• ڪلڻ ڊورو ڳوٺ فتو ٻلال جي لڳ اڄ به ان جا نشان موجود آهن.

• قاسم ڪور راڄي ديري جي اوپر طرف کان وهندي هئي هن کي دين محمد ڪيڙي وارو ڪور به سڏيندا آهن.

• ڪوريجن واري ڪور ڳوٺ نور محمد سولنگي کان سڏ پنڌ تي ڏکڻ طرف ان جا نشان موجود آهن. هن جي ڪنڌي تي ڪنهن بزرگ جي تربت به آهي، وڏيري الهه بخش ڪوريجي واري ڪور به سڏبي آهي.

• وهري واهه موجوده ڳوٺ عثمان خاصخيلي ۽ ڳوٺ زمان کوسي جي وچ ۾ ان جا نشان ملن ٿا. هي واهه پنهنجي زماني جو تمام وڏو واهه هيو ۽ هن علائقي جو قديم واهه هيو. الور کان جڏهن درياءُ رخ مٽايو ۽ هن علائقي مان وهڻ لڳو هي واهه ان زماني جو آهي. هيٺين واهن ۽ ڇاڙن مان ڪجهه ان واهه مان ئي نڪرندا هيا.

• مير واهه نوان جتوئي کان اوپر طرف هيو هي واهه شايد داد واهه مان نڪرندو هيو. ديهه چانڊي ۽ دوري ٻهڻ تائين هن جا آثار ملن ٿا.

• **پورڙي:** مير واهه مان وري پورڙي نڪرندي هئي.

• **الاول واهه:** مير واهه مان ڳوٺ اميد علي پٽي جي آس پاس کان نڪرندو هيو دوري ٻهڻ جي اتر کان ٿيندو ڳوٺ فريد کوکر ڳوٺ عالد بروهي، شيخو ٻهڻ کان ٿيندو مير محمد لاشاري ڳوٺ کان وچي گذرندو هيو

• **محبت واهه:** مير واهه مان نڪرندو هيو موجوده مناهين کان گذري غريبو ٻهڻ وٽان ٿيندو درسن جي پرسان اچي گذرندو هيو.

• **غلام محمد واهه:** نوڙهن کان اوپر طرف هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ڳاڙهو ڍورو: ابڙان کان اوپر طرف هوندو هيو هن جو ڪجهہ حصو اج بہ موجود آهي.

• داد واهہ: هن علائقي ۾ اهو ٽي واهہ آهي جنهن جو تمام گهڻو حصو اج بہ ساڳي شڪل ۾ موجود آهي. هي واهہ منياڻي کان اولهہ طرف تي ڪاريجن کان اتر طرف سنڌوءَ مان نڪرندو هيو. ان واهہ جا نشان موري تعلقي ۾ نوان جتوئي کان وٺي شاهپور جهانيان تائين اصل شڪل ۾ موجود آهن.

• داڙو هڪرو: نوان جتوئي جي اوپر مان وهندو هيو.

• ڦاڙهہ وهڪرو: نوڙهن جي ويجهو اوپر طرف وهندو هيو.

• بيلا ٽي: هي نوڙهن جي ڏکڻ طرف کان وهڪرو هيو. هن علائقي ۾ موجود واهن، واهڙن، ڍنڍن ڍورن جو لکيل تاريخ ۾ ڪو خاطر خواهہ ذڪر موجود نہ آهي.

• البت جڏهن سنڌ ۾ زمين جي سروي ڪئي وئي تہ انهن نقشن ۾ ڪيترن ئي واهن، واهڙن، ڍنڍن، ڍورن ۽ ڪسين وغيره جا نشان ڏنا ويا آهن. ان کان علاوه انگريز عملدارن سنڌ جي موجوده ايريگيشن نظام کان اڳ واري آبپاشي نظام تي ڪجهہ تحقيق ڪئي آهي. علاوه ازين سياحن بہ ڪٿي ڪٿي ڪن واهن ۽ وهڪرن جو ذڪر ڪيو آهي.

ان مان ڪجهہ اقتباس هيٺ ڏجن ٿا جن ۾ موري ۽ آس پاس جي واهن جو ذڪر ملي ٿو.

• ايڇ. ٽي. سورلي جو ڪتاب سنڌ گزيٽيئر جنهن کي پوءِ ويسٽ پاڪستان گزيٽيئر جي نالي سان ڇپرايو ويو. ان ڪتاب ۾ هو صاحب (ص 451) تي ڊيل هو سٽ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ سنڌ ۾ انگريزن جي ايريگيشن نظام کان اڳ هيٺيون شاخون يا واهہ وهندا هيا.

• نارا. پراڻ. اڙل. ڦليلي. گوني. پڇاري. گونگڙو. لکي. سيتا. بگهياڙ وغيره.

**نارا واهہ:** مختلف سياحن جي لکيڻ مان اهو اندازو ٿو لڳي تہ هي واهہ موري تعلقي يا ان جي آس پاس سنڌوءَ مان نڪرندو هيو جيڪو منڇر ڍنڍ کي بہ سنڌوءَ سان ملائيندو هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي پي ايسٽوڪ جي ڊائري نئين مصر جا پراڻا ورق، اهو ترجمو ممتاز حسين پناڻ ڪيو آهي. جنهن جي (ص 30) هو لکي ٿو تہ اسين جولاءِ مهيني ۾ سيوهڻ کان ٻيڙيءَ جي رستي منڇر ڍنڍ تي پهتاسين، اتان وري ساڳي ٻيڙي ۾ نارا واهہ جي رستي، ٻهاول پور ڳوٺ جي پرسان سنڌو درياءَ تي پهتاسين.

**نوٽ:** منهنجو خيال آهي تہ ترجمو ڪندڙ کان ڳوٺ جي نالي ۾ پل ٿي آهي. اهو ڳوٺ ٻهاول پور نہ پر بلاول پور آهي جيڪو موري تعلقي جي ديهہ خيري ديري پرسان اڄ بہ موجود آهي.

- ايچ. ٽي. سورلي ويسٽ پاڪستان گزيٽيئر جي (ص 451) تي مسٽر جيمس جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ. شاهپور ڳوٺ جي نالي سان سڏجندڙ شاهہ ڪئنال، جيڪو ميان نور محمد ڪلهوڙي کو ترايو هو. اهو هن وقت زبون حال ۾ ٿي چڪو آهي.
- ساڳئي ڪتاب جي (ص 454) تي سورلي لکي ٿو نوابشاهہ ضلعي وارو نو لکي واهہ ڪلهوڙن کان بہ اڳ جي دؤر جو آهي، ساڳئي ضلعي ۾ نصرت ڪئنال ميان نور محمد ڪلهوڙي کو ترايو.

## موري ۽ آس پاس جون ڍنڍون:

**ڍنڍ بابت:** درياءَ جڏهن رخ مٽائيندو آهي ۽ ٻئي هنڌ وڃي وهڪرو ناهيندو آهي تہ جتي اڳ وهندو هيو اتي ڪٿي ڪٿي ڍنڍون ڇڏي ويندو آهي ۽ ٻوڏ جي موسم ۾ نہ رڳو درياءَ اڇي انهن ڍنڍن کي ڀريندو آهي، پر ٻوڏجي پاڻيءَ ۾ جيڪا ننڍي مڇي ايندي آهي اها بہ اتي رهجي ويندي آهي. جيڪا ان ڍنڍ ۾ ئي وڏي ٿيندي آهي. ۽ ٻارهين مهيني سياري جي مند ۾ جڏهن سرد علائقن ۾ برف باري ٿيندي آهي تہ اتان جا پکي گرم ملڪن جو رخ ڪندا آهن، اهي بہ اچي هنن ڍنڍن تي لهندا آهن ۽ انهن مان ڪيترائي شڪار ٿي ويندا آهن.

- چرئي واهڙ جي پر ۾ سوني جتوئي جي ڳوٺ وڏي ڍنڍ هوندي هئي.
- سيالن ۽ نانگي شاهہ جي پر ۾ ونڊيرن واري مشهور ڍنڍ هئي.
- ڪيتي جتوئي جي پر ۾ مهرائي واري ڍنڍ.
- P.S جهلو ائٽ رسول آباد جي اتر طرف وڏي ڍنڍ آهي جنهن کي هاٽي ڊيم تا سڏين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- پٽرن پنهورن جي ڳوٺ پرسان جاگيردار واري ڍنڍ.
- جهلي جي ويجهو نهڪڻ ڍنڍ.
- ميرڻ ماڇي واري ڍنڍ، موجوده ڪالونيءَ کان ڏکڻ اولهه طرف.
- ڪاريجن واري ڍنڍ، جنهن کي مسجد واري ڍنڍ به سڏين ٿا.
- آمر جي واري ڍنڍ، پانڌيءَ طرف آهي.
- پير شهمير وارو دپو.
- کوکرن واري ڍنڍ
- گري ڍنڍ، ڪنداهه طرف آهي.
- لغارين ۽ ڪورائين جي ڳوٺن واري ڍنڍ.
- ملڪن جي ڳوٺ جي اولهه طرف کيڙن جي ڍنڍ.
- ڏيپار جا شهر جي پر ۾ تمام وڏي ڍنڍ هئي، جيڪا کيڙن ۽ جتوئين جي مشترڪ ڍنڍ هئي.
- ميهر ملڪ واري ڍنڍ، ملڪن جي ڳوٺ کان اتر طرف ٽن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.
- چنن واري ڍنڍ، ملڪن جي ڳوٺ سان لڳ اولهه طرف آهي.
- آچر پرٿ واري ڍنڍ، ملڪن جي ڳوٺ کان هڪ ڪلو ميٽر، پري اولهه طرف آهي.
- يعقوب ماڇي واري ڍنڍ، ڏيپارجا شهر کان اولهه طرف هڪ ڪلو ميٽر جي مفاصي تي آهي.
- خدن شاهه واري ڍنڍ، هيءَ هن علائقي جي قديم ڍنڍ هئي ڪنهن زماني ۾ ملڪن جو ڳوٺ هن ڍنڍ جي اولهه ۾ هوندو هيو. پوڙن جي اٿل پٿل سبب هن وقت مذڪوره ڳوٺ هن ڍنڍ جي ٻنهي ڪپرن تي آباد آهي.
- پٽن واري ڍنڍ، سوني ديري جي اولهه ڏکڻ واري ڪنڊتي آهي.
- چنيجن واري ڍنڍ، ڳوٺ چنيجا جي اولهه طرف آهي.
- ماڪوڙي ڪوريجي واري ڍنڍ، شهر ڏيپار جا کان اولهه طرف 2 ڪلو ميٽر پري آهي.
- تاج محمد گداري واري ڍنڍ، ڏيپار جا کان اتر طرف 3 ڪلوميٽر پري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه وڏيون ٻيڙيون هيون جن ۾ ڍاڪو ڪن اٺ، ايترائي گهوڙا، ٻيو سامان ۽ سؤ کن ماڻهو هڪ ئي وقت درياءَ پار ڪري سگهندا هيا. انهن ٻيڙين کي تمام وڏا سڙهه هوندا هيا، جڏهن ڏکڻ جي هوا تي سڙهه کوليندا هيا تہ ٻيڙي وڏي رفتار سان هلندي هئي. مون خود سڙهه واري ٻيڙيءَ تي درياءَ پار ڪيو آهي. ٻيڙي جڏهن رفتار پڪڙيندي آهي تہ ڪنارن وارا وڻ وڏي رفتار سان ڊوڙندي نظر ايندا آهن. سڙهه کولڻ کان پوءِ وڏو ناکئو وچي ويٺي تي ويهندو آهي. ۽ ٻين ناکئن کي جيڪي پڻ اهڙين ٻيڙين تي ست، اٺ هوندا آهن ۽ ٻيڙيءَ کي سنڀالڻ جون مختلف ذميواريون نڀائيندا آهن. وڏو ناکئو انهن کي هڪلون ڪري دامڻ کي گهٽ وڌ. يعني ڍلوڪرڻ يا ڇڪڻ جون هدايتون ڏيندو آهي. دامڻ سڙهه ۾ ٻڌل رسن کي سڏيندا آهن. ٻيڙي جڏهن ٻي ڪنڌيءَ تي رسڻ واري هوندي آهي، تہ آڳل يا مهري وٽ بيٺل ناکئو پاٽيءَ ۾ ونجهه هڻندو رهندو آهي. ۽ وڏي ناکئي کي پاٽيءَ جي اونا هي بابت ٻڌائيندو ويندو آهي. ان لاءِ تہ متان ٻيڙي تانگهي پاٽيءَ ۾ نہ چڙهي پوي، جي ڪپر جي ويجهو ڪو ڪينجهو يا درياءَ جو پاتل ڪو وڻ هوندو تہ ان جو اطلاع بہ وڏي ناکئي کي ڪيو ويندو. تہ جيئن هو ٻيڙيءَ جو بچاءُ ڪري سگهي. وڏو ناکئو گويا ٻيڙيءَ جو فرسٽ ڪپتان هوندو هيو. ٻيڙيءَ کي موڙڻ، ڦيرائڻ جي ذميواري سندس هوندي هئي. لليا پتڻ جي آخري زماني ۾ انجڻ تي هلندڙ ٻيڙو بہ هتي هوندو هيو جنهن کي اسين جهاز سڏيندا هياسين.

(1) پراڻا جتوئي وارو پتڻ: مشهورپاتڻي دوست محمد ۽ لال بخش

(2) ملڪن وارو پتڻ: مشهور پاتڻي بهادر ۽ امام بخش

(3) خيري ديري وارو پتڻ: مشهور پاتڻي ناکئو محمد ۽ محمد موسيٰ

(4) صفن وارو پتڻ: مشهور پاتڻي قادر بخش

راڄوٽي پتڻ:

(1) غلام رسول جتوئي جو پتڻ پراڻا جتوئي ۽ ڏيپار جا وٿان

(2) حاجي گل محمد ڪيڙي جو پتڻ ملڪن وٿان

(3) وڏيري محمد خان جيسر جو پتڻ لليا وٿان

(4) ڪريم داد مريءَ جو پتڻ جهلي وٿان

(5) لغارين جو راڄوٽي پتڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(6) عبدالرزاق سينر جو پٽڙ
(7) گلڻ ڄام ڏاهريءَ جو پٽڙ:

سنڌ ۾ ڏاڙيلن طرفان پنگ لاءِ ماڻهو اغوا ڪرڻ وارين وارداتن ڪان پوءِ ملاحن اچي سڪيءَ تي اجها اڏيا. جڏهن ته ان ڪان اڳ ملاحن جا گهر ٻيڙين ۾ درياءَ ۾ هوندا هيا. اهي گهرن واريون ٻيڙيون سڏبيون هيون ۽ تمام گهڻيون سينگاريل هونديون هيون. جيئن موجوده دؤر جي شهري زندگيءَ ۾ ڪو نوجوان شادي ڪندو آهي ته ان لاءِ نئون ڪمرو ٺهندو آهي. اٿين ملاح وري گهر ۾ ماڻهو وڏي وڃڻ جي ڪري ٻيڙي ٺهرائيندا هيا. لليا پٽڻ لڳ ملاحن جي ٻيڙين واري ڳوٺ ۾ لڳ ڀڳ هڪ سؤ ٻيڙيون هونديون هيون. مان پنهنجي ناني محمد سان گڏ سندس دوستن ناني يوسف ملاح ۽ناني خدا بخش ملاح وارن جي ٻيڙين وارن گهرن ۾ ڪيترا ڀيرا راتيون رهيس گهرن وارين ٻيڙين ڪان علاوه مڇي مارڻ ۽ پکين جي شڪار واريون پنجاهه ڪن ٻيڙيون اتي بيٺل هونديون هيون.

## موري تعلقي جا ٻيلا:

ڌرتي ۽ خلائن جو ماحول سازگار رکڻ ۾ وڻن يعني ٻيلن جي تمام وڏي اهميت آهي.

هڪ ته دنيا ۾ فيڪٽرين ۽ ڪارخانن ذريعي اهڙين مهلڪ گيسن جو اخراج تمام گهڻو وڌي ويو آهي، جنهن سبب هن ڪائنات جي ماحول ۾ تيزيءَ سان گدلاڻ ڦهلجي رهي آهي. جنهن ڪان هر جاندار خطرناڪ حد تائين متاثر ٿي رهيو آهي. ترقي يافته ملڪن طرفان مهلڪ گيسن جي بي حساب اخراج سبب اوزون تهه پتلو ٿي رهيو آهي. جنهن سبب ڌرتيءَ تي گرميءَ جي درجي ۾ واڌ ٿي رهي آهي. جنهن جي ڪري پهاڙن تي موجود برف جي ذخيرن ۾ ڪمي ٿي رهي آهي. ترقي پذير يا پٺتي پيل ملڪن ۾ وري غير قانوني طريقي سان وڻن جو قتل عام ڪيو ويو ۽ اجان تائين جاري آهي. جنهن سبب ڌرتيءَ جي موسمن ۾ بگاڙ اچي ويو آهي. ٻيلن جي اٿهوند سبب سنڌ ۾ مقرر وقت تي برسات نٿي پوي، جنهن سبب ٻيا ته ڪيترائي نقصان ٿي رهيا آهن. پر زيرزمين پاڻيءَ جي ذخيرن ۾ به خطرناڪ حد تائين ڪمي ٿيندي ٿي وڃي. دنيا ۾ برساتن جي گهٽجڻ سبب ٻوڏون اچڻ به بند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويون آهن. جنهن سبب سمنڊ لکين ايڪڙ زمين ڳڙڪائي رهيو آهي. سمنڊ جي اڳتي وڌڻ جي ڪري سنڌ ۾ زيرزمين پاڻيءَ ۾ لوڻياٺ جو مقدار وڌي رهيو آهي. اهو پاڻي نه ته پيئڻ جي، نه وري زراعت جي قابل رهيو آهي. ٻيلن جي ڪٽجڻ سبب جهنگلي جيوت کي به ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي، ڪيترائي جهنگلي جانور يا ته ڌرتيءَ تان ناياب ٿي ويا آهن يا وري ناياب ٿيڻ جي ڪنڌيءَ تي پهچي چڪا آهن.

## موري تعلقي جا ٻيلا:

ٻيلن جي زمين ٻن قسمن جي آهي (1) رزرو فاريسٽ يعني ٻيلن لاءِ مخصوص ڪيل زمين (2) پروٽيڪٽيڊ فاريسٽ يا رزيوم لينڊ. جڏهن پاڪستان ۾ زرعي سڌارا آندا ويا ته اهي ماڻهو جن وٽ تمام گهڻي زمين هئي انهن ڪجهه زمين ختم ڪئي يا حڪومت انهن کان ڪجهه زمين کسي ورتي، ان زمين جو ڪجهه حصو ٻيلي کاتي حوالي ڪيو ويو.

## ٻيلو ڪيٽي لليا:

هي ٻيلو رزرو فاريسٽ آهي. 1887ع کان نوٽيفاءِ ٿيل آهي، هي ٻيلو 7389 ايڪڙن جي ايراضي تي مشتمل آهي، جيڪو تعلقي موري جي ديهه لليا ۽ ديهه جو ٽالي سان ڳنڍ آهي، هن ٻيلي کي سنڀال ڪرڻ جي سهولت خاطر وچان ٻهاڪيدي 40 چوڪڙين ۾ ورهايو ويو آهي.

## ٻيلو خيرو ديرو:

هي ٻيلو به رزرو فاريسٽ آهي، ۽ 1887ع جوئي نوٽيفاءِ ٿيل آهي.
هي ٻيلو 13073 ايڪڙن جي ايراضيءَ تي مشتمل آهي.
هي ٻيلو موري تعلقي جي ديهه خيري ديري، ديهه مصري ۽ ديهه ٻيٺ ٻڏو سان ڳنڍ آهي، هي ٻيلو 42 چوڪڙين ۾ ورهايل آهي.

## ٻيلن جي تباهي جا ڪجهه ڪارڻ:

سنڌ ۾ ٻيلن جي واڌ ويجهه جو مکيه وسيلو ٻوڏون هيون. سنڌو ۾ 1988ع ۾ وڏي ٻوڏ آئي هئي، ان کان پوءِ وري اهڙي ٻوڏ نه آئي آهي، جو ٻيلن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون زمينون مڪمل ٻڏن، جو ته ٻنيون ٻڏڻ کان پوءِ ٻيلي ڪاتي وارا ڇيڇڪا ڇٽي يا ٻين طريقن سان نوان وڻ لڳائيندا آهن. ان کان علاوه اڳ موجود وڻن لاءِ به پاڻي ضروري آهي. جيڪڏهن لاڳيتو چار پنج سال ٻوڏ نه ايندي ته ٻيلن وڻ سڪڻ/ ڳرڻ شروع ٿي ويندا آهن. مطلب ته سنڌوءَ ۾ ٻوڏ نه اچڻ به ٻيلي جي تباهه ٿيڻ جو هڪڙو وڏو ڪارڻ آهي. 1990ع ۾ جڏهن نواز شريف اقتدار ۾ آيو تيسين تائين هن علائقي ۾ ٻيلا موجود هيا. نواز شريف فوج کي سنڌ مان ڊاڙيلن کي ختم ڪرڻ لاءِ فوجي آپريشن جو حڪم ڏنو ان کان پوءِ پاڪستاني فوج ٻيلن جي آس پاس عارضي ڇانوڻيون هڻي ويهي وئي. فوج ڊاڙيلن جون پناهه گاهون ختم ڪرڻ جي نالي تي نه رڳو ٻيلن کي باهيون ڏياريون، پر غير قانوني طريقي سان چوڪڙين جون چوڪڙيون وڍرائي به ڇڏيون.

1990 کان 1993 دوران نواز شريف سنڌ جي ڪچي جون زمينون ورهائڻ جو اعلان ڪيو. اهي زمينون اهڙي ته جاهلاڻي طريقي سان ورهايون ويون، جو سنڌ جي ڪچي ۾ راجوڻي جهيڙا شروع ٿي ويا. نه رڳو ايترو پر لينڊ گرانٽ پاليسيءَ ناهن وقت ان ۾ اها شق رکي وئي هئي، ته ٻيلي ڪاتي جي زمين الاٽ نه ڪئي ويندي، پر روينيو ڪاتي جي ڪامورن اثرو رسوخ رکندڙ ماڻهن سان ملي ڀڳت ڪري ٻيلي ڪاتي جي زمين جون سنَدون به ماڻهن کي ناهي ڏنيون، جنهن سبب ماڻهن ٽيوب ويل هڻي ٻيلي جون زمينون آباد ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون، جڏهن ٻيلي ڪاتي وارن انهن ماڻهن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهي ماڻهو انهن سندن جي آڌارتي ڪورٽن ۾ هليا ويا. ائين ٻيلو ڪاتو انهن ماڻهن جي آڏو ٻي وس ٿي پيو. ٻيلي جي رهيل زمين ٻيلي ڪاتي وارن ليز تي يا ٻين طريقن سان ڏيتي ليتي ڪري اڻ اعلانيل طريقي سان ماڻهن حوالي ڪري ڇڏي.

## شڪار، شڪار گاهون ۽ شڪاري:

هي ڪائنات تغير پذير آهي. هر پل پهر ۾ دنيا سانديي وانگر رنگ پئي بدلائي. انسان ڌرتيءَ تان نڪري خلائن ڏانهن آباد ٿيڻ جا سانباها ڪري رهيو آهي، ايتري ترقيءَ جي باوجود انسان پنهنجي وحشي جبلت مان جان آجي ڪري نه سگهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪار انسان جي وحشي دُور جي جبلت آهي. توڙي جو ڪنهن زماني ۾ شڪار انسان جي ضرورت هيو. اڄ جو انسان ضرورت خاطر شڪار نٿو ڪري، پر هو پنهنجي وحشي جبلت کي تسڪين پهچائڻ لاءِ شڪار ڪري ٿو. موري تعلقي ۾ مختلف قسمن جا شڪار ڪيا ويندا هيا، ۽ ڪيا وڃن ٿا. ۽ مختلف قسمن جا پکي ۽ جانور پاليا وڃن ٿا.

## شڪار وارا پکي ۽ جانور:

(1) آبي پکي (2) خشڪي وارا پکي (3) آبي جانور (4) خشڪي وارا جانور.

## آبي پکين جا قسم:

پيڻ، ڪونج، لاڪي جاچي، سانءِ، برهي، ڏوئڙ، ڪنيو هنج، نيرڳ، ڊگوش، ٽوراندو بوتڙ، لنگهو ٿاراهو ڪرڙو رونٽارو برنٽو آڙي، پولارو تيتو نڳ، ملهنگ، تورپکي ڪارو تورپکي اڇو ۽ چٽوڙو وغيره.

## آبي پکين جي شڪار جا مختلف طريقا:

بندوق سان شڪار: هڪڙو تہ عام طريقو آهي جو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڍنڍ يا درياءَ ۾ بندوق سان پکي ماربا آهن. ٻئي طريقي ۾ وري بندوقن وارن کي هڪ پاسي ٻيهاربو آهي، ۽ ٻئي طرف کان پکين کي تڙ ڪبي آهي، پکي اڏامي اچي بندوقن وارن جي سامهون يا مٿان اڏرندا آهن ۽ شڪاري بندوقون هٽي پکي ماريندا آهن.

بغل ۾ بندوق ماري ميرا ڪپڙا،
ماريو ميرملوڪ لتاڙيو لڪ چڙهي.
(شاهه)

## سانگ تي شڪار:

سانگ هڪ قسم جي ڪاٺ جو ٽياس نهيل هوندو آهي، جنهن تي بندوق رکيل هوندي آهي، شڪاريءَ کي پيٽ جي هيٺان تنبو يا ترڻ جو ڪو ٻيو سنڌ ٻڌل هوندو آهي، جنهن جي سهاري ترندو آهي. موجوده دؤر ۾ ترڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص قسم جو فوم بہ استعمال ڪندا آهن. شڪاري سڄو پاڻيءَ ۾ ٻڏل هوندو آهي، ساهہ کڻڻ لاءِ صرف نڪ ٻاهر هوندو اٿس، بندوق جي چوٽيءَ تي سنڌس پاليل پکي ڪانٽرو ويٺل هوندو آهي، آهستي آهستي ترندو شڪاري پکين جي وڳر ۾ وڃي پهچندو آهي، جڏهن ڏسندو تہ ڪوڙسارا پکي بندوق جي مار ۾ اچي ويا آهن، تہ ڊاريل پکيءَ جي ڏور ڇڪيندو جيڪو اڪثر اڏامي اچي سنڌس مٿي تي ويهندو آهي ۽ هو بندوق جا فائر هڻي ڪيترائي پکي ڪيرائي وجهندو آهي.

## ٽارن وارو شڪار:

شڪاري پنهنجي ڳچيءَ سان ٽارا ٻڌي پاڻ کي لڪائيندو آهي، سنڌس پاليل ٻرڙو پکي جيڪو اڇي ۽ نيري رنگ جو ٿيندو آهي ان کي مٿي تي ويهاري پکين جي وڳر ۾ هليو ويندو ۽ دولاب ذريعي شڪار ڪندو آهي.

## ڪارب وارو شڪار:

هي پکين جي شڪار ڪرڻ جو تمام پراڻو طريقو آهي. هن طريقي جي شڪار ۾ ڏوتڙ پکيءَ جي ڪل لاهي، ان ۾ ٻوسو ڀري يا ٻئي ڪنهن طريقي سان پکيءَ جي شڪل جو ڪارب ٺاهبو آهي، ۽ اهو مٿي تي اهڙي نموني پائيندا آهن جو پاڻيءَ ۾ ائين لڳندو جڻ پکي ويٺو آهي. شڪاري پاڻيءَ ۾ اهڙي نموني لڏندو ۽ ترندو جهڙي نموني پکي ورتاءَ ڪندا آهن، ۽ پنهنجي ڊاريل پکي کي ڏور ٻڌي پاڻيءَ ۾ ڇڏي ڏيندو جيڪو ٻوليون ڪري ٻين پکين کي سڏيندو آهي، ان پکيءَ جي ٻولين تي جڏهن ٻيا پکي اتي پهچندا آهن تہ شڪاري جنهن کي پکيءَ وارو ٽوپ پاتل هوندو آهي، اهو ڀريان پنهنجي ڊاريل پکيءَ جي پر ۾ وڃي ڦرندو آهي، جيئن ٻين پکين تان ڊپ لهي وڃي. ايئن دلبو ذريعي پکين جي ويجهو پهچندو آهي ۽ بي خبر پکيءَ کي ٽنگن مان جهلي پاڻيءَ ۾ ٻوڙيندو آهي، اهو ڪم ايڏي تہ تيزي ۽ صفائي سان ڪندو آهي، جو پر واري پکيءَ کي بہ خبر نہ پوندي، ائين پاڻيءَ اندر پکين کي ٻوڙيندو ڪهندو لڪائيندو ويندو آهي.

دلبو منجهہ درياءَ، پسي پکي آئيا،
ويچارا ويساهہ، آٽي پاڻ اڙائيا.
(شاهہ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ڊب وارو شڪار:

جيئن تترن کي چوڻ وجهبي آهي ائين مڇي ڪائينڊڙ آبي پکين کي ملاح ڪنهن ننڍي ڍبي ۾ ننڍي مڇي گڏ ڪري ڏيندا آهن. اهو سلسلو ڏينهن ڀر هلندو آهي جيئن ڪيترائي پکي مڇي ڪائڻ تي هري وڃن پوءِ شڪاري ان ڍبي جي چؤڦير جار تنگي ڇڏيندو آهي ۽ ڪجهه وقت تي گڏٽو ناهي ڏور هٽ ۾ جهلي ويهي رهندو آهي. جڏهن گهڻا پکي اچي ڍبي تي گڏ ٿيندا آهن تہ شڪاري ڏور ڇڪيندو ۽ جار اچي ڪرندو جنهن سبب ڪيترائي پکي جار ۾ ڦاسي پوندا.

ماري مرين شال! ڍب وڃنئي ڍيون.
(شاھ)

### ونجهر جو شڪار:

هي شڪار اڪثر رات جو ٿيندو آهي. شڪاري لڪڙن ۾ جار تنگيندا آهن، پوءِ ٻيڙي ياڪنهن ٻئي سنڌ تي تري آهستي آهستي پکين کي جار واري طرف لاڙيندا آهن. جڏهن پکي جارن جي بلڪل ويجهو پهچندا آهن، تہ شڪاري اوچتو تاڙي هڻندا آهن، جنهن سبب پکي اوچتو پانيولجي اڏرندا آهن ۽ ڪيترائي وڃي جار ۾ ڦاسندا آهن.

وارن جو توجاٽي واٽي آهي وڇايو جار،
سياٽا، وياٽا اچڻ اڏاٽا ڦاسي ڪن ڦتڪار.
(استاد بخاري)

### خشڪي وارا پکي:

ڪارڙو تتر، اڇڙو تتر، ايراني تتر، ٻٽير، تلور ۽ ڳيرو وغيره.

تلور پرديسي پکي آهي جيڪو سياري جي موسم ۾ هتي ايندو آهي. تلور درياءَ جي ڪنڌي تي ڍبن ۽ پٽن ۾ رهائش ڪندي آهي، شڪاري هنن جي چوڳي واري علائقي جي تاڙڪندا آهن پوءِ اتي گڏٽا ناهي بندوقون ڪٽي لڪي ويهندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تترن جي شڪار لاءِ پئسي وارا ماڻهو بندوقون کڻي پاسن کان بيهندا آهن، ۽ تاڙا وري جهنگ يا فصل ۾ تڙڪندا آهن جيئن تتر اڏامندا آهن تہ بندوق جوڪاج ٿي ويندا آهن. ان کان علاوه عام ماڻهو ڪوڙڪي، ڏب يا ڪڏهن ڪڏهن ڄار جي ذريعي بہ تترن جو شڪار ڪندا آهن.

## پڪڙو وارو شڪار:

هن طريقي جو شڪار اڇڙي تتر جو ٿيندو آهي، جو تہ اڇڙو تتر پنهنجي علائقي ۾ ٻئي تتر جي ٻولي ٻڌي ان سان وڙهڻ لاءِ ايندو آهي. شڪاري پنهنجو ڏاريل تتر جهنگ ۾ رکي ان جي چوڌير پڪڙو ڦيرائيندا آهن. جيئن ئي ڏاريل تتر ٻوليندو تہ جهنگلي تتر ان سان وڙهڻ لاءِ اتي پهچندو ۽ اڪثر ڪجهہ ئي دير ۾ اڙجي ويندو آهي.

## موري تعلقي جا مشهور توپچي:

- غلام رسول خان عاقب جتوئي، غلام مصطفيٰ لغاري، مياندا لنڊ، الهہ بچايو لغاري، خدا بخش ملاح ۽ محرم ملاح.

## موري ۽ آس پاس جون شڪار گاهون:

- ڪيٽي جتوئي. پورٽي پيلو. ڪيٽي ڪيڙا. عين پيلو. پيلو خيرو ديرو. لغارين واري جاگير. فاضل جاگير. سيٽر واري ڪيٽي. ڪيٽي گلڻ جام، سعيد ڪنڊو. سک پوربيلو. نواب ولي محمد جي جاگير وغيره.

# مڇي جا قسم ۽ شڪار

## ڇيلري مڇيءَ جا قسم:

- ڪرڙو ٿيلهي، موراکو ڏاهي، پوبري، مرو مڇي، سهٽي، سريهو گنڊڻ، شاڪر، گلاس، گل ڦام وغيره.

## ملي مڇيءَ جا قسم:

- جرڪو سينگاري، ڪگو، تربيلو. چلي مڇي. ڏمٽو. ملير مڇي. ڦاٻٽو وغيره



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مڇيءَ جي شڪار جا طريقا

### ڀن ۾ مڇي ڦاسائڻ:

اڪثر مڙس جيڏي پاڻيءَ ۾ چؤڦير رَڇُ ڦيرائي ڇڏيندا آهن هڪ طرف ڏانهن اهڙي طريقي سان ڳلي ڇڏيندا آهن. جيڪا منڍ وٽ تہ موڪري ۽ سڏي هوندي آهي پر ڀن ڏانهن وڌندي وڌندي سوڙهي ۽ ڦيري دار ٿيندي ويندي آهي. مڇي جيئن ئي ان ڳلي جي ذريعي ڀَنَ ۾ داخل ٿيندي آهي تہ وري ان کي واپسيءَ جو رستو نہ لڀندو آهي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو مصيبت ۾ ڦاسي پوندو آهي ۽ ان مان جان ڇڏائي نہ سگهندو آهي تہ چوندا آهن تہ فلاڻو ماڻهو ڀَنَ ۾ پئجي ويو آهي.

### ڳاري وارو شڪار:

درياءَ جي ڪپر تي رڇن سان تمام وڏو گوندو ناهيندا آهن، ان ۾ بہ ڦيري دار رستو هوندو آهي ان رستي سان ملائي چار وڇائيندا آهن. جيڪو درياءَ جي ڀئي ڪپر تائين هليو ويندو آهه مڇي جيئن ئي ان چار سان ٽڪرائبي تہ ان چار سان گهندي گهندي ان ڦيري دار رستي ذريعي گوندي ۾ هلي ويندي ۽ اتي اڙجي ويندي پوءِ ان گوندي يا ڳاري ۾ بہ تي چٽا گڏجي هڪ چار گهمائيندا آهن، جنهن کي گهاتو گهمائڻ چوندا آهن.

### ڪڙهي سان مڇي جو شڪار:

اپين ڪاٺين تي چار بڌل هوندو آهي، جيڪو هلڪي ڪاري جهڙي شڪل وانگر نهيل هوندو آهي، چيلهہ يا ٻبي جيڏي پاڻيءَ ۾ ڪڙهي هڻندا رهندا آهن، جيڪڏهن مڇي ڦاسندي تہ ڪڙهي مان ڪڍي ڪهہ ۾ ٽنبيندا آهن ۽ وري ڪڙهي هڻڻ شروع ڪندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### نڙي وارو شڪار:

هي بہ هڪ قسم جي ڄار جو نالو آهي، جيڪو سڌو پاڻيءَ ۾ لاهي ڇڏيندا آهن، مڇي ان ۾ ڦاسندي آهي.

### ڪلوئڙي وارو شڪار:

لوهہ جي نهيل ڪنڍي هوندي آهي، جنهن ۾ ڏور ٻڌل هوندي آهي، زمين کوٽي سانپا وغيره هٿ ڪندا آهن ۽ ان جي گوشت جو ٽڪرو ڪنڍي ۾ ڦاسائيندا آهن. ان گوشت کي ملاح ڳاهہ سڏيندا آهن. مڇي جيئن ئي اچي اهو گِوشت کائيندي آهي تہ ڪنڍي ان جي ڪلين ۾ ٽنبجي پوندي آهي.

ڪنڍي ڪلين وچ ۾ جڏهن هنيائون،
موت نہ ماريائون، ڏور ڏئي ويا ڏک جي.
"شاهہ"

## ڦاڙهن ۽ مِرُن جو شڪار

### اوسر جو شڪار:

جانورن جي پير کڻڻ جو ماهر خفتي علائقي جي فصلن وغيره ڏانهن ايندڙ ويندڙ جانورن جا پيرا آڙي اچي ٻين خفتين کي احوال ڏيندو تہ ڦلاڻو اوسر ڏاڍو ٿو وهي مطلب تہ ان گهٽ کان ڏاڍا جانور لنگهن ٿا.

رات جو تقريبن ٻارهين ڏاري جڏهن جانور جهنگ ڇڏي فصلن ڏانهن چرڻ لاءِ نڪري ويندا تہ پويان انهن گسن تي خفتي پنجوڙون اڇي ٻڌندا. پنجوڙ جي ڪن تي وانو ويهندو آهي. ٿوري دوريءَ تي ٻيو همراهہ ويهندو آهي، جنهن کي وارو يا تاڙو بہ سڏيندا آهن. جيئن ئي جانور وارو جي اڳيان ايندو تہ تاڙو تاڙي هڻي يا هڪلي جانور کي پنجوڙ ڏانهن اماڻيندو جانور جيئن پنجوڙ ۾ پوندو تہ وانو وڃي ان کي ٻڪ هڻندو. تيسين ٻيا همراهہ بہ پڄي ويندا ۽ جانور کي جهلي وجهندا. جي ڦاڙهو هوندو تہ کهي رکندا، جيَ مرون هوندو تہ موکي يعني ڇوڪنيو ٻڌي پاسائتو ڪري ڇڏيندا. اهو ڪم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام تيزيءَ سان اڪيلائي پنجوڙ کي ايراها ڏئي، سڌو ڪري وري وڃي ساڳين جاين تي ويهندا ۽ ٻئي جانور جي اچڻ جو انتظار ڪندا.

## سير جو شڪار:

هن قسم جي شڪار ۾ پنجوڙ جو استعمال ورلي ٿي ڪندا آهن. جانور جڏهن پوکن ڏانهن چرڻ ويندا آهن تہ رات جو ٻارهين ڌاري جهنگ واري پاسي ڏانهن ڪتن جي لوڏڪاهي ويندا آهن ۽ اناس کن جي منڍي تي هڪ رسي جهليندا آهن. رسيءَ مان مراد بہ ڪتا هوندا آهن اٺين پنج، ڇهہ رسيون يعني ڏهہ، ٻارهن ڪتا جهنگ واري پاسي ڏانهن جهليندا آهن اهي ڪتا اهڙا سيکاريل هوندا آهن جو ڀونڪ نہ ڪندا آهن. ماڻهو بہ خاموش ويٺا هوندا آهن، هڪ خفتيءَ بہ ڪتا ڪاهي فصلن ڏانهن ويندو جتي جا نور چرڻ لاءِ ويا هوندا، اهي ڪتا ڳولا ڪتا سڌا آهن، ۽ راڙا بہ هوندا آهن. جيئن ئي جانور کي ڏسندا تہ رڙندا آهن. اٺين جانور انهن جي ڀونڪڻ تي جهنگ ڏانهن ڀڄندو. جهنگ جي وٽ تي ڪتا جهلي ويٺل همراهہ، ڳولن ڪتن جي رڙڻ مان ئي اندازو لڳائيندا آهن تہ ڪتي جانور لڌو آهي، اٺين اهي هوشيار ٿي ويندا آهن. راڙن ڪتن جي رڙڻ تي رسين وارن ڪتن ۾ ٻي چيني شروع ٿي ويندي آهي، ۽ رسيون ڪيڏائڻ لاءِ اگهلندا آهن. هوڏانهن ڪتن جي ڀونڪن تي جانور جهنگ ڏانهن ڀڄندو آہ پوءِ جنهن بہ رسئي وٽ پهريان پڳو اهو خفتي رسي ڪيندو اٺين جيئن جانور اڳتي وڌندو ويندو. رسيون ڪيندا ويندا ۽ جانور جو گهيرو تنگ ٿيندو ويندو ڪتا جي جانور کي بندي وجهندا تہ وانو بہ پڄي ويندو آهي ۽ جانور کي اچي دسيندو آهي. اهڙي واڻي کي سير جو وانو سڏيندا آهن. هن وقت اسانجي علائقي ۾ سير جا 2 مشهور وانا آهن گڏو ماڇي ۽ نوبت جتوئي.

## تڙ وارو شڪار:

ڦاڙهي / مرون کي پيري پير ڪٽي ٿمي ايندو آهي. (جهنگ ۾ مرون جي ويهڻ جي جاءِ کي ٿمر چوندا آهن) پوءِ اچي ٻين خفتين کي ٻڌائيندو جيڪي پنجوڙون ڪٽي وڃي اها مهاڙي ٻڌندا. جيڏانهن جانور جي ڀڄڻ جو امڪان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو پنجوڙن تي واتا ۾ وارو ويهندا. ٻيا همراهہ ڳولا ڪتا ڪاهي وڃي جهنگ تڙيندا. ڪتو جڏهن جانور ڳولي لهندو آهي تہ رڙندو ۽ ڇهڪاريندو آهي. جنهن مان خفتي سمجهي ويندا تہ ڪتي جانور لڌو آهي. هو بہ ان پاسي ڏانهن ويندا ۽ هوڪاريندا. اهڙين جانور پنجوڙن ڏانهن رخ رکندو ۽ وڃي ڦاسندو.

شاهوڪار ماڻهو وري بندوقون ڪڍي ايندا آهن ۽ بندوقن سان جانور ماريندا آهن. اڄڪلهہ ڪليل جيپن تي سرچ لائيٽون ڪڍي ڦاڙهن، مرن ۽ سهن جو شڪار بہ ڪيو ويندو آهي.

## موري تعلقي جا مشهور واتا:

• ملهار ماڇي، حسين ماڇي، خانو ٻلال، حيدر ماڇي، ذوالفقار لغاري، رانجهو ٻلال، محمد قاسم سولنگي، مورند جيسر، ارباب لغاري ۽ ٻيا مشهور پيري محمد نونڏو.

ملهار ماڇي موري تعلقي جو پهريون نمبر خفتي/ واتو هيو ملهار جو هڪ مشهور واقعو آهي تہ هو فجر مهل پير ڪڍي مرون وپهاري گهر موٽي آيو پاڙي ۾ هڪ خون ٿيو هيو پاڳيا پل ۾ ملهار جو پير ڪڍي اڇي سندس ڳوٺ پهتا. اهڙين هن کي پوليس ٻڌي وئي. هن پوليس آفيسرن کي ٻڌايو تہ مان مرون وپهارڻ ويو هيس، هي منهنجو اهو پير ڪڍي آيا آهن. مان خفتي آهيان. جانچ بعد جڏهن پوليس کي خبر پئي تہ ملهار بي ڏوهي آهي تہ پوليس آفيسر ڪيس مذاق ۾ چيو تہ جي خفتي آهين تہ ڪليل مرون وٺي ڏيکار تہ توکي آزاد ڪريان. ملهار هاٿوڪار ڪئي پوءِ جهنگ مان تمام وڏو مرون وٺي آيا. جيڪو موري واري ڊڪ ۾ کولي ڇڏيائون. ملهار لانگوٺو ٻڌي هڪ چادر ڪڍي ڪوٺ ۾ لٿو ۽ مرونءَ کي هوڪاريائين مرون رانباهہ ڪري هن ڏانهن لوهہ ڪئي، هن چادر مرونءَ جي منهن تي هٽي رنڊائي اڪيلي سر مرونءَ کي دسي ٻڌو. اهو رونشو موري جي سوين ماڻهن ڏٺو اڄ بہ خفتي هڪ ٻئي کي چوندا آهن تہ تون ڪهڙو ملهار ماڇي آهين جو ڪليل مرون وٺندين.

حيدر ماڇي دادو مورو پل پرسان ڳوٺ گا برماڇيءَ جو رهاڪو آهي. اڄ بہ حال حيات آهي، هي اهڙو واتو آهي جيڪو پنجوڙ ۾ ورتل مرونءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجوڙ ماڻ ڇڏائي آزاد ڪري پڇ ۾ ٻرڪان جهلي بي خوف ڇڏي ڏيندو آهي ۽ پنج پنج هار شرطون کٽيندو آهي.

## سهن جو شڪار:

سهي جو شڪار اوسر واري طريقي بہ ڪبو آهي، تاڪن تي پٽا ٻڌي ڇڏبا آهن ڪن تي شڪاري ويهندو آهي سهي جو شڪار اوٿ موٿ ٻنهي وقتن تي ڪبو آهي. ڪي وري پٽي ۾ گهنگهرو ٻڌي وچي ويهي رهندا آهن، سهو ڦاسندو تہ گهنگهرو وڄندو پوءِ اچي سهو ڇڏائيندا. سهي جو شڪار تڙ ڪري بہ ڪبو آهي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر حيدر (سنڌي)

## مورو: جيئن مون ڏٺو ۽ پڙهيو

هوندا اهي مشڪرا هئا پر گفتا ڏاهپ جا ڪيندا هئا. آچر مشڪرو دادوءَ مان ايندو هو سڌ تي سيني وڌن ماٺهن کي ڪِلائڻ لاءِ اچي نڪرندو هو شهيد ذوالفقار ڀٽي کي راٽيپور جي پيرن واريءَ دعوت ۾ ڏاڍو ڪلايو ۽ پيرن کي پريشان ڪيو هئائين سندس هڪڙو گفتو هن مضمون ۾ ڏجي ٿو جيڪو مناسب ۽ سهلائتو آهي. چوندو هو ته:

گهوڙي جي قسمت ڦِٽي تي ٽانگو ڇڪيو، اُٺ کي بدنصيبي ملي ته گهاڻو وهي، ڍڳي جو ڀاڳ ڦٽي ته نار ڇڪي، عورت جي قسمت رُلي ته چاڻنٽ ٽپي، سيٺ جو سُکُ ڦٽي ته ڪُڏُ مٿان ڪُڏُ ڪٽائي ۽ وڏيري جي ڀاڳ کي ڦيري اچي ته زال مٿان زال پرڻجي پرَ جي سڪئي ستابي شهر جو ڀاڳ رُلي ته لاوارث ۽ نڌڻڪو ٿئي.

موريَ شهر جِي ٻه جي ڦٽل نه هجي ها ته اڄ هئين هن ڪانفرنس ۾ مؤرخ، محقق ۽ مقالانگاران جي ابتدا بابت روايتون ڳولهي ۽ ڳٽي ڏُڪا ڪو نه هڻن ها.

اهو ڏُڪو ناهي جو ان ڳالهه ته ڳنڍ ٻڌي اٿئون ته مورو ساهتي پرڳڻي جو پراڻو شهر آهي پر هن کي ساهتي ان ڪري ٿا ڪوٺيون جو هت سهتا برادري گهڻي آباد آهي ۽ لفظ مورو جوڌپور جي راجا جي پُٽ ”موڙا سنگهه“ جي هت اچڻ جي ڪري رواج ۾ آيو آهي.

چڱو ٿيو جو اسان جي ساهتي علائقي ۾ رهندڙ ”جيسر“ ذات وارن جيسلمير مٿان قبضي جو ڪليم ڪو نه پرايو آهي نه ته عالمي برداري ٽرٽلي اچي وڃي ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون هوش سنڀاليو تہ هٿ هڪڙو الستِ الف ’نانگو ڳيرو ماٺهو ڏٺو جنهن کي ”ملُوڪ“ ڪري سڏيندا هئا توهان مان بہ ملوڪ گهٽ کي ياد هوندو. اهو ذات جو ”مُورو“ هو. ملوڪ کي اُنن سان ڏاڍو پيار هوندو هو. اُٺ بہ سندس ڏاڍي عزت ڪندا هئا پلي ڪٽي کيڏو بہ مست هجي. گوڙيون ڏيندو ۽ مستيءَ مان گج ڳاڙيندو وتي پر مهار ملوڪ هٿ ۾ ورتي تہ ڪنڌ ڪٽي جهڪائيندو هو. ملوڪ اُنن لاءِ چڻ تہ گوگو چهواڻ هو جيئن ڪا بہ بلا، پنهنجي مرشد گوگي چوهاڻ آڏو سيس نمائيندي آهي ايئن پلي اُٺ البيلو ارڏو اڏنگو ۽ ڏنگو هجي. مالڪ بہ چرڪندا هجنس، پر ملوڪ انهي جي ناڪيلي ڇڪي جهڪائي، هيٺ هُشاٽي چڙهيو پيو رٽاٽ ڪڍائيندس کيس. جيترو اُنن سان پيار هو اوترو لباس کان نفرت هئس.

تر جا وڏيرا وڙا، رئيس، نواب، پار پچا شهر آٽڻ کان اڳي جاچ ڪرائيندا هئا تہ ملوڪ تہ ڪٿي واٽ ۾ ڪونهي ويٺو. ان مهل ملوڪ اُتي ڪونہ هوندو هو پر پوءِ خبر ناهي ڪٿان اچي انهي اُٺ جي مهار پڪڙيندو هو جنهن تي رکيل ڪجاوي ۾ ڪنهن وڏيري يا رئيس جا پار ويٺل هوندا هئا.

پهريون ڀيرو ملوڪ کي مون قاضين جي پراٽي پاڙي وٽان متي شاهي بازار ڏي ايندڙ گهٽيءَ ڪانپوءِ بچيل وڏي ميدان ۾ ويٺل اٺن وٽ ڏٺو. اسان جو گهر انهي ميدان جي اُتر ۾ واڪي وانڍ جي نالي محلي جڻي پويان ۽ قاضين جي وڏي مسيت جي اڳيان هوندو هو.

منهنجو جنم تہ نانا حاجي خميسي ٻرڙي جي ڳوٺ ٿيو هو جيڪو مورَي شهر کان اوير طرف پانڌيءَ واري پاسي اٺ ڏهہ ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي مبارڪ ٻُرڙي جي ڳوٺ لڳ آهي. نانا حاجيءَ ٻرڙن جي جن يتيم ٻارڙن جي پرورش ڪئي تن ۾ بابا بہ هو. بابا پورو پڙهي ڪو نہ سگهيو هو جو اسڪول يا نوشهري فيروز ۾ هئا يا حيدرآباد ۾ هئا. فائنل پاس ڪا نہ ڪيائين جو سڌو جا چڏي هاٽوڪي ڳوٺ ۾ اچي رهيا هئا.

انهيءَ تعليم جي آڌار تي بابا کي پهريائين مورَي شهر جي سينيٽري انسپيڪٽر جي نوڪري ملي جيڪا ڇڏي ٽپيدارن وٽ ڪوتار اچي ٿيو. قاضين جي پاڙي ۾ جامي مسيت لڳ ٽپيدارن جي وڏي جاءِ هئي ان جي سامهون گهٽيءَ جي ٻئي پاسي اسان قاضين کان مسواڙ تي گهر ورتو هو. گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو دروازو انهيءَ گهٽيءَ ۾ کُلندو هو جيڪا اتر پاسي جا مي مسيت جي اڳيان لنگهي وڃي لليہ رستي ۾ پوندي هئي. تڏهن لليہ پڪو رستو نہ پر رڳو ڌڌر واري وٽ هئي.

جامي مسيت سان گڏ هڪڙو مدرسو هو پر مسيت ۾ مدرسي جي سامهون ڪدڙن جي مڙهي، ان جي پرسان پانشا لاهئي ۾ گَئو شالا جو چنو هو. مان تڏهن ننڍو هوس پر عمر خبر ناهي ڪيتري هوندم. عمر جو صحيح اندازو اڄ تائين ڪو نہ ٿيو اٿم. هونئن بہ چون ٿا تہ وڏن ماڻهن جي ڄمڻ جا سال ڪڏهن بہ سچا ڪو نہ لکيا ويا آهن. (قائداعظم محمد علي جناح جي بہ ڄم جي سچي تاريخ ۽ سال ڪو نہ ملي سگهيا آهن پر خبر چار هوندي سوڏي سندس ڄمڻ جو هنڌ جهرڪ جي بجاءِ ڪراچي ڪي وزير مينشن تي ڳنڊ پڌي بيٺا آهن). انهيءَ لحاظ کان مان وري بہ بهتر آهيان جو ڳوٺ تہ سچو ٿو سڏايان.

سو ڳالهہ پئي هلي قاضي محلي جي ڪڏهن ڪڏهن مسيت ۾ ڏاڍا ڏيا ٻرندا هئا. تہ ڪڏهن وري ڏرم شالا ۾ پانشالا کي ٻرندڙ ڏين سان سينگاري ڇڏيندا هئا. وري ڪڏهن ڪڏهن مسيت ۾ مولوي اچي ويندا هئا ۽ مولوي واعظ ڪندا هئا. تہ ڪڏهن وري پانشالائن واري پاسي سڄي رات ڀڄن ۽ ڪيرتن پيا ڳائبا هئا. ڍهل شرناين ۽ ڇيرين جي ڇمڪارن سان ناچ ۽ ڳائڻ وڄائڻ واريون وڏيون محفلون ڪڏهن ڪڏهن مڙهين جي اڳيان ٿينديون هيون تہ سڄي گهٽي اسان جي گهر تائين ٻهاري صاف ڪري ويندا هئا. گهر هوسين وچ ۾ يٽ ۽ منايون هر پاسي کان پيون ملنديون هيون.

اها گهٽي ڏکڻ ڏي سڌي وڃي شاهي بازار ۾ شامل ٿيندي هئي گهٽيءَ جي صفا سامهون پيسو مل جو پسار ڪو دڪان بہ هو ۽ ان جي لاڳيتو طبابت ڪرڻ لاءِ لِتَڻ ڪيل وڏو چا پرو بہ هوس بہ ياٺر هئا. ٻئي جو نالو پرو مل هو. پرومل نسخي مطابق سُتي قڪي ڪاڙهي يا شربت جون شيشيون ڏيندو هو يا واندڪائيءَ ۾ پسار ڪيون پڙيون تيار ڪندو هو باقي پيسول مل مشهور طبيب هجڻ ڪري ماڻهن کي دوا درمل ڏيڻ بيمارن کي ڏسڻ ۽ ڪاڙها يا شربت پيئڻ ۾ واڻي بادي شين کان پرهيز پيو سمجهائيندو هو.

هر هڪ مريض کان هڪ پئسو سندس في هوندي هئي تڏهن هڪ رپئي ۾ 96 پئسا يا 48 ٽڪا ٿيندا هئا. پر جي ڪنهن مَريض مِنٿ ڪئي يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غريب هجڻ بابت هيٺي ٻولي ڪئي ته اتلو ٻيا ٻه پئسا گهران ٻه ڏئي ڇڏيندو هوس. اتي پيسو مل وٽ وينل چڱا ڀلا ٽيڻ وارا مريض ٻه خير خيرات ۾ منيون مانيون يا شيون ورهائيندا هئا. سو چشڪي لاءِ مان ٻين سان گڏجي اتي ايندو هوس ۽ شين سان ڪيسا ڀري گهر موٽندو هوس. ٻنهي ڀائرن ۾ رَسُ نه رهي ته پروءَ ڏار ڪاروبار شروع ڪيو. هن حلوو ناهي ٿالهه مٿي تي رکيو هوڪي سان پروءَ جو حلوو وڪرو شروع ڪيو. اهو پروءَ جو حلوو اڄ ٻه هلي ٿو.

شاهي بازار مٿي هوندي هئي ۽ ٻڌو واپار ڪرڻ وارن سيٺين جا دڪان ۽ پيڍيون ٻه مٿي هيون. شاهي بازار ڏاڍي ڏکهي هئي. اوير ۽ اولهه طرف هئي. اوير ڏي مڙبو هو پيسو مل جي طب خاني وٽان ته وڏن واپارين جا ٻڌي سِيڌي سامان جا، ڪپڙي جا واڻ ۽ رسين جا، سونارن جا، جوتا ۽ گيتلا وڪڻڻ وارن جا. اُنن ۽ گهوڙن جي سينگار واريءَ سنجٺ جا وڏاوڏا دڪان هئا جتي ٻه ٽي نوڪر ٻه پورو ڪو نه پوندا هئا .

انهن دڪان جي آڏو هڪڙو وڏو ۽ ويڪرو چؤسول هو جنهن جون مختلف طرفن ڏي ويندڙ پنج ڇهه گهٽيون هيون. اهو چؤسول پوءِ ننڍا ننڍا دڪان نهي وجڻ جي ڪري پنهنجي حُسن ۽ سونهن وڃائي وينو نه ته چؤسول ٽپي ”تاج مسجد“ ڏي اچبو هو ته اتي ٻيو چؤسول هوندو هو تاج مسجد پوءِ نهي، نه ته انهيءَ چؤسول وٽ اُنن جي جهوڪ هوندي هئي ان جي پرسان پيٽرول پمپ هو جيڪو پوءِ جتوئي غلام مصطفيٰ جي والد جي ملڪيت بٽيو. ان پمپ تي ڪا لاري ايندي هئي تيل وٺڻ ته ڪُتر واري مشين هلائڻ وانگر هڪڙو همراهه ڦيٿو گهمائيندو هو ته تيلُ لوهي گُنديءَ جي مٿي تي رکيل شيشي جي مٿن ۾ پرجند هو. اتان رٻڙ جو هڪڙو نڙو اهو تيل ڪٽي لاريءَ جي پنيان نهيل تيل وجهڻ واريءَ جاءِ ۾ اوتيندو هو. هاڻي لاري اسٽارٽ ڪرڻ لاءِ اڳئين مڊگارڊ وٽان هٿيو ڦاسائي ڪو همراهه وٺي گهمائيندو هو ته لاري زرڙاٽ ڪري چالو ٿي ويندي هئي.

تاج مسيت واري ميدان وٽ اڳي گاهه وڪامندو هو. لوسڻ، چاٿو هونديون هيون. ٻارڻ لاءِ ڪانيون ٻه گهٽو ڪري اتان ملنديون هيون. پرسان، مڪائي جوئر، ٻاجهر، گوار سڪل، ڪڙٻ ۽ ڪُتر وغيره جا ڍير ۽ دنَيون تلهو ڪاٺ پيو چيربو هو. اها چير پراڻي نموني سان ٿيندي هئي. يعني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٺ جو تلهو ٽُڙ جنهن ڪي ڪهاڙي سان چلي سڌو ڪندا هئا. ان ڪي راڱو هٽي تاڪ ٿاهڻ يا دوڳ ڪيڙڻ جا نشان تيل هوندا هئا ان ڪي ڪنداڪڙو. ڪنهن ڪڏي ۾ يا تيڪن سان، ڪرٽ جيڪو ڪانئين جي چورس چوڪ ۾ ڦاٽل هوندو ان جو هڪڙو پاسو وينل همراهه وٽ ۽ ٻيو مٿو وري ڪاٺ جي ٻئي پاسي بيٺل همراهه جي هٿ ۾ جهليل هو ندو. بس پوءِ چيڪلي يا انگريزي راند "سي" سا" (Sea- Saw) وانگر ڪرٽ هيٺ وينل ڇڪيندو ۽ ٻئي پيري مٿي بيٺل پاڻ ڏي ڇڪيندو رهندو ۽ راڱي سان ليڪيل ڪاٺ کي ويندو ڪرٽ چيريندو.

گاهه جي پرسان دڪڻ ۽ لهارن جا دڪان هئا. ڪي ڪتون پيا ٺوڪين، ڪي پينگها ۽ هندورا پيا ٺاهين. ڪٿي وري ڪتون ۽ پينگها پيا واٽجن يا دريون ۽ در پيا ٺهن، اهي دڪان اچي مڇي ۽ گوشت جي مارڪيٽ سان لڳندا هئا. اُتان وري صندلن مٿان سائي ڀاڄي وڪڻڻ وارن جي بازار شروع ٿيندي هئي.

سائي ڀاڄي وڪڻڻ وارن ۽ هوٽلن جي وچان ٻه هڪڙي گهٽي هلندي اچي شاهي بازار سان گڏ ٻه هئي. اها گهٽي ٻئي پاسي چمڙي ۽ چوڙي وڪڻڻ وارن ۽ ونڻ وارن جي اڳيان لنگهي ابراهيم شاهه واري قبر ڪان ڦري سُرهين جي پاڙي ڪان ٿيندي وري موٽي اچي اتر پاسي لليا واري رستي سان ملندي هئي.

قاضي پاڙي واري گهٽي ۽ هن سرهين جي پاڙي واري گهٽيءَ جي هُن پاسي مقام هو. جتي ڪپڙ لوا، ڪرڙ ۽ بروتا چانو ڪيو بيٺا هئا. گهٽو ڪري رات جو انهن سيني قبرن تي ڏيا ٻرندا هئا جن ۾ تيل پوندو هو. اهو تيل انهن ڪپڙ ۽ ڪرڙن ۾ رکيل مٽن ۾ پيريل هوندو هو. مٽن ۾ اهو تيل مقام جي پرسان پکن ۽ پونگين جون قطارون جيڪا بازار ٺاهينديون هيون اتان جا رهاڪو موڪليندا هئا. پونگين ۽ جهوپڙين ۾ گهٽو ٽٽو مايون هونديون هيون باقي مردن جي اچ وڃ مٿل هوندي هئي انهي ڪي ڳاڙهي بازار خبر ناهي ڇو چوندا هئا!!

ٿورو پرتي پونگين ۾ ٻيا ٻه ماڻهو رهندا هئا جيڪي باگڙي، ٻالا، جندا هوڙا مينگهواڙ موچي ۽ سوچي هئا جيڪي جوتن جو ٻوڪن جو يا گهوڙن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تل ۾ ٽڙن جو ڳنڍ ٽوپو ڪندا يا ناڙا، ڇڄ ۾ ڳاڳٽا وغيره ٺاهيندا هئا. ڏاندن جو ڇيريون ۽ انن جو ڇيريون يا اکين جا کوپا وغيره. مضبوط چمڙي جي پٽين ۾ جڙڻ ۽ جوڙڻ وارا ڪم به اتي ٿيندا هئا. انهن جا گهر عيدگاه وٽان. درسن وارو رستو به ٽپي وڃي جي ٽي روڊ وٽ چوُنڪ ٺاهيندا هئا.

جي ٽي روڊ جي ٻئي پاسي روينيو ۽ روڊس وارن جون آفيسون هيون اُتي به ٿُوڻن سان جهڳيون نهيل هيون جيڪي پورهيتن جون هيون.اهي پورهيت ڪاٺي ڪٽڻ ۽ کوهن کوٽڻ ۾ پڙ هوندا هئا ۽ انهن کي ڏلهڙيا ۽ ڪامڙيا سڏبو هو پر ذات جا مُورا هئا. موري شهر جي اوير واري شاخ اجا کوٽياڻون پٽي.

انهن ڪامڙين جي پرسان ئي اسپتال هئي. اسپتال جا به ٻالا لالُو ۽ گلو سجي تر ۾ ڦَٽ ڦُرٽيءَ جي وڏ ٽُڪ ۾ ولويون وجهي ڦٽ چُٽائڻ ۾ وڏو نالو هوندو هون. انهن جي ريشمان نالي ڀيڻ هئي سونهن ۾ حُسن ۾ پري پري تائين هُن جي هاڪ هئي. گهٽو ڪري پيلا ڪپڙا پاتل هوندا هئس جن تي ڪارو يا ناسي پرت پريل هوندو هو. مون کي ڏاڍو پيار ڪندي هئي. گهٽو ڪري روزانو مون کي ڳولي، پاڻ سان وٺي اسپتال واري ڪوارٽر ۾ ايندي هئي. مان به خوش ٿينگ ڏيندو ساڻس ويندو هوس.

هن کي مون سان اها محبت تڏهن ٿي جڏهن منهنجيءَ ران ۾ ڳُڙُ نڪتو جيڪو وڏي ذري گهٽ پوري ران جيڏو ٿي ويو هو. هڪڙي ڏينهن بابا مون کي ڪٽي لالوُ ٻالي وٽ وٺي آيو. لالوءَ ڳُڙُ ڏٺو ۽ پوءِ به ٽي ڏينهن ڪي لُپريون ٺاهي اچي اسان جي گهر ۾ مون کي ٻڌي ويندو هو ته جڏهن ايندو هو ته ريشمان کي به ساڻ وٺ ايندو هو جيڪا منهن جي لاءِ منا پڳڙا، ٻوراني، پتاشا، گُهٻت يا ٻيو ڪجهه ڪٽي ايندي هئي. اٽڪل ست اٺ ڏينهن گذريا ته لالُو ۽ پاڻ اسان جي گهر آيا ۽ مون کي ٻاٽسان گڏ جهوليءَ ۾ وجهي راند راند وانگر لوڏيندا اسپتال ڪٽي آيا. ميز تي ليٽايائون ۽ ٻانهون ٽنگون ميز تي ڪَشي ٻڌائون مان روئي روئي بي هوش ٿي پيس. پوءِ خبر ئي ڪا نه پيم ته ڪيترا ڪلاڪ بي سُڌ ستو پيو هوس. انهيءَ وچ ۾ لالوءَ ۽ ريشمان ڳُڙُ چيري منهنجي ران کي پلو بنائي ڇڏيو. اڳهي ڌوئي، ولويون وجهي، ٽاڪا هٽي وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳئي نموني جهولي وانگر لوڏ ۾ لوڏيندا گهرچڏي ويا تہ مون کي سور گهنجرڙ ڪري ننڊ ڪٽي وئي.
هاڻي جڏهن بہ اهو منظر ياد ايندو اٿم تہ لالُو ۽ ريشمان جو اسان جي گهر اچي مون کي منايون يا شئي ڪارائڻ جو مطلب اهو سمجهہ ۾ آيم تہ دوستي ڪري پوءِ ختم ڪري، ڳڙ جي سرجري ڪرڻ ئي سندن مرضي هئي.
اڄ بہ ران ۾ چار پنج انچن جيتري چيري ۽ ٽاڪن جي پريل گهاؤ جو نشان اٿم. بابا ۽ امان کي بہ اهي اسپتال اچڻ کان منع ڪري ويا هئا جو ماءُ پيءُ هئا. هنن کان منهنجون چيخون ٻُڌيون ڪو نہ ٿين ها.
اسپتال کي ڪچي چوڏيواري ڏنل هئي. جنهن جي پٺئي پر ۾ ٽاڻي، لاڪپ، ڊَڪُ ۽ ڊڪ منشيءَ جي ڪوٺي هئي. هاڻي ياد اچيم ٿو تہ اهو هنڌ شايد بخاري پير وارو هو تڏهن اهو مُقام بہ اتي ڪو نہ هو. البت بخاري پير واري پِڙ جي پرسان وڏي ڪڏ هئي جنهن جي ڪنڌي وچي بہ انڊيءَ واري هاٽوڪي رستي سان ٿي لڳي. البت اتي گهاتا سِرنهن، انب، نمون، ٻير تالهيون ۽ لوا بيٺل هُئا ملوڪ ماڻهن کان اُنن جون مهارون وٺي اتي اچي انهن کي ٿاري ۽ ليون چاريندو هو.
بي ڊنڊ نما ڪڏ گچيري واري رستي سان وچي پٺي لڳي تنهن جي ڪنڌي ڏئي پوءِ واٽ ويڪري ٿي موڏي موچيءَ جي دڪان وٽان اچي سبزيءَ جي دڪانن سان ملندي هئي. موڏي موچيءَ کي گهوٽن جو شاديون طئي ڪرڻ مهل بوٽن جي ماپ ڏئي ويندا هئا ۽ گهوٽ شادي ٿيڻ کان اڳ پاڻ اچي پيرن ۾ پائي گهمي هلي پسند ڪري ڪٽي ويندا هئا. ڪيترا سال اهو بوٽ هلندو هو. موڏي جا بوٽ منفرد مهانڊي جا هوندا هئا ۽ سيڪو سجاڻندو هو.
سوهو ۽ سرهيا سدائين گڏجي پاڙا ناهي رهيا. پٺي جيئڻ پيار ۽ محبت جو مثال هئا تيئن دوستي رکڻ ۽ نباهڻ جا ڪو ڏيا هئا. ڪڏهن بہ جهيڙو جهڳڙو انهن محلن ۾ ڪونہ ٿيو نندي کان وٺي وڏي تائين ادب ۽ اخلاق ۾ پنهنجو مَٽُ پاڻ رهيا.
ساڳي ڳالهہ موري جي قاضين جي بہ آهي. موري جا قاضي سدائين علم ۽ ادب جو مثال رهيا آهن. جڏهن اسين موري ۾ سندن محلي ۾ رهندا هئاسين تڏهن نوراني مُنهن تي نندي سفيد سونهاري وارو قاضي عبدالخالق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حياتيءَ هو. اهو وڏو حڪيم سڏبو هو ۽ گهڻو ڪري وڏن ماڻهن ۾ علاج ڪان مشهور هو. پاڻ سنڌيءَ ۾ طب تي ڪتاب بہ لکيو هئائين.

اڳتي هلي جنهن خليق موراتيءَ سنڌي ۾ سُندريءَ ”نالي ناول لکيو اهو مون کي ياد ناهي. البت هڪڙو ڪانڌڙو مال متاع جو وڏو ڏاهو سڏبو هو. ٻيو هڪڙو ڇڄڙو بہ مال جي مرضن ۾ مشهور هو پر ڏنل ڪو نہ هئو ان جا پونير قمرالدين چانڊيو جي ڳوٺ جي سامهون شاخ جي ٻيءَ پر تي ڇڄڙن جي ڳوٺ“ ۾ رهندا هئا. اتي چاچو سليمان ڇڄڙو مشهور ڏاهو هو. اهو ڳائي، مائي ۽ اوني مال جي مرضن جي وڏي ڄاڻ رکندو هو.

اهو چوندو هو تہ موري ۾ اسين پيڙهائتا مال جا ڏاها رهيا آهيون وڏي فخر سان ٻڌائيندو هو تہ سندس اهي وڏا هئا. ريڍي ۽ ٻاڪري مال جي پيٽ ۾ مئل ڦر کي هٿ ۾ بليڊ جهلي آپريشن ڪري ٽڪرن ۾ ڪڍي ايندا هئا ۽ اهو مال ٽئين ڏينهن پاڻهي وڃي گاهہ چرندو هو.

ڏاهپ ۽ هنر جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ موري جا موچي زالن لاءِ جهڙي سهڻي ۽ هلڪڙي ٽئونرن واري جتي ناهيندا هئا. اهڙي جتي سنڌ ۾ ٻيو ڪٿي ڪانہ نهندي هئي. موري جا ڪوري بہ وڏي ڪمال هنر منديءَ سان سوڙ جو اهڙو رنگين ۽ سُرهو ڪپڙو اڻندا هئا جو سيج لاءِ سوڙ سبجندي هئي تہ وري پُٽ يا ڌيءَ جي سيج طور وڇائبي هئي پر نہ ان سوڙ جو رنگ ٻاڙو ٿيندو هو ۽ نہ ان مان سرهاڻ مانئي ٿيندي هئي.

موري جي لوهارن جا بہ ڪئين هنر مشهور آهن. هي اهي لهار آهن جن جي هڪڙي عمر لوهار ناچو ڳائڻ جو ٽولو ناهيو جيڪو پڳت بہ پلي وجهندو هو پر صوفياڻو ڪلام قواليءَ جي انداز ۾ جيئن عمر لوهار ڳائيندو هو ائين ڪڏهن هندوستاني قوال بہ نہ ڳايو. عمر لوهار جو ڪجهہ ذڪر ڊاڪٽر محمد لائق زرداريءَ پڻ پنهنجي آتم ڪٿا ڪيم روح رهاڻ ۾ ڪيو آهي. انهن لوهارن جا ٺاهيل ڪلف، پيڪڙ ۽ نير اڃا تائين ڪن سگهڙ ۽ سليقي مند مالوندن وٽ رکيل آهن. موري جو هڪڙو پيرا اسين مُورو مون کي نوشهري لڳ مؤرن جي ڳوٺ ۾ مليو جنهن لوهارڪو ناهيل پيڪڙ ڏيکاريو جيڪو ڪيترن ماهر چورن کان ڏينهن ڏٺي ڪونہ کليو هو. مالڪ جو شرط هو تہ جيڪو چور پيڪڙ کولي اهو پلي مينهن ڪاهي وڃي. وڏن وڏن جا وس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو نہ هليا. پاڻ بہ مال جو وڏو چور رهيو هوهو ڪراڙو پرڪنڏار مڙس, اها ڪتابي ڳالهہ مجڻ کان انڪاري هو تہ موري شهر جو بنياد هِنَ رکيو "يا" هُنَ رکيو. سندس دعويٰ هئي تہ موري شهر جي بڌڻ وارا سندن اهي وڏا هئا جيڪي اسلام کان اڳئي انهن دڙن تي آباد هئا. دڙن تي ان ڪري مورو اڏيائون جو درياهہ جي پاٽڪ جي ڪنهن کي بہ پڪ ڪا نہ هوندي هئي. ڪڏُن جي باري ۾ سندس چوڻ هو تہ ساڻن واري پاڙي واري ڪڏ هنجي اکين جي اڳيان, شهر جون جايون ناهڻ لاءِ سرون وجهندڙن ۾ اوڏن مٽي ڪڍي ڪڍي وڏائي ڇڏي هئي.

اسلام جي اچڻ کان اڳ واري اهڃاڻ تي پيرو کڻندي اچي چيني سياح هيان سونگ جي ڏسيل پار پٽن تي نظر پئي جيڪو ٻوڌي هو ۽ سنڌ ۾ رڳو اهي پگوڊاءِ ماڳ ڏسڻ آيو هو. جيڪي ٻڌ مت جي پوءِ لڳن جا قائم ڪيل هئا. ٻڌ مت جي پيرو ڪارن ٽيڪسيلا ۾ لکيل پڙهيل ڀڪشوئن جي تربيت ڏيڻ لاءِ يونيورسٽي قائم ڪئي جتي هر زبان ڳالهائيندڙ مقامي ٻوڌي عالم اچي پڙهي پوءِ پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ اچي پرچار ڪندا هئا.

سنڌ جا ڀڪشو بہ اتان پڙهي آيل هئا. انهن کي نہ رڳو مهاتما ٻڌ جا خطبا ياد هوندا هئا پر اهي ڪيترا هنر بہ ڄاڻندا هئا پٿر چلي, پاهڻ مان مختلف شيون ناهڻ کين خوب ايندو هو. اهڙن هنرمند پاهڻ مان سرون چلڻ جو رواج اچي علم ڪيو انهن کي سلاوٽ سڏبو آهي ڪلهوڙن سلاوٽن مان خوب فائدو ورتو. حيدرآباد ۾ جيڪي سلاوٽ آهن سي هت ذڪر ڪيل تربيت يافتہ سنڌي ڀڪشوئن جي ساک پرين ٿا.

**مدي ڪتابن جا حوالا ۽ سمجهاڻيون:**


1. گوتم ٻڌ, سنڌ ۽ سڌيرڻ جو ٽُلهہ اشتياق انصاري, روزاني ڪاوش حيدرآباد. جنوري 2010ع.
2. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري, ڪيمر روح رهاڻ, 2007ع. سنڌ هسٽاريڪل, ڪلچر سوسائٽي مورو سنڌ.
3. ڊاڪٽر قاضي خادم, آتم ڪٿا, دل جي دفتر مان, 2010ع. ڪويتا پبليڪيشن, حيدرآباد سنڌ.
4. ايم ايڇ پنوهر. آپ بيتي, جڳ بيتي 2008ع. فينيڪس بوڪس, ائنڊ ايم ايڇ پنوهر ٽرسٽ حيدرآباد سنڌ.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

5. محمد مٺل ڪمالاڻي، مورو ناهي ٿورو 1988ع مهراڻ ڪلچر سوسائٽي، مورو سنڌ.

6. ڊاڪٽر حامد علي قريشي خانائي، 1987ع، ضلعي نواب شاهه جا شهر ۽ شخصيتون، نواب شاهه سنڌ.

7. موري جي قاضي خاندان جون علمي، ادبي ۽ ديني خدمتون، پروفيسر شمشاد احمد سومرو ڪتاب ضلعو نوشهرو فيروز تاريخ جي آئيني ۾، مرتب اسلم عباسي، سال 2007ع.

8. مرزا قليچ بيگ، سنڌ جا قديم شهر ۽ ماڳهو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، 1966ع.

9. انٽرويو چاچو سليمان ڇڄڙو ڳوٺ ڇڄڙا لڳ ڳوٺ قمرالدين چانڊيو. جنهن جو اولاد هاڻي قمرالدين چانڊئي جي شهر لڳ ڳوٺ ڇڄڙا ۾ آباد آهي.

10. حاجي نورل مُورو تازو پنهنجي ڳوٺ، ڳوٺ مُورا، لڳ نوشهروفيروز ۾ گذاري ويو آهي. سندس عمر سئو سالن ڪان مٿي هئي. فياض مورو ان جو پوٽو آهي ۽ پوليس ۾ اهم عهدي تي فائز آهي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موري جو ماتم

عزادارانِ حسين کي سڄي سنڌ ۾ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي ۽ سنڌ ۾ هوندي بہ تالپرن جي دور کان وٺي ماتم حسين جا قافلا پنهنجي رسم ۽ رواداريءَ سان نڪرندا رهيا آهن. اڳتي هلي ڪري هن وقت جڏهن هي قافلا عبادت گاهن کان ويندي روڊن، رستن ۽ گلين مان گذرندا آهن تہ شيعا توڙي سُني وڏي عقيدت جي نگاهہ سان هنن قافلن جو استقبال ڪندا آهن ۽ پنهنجون باسون باسيندا آهن. جيڪڏهن باس پوري ٿيندي آهي تہ اُهي باسون پوريندا آهن. پاڪ محرم جي مهيني جو چنڊ جيئن ئي نظر ايندو آهي تہ سنڌ اندر جڻ تہ هڪ تڏو وڇايو ويندو آهي ۽ هر طرف عجيب سماع هوندو آهي. ڪراچيءَ مان نڪرندڙ پڙ، حيدرآباد مان مختلف برادرين جا نڪرندڙ پڙ، روهڙي مان ڪربلا مولا جي ذري ۽ خيرپور مان سيدن جا قافلا تمام گهڻو مشهور آهن، جيڪي سوز خواني، نوحہ خواني ۽ سينہ زني ڪندا سائنڻ ۽ ان جي اولاد کي پرسو ڏيندي پنهنجو حق ادا ڪندا آهن. ماتمي قافلن مانِ جتي سنڌ ۾ ٻيا شهر مشهور آهن اتي سنڌ جي دل شهر موري جو ماتمي قافلو پڻ تمام اهميت جو حامل آهي. پري پري کان هزارين ماڻهو هن ماتمي قافلي کي صرف ڏسڻ لاءِ ايندا آهن. گذريل پنجاهہ سالن کان وٺي هن شهر مان نڪرندڙ ماتمي جلوس اڄ بہ انهيءَ ساڳئي روٽ سان گذرندو آهي. هتي مختلف قبيلن سان تعلق رکندڙ ماڻهو هڪ ئي جلوس ۾ امام بارگاهہ کان نڪري ڪري سرهيا محلا، سيد محلا، ميمڻ محلا، پيرزاده محلا، ڪوڪر محلا، لانگاهہ محلا، شهيد عبدالرزاق سومري جي مزار کان ٿيندي دادو روڊ کان ٿيندو جڏهن بخاري پير تي پهچندو آهي تہ ان وقت رهيل سڀ مولائي پڻ ان پڙ وٽ گڏ ٿيندا ۽ هڪ وڏو قافلو شاهي بازار کان ٿيندو شاهي بازار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪ تي پهچندوآهي ۽ اهو سمورو وقت بازار وارو عرصو جلوس کي تقريبن 3 کان 4 ڪلاڪ لڳي ويندا آهن. هتي مين روڊ تي مولائي پنهنجون قميصون لاهي سينہ زني ڪرڻ لاءِ تمام جوش ۽ جذبي سان عزادارِ حسين ۾ حصو وٺندا آهن. شاهي بازار ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ مين روڊ جو وڏو چوراهو ۽ چوڪ جيڪو گذريل 30 سالن کان ميجر چوڪ جي نالي سان مشهور آهي. ٻڌائيندا آهن تہ هن چوڪ تي پهربون پيرو هڪ فوجي ميجر پنجاب مان اچي ڪري نوحي تي زنجير جو ماتم ڪيو هو ۽ ان ڏينهن کان وٺي ان مين روڊ جي مين چوڪ کي "ميجر چوڪ" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. اڄ بہ موري جا شيعا توڙي سني ان کي ميجر چوڪ جي نالي سان سڏيندا آهن. هتان نوحي خوانن جا 4 ٽولا هن قافلي ۾ نوحي خانيءَ جا فرائض سرانجام ڏيندا آهن. ڇهين کان 10 محرم تائين بازار جي هن جذباتي ماتمي قافلي کي شيعا توڙي سُني وڏي احترام سان ڏسندا آهن. مون مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ موري شهر ۾ ماتمي قافلي جو هي روٽ ڇوڙ وارا ڇون ٿا تہ جڏهن کان موري جو ماتمي قافلو نڪرڻ شروع ٿيو تہ هن قافلي جو روٽ تاريخي طور تي هي ساڳيو ئي روٽ رهندو آيو آهي. نوحي خاني ڪندڙن ۾ ڪئين سال اڳ تہ صرف هڪ ئي ٽولو هوندو هو پر ڪافي عرصي کان وٺي نوجوان نوحي خانن ۾ ڪافي اضافو ٿيو آهي جن ۾ سيدن جو ٽولو جنهن جي اڳواڻي علي شير شاهہ ڪندو آهي. الهہ ڏني عمراڻيءَ جو ٽولو اڪبر ٻٽ جو ٽولو غلام حسين سمي جو ٽولو شامل آهن. ماتمي جلوس جي اڳيان هڪ پاڻيءَ جو گاڏو هلندو رهندو آهي جيڪو هن سڄي قافلي کي سبيل پياريندو رهندو آهي ۽ ان سان گڏ شهر ۾ ڪيترائي ماڻهوا ن گاڏي تان ٿڌي پاڻيءَ جي سبيل پيئندا آهن. موري ۾ ڏهين جو ڏينهن انتهائي قيامت خيز ڏينهن هوندو آهي. انهن ڏينهن جي اهميت انهن ماڻهن کي هوندي جن هن شهر ۾ ڏهين جو ماتم يا قافلو ڏٺو هوندو. ڏهين جي ڏينهن صبح کان وٺي امام بارگاهہ کان ويندي شاهي بازار تائين يا جلوس جي واپسي سرهيا محلي تائين تر ڇٽڻ جي جاءِ نہ هوندي آهي. شهر جي ٻهراڙين جي علائقن جا هزارين ماڻهو هن قافلي کي ڏسڻ لاءِ شهر ايندا آهن ۽ ان ويل اهو محسوس نہ ٿيندو آهي تہ شيعو ڪير آهي ۽ سُني ڪير آهي؟ حسبِ دستور هي ماتمي قافلو شهر جي مين بازار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري چوڪ تي پهچي ڪري پهريان تہ نماز ادا ڪندو آهي ۽ بعد ۾ مجلس عزا منعقد ٿيندي آهي، جيڪا روايت پڻ ڪئين سال پراڻي آهي. جڏهن کان ونئي شهر ۾ ماتمي جلوس جي رسم شروع ٿي تہ مجلس جي هيءَ جاءِ پڻ ان ڏينهن کان ونئي مقرر ٿيل آهي. هن شهر جو امام بارگاهہ پڻ ڪافي تاريخي امام بارگاهہ آهي، جنهن جو بنياد سيد محمد شاهہ وڌو. جنهن وقت هن امام بارگاهہ جو بنياد وڌو پئي ويو تہ ان وقت صرف هڪ ڪچي ڪوٺي ۽ ان جي چوڌاري ڪچي پٽ هوندي هئي جڏهن تہ هن وقت شهر جو امام بارگاهہ سنڌ جي ڪيترن ئي امام بارگاهن کان وڌيڪ ڪشادو ۽ جديد ۽ خوبصورت ٺهيل آهي، جنهن ۾ عورتن جي مجلس ۽ عزاداريءَ جو الڳ پورشن ٺهيل آهي. ڇهين محرم تي امام بارگاهہ مان ذوالجناح سان گڏ قافلو روانو ٿيندو آهي ۽ واپس ساڳي امام بارگاهہ تي جڏهن موٽندو آهي تہ ان وقت زيارت ۽ دعا پڙهائي ويندي آهي، جنهن کان پوءِ مومنن ۾ نذرِ نياز ورهايو ويندو آهي. ستين محرم تي شهزادي علي اڪبر جي سيج سيدن جي محلي سائين باقر شاهہ جي گهران رواني ٿيندي آهي. اٺين محرم تي شهزادي قاسم جي سيج وري ساڳي امام بارگاهہ مان رواني ٿيندي آهي جيڪا پڻ ساڳي روٽ کان ٿيندي واپس منزل مقصود تي پهچندي آهي. نائين محرم تي شهزادي علي اصغر جا پہ جهولا سرهين جي پاران روانا ٿيندا آهن ۽ پوءِ ڏهين محرم تي وري اهي سڀ سواريون هڪ ئي هنڌ تان نڪرنديون آهن ۽ ان سان گڏ حضرت عباس علمدار جو روضو ۽ ان سان گڏ امام حسين عليہ السلام جي روضي جي زري جنهن کي تعزيو چيو ويندو آهي برآمد ٿيندا آهن. هن سڄي قافلي جو انتظام هونئن تہ مختلف انجمنون پڻ ڪنديون آهن پر مرڪزي انجمن حسيني هوندي آهي، جنهن ۾ شهر جا معززين شيعا حضرات ميمبر هوندا آهن، جيڪا هن سڄي قافلي جي سرواٽي ڪندي آهي ۽ انتظام سنڀاليندي آهي. ڏهين جي ڏينهن تي هڪ تمام ڊگهو قافلو جڏهن ميجر چوڪ تي پهچندو آهي تہ مولائي ان چوڪ تي هڪ ڪلوميٽر ڊگهي روڊ تائين زنجير جو ماتم ڪندا آهن. ان ماتم جو وقت پورو ٿيڻ کان پوءِ بازارن ۾ ساڳيا ماتمي جن ۾ حاجي شير علي شاهہ، نواب سرهيو اصغر شاهہ، حاجي شاهہ، ڪرم شاهہ، انيل شاهہ، ان وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشهور نوحو ”مولا حق امام، يا حسن ياحسين“ پڙهيو ويندو آهي. جيڪو پڻ هزارين ماڻهو شهر جي مختلف بلڊنگن تان چڙهي ڪري ان جو نظارو ڪندا آهن. هن شهر جي محرم مهيني جي مکيہ خصوصيت اها آهي تہ هتي ڪڏهن بہ شيعا سُني تڪرار نہ رهيو آهي ۽ هن وقت عزادارِ حسين ۾ ايترو اضافو ٿيو آهي جو هڪ گهر مان جيڪڏهن بہ شيعا آهن تہ بہ سني آهن. اهوئي سبب آهي جو هتي مثالي امن هوندو آهي، جنهن کي سڄي سنڌ جي انتظاميا پڻ داد ڏيڻ کانسواءِ نہ رهي سگهندي آهي.

موري شهر جا نوحہ خوان پنهنجي پرسوز آواز ۾ جڏهن مرثيہ خواني يا نوحہ خواني ڪندا آهن تہ قافلي ۾ شامل يا ڏسندڙ هزارين ماڻهو وڏا پار ڪيڍي روئندي سانئڻ کي پرسو ڏيندي نظر ايندا آهن. جيڪو منظر پڻ دل ڏاريندڙ هوندو آهي.

ماتمي قافلي کي سيد مقبول شاهہ سيد ڪاظم شاهہ ۽ سيد ڊاڪٽر سجاد شاهہ ڪيترن سالن کان وٺي قافلي کي ترتيب سان وٺي هلڻ ۽ سيني جي همت افزائي جي ڊيوٽي تاحال ڏيندا پيا اچن. انجمن حسينيءَ جا عهديدار سائين شبير شاهہ، ڊاڪٽر ممتاز ميمڻ، ڊاڪٽر غلام شبير ميمڻ، لياقت سرهيو ۽ ٻيا جلوس جي اڳواٽي ڪندي ڏاڍو سرگرم نظر ايندا آهن. ڏهين محرم جي ڏينهن جلوس ۾ الائي ڪيترين ايمبولينسون، سبيل جون گاڏيون ۽ اسڪائوٽس گڏ هوندا آهن. اُهي سڀ فرقيوارانہ تعصب کان هٽي ڪري خدمتون سرانجام ڏيندا آهن بهرحال احترام جي حوالي کان چيو ويندو آهي تہ سڄي سنڌ ۾ موري جهڙو قافلو ڪٿي بہ نہ نڪرندو آهي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرزا کاظم رضا بیگ

## کراچی کے پہلے مسلمان میئر

# قاضی خدا بخش مرحوم

سارے سندھ میں آج بھی قاضی خدا بخش مرحوم کا نام عزت و احترام سے لیا جاتا ہے۔ان کی تعلیمی اور سماجی خدمات تاریخِ سندھ میں خصوصاً اور مسلمانانِ برصغیر کی تاریخ میں عموماً ہمیشہ یاد رہیں گی۔ قاضی خدا بخش مرحوم 5 نومبر 1895ء کو سندھ کے مردم خیز قصبہ مورو (ضلع نوشہرو فیروز) میں پیدا ہوئے۔ان کے والد مولانا قاضی نبی بخش مرحوم اپنے علم و فضل کے اعتبار سے ایک مقتدر حیثیت کے مالک تھے۔ان کا شمار سندھ کے معتبر مفتیوں میں ہوتا تھا۔وہ ایک اچھے خاصے زمیندار بھی تھے۔ان ہی کی نگرانی میں قاضی خدا بخش نے ابتدائی تعلیم حاصل کی۔ جو بیشتر مذہبی نوعیت کی تھی۔ اس کے بعد قاضی صاحب نے پرائمری اسکول مورو میں تعلیم حاصل کی۔ اور 1904ء میں سندھ مدرسۃ الاسلام کراچی میں انگریزی کی پہلی کلاس میں داخلہ لیا۔ بعد میں 1914ء میں بمبئی یونیورسٹی سے میٹرک فرسٹ ڈویژن میں پاس کر کے ڈی جے سندھ کالج میں 1915ء میں داخل ہوئے۔وہاں تقریباً دو ماہ تک تعلیم حاصل کرنے کے بعد علی گڑھ گئے اور الہ آباد یونیورسٹی سے 1919ء میں بی اے فرسٹ ڈویژن پاس کیا۔ 1919ء میں علی گڑھ اسٹوڈنٹس یونین کے نائب صدر منتخب ہوئے۔اس زمانے میں یہ اعزاز صرف محنتی طالبعلم کو ہی ملتا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تھا۔ اللہ تعالیٰ نے قاضی صاحب کو تحریر و تقریر کی خاصی صلاحیت بخشی تھی۔ انہیں بہترین مقرر کی حیثیت سے دو میڈل بھی ملے تھے۔

ابھی کالج ہی میں تھے کہ تحریکِ خلافت اور ترکِ موالات کا آغاز ہوگیا۔ قاضی صاحب بھی اس تحریک میں شامل ہوگئے اور اسی تحریک کے ذریعے عملی سیاست میں آ گئے اور بہت جلد نوجوان مسلم لیڈر کی حیثیت سے سامنے آ گئے۔ اسی دوران انہیں آل انڈیا کانگریس کی مجلسِ عاملہ کا رکن منتخب کرلیا گیا۔ اس زمانے میں قاضی صاحب کی تقریروں نے، ان کی پرجوش عمل نے ان کی جدوجہد اور سرگرمیوں نے انہیں سب کا محبوب بنادیا۔ عوام کا محبوب بننا اس زمانے میں جان جوکھوں کا کام تھا۔ فوراً ہی وہ انگریز حکومت کی نظر میں آ گئے اور اس جوان سال قاضی خدا بخش کو گرفتار کرکے ایک سال کے لیے جیل بھیج دیا۔ کچھ عرصے بعد تحریکِ خلافت ختم کردی گئی اور قاضی صاحب نے میرٹھ لا کالج میں داخلہ لے لیا اور 1926ء میں فرسٹ کلاس ڈویژن میں ایل ایل بی کا امتحان پاس کیا۔ اس کے بعد وہ کراچی آ گئے اور بیرسٹر سر الفنسٹن (جو سندھ کے پبلک پراسیکیوٹر تھے اور مولانا محمد علی جوہر کے خلاف بغاوت کے مقدمے، ستمبر 1921ء میں سرکاری وکیل تھے) کی زیرِ تربیت وکالت شروع کردی اور چند سال کے اندر ممتاز وکلاء میں ان کا شمار ہونے لگا۔

قاضی خدا بخش نے مولانا محمد علی جوہر کے ساتھ ہندوستان کے کئی شہروں کا دورہ بھی کیا اور وہاں تقریریں بھی کیں۔ مولانا محمد علی جوہر نے انہیں آل انڈیا کانگریس ورکنگ کمیٹی کا ممبر مقرر کیا۔ یہ ایک چھبیس سالہ نوجوان کے لیے بہت بڑا اعزاز تھا اور پوری کمیٹی میں قاضی صاحب ہی کم عمر تھے۔ قاضی صاحب کو مولانا کا ذاتی معاون ہونے کا شرف بھی حاصل تھا۔ آپ سندھ پراونشل خلافت کمیٹی کے سیکریٹری بھی رہے۔ کچھ عرصہ کے لیے موخر سندھی روزنامہ ''الوحید'' کے ایڈیٹر بھی رہے اور ساتھ ساتھ اسی ادارہ کے انگریزی ہفت روزہ ''مسلم ایڈوکیٹ'' کی بھی مدیر رہے۔ سندھی اور انگریزی میں آپ کی تحریریں مدلل اور تاریخی حوالوں سے مزین ہوا کرتی تھیں۔ ان کی عبارت شستہ اور انداز مدبرانہ ہوتا تھا۔ یہ مولانا محمد علی جوہر کی رفاقت اور محبت کا اثر تھا۔ حکومت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کے خلاف بغاوت کے الزام میں ایک سال کے لیے جیل بھی گئے اور انہیں تھانہ بھون جیل میں رکھا گیا۔ آخر کار تحریکِ خلافت کا دور ختم ہوا۔

1934ء میں قاضی خدا بخش کراچی میں میونسپل کارپوریشن کے انتخاب میں سر عبداللہ ہارون کے مقابلے میں کھڑے ہوئے۔ لیکن سر عبداللہ ہارون نے اپنا نام واپس لے لیا اور اس طرح وہ بلا مقابلہ منتخب ہوئے۔ اسی سال وہ کراچی کے ڈپٹی میئر منتخب ہوئے اور 3 مئی 1935ء کو حاتم علوی مرحوم کو شکست دے کر کراچی کے پہلے مسلمان میئر منتخب ہوئے۔ قاضی خدا بخش نے اسی زمانے میں پہلی بار لیاری (جو کراچی کا سب سے پسماندہ اور مسلم اکثریت کا علاقہ تھا) پر خصوصی توجہ دی اور وہاں اسکول، دواخانے اور سڑکیں بنوائیں۔ مواصلات کی سہولیت کے لیے لیاری ندی پر پل تعمیر کرایا۔ مسلمانوں کو ملازمتیں دلوائیں۔ علاوہ ازیں کراچی اسکول بورڈ کے چیئرمین کی حیثیت سے مسلمان اساتذہ کی تقرری اور ذہین طلباء کو وظیفے دے کر اعلیٰ تعلیم کے لیے بیرونِ ملک بھجوایا۔ ان کے اقتدار کا یہ زمانہ کراچی کے مسلمانوں کو ہمیشہ یاد رہے گا۔

مئی 1930ء سارے برصغیر کی تاریخ میں ایک ہولناک سال ہے۔ اس سال کوئٹہ میں ایسا زلزلہ آیا کہ سارا شہر تباہ و برباد ہو گیا اور ہزاروں جانیں ضائع ہو گئیں۔ جو بچے تھے وہ بے گھر و بے در ہو گئے۔ قاضی صاحب نے متاثرہ افراد کی آبادکاری کے لیے کراچی اور اندرونِ سندھ بہت سے کیمپ کھلوائے اور ایسی بیش بہا خدمات انجام دیں کہ سارے سندھ و بلوچستان، بمبئی اور دہلی تک ان کی خدمات کو سراہا گیا۔ بلکہ انہوں نے میئرس ریلیف فنڈ بھی قائم کیا، جس میں خود آپ نے دو ہزار روپے بطور عطیہ دیئے۔ سندھ مدرستہ الاسلام عارضی طور پر بند کر دیا گیا اور وہاں ریلیف کیمپ قائم کیا گیا۔ اس طرح زلزلہ سے متاثرین کی بڑی مدد کی۔ انہیں نئے گھروں میں آباد کیا گیا اور ملازمتیں دلوائی گئیں۔ ان میں سے بہت سے خاندان اب تک مستقلاً سندھ میں آباد ہیں۔ اس انسانی خدمت کے صلے میں انہیں 1936ء میں لارڈ لنگڈن (وائسرائے ہند) نے ''قیصر ہند'' کا خطاب عطا کیا۔ یہ بہت بڑا اعزاز تھا جو ہندوستان میں اس وقت چند لوگوں کو ملا تھا، جن میں مسٹر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاندھی، مسز سوجنی نائیڈو، راج گوپال اچاریہ اور ڈاکٹر راجندر پرشاد بھی۔ اس سلسلے میں کراچی کی ایک خاص تقریب میں قاضی صاحب کو یہ تمغہ دیا گیا۔ اور ملک بھر اس کے اعزاز کو سراہا گیا۔ جب سلطان محمد شاہ آغا خان مرحوم کراچی تشریف لائے تو انہوں نے بھی ایک خاص ضیافت میں قاضی صاحب کی خدمات کی تعریف کی اور ان کی کامیابی کے لیے دعا کی۔

سندھ کی تعلیمی پسماندگی کی پیشِ نظر یہ بہت ضروری تھا کہ جدید علوم وفنون کی ترویج وترقی کے میدان میں مثبت اقدام کئے جائیں۔ چنانچہ سید امیر علی شاہ کی ایما پر خان بہادر حسن علی آفندی 1885ء میں کراچی میں سندھ مدرستہ الاسلام اسکول قائم کیا۔ حالانکہ اصل تجویز کے مطابق سندھ میں مسلمانوں کا علیحدہ کالج قائم کرنا تھا۔ یہ سعادت سندھ مدرسہ بورڈ کے اعزازی سیکریٹری کی حیثیت سے قاضی صاحب کو حاصل ہوئی، جن کی سعی ء جمیلہ کے نتیجہ میں 1943ء میں سندھ مدرسہ بورڈ کے زیرِ اہتمام سندھ مسلم کالج قائم ہوا، اس کالج کا افتتاح قائداعظم نے کیا اور دس ہزار روپیہ بطور عطیہ بھی دیئے تھے۔ اس زمانے میں آپ نے سندھ مدرسہ گرلز ہائی اسکول کے نام سے سعید منزل کے قریب لڑکیوں کا پہلا مسلم اسکول بھی قائم کیا۔ 1937ء میں نوعمر قیدیوں کے لیے بھی ایک اصلاحی اسکول قائم کیا تھا۔ درحقیقت قاضی صاحب سرسید احمد خان کے پیروکار تھے اور ان کا ایمان تھا کہ اگر مسلمانوں میں جدید تعلیم عام ہوجائے تو وہ بھی دنیا کی دوسری قوموں کی طرح ترقی کی راہ پر گامزن ہوسکیں گے۔ آپ کی کوششوں سے مسلمانوں کی تعلیم کے لیے سندھ مسلم ایجوکیشنل سوسائٹی قائم ہوئی جس کے صدر سر شاہنواز بھٹو تھے اور آپ اس کے سیکریٹری تھے۔ آپ سندھ مسلم جماعت کے بانی بھی تھے اور کئی سال تک اس کے سیکریٹری بھی رہے، جبکہ سر غلام حسین ہدایت اللہ اس جماعت کے صدر تھے۔

قاضی خدابخش نے علی گڑھ سے جو فیض حاصل کیا تھا، اسے وہ بھولے نہیں، اور اسی مادرِ علمی سے مرتے دم تک اپنا تعلق رکھا۔ چنانچہ کراچی میں علی گڑھ اولڈ بوائز ایسوسی ایشن قائم کی۔ اس کے علاوہ انجمن ترقی اردو ہند کی کراچی شاخ کے بانی اور صدر تھے۔ وہ تاحیات ان دونوں اداروں کے



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روحِ رواں رہے۔

1943ء میں مسٹر الفنسٹن کے چلے جانے کی وجہ سے حکومتِ سندھ نے آپ کو سندھ کا پبلک پراسیکیوٹر مقرر کیا۔ یہ عہدہ آخری دم تک ان کے پاس رہا۔ اور اسی دوران انہوں نے پوری قابلیت، ایمانداری اور بلند کرداری سے اعلیٰ قانونی اور عدالتی روایات قائم کیں۔ آپ انتظامیہ کی سفارشات کو کبھی بھی اہمیت نہیں دی۔ اور مقدمات کے قانونی پہلوؤں پر ہمیشہ نظر رکھی۔ ایک کیس میں انکار کی وجہ سے معاملہ گورنر کے سامنے پیش ہوا، جس نے قاضی صاحب کے خلاف شکایت کو مسترد کر دیا۔

قاضی خدا بخش مرحوم ایک بے باک مردِ مجاہد، انگریزی کے شعلہ بیان مقرر اور عظیم قانون دان تھے۔ آپ کے شاگرد بھی بڑے بڑے قانونی عہدوں پر فائز رہے۔ آپ عدل وانصاف پر ایمان رکھتے تھے اور رواداری، شرافت، نفس اور انسانیت پر یقین رکھتے ہوئے ان کا قلب وسیع، ان کا ذہن کشادہ اور ان کا مزاج شریفانہ تھا۔ یہی وجہ تھی کہ وہ عوام و خواص میں یکساں مقبول تھے۔ لیکن موت کے ستم ظریفی دیکھیئے کہ جب قوم و ملک کو ان کی نہایت ضرورت تھی تو وہ 48 سال کی عمر میں مورخہ 20 فروری 1944ء کو دماغ کی رگ پھٹ جانے کی وجہ سے اپنے معبودِ حقیقی سے جا ملے۔ آپ کو دکنی قبرستان میں سپردِ خاک کیا گیا۔ جہاں آپ کے والد قاضی نبی بخش (متوفی 4 اگست 1938ء) اور بڑے بھائی قاضی عبدالخالق خلیق مورائی (متوفی یکم مئی 1934ء)، جو سندھ کے نامور ادیب، شاعر اور عالم دین تھے، بھی مدفون ہیں۔ آپ کے جنازے میں کراچی اور اندرونِ سندھ کے لوگوں نے بڑی تعداد میں شرکت کی۔ آپ کی وفات پر ہندو، مسلمان، پارسی اور مسیحی رہنماؤں کے علاوہ حکام اور اخبارات نے غم و اندوہ کا اظہار کیا اور آپ کی نمایاں خدمات کو سراہا۔

حق مغفرت کرے عجب آزاد مرد تھا

☆☆☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# Moro in Historical Perspective

Like other parts of the province, Moro town enjoys lot of significance in all spheres of life and of course in all respects. It is abundantly rich with history, heritage, literature or the men of letters.

Under the new administrative set up, it enjoys the status of Taluka head quarter, with all basic facilities usually availed by the urban areas.

Its history dates back to 8th century Hijri as suggested in many historical documents. Before the carving out of new district of Naushahro Feroze in 1989, it was the part and parcel of Nawab Shah district and would used to carry lot of influence in the political arena particularly while making or breaking of the governments in the province as well as the centre. Moro, which is the home town of Jatois, who carry unparallel socio-political influence in the area as well as the whole country, are also well known by their great respect for history and preservation of heritage.

According to 1998's Census report the total population of this taluka is 1064651 souls. A bridge on river Indus connecting Naushahro Feroze and Nawab Shah districts with Dadu and Larkana has played vital role towards minimizing the distances and giving pace to over all progress and development in the whole region. It stretches over 5 kilometers, which has no match in the entire country. The scheme was initiated by Shaheed Zulfiqar Ali Bhutto and was inaugurated by General Ziaul Haq in the mid 1980s.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

During the course of my research journey through the district of Naushahro Feroze in June 2009, I came across lot of places, points, and historical monuments which were hitherto hidden from the public eye. Moro town, which is the centre point of the province, has lot of potential as far as cultural, historical and architectural heritage is concerned. As many as three ancient ruins (Sirini Jo Kot, Meeran Jo Kot and Bago Darro near Noor Pur), a series of old mosques, temples, dargahs, schools, havelis, palaces, mansions, bungalows, three irrigation rest houses built in 1926, and a private wild life preserve constitute a history of the whole taluka.



*Ruins of Sirini Kot in New Jatoi.*

The town itself is full of some historical old residential buildings dating back 100 to 150 years. Though, majority of the old buildings of the same time have fallen prey to the growing commercialization and as a consequence modern infrastructures have replaced them. The areas famous for the beautifully designed buildings in the town were Surihya Mohalla, Shaikh Mohalla, Syed Mohalla, Burirra Mohalla, Plot Mohalla etc. Despite all, a galaxy of old beautiful buildings of the colonial period still very much exist in the locality and are intact in all respects. The area is inhabited by the Urdu speaking community. While a number of old buildings in Surihya, Shaikh and Burirra Mohallas have



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

been demolished or the massive alterations made in hap hazard manner have adversely affected their original beauty.



*Old architecture of Plot Muhalla, Moro.*

The precious debris and the antique valued wooden fixtures have also met the same fate. In the wake of growing urbanisation and consequently increase in the commercial needs of the towns, the rapid fall of old beautiful buildings has become common phenomenon of Sindh's urban and semi urban centres.

About a three centuries old Nanga Mandir (as claimed by the shewadari), in the heart of the town is the worst example of illicit encroachment.

A large area of this historic building has been surrounded by the encroachers leaving behind a small area for the worshippers. Most ironically, during the times of Babri mosque desecration in India in the early 1990s, this temple also fell prey to the frenzy activity and was set ablaze as a reaction. Over a 100 year old irrigation rest house in the town has been left deserted



despite the fact it very much qualifies to be converted in to town's circuit house with minor repair works to be under taken. Most of its blocks have been left with out use, giving away golden opportunity and immunity to the thieves and the encroachment mafia to loot and plunder the town's one of the oldest buildings. The provincial government in particular will have to pass an administrative order for the revival of the past glory of this kind of monumental buildings spreading in the nook and the corner of the province. Other wise, with in the period of next decade we won't be able to find out a small brick over the site. Besides this, there exist two more rest houses of the same period in the country side of taluka Moro: Pooran Rest House near Deparja (built in 1930) and a rest house near New Jatoi on Deparja road.



*Pooran Rest House on way to Deparja from Moro.*



Both of these buildings of the imperial era also face the same fate and stand with out doors, windows or the ventilators. There vast land has been illegally encroached by the local zamindars. The old mosque in the premises of the otaq of Mr Ghulam Sarwar Kherro in Deparja is yet an other historical monument of this taluka.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

The chain of private bungalows in New Jatoi built by KB Imam Bakhsh Khan Jatoi or his son Ghulam Rasool Khan Jatoi have lot of historical as well as architectural significance. All these bungalows are well preserved and are surrounded by lush green gardens.



*A view of bungalow built by Khan Bahadur Haji Imam Bux Khan Jatoi, in New Jatoi.*

The fortified palace of Raees Ghulam Mujtaba Khan Jatoi in New Jatoi adds a new plume in the crown of Moro's historical heritage. Besides it, is the private zoological garden of Mujtaba Khan, which provides refuge to a large number of rare species of animals or the birds.





*Main gate of Palace built by Raees Ghulam Mujtaba Khan Jatoi in his hometown. Some rare species of deer being cared in Jatoi Palace.*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

The building of old LBV school built by Raees Ghulam Rasool Khan Jatoi in his native village way back in 1937, stands in the vicinity of Jatois' residential area. The school was associated with boarding house which was used to be supplied with three time meal from Jatoi house.



*An abundant building of LBV School, New Jatoi.*

Following the crisis that gripped the entire area following the Indo Pak partition, Ghulam Rasool Khan Jatoi, then Chairman District Council, Nawabshah jumped to save the education of his district. He spearheaded the cause courageously and let reopened many schools which were left dysfunctional with the mass migration of Hindu teachers. With his die hard efforts the Anglo vernacular School of Tharoo Shah was re opened and was saved from going down to drain. School's erstwhile boarding house was made functional and was supplemented with necessary grocery items in abundance. Its old debts were settled. Students were encouraged through scholarships. Similarly, Jatoi sohib extended full possible support to the then budding educationist HM Khoja to spread the net work of educational institutions in Nawabshah. When his able son, Raees Ghulam Mustafa Khan Jatoi became the chief minister of Sindh, he immediately got approved the scheme



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

of a medical college for girls in Nawabshah. When he confronted with the difficulty regarding land and space to run the college, he immediately sought the support of his teacher Mr. HM Khoja and started the classes of the new college in the Latif hall of Mr. Khoja's school.

The provincial as well as the district government of Naushahro Feroze should rise up and take effort to contain the deterioration of the heritage of Moro and all the buildings of colonial period as well as the three ancient ruins may be declared as protected monuments.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*Dr. Junaid Hamid Samoo*
*D.D.O (Revenue)*

# Moro Taluka: Past and Present

Historically Moro is very old. According to "Tohfatul Kraam" Moro was a small village by the name of "Makan Moro" during the reign of Mian Naseer Muhammad Kalhoro.

Kazi Nazeer Morai writes "Historically Moro city is very old. According to one source Moro was named after old ruling dynasty of India "Morya". The opinion of Makhan Khan Sahito seems more plausible, according to which the word Moro has been derived from "Makan Moro" which means "Dwelling places of Morya" named after "Moryo Faqeer".

Before the British period, administratively Sindh was divided into "Parganas". Moro was part of which is historically known as "Sahati Pargana". Later, after the advent of British, according to Sindh Gazetteer of E.H. Aitken it was part of Hyderabad District and Sub-Division Naushahro Feroze, which consisted of five talukas including Moro. In 1912, when Nawabshah district was created taluka was also then part of it in subdivision Naushahro Feroze, whose headquarter was at Moro. It remained part of the Naushahro Feroze subdivision until the creation of subdivision Moro on 1st January, 1970, which consisted of taluka Moro and Sakrand. Later Sakrand subdivision was created in 1978 and major part of Sakrand taluka was taken out from Moro subdivision. In 1989, Naushahro Feroze district was created and two



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

revenue circles of Moro subdivisions namely Doulatpur and Saware were carved out of it and included in Nawabshah district.

Presently the Moro taluka consist of four revenue circles namely Moro, Kahkat, Doro Behan and Sehra.

Detailed revenue jurisdiction of Moro Taluka

| S. N | UC | Tapa | Deh |
|---|---|---|---|
| 1 | Moro-I | Moro | Ward No. 9, 10, 11 and 12 |
| 2 | Moro-II | Moro | Ward No. 3, 4, 5, 6, 7, 8, 15, 16 and 17 |
| 3 | Moro-III | Moro | Ward No. 13, 14, 18, 19 and 20 |
| 4 | Kahkat | 1. Abad Kahkat | i. Abad Kahkat<br>ii. Abak Kaimkor |
| | | 2. Ghairabad Kahkat | i. Ghairabad Kahkat |
| | | 3. Kahlso | i. Khalso |
| 5 | Ghachero | 1. Dalchand | i. Old Gachero<br>ii. Dal Chand |
| | | 2. New Gachero | i. New Gachero |
| | | 3. Mari | i. Mari |
| | | 4. Khero Dero | i. Khero Dero |
| | | 5. Misri | i. Misri<br>ii. Bett Budho<br>iii. Miran Jatoi |
| 6 | Fatoo Balal | 1. Moro | i. Moro |
| | | 2. Khero Dero | i. Khero Dero |
| | | 3. Khokhar | i. Khokhar<br>ii. Kalhora<br>iii. Fazal Jagir<br>iv. Korai |
| | | 4. Fatoo Balal | i. Waryaso Raiti<br>ii. Fatoo Balal<br>iii. Waryaso Jagir |
| 7 | Deparja | 1. Sehra | i. Sehra |
| | | 2. Deparja | i. Deparja<br>ii. Bhanbho Dero<br>iii. Farid Dero |
| | | 3. Diloshah | i. Garho |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | 4. Kareja | i. Kareja<br>ii. Malkani<br>iii. Kacho Kohri<br>iv. Ghanghan Jagir |
| 8 | Jatoi | 1. Lett | i. Lett<br>ii. Borri Jagir |
| | | 2. Doloshah | i. Diloshah |
| 9 | Lalia | 1. Salehpur | i. Salehpur<br>ii. Kot Satabo |
| | | 2. Lalia | i. Lalia<br>ii. Junalo<br>iii. Farest Lalia<br>iv. Chanecha |
| 10 | Dars | 1. Moro | i. Dars |
| | | 2. Wad Pagia | i. Dheeran Jagir |
| | | 3. Lundki | i. Wad Pagia<br>ii.Lundki |
| 11 | Khairwah | 1. Khair Wah | i. Khairwah<br>ii. Kroocho<br>iii. Kurp |
| | | 2. Dumberji Wah | i. Dumberji Wah |
| 12 | Manahi | 1. Doro Behan | i. Doro Behan<br>ii. Kanchi Jagir |
| | | 2. Sultan Behan | i. Sultan Behan |
| | | 3. Sadhuja | i. Sadhuja<br>ii. Chando |
| | | 4. Manahi | i. Manahi |

Following is the list of Assistant Commissioners and SDMs Sub-Division, who served in Moro

| S. N | Name | | From |
|---|---|---|---|
| 1 | Mr. Shah Mohd. Shaikh | PCS | 21.04.1955 - 06.05.56 |
| 2 | Mr. Raees Masood Hussain | CSP | 07.05.1956 – 23.07.56 |
| 3 | Mr. Mazher Ali Shaikh | PCS | 24.07.1956 – 06.11.57 |
| 4 | Mr. Ghulam Mohd. Dawech | PCS | 07.11.1957 – 16.03.58 |
| 5 | Mr. Ghulam Kadir Shaikh | PCS | 17.03.1958 – 23.03.60 |
| 6 | Mr. Irshad Ali Shah | PCS | 24.03.1960 – 12.09.60 |
| 7 | Mr. Ayaz Hussain Ansari | PCS | 13.09.1960 – 09.06.61 |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 8 | Mr. Nadir Ali Bhatti | PCS | 10.06.1961 – 22.02.62 |
| 9 | Mr. Agha Rafique Ahmed | CSP | 23.02.1962 – 18.08.62 |
| 10 | Mr. Rashid Ahmed | PCS | 19.08.1962 – 17.10.62 |
| 11 | Mr. Aziz Mohd. Baloch | PCS | 18.10.1962 – 13.02.63 |
| 12 | Mr. Nadir Ali Bhatti | PCS | 14.02.1963 – 02.05.65 |
| 13 | Mr. Ayaz Hussain Ansari | PCS | 03.05.1965 – 05.06.66 |
| 14 | Mr. Ghulam Mohd. Dawech | PCS | 06.06.1966 – 21.04.68 |
| 15 | Ch. Muhamamd Slahuddin | PCS | 22.04.1968 – 02.07.69 |
| 16 | Mr. Imam Bux Surahyo | PCS | 03.07.1969 – 31.12.69 |
| 17 | Mr. Saeen Rakhio Kalhoro | PCS | 01.01.1970 – 19.02.71 |
| 18 | Mr. Imdadullah Unar | PCS | 20.02.1971 – 09.08.72 |
| 19 | Mr. Abdul Khalique Soomro | | 10.08.1972 – 06.03.72 |
| 20 | Mr. Allahdino M. Hisbani | | 07.03.1972 – 30.08.77 |
| 21 | Mr. Mohd. Ramzan Chacher | Ex-PCS | 31.08.1977 – 09.03.79 |
| 22 | Mr. Rasheed Alam | B.Sc (Hons) M.Sc. | 10.03.1979 – 04.07.80 |
| 23 | Mr. Muhammad Ahmed Khan | | 05.07.1980 – 09.09.80 |
| 24 | Mr. Anwar Ali Khokhar | | 10.09.1980 – 05.06.80 |
| 25 | Mr. Kamran Dost | | 06.06.1981 – 15.08.81 |
| 26 | Mr. Ashique Hussain Memon | | 16.08.1981 – 23.09.81 |
| 27 | Mr. Kamran Dost | | 24.09.1981 – 12.02.82 |
| 28 | Asique Hussain Memon | | 13.02.1982 – 26.10.82 |
| 29 | Mr. Mubarak Hingorjo | | 27.10.1982 – 25.10.83 |
| 30 | Mr. Aftab Ahmed Soomro | | 26.10.1983 – 02.09.84 |
| 31 | Mr. Mukhumdin Kadri | | 03.09.1984 – 09.09.84 |
| 32 | Mr. Abid Saeed | | 10.09.1984 – 30.05.86 |
| 33 | Mr. Malak Asrar Hussain | | 31.05.1986 – 25.05.87 |
| 34 | Haji Ali Hassan Awesi | | 26.05.1987 – 17.06.87 |
| 35 | Mr. Badruddin Ujjan | | 18.06.1987 – 09.01.89 |
| 36 | Mr. M.A. Bachayo | | 10.01.1989 – 13.03.89 |
| 37 | Mr. Shoukat Ali Panwhar | | 14.03.1989 – 11.09.89 |
| 38 | Mr. Allah Ditto Shar | | 12.09.1990 – 08.05.91 |
| 39 | Mr. Hidaytullah Rajper | | 09.05.1991 – 20.06.93 |
| 40 | Mr. Ahsan Mahmood Kazmi | DMG | 21.06.1993 – 04.07.93 |
| 41 | Mr. Ali Akbar Jalbani | | 05.07.1993 – 18.07.93 |
| 42 | Mr. Muhammad Usman Mangi | | 19.08.1993 – 22.11.93 |
| 43 | Mr. Ghulam Akbar Leghari | | 23.12.1993 – 29.12.93 |
| 44 | Dr. Muhammad Ajmal Kamboh | DMG | 30.12.1993 – 08.01.95 |
| 45 | Mr. Zafar Ali Sher | | 09.01.1995 – 11.06.96 |
| 46 | Mr. Muhammad Aslam Lund | | 12.06.1996 – 22.06.96 |
| 47 | Mr. Riaz Hussain Soomro | | 23.06.1996 – 18.11.96 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 48 | Mr. Nazar Muhammad Kalhoro | | 18.12.1996 – 31.12.96 |
| 49 | Mr. Abdul Shakoor Shaikh | Incharge | 01.01.1999 – 05.05.99 |
| 50 | Mr. Ali Ahmed Baloch | | 06.05.1999 –31.05.2001 |
| 51 | Mr. Khalid Saleem | | 01.05.2001 – 14.08.2001 |
| On 14th August 2001, office designated as Deputy District Officer (Revenue) | | | |
| 1 | Mr. Khalid Saleem | | 14.08.2001 – 01.06.02 |
| 2 | Mr. Pervez Bullo | | 01.07.2002 – 06.10.07 |
| 3 | Mr. Junaid Hameed Samo | | 28.02.08 – to date |

Presently, Taluka Moro is one of the Taluka Headquarter of District Naushahro Feroze with a total population of 1064651 (according to 1998 census). Its significance is multidimensional. A bridge on river Indus near here connects Naushahro Feroze and Nawabshah districts with Dadu and other cities on other side of river bank. The bridge is considered to be longest ever on river Indus right from its head to tail. It stretches over 5 km. it was constructed in mid 1980. With its opening new job opportunities were explored and communication from far flung areas by and large improved. Moro's popularity presently can be classified as being the hometown of Ex-Prime Minister Late Raees Ghulam Mustafa Khan Jatoi and his family which is actively involved in politics.

Taluka Moro also has many famous educational institutions which provide education opportunities to the people living here. Main institutions are: Govt. Mehran Degree College, Govt. Girls Degree College, Govt. Boys High School, Mehran Tebbiya, Govt. Mono Technical College and Female Elementary College, United Public College, Behria Foundation, IQRA School, Vision Public School, Intelligentsia Public School, Roshan Tara School, Ahelbat School and others.

*(Dr. Junaid Hameed Samo is currently DDO (R) at Moro).*

*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# Agriculture of Moro Taluka

**Agriculture**

Geographically Taluka Moro is situated in the middle of Sindh. It is very important & rich agriculture. It is surrounded by the towns such as:

East – Taluka Dour
West – Taluka Dadu
North – Taluka N. Feroze
South – Kazi Ahmed

While the distance from Karachi to Kashmore is equal 267 km S to N & from E to W from boarder of India to boarder of Balochistan is 700 km.

Taluka Moro is the part of very fertile land of Sindh "Sahati Pargana".

It was said that Moro was the Taluka at Nawabshah district that the Nawabshah productively is the heart of Sindh & Moro is heart of Nawabshah.

The long chain of National Highway connecting the sub-continent or we call the trunk of the country passing through Moro & national wide identity of Moro. While Dist Nawabshah & Dist. Dadu is connected simultaneously, while the Indus river, the main & only feeder of the entire nation of Pakistan is passing through this area & make it very beautiful with connecting Dadu via Makdhoom Bilawal Bridge, the most important bridge over Indus river.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**Soil Land**

The whole land of Taluka Moro is very fertile, enrich, clay, loam & lomy sand.

Whole of paka area is covered by irrigation system, the most old & best system of irrigation based by British government, while kacha area near the river Indus is cultivated over the flood, rain or the tube well system.

**Crops**

The main crops of Moro are sugar cane, cotton, wheat, orchids, banana, mango, olive, mustard, onion & vegetables.

**Season's & Climate**

There are four seasons winter, autumn, summer and spring. Summer is very hot goes upto $52^{o}$ C recorded, while winter goes down to $8^{o}$ C. Winter is shorter than summer.

Spring season is very attractive to see all lush green crops & tree covered by flowers are very beautiful.

**Production**

| | |
|---|---|
| Sugar cane: | 6848 hectors |
| Wheat: | 23350 hectors |
| Cotton: | 9501 hectors |
| Orchids: | 750 hectors |
| Vegetable: | 300 hectors |
| Rice: | 3420 hectors |

**Practices of agriculture**

Mostly there is traditional & cultural farming but few farmer do their with modern & new technologies like Drip Irrigation, Laser Leveling, Water Course Lining, Wedecide Techniques, Mechanized Farming, B.M Technology, Integrated Pest Management, Municipal West Irrigation, Genetically Modified Seeds, Bio Organic Development,



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

properly used as the nozzle spray pumps & time of weeds growing are controlled.

Drip Irrigation & Water Lining through Govt. of Sindh were working good in Moro.

Some NGOs are working on prological control of pest & organic farming as the urgent need of the time.

There were so many social workers their slogan is to "Love the land" & save the fertility of the soil by crop rotation organic inputs. Low or no use of pesticides, come to match economical threshold.

Farmer community by their selves performing the farmers days, agricultural machinery displays, workshop, awareness lectures and printing material distribution to exchange their technical knowledge in same community.

Laser lever, seed drills, border ploughs, deep ploughs and agriculture farm management is now started in our area.

Farmers are willing to acquire knowledge through different sources & they apply those techniques at their farms & getting good yield.

Seeds hybrid, genetically modified, cross breed, & tissue culture is used now in Moro. Moro is basically 90% rural area purely dependent on agriculture & flood cropping methods so it is very needful to give more attention over the 90% population own business that is agriculture.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اسلم عباسي سنڌ جو نوجوان ليکڪ ۽ سماجي ڪارڪن آهي، جنهن سنڌ جي دل واري شهر موري ۾ جنم ورتو ۽ سنڌس سماجي، ادبي ۽ ثقافتي خدمتن جو سفر 1980 جي ڏهاڪي کان شروع ٿيو. جيڪو هن وقت به جاري آهي. پاڻ مختلف تنظيمن، خاص طرح سنڌ گريجوئيٽس ائسوسئيشن ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو آهي. هُو سنڌ بابت ڪيترائي تاريخي ۽ علمي سيمينار ڪرائي چڪو آهي. هُن جي تاريخ جي مضمون سان وڏي دلچسپي رهي آهي. ان ڪري هُو ان حقيقت کان چڱي ريت باخبر آهي ته سنڌ جي جديد تاريخ کي سهيڙڻ ۽ سمجهڻ سان ئي اسان جي قومي زندگيءَ جو سفر اڳتي وڌي سگهندو. ان لاءِ هن کان اڳ هُو تاريخ بابت ٽي ڪتاب: "ميان غلام شاهه ڪلهوڙو - سنڌ جو شاهجهان"، "ڪلهوڙا دور- هڪ مطالعو" ۽ "ضلعو نوشهروفيروز- تاريخ جي آئيني ۾" سهيڙي ڇپائي چُڪو آهي. سندس سهيڙيل چوٿون ڪتاب "مورو: تاريخ ۽ ثقافت" اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هيءُ ڪتاب "مورو هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سيمينار" ۾ پڙهيل مقالن تي مشتمل آهي. ڪتاب ۾ ساهتيءَ جي علائقي جي عالمن، اديبن ۽ ليکڪن جا تعلقي موري جي تاريخ ۽ ثقافت، بابت مقالا شامل آهن، جيڪي يقيناً پڙهندڙن جي معلومات ۾ اضافو ڪندا. حقيقت ۾ موري جي تاريخ متعلق نامياري ليکڪ محمد مٺل ڪمالائيءَ جي ڪتاب "مورو ناهي ٿورو" کانپوءِ هيءُ ٻيو ڪتاب آهي، جنهن ۾ تعلقي موري جي سياسي، علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ ماحولياتي تاريخ بابت جاڻ ڏني وئي آهي. ان لاءِ اسان جو نوجوان ليکڪ ۽ سماجي ڪارڪن اسلم عباسي جَسُ لهڻي، جنهن موري بابت تحقيقي ڪم کي سهيڙي هڪ وک اڳتي ڪنئي آهي.

**ادريس جتوئي**
1-1-2011



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاڻو، پاڃوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڙهندڙ نَسل) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ چاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَن نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَن سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book